يونیورسٹي آف سنڌ جام شورو

پي ايڇ. ڊي سنڌيءَ جو مقالو

A Thematic and Artistic Study of the poetry of Niaz Humayooni

نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو

اسڪالر

نسرِين ٿيبو

سپروائيزر

ڊاڪٽر شازيه پِتافي

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي جامشورو

2024ع

ارپنا

آئون پنهنجو هيءُ پورهيو پنهنجي والد علي محمد ٽيپو، والده مريم، پيٽ نجيب النساءَ، پنهنجي ور ڀاڪٽر عبدالعزيز ٽيپو ۽ پنهنجي ٻارڙن، قرت العين طاهره، مديحه، محمد قاسم ۽ عبدالغفار ۽ پنهنجي ڏهٽيءَ ايشل کي ارپيان ٿي.

ٿورا م ٿورا مون تي ماروئڙن جا

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه به اوڏيائي مڱان،
ري ٽنپين، ري ٽوٽيين، تون چپر، تون چانءُ،
آئون ڪچاڙو ڪهان، توکي معلوم سپڪي.

آئون شڪر گذار آهيان الله رب العزت جي جنهن مونکي همت ڏني، حوصلو ڏنو، جنهن جي ڪري منهنجو هيءُ تحقيقي ڪم تڪميل تي پهتو.

آئون شڪريو ٽي ادا ڪريان پنهنجي سپروائزر ڊاڪٽر شازيه پتافيءَ جي، جنهن ڪافي مصروفيت ۽ مسئلن جي باوجود، مون کي تمام گهڻو ٽائيم ڏنو ۽ هر قدم تي گائيڊ ڪيو. سندس ٿورا لاهي نه سگهيس ته به ڳائيندیس ضرور.

آئون محترم ڊاڪٽر نور محمد شاهه، چيئرمين سنڌي شعبو جي به تهه دل سان شڪر گذار آهيان، جنهن مون کي هر وقت ماهرانه مشورن سان نوازيو.

آئون محترم ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو ۽ محترم ڊاڪٽر اسحاق سميجو جن جي به شڪر گذار آهيان جن مون کي هيءُ موضوع چونڊڻ ۽ ان کان پوءِ به هروقت مدد ڪئي. سائين انور فگار صاحب ڪتابن جي مدد ڪئي، ان لاءِ به سندن شڪريو ادا ٽي ڪريان.

آئون ادا ڊاڪٽر قادر بخش مگسيءَ جن جي به ٿورائتي آهيان، جن مون کي موضوع جي چونڊ ۾ مدد ڪئي، ۽ پنهنجي سموري لائبرري منهنجي حوالي ڪري چڏي، سندن وڏا وڙ.

پنهنجي ور، ڊاڪٽر عبدالعزيز ٽيپي جي مدد کان سواءِ، آئون ڪڏهن به هيءُ ڪم مڪمل نه ڪري سگهان ها. هن نه صرف مواد گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، پر ڪمپوزنگ ڪرائڻ، پرنٽ ڪڍرائڻ، سيٽنگ ڪرائڻ ۽ ٽيسز بائينڈ ڪرائڻ تائين منهنجو ٻانهن ٻيلي رهيو ۽ هر وقت منهنجو خيال رکندو رهيو.

آخر ۾ پنهنجي ٻارن، قرت العين طاهره، مديحه، محمد قاسم ۽ عبدالغفار جي باري ۾ ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي، جن منهنجو هميشه خيال رکيو ، گهرو ڪم ڪار ۾ هٿ وندايو، پرنٽ ڪڍرائڻ ۽ يونيورسٽيءَ جي ڪم ڪارين ۾ به مدد ڪئي.

DR. SHAZIA PITAFI
Associate Professor
Department of Sindhi
Uninversity of Sindh
Jamshoro.

CERTIFICATE OF PH.D DEGREE

I certify that Nasreen Thebo w/o Dr: Abdul Aziz Thebo has carried out research on the topic:

نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو

(A Thematic and Artistic Study of the poetry of Niaz Humayooni) under my supervion and that the work is original and distinct and his dissertation is worthy of presentation of the University of Sindh for the award of the degree of Doctor of Philosophy.

Dr: Shazia Pitafi
Supervisor

فهرست

باب پهريون: تحقيق جو طريقيڪار 01

موضوع جو تعارف 01

اڳ ٽيل تحقيق 03

موضوع جي ضرورت ۽ اهميت 03

تحقيق جو طريقو 04

تحقيق جو دائرو 05

باب ٻيو: نياز هُمايونيءَ جي سوانح حيات 06

سوانح 06

جنم 07

ننڍپڻ 07

تعليم و تربيت 09

روزگار 10

شاديون ۽ اولاد 12

دوست، يار 12

1. مولانا محمد صالح ’عاجز‘ 12
2. عبدالواحد آريسر 13
3. تاج جويو 13
4. تنوير عباسي 14
5. شمشير الحيدري 15
6. پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 15
7. عبدالڪريم گدائي 16
8. قاسم هالائي 17
9. غلام حسين رنگريز 17
10. رشيد پٽي 18

وفات ۽ مدفن 18

باب ٻيون: نياڑ هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو پس منظر ۽ تعارف 21
1-پس منظر 21
الف: نياڑ هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو سماجي ۽ سياسي پس منظر 23
ب: نياڑ هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو ادبي ۽ فڪري پسمنظر 41
ج. نياڑ هُمايونيءَ جي شاعريءَ تي متقدمين جو اثر 54
2- نياڑ هُمايونيءَ جي شاعري جو مختصر تعارف 57
نياڑ هُمايونيءَ جا بيت 61
نياڑ هُمايونيءَ جا دوها 62
نياڑ هُمايونيءَ جا قطعا/چؤسٽا 63
نياڑ هُمايونيءَ جون وائيون 63
ڪافي 64
نياڑ جا لوڪ گيت 66
نياڑ هُمايونيءَ جا گيتَ 66
نياڑ هُمايونيءَ جا غزل 68
نياڑ هُمايونيءَ جا نظم 68
نياڑ هُمايونيءَ جا طويل نظم 69
باب چوٿون: نياڑ همايونيءَ جي شاعريءَ جو فني جائزو 75
فن جو فلسفو 76
فن جا قسم (Kinds of Art) 78
(الف) افادي فن 78
(ب) جمالياتي فن 78
ٻولي 80
ادبي ٻولي (Literary Language) 82
نياڑ همايونيءَ جي شاعريءَ جي ٻولي 83
مفرد لفظ(Single words) 87
مرڪب لفظCompound words 87
مرتب لفظ (Complex Words) 88
تڪرار يا ورجاءُ (Reduplication) 89

مڪمل/ پوُرڻ تڪرار (Complete Reduplication) 90
آڏورڻ/ جزوي تڪرار (Partial Reduplication) 90
اسم تصغير 91
نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جون ڪجهه وڌيڪ فني خوبيون 91
قافيو 92
رديف 93
فصاحت 93
بلاغت 94
سلاست 95
جدت 96
چوٽي 97
پهاڪو (Proverb) 98
اصطلاح 99
ورجيسون 100
اشارو /علامت (Sign) 101
اهڃاڻ Symbol 103
عڪسي شاعري 104
نياز همايوني جي عڪسي شاعري 107
سماعتي يا ٻڌڻ جو عڪس Auditory Image 107
بصري، نظري يا ڏسڻ وارا عڪس) Visual Image 108
ذائقي يا چکڻ جو عڪس Taste Images 109
ڇهڻ جو يا لمسياتي عڪس Tactile and thermal language 110
سنگهڻ جو عڪس Olfactory Image 112
رنگين عڪس Colorful Images 113
متحرڪ ۽ غير متحرڪ عڪس Kinetic or Unstatic and Static Images 114
گهڻ رُخا ۽ انتقالي مشاهدي وارا عڪس 115
نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ صنعتن جو فن 117
صنايع لفظي (لفظن واريون صنعتون) 117

تجنيس 118
صنعت تضمين 119
صنايع معنوي (معنيٰ واريون صنعتون) 119
تشبيهه (Simile) 120
استعارو (Metaphor) 122
صنعت متضاد 124
صنعت تلميح 124
صنعت مبالغو / غرق 125
نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ ۾ موسيقي يا سُر سنگيت 126
لفظن ۽ جملن جو خوبصورت جڙاءُ 128
تجنيس حرفي 131
قافيو 134
حرف علت جو ورجاءُ 135
حرف صحيح جو ورجاءُ 136
آواز جي معنيٰ سان هم آهنگي 137
خالص معنوي موسيقي 140
نيون هيئتون 141
لوڪ گيت ۾ نيون هيئتون 144
وائي 145
دوهو 145
جهونگار 146
گيت 147
قطعا/ چؤسٽا 149
غزل 149
نظم 151
طويل نظم 153
نياز همايوني جي شاعري ۾ فن جماليات 155
جماليات جي وصف 156

نياز همايوني جي شاعريءَ ۾ جمالياتي فن 157
پنجون: نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو فڪري جائزو 169
❖ فڪر جي وصف 169
❖ انسان جي فڪر جي ارتقا 170
1. تصوف ۽ وحدت الوجود 172
"تصوف جي تاريخ" 174
وحدت الوجود: 174
2. روشن خيالي ۽ ترقي پسندي: 179
روشن خيالي 179
ترقي پسندي 180
سنڌ ۾ روشن خيالي 182
3. قوم پرستي ۽ وطن پرستي 194
(الف): قومپرستي (Nationalism) 194
(ب) وطن پرستي/حب الوطني 200
نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ ۾ وطن پرستيءَ جو فڪر 201
4.مزاحمتي شاعري 211
سنڌي ادب ۾ مزاحمتي فڪر 212
نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي فڪر 213
5. انسان دوستي (Humanism) 221
نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستي 221
6. تاريخي ۽ تهذيبي تناظر ۾ سرجيل شاعري 227
مڪلي منهنجي جيجل مڪلي 233
7. رومانويت: Romanticism 237
شاعريءَ ۾ رومانويت 241
نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ ۾ رومانويت 241
هاءِ جيجل مارئي 245
8.نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ ۾ لوڪ رنگ 248
نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ لوڪ رنگ ۽ ان جو فڪر 248

چيٽو 249
سنيهو 250
ڊاٽيئڙو 251
چيچ 252
مور ٽو ٽلي 253
لولي 254
لاڏو/سهرو 256
اونيئڙا 257
مانجهيئڙو 258
لوڪ ناچ 259
هنبوچي 260
ڙي ڊوليا 261
مورو 262
ماهيا 264
سنڌي ماهيا 266
ماهيا 268
جمالو 269
هَمرچو 271
تاسرڙو 272
اُوڙو 274
موئرو 275
جُهونگارون 276
ابتيون ريکان اپري ويون (لوڪ نظم) 277
ورلاپ /بابل منهنجي ملڪ ۾ 279
آلا مان مٽي اگهاڙي! 280
ٻاگهي 280
جهونگار 281
9.مزاحيه ۽ اصلاحي شاعري 283
نياز هُمايونيءَ جي مزاحيه شاعري: 283

فقير ٿو هيئن بيان ڪري! 291
فلاڻو ٿو ٻڌي! 292
مادرن ڪافي (سُر ڏيتي ليتي) 292
هڪ جمالو خان باندر تي 294
ملڪ جو واءُ سواءُ 295
حواله 298
باب ڇهون: نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو 302
1. شيخ اياز 302
2.عبدالڪريم گدائي 308
3.ڊاڪٽر تنوير عباسي 312
4.استاد بخاري 317
5.ابراهيم مُنشي 322
6.غلام حسين رنگريز 327
پڇاڻي ۽ تحقيقي نتيجا 335
ببليوگرافي 341

خـــــــلاصـــو

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو:

نياز همايوني (1928-2003ع) انهن نامور شاعرن مان هڪ آهي، جن پنهنجي لازوال شاعرانه فڪر جا اٽمٽ نقش ڇڏيا آهن. ترقي پسندي ۽ قوم پرستيءَ جي حوالي سان هن جو نالو ادبي افق تي نمايان نظر اچي ٿو.

نياز همايونيءَ جو اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر اڳتي هلي پاڻ کي نياز حسن سڏائڻ شروع ڪيائين. "نياز" سندس تخلص آهي ۽ همايون ڳوٺ جي ناتي سان همايوني سڏايائين.

نياز همايونيءَ جي تعليم ۽ تربيت مدرسي ۾ ٿي. هن سرڪاري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪونه ڪئي. ويهن سالن جي عمر تائين هن مولانا عبدالغفور "مفتون" همايونيءَ جي مدرسي **"احياءُ العلوم"**۾ تعليم حاصل ڪئي. هن عربي، فارسي ۽ سنڌي پڙهي ۽ قرآن شريف به حفظ ڪيو. هن طب جي تعليم به حاصل ڪئي ۽ هڪ قابل طبيب بنيو.

نياز شاعريءَ جي شروعات شيخ سعديءَ جي ڪتاب ”گلستان“ کي پڙهڻ کان پوءِ ڪئي.

نياز همايوني، شڪارپور، ڪراچي ۽ آخر ۾ حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. حيدرآباد ۾ هن ڪيترين .ئي ادبي تنظيمن سان پاڻ کي سلهاڙيل رکيو، جن ۾ **"بزم خليل"،"سنڌي ادبي سنگت"،"پاڪستان رائٽرز گلڊ"** وغيره، جتي هو پنهنجا شاعرانه جوهر ڏيکاريندو رهيو. هو ڪيترين ئي سياسي تحريڪن ۾ به متحرڪ رهيو، پر آخر ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ شريڪ ٿيو ۽ آخر تائين ان سان گڏ رهيو.

نياز حڪمت جو ڏنڊو اختيار ڪيو، طبيه ڪاليج جو استاد رهيو ۽ آخر ۾ مرڪزي اردو بورڊ لائبرري حيدرآباد جو ڊائريڪٽر ٿيو، جتان 1988ع ۾ رٽائر ٿيو.

هيءُ سنڌ جو ارڏو ۽ مزاحمتي ڪردار رکندڙ مهان انسان 3 جنوري 2003ع جمعي جي ڏينهن ۽ چنچر جي رات 8 بجي حيدرآباد ۾ گذاري ويو.

نياز جي شاعريءَ جي باقاعده شروعات جنگِ آزادي يعني انگريزن جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ هئي، پر جڏهن پاڪستان جي قيام کان پوءِ هن ڏٺو ته سنڌ ۽ سنڌي اڳي کان وڌيڪ عذاب ۾ اچي ويا آهن، ته هن جي سجاڳ ذهن اهڙين حالتن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي ماٺهن کي شاعريءَ ذريعي سجاڳ ڪرڻ ۾ جُنبي ويو.

نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو باريڪ بينيءَ سان اپياس ڪرڻ کان پوءِ سڌ پوي ٿي ته هن جي شاعري توڙي جو محبت، قوم پرستي، مزاحمت ۽ انقلاب کان وٺي وطن پرستي، انسان دوستي، ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ تصوف جي ڳوڙهي رازن ۽ رمزن سان ٽمٽار آهي، پر انهن سمورن موضوعن جو محور ۽ مرڪز سنڌ آهي.

نياز سنڌي شاعريءَ کي نوان فني ۽ فڪري گس ڏيئي، پنهنجي اسلوب ۽ انداز سان نئون نکار عطا ڪيو آهي. هو پنهنجي دؤر جي سماج، تاريخ ۽ تهذيب جو نه فقط ترجمان شاعر آهي، پر هن جي شاعري جمالياتي قدرن جي پڻ امين محسوس ٿئي ٿي. نياز هڪ طرف ڏيهي ۽ عالمي فن ۽ فڪر کي پنهنجي تخليقن ۾ سمايو آهي، ته ٻئي طرف ڪلاسيڪي روايتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ قائم رکي، ان ۾ نئين شعري جماليات، نون تصورن، خيالن، تشبيهن ۽ استعارن کان علاوه فطرت توڙي سماج جو عڪس ۽ احساس اوتي، ان کي اڃا به وڌيڪ اثرائتو ۽ موهيندڙ بنايو آهي.

نياز وطن جي درد ۽ دلڪشين جو پڙاڏو ۽ پرتوو شاعريءَ ذريعي لفظن جي قالب ۾ پلٽي ۽ لاهي، پنهنجي من جي ڪيف ۽ دل جي ڪرب جي خون مان قلم ٻوڙي پني تي درد ڪٿا تحرير ڪري ٿو ۽ اهو عمل ئي هن کي نه رڳو پنهنجي همعصرن کان مختلف بڻائي ۽ منفرد شناخت بخشي ٿو، پر اهي ئي خوبيون ۽ خصلتون ڪيس هڪ سگهارو تخليقڪار پڻ ثابت ڪن ٿيون.

هن جي شاعريءَ تي ون يونٽ ۽ ان جي نتيجن ۾ قومي تحريڪ جي اپار ۽ بين الاقوامي آزاديءَ جي تحريڪن جو پڻ اثر ٿيو، جنهن ڪري هن جي شاعريءَ ۾ نکار آيو ۽ هن جي شاعري قومي آزاديءَ جو اعلان بنجي ويئي.

هن ٿيسز ۾ نياز هُمايونيءَ جي زندگيءَ جي مختصر احوال سان گڏ سندس شاعريءَ جي ادبي ۽ سياسي پس منظر، سندس شاعريءَ جي صنفن جي مختصر تعارف، شاعريءَ تي متقدمين جي اثرن، سندس شاعريءَ جي فني ۽ فڪري خوبين ۽ خوبصورتين ۽ سندس شاعريءَ جو هم عصر شاعرن سان تقابلي جائزو پيش ڪري، سندس شاعرانه عظمت ۽ حيثيت جو تعين ڪرڻ جو تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي ۽ ان کم ۾ مون کيتري ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، اهو پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهندا، پر مون ان موضوع سان نپائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي.

نياز همايوني سنڌي شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن ۾ بيت، وايون، ڪافيون، لوڪ گيت، گيت،غزل ۽ نظم شامل آهن، پر دوها،غزل،لوڪ گيت ۽ نظم گهڻي تعداد ۾ آهن، نياز لاءِ چيو ويندو آهي ته هو نظم جو بادشاهه شاعر آهي. هن جا لوڪ گيت به نئين انداز، نئين فڪر ۽ نئين هيئت سان لکيل آهن. نياز پنجابي لوڪ صنف "ماهيا" کي سنڌي رنگ ڏيئي، سنڌي شاعريءَ ۾ اضافو ڪيو آهي.

ڪجهه لوڪ گيت هن جي پنهنجي ايجاد آهن، جيئن؛ اُوڙو، موئرو، تاسرڙو، جهونگار، ابتيون ريکان اپري ويون ۽ الا مان مٽي اگهاڙي!

مجموعي طرح نياز همايوني جديد قومپرست شاعريءَ جو وڏو نالو آهي. هن ظلم ۽ جبر جي خلاف مزاحمتي ڍال جو ڪم ڪيو ۽ پنهنجي لازوال شاعريءَ ذريعي پنهنجي اڀوجهه ۽بي پهچ ماڻهن کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو.

باب پهريون

تحقيق جو طريقيڪار

موضوع جو تعارف:

منهنجي پي ايڇ ڊيءَ جي تحقيقي مقالي جو موضوع ”نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو“ آهي. هيءُ موضوع سنڌ جي نامور شاعر نياز همايونيءَ جي شخصيت، شاعري ۽ شاعريءَ ۾ موجود فني ۽ فڪري خوبين، خاصيتن سان تعلق رکي ٿو.

نياز همايونءَ جو اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر نياز حسن ”نياز“ همايونيءَ جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. نياز همايونيءَ جو جنم 12 اپريل 1928ع ۾ ٿيو ۽ پنجهتر سالن جي عمر ۾ 3 جنوري 2003ع تي هيءُ جهان ڇڏي ويو.

نياز همايوني تعليم مدرسي مان حاصل ڪئي، جتي هن عربي ۽ فارسيءَ تي سڌي دسترس حاصل ڪئي. هن پوءِ حڪمت جي تعليم به حاصل ڪئي ۽ مڪتب به ڪوليائين. حيدرآباد ۾ طبي ڪاليج ۾ به پڙهايائين.

تحريڪ آزاديءَ دوران سندس نالو شاعر طور اڀريو. قومي، سماجي ۽ سياسي تحريڪن ۾ باقاعده متحرڪ رهيو. شاعر جي حيثيت سان هڪ قومي شاعر طور اڀريو، هن سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نرالو انداز اختيار ڪيو، جيڪو سندس سڃاڻپ بنجي ويو، خاص طور تي سنڌ جي تاريخي ڪردارن کي شاعري ذريعي نروار ڪيو. سنڌ جي تاريخ سان دلچسپيءَ سبب فارسيءَ مان سنڌ جي تاريخ جا ڪتاب ترجمو ڪيا، جيڪو سنڌي قوم تي سندس وڏو احسان آهي نياز همايونيءَ جي تصنيف، تاليف ۽ ترجمي جي حوالي سان ويهاروکن ڪتاب ڇپيل آهن، ۽ ايترائي سندس ڪتاب ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن نياز همايوني لفظن جو جڙ ته وينجهار هو. سنڌيءَ جا متروڪ ٽيل لفظ پڻ شاعري ۾ ڪم آڻي انهن کي جياري ويو آهي. لوڪ صنفون نئين انداز ۽ جديد پيرائي ۾ ڇيون اٽس. سندس شاعري فڪري توڙي، بحر وزن جي لحاظ کان انتهائي پختي آهي.

هونئن ته سڀئي صنفون قابليت سان لکيون اٽائين، پر غزل، گيت، نظم ۽ دوهي تي سندس ڪيل ڪم ڪڏهن به وسارڻ جهڙو نه آهي. سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب، ”ساڻيهه جي ساک 1975ع، ”ڏرتي جا گيت“ 1977ع، ڇپيل آهن. تاج جويي 2009ع ۾ ٻنهي ڪتابن کي گڏي ۽ ڪجهه ٻي شاعري ملائي، ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ جي نالي سان ڪتاب شايع ڪرايو آهي.

نياز همايوني، سنڌ جي انهن قومي شاعرن مان آهي، جن ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو ورتو.

تاج جويو لکي ٿو:

”نياز استيج جو بهترين شاعر هو. سندس ادائگيءَ جو مترنم انداز انفرادي حيثيت رکي ٿو. نياز، نظم جو بادشاهه شاعر هو، پر هن گيت به پيارا چيا آهن. نياز ورهاڳي کان اڳ جو شاعر هو، پر هُن جي شاعريءَ جو بهترين دور 1950ع کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. سندس شعر ۾ سادگي، ترنم ۽ لوڪ گيتن جو پيارو رنگ، هن دور ۾ ئي پيدا ٿيو ۽ اُسريو، هن جا گيت، نغمگي ۽ نادر تشبيهن جا بهترين مثال آهن. سندس تشبيهون عوامي، انفرادي ۽ اصلي آهن. هن سنڌي لوڪ گيت ۽ جديد گيت جي سنگم سان نهايت سريلا ۽ مڌرگيت رچيا آهن. ان ڏِس ۾”هي جهڙيالي- هو جهڙيالي” هڪ نمونو آهي. هن جي بهترين گيتن مان ”تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول”، ”دل ٽي چاهي، ويٺو گيت لکان”، ”اوسيئڙا ٽا آس اورانگهن” مشهور آهن. (1)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو باريک بيني سان اپياس ڪرڻ کان پوءِ سڌ پوي ٿي ته هن جي شاعري توڙي جو محبت، قوم پرستي، مزاحمت ۽ انقلاب کان وٺي وطن پرستي، انسان دوستي، ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ تصوف جي ڳوڙهين رازن ۽ رمزن سان ٽمٽار آهي، پر انهن سمورن موضوعن جو محور ۽ مرڪز سنڌ آهي، شروعات سنڌ کان ٿئي ٿي ۽ اختتام پڻ سنڌ تي ٿئي ٿو.

نياز همايوني سنڌي شاعريءَ کي نوان فني ۽ فڪري گس ڏئي، پنهنجي اسلوب ۽ انداز سان نئون نکار عطا ڪيو آهي. هو پنهنجي دور جي سماج، تاريخ ۽ تهذيب جو نه فقط ترجمان شاعر آهي، پر هن جي شاعري جمالياتي قدرن جي پڻ امين محسوس ٿئي ٿي. نياز هڪ طرف ڏيهي ۽ عالمي فن ۽ فڪر کي پنهنجي تخليقن ۾ سمايو آهي، ته ٻئي طرف ڪلاسيڪي روايتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ قائم رکي، ان ۾ نئين شعري جماليات، نون تصورن، خيالن، تشبيهن ۽ استعارن کان علاوه فطرت توڙي سماج جو عڪس ۽ احساس اوتي، ان کي اڃا به وڌيڪ موثر ۽ موهيندڙ بنايو آهي.

نياز جي شاعريءَ جي وڏي خوبي ۽ خوبصورتي سندس اسلوب ۽ انداز بيان آهي، جنهن ۾ فڪر جي گهرائي، تخيل جي تازگي، ترتيب ۽ ترنم سان گڏوگڏ لفظي نفاست، تفڪر، تصور ۽ احساساتي رنگينيءَ جو هڪ اهڙو حسناڪ جهان ملي ٿو، جيڪو دماغ جي درين کي کولي ۽ دل جي تارن ۾ جلترنگ پيدا ڪري ٿو.

نياز وطن جي درد ۽ دلڪشين جو پڙاڏو ۽ پرتوو شاعري ذريعي لفظن جي قالب ۾ پلٽي ۽ لاهي، پنهنجي من جي ڪيف ۽ دل جي ڪرب جي خون مان قلم ٻوڙي پني تي درد ڪٿا تحرير ڪري ٿو ۽ اهو عمل ئي هن کي نه رڳو پنهنجي همعصرن کان مختلف بڻائي ۽ منفرد شناخت بخشي ٿو، پر اهي ئي خوبيون ۽ خصلتون کيس هڪ سگهارو تخليقڪار پڻ ثابت ڪن ٿيون.

ذوالفقار راشدي لکي ٿو:

”چوندا آهن ته اوڳڻ کان بنهه پالهي الله جي ذات آهي، تنهن ڪري سياسي نعرن ۽ متن تي ٻڌل شاعري جي ڳچ حصي هوندي به مڃڻو پوي ٿو ته نياز ٻوليءَ جو بادشاهه

آهي ۽ سندس لفاظيءَ جو خزانو سدا پرپور رهي ٿو لفظ سندس آڏو ٻانهن ٻڌا ٻانها آهن، جن کي آڳر کان جهلي شاعر جنهن صف، جنهن ست ۾ بيهاري ٿو، اتي ئي انهي سِٽاءَ ۾ ئي اُهي سٽا ۽ سڌا سهڻا پيا لڳن. ٻوليءَ تي شاعر جي هيءَ حاڪميت ۽ سچي ۽ فطري فني رٽ ڪٽ ۾ سگهڑائپ ۽ ڏانوَ سبب، نياز جي شاعريءَ جي غاليچي ۾ اپريل سيلهه، ڪوڪا ۽ ڪليون به سندس شاعريءَ جو اپياسي سفر ڪندي، پڙهندڙ يا پارکوءَ کي ٽڪائن، ايذائن ۽ بيزار نٽا ڪن پر اهي ڪنڌا، گلاب جي گل جي پرپاسي وارا ڪنڌا سمجهي، گلن چوندڙ کي خوشبوءَ جي حاصلات لاءِ کل خوشيءَ سان سهڻا پون ٿا، انهن جو چيڪو آسهه ۽ دردِيلو نٽو پائنجي، سور ۽ ساوَ، ڪٽاڻ ۽ مٽاڻ رلمل ٿي نياز جي فن کي سوادي ۽ ڪٽمڻڙو بنائي چڏيو آهي ۽ جيڪڏهن اجا به اونهو وجي پروڙجي، ته ڪٽاڻ کان مٽاڻ جا جزا مڙيوئي هن محلول ۾ سوايا چڪجن ٿا."[2]

مطلب ته نياز همايوني سنڌي شاعريءَ جي تاريخ جو اهڙو تسلسل آهي، جنهن جي ڪلام تي تحقيق ڪري، حاصل ڪيل نتيجن تحت، سندس مقام ۽ مان جو اعتراف ڪرڻ جو جائز حق ادا ڪري سگهجي ٿو.

اڳ ٽيل تحقيق:

نياز همايونيءَ جي شخصيت، علمي ۽ ادبي محنتن ۽ خدمتن تي اڄ سوڌو ڪنهن اعليٰ تعليمي، تحقيقي ۽ اشاعتي اداري پاران ڪو به تحقيقي ڪم ڪونه ٿيو آهي. ڪنهن به تحقيقي يا اشاعتي اداري پاران ڪو مطالعو، ترتيب ۽ اشاعت هيٺ ڪونه آيو آهي، جيتوٽيڪ هو ترقي پسند، قوم پرست ۽ جديد دؤر جي شاعرن ۾ منفرد ڏانو ۽ اسلوب جو شاعر شمار ڪيو ويندو آهي.

نياز جي شاعريءَ متعلق ڪي مختصر تبصرا ۽ رايا ته آڏو اچن ٿا، مگر سندس ڪلام جي مجموعن "ساٽيهه جي ساک" (1975ع) ۽ "ڏرتيءَ جا گيت" (1977ع) ۾ شايع ٿيڻ کان پوءِ تاج جويي (2009ع) ۾ "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" جي عنوان سان نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو گڏيل ڪتاب شايع ڪرايو، جنهن ۾ "ساٽيهه جي ساک"، "ڏرتيءَ جا گيت" ۽ ڪجهه ٻي هٿ آيل شاعري به شامل ڪئي آهي، پر ان هوندي به ڪافي تعداد ۾ شاعري رهجي وئي هئي ۽ نياز جي شخصيت ۽ ڪردار جا ڪافي پهلو به رهجي ويا هئا، جيڪي تحقيق طلب آهن. سندس شاعريءَ جي مختلف رخن کي روشن ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، اهوئي ڪارڻ آهي، جو ان کوٽ جي پورائي لاءِ مون ان موضوع جي چونڊ ڪئي آهي.

موضوع جي ضرورت ۽ اهميت:

سنڌي ادبي تاريخ ۽ خاص طور سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾، ويهين صديءَ جي ارتقائي اپياس حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي شاعرن جي سوچ ۽ فڪر تي حالتن جا جيڪي اثرات مرتب ٿيا، تن جي نتيجي ۾ جيڪا شاعري ٿي، تنهن جي فني ۽ فڪري تبديلين جو تحقيقي ۽ تنقيدي اپياس ان لاءِ لازمي آهي، ته نه رڳو ان صديءَ ۾ جنگيون ٿيون ۽

ورهاڳو ٿيو، پر ڪي ادبي تحريڪون به هليون، جن سپني جا هڪ ئي وقت ان صديءَ جي ادب ۾ شاعريءَ تي جهڙا اثرات مرتب ٿيا، تهڙا اڳ دنيا جي شاعريءَ تي شايد ٿي سگهيا هجن. ويهين صديءَ جي شاعري سموري سنڌي شاعريءَ جي ارتقا ۾ منفرد محسوس ٿئي ٿي. ان لاءِ ضرورت ان آمر جي آهي ته ان جي اهميت کي وڌيڪ واضح نموني سمجهڻ لاءِ، ان جي فني خصوصيتن طرف توجهه ڏيئي، اپياس ڪيو وڃي. ويهين صديءَ جي نامور شاعرن جي پهرين قطار جو شاعر، نياز همايوني پنهنجي مقبوليت سبب نه فقط هر اخبار ۽ رسالي ۾ شايع ٿيندڙ سندس شاعريءَ پڙهندڙن جو مرڪز رهي، پر هر محفل ۾ حالتن جي ترجمانيءَ ڪري ڪثرت سان پڙهبي ۽ ڳائبي رهي. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي خوبين جي ۽ معيار معلوم ڪرڻ جي گهرج ۽ اهميت کي مدنظر رکي، هن عنوان جي چونڊ ڪئي ويئي آهي.

تحقيق جو طريقو :

تحقيق ڪنهن به مسئلي جي علمي چنڊچاڻ ڪري، درست نتيجن حاصل ڪرڻ جو مدلل ۽ سائنسي علم آهي. ادبي تحقيق کي هڪ لحاظ سان سائنس ۽ آرٽ جو سنگم به چئي سگهجي ٿو، چو ته ان ۾ سائنسي اصول ۽ فني تجزيو ۽ تنقيد، ٻئي هڪ ئي وقت عمل پيرا هوندا آهن.

مون پنهنجي هن تحقيقي ڪم ۾، اصولي تحقيق جي طريقن سان گڏوگڏ عملي تحقيق جا طريقا (Applied Research methods) استعمال ڪيا آهن. عملي تحقيق جي طريقي جي وضاحت ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي لفظن ۾ هن ريت ڪري سگهجي ٿي ته، "اها تحقيق، جنهن ۾ اڳواٽ معلوم ڪيل حقيقتون وڌيڪ پرک لاءِ تجزيي ۽ تنقيد هيٺ آڻي، وڌيڪ حقيقتون هٿ ڪجن ۽ انهن کي عملي طور ڪي سوال ۽ مسئلي جي حل لاءِ اختيار ڪري سگهجي." [3]

جيئن ته منهنجي موضوع جو تعلق، نياز همايونيءَ جي شاعراڻي خوبين، خاص ڪري سندس شاعريءَ جي فن ۽ فڪر تي بحث ڪري تحقيق ۽ تنقيد جي روشنيءَ ۾ نتيجا حاصل ڪرڻ آهي، انهيءَ ڪري مون پنهنجي موضوع تي اڳواٽ موجود مواد جي تفصيلي مطالعي کان پوءِ، ان کي تجزيي ۽ تنقيد هيٺ آڻي، ٽُز ۽ وثوق جوڳا نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون هن تحقيق جي ڪم دوران بنيادي ذريعن (Primary resources) جيئن "ساٿيهه جي ساک"، "ڏرتيءَ جا گيت" ۽ دل ۽ "ڏرتيءَ جا گيت" ۽ چپائيءَ جي مرحلي ۾ ڪتاب "دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل" کان علاوه تحقيق جي ثانوي ذريعن (Secondary Resources) جيئن "نئين دور جا نوان چار درويش"، رسالا: "پيغام"، "مهراڻ"، "نئين زندگي"، "روح رهاڻ"، "سوجهرو"، "سهڻي"، "اڳتي قدم" وغيره ۽ ڪجهه اخبارن کي پڻ ڪتب آندو آهي ۽ ائين سموري ڪم کي دليل ۽ وضاحت سان تڪميل تي رسايو آهي.

هونئن ته تنقيد جا ڪيترائي طريقا آهن جن سان حقيقتن جي چنڊچاڻ ڪري، نتيجا حاصل ڪيا ويندا آهن، پر جيئن ته منهنجو موضوع ادبي تحقيق (Literary

Research) سان تعلق رکي ٿو، جنهن ۾ گهڻو ڪري ٻولي، ادب، شاعري، ۽ فلسفي جي مختلف موضوعن تي تحقيق ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ڪري مون پنهنجي هن تحقيقي مقالي ۾ تحقيق جي تجزياتي ۽ تاريخي طريقن کي پڻ استعمال ڪيو آهي، جنهن سان نه رڳو نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي زندگي، فني ۽ فڪري پهلوئن جا نوان رخ نروار ٿيا آهن. پر سندس شاعريءَ جي پسمنظر ۽ عالمي قدرن جو عڪس پڻ اپري سامهون آيو آهي.

تحقيق جي عالمي طور مڃيل تدريس جي ارتقائي طريقي (Deductive Inductive methods) جي مقرر پنجن نقطن مان هڪ اهم نقطو مفروضو آهي. ڪنهن به تنقيدي ڪم لاءِ مفروضي يا فرضي نقطي (Hypothesis) جي وڏي وقعت هوندي آهي، مفروضو محقق کي ڪم ڪرڻ جو بنياد فراهم ڪندو آهي، ۽ ان سان هو پنهنجي قائم ڪيل مفروضي جي سچائيءَ جو جائزو وٺي، ان کي قبول يا رد ڪندو آهي. منهنجي تحقيقي ڪم جو مفروضو هو، ”نياز همايوني فني ۽ فڪري طرح سگهارو شاعر آهي، “ جنهن کي مون تحقيق جي بنيادي ۽ ثانوي ذريعن (Primary and secondary resources)، پنهنجي فهم ۽ استدلال، فني تجزيي ۽ تنقيدي تشريح وسيلي، چڱي نموني سان واضح ڪري، ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

منهنجي هن تحقيقي مقالي جو بنيادي مقصد، نياز همايونيءَ جي زندگي، شاعريءَ جي فني ۽ فڪري پهلوئن ۽ نياز همايونيءَ جي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ مقام جو مفصل اڀياس ڪرڻ هو. تنهن ڪري مون سندس زندگي ۽ شاعريءَ جي مختلف پهلوئن، جهڙوڪ سندس زندگيءَ جي مفصل احوال، فني خوبين، فڪري ڏارائن وغيره تي سير حاصل بحث ڪري گهربل نتيجا حاصل ڪيا آهن. مون پنهنجي هن تحقيقي ڪم کي نج تحقيقي اصولن، مستند ڪتابن، استدلال، ايمانداري ۽ پنهنجي ذاتي راءِ جي قطع نظر غير جذباتي انداز سان پڃاڻيءَ تي پهچايو آهي.

تحقيق جو دائرو:

هن تحقيقي موضوع جو تعلق، سنڌي شاعريءَ جي ترقي پسند ۽ جديد دؤر سان آهي. ان دؤر ۾ جيڪي به شاعرانه روايتون اختيارڪيون ويون، تن جو نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ قائم رکڻ لاءِ شاعر جي شعوري ڪوششن جي ذڪر سان گڏ، سندس شاعريءَ ۾ فني زاويه تلاش ڪري، انهن جي وڌيڪ تحقيقي اپٽار ڪئي وئي آهي، مطلب ته هن تحقيقي موضوع مان ئي ان جي دائري جو تعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

حوالا:

1. جويو، تاج "سنڌي گيت"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، اپريل 1980ع، ص: 103، 104.
2. راشدي، ذوالفقار، "ڪسوٽي"، سڄڻ پبليڪيشن، جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو، سنڌ، اپريل 1986ع، ص: 54.
3. پوهيو الهداد، "علم تحقيق"، نيوفيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1990ع، ص: 203.

باب پيو

نياز همايونيءَ جي سوانح حيات

سوانح:

سنڌ هيرن جي کاڻ آهي. اسان جي اديبن عالمن ۽ الله لوڪ انسانن جي سنڌ ۾ کوٽ ٽيٽي ناهي. انهن اعليٰ انسانن ۾ جن پنهنجي شاعرانه فڪر جا نقش ڇڏيا آهن، تن ۾ سنڌ جو سورهيه ۽ سدا حيات شاعر نياز همايوني به آهي.

ترقي پسنديءَ ۽ قومپرستيءَ جي حوالي سان، هن جو نالو ادبي افق تي نمايان نظر اچي ٿو. هيءُ اهو شاعر هو، جنهن کي دردِ جانان کان وڌيڪ سنڌ ڏرتيءَ جو درد ستائيندو هو. سندس سموري شاعريءَ ۾ اهڙا حوالا جا بجا موجود آهن.

هيءُ اهو وطن پرست شاعر هو، جنهن کي سنڌ جا نڌڪا، بيروزگار ۽ بي سهارا انسان وڌيڪ عزيز هئا. اهو ئي سبب آهي جو هن قومي شاعر انهن جي دردن کي پنهنجي شاعري ۾ مرڪزي حيثيت ڏني.

نياز همايونيءَ جو اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر هن جي شهرت گهٽو ڪري نياز همايونيءَ جي نالي سان آهي. 'شاد' سومرو لکي ٿو: "نياز هُمايونيءَ جو اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر نياز حسن نياز هُمايونيءَ جي نالي سان گهٽو مشهور آهي.هُمايون ڳوٺ جي ناتي هُمايوني سڏجي ٿو."[1]

متئين حوالي مان پروڙ پوي ٿي ته اسان جي هن قومي شاعر، نياز همايونيءَ جو اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر پاڻ اڳتي هلي نياز حسن جي نالي سان شهرت ماڻيائين، ڇاڪاڻ ته سندس سموريون تحريرون، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو طرفان شايع ٿيون آهن، تن سڀني تي پنهنجو نالو نياز حسن ئي لکيائون. ان کان علاوه پنهنجي تصنيفن ۾ جيئن "گلبانگ لطيف" ۾ پنهنجي تعارف طور لکن ٿا: "نياز مند بنالي نياز حسن، جيڪو نياز همايونيءَ جي تخلص سان مشهور آهي، جيڪو اولاد آهي ميان قائم الدين جو، بتاريخ 12 اپريل 1928ع ۾، ضلعي شڪارپور سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ هُمايون شريف ۾ پيدا ٿيو."[2]

همايون جو ڳوٺ اوائل ۾ سومرن ۽ سڌاين جو اڏايل هو، جتي پوءِ ٻيون قومون به اچي آباد ٿيون. هُمايون جي باري ۾ هيءَ روايت مقامي طور، عام آهي ته، مشهور مغل حڪمران هُمايون، شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي، جڏهن 950 هجريءَ مطابق 1543ع ڌاري ايران ويندي لڏپلاڻ ۾ هو، ته هتي هڪ رات پڙاءُ وڌو هئائين. اهو ميدان اڄا سوڌو ساڳي نالي سان ڳوٺ جي اوپارئين پاسي، ڪراچيءَ کان ڪوئيٽا ويندڙ قومي شاهراهه ۽ ريلوي جي وچاڳ ۾ موجود آهي، جنهن ۾ ڏاکڻين طرف هڪ سرڪاري بنگلو هوندو هو، جو

هاڻي ڏهي پڌر ٿي چڪو آهي. انهيءَ واقعي کان پوءِ هي ڳوٺ همايون جي نالي سان هاڪارو ٿيو. (3)

جنم:

نياز هُمايونيءَ جي جنم جي متعلق مختلف رايا آهن.

ماهوار سوجهري لاءِ ورتل انٽرويوءَ سان گڏ، تعارف ۾ سندس جنم جو سال 1925ع ڄاڻايل آهي.(4)

عبدالواحد آريسر "نئين دؤر جا چار نوان درويش" ۾ سندس جنم جو سال 1925ع ڄاڻايو آهي (5)، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو) ۾ 1930ع لکيو آهي (6)، تاج جويي، نياز همايونيءَ جي تعارف ۾ 12 اپريل 1930ع (2 ذوالقعد 1348هه) لکيو آهي(7) ۽ تاج بلوچ ماهوار سوجهرو فيبروري 2003 ع ۾ نياز همايونيءَ جي وفات تي لکيل ايڈيٽوريل ۾ 12 اپريل 1928ع ڄاڻايو آهي (8)

تاج بلوچ جو رايو صحيح لڳي ٿو، ان ڪري ته هن ان ساڻئي ايڈيٽوريل ۾ ، نياز جي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ جو سال به لکيو آهي، جيڪو 1988ع آهي .

مرزا فياض علي بيگ، نياز همايونيءَ تي لکيل مضمون ۾ لکيو آهي: "بقول نياز، سندس جنم جو صحيح سال 1928ع آهي، پر ڪتابن ۾ 1930ع لکيو ويو آهي." (9)

تاج بلوچ ۽ مرزا فياض علي بيگ جي راين جي تصديق، نياز همايوني پاڻ "گلبانگ لطيف" لاءِ لکيل پنهنجي تعارف ۾ ڪئي آهي، لکي ٿو:

"نياز مند به نام نياز حسن به تخلص نياز همايوني خلف قائم الدين، بتاريخ دوازدهم آوريل سال 1928ع ميلادي در خانواد لاءِ يک دهقان به قصبه همايوني ناحيه شکارپور سنده رخ به جهان نهاد (ترجمو: نيازمند بنالي نياز حسن جيڪو نياز همايونيءَ جي تخلص سان مشهور آهي، جيڪو اولاد آهي قائم الدين جو، بتاريخ 12 اپريل 1928ع ۾، ضلع شڪارپور سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ هُمايون شريف ۾ پيدا ٿيو)." (10)

مٿين سڀني حوالن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي تحقيق جي آڌار تي نياز همايونيءَ جي ڄمڻ جي تاريخ، 12 اپريل ۽ سال 1928ع ڪي درست سمجهون ٿا.

ننڍپڻ

نياز همايونيءَ جي ننڍپڻ جو تسلي بخش احوال، گهٽي ڳولها ڦولها جي باوجود به ڪٿان دستياب نٿو ٿئي، صرف نياز جي ننڍپڻ بابت اهو ئي مواد موجود آهي، جيڪو پاڻ مختلف رسالن ۾ انٽرويو دوران ٻڌايو اٿن يا وري انهن ڪتابن ۾ سندس متعلق ٿورو گهڻو احوال ملي ٿو، جن ڪتابن کي پاڻ ترتيب ڏنو اٿن.

نياز همايوني پنهنجي ننڍپڻ جا ڏينهڙا پنهنجي ڳوٺ ۾ گذاريا. هو پنهنجي عمر جي ٻارن ۾ گهڻو منفرد هو. عام ٻارن سان راند روند ۾ گهڻو وقت نه وڃائيندو هو، چاڪاڻ ته سندس والد صاحب غريب هو ۽ هارپو ڪري گذر سفر ڪندو هو. انهيءَ

ڪري چئي سگھجي ٿو ته هن جي پرورش ڪنهن شاهاڻي نموني نه ٿي هئي. اهو ئي خاص سبب آهي جو سندس دل ۾ تعليم پرائڻ جو جذبو موجود هو.

نياز همايونيءَ جي ننڍپڻ جو بي ترتيب احوال دستياب ٿئي ٿو، جيڪو اڪثر نياز صاحب پنهنجي باري ۾ مختلف وقتن تي انٽرويو ڏيندي ٻڌايو آهي. ديوان مفتون جو مهاڳ رقم ڪندي، نياز همايوني پنهنجي باري ۾ لکي ٿو ته: ”همايون منهنجو اباڻو ڳوٺ آهي. مون هتي ئي جنم ورتو ۽ منهنجي شاعريءَ جي شروعات به هتان ٿي. ان ڪري پنهنجي ڳوٺ کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهان.“(11)

نياز همايونيءَ جي پيش ڪيل مٿين حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو، ته سندن اوائلي زندگيءَ جا ڏينهن هن ئي ڳوٺ ۾ گذريا آهن. هن اُتي ئي ڳوٺ جي هڪجيڏن ٻارن سان راند روند ڪري گذاريا آهن. سندن زندگي انهي ڳوناٽي ماحول ۾ پروان چڙهي آهي، جنهن جو تذڪرو پاڻ خود مختلف ڪتابن ۾ ڪيو اٿن. مولانا محمد صالح عاجز، ۽ ٻين ڪانگريسي اڳواڻن سندس فڪر جي تعمير ڪئي ۽ سندس زندگي تبديل ڪري ڇڏي.

نياز پنهنجي زندگيءَ جو هڪڙو پراڻو واقعو انٽرويوءَ ۾ ٻڌايو، جنهن سندس زندگيءَ تي وڏو اثر ڇڏيو. ٻڌائي ٿو:

”گھڻي زماني جي ڳالهه آهي، مان جڏهن اٺن ڏهن سالن جو ٻالڪ هوس، تڏهن سنڌ جو عظيم فرزند الله بخش سومرو حيات هو. هڪ دفعي مائٽن سان گڏجي جيڪب آباد ويس. اسان جتي وڃي رهيا هئاسين، اها جاءِ احمد ميان سومري جي هاڻوڪي بنگلي لڳ هئي، ان کان ٿورو پرپرو رستي جي ٻئي پاسي مرحوم الهه بخش جو گھر هو. جتان هو روزانو شام جو کاڏيءَ جي ڪپڙن ۽ گانڊي ٿوپيءَ سان احمد ميان واري بنگلي ڏانهن ايندو هو.

پاڙي جا ڇوڪرا کيس ڏسندي ئي ’ڪافر ڙي ڪافر!‘ جا واڪا ڪندا هئا، تن ڏينهن ۾ قوم پرست مسلمانن لاءِ نندي وڏي تي اهو اثر وهاريو ويو هو ته اُهي ڪافر آهن!

هڪ شام جو جيئن ئي هي عظيم انسان ٻارن کي پري کان ايندو نظر آيو، ته هنن ساڳيا واڪا شروع ڪري ڏنا ۽ مان به انهيءَ حرڪت ۾ انهن سان شامل ٿي ويس. ايتري ۾ خبر تڏهن پئي، جڏهن مرحوم جي نوڪر اچي مونکي ڪنڌ مان جهلي، زمين کان ٻه فوٽ مٿي کڻي ڇڏيو. مان انهيءَ امالڪ حملي کان رڙين ۾ پئجي ويس. اهو حال ڏسي هو صاحب تکڙو تکڙو هلندو آيو ۽ نوڪر کي هٿ جي اشاري سان روڪيندي چوڻ لڳو، ’بابا هن کي ڇڏي ڏي هي اجا بي سمجهه ٻار آهي، جڏهن وڏو ٿيندو ته پاڻهي سمجهي ويندو.!‘ مان اهڙي ڪُرمِشَ (عاجزيءَ) ۾ اچي ويس جو ان واقعي کانپوءِ جڏهن به هي عظيم انسان اتان لگهندو ،هو ته اڳتي وڌي وڏي ادب سان کيس سلام ڪندو هوس ۽ هو منهنجي مٿي تي مِهرَ پريو هٿ ڦيرينديِ، مرڪندو پنهنجي بنگلي ڏانهن هليو ويندو هو.

مان سمجهان ٿو، هن وقت جيڪي چڱايون منهنجي پلئه پيل آهن، تن ۾ شهيد الهه بخش جي انهيءَ جملي جو به گھڻو اثر آهي، ۽ آءٌ اڄ واقعي سمجهي ويو آهيان، ته ڪافر ۽ مسلمان ڇا آهي_ مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏنا سپرين.“(12)

اهڙيءَ طرح ننڍپڻ جي ڪجهه واقعن، هن جي ذهني پرورش ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪيو، جو هُو هڪ آدرشي انسان بنجي ويو

تعليم و تربيت:

نياز همايونيءَ جي تعليم جو انتظام، ڪنهن به سرڪاري پرائمري اسڪول ۾ ٿي نه سگهيو. سندس پيءُ جو تعلق مولانا عبدالغفور مفتون هُمايونيءَ سان هو. انهن ڏينهن "احياءُ العلوم" جي نالي سان قائم مدرسو مرحوم مفتون همايونيءَ جو ڏوهٽو، مولانا عبدالباقي هلائيندو هو، جتان نياز همايونيءَ پنهنجي ديني تعليم جي شروعات ڪئي. نياز همايوني هن مدرسي مان عربي، فارسي، سنڌي، طب جي تعليم حاصل ڪئي ۽ قرآن شريف پڻ حِفظ ڪيو.

نياز همايوني هن مدرسي ۾ مسلسل ويهن سالن جي عمر تائين تعليم پرائيندو رهيو ۽ امتيازي حيثيت سان ڪاميابي ماڻي علمي سَنَدَ حاصل ڪئي.

نياز همايونيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو ته:

"نياز همايونيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ سندس والد همايون ۾ قائم ڪيل مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي والد، مولانا محمد يعقوب پيچوهي جي قائم ڪيل مدرسي، احياءُالعلوم ۾ قرآن مجيد پڙهڻ لاءِ ويهاريو. ٽوريءَ مدت ۾ مشتاق احمد ناظره قرآن ڪريم پورو ڪيو، ته سندس والد مدرسي جي معلم مولانا عبدالباقيءَ کي عرض ڪيو ته"سائين منهنجي پٽ کي قرآن حفظ ڪرايو!" مولانا عبدالباقي مولانا عبدالغفور 'مفتون' همايونيءَ جو ڏهٽو هو. مولانا مفتون کي پٽ جو اولاد ڪونه هو، تنهن ڪري سندس وفات کان پوءِ اهو مدرسو مولانا عبدالباقي هلائيندو رهيو. مشتاق احمد ذهين طالب العلم هو. ۽ گهڻي ڏيان سان قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ ڏانهن متوجهه رهيو. ستن سالن جي صغير سنيءَ ۾ قرآن حفظ ڪري ورتائين. سندس والد قائم الدين کي هن جي حافظ ٿيڻ تي خوشي ٿي ۽ رمضان جي مهيني ۾ تراويحون پڙهائڻ لاءِ مولانا عبدالباقيءَ کي عرض ڪيو. مولانا کيس صغيريءَ سبب سوچ ۾ پئجي ويو، آخر قائم الدين جي اُڪير ڏسي، کيس پرواري مسجد ۾ ختم ڪيڻ جي موڪل ڏني. جڏهن هن ختم مڪمل ڪيو، تڏهن مسجد جي متوليءَ ۽ محلي وارن حافظ لاءِ نئون وڳو ونڻ ۽ کيس تبرکاً ڪجهه ڏيڻ لاءِ پاڻ ۾ صلاحون پئي ڪيون. اها ڳالهه قائم الدين جي ڪن پئي، جنهن هنن کي سختيءَ سان منع ڪئي ۽ حافظ مشتاق احمد کي ڪا شيءِ ونڻ ڪا نه ڏني. هو چوندو هو ته الاهي ڪلام پڙهڻ ۽ پڙهائڻ تان ڪو به پئسو پائي نه ونڻ گهرجي. اهڙي داناءُ هاريءَ جي خلوص پري تربيت هيٺ سندس پٽ پليو ۽ پڙهيو. حفظ ڪرڻ کان پوءِ هو فارسيءَ جي تعليم به اتان ئي حاصل ڪرڻ لڳو ۽ طبي تعليم جي شروعاتي سڪيا به اتان ئي ورتائين. ميان عبدالباقيءَ جي وفات 1943ع کان پوءِ ميان عبدالباري مسند نشين ٿيو.

نياز همايوني فارسي تعليم جي تڪميل کان پوءِ طب جي تعليم حاصل ڪئي. همايون جي حڪيم پائي جيئي مل نابينا کان شروعات ۾ طبي تعليم حاصل ڪري، شڪارپور جي نامياري طبيبن کان تربيت حاصل ڪري، اول رستم ۾ پوءِ شڪارپور ۾ مطب قائم ڪيائين."(13)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو نياز همايونيءَ جي تعليم پرائمري بابت لکي ٿو: "نياز همايونيءَ جي تعليم ديني مدرسن ۾ ٿي. اُتان جي تحصيل سبب مذهب کان سواءِ عربي ۽ خاص فارسيءَ جو ماهر ٿيو. طب جي تعليم به ورتائين ۽ هڪ قابل طبيب بنيو."(14)

نياز همايونيءَ جي تعليم بابت تاج بلوچ لکيو آهي: "نياز همايوني پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ابتدائي تعليم ورتي. سنڌي ٻوليءَ جي مشهور بزرگ ۽ شاعر مولوي عبدالغفور همايونيءَ جي مدرسي مان مروج ديني تعليم سان گڏ فارسي، عربي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ورتي. حيدرآباد مان حڪمت جي ڊگري به حاصل ڪئي."(15)

نياز خود لکي ٿو: "قرآن شريف جو قاعدو ۽ سنڌي لکڻ پڙهڻ پنهنجي شهر جي دهليز تي حاصل ڪيم، ۽ تعليم، تربيت ۽ فارسي ٻولي مدرسي ۾ پڙهي مڪمل ڪيم. ان کان مزيد علم ۽ علم طب لاءِ مختلف جڳهن تان فائدو حاصل ڪيم." (16)

مٿين حوالن جي روشنيءَ مان معلوم ٿئي ٿو، ته نياز همايوني پوري ريت مڪتبي تعليم حاصل ڪئي ۽ سلڇڻ ٻارن وانگر تعليم جي حصول لاءِ پنهنجو پورو وقت صرف ڪيو ۽ مذڪوره مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيو.

روزگار

تعليم کان فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ گذر معاش خاطر سوچڻ شروع ڪيائين، آخر ڪار رستم شهر ۾ دواخانو کوليائين، جتي ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ شڪارپور هليو آيو، جتي اچي مطب قائم ڪيائين. اُتي ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ تقريباً 1953ع ۾ حيدرآباد آيو.

نياز همايوني روزگار جي سلسلي ۾ وڏيون تڪليفون ڏٺيون. هن حڪمت جو ڏنڏو ڪيو، ڪتابن جي تدوين، تاليف ۽ ترجما ڪيا ۽ ڪو وقت اهڙو به آيو جو هن کي سر تغاري واري مزدوري به ڪرڻي پئي، اهڙو هڪ واقعو مرزا فياض علي بيگ لکيو آهي، جيڪو هن کي نياز همايوني خود ٻڌايو، جيڪو هن ريت آهي، نياز همايوني ٻڌايو: "منهنجي غربت ايتري حد تائين پهتل هئي، جو هڪ دفعي ڏينهن جو گهر ويٺو هوس ته اها نياڻي (انجم) به اسڪول مان گهر آئي، ماءُ کان ماني گهريائين، جنهن تي ماءُ چيس ته گهر ۾ سيڈي نه هئڻ سبب ماني نه پچي سگهي، جنهن تي ان معصوم جي وات مان نڪري ويو ته "هِتان کان هُتي سڀ هئاسين، جو ماني ته ملندي هئي". انهن لفظن منهنجي دل تي تمام زور سان ڏڪ هڻي ڪڍيو. آئون يڪدم اٺيس، پيرن پيادو ڪوٽڙيءَ ۾ آيس اتي ڪي مزدور ڪم ڪري رهيا هئا، يڪدم مستريءَ سان ڳالهائي ڪم کي لڳي ويس شام جو 3 رپيا مليا جن مان سيڈو سامان وٺي گهر آيس ٻي ڏينهن صبح جو وري ڪوٽڙيءَ ويس، جتي ٺيڪيدار مون کي ڏسي چيو ته "اوهان

مزدور کو نه ٿا ڏسجو" پڙهيل لکيل ٿا ڏسجو، مجبوري طور مزدوري ٿا ڪريو، هاڻي اوهان تي اهو ڪم آهي ته مزدورن جي حساب ڪتاب جي لکپڙهه اوهان ڪريو، اوهان کي روزانه 10 رپيا ملندا،" مون خوشيءَ ۾ محنت سان اها ڊيوٽي سر انجام ڏني."[17]

مختلف هنڌن تي سندس روزگار جي سلسلي ۾ گهڻو ڪجهه لکيل آهي. نياز همايوني شروع ۾ صحافت جي ڏنڊي ۾ قدم رکيو ۽ مولانا محمد صالح 'عاجز' سان گڏجي ڪراچيءَ مان اخبار ڪڍيائين. هي اخبار گهڻو وقت هلي نه سگهي ۽ بند ٿي ويئي.

ايياز قادري لکي ٿو: "1947ع ۾ ڪراچيءَ مان "الشهباز" نالي اخبار ڪڍيائين، جيڪا ٿوري وقت کان پوءِ بند ٿي ويئي." [18]

شريف 'شاد' سومري مطابق: "نياز همايوني بنيادي طور مدرسي جو پڙهيل حڪيم هو. هن جو ڏنڏو حڪمت هو، جنهن لاءِ هن دواخانو به کوليو، رستم شهر ۾ به دواخانو کوليائين پر اُتي ٻه سال کن رهيو، پوءِ اتان واپس وڃي حيدرآباد ۾ مطب قائم ڪيائين ۽ حيدرآباد ۾ ساري ڄمار گذاريائين"[19]

حيدرآباد شفٽ ٿيڻ کان پوءِ هن حيدرآباد جي پرسان ٽنڊي حيدر ۾ دواخانو کوليو جيڪو 5-6 سال هلايائين. جنهن جو ذڪر مرزا فياض علي بيگ ۽ مدد علي سنڌي ڪيو آهي.

مدد علي سنڌيءَ مطابق: "طب جي تحصيل بعد طب جو مشغلو اختيار ڪندي، حيدرآباد جي ويجهو ٽنڊي حيدر ۾ پنهنجو مطب (دواخانو) جاري ڪيو. ڪجهه وقت حيدرآباد سنڌ جي طبي درسگاهن ۾ استاد طور پڙهائيندو رهيو. ٻه سال سنڌي لٽنگويج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر به رهيو." [20]

مرزا فياض علي بيگ لکي ٿو: "سال 1953ع ڌاري نياز صاحب ٽنڊي حيدر ۾ دواخانو کوليو، هن 5-6 سالن تائين هيءُ دواخانو هلايو.[21]

اندازو اهيو لڳي ٿو ته جڏهن نياز کي طبيه ڪاليج ۾ ليڪچررشپ ملي ته هن ٽنڊي حيدر وارو دواخانو بند ڪري ڇڏيو، ان جو ڪٿي به ذڪر ڪونهي پر ايئن ٿو ڄاڻجي ته هن کي شعر و شاعري، تاليف، ترجمي لاءِ وقت گهربل هو، ان ڪري هن هڪ ئي وقت ٻه ڪم ڪرڻ نٿي چاهيا. 1965ع ۾ ڪيس مرڪزي اردو بورڊ ۾ نوڪري ملي. ان کان پوءِ هن پوري طرح پاڻ کي ادبي ۽ قومي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. مختلف اديبن سندس روزگار ۽ سرگرمين جي باري ۾ اپٽار ڪئي آهي. تاج جويي مطابق: "نياز طب جي تعليم مڪمل ڪري، حڪمت جو ڏنڏو اختيار ڪيو ۽ پنهنجو دواخانو قائم ڪيائين. ڪجهه وقت حيدرآباد جي طبي درسگاهن ۾ استاد طور پڻ پڙهايائين.

"1965ع کان 1990ع تائين قائم ٿيل مرڪزي اردو بورڊ جي حيدرآباد شاخ ۾ نگران جي عهدي تي مامور رهيو. هي ادارو هاڻي "اردو سائنس بورڊ" جي نالي سان ڪم ڪري رهيو آهي."[1](22)

يوسف سنڌي لکيو آهي: "نوڪريءَ جي سلسلي ۾ پهرين ڪجهه عرصي لاءِ حيدرآباد جي طبيه ڪاليج" ۾ ليڪچرار ۽ وائس پرنسپال رهيو. اڳتي هلي"مرڪزي اردو بورڊ" ۾ ملازمت اختيار ڪيائين، جتان نوڪريءَ جو مدو پورو ڪري رٽائرمينٽ ورتائين." (23)

تاج بلوچ لکي ٿو ته: "1965ع کان حيدرآباد ۾ قائم ڪيل، مرڪزي اردو بورڊ ۾ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين ۽ 1988ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مختلف علمي ۽ ادبي ادارن لاءِ ترجمي، تاليف، ۽ حڪمت جي ڪم ۾ مصروف رهيو." (24)

1988ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن جو گذران ڏاڍو مشڪل ٿي پيو ۽ هن کي تنگدستيءَ سان منهن ڏيڻو پيو. ادبي ادارن هن جي ترجمي ۽ تاليف جي ڪم جو معاوضو نه ڏنو يا تمام گهٽ ڏنو، ڪجهه ادارن هن کي ڏنل ڪم به واپس وٺي چڏيو. آخر ۾ هن تي بلن جي صورت ۾ لکين روپين جو قرض رهجي ويو، جيڪو سندس دوستن ڪجهه ادارن جي مدد سان پياري، هن جي ننڍڙن معصوم ٻارن کي قرض کان آجو ڪرايو ۽ اهي دوست وقت به وقت هن جي ٻارن جي مدد به ڪندا رهيا.

شاديون ۽ اولاد:

نياز همايوني ٻه شاديون ڪيون، جن مان هن کي پهرئين شاديءَ مان ڪوبه اولاد نه ڄائو. هنکي ٻي شاديءَ مان ٽن ٻارن جو اولاد ٿيو.

هن جي شادين ۽ اولاد جي باري ۾ مدد علي سنڌي لکي ٿو: "نياز صاحب ٻه شاديون ڪيون: پهرين زال مان ڪيس ڪو اولاد نه ٿيو، پر اڳ ڄائي نينگريءَ کي پنهنجي اولاد وانگر نپائي وڏو ڪيائين. هن جي ٻي شادي شڪارپور مان ٿي، جنهن مان ڪيس ٻه فرزند اويس نياز، پرويز نياز ۽ هڪ نياڻي سومل ٿيا." (25)

سندس گهرن وارن کان ورتل انٽرويو مطابق: "هن جي پهرين شادي شيرين ٻائي ڪاڻياواڙيءَ ميمڻ سان 1965ع ۾ ٿي، جنهن مان نياز صاحب جو ڪو اولاد ڪونه ٿيو، پر اڳ ڄائي ڏي انجم نالي سان هئي، جنهن کي پالي وڏو ڪيائين، انجم جي شادي اپريل 1985ع ۾ امير بخش چنا سان ٿي. هو نور مسجد جي پرسان رهائش پذير آهي. انجم کي هڪ پٽ ۽ ٻن ڌيئرن جو اولاد آهي.

ٻي شادي حسينه بيگم مگٽهار سان، مارچ 1989ع ۾ ٿي، جيڪا نور محمد شجراح ڳوٺ تعلقه خانپور جي رهواسڻ هئي، جنهن مان ڪيس ٽن ٻارن اويس نياز، پرويز نياز ۽ سومل نياز نالي اولاد پيدا ٿيو."(26)

دوست يار

حقيقت ۾ نياز 1965ع کان 1988ع تائين 'مرڪزي اردو بورڊ' جي ملازمت ۾ رهيو.

نياز همايونيءَ جي دوستن جو حلقو تمام وسيع هو، جن کي هو دل و جان سان پائيندو هو ۽ هر حال ۾ ساٿن نپائيندو رهندو هو. جن بابت هيٺ ترتيبوار احوال ڏجي ٿو:

مولانا محمد صالح ’عاجز‘

مولانا محمد صالح ’عاجز‘ نياز همايونيءَ جو پري جو مائٽ هو. هن جو ڪانگريس سان سياسي تعلق هو. نياز تي سندس گهڻو اثر هو. هي اڪثر گڏ هوندا هئا.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو: ”مرحوم محمد صالح ’عاجز‘ جي صحبت ۽ تربيت هيٺ سنڌ جو قومي شاعر نياز همايوني گهڻو رهيو. نياز همايوني کيس پنهنجي رهبر ۽ رهنما طور مڃندو هو، ۽ وڏي احترام سان سندس نالو وٺندو هو. کيس جس هجي جو ’عاجز‘ جي وفات کان پوءِ، سندس اولاد تي شفقت جو هٿ رکندي، هنن کي والد جيان ئي پيار ڏيندو ۽ خدمت ڪندو رهيو.“ (27)

نياز ۽ عاجز گهڻو ڪري هر جڳهه تي گڏ نظر ايندا هئا ۽ ڪنهن به ادبي يا سياسي ميٽنگ ۾ کين گڏ ڏسي سگهبو هو.

انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته نياز همايوني جا جنهن به انسان سان تعلقات قائم ٿيا، سي دائمي طرح مضبوط ۽ برقرار رهندا آيا. انهيءَ مان ظاهر آهي ته هو وفا جو پتلو هو ۽ انساني محبت سندس نس نس ۾ سمايل هوندي هئي. انهي سلسلي ۾ مرزا فياض علي بيگ لکي ٿو: ”محمد صالح ’عاجز‘ نياز جو همسفر دوست ۽ زندگيءَ جو ساٿي هو، هو هميشه منظور چيمبر نياز واري آفيس ۾ مهمان ٿي رهندو هو. رمضان جو آخري روزو هجي، آئون هميشه وانگي صبح جو منظور چيمبر ۾ وڃان ته نياز صاحب، عاجز صاحب کي، جيڪو ڪمري ۾ ستل هو! سڏ پيو ڪري ۽ در تي ڏڪ پيو هٽي! مگر اندران ڪوبه جواب ڪونه مليس. مون کين چيو ته در جو ڪڙو ٽا پچون، سو متركي ۽ پکڙ ڪٽي ڪڙو پچي اندر گهڙون ته عاجز پنهنجي حقيقي مالڪ سان ملي چڪو هو! ڪفن جو بندوبست ڪري نياز صاحب سندس لاش ڳوٺ ڪٽائي ويو ۽ سندس پوين جي مالي مدد به ڪيائين ۽ هفتو ڏيڊ انهن وٽ رهيو ۽ پوءِ حيدرآباد موٽيو. محمد صالح عاجز جي ٻارن کي نياز صاحب پنهنجو گهر، جيڪو شڪارپور ۾ هو، سو به لکي پڙهي ڏيئي چڏيو.“(28)

عبدالواحد آريسر:

قومي تحريڪ جو سرواڻ عبدالواحد آريسر به نياز جي ويجهن دوستن ۾ شامل هو. عبدالواحد آريسر جڏهن پينڊي جي مدرسي مان ريسٽيڪيٽ ٿي حيدرآباد آيو، ته نياز همايوني ئي پهريون شخص هو، جنهن کيس ڏيڊ ڏنو ۽ سندس هر طرح مدد ڪئي.

عبدالواحد آريسر جڏهن پيغام رسالو ڪڍيو، ته نياز جو گهر ئي ان جي آفيس هئي، ۽ مالي مشڪلاتون جيڪي رسالي جي سلسلي ۾ پيش آيون، اُنهن کي نياز ئي مڙس ٿي منهن ڏنو هو.

آريسر نياز سان هميشه گڏ هوندو هو. پٽ شاهه وڃڻو هجي، سن وڃڻو هجي، يا ڪن جلسن جلوسن تي وڃڻو هجي، هو گڏ هوندا هئا.

عبدالواحد آريسر شروع کان وٺي نياز کي پنهنجو ويجهو عزيز يا دوست سمجهندو هو. آريسر لکي ٿو: "انهي مختصر ملاقات کان پوءِ، آئون نياز کي پنهنجو ويجهو عزيز يا دوست سمجهندو هوس." (29)

مطلب ته آريسر پهرين ئي ملاقات ۾ نياز کان ايڏو متاثر ٿيو هو. پيغام رسالي بند ٿيڻ کان پوءِ، آريسر "ڪارونجهر" رسالو ڪڍيو. ان جي سلسلي ۾ به نياز سندس مالي ۽ ٻين طريقن سان مدد ڪندو هو. نياز جي وفات تائين سندس تعلق ۽ دوستي رهي.

عبدالواحد آريسر جڏهن "نئين دور جا نوان چار درويش" ڪتاب لکيو، ته ان ۾ نياز همايوني کي به هڪ درويش طور شامل ڪيائين.

تاج جويو

تاج جويو شاعر، نثر نويس ۽ سوين ڪتابن جو مرتب آهي. سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ ۾ تاج جويي جو وڏو حصو آهي.

تاج جويو انهن ماڻهن مان آهي، جن نياز همايونيءَ سان پنهنجي دوستيءَ جو حق باقاعدي ادا ڪيو آهي. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جا ٻه ڪتاب، 'ساڻيهه جي ساک' (1975ع) ۽ 'ڏرتيءَ جا گيت' (1977ع)، کي گڏائي ۽ ان ۾، ڪجهه ٻي شاعري، جيڪا هن کي هٿ آئي، سا به شامل ڪري "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" جي نالي سان ترتيب ڏيئي، 2009ع ۾ ڇپرايو آهي.تاج جويو نياز همايونيءَ جا ٻيا ڪتاب به ڇپرائي رهيو آهي.

تاج جويو، جيڪو سنڌيءَ جو استاد هو، اهو سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو سيڪريٽري به رهيو آهي، هن نياز همايونيءَ جو تعارف انسائڪلو پيڊيا سنڌيانا لاءِ به لکي ڏنو آهي.

نياز همايونيءَ جي پُٽ اويس انٽرويوءَ ۾ ٻڌايو: " بابا جي وفات کانپوءِ چاچا تاج ۽ بابا جي ٻين دوستن، جن جي اڳواٽي چاچا تاج ڪري رهيو هو، اسان تي بجلي، پاڻي ۽ گيس جي مد ۾ رهيل بل، جيڪو لکن ۾ هو، پياري اسان کي قرض کان آجو ڪيو، نه صرف اهو پر چاچا تاج پوءِ به اسان کي وقت به وقت سنڀالیندو رهيو ۽ اسان کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندو رهيو آهي. بابا جي پينشن به چاچا تاج اسان کي وٺرائي ڏني." (30)

نياز همايونيءَ جي مزاحيه شاعري به "دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل" جي نالي سان تاج صاحب ڇپرائي رهيو آهي، جيڪو ڇپائيءَ جي آخري مرحلن ۾ آهي.

تنوير عباسي

نياز همايونيءَ جي دوستن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جهڙا وڏا ڄاڻو ۽ ڏيهي توڙي پرڏيهي ادب جا سچاڻ ماڻهو پڻ شامل هئا. هُو هروقت هڪٻئي سان رابطي ۾ هوندا

هئا. علمي ادبي توڙي فڪري لحاظ سان هڪجهڙي ڪان مشورو وٺندا رهندا هئا، هر ادبي ميڙ ۾ به هنن جي حاضري يقيني هوندي هئي.

تنوير عباسي سنڌ جي انقلابي شاعرن ۾ هڪ اهم مڃتا ماڻي آهي. هو بنيادي طرح ڊاڪٽر هو ۽ پنهنجي ڪلينڪ هلائيندو هو پر ان مصروفيت مان به ٽائم ڪڍي، هن سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ڪيترو پاڻ پتوڙيو ۽ نثر ۽ شاعريءَ ۾ ڪيڏو نه لاجواب ادب تخليق ڪري ويو. تنوير عباسي به نياز همايونيءَ جي دوستن جي ٽمورتيءَ جي هڪ مورت هو. هن ٽمورتيءَ ۾ نياز همايونيءَ سان گڏ شمشير الحيدري به شامل هو.

اڪبر لغاري لکي ٿو: "اسان جي سنڌ ڏرتيءَ کي فخر حاصل آهي ته ان هميشه اهڙا انسان پيدا ڪيا آهن، جن سچ سان ساٽ نپايو آهي، "سچ جي ساٿين" پنهنجي قلم جي ذريعي سچ جو مان رکيو. ڊاڪٽر تنوير عباسي به انهن مان هڪ هو."(31)

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي ڪتاب 'رڳون ٽيون رباب' جو مهاڳ به نياز همايوني لکيو. نياز لکي ٿو: "مون هڪ دوست جي حيثيت ۾ تنوير جي شاعري توجهه سان پڙهي آهي ۽ سندس زباني پڻ ڪيئي ڀيرا ڪانئس ٻڌي ڇڪو آهيان. مونکي سندس شاعريءَ ۾ اهي سڀئي خوبيون نظر اچن ٿيون، جيڪي هڪ شانائتي شاعريءَ ۾ جهلڪنديون آهن. ساڃڻي وقت دوستيءَ جي ناتي هئڻ ڪري تنوير جي شخصيت به منهنجي لاءِ ان ڪتاب جيان آهي، جنهن کي ڪيئي دفعا چاهه سان پڙهيو ويو هجي. مان هن يار جي خوشين پري زندگيءَ کي ڏسندي، بعضي اهو سوچيندو آهيان ته هيءُ شخص، جنهن وٽ حاصلات جي ڪا ڪمي نه آهي، سو ڪيئن ٿو ٻئي ڪنهن جي محرومين جو احساس ڪري سگهي ۽ هن کي ڪهڙي ضرورت آهي جو ٻين جي غم تي ڳوڙها ڳاڙي هروپرو پنهنجي خوشي ختم ڪرڻ ٿو چاهي!؟ پر ستت ئي محسوس ٿيندو اٿم ته اهو سڀڪجهه ان ڏات جو ڦل آهي، جا ڪنهن انسان دوست شاعر جي ڀاڳ ۾ اچي ٿي، جنهن جي وسيلي ٻين جو غم پنهنجو ۽ ٻين جي خوشي پنهنجي تصور ڪئي ويندي آهي." (32)

مطلب ته هنن جو نه صرف دوستيءَ وارو رشتو هو، پر هو قومپرستيءَ جي حوالي سان به ڳنڍيل هئا.

شمشير الحيدري

شمشير، نياز ۽ تنوير جي ٽمورتيءَ جي هڪ مُورت، شمشيرالحيدري به آهي.

شمشير جي شاعري مڙني صنفن تي آڏاريل آهي پر نظم، آزاد نظم ۽ غزل وڌيڪ لکيو اٿس. هن پنهنجي شاعري ۾ هڪ نئون تجربو به ڪيو آهي، هڪ طويل طنزيه وائي لکي اٿس. جنهن ۾ انٽيهه مصراعون آهن. هن جي شاعري جو مجموعو "لاٽ" ڇپيل آهي. هڪ نثري ڪتاب "آزاد نظم جي اوسر" به ڇپيل اٿس.

نياز همايوني سان سندس گهرو، پيار وارو رشتو هو. تنوير ۽ ٻين دوستن سان گڏجي ڏک سور به ونڊيندا هئا، ته ٽهڪن ۾ به گڏ هوندا هئا.

نياز همايوني پنهنجي انٽرويوءَ ۾ چيو: ”مون کي پنهنجي همعصرن مان تنوير عباسي، شمشيرالحيدري ، بردو سنڌي، فتاح ملک، غلام حسين رنگريز ، تاج بلوچ، امداد حسيني ۽ سنڌ جو عظيم قومي شاعر، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي وڌيڪ پسند آهن.(33)

جڏهن سنڌي زبان جي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيا ويا، ته سنڌي ادبين پاڻ ملهايو ۽ ”يوم سنڌي زبان“ جي سري هيٺ ڏهاڙا ملهائڻ شروع ڪيا. اهڙو هڪ ڏهاڙو حيدرآباد ۾ به ملهايو ويو، جنهن ۾ شمشير جو وڏو ڪردار هو. ان ڏهاڙي جي رپورٽ مهراڻ رسالي ۾ ڇپي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي:

”جڏهن 9 نومبر 1962ع تي ”يوم سنڌي زبان“ ملهايو ويو ته حيدرآباد ۾ وڏي پئماني تي ان کي ترتيب ڏنو ويو، جنهن ۾ ايڪشن ڪميٽيءَ جي ڪنوينر شمشيرالحيدري ڪارروائي شروع ڪئي. ان ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي، مقالو پڙهيو جنهن ۾ سنڌي زبان جي اوسر ۽ ان جي ادبي ۽ تعليمي حيثيت جو مڪمل جائزو ورتل هو. ان کان پوءِ نياز همايونيءَ جي طويل نظم ”مڪلي“ جو ڊرامائي خاڪو ريڊيو پاڪستان جو رکاربِ ڪيل ”سنڌي ادبي سنگت“ طرفان پيش ڪيو ويو. شمشيرالحيدري ان جو تاريخي پس منظر پيش ڪيو. ڊرامي ۾ سنڌ تي ارغونن جي ڪاهي اچڻ ۽ سنڌ جي مشهور سُورمي دريا خان جي حب الوطنيءَ جو يادگار داستان ڏهرايو ويو “ (34)

اهڙيءَ طرح هيءَ ٽمورتي سنڌ لاءِ سڏ تي هر وقت گڏ هوندي هئي.

پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڑو

پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڑو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو نامور اديب، پروفيسر، چيئرمين سنڌي ڊپارٽمنٽ، سنڌ يونيورسٽي ۽ ڊين فيڪلٽي آف آرٽس، يونيورسٽي آف سنڌ رهيو آهي. اهو به نياز همايونيءَ جي ويجهن دوستن مان هو.

انور هڪڑي صاحب، نياز همايونيءَ جي سلسلي ۾ انٽرويو ۾ چيو: ”آئون ۽ نياز همايوني ڪنهن به تڪليف ۾، بيماري سيماريءَ ۾ ۽ مالي مدد ۾ هڪٻئي سان گڏ هوندا هئاسين، هن جي ڪچهري ٻڌڻ لاءِ سڀ سڪندا هئاسين ۽ هن جا ٻوڳ، چرچا مزاحيا ڳالهيون ۽ علمي ادبي ڳالهيون ٻڌي، دل کي سڪون ۽ من ۾ موج اچي ويندي هئي.

هو پنهنجو درد لڪائي ٻين کي خوشيون ڏيندو هو.سائين نياز همايوني سان منهنجو سڪ جو سڳو شايد 1983ع کان ساهه ۾ ٻڌو، سبب اهو هو ته منهنجا مضمون ۽ مقالا پڙهي، دوستن احبابن سان ذڪر به ڪندو هو ۽ خط به لکندو هو. جيڪي ڪتاب مون وٽ لائبرريءَ ۾ ڏسندو هو، سي پڙهندو به هو. ساٺس محبتن جا انداز نرالا هئا، جن جا مون کيئي رنگ ڏٺا. سنڌ واسين جا سُور سندس اندر ۾ ناسور وانگر سرجندا ڏٺم. ٻوليءَ جي خلاف دشمن جيڪي ٻارڻ ٻاريندا هئا، تن لاءِ حڪومتون ڪجهه نه ڪرڻ ۽ ساڻن ساٺ نه ڏيڻ تي اکين مان نير زارو قطار وهندو ڏٺم. ادب ۽ اشاعت ۾ پنهنجي ماڻهن جي شعوري رکاوٽن وجهڻ ۽ نا اهلن سان ساٺ ڏيڻ تي

ڪڙهندو ڏٺم. مطلب ته هو قومي درد جو اهڙو مثال هو، جو سراپا درد جي دنيا بڻجي ويو هو.

اسان سان محبتن جا ڪارڻ به مثبت سوچ ۽ تحقيقي عمل هو. چوندو هو ته "انور فگار هڪڙي" ادب، تحقيق ۽ تاريخ ۾ نئين زماني کان ٻه وکون اڳتي کڻي، نوان گس جوڙيا ۽ نئون ڪم ڪري نوان نتيجا حاصل ڪيا. نياز همايونيءَ جي قرب ۽ پيار ۾ آءٌ اهڙو ڪڙجي ويم، جو ٻه ٽي ڏينهن گذرندا هئا، ته شڪارپور کان حيدرآباد پيو ڪانگ اڏائيندو هوس." (35)

هي ٻئي دوست هڪٻئي جي سڏ ۾ گڏ هوندا هئا. تاريخ تازه نواءِ معارڪ ۾ انور فگار هڪڙي متعلق نياز همايوني لکي ٿو: "ٻيو دوست آهي انور فگار هڪڙو، جنهن کي مان پنهنجو دلي دوست سمجهندو آهيان انهي پنهنجا ڪم ڇڏي منهنجي ڪمن ۾ پئي هٿ وندايو ۽ مرزا عطا محمد مرحوم جي پوٽي سان منهنجي ملاقات ڪرايائين، مرزا عطا محمد جي حويليءَ جو فوٽو به هن ئي دوست تيار ڪري موڪليو." (36)

عبدالڪريم گدائي

عبدالڪريم گدائي، سنڌ جي ترقي پسند شاعرن ۾ اهم مقام رکي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي پکڙن ۽ پنهوارن جو پيار سمايل آهي ۽ هر سِٽ ۾ غريبن جي احساسن ۽ امنگن جي ترجماني نظر اچي ٿي. گدائي شروع ۾ خلافت تحريڪ کان متاثر هو. 1932ع ۾ ڪانگريس ۾ شامل ٿيو. آزاديءَ کان پوءِ هاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ ضلعي جيڪب آباد جو جنرل سيڪريٽري رهيو. ان کان پوءِ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، ۽ ان جو جنرل سيڪريٽري رهيو. گدائي به نياز همايونيءَ جي دوستن ۾ شامل آهي.

اياز قادري لکي ٿو: "گدائي جيتوڻيڪ علي محمد قادريءَ جي دؤر جو شاعر آهي مگر سندس شاعريءَ جو شعاع ورهاڱي کانپوءِ نڪتو ۽ هن جي جديد شاعري نئين سنڌي شاعريءَ کي گهڻو متاثر ڪيو."(37)

شمشيرالحيدري لکي ٿو: "انساني ڏک ۽ قومي دردن جي اظهار سان گڏ، گدائيءَ جي شاعري حسن ۽ عشق جي لڪلڪوٽين کان خالي ناهي، جنهن لاءِ هن عمومي ۽ انفرادي، ٻنهي طرحن جو انداز اختيار ڪيو آهي."(38)

نياز همايوني عبدالڪريم گدائيءَ جي شاعريءَ جي مجموعي 'لاٽ ٻرندي رهي' ۾ لکي ٿو: "عبدالڪريم گدائي منهنجو همعصر آهي. هن بزرگ سنڌي شاعريءَ کي عظمت بخشڻ لاءِ جيڪي ڪشالا ڪيا آهن، تن جي عيوض ڪيس، رومانوي شاعر، عوامي شاعر ۽ انقلابي شاعر جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. اهي چارئي خصوصيتون هڪ ئي وقت ورلي ڪنهن شاعر ۾ هونديون آهن.

هي 'گوندر گذاريو ڪاپڙي'، 'درد دل جي غزل ' ڪان وٽي 'وطن بيت الحرم' جي نظم تائين، منهنجو ڇاتل سڃاتل آهي. هن پنهنجي درد کي وطن جي حب ۾ شامل

ڪري جنهن صداقت جو ثبوت ڏنو، تنهن نعمت کان اسان جا پراڻا شاعر اجان تائين محروم آهن، هن باري ۾ گدائي صاحب پنهنجو قومي فرض پوريءَ ديانت سان ادا ڪندو رهيو، اسان کي هن جهوني جوڳيءَ جي جوان خلوص تي سدائين فخر هوندو.“ (39)

گدائي شروع ۾ لطف الله بدوي ’جوڳي‘ جي صحبت ۾ ’تتل ڦتل‘ غزل ۽ نظم لکڻ لڳو ۽ پوءِ قادر بخش ’بشير‘ جي صحبت ۾ ترقي پسند شاعريءَ ڏانهن مائل ٿيو.

نياز همايوني به عبدالڪريم گدائي ۽ قادر بخش ’بشير‘ جي صحبت ۾ شاعريءَ ڏانهن رغبت ڪئي.

نياز همايوني ۽ عبدالڪريم گدائي ۾ مماثلت اها آهي ته بنهيءَ جي شاعريءَ ۾ نکار، نئون جوش ۽ نئون ولولو ورهاڳي کان پوءِ شروع ٿيو.

قاسم هالائي

قاسم هالائي سولنگي نياز جو تمام ويجهو دوست هو. هن سان نياز جا گهرو تعلقات هئا. اڳتي هلي هي دوستيءَ جو رشتو مائٽيءَ ۾ بدلجي ويو.

نياز جي گهروارن انٽرويو ۾ ٻڌايو: ”قاسم هالائي جي هڪ ڇوڪريءَ جو رشتو نياز پنهنجي پٽ اويس لاءِ ورتو ۽ ٻي ڇوڪري سندس اڳائي ڏيءَ انجم جي پُٽ لاءِ ورتي، جن شاديون ڪيون ۽ اولاد وارا به آهن.“ (40)

غلام حسين رنگريز

سنڌي ادبي سنگت جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل، غلام حسين رنگريز به نياز همايونيءَ جو دوست هو. هنن جو رشتو ان ڪري به مضبوطيءَ سان ڳنڍيل هو جو هو ٻئي هڪ ئي رستي جا راهي هئا ۽ هو ان قومي رنگ ۾ آخر تائين رنگيل رهيا.

بزمِ صوفياڻي سنڌ جي ڪانفرنسن ۾ ۽ سنڌي ادبي سنگت جي ڪانفرنسن ۾ هو سدائين گڏ هوندا هئا. انهي روح جي رشتن جو اندازو غلام حسين رنگريز جي پيش ڪيل، ساوڻ فقير جي هن ست مان لڳائي سگهجي ٿو، جيڪا نياز همايوني، رنگريز صاحب کي ٻڌائي. رنگريز صاحب سِٽ کي ورجائيندي لکي ٿو:

” سورن جو سانوڻ چئي، لنگهندي ڪونه لڙيا.“

سنڌي ادبي سنگت سنڌ طرفان 22 مارچ 1990ع تي سڏايل، خليفو نبي بخش ڪانفرنس جي دعوت ڏيڻ لاءِ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر نياز همايونيءَ سان مليس ته هن دعوت جي مهرباني مجيندي سانوڻ فقير جي مٿئين مصرع بي ساخته چئي ڏني. اها ست ڏوراپن جا ڏونگر ڪيرائي، اندر ۾ اهڙو ويڙ وجهي وئي، جو اڄ تائين اها گهڙي اها مصرع ۽ اها ڪيفيت وسري نه سگهي آهي.“ (41)

رشيد پٽي

نامیارو ترقي پسند اديب، محقق، نقاد ۽ شاعر رشيد به نياز همايوني جي ويجهن دوستن مان هو. رشيد پٽي 20 آگسٽ 1933ع ۾ اروڙ ۾ جائو، رشيد پٽي سنڌي ادبي سنگت جو 11 سالن تائين سيڪريٽري جنرل رهيو، سياسي طرح هو عوامي ليگ، نيشنل عوامي پارٽي، سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ عوامي تحريڪ ۾ رهيو، 50 ۽ 60 واري ڏهاڪن ۾ جڏهن شريف ڪميشن جي ذريعي سنڌي ٻولي جي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيا ويا، ته ٻين ترقي پسند ۽ قوم پرست اديبن سان گڏ همايوني ۽ رشيد پٽي به گڏجي ان تحريڪ ۾ حصو ورتو، ون يونٽ خلاف تحريڪ ۽ 1972ع واري "سنڌي ٻولي، قومي ٻولي" تحريڪ ۾ به هنن گڏجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪيو. پاڪستان رائيٽرس گلڊ سنڌ جا مختلف وقتن تي ٻئي سيڪريٽري به رهيا. سنڌ رائيٽرس گلڊ جو نياز همايوني حيدرآباد جو سيڪريٽري هو ته رشيد پٽي سکر جو سيڪريٽري هو.

مطلب ته هو ٻئي هر قومي، توڙي ادبي تحريڪ ۾ هميشه گڏ هوندا هئا.

ان کانسواءِ نياز همايونيءَ جا کافي ٻيا به دوست هئا، جن ۾ الطاف عباسي، نواز علي شوق، ذوالفقار راشدي، امداد حسيني ۽ تاج بلوچ شامل آهن.

وفات ۽ مدفن

نياز همايونيءَ جي وفات متعلق مختلف عالمن ۽ اديبن الگ الگ رايا ڏنا آهن. تاج جويي سندس وفات جي تاريخ 2 جنوري 2003ع ڄاڻائي آهي. (42) تاج بلوچ سندس وفات جي ساڳي تاريخ 2 جنوري 2003 ع لکي آهي. (43) مدد علي سنڌي "گلبانگ لطيف" ۾ 5 جنوري 2004ع لکي آهي. (44)

نياز جي اولاد کان مليل معلومات مطابق: "بابا 3جنوري، جمعي جي ڏينهن ۽ چنڇر جي رات 8 بجي وفات ڪئي ۽ ڪيس چنڇر جي ڏينهن ظهر جي نماز کان پوءِ بابن شاهه قبرستان (جيڪو G.O.R ڪالوني ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس جي پٺيان آهي) ۾ دفن ڪيو ويو. انهن ٻڌايو ته بابا کي دل جي تڪليف هئي، جنهن جي ڪري هن کي ٻه دفعا اڳ به اٽيڪ ٿي چڪو هو ۽ هيءُ ٽيو دفعو اٽيڪ ٿيو ۽ ان ۾ گذاري ويو. انهن جو چوڻ هو ته سندس وفات کان ٻه مهينا اڳ سندس ٻي گهرواري حسينه به گذاري ويئي هئي، جنهن ڪري هو اڪيلائپ محسوس ڪندو هو ۽ غمگين رهندو هو." (45)

هنن سڀني حوالن مان مستند حوالو، نياز جي خاندان وارو آهي، جنهن ۾ تاريخ 3 جنوري 2003ع، جمع جي ڏينهن ۽ چنڇر جي رات 8 بجي ڄاڻايل آهي.

*

حوالا

1.سومرو، محمد شريف "شاد"، "نياز همايونيءَ جي طويل نظم نگاري"، ٽماهي مهراڻ -2011-2-1ع،ص-213.
2.همايوني،نياز،تعارف،"گلبانگِ لطيف"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ،2019ع، ص-38
3. همايوني، نياز، "ديوان مفتون"، چاپو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2020ع، ص-9
4.چنا، مهتاب، "روپ نڪو ٻهروپ" (نياز همايونيءَ جو انٽرويو)، ماهوار سوجهرو، فيبروري 1974ع، ص-10
5.آريسر، عبدالواحد، "نئين دور جا نوان چار درويش،"، ص-13
6.جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي تاريخ"، جلد ٻيو، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2005ع ، ص-576.
7.جويو، تاج، (مرتب)، "نئين دور جا نوان چار درويش"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2016ع، ص-123.
8. بلوچ، تاج، ماهوار سوجهرو، فيبروري 2003ع، (نياز همايوني جي وفات تي ايڊيٽوريل)
9. مرزا، بيگ، فياض علي، "نياز همايوني_'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول'، پندرهن روزه عبرت مئگزين، حيدرآباد، 15 مارچ 1999ع، ص-46.
10.حوالو نمبر -2، ص-38
11.حوالو نمبر -3، ص -7
12.حوالو نمبر -4، ص-11
13. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي کان 16 جنوري 2022ع، آڇر جي ڏينهن، ورتل انٽرويو جي آڏار تي.
14. حوالو نمبر -6، ص – ساڻيو.
15. حوالو نمبر -8، ايڊيٽوريل.
16.حوالو نمبر -2، ص –ساڻيو.
17.حوالو نمبر -9 ، ص-ساڻيو.
18قادري، ايار، "سنڌي غزل جي اوسر" جلد ٻيو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، نومبر 1983ع، ص-469.
19. حوالو نمبر -1، ص-ساڻيو.
20.حوالو نمبر-2، ص-18.
21.حوالو نمبر- 9، ص- ساڻيو.
22. حوالو نمبر-7،ص –ساڻيو.

23. سنڌي، يوسف، "سنڌي ادب، هڪ سئو سنڌي اديبن جي سوانح ۽ ڪم جو جائزو"، سچائي اشاعت گھر، دڙو، جولاءِ 2011ع، ص-483.
24. حوالو نمبر-8، ايڈيٽوريل.
25. حوالو نمبر-2، ص-18.
26.نياز همايوني جي گھروارن، سندس پٽ اويس ۽ ڏيءَ انجم کان 2022-4-2 تي ورتل انٽرويوءَ جي آڏار تي.
27. هَڪڙو، انور فگار، ڈاڪٽر ، (تعارف مولانا محمد صالح 'عاجز')، "نئين دؤر جا نوان چار درويش"، ص-129.
28.حوالو نمبر -9، ص-ساڳيو.
29.حوالو نمبر -5، ص-21.
30. حوالو نمبر -26
31.لغاري، اڪبر، "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو/ حيدرآباد، 2018ع، ص-58.
32 عباسي، تنوير، "تنوير چئي"، تنوير جي شاعري- نياز همايوني، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڊسمبر 1979ع، ص-166.
33.حوالو نمبر-4، ص،-9
34.ٽماهي مهراڻ، رپورٽ، "يوم سنڌي زبان" 9 نومبر 1962ع،"مهراڻ، 3-4 _1965ع، ص-78.
35. حوالو نمبر-13
36.شڪارپوري، منشي عطا محمد، مترجم: حڪيم نياز همايوني، "تازن معرکن جي تاريخ" (تاريخ تازه نواءِ معارک)سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2005ع، مترجم وڌان ص-ذ.
37.حوالو نمبر -18، ص-417.
38."گدائي"، عبدالڪريم، "لاٽ ٻرندي رهي" (شاعري جو ڪليات)، مهاڳ، شمشير الحيدري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع ، ص-26.
39.حوالو ساڳيو، ص _34
40 حوالو نمبر-26
41.رنگريز، غلام حسين، "ورق ورق زندگي" سنڌي ساهت گھر حيدرآباد سنڌ، 2011ع، ص 66 ۽67
42 حوالو نمبر –7، ص –ساڳيو
43. حوالو نمبر -8
44.حوالو نمبر -2، ايڈيٽر جو نوٽ- مدد علي سنڌي، ص-18.
45.حوالو نمبر -26.

باب ٽيون

نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو پس منظر ۽ تعارف

1. پس منظر:

ڊاڪٽر سحر امداد لکي ٿي:

”شاعري کنهن به خاص دؤر جي نبض جي رفتار آهي، جنهن جي ذريعي ان خاص وقت جي حرارت معلوم ڪري سگهجي ٿي. ان ريت کنهن خاص دؤر جي پيڙائن، اهنجن ۽ ايذائن جو اندزاو ڪري سگهجي ٿو. ان دؤر جي سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي مسئلن بابت ڄاڻي سگهجي ٿو..... شاعري وسيلي شاعر پنهنجي دؤر جي ماڻهن، انهن جي مسئلن، انهن جي خوشين ۽ غمن، لڙکن ۽ مرکن، سکن ۽ ڏکن کي اظهاري ٿو. ان ڪري اهو چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته شاعري هر دؤر ۾ عهد ساز ڪردار ادا ڪري ٿي.“[1]

شاعري ولوڙي ٿي ذهن کي، روح کي، ۽ شاعر ۽ عام ماڻهو جيڪو ان شاعريءَ کان متاثر ٿئي ٿو، پنهنجا انفرادي مسئلا وساري، اجتماعي پلائيءَ لاءِ اڳتي وڌي ٿو. ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو:

”جيڪا شاعري اندروني اڌمن ۽ روح جي رشتن سان ڳنڍجي اتپن ٿئي ٿي، سا وقتائتي، دل تي اثر ڇڏيندڙ ۽ هڪ نظريو بڻجي پوي ٿي، اهڙي شاعري حوصلو پيدا ڪري ٿي ۽ باشعور بڻائي ٿي. اهڙي شاعري نفي ڪري ٿي؛ انتها پسنديءَ جي، تعصب، ظلم ۽ زيادتيءَ جي، پوءِ اهو ظلم ڪٽي به ٿيندو هجي، ۽ ڪير به ڪندڙ هجي.

پنهنجي ٻوليءَ سان، پنهنجي لوليءَ سان ۽ پنهنجي وطن سان پيار ڪرڻ ۾ ئي انسانيت آهي ۽ جيڪي شاعر اها ڳالهه ڪن ٿا، اهي آمر ٿيو وجن.

سنڌي شاعري پنهنجي دؤر جي مسئلن کي سمجهيو ۽ ان جي سماجي سورن جي گهٽتائيءَ ۽ حاصلات لاءِ پتوڙ جي، واٽ لاءِ ڏارين صنفن توڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪري، مسئلن جي چند چاڻ پئي ڪئي. جديد شاعريءَ ۾ موسيقيت، لئه ۽ چٽائي هوندي آهي. منجهائيندڙ ۽ مخفي معاملا گهٽ، مسئلي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش وڌيڪ هوندي آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ ايياز، عبدالڪريم گدائي، ڪشنچند بيوس، ڪيلداس فاني، حيدربخش جتوئي، سڳن آهوجا، نارائڻ شيام، تنوير عباسي، استاد بخاري، نياز همايوني جديد سنڌي شاعريءَ جا باني هئا.“ [2]

ڪو به ليکڪ ۽ شاعر خلا ۾ پيدا ڪو نه ٿيندو آهي ۽ نه ئي خلا مان ڪي خيال، جذبا ۽ احساس ڪٽي ايندو آهي. هر عظيم تخليقڪار ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن جي سکن ۽

سورن جو حقيقي ترجمان هوندو آهي، پنهنجي دؤر جي حالتن ۽حقيقتن کي دل جي ڏڙڪڻ وانگر پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪندو آهي ۽ هو پنهنجي دؤر ۽ حالتن جي پيداوار هوندو آهي ۽ نياز به پنهنجي دؤر ۽ حالتن جي پيداوار آهي.

مولانا محمد صالح "عاجز" لکي ٿو:

"اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪي ماڻهو شاعر کي سندس شخصيت کان پري رکي پرکيندا آهن، جا ڳالهه حقيقت جي بلڪل برعڪس آهي. ڪو به شاعر، جيستائين شخصي طور ڪنهن به معاملي ۾ پاڻ ذميدار تصور ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي، تيستائين اُن جي ڪنهن به فرض ادائيءَ کي صداقت تي مبني چئي نه ٿو سگهجي.

شاعر کي شاعر ٿيڻ لاءِ وڏي محنت ۽ مشقت جي ضرورت رهي ٿي: پهريائين هي پاڻ کي سمجهڻ ۽ سجاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پوءِ پنهنجي روح کي پرکڻ لڳي ٿو. ڪيس مختلف آزمائشن ۾ مبتلا ٿي، پاڻ تي درد انگيز ڪيفيت طاري ڪري، ذهن جي اُونهاين مان پار ٿيڻ جا حيلا هلائڻا پون ٿا. جيڪڏهن سندس شخصيت آسائشن کان پاڪ ٿي، شاعريءَ لاءِ آماده ٿئي ٿي، ته هن جي اُها شاعري، انسان ذات قوم ۽ وطن لاءِ ڪارگر ٿئي ٿي، ٻيءَ حالت ۾ سندس شاعري محض شاعري هوندي، منجهس معيار جو ڪو به دخل نه رهندو."[3]

نياز همايوني انهن شاعرن مان هڪ آهي، جن سون تي سيڙ ڪو نه مٽايا ۽ پنهنجي اعليٰ آدرشن ۽ بي بها گڻن جي ڪري امر ٿي ويو.

جڏهن به ڪو شاعر درد کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪري ٿو، ته هو سراپا درد بنجي پوي ٿو ۽ پنهنجي درد سان گڏ، عام جي درد کي به لفظن جي ڪينواس تي چٽي ٿو. فياض لطيف لکي ٿو:

"درد سان انسان جو جنم جو رشتو آهي. انسان جي پيدائش کان موت تائين فقط اهو درد ئي آهي، جيڪو ماڻهوءَ سان سندس وجود وانگر ساڻ ۾ رهي ٿو. ٻار جڏهن پيدا ٿئي ٿو، تڏهن پهريون احساس، جنهن سان سندس پالو پوي ٿو، اهو درد آهي، پر درد اصل ۾ آهي ڇا؟ اهو سوال جيترو عام ۽ رواجي محسوس ٿئي ٿو، اوترو ئي پنهنجي جوهر ۾ گهرو ۽ گهڻ رخو آهي. ان سوال تي سنجيدگيءَ سان سوچبو، ته ان جون ڪيتريون ئي فڪري ۽ فلسفياڻيون جهتون اُپري سامهون ايندیون. اهو سوال پنهنجي جوهر ۾ نفسياتي به آهي، ته فلسفياڻي ڳوڙهائي رکندڙ ۽ سماجي صداقتن جو حامل به، انهيءَ ڪري اڄ تائين درد جي ڪا هڪڙي ۽ حتمي وصف مقرر ٿي نه سگهي آهي. هر مڪتبه فڪر جي ماڻهوءَ وٽ درد جو پنهنجو فلسفو ۽ فڪر آهي ۽ هر ڪو پنهنجي فهم، ادراڪ، احساس، علمي بصيرت ۽ عملي تجربن جي آڌار تي درد جي پنهنجي وصف مقرر ڪري ۽ ان جي تشريح ڪري ٿو.

ڪنهن ڏاهي زندگيءَ کي پينڈوليم سڏيو آهي، جيڪا ڏُکن ۽ سُکن جي وچ ۾ جهولندي رهي ٿي.

Life is pendulum, which swings between joys and tears.

درد ڪنهن لاءِ اذيت ۽ عذاب آهي، ته ڪنهن لاءِ راحت ۽ سڪون. ڪنهن لاءِ روح جو روگ آهي، ته ڪنهن لاءِ اندر جي اوجر جو سبب، درد کي ڪو جسم ۽ جان جي ڪرب سان لاڳاپي، ان جي مسلسل پوڳنا پوڳي ۽ پڇتائي ٿو، ته ڪو ئي ان کي شعوري سطح تي محسوس ڪري، ان مان قرار ۽ بي قراريءَ جا احساس ماڻي ٿو.(4)

نياز همايوني پنهنجي درد کي لکائي، قوم جي درد کي پنهنجو بنايو. ان حوالي سان مولانا محمد صالح "عاجز" لکي ٿو:

"نياز جي شاعري، زندگيءَ جي دک درد ۽ رنگ رومان سان گڏ، قوم ۽ وطن جي شاعريءَ جو موضوع بڻائي، ان جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي اهڙيءَ طرح بلنديءَ کان ونڊي پستيءَ تائين اُجاگر ڪندي رهي ٿي، جو سندس شاعري، اسان جي زندگيءَ لاءِ صحيح عڪاسيءَ جو رتبو رکي ٿي، انهيءَ عڪاسيءَ ۾ انفرادي، اجتماعي، ذهني ۽ جذباتي زندگيءَ جا سمورا نقش بلڪل پڌرا نظر اچي رهيا آهن." (5)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي پس منظر کي سمجهڻ لاءِ، اسان کي نياز جي دؤر جي سموري سماجي، سياسي، ادبي ۽ فڪري پس منظر کي سمجهڻ تمام ضروري آهي، ڇو ته ان کانسواءِ سندس شاعري کي سمجهي ڪو نه سگهبو.

الف: نياز همايوني جي شاعريءَ جو سماجي ۽ سياسي پس منظر

رشيد پٽي لکي ٿو:

"ادب ۽ شاعري، دماغي عياشي ۽ ذهني ورونهن نه آهن، نه ئي ادب جو مقصد درٻار مان انعام ۽ القاب ونڊ آهي. ادب ۽ شاعري رڳو هڪ حسينا جي زلف، ڪاڪل ۽ رخسارَ جو ذڪر نه آهي. پر ساري سنسار جي انسانيت جي ڏکن ڏولاون، آهن، اميدن، احساسن ۽ امنگن جو ترجمان پڻ آهي جيئن ته ادب کي، انسان ۽ ان جي سماج لاءِ ڪو ڪارج سونپيل آهي ۽ سياست جو انساني زندگيءَ ۽ سماج تي گهڻو اثر ۽ عمل دخل آهي، سو انهن جي عڪاسي ڪندي، تجزيو ڪندي سياست کان پاسو نه ٿو ڪري سگهجي، سياست به انساني زندگي ۽ سماج ۾ ايتري اهميت رکي ٿي، جيتري سماجيات، اقتصاديات ۽ نفسيات وغيره. ان ڪري ان حد تائين ادب کي سياست کان ۽ سياست کي ادب کان ڌار نه ٿو ڪري سگهجي."(6)

برصغير ۾ ترقي پسند ادب جي شروعات انگريزن جي دؤر ۾ ٿي ۽ ان جا اثر هر طبقي جي ماڻهن تي پيا. برصغير جي اديب ان جي اثر کي قبول ڪيو ۽ باقاعدي هڪ تحريڪ جي شروعات ٿي. سنڌ جو اديب به ان تحريڪ جو حصو بنجي ويو.

ڊاڪٽر ريحانه نظير لکي ٿي:

"ترقي پسند ادب جو بنياد، جديد تعليم يافته نوجوان سجاد ظهير، جيڪو لنڊن مان تعليم حاصل ڪري موٽيو هو، ان هن تحريڪ جو باقاعده بنياد وڌو، جنهن ۾ صدارتي خطبو ان وقت جي مشهور ۽ معروف اردو افسانه نگار منشي پريم چند

پڑھيو، جنهن ۾ هن واضح لفظن ۾ ادب جو هيءُ مفهوم ڏنو ته، ”جب تک ادب کا کام تفریح کا سامان پیدا کرنا ،محض لوریاں گا گا کر سلانا' محض آنسو بہا کر غم غلط کرنا تھا اس وقت تک کے لیے عمل کی ضرورت نہ تھی مگر ہم ادب کو محض تفریح اور تعیش کی چیز نہیں سمجھتے ہماری کسوٹی پروہ ادب کھرا اترے گا جس میں تفریح ہو، آزادی کا جذبہ ہو،حسن کا جوہر ہو، تعمیر کی روح ہو، زندگی حقیقتوں کی روشنی ہو، جو ہم میں حرکت' ہنگامہ اور بے چینی پیدا کرے، سلائے نہیں کیوں کہ اب اور زیادہ سونا موت کی علامت ہوگی۔“.[7]

هي تحريک سڄي برصغير ۾ هڪ ولوله انگيز تحريڪ طور نمايان ٿي. ادب جي هر هڪ صنف ان کي پرپور انداز سان اپنايو، ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هيءَ ادب جي مقبول ترين تحريڪ بنجي ويئي. هن تحريڪ جي تحت، جيڪو ادب تخليق ڪيو ويو، ان جي زندگيءَ جي

حقيقتن کي بيان ڪرڻ سان گڏو گڏ واضح مقصد پڻ رکيو ويو. هاڻي ادب صرف تفريح جو ذريعو نه رهيو. پر ملڪي ۽ بين القوامي سطح تي رونما ٿيندڙ سياسي ۽ سماجي تبديلين جو مظهر بنجي ويو، جيئن ته ان وقت جو هندستان، آزادي حاصل ڪرڻ وارين تحريڪن سان پريل هو، ان ڪري ادب جي هن نظريي ان وقت مؤثر هٿيار بنجي انقلابي ادب جو روپ اختيار ڪيو.

پروفیسر نامور سنگھه ان جي باري ۾ لکي ٿو ، 1936ع میں سجاد ظہیر نے مٹھی بھر ادیبوں کے ساتھہ ترقی پسند ادب کی شروعات کی تھی اس کا جائزہ لیں تو سارے ہندستاں میں ادب کی جو صورت تھی وہ بدل گئی تھی لوگ پہلے کسانوں' مزدوروں اور غریب عوام کے بارے میں نہیں لکھتے تھے نہ صرف اردو بلکہ ہندی' بنگلہ' تامل اور مراٹھی میں ادب کے یہ موضوعات پہلے نہیں تھے''

ادب ۾ ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگيءَ جو فرق به ان دؤر کان شروع ٿيو، ۽ جنهن ۾ هيءُ واضح نقطه نظر رکيو ويو ته ادب جو مقصد صرف تفريح نه، پر زندگي هڻڻ گهرجي ۽ زندگيءَ ۾ جيڪي مسئلا، مشڪلاتون ۽ پيچيدگيون ماڻهن کي درپيش اچن ٿيون، ان جو ادب ذريعي نه صرف اظهار ڪرڻ گهرجي، پر انهن انسان دشمن قوتن خلاف مزاحمت ڪري، انهن کان هميشه جي لاءِ ڇوٽڪارو پڻ حاصل ڪجي. يعني ادب جي زندگيءَ سان وابستگي هڻڻ ادب جو لازمي حصو آهي.

اهو وقت برصغير ۾ ملڪي توڙي بين الاقوامي سطح تي سياسي بيداريءَ جو هو، جنهن ۾ هر طرف سياسي تحريڪون عروج تي هيون ڇوڪطرف انقلاب ۽ آزاديءَ جا نعرا گونجي رهيا هئا. ان ڪري ان وقت جي ادب جا خاص موضوع سماجي براين جي نشاندهيءَ سان گڏ، سياسي اندولن، انقلابي تحريڪن ۽ جدوجهد آزاديءَ سان گڏ غلامي ۽ سرمائيداريءَ خلاف بغاوت ڪندي نظر اچن ٿا. بقول سجاد ظهير جي ته، ”1936ع سے لیکر 1939 ع کے اختتام تک کا زمانہ (جب دوسری جنگ عظیم کا آغاز ہوا) ہمارے ملک میں نئے خیالات' انقلابی تحریکوں بلند عزائم اور جھلملائی امیدوں کا زمانا تھا۔“[8]

ڊاڪٽر ريحانه نظير وڌيڪ لکي ٿي:

”سنڌ ۾ ترقي پسند نظريو 1940ع کان سنڌي ادب جي زينت بڻيو. هيءُ ادب تفريح کان وڌيڪ مقصد جو حامي ادب هو، جنهن عام ماڻهن کي سندن بنيادي حقن، جن ۾ معاشي، سماجي ۽ اقتصادي حق شامل هئا، نه صرف انهن کان آگاهي ڏني، بلڪه صدين کان قائم توهم پرستي ۽ انڌن عقيدن ۾ پيڙهيل جاهل، مظلوم ۽ لاچار ماڻهن کي عقليت جي بنياد تي زندگيءَ جي نوَن قدرن طرف مائل ڪري، کين نئين آئيندي لاءِ هلچل جو پڌ پيغام ڏنو. ترقي پسند ادب جو مقصد بيان ڪندي اي جي اتم لکي ٿو ته، ”سنڌ ۾ هيءَ ڏارا مهاپاري جنگ جي وقت 1940ع ۾ نمودار ٿي. هيءَ ڏارا اڇتي وڏندڙ زندگيءَ جي ڏارا آهي، اها آزادي، برابري، امن ۽ آشتي، انسانيت ۽ عقليت، پيار ۽ پرشارٽ جي زبردست حامي آهي، ۽ هر قسم جي پيد پاوَ، وهم پرم، انڌ شرڌا ۽ انڌ وشواس، غلط رسم رواج، تنگدلي ۽ تعصب، بي انصافي ۽ بدنظميءَ جي مخالف آهي. ان جو آديش سماج واد آهي.“ [9]

سنڌ جي نوجوان ليکڪن، ادب جي هن نئين نظريي کي پنهنجي ڪهاڻين توڙي ٻين صنفن جو موضوع بنايو، جنهن ۾ هنن سنڌي سماج جي لڪل عيبن کي وائکو ڪري، سنڌين سان ٿيندڙ سياسي، سماجي ۽ معاشي ناانصافين کي پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو موضوع بنايو.

ڊاڪٽر ريحانه نظير ترقي پسند ادب جي مقصد کي واضح ڪندي وڌيڪ لکي ٿي:

”ترقي پسند ادب جو مقصد ئي اهو هو، ته هو قوم ۾ آزادي، انسانيت ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ سان گڏ، ظلم جي مخالفت ڪرڻ، ۽ محنت ڪش عوام جي صلاحيتن کي مٿپرو درجو ڏيڻ، ۽ اهو جهالت، توهم پرستي ۽ قديم دقيانوسي رسم و رواجن کي عقلي بنيادن سان مسترد ڪرڻ وغيره تي مشتمل هو. انور جي لفظن ۾ ته، ”ترقي پسند لاڙي جا ليکڪ، اديب ۽ پارکو، سماج جو ترقي پسند حقيقت نگاريءَ سان جائزو وٺندا آهن. هو وهم، وسوسن، جذباتيت، نعري بازي، ۽ سستي شهرت حاصل ڪرڻ وارن گرن کان اڪاڻ، اهڙا سچ ۽ حق جا پانڌيئڙا هوندا آهن. هو ادبي محاذ جا سچا انقلابي آهن. هو صحتمند انسان دوست ۽ عوامي ادب پيدا ڪندا آهن، ۽ انسان ۾ موجود ٻن فطري جبلتن نيڪي ۽ بديءَ واري عنصر مان، نيڪيءَ جا پوئلڳ ٿيندا آهن.

ان تحريڪ ٻين زبانن جيئان سنڌي ادب ۾ پڻ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي، جنهن ۾ ٻين ٻولين جي ترجمن سان طبعزاد ڪهاڻيون پڻ ڪثير تعداد ۾ لکيل نظر اچن ٿيون، جن ۾ اديبن پراڻن مدي خارج نظرين ۽ خيالن کي ٽڏي، حقيقت پسند ادب کي پنهنجي قلم جو موضوع بنائي، ان وقت جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي پهلوئن کي مدنظر رکي، عام ماڻهن ۾ نئين جدوجهد ۽ جستجوءَ جو روح ڦوڪيو. ان کانپوءِ انگريزن جنهن طريقي سان هندستان جو ورهاڱو ڪيو، ان تمام وڏي تهذيبي، ثقافتي، لساني ۽ مذهبي ڇڪتاڻ کي جنم ڏنو، جنهن سبب وڏي پئماني فرقي ورانه فسادن کي هٿي

ملي. ڊاڪٽر محمد رضا ڪاظميءَ جي مطابق ته، "دوسری جنگ عظیم کے اختتام پر انگریزوں نے اس وسیع و عریض برصغیر کو اس حالت میں چھوڑ ا تھا کہ اس کے مذہبی' لسانی' تہذیبی اور طبقاتی تنوع میں شدید ٹکراِو کے پورے امکانات موجود تھے"۔

هنن حالتن سنڌي ماڻهن تي ڏاڍا خراب اثر ڇڏيا، جن سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. ان جا مهلڪ اثر به ان وقت جي سنڌي ادب مان نمايان نظر اچن ٿا، ڇو جو لکن جي تعداد ۾ ماڻهو نه صرف بي گهر ٿيا، پر فرقيوارانه فسادن سبب ڪيترائي انسان انسانيت سوز ظلمن جو نشانو بنيا. مذهب جي بنياد تي رٿيل هيءُ ورهاڱو انساني لاشن جي ڍير تي ختم ٿيو، جتي ڪيترائي هار يتيم ۽ عورتون نه صرف بيواهيون ٿيون، پر سندن عزتون پڻ لٽيون ويون. اهڙين حالتن باشعور ۽ درد مند اديبن جي دلين کي تڙپائي وڌو، ۽ انهن رت جي قلم سان انهن دردناڪ ۽ دل آزاريندڙ واقعن جي پڌرائي، پنهنجين لکڻين جي وسيلي ڪئي. پروفيسر غفور ميمڻ انهن حالتن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، "نندي ڪنڊ جي ورهاڱي جا معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري طور تي اثر، نندي ڪنڊ جي سپني ماڻهن تي پيا، خاص طور تي هندو مسلم نفاق ۽ لڏپلاڻ جا اثر ادب تي گهڻا پيا، جنهن جو اظهار هندي، اردو، بنگلا، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ٿيو. اردوءَ ۾ ڪرشن چندر "غدار"، سعادت حسن منٽو "ٽوبه ٽيڪ سنگهه" ۽ "ڪول دو" وغيره شامل آهن. اديبن ورهاڱي جي هاڃيڪار اثرن تي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا. هتان سنڌي هندن کي لڏپلاڻ ڪانپوءِ اتي پهچي، جن تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو، ان جو اظهار موهن ڪلپنا جي ناول 'جلاوطن' ۽ 'تاريخ مان موڪل' مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

انهن حالتن سنڌي ماڻهن توڙي ادب تي جيڪي مهلڪ اثر ڇڏيا، ان جو اظهار پڻ ترقي پسند ادب جو حصو رهيو. ورهاڱي ڪانپوءِ ٻين دردناڪ واقعن کان علاوه سنڌ کي جيڪو سياسي، معاشي بحران سنڌي هندن جي هتان هندستان لڏي وڃڻ سان ٿيو، ان جو ازالو ڪرڻ لاءِ پڻ سنڌين کي سخت جدوجهد جي ضرورت هئي. ڇو ته ڪيترائي تجارتي ۽ ڪاروباري مرڪز، جيڪي هندو برادريءَ جي بدولت هلندا هئا، اهي پڻ هندن پڳڙن مٺ تي وڪڻي، پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي وڃي پرديس وسايو. نه صرف علمي ادبي دنيا ۾، پر اقتصادي ۽ معاشي حالتن ۾ پڻ سنڌ هڪ صدي پوئتي ڌڪجي ويئي. مهاجرن انهن حالتن جو فائدو وٺي، انهن سپني اقتصادي ۽ معاشي وسيلن تي قبضو ڄمائي، سنڌ اندر پنهنجي پوزيشن کي مستحڪم ڪري ڇڏيو. بقول احمد سليم جي ته،"سنده میں صوبے سے ہجرت کرنے والے تاجروں اور ہندو صنعتکاروں جن کی بھاری اکثریت سندھی تھی ان کی جگہ مہاجر کا روباریوں نے سنبھالی. اندرونی تجارت اور صنعتی پیداوار کے بنیادی حصہ پر کنٹرول ان کے ہاتھوں میں آگیا. سندھ کے دستکار جنہوں نے تقسیم کے نتیجے میں نقصان اٹھایا، حکمرانوں کے سنجیدہ امداد پر بیکار انحصار کیا. جاگیرداروں نے مرکزی حکومت کے بعض اقدامات پرناراضگی کا اظہار کیا وہ ہندوں کی چھوڑی ہوئی زمین کے بڑی رقبے مہاجرین کے ہاتھوں منتقلی پر جھنجھلائے ہوئے تھے. مقامی دانشور مرکزی ریاستی اداروں میں سندھیوں کی غیرمتناسب نمائندگی اور غیر سندھی ملازمین کی بھر مار سے نالاں تھے۔

اهڙين حالتن، سنڌ ۾ جيڪو خال پيدا ڪيو، ان کي پرڻ لاءِ ساڃاهه وند طبقي پنهنجي قومي تشخص جي لاءِ ترقي پسند ادب کي هٿيار بنائي، پڙهندڙن ۾ شعوري سگهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ادب جي هڪ اهم خاصيت اها آهي، جو حالتون ڪيڏيون به سنگين ڇو نه هجن، هي هميشه مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن ۾ جدوجهد ۽ تازگيءَ جو احساس اپاري ٿو، کين ڪٽي به مايوس نٿو ڪري، مثال طور ورهاڱي کان پوءِ مقامي باشندن جو وطن ڇڏي وڃڻ جو ڏک، ٻيو وري ادبي دنيا ۾ خال هجڻ جو احساس، ڇو ته ڪيترائي هندو پبلشر به هندستان لڏي ويا،جنهن جي ڪري سنڌي ادب تي مايوسي ڇائنجي ويئي، اهي اهڙا مسئلا هئا، جن مايوس حالتن کي جنم ڏنو. اهو ترقي پسند ادب ئي هو، جنهن کين انهن مشڪلاتن سان وڙهڻ سيکاريو.” [10]

ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي پس منظر ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا نمودار ٿيا، جن سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون بيدار ڪيون. خاص طور تي افسانوي ادب ۾، انهن حالتن ۽ ناانصافين کي ليکڪن سنڌي ڪهاڻين جو موضوع بنايو، مثال طور پاڪستان جي وجود کانپوءِ سنڌ جي حصي ۾ آزادي جيڪي زخم ڪٽي نروار ٿي، انهن ۾ سرفهرست ”ون يونٽ جو قيام“ شامل هو، جيڪو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي لاءِ سپ کان وڏو نقصان ثابت ٿيو، جنهن ۾ سنڌ کي، ”سابقه سنڌ“ جي نالي سان سڏيو ويو. سنڌين کي پنهنجي صدين جي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ٻوليءَ کان محروم ڪرڻ جي هن ڪوشش، سنڌي نوجوان عالمن، اديبن ۽ سياستدانن جي رت کي ٿهڪائي ڇڏيو، ۽ انهن هن جي خلاف پرپور جهاد ڪيو. سڀيئي هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿيا ۽ انهن ان جي خلاف پرپور جدوجهد جو اعلان ڪيو، انهن حالتن جو ذڪر ڪندي رشيد پٽي لکي ٿو ته: ”ون يونٽ خلاف ان جي حمايتين، جاگيردارن سرمائيدارن فوجي ۽ شهري ڪامورا شاهيءَ خلاف سياسي ۽ ثقافتي بنيادن تي تحريڪ زور وٺي ويئي. اديبن ۽ دانشورن جي پيغام تي ۽ سنيهي تي سنڌ جو سجاڳ شاگرد ۽ شهري وچولو طبقو ميدان عمل ۾ نڪري آيو، ۽ سائين جي. ايم. سيد سنڌ جي نجات لاءِ تحريڪ جي علامت ۽ رهبري ڪري، هڪ باقاعده تحريڪ ۽ هلچل جو روپ ڏنو، جنهن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ قاضي فيض محمد وغيره پڻ شامل ٿيا. انهن سياسي دانشورن جي سياسي ادب ۽ ترقي پسند اديبن جي تخليقي ادب، جيڪا سنڌ جي ذهن ۾ ٿوري عرصي ۾ انقلابي سجاڳي ۽ ساڃهه آندي، تنهن جو مثال دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

اتي به سنڌ تي ٽيندڙ ظلمن جي پڇاڻي ڪانه ٿي، پر ان کانپوءِ به سنڌي زبان ۽ سنڌي ماڻهن جي حق تلفي جاري رهي، جنهن ۾ سنڌي زبان کي سنڌ اندر ذريعه تعليم ۽ ذريعهءِ امتحان وٺڻ تي پابندي لڳائي ويئي. ڪراچيءَ کان ڏار ڪري سنڌ کي ڪٽيو ويو. نه صرف ايترو پر، بئراجن جي زمين پنجابي فوجي آفيسرن ۽ ٻين جي حوالي ڪئي ويئي. بقول رشيد پٽيءَ جي ته، ”سنڌ جي بئراجن (ڪوٽڙي،گڏو) جي زمينن کان

سنڌي هارين کي محروم ڪيو ويو، ۽ اهي پنجاب جي فوجي ۽ سِول ڪامورن ۾ ورهايون ويون.

اهڙيون حالتون ڏسي سنڌ جا ساڃاه وند ماڻهو بيدار ٿيا، ۽ انهن انهيءَ حق تلفيءَ خلاف مزاحمت جو آواز بلند ڪيو، جنهن ۾ اسان جا دانشور ۽ اديب طبقو سڀنيءَ کان اول نظر آيو، جنهن پنهنجي تخليقي سرگرمين ذريعي انهن جي خلاف احتجاج جو جهنڊو بلند ڪيو، جنهن ۾ ترقي پسند ادب هنن جو ٻانهن ٻيلي ٿيو. هن نظريي جي پس منظر ۾ ان وقت جيڪو ادب تخليق ڪيو ويو، اهو سنڌي ادب جو بهترين مزاحمتي ادب مڃيو وڃي ٿو. بقول موهن ڪلپنا جي ته، 1956ع ۾ ون يونٽ، جنهن منصوبي تحت سنڌ، پاڪستان جي نقشي تان غائب ٿي ويئي. ترقي پسند دؤر ٻيهر پنهنجي زور سان ظاهر ٿيو، ۽ پوءِ 1970ع تائين نئين سر قائم رهيو. ترقي پسنديءَ وارو اهو دؤر، ثقافتي بچاءَ جو دؤر هو، جنهن ۾ سنڌين جي سيڪيولر ڪردار تي گهٽو زور ڏنل آهي. حڪومت انهن احتجاجن کي ختم ڪرڻ لاءِ هر قسم جا حربا استعمال ڪيا، ايستائين جو هن رت وهائڻ کان به ڪونه ڪيٻايو. 4 مارچ 1965ع تي جيڪو واقعو پيش آيو، اهو انتظاميه جي ان بدحواسيءَ کي ظاهر ڪري ٿو ته ڪيئن سنڌي شاگردن کي سندن جائز حقن لاءِ وڙهڻ تان گوليون هلائي، لاٺي چارج ڪري ماريو ۽ زخمي ڪيو ويو. يوسف سنڌي جيڪو پاڻ ان واقعي ۾ شاگردن سان گڏ هو، لکي ٿو ته: "4 مارچ اسان جي قومي تحريڪ جو اهو روشن ڏينهن آهي، جڏهن صدين جي غلاميءَ جون ڪٽ ڇڙهيل زنجيرون، هڪ ٽڪاءَ سان ڇڄي پور پور ٿي ويون هيون. ڏرتي ماءُ کي رت جو ريج مليو هو. اپ سڃي کي لاک لڳي هئي، مهراڻ جي موجن مان هڪ نئون نڪور نج سج اپريو هو، جنهن جي جوت سموري سنڌ کي جرڪائي ويئي هئي. هر ڪنهن من ۾ نئون جذبو ۽ هڪ نئين امنگ جاڳي هئي.

سنڌي ليکڪن انهن سڀني واقعن کي پنهنجين لکڻين ذريعي ظاهر ڪيو . ادب هميشه پنهنجي ارد گرد جي حالتن ۽ واقعن جو ترجمان رهيو آهي، پوءِ اهي واقعا ۽ حالتون ڪهڙي به نوعيت جون ڇو نه هجن. چاهي سياسي هجن يا سماجي، معاشي هجن يا مذهبي، اديبن هر ڪنهن موضوع تي لکي، ان خلاف آواز بلند ڪيو. جنهن جو بنياد ترقي پسند نظريي قائم ڪيو هو، جنهن جي ذريعي هنن عام ماڻهن ۾ قومي، ثقافتي ۽ سياسي جذبي کي اپارڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪانسواءِ سنڌي اديبن جي مقبوليت ۾، سماجي حقيقت نگاريءَ جو پهلو به ان جي ڪاميابيءَ جو اهم جز مڃيو وڃي ٿو. ايار، نياز ۽ ٻيا سڀيئي اديب ۽ شاعر ان تحريڪ ۾ شامل هئا.

هو هڪ پاسي پرمار طبقي (سرمائيدارن ۽ جاگيردارن) جي غريب اڀوجهه ماڻهن مٿان وسندڙ ظلمن جي نشاندهي ڪن ٿا، ته ٻئي پاسي انهن مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي، انهن پرمار قوتن جي ناانصافين خلاف احتجاج کي پڻ بيان ڪن ٿا. ترقي پسند اديبن جو منشور هو ته ڏاڍي، هيٺي، غريب، امير، سرمائيدار، مزور، هاري، زميندار، عورت ۽ مرد پير ۽ مريد جي ويچن کي مٿائي غير طبقاتي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي

قدرن کي فروغ ڏئي، هڪ اهڙو صحتمند سماجي ۽ معاشي نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ هر هڪ فرد کي هڪ جيترا سياسي، معاشي ۽ اقتصادي حق حاصل هجن. مجموعي طور اهو چئي سگهجي ٿو، ته ترقي پسند ادب جا فڪري ۽ نظرياتي مقصد ساڳيا هئا، جن جو اظهار ترقي پسند ليکڪن پنهنجي پنهنجي انداز بيان، مشاهدي جي قوت ۽ اسلوب سان پنهنجي تخليقن ذريعي ڪيو".[11]

انهن حالتن جي ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ آيل تبديلين لاءِ ڊاڪٽر اسحاق سميجو پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو:

"سنڌي شاعري پنهنجي مقامي مسئلن، حالتن، واقعن ۽ ڪردارن سان گڏ عالمي ۽ آفاقي موضوعن کي به پنهنجن پاڪرن ۾ پريو. محدود موضوعن ۾ وسعت آئي. فڪر ۽ سوچ ۾ عالمگيريت پيدا ٿي. پٽائيءَ جو فڪر "عالم سڀ آباد ڪرين" پڙاڏو ٿي گونجڻ لڳو. آفريڪا کان فلسطين، ڪانگو کان انڊيا، سنڌ کان سوڊان تائين دنيا جا ڏک ۽ سک هڪ ئي مالها جا موتي بڻجي پيا.

6 ۽ 9 آگسٽ 1945ع تي هيرو شيما ۽ ناگاساڪيءَ مٿان آمريڪا ايٽم بم ڪيرايو، ته سڄيءَ دنيا وانگر سنڌ جي سهي جهڙي دل به لرزي وئي. سنڌ جي شاعر حيدربخش جتوئيءَ جي دل مان دانهن نڪتي:

اي آمريڪا ائٽم بام! لعنت توتي صبح ۽ شام!
تو برپا ڪيو قتل عام! توکان ٿيو انسان بدنام!

هيروشيما ۽ ناگاساڪي!
ائٽم تو ڪيو قهر انڌير بستان ٿيو مٽيءَ جو ڍير
بستان ٿيو مٽيءَ جو ڍير خاڪ ٿيا گلرو، گلفام!" [12]

نياز هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ايٽم بم ڪيرائڻ تي تڙپي اٿي ٿو ۽ سندس نظم "ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي" ۾ لکي ٿو:

هالڪ ڏاڍا انگ ڪيا، وڃي عالم جو استاد ٿيو،
هن جو پاڻ پتوڙيو، تنهن مان ائٽم بم ايجاد ٿيو،
ائٽم ڇا ايجاد ٿيو، جڙ خانو ئي برباد ٿيو:
چند تي ڪئي انسان چڙهائي، ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
ڏرتي سان هن ڪانه رهائي، ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
هن سان به ٿيندي ڪار اهائي، ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي."[13]

(ٽماهي مهراڻ، 1-2، 1961، ص-502)

جتي به ظلم ٿئي ٿو، هو محسوس ڪري ٿو ته، اهو خود هن تي ٿئي ٿو. آفريڪا لاءِ چوي ٿو:

انسانن جي تقدير تي قهر جي بجلي ڪڙڪي ٿي،
دِل تنهنجي ڪارڙ ڏڙڪي ٿي!
هيرا جن جي ملڪيت هُئي،
سي بکيا ڏُکيا مظلوم هئا،
ڏاريان ملڪ جا مالڪ، هي ويچارا محڪوم هئا!
هر نعمت کان
محروم هئا!

انسان جو عزم سلامت، انسانيت زنده باد!
تقديرن تي غالب، تدبيرن جي طاقت زنده باد!
ظلم ذلالت مرده باد، ۽ حق و صداقت زنده باد!
آفريڪا جي جانبازن جي پُر جوش بغاوت زنده باد!
انسانيت زنده باد!". [14]

نياز ويٹنام جي لاءِ لکي ٿو:

تون اهو سڄ جنهن تي ظلمت جو نظام اي ويٹ نام!
تون تڏهن پي ڪين ٿين ڪنهنجو غلام اي ويٹ نام!
تنهنجي هلچل ڪئي نه ڪنهن طاقت تمام اي ويٹ نام!
ويٹ نام اي ويٹ نام!

آدميت تنهنجو مسلڪ ۽ مقام اي ويٹ نام!
جنهنجو مقصد آهي آزادي مدام اي ويٹ نام!
مان ادب سان ٿو ڪريان توکي سلام اي

ويڙ نام!
ويڙ نام اي ويڙنام!".[15]

ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو:

" ٿورو غور ڪنداسين ته سنڌ ۾ بلڪه ننڍي کنڊ ۾، شروعاتي ترقي پسندي وسيع ۽ انسانيت پرستيءَ جي بنياد تي هئي، اهو ادب انسان جي معروضي ۽ موضوعي سڀني مسئلن کي کڻي ٿو، پر آهستي آهستي جيئن ترقي پسندي سياست طور آئيڊيالاجي بنجي متحرڪ بڻي، ته بقول ممتاز شيرين جي ته، هڪ مخصوص سياسي آئيڊيالاجي ترقي پسند ادب تي مسلط ٿي ويئي، آخر تحريڪ جو دائرو تنگ ٿي ويو، تان جو اها تحريڪ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو هڪ ضميمو بنجي رهجي ويئي.

اهڙيءَ طرح سياسي نعري بازي ادب جو حصو بنجي ويئي ۽ اهڙن اديبن کي ساراهيو ويو ۽ انهن جي حوصله افزائي ڪئي ويئي، جن ادب ۾ مخصوص سياسي ڳالهه ڪئي ٿي، مان سمجهان ٿو ته اهو رجحان پنهنجي جاءِ تي هو پر ساڳئي وقت حالتون به اهڙيون هيون، جن ۾ اديب مجبور هو ته محبوب جي زلفن، گل ۽ بلبل جي ڳالهه ڪرڻ جي بجاءِ عوام جي ڏک جي ڳالهه ڪري ۽ ظالم خلاف وڙهڻ جي ڳالهه ڪري. جڏهن هر طرف تبديليءَ جو نعرو هجي بغاوت ۽ انقلاب جون ڳالهيون هجن".[16]

نياز همايوني اهڙين حالتن ۾ پنهنجو درد وساري، ڏرتي ۽ ان جي بي حال ماڻهن لاءِ لکڻ شروع ڪيو:

سنڌ موجود حق موجود!
آءٌ نه ڄاڻان ٻولي ٻي، آءٌ نه ڄاڻان ورد ورود.
ذڪر ڪريان ٿو سنڌڙيءَ جو، پڙهان ٿو ان تي لک درود
سنڌ موجود حق موجود!
سنڌ موجود حق موجود!
تنهنجي جذبي ساڻ جيان، تنهنجي مستيءَ منجهه مران،
تنهنجي هستيءَ ساڻ هجان هر ڪا جنبش هر ڪو جمود
سنڌ موجود حق موجود!
سنڌ موجود حق موجود!

سنڌ موجود حق موجود !
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت-197،198)

ڊاڪٽر اسحاق سميجو نياز لاءِ سندس پي ايڇ ڊي مقالي ۾ لکي ٿو:

”نياز همايوني سنڌ جي هڪ اهڙي دؤر ۾ پيدا ٿيو، جنهن کي مان سنڌ جو ئي نه، سموريءَ دنيا لاءِ پاڻ جو زمانو سمجهان ٿو. 1914ع کان 1945ع تائين. دنيا ٻن مهاڀاري جنگين جي ڀيانڪ ۽ بربريت تي ٻڌل حادثن جي مُنهن ۾ رهڻ ڪري، انساني وحشتن ۽ ذلتن جا گڏيل منظر به ڏٺا، ته ان ئي زماني ۾ ذهني ۽ شعوري طور عظيم فتحون به حاصل ڪيون. هن ئي زماني ۾ سنڌ سميت سڄيءَ دنيا ۾ انقلابي تبديلين ۽ تحريڪن جا غير معمولي منظر ڏسڻ لاءِ ملي سگهن ٿا، ته هن ئي دؤر ۾ سنڌ جي عظيم هستين مان ڪن پنهنجي ادب، ٻوليءَ ۽ ثقافت جي جهولي پرڻ جو مقدس ڪم پئي سر انجام ڏنو، ڪِن ابتدائي وکون پئي کنيون ته ڪن پهريان پهريان ساهه کنيا هُئا.

نياز جي نظمن ۾ ترقي پسندن جي ڳائيل سمورن عوامي موضوعن سان گڏ عالمگيريت جو رنگ به گهاٽو آهي. اهڙين نظمن ۾ ”آفريڪا“ سان گڏ ”عظيم استاد، عظيم انسان لينن“ به اهم آهي. مختلف ٻولين جا ڪيترائي ترقي پسند شاعر، مارڪس جي فڪر ۽ لينن جي ڪردار کان ڪافي متاثر ٿيا آهن. نياز جو لينن بابت نظم به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي. ” هن نظم جا هڪ سئو بند آهن. يعني ٽي سئو مصرعون.... ڪامريڊ لينن روسي انقلاب جو باني ۽ عظيم انسان دوست هو. هن جي بيشمار خوبين کي بيان ڪيو ويو آهي. لينن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نه رهيو آهي، انهيءَ نڪتي نياز همايونيءَ کي به متاثر ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته نياز ته پاڻ به قول ۽ فعل جو سچو انسان هو. لينن جي تعليم ۽ جدوجهد کان نياز ڏاڍو متاثر هو...انهيءَ عمل مان نياز جي بين الاقوامي سوچ ۽ وسيع فڪر جي پروڙ پوي ٿي، جنهن جو بنيادي نڪتو انسانيت آهي.

مان سمجهان ٿو ته لينن کي ايڏي وڏي پيٽا سنڌ مان ڪنهن به نه ڏني آهي ۽ اها به منظوم! نياز جو 22 جون 1969ع کان 24 جون 1970ع جي هڪ سال جي عرصي ۾ جوڙيل هيءَ طويل نظم عالمي طور يادگار رهندو.

سلام اي سر زمينِ لينن! تو پاڻ بيشڪ ملهايو آهي،
تو ان جي پيغام ۽ هدايت ۾ مانُ پنهنجو وڌايو آهي،
خراج تحسين ان جي خدمت ۾، جنهن جو لايو سجايو آهي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت – 476)

نياز پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌ جي ڪيترن ئي عظيم تاريخي ڪردارن کي ڳائي، کين امر ڪري ڇڏيو آهي. هن جي شاعري قوميت ۽ پيڙهيل ماڻهو جي جذبن ۽ امنگن جو آواز آهي. هن پنهنجي شاعريءَ کي هڪ ئي عوامي ۽ علامتي رنگ ۾ پيش ڪري، نئين روايت قائم ڪئي آهي”.[17]

نياز روشن خيال ۽ ترقي پسند شاعر هو. هن جي وفات تي لکيل ماهوار سوجهري جي ايڊيٽوريل ۾ تاج بلوچ نياز کي خراج عقيدت پيش ڪندي لکي ٿو:

”نياز همايوني جنهن دؤر جو ماڻهو هو، اهو انقلاب ۽ روشن خياليءَ جي تسلسل جو دؤر هو. مسجدن جي نڪن تي ويهي، ٻاجهر جو ڏوڏو ڇڏيءَ لسيءَ سان ڇپاڙي بي ضميريءَ ۽ غلاميءَ جي ڪوٽن ۾ ڏار وجهڻ وارو دؤر هو. نياز همايوني visionary شاعر هو. شعر ۽ ادب ۾ عڪسن- اهجاڻن ۽ معروضيت جو قائل آرٽسٽ

ڪوشش وٺي نياز پنهنجي فن کي هنگامي قدرن ۽ سطحي نعري بازيءَ جي گدلاڻ کان آجو رکيو هو.
ٽن صدين جي گڏيل فڪري حاصلات، نياز جي فن ۽ شخصيت کي اجاگر ڪيو ۽ هن جيڪو تخليقي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو اهو يادگار رهندو ، هن جا گيت، ماهيا، دوها، نظم، جيڪي هن رياستي جبر خلاف مهاڏو اٽڪائيندي لکيا، انهن جي گونج تيستائين قائم رهندي، جيستائين سماجي بربادي، نامرادي ۽ رياستي سفاڪي جا عذاب قائم آهن. هن بک ۽ افلاس کي ويجهي کان ڏٺو ۽ انهيءَ خلش ۽ اضطراب کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بڻايو. مايوسي هن وٽ ناڪاميت کان به هيٺياهين سطح جو نه قبولڻ جوڳو احساس هئي. مفلسي، تنگدستي ۽ زندگيءَ جي ستم ظريفين جي هوندي به، نياز فنڪار جي اعليٰ سماجي منصب کي برقرار رکيو ۽ سون تي سيڻ نه مڙايا".[18]
نياز پنهنجي نظم 'اي خبردار زمانا' ۾ للڪاريندي چوي ٿو:

توکي طاقت تي يقين آهه ته يلغار تي ايمان اسان جو
تو ڏٺو ناهه اجا تائين جگر ڦاڙ ڪو جولان اسان جو
آسمان ڏيندو گواهي ته گهٽڻ وارو نه گهمسان اسان جو
تنهنجي ٻيڙيءَ کي ڪندو غرق سڏو سير ۾ طوفان اسان جو
عزم آهه پنهنجو اُهو اُن کان ڪبو ڪين ڪڏهن عار زمانا!

اي خبردار زمانا
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص-261)

سنڌ جي خلاف ڪنهن ڏاڍائيءَ تي نياز خاموش نه رهيو ۽ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪندو رهيو، پروفيسر نظير سومرو لکي ٿو:
"ون يونٽ ٺهڻ سان سنڌ کي اٽڪٻٽيا ۽ ايترا ته نقصان رسيا جو ڪاٿو ئي نٿو ڪري سگهجي. ان جو ازالو سنڌ کي ايندڙ صدين ۾ ملندڙ فائدا (اگر مليا ته) به ڪو نه ڪري سگهندا. اهي نقصان، نقصان ئي رهندا، پر ون يونٽ ٺهڻ سان سنڌ کي ايترو فائدو ضرور پيو، جو سنڌي شاعري چوپيل، چوسيل ۽ چٻاڙيل موضوعن ۽ لفظن کان آجي پاجي ٿي، ويس وڃا پائي، نج پچ سنڌياڻي ٿي ويئي ۽ ان ۾ نئون لهجو، نئين سوچ ۽ جديد طرز آئي.
جن شاعرن نون لاڙن هيٺ منفرد لهجي ۾ شاعري ڪئي، تن ۾ نياز همايونيءَ جو نالو وڏي اهميت وارو آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي سياسي مسئلن کي ذاتي درد سمجهي، سُورن جو اظهار ڪيو ۽ وڏو ادبي ۽ سياسي ڪارج پورو ڪيو." [19]

انهيءَ قهري دؤر ۾ نياز همايوني پنهنجي سانگيئڙن، پنهنجي ماروئڙن ۽ پنهنجي پياري سنڌ جي تصوير هيئن ٿو پيش ڪري:

الا منهنجي سنڌڙي جا هر دؤر ۾، پنهنجي مارئيءَ جان ٻئي جي محڪوم آهي
نڊٺڪي نماڻي ٿي گهاري سدائين ٽيل سپني حقن کان محروم آهي
ڏکيا ڏينهڙا منهنجي ماروئڙن تي، سندن حال چورن جيان مظلوم آهي

هي آهه سنڌ ۽ ان جي سانگين جي تقدير، جي اڄ زماني جي آئيءَ ۾ آهن
گلابن جان معصوم جن جي طبيعت، اهي تيز ڪنڊن جي گهائيءَ ۾ آهن
حياتي کان بيزار، خاموش گم سم، نه ڪنهن جي سڙي ۽ نه سائي ۾ آهن

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص 218 ۽ 229)

عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

"پرهه ڦٽيءَ کان پوءِ"، "ون يونٽ" واري سانحي تي لکيل آهي. اُن جي حامي ۽ مخالف ڪردارن کي مور، هرڻ، بگهڙ ۽ گدڙ جي روپ ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي. هيٺ ڏنل ٽن بندن ۾ "ون يونٽ" ('وحدت') جي جوڙجڪ (قومي رياستن جي خاتمي) جو سڄو پسمنظر بيان ڪيل آهي. علامتي ڪردارن جي اڪيل جي ضرورت ئي نه آهي:

ٿوري وقت کان پوءِ گدڙ کي، "بگهڙ" گهرايو مانُ ڏئي،
'خانبهادر'! ڳالهه ڪيانءِ ٿو، هڪڙي ٻڌجانءِ ڏيانُ ڏئي،
گدڙ وراڻيو: نوڪر آهيان، رهندس تانَ تي تانُ ڏئي.

سُس پُس ۾ هِن هُن کي چيو ڪجهه، "گدڙ"، "بگهڙ" سان گڏجي ويو،
لالچ تي بئيمان ٿي آخر، "خانبهادر" ٽڳجي ويو،
صبح ٽيڙ تي سپ کان اول، ڏُهل تي هوڪو هلجي ويو.

"اِجها ٻُڌو هئي ڳالهه ٿي آهي فيصل جا اڄ راتِ ميان!
"جهنگ" سڄي کي گڏجي ڪجي ٿو، "وحدت" ۾ يڪذات ميان!
پاڻ کي "ڪثرت" کين ڪپي، بس! برتر پنهنجي باتِ ميان!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 373)

"بگهڙ" ڪير هو ۽ "خانبهادر"، "گدڙ" ڪير هو؟ "جهنگ" ۽ "ڪثرت" ڇا جي علامت آهن ۽ "وحدت" ڇا جو اُهڃاڻ آهي؟ هر باشعور سنڌي سمجهي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح ون يونٽ مخالف ڪردار، ۽ اُهي اڳواڻ/رهبر، جن ون يونٽ جي خلاف هلچل هلائي، انهن ڪردارن جي بيان ۽ بيان دؤران شاعراڻين ترڪيبن جي استعمال ۽ ون يونٽ ٽٽڻ واري موقعي واري منظر تي نظر وجهجي ٿي، ته نياز همايونيءَ جهڙي باڪمال شاعر جي فڪري بلنديءَ ۽ فني وسعت ۽ پختگيءَ کي داد ڏيڻو پئجيو وڃي."[20]

"هرڙ" جي ورنديءَ کيو پڙاڏو: وقت اسان جو آهي،
سخت رهيو جو پاڻ ته اُن جي لاءِ رويو سخت آهي،
اسان کي گهرجي کين غلامي، آزاديءَ جو خفت آهي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 380)

هل ته هاڻي "مور" جي ناچ تي جشن ملهايون جانب ٽي،
هيج ڪئي آ هَلم هَلا، مستي وئي آ غالب ٽي،
آڇو ته جُنبي "جشن" ملهايون، غاصب ويا سپ غائب ٽي.

هرڙ هلائي هلچل هِئن ۽ هيئن اُنهيءَ جو مهت ٽيو،
همّت سان آزاد ٽي آخر، خوشحال ۽ خُوش بخت ٽيو،
يارَ "نياز" اُٽي ته هلون بس! آکاڻيءَ جو انت ٽيو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 382)

عبدالواحد آريسر "ڏرتيءَ جا گيت" جي مهورتي تقريب ۾ پڙهيل مقالي ۾ چوي ٿو:

"سنڌ جي جديد شاعري، 1945ع کان هيستائين اٽڪل اڌ صديءَ جو عرصو پورو ڪري چڪي آهي. انهي ڊگهي عرصي ۾ ڪئي قوم پرست توڙي ترقي پسند شاعر نون قدرن جا حامي بڻجي اڀرندا رهيا، جا ڳالهه سنڌي ادب جي آئيندي لاءِ نهايت شانائتي ثابت ٽي. ان مان نه صرف اسان کي قومپرستيءَ جا جديد جذبا ۽ نظريا نصيب ٽيا، پر زندگي جي صحيح معيار جي پڻ پرک پئجي ويئي. ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ کي اهي افادي موضوع ملندا رهيا، جيڪي وقت جي تقاضائن مطابق تمام اهم هئا. خاص ڪري حب الوطني ۽ انسان دوستي جي جيڪا تبليغ ۽ تائيد ٽيندي رهي، تنهن ته هيڪاري جديد شاعريءَ کي لازوال بڻائي ڇڏيو.

هن شاعريءَ ۾ فڪر جي اوج سان گڏ فني عروج به پنهنجي رعناين ۽ رنگينين سان موجود نظر اچي ٿو. روايتي علم عروض ۽ اوائلي چند وديا جا جيڪي به اصول ۽ اسلوب آهن، تن کي نئين انداز سان برقرار رکندي، هڪ اهڙي نرالي ترڪيب عمل ۾ آندي ويئي آهي، جا پنهنجي جاءِ تي اعجاز ۽ ايجاد جي حيثيت رکي ٽي. انهي لحاظ کان مجموعي طور جديد شاعري پنهنجو مثال پاڻ ليکجڻ ۾ اچي ٽي.

نياز صاحب جي شاعري ڏارين جي حڪمراني ۽ پنهنجن جي غلاميءَ واري دؤر ۾ انقلابي انداز ۽ بغاوت جي آواز ۾ اسري، قومي تحريڪ سان هم آهنگ ٽي، هر انهي صداقت جو ساٿ ڏيندي رهي، جيڪا وطن جي آزاديءَ جي عشق ۾ سر ڏڻ جي بازي لڳائي، غلاميءَ جي زندگيءَ جا زنجير ٽوڙڻ واسطي پاڻ پتوڙيندي پئي آئي." [21]
اهڙي حالت ۾ نياز همايوني به کيئن ٽي ماڻ ڪري ويهي سگهيو. لکي ٿو:

جانبازو! جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو، بيدار ٿيو!
قوم ۾ آٿيو سجاڳي، پاڻ پي غفلت ڇڏيو، بيدار ٿيو!
جانبازو! جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو.

ڪنهن به غيرتمند کي ناهي گوارا هي غلاميءَ جو جيئڻ،
ذلتن جي زندگيءَ کان بهتر آهي، مرد ميدان ٿي مرڻ،
مرد ٿي مهمير بڻجي مشڪلن سان منهن ڏيو بيدار ٿيو.
جانبازو جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص-189)

يا آزادي کانپوءِ جڏهن قومن جي حق تلفي ٿيڻ لڳي، ته نياز خودساخته حڪومتي اڳواڻن کان پڇاڙو ٿو ڪري، چوي ٿو:

ملڪ جو مذهب جي نالي تي ڪيو حاصل اوهان،
پنهنجي مقصد کي انهيءَ ۾ ڇو ڪيو شامل اوهان،
يوم آزاديءَ جي موقعي تي ٻڌايو قوم کي،
هي سياست آ ڪهڙي، ڪنهن رلايو قوم کي!؟

رهنمائو!
قوم اوهان کان
ٿي پڇي ورندي ڏيو!

عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

”نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي تاريخ جي انهن ڏڙيل پکڙيل ٽڪرن کي گڏ ڪري، کين هڪ زبان، آواز ۽ للڪار ڏني آهي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي تاريخ جا ورق ائين ٽا پاسجن، جيئن ڪنوار کي پاتل گج تي موتيءَ داڻا نياز جي شاعريءَ ۾ جيتري سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بيان ٿيل آهي، انهيءَ جو ڏهون حصو به موجوده سنڌيءَ شاعريءَ ۾ مشڪل سان ملندو، انهي ڪري هڪڙي تنقيد نگار چيو هو، ته نياز سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جو شاعر آهي، سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب سان والهانه پيار ۽ ان ڏرتيءَ سان اڪٽ محبت، نياز جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به جهڪا نه ٿيا آهن. سنڌ جي موجوده ادبي مجلس ۾ نياز شايد اڪيلو شاعر آهي، جنهن جي شاعري شروع کان وٺي رجعت پسنديءَ ۽ ذهني انتشار جي بدبوءَ کان پاڪ صاف، سڌي قوم پرستيءَ جي واٽ تي نمايان حيثيت ۾ هلندي آئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ آزادي، انسانيت، دوستي ۽ وطن پرستيءَ جا جوهر، ان وقت به نروار هئا، جڏهن هو اجا ڪپرو نوجوان هو، ملڪ تي سامراجيت بدڪار عورت وانگر پنهنجي مڪر ذريعي، مسلم ليگ جي صورت ۾ ڪا مصيبت آڻڻ واري هئي، ان وقت نياز همايوني ساٿين کي للڪاريندي چيو هو ته:

اٿو اٿو جو زمانو ٿو جنگ جنگ ڪري،
هي ظلم جبر ٿو روحن کي تنگ تنگ ڪري،

وڃايو دهل بغاوت جو ڏنگ ڏنگ ڪري،
وڏو اڇتي ۽ رهو ان کي دنگ دنگ ڪري،
هي وقت آهِ اجتناب مرده باد،
لڳايو نعرو، چئو، انقلاب زنده باد!

پوءِ جڏهن اڇي سامراج جي جاءِ ڪاري سامراج والاري پائپ جي جاءِ پان ورتي. ۽ ننڍو کنڊ انساني آبادين جي اتل پٽل جي هاڃيڪار ڏوڙ ۾ داخل ٿيو، ۽ سنڌ جو مسلمان ڏٽن تي هرکجي نچڻ لڳو، ته نياز اهڙي دؤر کي آزاديءَ جي صبح بجاءِ غلاميءَ جو غبار سڏيو ۽ اهڙي بهار کي خزان چئي، ان جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

هڪ شاعر جي حيثيت سان نياز جو تعلق سرنهن جي گل، پيچ پنيءَ جي خوشبو، چشمي جي چانڊاڻ، سپني ۾ معصوم جي مرڪ، يادن ۾ محبوب جي مشڪ، پنهنجين خوشين، تلخين، انسانيت جي دکن، دردن ۽ مظلوم جي فرياد سان به آهي، پر سپ کان وڏو اتم ۽ اڻ ٽٽ تعلق مادر وطن سنڌ، ان جي تاريخ ۽ ان جي عظيم مگر اڻوجهه عوام جي شاندار مستقبل سان آهي.

هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انسانيت جي تباهيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيا آهن. هن ويٽنام جي سڙيل لاشن جي رک کي پنهنجي لاءِ خاڪ شفا کان مقدس سمجهيو آهي، ۽ بنگال جي قتلِ عام وقت نياز چيو هو ته:

”آئون ايئن پيو سمجهان ته منهنجي ڏات جي هر سٽ کي ڦاسيءَ جي ٽياس تي ٽنگي، ان جي سيني ۾ سنگين ٽنبي ويئي آهي.“ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ آفريڪي ڪارن جي اندر ۾ جهاتي پائي، سندن سچ ڪوڏين جهڙين دلين سان رهاٽيون به ڪيون آهن ته لومبا جي رت مان نڪرندڙ انقلابي جوت کي سيس نمائي سلام به ڪيو آهي، ليڪن جڏهن به سنڌ جو سوال سامهون آيو آهي، ته هن جو قلم ۽ ذهن انتهائي قوم پرست جو روپ اختيار ڪري چئي ٿو ڏئي ته:

منهنجي ڏرتي جو گنهگار نه بخشيو ويندو،
ڪوبه غاصب، ڪوبه غدار نه بخشيو
ويندو.

اهڙي وقت ۾ هو پنهنجي وجود ڏات ۽ خواهش کي لکين عوام جي آرزوئن ۽ امنگن سان گڏي هڪ ڪري ٿو؛ پنهنجو آواز لکن مظلوم انسانن جي آواز سان ملائي، پنهنجو هٽ انهن جي هٽن ۾ ڏيئي، ساٽن گڏ پنهنجي لافاني شاعريءَ جي موتيءَ داڻن کي سنڌ جي ادبي زمين ۾ ايئن ڇٽيندو وڃي ٿو، جيئن اسر ويلي هاري زمين ۾ ڄج ڇٽيندو آهي.

هو ڪنهن سچل، سامي ۽ پٽائيءَ کي ڦاهيءَ چڑهڻ لاءِ اڇتي وڌائي، پاڻ پوئتي نه ٿو ٻيهي، پر هو ڪرڙ، ڪنڊي ۽ لوو سان گڏ آزاديءَ جي راهه ۾ اڇتي وڌڻ ٿو چاهي، ۽ اهو ئي سندس شاعريءَ جو ڪمال آهي: ”ڇو ته جيستائين ڪرڙ، ڪنڊو ۽ لوو هن

ڏرتيءَ تي موجود آهن، تيسين سندس شاعري به پنهنجي آب و تاب سان چمڪندي رهندي، مهڪندي رهندي ۽ سنڌ جي واهڻ واهڻ ۾ ڏيائين وانگر جرڪندي رهندي."[22]

ادبي سياسي ميڙن، جن نياز همايونيءَ جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، اهڙي هڪ ميڙ جو ذڪر عبدالواحد آريسر ڪندي لکي ٿو:

"گهٽو ڪري 68-1967 جو زمانو هو، آءٌ مدرسي پيندي مان خارج (Rusticate) ٿي، حيدرآباد ۾ اچي سهڙيو هوس. منهنجي پيندي مدرسي چڏڻ جو بنيادي ڪارڻ منهنجا قومي خيال هئا. اُن ڪري حيدرآباد پهچڻ کان پوءِ مون لازميءَ طرح اُنهن سرگرمين ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو، جيڪي قومي تحريڪ جي پليٽ فارم تان جاري هيون. اُن وقت ايوبي آمريت پوين پساهن ۾ هئي، ذوالفقار علي پُٽو اولهه پاڪستان ۾ آهستي آهستي اُپري رهيو هو، ۽ سنڌ جي پڙهيل لکيل حلقن ۾ 'ون يونٽ' جي خلاف قومي غيرت جو هڪ طوفان برپا هو. اهو طوفان ادبي ميدان تان اُٿيو هو ۽ اُن جي تيزيءَ ۽ توانائيءَ جو ضامن ۽ سنڌي جرئت منديءَ جو اُهجاڻ، سنڌي شاگرد هئا ۽ انهيءَ پوري حلقي جو آئيڊيل سائين جي. ايم. سيد هو، جنهن 1966ع ۾ 'بزم صوفياء سنڌ' جي جهنڊي هيٺ پنهنجين علمي، ادبي ۽ نظرياتي تقريرن ذريعي پڙهيل ماڻهن ۾ قومي غيرت جو جذبو اُپاريو هو. انهيءَ جذبي کي ادبي ميدان ۾ جن اديبن ۽ شاعرن پکو پختو بنايو هو، تن ۾ نياز همايونيءَ جو نالو سرفهرست آهي. ان دؤر ۾ هُو سنڌ جي ٻن وڏن شاعرن (اياز ۽ نياز) مان هڪ ليکيو ويندو هو.

عبدالواحد آريسر چواٽي سنڌي شاگردن جي گڏيل ڪوشش سان بسنت هال حيدرآباد ۾ سنڌ جي سورمي 'هوشو شيديءَ' جي ورسي ملهائي وئي، جنهن ۾ ڪراچيءَ کان ڪوڪراپار، ڪشمور کان ڪارونجهر تائينءَ جا سمورا سنڌي شاگرد، ترقي پسند اديب ۽ شاگرد، قومي ڪارڪن ۽ هاري اڳواڻ شريڪ ٿيا هئا. تقريرن واريءَ نشست جي صدارت ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ ۽ مشاعري واري نشست جي صدارت سنڌ جي مشهور ترقي پسند شاعر شيخ اياز ڪئي هئي.

اهو موقعو هو، جڏهن مون پهريون پيرو سنڌي عوام جي بي مثال اتحاد جو مظاهرو ڏٺو، جيڪو زندگيءَ ۾ ڪڏهن به وسري نه سگهندو. سنڌي ادب جا انتهائي روشن ستارا ۽ سنڌي شاگردن جا انتهائي جوشيلا اڳواڻ اُتي موجود هئا. بسنت هال پنهنجي پوريءَ تاريخ ۾ شايد ئي ڪڏهن اهڙو ميڙ ڏٺو هجي! اتي مون پهريون پيرو سنڌي زبان جي بي مثال مقرر حفيظ قريشيءَ کي ٻڌو، رسول بخش پليجي جي لفاظي محسوس ڪئي، جام ساقيءَ ۽ مير ٿيٻي جا مارڪسي لاڙا پروڙيا ۽ سنڌ جي هارين جي عظيم هڏ ڏوکي ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي خيالن کان واقف ٿيس. ون يونٽ جي خلاف سنڌي عوام جي دلين ۾ ٻرندڙ باهه جون ڇيِيون ڪنهن قهري ڪوٽ کي ساڙڻ لاءِ وراکا ڏئي رهيون هيون. اهڙي موقعي تي جنهن به ماڻهوءَ کي آمريت ۽ ون يونٽ جي خلاف ڪجهه ڪيو يا لکيو ٿي، سو هڪدم سنڌي ماڻهن جو هيرو بنجي ٿي ويو.

بسنت هال جي ’هوشو ڏينهن‘ ۾ نياز همايونيءَ کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي، انهيءَ جلسي جي مشاعري واري نشست ۾ نياز همايونيءَ پنهنجو مشهور نظم پڙهيو هو:

آزادي اعلانُ آسان جو، سُوري پل سينگار ڪري،
’مرويسون پر سنڌ نه ڏسيون‘، هوشوءَ جيان للڪار ڪري!

سنڌ جو موضوع، شاعريءَ جي بلندي ۽ اُن سان گڏ نياز همايونيءَ جو دل ۽ دماغ کي گهائل ڪندڙ ترنمُ، سفيد ڪاڏيءَ جي شلوار، قميص ۽ مجيب ڪٽ جيڪٽ ۾ مرڪندڙ چهري ۽ ذهانت سان پرپور گهرين اکين وارو نياز همايوني، پنهنجي ٺاهيل مخصوص ڍُن ۾ شعر پڙهي رهيو هو. پوري هال تي خاموشي طاري هئي. رڳو ڪنهن ڪنهن وقت نياز جي سُر سان گڏ هال مان اُپرندڙ تاڙين جو ترنم ۽ اُن سان گڏ ڪن هٿن جي تاڙين سان مليل چوڙين جي چنڪار، ماحول تي هڪ قسم جو سحر طاري ڪري ڇڏيو هو. مون اِئين محسوس ڪيو ته عوام سان گڏ بسنت هال جون تاريخي ديواريون به جُهومي رهيون هيون. آسمان شاعر جي جن جذبات جي گهرائيءَ ۽ سچائيءَ اڳيان جهڪي آيو هو. ستارن جي اکين ۾ ڪائي انوکي مرڪ ليئا پائڻ لڳي هئي. زمين تي انسان، ڏرتي سان پنهنجي رشتي جو ازلي ۽ ابدي اعلان ڪري رهيو هو ته آسمان ۾ ستارا رقص ڪري رهيا هئا. ڪنهن نا معلوم ڪائنات ۾ فرشتن کان حمد و ثنا جو ترانو وسري ويو هو. فضا ۾ انساني آواز ۽ لفظن جي جادوءَ جو نشو طاري ٿي ويو هو. حيدرآباد جو شهر پنهنجي پوري تاريخي حيثيت، اهميت ۽ عظمت، سمورين خوبين، دلڪشين ۽ دلنوازين، تاريخ جي مڙني فتحن ۽ شڪستن سان پنهنجي فرزند جي لافاني گيت کي ٻڌڻ لاءِ ايئن متوجه هو، جيئن پهرين رات ڪنوار، پيار جي ٻولن ٻڌڻ لاءِ آتي هوندي آهي.

اُن رات نياز جيڪي شعر پڙهيا ، تن جا ڪي حصا ۽ جملا اڃڪتي هلي سنڌ جي قومي تحريڪ جي جاندار نعرن جي صورت اختيار ڪري ويا. اڄ جيڪڏهن فسلطين جا شاگرد سنڌيءَ ۾ ڪو پوسٽر ڇپائيندا آهن ته ان جو عنوان هوندو آهي نياز جي شعر جو هيءَ ٽڪرو: ’آزادي اعلان اسان جو‘ يا اهو هر سنڌي جلسي جو به نعرو آهي، پوءِ اهو ڪٽي روسي ڪميونسٽن جو جلسو هجي يا چيني ڪميونسٽن جو يا صرف قومپرستن جو.

اهو هو نياز همايوني کي منهنجو پهريون پيرو ڏسڻ جنهن دل ۽ دماغ تي نه صرف گهرو اثر ڇڏيو، پر ان سان گڏ انهي ڳالهه تي به ايمان آڻڻو پيو ته واقعي شاعريءَ ۾ جادوءَ جو اثر هوندو آهي.

هن جي شاعري پهريون پيرو ٻڌڻ کان پوءِ مون کي صحيح معنيٰ ۾ معلوم ٿيو ته نئين سنڌي، وطن دوست ۽ ترقي پسند شاعري ڇا ٿيندي آهي ۽ اُن جي مزاج ۽ آهنگ کي ڪهڙيءَ ريت قومي اُمنگن ۽ اُڌمن سان پرپور بنائي سگهجي ٿو.

سنڌ جي جديد شاعرن کي پڙهڻ کان پوءِ مون کي خبر پئي، ته ملڪ جي ورهاڱي ۾ انگريزن جي وڇڻ کان پوءِ سموري برصغير ۾ بهترين ۽ لازوال شاعري صرف سنڌي زبان ۾ ٿي آهي، جيڪا نو آبادياتي نظام جي زنجيرن ۾ جڪڑيل عوام جي تخليقي شعور جي زوردار گهن گرج آهي. اها شاعري، انهن جي احساسن ۽ امنگن جي ترجمان آهي. اُنهن سنڌي شاعرن ۾ نياز همايوني سر فهرست آهي. هن جون شاعرانه عظمتون، هڪ مختصر ٽولي ڇاڻي واڻي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وقت جي ستم ظريفي وري هيءَ، جو پروپيگنڊا ۽ نشر و اشاعت جا سمورا وسيلا ۽ ذريعا، انهيءَ ننڍڙي مختصر ٽولي جي هٿ ۾ هئا ۽ آهن. هو هڪ ئي وقت رجعت پسندن ۽ سنڌي ادب جي دستار بندن جي انتظامي ڪارروائين جو نشانو بنيل رهيو آهي. جيتوڻيڪ سنڌي زبان جي جديد شاعريءَ جي ڪنهن به نقاد لاءِ نياز کي نظر انداز ڪري اڳتي وڌڻ ناممڪن آهي.“[23]

نياز همايونيءَ جي شروعاتي سياسي ۽ سماجي اوسر ۾ سندس خاندان ۽ ڳوٺ ۽ پرپاسي جي ماحول به اهم ڪردار ادا ڪيو. ان وقت مدرسا به سياسي تحريڪن جا ڳڙهه هوندا هئا. انگريزن خلاف تحريڪ ۾ مدرسا اڳيان اڳيان هئا، پيو ته آزاديءَ جي تحريڪ جي رنگ ۾ هاري، مزدور، مطلب ته زندگيءَ جو هر طبقو رنگجي چڪو هو. نياز همايونيءَ جو پيءَ به هاري هو ۽ هو به ذهني طرح ان تحريڪ کي قبول ڪري چڪو هو.

مرزا فياض علي بيگ لکي ٿو:

”نياز جو والد باصلاحيت، انسان دوست، محنتي هاري هو، هارپو بلڪل حلال جو پورهيو آهي، بشرطيڪه هارپو محنت ۽ سچائي سان ڪيو وڃي. قائم الدين پنهنجي پٽ کي تعليم ڏيارڻ جو پڪو پهه ڪيو ته ان سلسلي ۾ نياز مختلف مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪئي. نياز ننڍپڻ کان ئي قومي خيال رکندڙ هو. شڪارپور انهن ڏينهن ۾ سياستدانن قومي ڪارڪنن ۽ قومي ورڪرن جو ڪنهن حد تائين مرڪز هو. وقت به وقت شڪارپور ۾ جلسا جلوس به ٿيندا هئا، نياز انهن ۾ محمد صالح عاجز جي مدد سان شريڪ ٿيندو هو. نياز صاحب جي والد ڪڏهن به پٽ کي انهن جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ کان منع نه ڪئي. پاڻ سندس همت افزائي ڪندو رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ جيڪي به سڄي هندستان جا سياستدان ۽ ليڊر شڪارپور ۾ آيا، تن سڀني کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو هن کي چڱو وجهه مليو. انهن جلسن ۽ جلوسن ۽ تحريڪن جو هن جي طبيعت تي سٺو اثر ٿيو. ان دؤر ۾ ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ وڏيون پارٽيون بلڪل عروج کي پهتل هيون. نياز ڪانگريس پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، انهي پليٽ فارم تان پنهنجي قومي نظمن جو پرچار شروع ڪيو. حيدر بخش جتوئيءَ جي ڪوشش سان هن هاري تحريڪ ۾ پڻ حصو ورتو، مگر عملي طرح نه، فقط رواجي طرح ميٽنگن، جلسن جلوسن ۾ شرڪت ڪرڻ جي حد تائين. پاڪستان بنجڻ کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽي سنڌ ۾ پر پکيڙڻ شروع ڪيا، نوجوان اديب شاعر قدري ان ۾ حصو ونڊ لڳا نياز به قدري ان پارٽيءَ ۾ شامل

رهيو. انهي دؤر ۾ ترقي پسند اديبن جو ٽولو ميدان ۾ نڪري نروار ٽيو، ان ۾ نياز همايوني به شامل هو، ۽ اتان ان جي قومي شاعري پروان چڙهي."[24]

نياز جي شروعاتي سياسي اوسر لاءِ عبدالواحد آريسر وڌيڪ لکي ٿو:

"نياز همايونيءَ جي شروعاتي سياسي اوسر، محمد صالح، عاجز جي صحبت سبب 'ڪانگريس' جي جهنڊي هيٺ ٿي. ان ڪري ڪيس مهاتما گانڌي، مولانا آزاد ۽ جواهر لال نهروءَ سان جذباتي وابستگي رهي آهي.شهيد سنڌ الهه بخش سومرو ۽ سوامي انگند ديو سندس لاءِ آدرشي انسان رهيا آهن." [25]

"نياز بنيادي طرح سوشلسٽ خيال ۽ لاڙا رکندڙ هو، پر سندس سوشلزم تي بين الاقواميت کان وڌيڪ سنڌي قومي رنگ چڙهيل هو. ان ڪري سندس ادبي تخليقن ۾ ڪڏهن به سنڌ جي محبت جهڪي ۽ جهيڻي نه ٿي آهي. هو فطري ۽ فڪري طور هڪ قومي شاعر هو، انهي ڪري هڪ شاعر جي حيثيت ۾ هن پنهنجي دؤر جي هر جارحيت ۽ برائيءَ خلاف نه صرف مزاحمتي شاعري تخليق ڪئي، پر عملي طرح به ان خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. هو سنڌ کي هر ڳالهه تي اوليت ڏي ٿو چوي ٿو:

سنڌڙي منهنجي ماءُ! او منهنجي جيجل! تو تان گهور ٿيان،
شال نه ٿيان غدار سندءِ، پل ڏاڪو ٿيان يا چور ٿيان.

"وقتي پيدا ٿيل ڏکيائين جي ڪري ٻين سان گڏ شاعر به اثر ۾ اچي وڃي ٿو، پر فرق اهو آهي ته ٻيا پاڻ کي بيوس سمجهي، هر ڳالهه نظر انداز ٿا ڪري چڏين ۽ شاعر مجبورين جا بند ٽوڙي ميدان ۾ اچي ٿو ۽ ڏارين جي جبر ڪوشيءَ کي نروار ڪري، پنهنجي قوم کي بيداريءَ جو پيغام ٿو پهچائي."[26]

هر دؤر جي شاعر کي پنهنجي دؤر جون سياسي ۽ سماجي حالتون ملنديون رهيون آهن، ۽ پوءِ هو پنهنجي خيالن جو اظهار پنهنجي لفظن جي صورت ۾ سماج سان سلينڊو رهيو آهي، تنهن ڪري سماج پنهنجي ڏرتيءَ سان بيحد محبت ڪندو رهندو آهي. سنڌ جي تاريخ ته تلخ حقيقتن سان ڀري پيئي آهي. ڪيئن نه ڦورو طبقن هن ڏرتي جي مسڪين ۽ دنيا تائين محبت جو پيغام ڦهلائيندڙ پريت جي پيمبرن جي رت سان هوليون کيڏيون آهن. وقت به وقت سنڌ جي ڪک ۾ خنجر هڻي، ان جي امن، پيار ۽ رواداريءَ واري سوچ کي ريزه ريزه ڪرڻ جون پرپور ڪوششون ڪيون ويون. ان جي محبت، پيار ۽ پائيچاري واري نظريي کي ختم ڪرڻ لاءِ عالمي سازشون ٿيندیون رهيون، حالانڪه ڪنهن کي به سنڌين جي رواداري ۽ پائيچاري واري نظريي کان خطرو ڪونه هو. تڏهن به هن ڏرتيءَ تي ڪيترائي حملا ڪيا ويا آهن. ڪڏهن سندن علم ۽ ادب جي ذخيرن کي باهيون ڏيئي ساڙيو ويو، ته ڪڏهن ماڻهن جي زندگين کي اجيرن بڻائڻ لاءِ سياسي ۽ ادبي حوالي سان سنڌ سان جيڪو ماڻيلي ماءُ وارو ورتاءَ ڪيو پئي ويو، ان تي سنڌي ماڻهن ۾ ڳٽتيءَ واري صورتحال پئدا ٿي چڪي هئي، نه صرف ايترو پر هر معاملي ۾ سنڌي ماڻهن کي جاڻي واڻي پوئتي ڌڪڻ جون

ڪوششون جاري هيون. آخرڪار 14 آڪٽوبر 1955ع تي ون يونٽ جو قهري قانون آندو ويو، جنهن ۾ صوبائي پولين جي حيثيت سميت صوبن جي به حيثيت کي ختم ڪري، هڪ ملڪ پاڪستان بنايو ويو. اِهي وار سنڌين ۽ سنڌي پوليءَ تي جاري هئا ته مٿان وري 1958ع ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان مارشلا به، لاڳو ڪري ڇڏيو هو، جنهن ۾ اظهار جي آزاديءَ سان گڏ سمورن انساني حقن تي پابندي لاڳو ڪئي ويئي. اڳتي هلي رٽائر فوجين کي سنڌ ۾ زمينون ڏيئي آباد ڪرڻ جهڙا منصوبا ٺاهيا ويا. ننڍين قومن، سنڌي، بنگالي، پٺاڻ وغيره گڏجي ون يونٽ خلاف پرپور آواز اٺاريو. انهن جي آواز کي دٻائڻ لاءِ مختلف قانون ٺاهيا ويا. ايوب خان صدارتي نظام کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ اليڪشن جو اعلان ڪيو. جنهن جي مقابلي ۾ عوامي ليگ محترم فاطمه جناح کي ايوب خان جي سامهون مضبوط اميدوار طور آندو، پر اها اليڪشن حڪومتي مشينريءَ کي استعمال ڪري ايوب خان کٽي، انهي دؤران پوليءَ وارو مسئلو سنگين کان سنگين تر ٿيندو پئي ويو. اسان جي اديبن انهي مسئلي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هر محاذ تي جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

سنڌي پولي ۽ ادب تي اهو نهايت ئي ڏکيو دؤر هو. اسان جا اديب شاعر علمي ۽ عملي ٻنهي محاذن تي وڙهي رهيا هئا. نياز هايوني انهن مان پهرين صف ۾ بيٺل هو. جڏهن شريف ڪميشن وسيلي سنڌي پولي تي حملو ڪري، سنڌ جي سڃاڻپ کسڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، ته سنڌي اديبن، شاعرن ۽ عالمن، سنڌي ادبي سنگت جي پليٽفارم تان مزاحمت ڪئي. اهي سياسي، سماجي حالتون ۽ لاڙا نياز همايونيءَ جي اکين اڳيان رونما ٿي رهيا هئا. هڪ حساس دل رکندڙ انسان جي اندر جون ڪهڙيون ڪيفيتون آهن، جو هِن کي قلم کڻڻ تي مجبور ڪن ٿيون. پنهنجي ڏرتيءَ ڏٺين کي دلداري ڏيندي هن نظم ۾ نياز چوي ٿو:

اچو ته بي قرار ٿيون:

جو درد مند دل جي واسطي قرار ٿو ڪپي،
خزان نصيب زندگيءَ لئه بهار ٿو ڪپي.
آچو ته بي قرار ٿيون!

عظيم ٿيون جبل جيان وسيع شهر وانگ ٿيون،
محيط آسمان جان، عميق بحر وانگ ٿيون،
حسين ماهتاب جان، عجيب مهر وانگ ٿيون،
زمين جي گلن جيان، دلين جا شهر يار ٿيون،

آچو ته بي قرار ٿيون!

هي صبح زهر خند چو، هي شام دلفگار چو؟
هي رات دردمند چو، هي وقت غم شعار چو؟
هي لال ڪنوار ڪائنات، هاءِ! سوگوار چو؟
اچو ته گھوٽ ٽي ڪري، انهيءَ تان جان نثار ٽيون!

اچو ته بي قرار ٽيون!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص-232)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ تي ساري جڳ جو سياسي اثر ٽيو. ان سان گڏوگڏ ورهاڱي ۽ ون يونٽ جي تحريڪن جا پڻ گھڻا اثر پيا. هر عظيم شاعر وانگر نياز همايوني پنهنجي ڏرتي، پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ماضيءَ جي شاندار فڪر، سياست، سماجي ۽ تهذيبي روايتن جو بهترين شاعر آهي. نياز جي پنهنجي ڏرتيءَ سان تمام گھڻي محبت هئي، ان سان گڏ حساس دل نياز ڪي ساري سنسار جو فڪر ۽ درد هو. نياز همايوني هڪ سُچيت، قوم پرست، انسان دوست ۽ محب وطن آدرشي شاعر جي حيثيت ۾ پنهنجي ڏرتيءَ لاءِ پنهنجي قوم جي امن، آڇپي ۽ انسانيت لاءِ پنهنجي شاعريءَ ذريعي وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

ب: نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو ادبي ۽ فڪري پسمنظر

ادب انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن، واقعن ۽ حقيقتن جي تاڃي پيٽي مان اڀري تيار ٿئي ٿو. هيءَ هڪ اهڙي زنده شيءِ آهي جيڪا ارتقاءَ جي مسلسل عمل مان گذرندي رهي ٿي ۽ شاعري جيڪا ادب جو هڪ نهايت اهم ۽ سگھارو حصو آهي اها به بدلجندڙ انساني فڪر ۽ سوچ سان گڏ ترقيءَ جي عمل ڏانهن مائل رهي ٿو. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته دنيا جو ڪوبه ڏاهو، ڪوبه ڏات ڏٽي پنهنجي دور جي ادبي ماحول، ادبي روايتن ۽ ان ميدان ۾ پنهنجي ڏاهپ ۽ ڏات جو سڪو ڄمائيندڙن کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگھي. بهرحال اهو سندس ذهني پهچ تي منحصر آهي ته هو پنهنجن وڏن ۽ همعصرن کان ڪيئن ۽ ڪيترو متاثر ٿئي ٿو ۽ پنهنجن پوئين تي ڪيترو اثر انداز ٿئي ٿو.بقول ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي:

”ڪن شاعرن جي ذهني ارتقا ان ماحول کان متاثر ٿيڻ جي حد تائين ختم ٿي ويندي آهي، پر عظيم، منفرد ۽ ڪلاسيڪي شاعر اها حد ٽپي پنهنجي ذهني بلوغت کي پهچي، پنهنجي انفرادي اسلوب ۽ ٽيڪنڪ گھڙي، پنهنجي دور توڙي پوءِ ايندڙ دور تي پنهنجي انفراديت جي ڇاپ هڻي ڇڏيندا آهن.“ [27]

سنڌي شاعريءَ جو جديد دور ۽ ان جو فن سنڌي تهذيب ۽ تمدن ، ثقافت ۽ قوميت، ادب ۽ روايت جي ڪلاسيڪي هيئت، موضوع، اسلوب ۽ پيشڪش جي

اصول کي، جديد دور جي قومي ۽ بين الاقوامي تقاضائن جي روشنيءَ ۾، نئين سر زنده ڪرڻ ۽ اجارڻ جي هڪ مقدس جدوجهد آهي، يا ائين کڻي چئجي ته فڪري ۽ علمي تجربن جي مسلسل جهاد جو ترقي يافته مرحلو آهي.

مولانا گرامي لکي ٿو: ”سنڌيءَ ۾ جديد ادب، کي آئي ڪو گهڻو زمانو نه گذريو آهي، هيءُ ان جي دور ۾ ئي پيدا ٿيو آهي، اسريو آهي ۽ وڌي وڻ ٿيو آهي. هينئر سندس پاڙون پاتال ۾ پهچي چڪيون آهن، ۽ ڪي به طوفان انگيز جهولا ۽ بلا خيز جهڪون کيس چوري نه سگهندا. اسان جي سنڌي جديد ادب ۾ ٻي به هڪ خصوصيت نظر اچي ٿي. اها آهي ان جي انفراديت: يعني اسان جو جديد ادب نه فقط قدامت ۽ رجعت کان منهن موڙي تخليق ۽ جدت سان هم آهنگ ٿي چڪو آهي، پر ان سان گڏ اردوءَ يا مغربي ادب کان به ايترو متاثر نه ٿيو آهي، اسان جو جديد ادب هيئت جي لحاظ سان سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي اصناف جي تجديد ڪري رهيو آهي. سادي ۽ سلوٽي مٺي ۽ ملوڪ زبان ۾ بيتن، ڏوهيڙن، ڪافين ۽ واين ۾ نئون روح ۽ نئون رنگ، نئون پيغام ۽ نئون آهنگ پيدا ڪري چڪو آهي. ان جي مقابلي ۾ اردو ۽ فارسي ۽ دنيا جون ٻيون ادبي زبانون غير مقفيٰ ۽ آزاد نظم ۾ هوبهو تقليد ڪري چڪيون آهن. بلينڪ ورس، سانيٽ ۽ ترائيل جي مغربي تجربن کي اسان وٽ نڪا مقبوليت حاصل ٿي آهي، نڪو اظهار خيال لاءِ انهن کي بيتن ۽ ڏوهيڙن تي ڪا ترجيح ملي چڪي آهي. اسان جو بيت، وائي ۽ ڪافي اسان لاءِ انهن کان وڌيڪ اثر انگيز ۽ فڪر انگيز، شيرين ۽ دلنشين چيزون آهن. ان جي مقابلي ۾ هن کان اڳ اسان جي قديم فن ۾ غزل ۽ قصيدي کي هو بهو فارسيءَ تان ورتو ويو آهي. زبان به اها، ته پيرايه بيان به اهو، تشبيهون به اهي، ته استعارا به اهي. شڪر آهي جو جديد ادب ۾ ان قسم جي انڌي تقليد ڪانه آهي .“ [28]

جديد دنيا جي ادبي لاڙن جو اثر اسان جي سنڌي اديب تي پوندو رهيو آهي، پر اسان جي اديب هوبهو تقليد ڪونه ڪئي آهي ۽ اهو ئي رجحان نوجوان اديبن به اپنايو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي چواٽي: ”منهنجي خيال ۾ جديد دنيا جا ادبي لاڙا سنڌي ادب جا به لاڙا آهن، انهن جو اثر سنڌي ادب تي هن صديءَ ۾ پوندو رهيو آهي. هنن ادبي لاڙن جو حوالو ڏيئي ايترو چئي سگهجي ٿو ته هي سنڌي ادب جي اڇ جا لاڙا آهن ۽ سپاٽي هي رجحان ۽ لاڙا سنڌي ادب ۾ گهڻا ۽ چٽا نظر ايندا. شيخ اياز، نياز همايوني، تنوير عباسي ۽ ٻيا خاص طرح اڇ جي سنڌي ادب جا اهڙا اهم اديب آهن، جن وقت جي رفتار سان لکيو آهي ۽ فرسودگي توڙي مدي خارج رجحانن ڏي نه ويا آهن، ان ڪري چئي سگهبو ته اڇ جي سنڌي ادب جا رجحان سپاٽ جي ادب جا نقيب آهن.“ [29]

ٽالپورن جي دؤر يا ان کان اڳ ۾ فارسي دفتري زبان هئي ۽ ان جي ئي ادب کي سرڪاري پذيرائي ملي. شاعريءَ ۾ عروض جو استعمال، ايراني تشبيهون ۽ استعارا، مطلب ته شعر و ادب ڏرتيءَ ، ڏرتيءَ جي ماڻهن ۽ ڏرتيءَ جي ٻوليءَ کان بلڪل ڪٽجي ويو هو.

ان کان پوءِ انگريزن جو دؤر آيو. انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي لپي تيار ڪرائي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري زبان بنايو. ان دور ۾ ئي ڇاپي خانا کليا ۽ علم و ادب کي فروغ مليو. ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: ”انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سنڌ ۾ علمي ۽ تعليمي طرح جيڪو انقلاب آيو، تنهن جا سنڌ جي سمورن شعبن تي گهڻ طرفا اثر پيا. نون علمن ۽ خطي جي تهذيب ۽ تاريخ بابت ٿيل تحقيق جي نتيجي ۾ نه فقط پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جون اکيون کليون، پر سجاڳيءَ جي هڪڙي تمام وڏي لهر هلي پئي. نئين شاعر هڪ خاص ڪم پنهنجي شاندار تهذيب، تاريخ، اعليٰ تمدني روايتن جي وارثيءَ جو به ڪيو. شاعرن پڇندڙ پرندڙ ڏڻن، ويرانن ۾ وجايل قلعن، ٽٽل ڦٽل ڏڻن، ماڳن، مڪانن ۽ تاريخي قبرستانن سميت سموري تاريخي ورثي ۽ يادگارن کي منظوم پيٽا ڏيڻ شروع ڪئي، موهن جو ڏڙو، ديبل، اروڙ، مڪلي، رني ڪوٽ، حيدرآباد جو قلعو، گنجو ٽڪر، ننگر پارڪر، روهڙي، شڪارپور، ٺٽو ، حيدرآباد ۽ ٻيا شهر هڪ طرف اسان جي عظمت جا اهڃاڻ ته ٻئي پاسي اسان جي تاريخي زوال جي علامت بڻجي پيا. نياز همايونيءَ جو نظم ”مڪلي“ محمد موسيٰ راز جو ”حيدرآباد جو قلعو“، تنوير عباسيءَ جو ”موهن جو ڏڙو“، هري دلگير جو ”ڪليلي“، حيدربخش جتوئيءَ جا ”درياهه شاهه“ ۽ ”جيئي سنڌ، جيئي سنڌ “ ۽ ٻين شاعرن جا لاتعداد نظم ۽ گيت نئين سجاڳيءَ جو تخليقي مثال آهن. نياز همايونيءَ جو نظم ”مڪلي“، سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪهاڻيءَ جو دلنشين نمونو آهي. ان نظم کي مختصر منظوم ناٽڪ به چئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هڪ ڪهاڻي آهي، ڪردار آهن، واقعا آهن، ماحول جي عڪاسي آهي، مڪالما آهن ۽ تاثر پريو اختتام آهي. نظم جي ابتدا ئي نهايت حسانڪيءَ سان ٿئي ٿي:

مڪلي! منهنجي جيجل مڪلي! تو ۾ مون هنگلاج ڏٺو،
محل ڏٺو مون تخت بنا، ۽ تاج بنا سرتاج ڏٺو،
آيل! تنهنجي قسمت ۾ مون تاوڻ ۽ تاراج ڏٺو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 341)

سمورو نظم ڏندڪٿائي حسن سان ٽمٽار آهي. سٽ سٽ ڪنبائيندڙ ۽ لرزائيندڙ آهي. ٻوليءَ ۾ ته نياز جو هونئن ئي جواب نه آهي. ڪيس لفظ جي استعمال جو قدرتي ڏاڻءُ آهي.“ [30]

نياز همايونيءَ جي شروعاتي شاعري جنگ آزادي يعني انگريزن جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ هئي، پر جڏهن پاڪستان جي قيام کان پوءِ هن ڏٺو ته سنڌ ۽ سنڌي اڳي کان وڌيڪ عذاب ۾ اچي ويا آهن، ته هن جي سجاڳ ذهن اهڙين حالتن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ماڻهن کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي سجاڳ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. محمد صالح ’عاجز‘ لکي ٿو: نياز صاحب جي شاعري، ڏارين جي حڪمراني ۽ پنهنجن جي غلاميءَ واري دور ۾ انقلابي انداز ۽ بغاوت جي آواز ۾ اُسري قومي تحريڪ سان

هم آهنگ ٿي، هر انهيءَ صداقت جو ساٿ ڏيندي رهي، جيڪا وطن جي آزاديءَ جي عشق ۾ سر ڏڙ جي بازي لڳائي، غلاميءَ جي زندگيءَ جا زنجير ٽوڙڻ واسطي پاڻ پتوڙيندي پئي آئي:

جانبازو! جنگِ آزاديءَ جي تياري ڪريو، بيدار ٿيو،
ڪنهن به غيرتمند کي ناهي گوارا هي غلاميءَ جو جيئڻ،
ذلتن جي زندگيءَ کان بهتر آهي، مرد ميدان ٿي مرڻ،
مرد ٿي مهمير بڻجي، مشڪلن سان منهن ڏيو، بيدار ٿيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 189)

اهو سندس اوائلي نظم اجا سوڌو تصور جي اونهائين ۾ هلچل مچائيندو ٿو رهي، ۽ ان کي پڙهندي اڄ به اِئين پيو محسوس ٿئي، جڙ اڄ به غلاميءَ جي احساس کان انسان جو روح طويل بيقراريءَ ۾ مبتلا آهي ۽ جسم ڪنهن جنبش لاءِ ڪو بهانو پيو ڳولي....

آزاديءَ کان پوءِ جڏهن جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ جو آمرانه ۽ جابرانه نظام قوم، ۽ ملڪ جي قسمت جو مالڪ بڻجي، زندگيءَ جي حقيقي قدرن کي پائمال ڪرڻ لڳو، ته انهيءَ مرحلي تي به محترم نياز جي جدوجهد جاري رهي:

زمانو آهه ذهن سان، ستم طراز ساٿيو!
حقيقتن تي وارجي ويا مجاز، ساٿيو!
حيات و موت رهيو نه امتياز، ساٿيو!
اٿو ته انقلاب اچي ٿي چاره ساز ساٿيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 234)

وقت جي رفتار سان گڏ ساڳيو نظام ڪيئي روپ بدلائيندو رهيو، ڪڏهن غاصب ته ڪڏهن غدار وارجي پنهنجي عياريءَ سان ملڪي عوام جي رهبريءَ جي دعوا ڪندي، رهزنيءَ جي ريت قائم رکڻ لڳا، اتي به شاعر جو سجاڳ ذهن خاموش رهي نه سگهيو:

منهنجي ڏرتيءَ جو گنهگار نه بخشيو ويندو،
ڪوبه غاصب، ڪوبه غدار نه بخشيو ويندو،
روپ رهبر جو وٺي سگهندو نه رهزن ڪوئي،
هاڻ بيدار ٿيو آهه، پلارن جو وطن!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 202)

وطن دشمن طاقتن کان علاوه، جڏهن نام نهاد وطن دوست قوتون پڻ مظلوم قوم لاءِ قاتل جو ڪردار ادا ڪرڻ لڳيون، ته به شاعر جي دردمند دل دانهن ڪرڻ لڳي ٿي:

او آلا! اڄ تنهنجي قسمت اي وطن ڪنگال آهه،
تنهنجي دامن ۾ جياپو ٿي پيو جنجال آهه،
ڪِنَ ڪيا تو ۾ گهٽا ميرن مندن، تون لک لهين!"[31]
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 204)

مدد علي سنڌي لکي ٿو: شاعريءَ ۾ نياز همايوني هوندراج دکايل کان متاثر هو. مدد علي سنڌي ان سلسلي ۾ نياز جي تعارف ۾ لکي ٿو: "شاعر جي حيثيت ۾ سنڌي شعر کي نرالي نوعيت ۽ نئون انداز ڏنائين. خاص ڪري شاعريءَ ۾ قومي رنگ ۽ انسان دوستيءَ جو پرچار سندس خاص سڃاڻپ رهي آهي. ان سلسلي ۾ هو مشهور شاعر هوندراج دکايل کان متاثر رهيو، جيڪو ورهاڱي کان اڳ مولوي محمد صالح عاجز جي ڪري سندس دوست هو." [32]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي شروعات قيام پاڪستان کان ڪجهه وقت اڳ ٿي ۽ انهي ئي دور ۾ سندس شاعري پروان چڙهي ۽ پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ پختگي حاصل ڪيائين. مظهر جميل لکي ٿو:

"نیاز ہمایونی کا تعلق جدید سندھی شاعروں کی اس نسل سے ہے جو قیام پاکستان کے آس پاس اپنی شناخت قائم کر رہی تھی اور قیام پاکستان کے چند ہی برسوں میں وہ ایک صاحب طرز اور شعلہ بیان شاعر کی شہرت حاصل کر چکے تھے۔
ان کی شاعری میں سندھ کی سر زمین سے گہری وابستگی کے ساتھ ساتھ عوامی احساسات کا نہایت بلیغ شعور ملتا ہے۔ اسی لیے وہ عام زندگی کے مسائل کو اپنا موضوع بناتے ہیں۔ وہ صحیح معنوں میں ایک عوام دوست شاعر تھے جس نے نہایت دلچسپ, موثر اور مترنم عوامی گیت لکھے ہیں۔ انہوں نے سماجی و قومی مسائل پر نہایت موثر نظمیں لکھی ہیں جو عوامی سطح پر بھی مقبول ہوئی ہیں۔ ان کی مقبولیت کی بنیادی وجہ, ان کا شاعرانہ خلوص, کمٹ منٹ, سادگی اور مترنم اندازِ بیان تھا۔ انہوں نے اپنی شاعری میں شاعرانہ اورپُر تکلف زبان استعمال کرنے سے پرہیز کیا ہے اور قدیم کلاسیکل طرز کو بھی اختیار کی ہے۔ انہوں نے سندھی نظم میں تجربے بھی کیے ہیں اور قدیم کلاسیکل طرز کو بھی نہایت کامیابی کے ساتھ برتا ہے۔ وہ زندگی کے بارے میں روشن خیال اور ترقی پسند رجحانات رکھتے تھے اور سندھی معاشرے میں ترقی پسند تصورات کی توسیع اور ترقی کے لیے ہر تحریک اور اقدام میں شریک رہا کرتے تھے۔" [33]

نياز جي فن ۽ فڪر جا ڪيترائي پهلو ۽ پاسا آهن. انهن جي واڌ ويجهه، ترقي، تبديلي ۽ اوسر جو پس منظر به پنهنجو آهي. توڙي جو مختلف دورن ۾ سندس شاعريءَ جا فڪري رجحان ۽ ڏارائون مختلف ۽ تبديل ٿيندڙ رهيون آهن، پر ان جي باوجود هن جا بنيادي قدر ۽ محرڪ حسن، فطرت پسندي، قوم پرستي، روشن خيالي، مزاحمت، عالمي امن، جمهوريت پسندي ۽ فني ۽ فڪري جماليات رهيا آهن، پر سڀني

تي حاوي رويو قومپرستيءَ جوئي رهيو آهي.

عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

”هزارها سال کان شروع ٿيندڙ سنڌ جي تاريخ مختلف دورن، ميدانن، دڙن، محلن ۾ فاتحن جي گهوڙن جي سنبن هيٺان انساني سيني ۾ گهٽيل آهه وانگر دفن ٿيل ۾ کنهن حسين جي هٿ جي ٽٽل چوڑين وانگر پکڙيل آهي. انهيءَ تاريخ ۾ عربن جي سنڌ تي کاهه وقت ٻانگن جي شور ۾ ساهه جي پوئين هچکيءَ وانگر ٻڌندڙ مندر جي گهنڊ جو پڙاڏو، سِسي کپيل ساميءَ جو سانجهيءَ جي سونهن جهڙو سلوڪ، ٽٽل مرليءَ جي پوئين لهر، نوورنين جون مرکون، معصوم ٻارن جون واري ۽ پاڻيءَ ۾ ليٽڙاٽيون، دراوڙن جو بي ڍنگو ناچ، وحشيانه نغما، سون ميڙيءَ جون چاندوکيون راتيون، کجهه فتحون، کجهه شڪستون، کاميابيون، ناڪاميون، دانهون، گيت، پنهنجن جون غداريون، ڏارين جون مکاريون، دوستن جون وفائيون، دليرن جون سرويچايون، چاندوکين ۾ پيار جا پيچرا، موت جو رقص، زندگيءَ جي چيل چهيلي چال، سپنن جي سونهن ۽ ساڻيا شامل آهن.“ (34)

جڏهن به ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ وڌي ويو ۽ شاعري تي بندش ٿي، ته شاعري ان بندش دوران زوردار نموني احتجاج رکاربد کرايو. کٽي به ظلم ۽ بربريت وڌي ته شاعري ايتري ئي شدت سان ان جو اظهار کيو ۽ ساري عالم جا ڏک، پنهنجا ڏک سمجهي، شاعرن انهن کي محسوس کيو ۽ ان جو ڀرپور نموني قلم ذريعي اظهار کيو. ڊاڪٽر سحر امداد لکي ٿي:

‘‘ون يونٹ کے تحت Indus Civilization کے امین ‘‘سندھ’’ کا نہ نام رہا اور نہ ہی نقشہ رہا اور سونے پر سہاگہ یہ کہ سندھی زبان (جو کہ اس خطے کی ایک قدیم اور ترقی یافتہ زبان ہے, اور جو انگریز کے دور میں سندھ کی سرکاری اور دفتری زبان رہی) کو محض پانچویں جماعت تک محدود کر دیا گیا۔ اس دور میں سندھ کا معاشی و اقتصادی استحصال اپنی انتہا کو پہنچا , سندھ کے بیراجوں کی زمیں کی لوٹ کھسوٹ, ادیبوں اور شاعروں کے خلاف ڈ ی پی آر (DPR) کا بے دریغ استعمال, کتابوں اور رسالوں پر بندش (قلم پر پہرے اور زبانوں پہ تالے) اور دیگر استحصالی ہتھکنڈ وں نے سندھی قوم پرستی کی ایک ہمہ گیر تحریک کو جنم دیا۔ اس حوالے سے سید مظہر جمیل یوں رقم طراز ہیں:

‘‘سیاسی طریق کار سے قطع نظرون یونٹ کے خلاف چلنے والی تحریک نے علم و ادب اور فکر و دانش کی سطح پر ایک انقلابی رویے کو جنم دیا اور سندھی نوجوانوں میں معروضی صورت حال اور واقعات کو تاريخي تناظر میں دیکھنے, پرکھنے اور سمجھنے کا شعور عطا کیا, سندھی ادب میں جدید طرز، احساس کا شعور اور معروضی صورت حال کو جدید تخلیقی اظہار کے نئے نئے قرینے عطا کیے۔ ان دریچوں سے آنے والی تازہ ہوا کے جھونکوں نے جدید سندھی ادب کی نموپذیری کی ہے اور اس کو نئے برگ وبار عطا کیے ہیں’’۔

سو ان نا مساعد حالات, اپنوں کی ریشہ دوانیوں, ریاستی جبر اور تشدد, پابندیوں, الزاموں اور فتوائوں کی دھند میں سندھی شاعری نے نمو پائی اور شاعری کو نئے برگ وبار عطا ہوئے۔

یہ ایک حقیقت ہے کہ شاعری پر بندشیں جتنی زیادہ پڑتی ہیں, شاعری اتنی ہی گہری ہوتی جاتی ہے۔ سو اس دور میں سندھی شاعری اتنی ہی ابھری جتنا کہ اسے دبایا گیا۔ جبر کے دور میں شاعر علامت سازی کا ہنر شعوری طور پر سیکھہ لیتا ہے۔ سو اس دور کے شاعروں نے علامات کا

خوبصورت استعمال کیا اور یوں شاعری میں زیادہ گہرائی اور گیرائی پیدا ہوئی۔ ایسے ماحول میں پوری دنیا کے دکھہ ہمارے دکھہ بن گئے۔ افریقہ ہو یا امریکہ یا کہ روس, الجزائر مشرق وسطیٰ, ویت نام, گرنیڈ ا ہو یا چلی یا پھر ہیرو شیما اور ناگاسا کی ہو۔ وہاں گرنے والا ہر بم, چلنے والی ہر گولی, سندھی شاعری کی سطر کو چیر گئی۔ وہاں چلنے والی گرم ہوا کے تپھیڑے یہاں کے شاعر نے بھی محسوس کیے۔ وہاں ہونے والی موت پر گریا یہاں سے بھی اٹھا, کہ ایک مظلوم ہی مظلوم کا دکھہ محسوس کیے۔ وہاں ایک دکھی ہی دوسرے دکھی کا دکھہ شیئر کر سکتا ہے۔ یوں اس دورکی سندھی شاعری قومیت سے بڑہ کر بین الاقوامیت اور بین الاقوامیت سے آگے آفاقیت کے سفر پر گامزن ہوئی کہ ارفع و اعلیٰ شاعری اچھی اور سچی شاعری کی کوئی سرحد (Space)اور کوئی دھرم نہیں ہوتا۔ سیاست جو سرحدیں بناتی ہے, شاعری ان سرحدوں کو توڑتی ہے اور یوں شاعری وقت(Time) کو بھی مات دے دیتی ہے۔ (35)

ون يونٽ جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ واري دور ۾ سنڌي اديبن، شاعرن، سياسي ورڪرن، شاگردن مطلب ته هر طبقي تحرڪ ورتو ۽ سينا سپر ٿي بيٺا ۽ ون يونٽ جي خاتمي تائين اها تحريڪ جاري رهي. ٻين لفظن ۾ سنڌ ۽ سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ پرپور ڪردار ادا ڪيو. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو:

The years 1966 and 1967 were testing times for the Sindhi language. The sindhi students started organizing gatherings of "Sindhi Sham" (evening) and days of sindhi heroes and leaders in their colleges, cities and villages. In these meetings and gatherings, social and political leaders and workers, and student leaders delivered forceful speeches for acceptance of Sindhi as a national language, and disbanding of One Unit.

In this period Shaikh ayaz appeared as the favourite poet of youth and national poet of Sindh. The enemies of the freedom from One Unit started calling all such poets and writers as atheists, kafirs, enemies of Pakistan, agents of India, red and communist writers. In fact these poets had tried to awaken the simple people with theirs poems, songs and stories. They gave their messages of 'Sindhiat' (nationalism) not only to the sindhi common people but to bureaucrets, landlords, feudals,chieftains,mirs,pirs and students. Among these writers and poets, the name of Muhammad Ibrahim Joyo, Rasool bux palijo, G.M Grami, Niaz humayuni, Ghulam Rabbani Agro, Shamsheral hyderi,Tanveer Abbassi, Amar jalil, Hameed Sindhi, Imdad Hussaini, Mahtab Mahboob, Siraj memon, Tariq Asharaf, Abdul Qadir Junejo, Noorul Huda Shah, Taj Baloch, Rashid Bhatti, Fatah Malik, Ghalib latif, Muhammad Khan Majidi, Ustad Bukhari, Sarvech Sujawali, Ibrahim Munshi, Nasir Maoroi, Abdul Hakim Arshad,can be particularly mentioned. These poets and writers gave new turn to the literature due to the impact of the circumstances and apprised the Sindhi people about the social and political situation through literature. For this whole situation language was the main source.

In this regard, niaz humayuni declared in one of his poems that they were ready to sacrifice their lives for the freedom of Sindh from the chains of one Unit in these words:

آزادي اعلان اسان جو، سوري پل سينگار ڪري
مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون، هوشوءَ جان للڪار
ڪري

جيئي سنڌ، جيئي شل
جيئي سنڌ، جيئي شل

هن ڌرتيءَ جا دودا جاڳيا، جاڳيو دريا خان وري،
هن ڌرتيءَ جي مٽي لهندي، مُرڪي پنهنجو مان
وري.

جيئي سنڌ جيئي شال،
جيئي سنڌ جيئي شال!

Azadi ailan asan jo, soori bhal seengar kare
Marvesun par sindh na desun, Hoshu_ a jaan lalkar
kare

Jiye sindh, jiye shal
Jiye sindh, jiye shal

hina dharti _ a ja doda jagya, jagyo Daryah Khan
wari,
hina dharti_ a ji miti lahandi, murki panhjo maan
wari,

Jiye sindh, jiye shal
Jiye sindh, jiye shal”(36)

ارسطوءَ جي زماني کان وٺي هن دور تائين شاعري توڙي شاعريءَ جي تنقيد جا مسئلا، نه صرف ادبي نقادن، شاعرن ۽ جماليات جي ماهرن، بلڪه عام ماڻهن جي لاءِ دلچسپيءَ جو موضوع ٽيندا آيا آهن. انهن مان هر شخص، انساني زندگيءَ جي هر مرحلي تي شاعريءَ جي فطري ضرورت ۽ اُن جي تهذيبي اهميت کي محسوس ۽ واضح ڪرڻ جي پوري ڪوشش پئي ڪئي آهي.

محمد صالح عاجز لکي ٿو: ”مشرقي ۽ مغربي عالمن جي راءِ مطابق: ’شاعري، جذبات جي لطيف موسيقي، احساسات جي حسين مصوري ۽ تخيل جي وجداني ڪيفيت آهي. هن جو دل ۽ دماغ ٻنهيءَ تي اثر پوندو رهي ٿو. هيءَ حواس جي تندن مان نغما اُپاري، روح کي سرشار بڻائي ٽي ڇڏي. هيءَ جذبات کان علاوه شعور سان به رابطو رکي ٽي. هن جي طفيل زندگيءَ ۾ ڪيئي روشنيون پيدا ٽين ٽيون ۽ ماڻهن کي رهنمائي نصيب ٽئي ٽي. هيءَ انسان کي جياپي جي ريت سيکاري ٽي، سندس ذهن ۾ زندگيءَ جو شعور اُپاري ٽي ۽ کيس زندگي بسر ڪرڻ جو مڪمل احساس ڏياري

ٿي.’ ڪنهن حقيقت پسند ادبي نقاد جي انهيءَ مختصر تمهيد کان پوءِ، آءٌ خود اُن جي ئي لفظن ۾ نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي تعريف ڪرڻ چاهيان ٿو: ”نياز همايونيءَ جي شاعري، سندس پر خلوص شخصيت جي صحيح عڪاس ۽ پنهنجي ماحول جي سچي ترجمان آهي. اُن ۾ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جو احساس ۽ اظهار، ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود آهي. هن جي شاعري شانائتي شاعري آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جو عرفان، انسان جي عظمت جو ايقان ۽ ان جي روشن مستقبل جو امڪان جهلڪي ٿو.

هن جي شاعري زندگيءَ جي دڪ درد ۽ رنگ رُومان سان گڏ، قوم ۽ وطن جي شاعري آهي. هي اڪثر قومي زندگيءَ جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻائي، اُن جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي اهڙيءَ طرح بلنديءَ ڪان ونڊي پستيءَ تائين اُجاگر ڪندو رهي ٿو، جو سندس شاعري، اسان جي زندگيءَ لاءِ صحيح عڪاسيءَ جو رُتبو رکي ٿي. انهيءَ عڪاسيءَ ۾ انفرادي، اجتماعي، ذهني ۽ جذباتي زندگيءَ جا سمورا نقش بلڪل پڌرا نظر اچي رهيا آهن.

شاعر کي شاعرٿيڻ لاءِ وڏي محنت ۽ مشقت جي ضرورت رهي ٿي: پهريان هي پاڻ کي سمجهڻ ۽ سُڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پوءِ پنهنجي روح کي پرکڻ لڳي ٿو. ڪيس مختلف آزمائشن ۾ مبتلا ٿي، پاڻ تي درد انگيز ڪيفيت طاري ڪري، ذهن جي اُونهائين مان پار ٿيڻ جا حيلا هلائڻا پون ٿا. جيڪڏهن سندس شخصيت آسائشن کان پاڪ ٿي، شاعريءَ لاءِ آماده ٿئي ٿي ته هن جي اُها شاعري، انسان ذات، قوم ۽ وطن لاءِ ڪارگر ٿئي ٿي، ٻيءَ حالت ۾ سندس شاعري محض شاعري هوندي، منجهس معيار جو ڪوبه دخل نه رهندو.

نياز همايوني، بنيادي طرح قوم پرست شاعر آهي، جيتوڻيڪ، هي ترقي پسنديءَ جي رنگ ۾ اِشتراڪيت ڏانهن به رغبت رکندو اچي ٿو. اُن هوندي به سندس قوم پرستيءَ وارو جذبو ڪڏهن فنا ٿي نه سگهيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ جديد ۽ قديم فن ۽ فڪر جا عنصر ڏٺا وڃن ٿا، پر هن جيڪا اُن ۾ نواڻ پيدا ڪئي آهي، تنهن کي ڏيان ۾ رکندي، اهو فيصلو ڏئي سگهجي ٿو ته نياز بيشڪ منفرد شاعر آهي.[37]

نياز همايونيءَ جي ادبي ۽ فڪري اوسر جي شروعات ڪانگريس جي اثر هيٺ ٿي. هن جي شروعاتي شاعري جنگ آزاديءَ جي لاءِ پر جوش شاعريءَ سان سلهاڙيل آهي. نياز چوي ٿو ”اُٺو جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو“، پر ان کان پوءِ سندس شاعريءَ جو رخ سنڌي قوم پرستيءَ ڏانهن تبديل ٿي ويو. يوسف سنڌي لکي ٿو: ”نياز همايوني شاعريءَ جي شروعات ورهاگي کان اڳ 1943ع ڌاري، آزاديءَ جي هلچل جي دوران، پنهنجي هڪ مائٽ ۽ برڪ قومي ڪارڪن محمد صالح ”عاجز“ جي صحبت ۾ اچي ڪئي. انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي نياز همايونيءَ هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو: ”مون شاعري تڏهن شروع ڪئي، جڏهن اسان قومي رنگ ۾ آياسون. جيئن ماڻهن کي قومي جدوجهد ۾ اڇتي اڇڻ جي لاءِ سجاڳ ڪجي، چو ته انهيءَ زماني ۾ اها هڪ ضرورت

ٿي پئي هئي ته عوام جو قومي تحريڪ ڏانهن رُخ ڦيرائجي. ان لاءِ اسان شاعري به ڪندا هئاسون. ننڍيون ننڍيون ڪچهريون به ڪندا هئاسون، جنهن مان ايترو ٿيو ته اسانجي شاعريءَ جي ڪري، ماڻهن سان لهه وچڑ ۾ اچڻ جي ڪري، انهن ۾ سياسي شعور جاڳيو ۽ آهستي آهستي ماڻهو سجاڳ ٿيندا ويا ۽ ڳوٺن ۾ لائبرريون کولڻ جو رجحان پيدا ٿيو.

نياز همايونيءَ جا طويل نظم سنڌي شاعريءَ جو جز بنجي ويا. نياز شروعاتي دور ۾ "جمعيت الشعراءِ سنڌ" سان به وابسته رهيو ۽ انهيءَ جي مشاعرن ۾ پرپور حصو وٺندو هو. اڳتي هلي "سنڌ رائيٽرس گلڊ" جي نالي سان ادبي ادارو قائم ڪيائين. جنهن پاران حيدرآباد ۾ "سنڌ رائيٽرس گلڊ کو آپريٽو سوسائٽي" قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتائين. انهي دور ۾ پاڻ محترم جي. ايم. سيد جي ويجهو آيو ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو. نياز جا نظم جيڪي هو مشاعرن ۽ "بزم صوفياءِ سنڌ" جي ڪانفرنس ۾ سُر سان پڙهندو هو، انهن محفلن جي جان هوندا هئا، ۽ ماڻهن جي قومي جذبن کي بيدار ڪرڻ جو سبب بنيا هئا." (38)

نياز همايونيءَ کي ننڍپڻ کان وٺي علمي ۽ ادبي ماحول مليو هڪ طرف شيخ سعديءَ جو گلستان سندس ڪورس ۾ شامل هو ته ٻئي طرف مولانا مفتون همايونيءَ جو ڪافيون هيون، جن ڪيس سرور ٿي بخشيو. انهيءَ ماحول جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "آئون سانپر ۾ ايندي ئي مولانا مفتون جي شخصيت جي باري ۾ عجيب روايتون ٻڌڻ لڳو هوس، ليڪن مون کي حيرت انگيز، ڪرامتن کان وڌيڪ سندس سوز پريل ڪافين سان دلچسپي هوندي هئي، ڇاڪاڻ ته منهنجو تعلق فارسي تعليم سان هو ۽ مادري زبان کان محروم رهڻ واري احساس سبب، مولانا جون سنڌي ڪافيون فطري طرح منهنجي طبيعت تي اثر انداز ٿينديون هيون، مولانا جون ڪافيون هونئن به پنهنجيءَ رس ۽ ميٺاج سبب پنهنجو مٺ پاڻ هيون، پر خاص ڪري جڏهن ڪو دل جي گهراين سان ڳائيندو هو، ته ٻڌندڙ تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي." (39)

نياز جي دوست محمد صالح 'عاجز' جنهن جي صحبت ۾ هو سياسي ۽ ادبي ماحول سان مانوس ٿيو ۽ سندس فڪري تعمير ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، سو لکي ٿو:

"محترم نياز سان منهنجي پهرين ملاقات، سندس شاعريءَ جي شروعاتي دور ۾، 1945ع ڌاري ٿي هئي، جڏهن پاڻ پندرهن يا سورهن ورهين جي ڇمار جو هو. زندگيءَ جي انهيءَ طويل عرصي ۾ هن شخص جيڪي ڏک سُور ڏٺا، تن جو سندس ذهن تي پرپور اثر پوندو رهيو. خاص ڪري غريب هاريءَ جي خاندان ۾ جنم وٺڻ سبب دنيا جي هر ڪا مصيبت مٿس نازل ٿيندي رهي، جا هن جي احساسات ۾ برابر هلچل پيدا ڪندي آئي. هن پنهنجي شاعريءَ جي شروعات ۾ ئي "غمِ جانان" کي غمِ دوران"

سان ملائي، انفرادي معاملا درگذر ڪري، اجتماعي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو ۽ وقت جي تقاضا موجب تحريڪ آزاديءَ سان پاڻ کي همڪنار ڪري چڏيائين. انهيءَ طبعي ميلان مهابي ڪيس ملڪ جي عظيم مدبرن جي صحبت ۽ اصولي زندگيءَ جو قريبي مشاهدو ڪرٽو پيو، جنهن هن کي آدرشي زندگي عطا ڪئي، منهنجي خيال ۾ نياز صاحب نهايت خوش نصيب آهي، جو ڪيس ايڏن اُتانهن انسانن جون قربتون حاصل ٿيندیون رهيون، جن جي آڪسيري نگاهه، ٿامي کي به ڪُندن بڻائي چڏي ٿي.

نياز جي شخصيت سراپا غم آهي، ليڪن انهيءَ غم سندس ذهن ۾ ڪابه تاريڪي پيدا نه ڪئي. هي اٿاهه غمن جي باوجود، زندگيءَ سان دلچسپي رکندو آيو. ڪيس ڪا خُوشي ميسر نه ٿي، تڏهن به پنهنجي مرڪ ملهائيندو رهيو. سندس شخصيت جي اِها خصوصيت ڪيس خود اعتماديءَ جي جذبي سان نوازيندي رهي، جنهنڪري پاڻ زندگيءَ جي هر قدم تي مايوس ٿيڻ بدران اُميدن پريا اُمنگ اُپارينڊو رهيو.

اها ڳالهه بنا ڪنهن وڌاءَ جي چئي سگهجي ٿي ته نياز وسيع ظرف رکندڙ ۽ زنده دل انسان آهي، سندس خلوص واقعي مثالي حيثيت رکي ٿو. عام انسانن وانگي هن ۾ به ڪي خاميون ضرور آهن، مگر جيتري قدر اصول جو تعلق آهي، تنهن جي باري ۾ هن جي شخصيت ڪڏهن به داغدار ٿيڻ واري ناهي" (40)

جڏهن بنگال تي ظلم جا پهاڙ ٽٽي رهيا هئا، ته نياز جو رت ٽهڪي اٿيو ۽ هن ڪنهن ڳالهه جي به پرواه نه ڪندي بنگالين جي حمايت ۾ سرڪاري ريڊيو پروگرام ۾ شعر پڙهيو. آريسر ان پروگرام جي حوالي سان لکيو آهي:

"1970ع جو دور هو ان وقت جڏهن تيل جي بدلي پاڻي پئي ٻَريو، ريڊيو پاڪيستان حيدرآباد تي هڪ مشاعرو ٿيو، جنهن ۾ نياز همايونيءَ کي به دعوت ڏني وئي ۽ نياز اُتي هڪ علامتي شعر پڙهيو:

آڏا ڏونگر ڏاڍ، الاڙي، سُورَ، پلا سهسائي ڪير؟
دنيا پنهنجي ڏُن ۾ پوري، رُئندن کي پرچائي ڪير؟

شعر تمام دِگهو هو، جنهن ۾ اُن وقت جي بنگالين جي جدوجهد کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو هو." (41)

نياز همايوني شروع کان ئي مختلف ادبي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو رهيو ۽ پنهنجي شاعري پيش ڪندو رهيو.

اياز قادري لکي ٿو: "انين کل سنڌ ادبي ڪانفرنس، جميعت الشعراءِ هيٺ پرسرام 'ضيا' جي همٿ ۽ ڪوشش سان پنجين اپريل 1947ع تي نوابشاهه ۾ ڪوٺائي

ويئي. هن ڪانفرنس جو صدر ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو هو. استقباليه ڪميٽيءَ جو چيئرمين، پروفيسر نارائڻ پمپاڻي ۽ سيڪريٽري پرسرام ’ضيا‘ هو. ڪانفرنس جو انتظام لوڪل بورڊ هال ۾ ڪيو ويو هو.

هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيل ڪن شاعرن جا نالا هي آهن: ڊاڪٽر محمد ابراهيم ’خليل‘، محمد خان ’غني‘، حاجي محمود ’خادم‘، ايار قادري، نياز همايوني ۽ ٻيا.

نياز همايوني چوڏهين سنڌ ادبي ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ به شرڪت ڪئي، ايار قادري ان حوالي سان لکي ٿو: چوڏهين ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس، بزم نظامي جي انتظام ۽ جميعت الشعراءِ سنڌ جي نگرانيءَ هيٺ، ڏهين ۽ يارهين اپريل 1954ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسه هاءِ اسڪول جي گرائونڊ تي ڪوٺائي ويئي.

هن ڪانفرنس ۾ جن عالمن، اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي، تن مان ڪن جا نالا هي آهن: محمد اسماعيل عرساڻي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، تنوير عباسي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، نياز همايوني، شمشير الحيدري، الله بخش عقيلي، محمد زمان طالب المولىٰ ۽ ٻيا.”(42)

نياز همايوني ماهوار رسالي ’اديب سنڌ‘ جيڪو جميعت الشعراءِ سنڌ جي زير نگراني نڪرندو هو، جنهن جو ايڊيٽر جمع خان ’غريب‘ هو، ان ۾ به طرحي مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هو. ان رسالي جي اپريل 1949ع جي پرچي ۾ نياز همايونيءَ جو شعر ملي ٿو:

اي مجاهد اُٺ ٽي دلگير اڄ
دل ٻڌي هڻ نعره تڪبير اڄ
ڪر بند اسلام جي توقير اڄ
ڪٽ سگهو ٽي ظلم جا زنجير اڄ
ٻڌ ڪفن سر ساڻ هل ڪشمير اڄ

دل وڏي ڪر ۽ نظر ڪي پي وڏاءِ
همت ۽ اميد کي همسر بناءِ
جلد ڪر پنهنجو قدم اڳتي وڌاءِ
سوپ تنهنجو ساٿ ڏيندي اڄ
ٻڌ ڪفن سر سان هل ڪشمير اڄ”(43)

”اديب سنڌ“ جي هڪ ٻئي پرچي، جيڪو مئي، جون، جولاءِ جو گڏيل نڪتو هو، ان ۾ به نياز همايوني جي شاعري شامل آهي.

هشيار ٽي سگهو تون اي زردار ڪجهه نه

ڪجهه
بدلو چڪائيندا توکان نادار ڪجهه نه ڪجهه
رهه تون به اي سماج هينئر تيار ڪجهه نه
ڪجهه
هاري ويو ٿي آه جو بيدار ڪجهه نه ڪجهه

رنجور چو رهين ٿو اي هاري تون دهر ۾
شيرين وقت تنهنجو چو ڪٽجي ٿو زهر ۾
توکي وڏو وجي ٿو اجايو چو قهر ۾
اُٺ ڪر سماج سان اُٺي پيڪار ڪجهه نه
ڪجهه

مثلن ملي ٿو توکي هي رزق قليل چو
سرمائيدار توکي ڪري ٿو ذليل چو
مذهب جو ٿو ڏنو وجي توکي دليل چو
ڪر تون انهيءَ ئي ڳالهه تي ويچار ڪجهه نه
ڪجهه"(44).

نياز رجعت پرست ادبي تنظيمن کان وٺي ترقي پسند تنظيمن، سڀني ۾ سرگرم رهيو. جميعت الشعراءِ کان وٺي سنڌي ادبي انجمن ۽ سنڌي ادبي سنگت تائين، هن تمام گهڻو سرگرم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ رائٽرس گلڊ ته نياز ئي قائم ڪرائي هئي ۽ ان جو سيڪريٽري به رهيو هو. سنڌي ادبي سنگت سنڌ ۽ شاخن جي قائم ٿيڻ جي سلسلي ۾ اياز قادري لکي ٿو:

"اديبن حيدرآباد ۾ "سنڌي ادبي انجمن" جي نالي واري جماعت جي سهاري هيٺ ڪم پئي ڪيو، جنهن جو سيڪريٽري تنوير عباسي هيو ۽ ٻين ميمبرن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا گرامي، مقبول پٽي، ع.ق شيخ، شيخ علي محمد، اميد علي سرائي، ابن حيات پنوهر، شمشيرالحيدري، حسن علي نظير، مصطفيٰ قريشي، مراد علي مرزا، عبدالله خواب ۽ بيگم زينت چنا جا نالا قابل ذڪر آهن. 1954ع جي آخر ۾ آءٌ حيدرآباد ويس ۽ انجمن جي اڪثر ميمبرن کي سنگت قائم ڪرڻ تي آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيم. ڪراچي هوٽل ۾ انجمن جو وڏو اجتماع ٿيو، جنهن جي صدارت مون ڪئي، ۽ يڪراءِ فيصلو ڪري انجمن کي ختم ڪري، "سنڌي ادبي سنگت" قائم ڪئي وئي، حيدرآباد سنگت جو پهريون سيڪريٽري تنوير عباسي ٿيو هو.

ڏسندي ڏسندي 1956ع تائين جيڪب آباد ۾ برڪت آزاد، گدائي ۽ غالب لطيف جي ڪوششن سان سنگت ٺهي وئي. نواب شاهه ۾ بردي سنڌي، گل محمد چني، نور عباسي ۽ قمر شهباز مڙسي ڪري ورتي. خيرپور ۾ جمال رند، خواجه سليم، غفور بلوچ، ۽ هادي بخش لاڙڪ جي ڪوشش سان سنگت ٺهي وئي. شڪارپور ۾ بشير موريائي ۽ نياز همايوني سنگت جو پايو وڌو. لاڙڪاڻي ۾ دوست محمد ۽ تاج محمد ابڙن ۽ ڪامريڊ بخاريءَ جي ڪوشش رنگ لاتو. ٽنڈو محمد خان، جهمپير ۽ ٻٽوري ۾ به پرواني پٽيءَ، پنوهر ۽ پٽر سنڌيءَ سنگتون قائم ڪيون.” (45)

نياز همايونيءَ جي هڪ مشاعري ۾ شرڪت جي حوالي سان روزانه هلال پاڪستان ۾ جون 1963ع جي پرچي ۾ رپورٽ ملي ٿي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو نه صرف مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هو، پر صف اول جي شاعرن ۾ سندس شمار ٿيندو هو. اخبار لکي ٿي:

”بزم گلستان سنڌ جو هڪ مشاعرو جناب مسلم ٽانوريءَ جي جاءِ تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آف انفارميشن ڪراچي، مسٽر ڪريم بخش ”خالد“ جي زيرِ صدارت منعقد ٿيو. مشاعري ۾ هيٺين شعراءِ ڪرام حصو ورتو: جناب نياز همايوني، جناب رشيد لاشاري، صوفي ساجد سرشاري، الحاج مسڪين سرشاري، سارنگ، تاج بلوچ، دل اسيري، سائل سرشاري، واصف، اقبال ٽانوري، مومن مليرائي، مجنون ڪراچوي ۽ آفتاب ٽانوري ٻاهران (شعراء ڪرام) جناب شرف سکر، ميان شفيع محمد ٻورڙائي، ”ڪرم“ حيدرآبادي، گل حسن ”بيڪس“ باڌاهي، غلام رسول ”راز“ باڌاهي، ”وفا“ ناٽن شاهي، ماستر هزارو خان ”مجاهد“ ۽ قمرالدين لاکو، ”ساقي“ ٻورڙائي.

مشاعره ۾ شعراء بلند معيار جا اشعار پيش ڪري حاضرين کان بار بار خراج تحسين حاصل ڪيو ويو. محترم نياز همايوني صاحب نه رڳو نظم پيش ڪري حاضرين جي خون جي حرارت تيز ڪري چڏي، مگر هڪ ”اسڪيچ مقالو“ بعنوان ”ميري ويدرٽاور کان يار محمد ٽانوري“ تائين پيش ڪري حاضرين کان داد حاصل ڪيو ۽ مقاله جي زبان ۾ نئون انداز اختيار ڪيو. موصوف مسلم ٽانوريءَ کي ”ٽاورالشعراءَ“ جو خطاب ڏيندي سندس عمل ۽ ڪردار جي گويا تصوير پيش ڪئي. جناب نياز همايوني صاحب اعلان ڪيو ته ”آءٌ هڪ ڪتاب لکي رهيو آهيان، ان ۾ سنڌ جي ممتاز ادبي شخصيتن جو ذڪر انهي انداز ۾ ڪندس.“(46)

نياز جيڪا واٽ ورتي ان تي مرڻ گهڙي تائين قائم رهيو ۽ نهايت دليريءَ سان قوم کي جاڳائيندو رهيو. سندس نظم بم گوليءَ کان وڌيڪ اثر انگيز هئا. هو پنهنجي قوم ۽ وطن سان ڪميٽيڊ هو ۽ رهيو، نياز لکي ٿو:

” اسان جي وطن تي جڏهن به ڏکيو وقت آيو آهي ۽ اسان جي قوم صحيح سياسي رهبر نه ملڻ ڪري پنهنجي قسمت ۾ ڪاريءَ وارا ڪک ڏٺا آهن، تڏهن اسان

جي شاعري پيغمبريءَ جو روپ وٺي، بيداري ۽ بهادريءَ جا گيت ڳائي بيداد نگريءَ جي خاتمي لاءِ اڳتي وڌندي ۽ پاڻ پتوڙيندي رهي آهي. اها تحريڪ پنهنجي حق طلبيءَ لاءِ غلاميءَ کان آزاديءَ تائين ۽ پنهنجي ترقيءَ لاءِ آزاديءَ کان غلاميءَ تائين، جيئن جو تيئن هلندي رهي ٿي. سنڌ جو سياستدان، دولتمند ۽ تونگر هوندي به پنهنجي اقتدار جي هوس ۾ اکيون ٻوٽي، ضمير سان گڏ پنهنجو وطن به نيلام ڪري سگهي ٿو، پر سنڌ جو وطن دوست ۽ قوم پرست شاعر، ڪنگال ۽ نادار هئڻ جي حالت ۾ به اهڙي ڪُڏي ڪم جي ويجهو نٿو وڃي.“ (47)

هي سجاڳي نسل نئين جي، هي جوان دل جا جذبا،
مون کي آهه يقين بلڪل ته ڪو رنگ رچڻو آهي!

اها قوم قوم ناهي جا، وطن جي واهرو نه آهه،
اُهو داغ پنهنجي سِر تي نه مدام رهڻو آهي.

هي زمين جنهن جي دل ۾، ٿو صدين جو درد ڏڪي
هتي مات ناهه ڪائي، نڪو موت اچڻو آهي!

هي نياز، تنهنجي نالي، تون جئين جُڙين سدائين،
تنهنجي لاءِ جيئڻو آهي، تنهنجي لاءِ مرڻو آهي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص 217)

حقيقت ۾ نياز هڪ اهڙو گهڻ رخو ۽ قلواڙي جيان گهڻ رنگو شاعر آهي، جنهن جي اظهار ۽ احساس ۾ هڪ ئي وقت جدت طرازي ۽ رومانويت جي رنگيني به آهي، ته انقلاب جو عزم، جدوجهد جي جستجو ۽ زندگيءَ جي حسناڪي ۽ حقيقت جو ادراڪ به. نياز حسن، عشق، انقلاب، ڏرتي، ڏرتيءَ واسين، انسانيت ۽ سماجي تبديليءَ جي شعور جو شاعر آهي ۽ هن جي شاعريءَ جي ادبي ۽ فڪري پس منظر

جو وڏو محرڪ به اهي صداقتون ۽ سندرتائون آهن. هن جيڪا اوکي واٽ ورتي ان تي قائم رهيو ۽ نهايت ڏکين حالتن هوندي به ٽڙيو ڪونه ۽ سچ جو ساٽ ڏيندو رهيو.

ج. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ تي متقدمين جو اثر:

نياز همايونيءَ جو اپياس تمام وسيع ۽ گهڻ رُخو هو. هن جو شاعري تاريخ، فلسفي، نفسيات ۽ ٻين جديد علمن جو چڱو مطالعو هو ۽ سنڌي، فارسي، عربي، هندي، سرائڪي، اردو، پنجابي ۽ ٻين ڪافي ٻولين جو ڄاڻو هو، انهي ڪري هن جي شاعريءَ جو جيڪڏهن گهرائيءَ سان مطالعو ڪبو ته، سندس شاعري ۾ شاهه لطيف، سچل، سامي، باهو، بلاشاهه، بابا فريد، وارث شاهه، شاهه حسين، اقبال، مير، غالب، نظير اڪبر آبادي، عمر خيام، رومي، خسرو، حافظ، ڪبير، ميران، رتن ٻائي، ڪاليداس، تلسيداس، ملڪ محمد جائسي، ٽئگور، نذر الا سلام ۽ ٻين لاتعداد مفڪرن ۽ اديبن ۽ شاعرن جا فڪري، فني ۽ احساساتي اثر سندس شخصيت ۽ شاعريءَ ۾ نمايان نظر ايندا. هن انگريزي ادب جا ترجما به وڏي شوق سان پڙهيا ۽ انهن جي ذريعي عالمي ادب جي ڄاڻ مان استفادو ڪيو.

نياز جي شاعريءَ تي خاص ڪري، سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، سرائيڪي ۽ هندي شاعري جي لازوال ادب جو گهڻو اثر پيو. هو فارسي شاعري کان به تمام گهڻو متاثر ٿيو. سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن، خاص ڪري شاهه لطيف ۽ سچل کان ته هو تمام گهڻو متاثر هو. هو شاهه لطيف جي مزار تي هر جمع جي رات حاضري پريندو هو ۽ راڳ ٻڌندو هو. نياز لطيف سائينءَ کي رهبر جي روپ ۾ ڏسندو هو. هو چوي ٿو:

سنڌ جي ويران وستيءَ ۾ جڏهن
سور ساري، سر سنپاري، ڪاپڙي آيو ڪهي،
ٿي ويا آباد، ويرانا تڏهن

هن اڇڻ سان ئي اچي جاڳايو سپ جو سپاڳ
۽ چيائين ننڊ سان ملندو نه سلطاني سهاڳ،
او ستا اٺ ٿي سجاڳ، ننڊ ايڏي ٺيڪ ناهه.

هن چيو سيئي سلامت ٿيا وجايو جن وجود،
ناهه تن لئه ڪو قيام ۽ ناهه تن لئه ڪو سجود،
ٿيا جڏهن نابود، رَليا بود سان بانڪا تڏهن،
("ڪاپڙي آيو ڪهي" روزنامه عبرت جمع 8 مارچ 1963ع)

نياز، شاهه لطيف لاءِ "تنهنجو وايون ورهه لطيف" ۾ لکي ٿو:

آرس هاڻيون اکيون کڻي، او رات جا راڻا پيڇ پني،
رمز ۾ وئين سپ راز سلي، ايئن ساهه سيباڻا پيڇ پني،
ڄڻ ته گلن تي ماک پئي، ڄڻ پونر اڏاڻا پيڇ پني.

تنهنجا سُر سپ سور پريا، تنهنجون وايون ورهه لطيف،
سوز ۽ ساز انهن ۾ ائن ڄڻ پور نکريا پرهه لطيف،
تنهنجا شعر ٿو پيش ڪريان مان، لائي پنهنجي ڳِرهه لطيف.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 252، 253)

هو سچل جا ٻول هيئن ٿو دهرائي:

ڪافر ناهيان، مشرڪ ناهيان، تڏهن به ٿو خاموش گذاريان،
هوش ۾ آهيان، بي سُڌ ناهيان، پوءِ به ٿو مدهوش گذاريان،
هر هنڌ ٿو موجود رهان ته به، ڄڻ روپوش گذاريان.
ڪافر ناهيان،
مشرڪ ناهيان!

ايئن نياز سچل جي بيباڪ شاعريءَ کان به گهڻو متاثر هو. ”سچل سائينءَ جي حضور ۾“ نظم ۾ آنا الحق جي لافاني نعري جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

تنهنجو عشق انا الحق وارو، حسن الاهي هو جنهن جو،
عشق اڇوڪو سوديبازي، حسن بزاري پٽ تنهن جو.

وري چوي ٿو:

حق جو نعرو باطل ٿي ويو، سچ تي پيا ارمان ڪجن،
سچل سائين، جيئن سدائين، ڪهڙا سور بيان ڪجن.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 256)

هو پڇت ڪبير جي فڪري گهرائيءَ کان به گهڻو متاثر هو، سندس ڪافيءَ جو بند ملاحظه فرمايو:

يار ”نياز“ به ڪوري يارو، پڇت ڪبير به ڪوري،
هُن پڇنيءَ ۾ عمر گنوائي، هِن کي پنهنجي جهوري،
سنڌ نه ٿئي شل چوري يار، ڪوري
آهيان ڪوري يار

(نئين زندگي، ڊسمبر 1980ع: 52)

نياز اندر جي اور هيئن ٿو ڪري:

تون سقراط جو ذهن، منصور جو دم،
تون گوتم جو گيان ۽ تون قرآن جي دل،

تون خليق جو نور عبادت جي لائق
تون ڪعبو، تون ڪاشي، تون يزدان جي دل،
تون شهباز ۽ شاهه، تون بي نياز،
تون سچل، تون سامي، تون انسان جي دل!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 270)

نياز ڪلاسيڪي شاعرن وانگي، وحدت الوجود جي واٽ وٺي، انهن جي آفاقي ڪلام جي پيروي ٿو ڪري، هو چوي ٿو:

مون ۾ سڀ موجود،
تو ۾ تون ئي آهين،
مون ۾ سڀ موجود!
مون ۾ عالم، مون ۾ آدم،
مون ۾ عيب شهود:
مون ۾ سڀ موجود!
تنهنجي منزل عرش اتاهين،
منهنجو دل دل منجهه ورود،
مون ۾ سڀ موجود!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 104)

نياز همايوني نه صرف اسان جي ڪلاسيڪل شاعرن کي پڙهيو ۽ پُرجهيو آهي، پر سرائيڪي، هندي ۽ فارسيءَ جي شاعرن جو به گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو آهي. هو چوي ٿو:

من ڪر ميدان فريدڻ! دڙا ڏيکيون سڀ ڏاهي ڇڏ!
دوزخ پيڙو ٿيندين ڪين، دليل هي دل تان لاهي ڇڏ!
اهڙي پارين پنهنجو رستو پاڻ ئي پيارا ٺاهي ڇڏ!

چلتي چکي ڏسندي ڏسندي، ديا ڪبيرا روءِ، ميان!
اٽلي ٻن پڙن جي وچ ۾، ثابت رهيو نه ڪوءِ، ميان!
پاڻ ته هڪڙي پُڙ ۾ پورا، ڪٽبي کهڙي گوءِ، ميان!

تلسيءَ هڪل ڪئي ته ڪبيرا! ڪِليءَ سان چت لاءِ

هلي،
ٻنهي پُڙن جي وچ ۾ پاڻ ئي، ثابت ٿي ديکاءِ هلي،
يار نياز! اها ٽل سؤلي، تون پي مشق پچاءِ هلي!

’ميرو درد نه جاني ڪوئي،‘ ميران ويڻي پار ڪيي،
ماڻهو پورا مٽي ڪنهڙ ۾، ڪير آٽي مان وار ڪيي،
هر ڪو لانگڙ لاهه ٿي وڻ جان، ڏار منجهان پيو ڏار ڪيي!

هٿرادي ماحول ۾ هرڪو، ڪرت ڪري هٿرادي هو!
چڪڙي چاڑهي ويڻو پاڻ پڏائي هر اپراڏي هو!
آکي باهو: حق باهو، اڄ اسان به چپڙي ساڏي هو!

ڪلر منجهان ڪي ورڻو ناهي، ’سعدي‘ هيئن سمجهائي ٿو،
هن ۾ ٻج چٽڻ ئي اجايو، جو هي ڪجهه نه اُپائي ٿو،
چوندا آهن: ”ڪلر ڪئي توکانه“ اهو ورجائي ٿو.

(دل ۽ ڏرتي جا گيت: 288)

هن نظم جي بندن مان پتو پوي ٿو ته ڄاڻايل شاعرن جي شاعريءَ جو نياز گهرو مطالعو ڪيو آهي ۽ هنن جي فن ۽ فڪر کان متاثر ٿيو آهيل

2- نياز همايوني جي شاعري جو مختصر تعارف:

نياز همايوني جي شاعري جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ ۾ اسان کي اهو ڏسڻو پوندو ته شعر ۽ شاعري ڇا آهي ۽ ان ۾ ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن؟ شاعر کي ڪهڙين خوبين جو مالڪ هجڻ گهرجي.

شعر:

شعر جي متعلق اسان جي عالمن ۽ اديبن گهڻو ڪجهه لکيو آهي. علامه آءِ آءِ قاضي لکي ٿو:

”شعور معنيٰ ’ڄاڻ‘ عربيءَ ۾ ’ليت شعري‘ جي معنيٰ آهي ”ڪاش آءٌ ڄاڻان!“ اسان جي شعر گوئن ۾ ته معنيٰ جو خيال ئي ڪونهي، نه وري دل منجهان ڪو آلاپ ٿو نڪرين تتبع تي صنعت گري ڪرڻ، انهيءَ کي شعر چيو وڃي ٿو. پر حقيقت ڇا آهي ته جيستائين قلب جي خون منجهان اکر ڳاڙهو ٿي نه نڪرن ۽ خود بخود بغير ڪوشش جي زبان تائين نه پهچن ۽ آلاپڻ اهڙي بيخبريءَ جو هجي جهڙو قمري يا بلبل جو سرود، تيستائين ان کي شعر چئي ڪونه سگهبو.“ (48)

شعر بامقصد هئڻ گهرجي، جيڪو انسانذات جي ڏکن، سورن، جذبات ۽ احساسات جي ترجماني ڪري. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

”اڪثر چيو ويندو آهي ته شاعريءَ ۾ ’مقصد‘ هجي ۽ شاعري زندگيءَ جي مسئلن سان وابسته هجي. بيشڪ، ڪوبه بي مقصد ۽ بي معنيٰ نظم شعر ٿي نٿو سگهي. صحيح معنيٰ ۾ شعر اهو آهي، جو حيات انسانيءَ جي تجربات، جذبات ۽ احساسات جي ترجماني ڪري.”[49]

شاعري مئل دلين کي جئاري ٿي. شاعري عشق ۽ الفت، سڪ ۽ ڇڪ، سوز ۽ گداز، سچائي ۽ سڃائيءَ جو داستان آهي. شاعري همت ۽ مردانگيءَ جو سبق آهي. شاعري مستي ۽ سرمستي جي بلندين تي پهچائي ٿي. شاعريءَ ۾ ڪهڙيون خوبيون هجن ان لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

”شاعريءَ ۾ نه فقط حسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هڻڻ گهرجي، مگر ان سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هڻڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شاعريءَ جي صنعت چئجي ٿو. شاعر ان صنعت جي وسيلي، پنهنجن خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾ اهڙو سليس مگر رنگين عبارت ۾، اهڙن نون ويبن ورنن ۾ ۽ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جون دليون بي اختيار ڪنڇيو وجن ۽ اها نقش ڪيل تصوير سندن اکين اڳيان پيئي ڦري. ازان سواءِ وزن ۽ قافيي جو پڻ ضرور آهي، جنهن جي ذريعي شاعر جو ڪلام وڌيڪ لطيف ۽ لذيذ ٿئي ٿو. پر ڪلام اهڙو هڻڻ گهرجي، جو ماڻهن جي دلين تي بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري. انهيءَ لاءِ ڪن ٻين خاصيتن جو شعر ۾ هڻڻ به واجب آهي، جن جي دوران شعر جو حسن هيڪاري نکريو نروار به ٿيو پوي. اها ڪامل شعر جي آخري منزل آهي . اهي خاصيتون آهن: فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش”. [50]

شاعر درد ۽ الم جو پيڪر آهي، ڪيف ۽ سرور جو مجسمو آهي. هر موچاري شيءِ جو عڪس سندس دل جي آرسيءَ تي منعڪس ٿئي ٿو. بلبل جو نغمو، ڪوئل جي ڪُو ڪُو، چيهن جي چهه چهه، باغن جي بهاري، جهڙ ڦڙ جي فرحت ۽ لطافت مطلب ته جڏهن به فطرت جي سونهن، شاعر جي دلِ بينا تي پنهنجي هوشربا جمال ۽ رعنائي سان جلوه افروز ٿئي ٿي، تڏهن شاعر انهن فطرت جي نيرنگين ۾ فنا ٿي وڃي ٿو ۽ سندس هر فڪر فطرت سان هم آهنگ ٿئي ٿو. شاعر ديس ۽ ديس وارن جي دکن دردن، انهن جي مٽان ڪاهن ۽ الاهن ۾ به پنهنجي شاعري ذريعي، شيهي جي ديوار بنجي پوي ٿو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

”شاعر جي حالت ۾ پهريون ئي پهريون اثر، جو حُسن جي مشاهدي ڪري مٽس پيدا ٿئي ٿو، سو آهي سندس “وجود جو ورق” ڏوئي صاف ڪرڻ. سندس ساري هستي سونهن واري شيءَ جي مشاهدي سان پرجي ٽمٽار ٿيو پوي؛ پوءِ اها شئي خواه ڪو قدرتي نظارو هجي، جهڙوڪ: چمن جو چهچٽو، درياءَ جي لس ليٽ، چنڊ جي

چٹائي، تارن جي جهرمر، ڪرن جي ڪارونپار وغيره وغيره. خواهه انساني حسن جو جلوو هجي، جهڙوڪ: سپرينءَ جي سونهن، لالن جو لبيس، معشوقن جو ناز، ۽ سندن هار سينگار وغيره وغيره. شاعر اهڙي مشاهدي ۾ پاڻ کي محو ڪريو ڇڏي ۽ پنهنجي شخصيت کي وساري خود شئي جي آرسي بنجيو پوي. اهڙي وقت ۽ اهڙي حالت ۾ پروڙيل حقيقت نِس پس اها شئي ناهي، مگر خود "سونهن جو سَرُ" جنهن مان اها شئي ڦُٽي نڪتي آهي. پروڙيندڙ ۽ پروڙيل شئي ٻيئي پنهنجو پاڻ وڃايو لئي ٿيو وڃن."[51]

هڪ باڪمال شاعر ۾ انيڪ خوبيون هونديون آهن. مولانا غلام محمد گرامي هڪ بهترين شاعر جي خوبين جي اپٽار هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

"هڪ باڪمال شاعر جي ڪلام ۾ فن ۽ فڪر جا ڪيئي متنوع پهلو ملي سگهن ٿا، جن تي صوري ۽ معنوي خيال سان اهو ڪلام مشتمل ٿئي ٿو، ڪٽي سوز و گداز ٿئي ٿو ته ڪٽي زندگيءَ جو راز نياز ٿئي ٿو، ڪٽي حسن و عشق جي آويزش رهي ٿي ته ڪٽي زندگيءَ جي لاينحل مسئلن جي عقده ڪشائي ٿئي ٿي. ڪٽي زندگيءَ جا ڪيئي لطيف پهلو، رمزيت ۽ ايمائيت سان بيان ٿين ٿا، ڪٽي لغمهءِ عيش ملي ٿو ته ڪٽي صداءِ ماتم ٻڌجي ٿو. ڪٽي خيالن جي ندرت ۽ جذبات جي شدت ملي ٿي ته ڪٽي محاڪات جي طلسم بندي ملي ٿي. ڪٽي ڪائنات جا اسرار واشگاف ڏسجن ٿا ته ڪٽي ماحول جي ترجماني ملي ٿي. ڪٽي منظر نگاري ۽ جذبات نگاريءَ جو خوش ڪن ۽ پُرجوش انداز ملي ٿو ته ڪٽي تهذيب ۽ تمدن جا ڪارناما ملن ٿا،۽ ڪٽي باطل شڪنيءَ ۽ حق پرستيءَ جا خيالات ملن ٿا. بهرحال، شاعر ۽ ان جو غور ۽ فڪر، خيالات ۽ جذبات جي هڪ لا رامتناهي دنيا تي حاوي نظر اچي ٿو." [52]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو بهترين دؤر ون يونٽ جي خلاف مزاحمتي تحريڪ وارو دؤر هو. ان وقت هو ٻن وڏن شاعرن 'نياز ۽ ايار' مان هڪ هو. ان وقت سڄي سنڌ سراپا احتجاج هئي ۽ اديبن ۽ شاعرن اڳئين مورچي جو ڪردار ادا ڪيو. اها جدوجهد ون يونٽ جي خاتمي تائين جاري رهي. ون يونٽ دؤران نياز جي شاعري شاگردن، سياسي ورڪرن ۽ جدوجهد ۾ شامل هر ماڻهوءَ جو نعرو بنجي ويئي، جيئن: 'جاري رهندي، جاري رهندي جنگ اسان جي جاري رهندي'

نياز، سندس شاعريءَ ۾ زبان توڙي بيان جي سونهن ۽ سيبتائيءَ کي فن جي قالب ۾ جنهن ڪاريگري سان جَڙيو ۽ جوڙيو آهي، سو سندس ئي دلڪش انداز ٿي سگهي ٿو. سندس شاعري متعلق محمد صالح 'عاجز' لکي ٿو:

"هيءَ شاعري، جنهن خوش اسلوبيءَ ۽ روانيءَ سان نگاهون اُڪري ذهن جي

گهرائين تائين پهچي ٿي، تنهن مان درجي به درجي اِهو اندازو ٿيندو وڃي ٿو، ته هن ۾ فڪر جي بلند پروازيءَ سان گڏ فن جي عجيب پختگي، موسيقيءَ جي دلفريبي ۽ مصوريءَ جي رنگيني، قوس و قزح جا المست نظارا پسائيندي رهي ٿي. نياز جي شاعريءَ جي هر صنف ۾ مٿيان اثر ۽ قدر برابر سمايل آهن، جن کي ڏسندي اهو اعتراف ڪرڻو ٿو پوي، ته اها شاعري، ڪنهن ڪوشش بدران قدرتي ڏات جي پيداوار آهي." (53)

شاعري لفظن جي بازيگري نه آهي ۽ نه لفظن جي راند آهي، شاعري جسم جو رت ۽ ساهه جو ست طلبي ٿي. شاعري، زنده جذبن جو اظهار هوندي آهي. جذبن کي زندگي بخشڻ ۽ لفظن کي ٻوليندڙ روپ ۾ پيش ڪرڻ شاعر جو ئي ڪمال آهي. شاعر لفظن ۾ ساهه وجهن ٿا ۽ سندن لفظ، شعر جي صورت ۾ اپري، مئل دلين ۾ ساهه وجهن ٿا ۽ قومون جاڳن ٿيون، ۽ جاڳي ماڳ لهن ٿيون . نياز چوي ٿو:

"جيسين باک بهاري ناهي، جيسين صبح سوايو ناهه،
تيسين ڪٽچي ڳائيندي پَئي، ڳائيندي ڪيڏارو راڳ.
(سنڌي غزل جي اوسر: 470)

جڏهن ٻين ماڻهن جون اکيون ٻوٽيل هونديون آهن ته شاعر جي اکِ اُپٽيل هوندي آهي. جڏهن ڏرتي تي وار ٿيندا آهن، جڏهن انسانيت کي ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙيو ويندو آهي، ته شاعر جي جيءَ ۾ جذبن جي جوالا دکي پوندي آهي. هن کي خبر هوندي آهي ته جيڪڏهن شاعر، حساس فرد به خاموش رهيو ته پوءِ سجاڳيءَ جو سنيهو ڪير پهچائيندو ۽ پرهه جو پيغام ڪير ڏيندو. نياز همايوني به هن سنيهي لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم، خوش اسلوبي سان ڪري ٿو:

جڏهن به سچ ۽ سونهن پڪاريو، اسان جلال ۾ آياسي،
جنم جنم ۾ جوڳي بڻجي، جهنگ سِيال ۾ آياسي!
دنيا ساڳي پٿر دل، جنهن پَريا نگر برباد ڪيا،
اسان اهي ئي ديوانا، جن ويرانا آباد ڪيا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:111)

نياز بامقصد ماڻهو هو، هن جي شاعري قوم ۾ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ

نئون روح ڦوڪيو. هن پنهنجي هر صنف ۾ چاهي گيت هجي، غزل هجي، دوهو هجي، وائي هجي يا نظم هجي، پنهنجي مقصد جو پرپور اظهار ڪيو. نياز "سوجهري" رسالي لاءِ ڏنل انٽرويوءَ ۾ چوي ٿو:

"شاعريءَ جو ڪم ئي دراصل اهو آهي ته مئل قوم ۾ نئون روح ڦوڪي-ان سلسلي ۾ مصر جي قومي شاعر 'شوقي' ۽ بنگال جي 'قاضي نذرالاسلام' جي شاعريءَ جو مثال اسان آڏو آهي." (54)

مهتاب چنا انهي ساڳئي انٽرويوءَ ۾ هن کي پيٽا ڏيندي لکيو:

"جڏهن به نئين سنڌي شاعريءَ جي ڳالهه چرندي ته نياز صاحب جو ذڪر اوس ايندو. سندس سچاري سوچ ۽ ڏرتيءَ سان پيار، ماڻهن جي مسئلن کي سر ۽ سنگيت ۾ پيش ڪري، جيئن پائو نياز همايوني صاحب سنڌي شاعريءَ کي اجاريو ۽ سنواريو آهي، انجي تاريخي حيثيت آهي، جيڪا ڪڏهن به مٽجي نٿي سگهي." (55)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جون صنفون

نياز همايونيءَ جا بيت

نياز همايوني بيت تمام ٿورا لکيا آهن، پر شيخ اياز کان پوءِ نياز ئي وڏ ۾ وڏ دوها لکيا آهن، بيتن جي معنيٰ ۽ مفهوم جي لاءِ ظفر عباسي لکي ٿو:

"بيت، جنهن جو جمع ابيات آهي، سو در اصل عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'گهر' گهر جي دروازي جي ٻن تاکن جيان بيت جا ٻه تاک مصرع آهن. پهرين مصرع اوليٰ ۽ ٻي مصرع ثاني سڏبي آهي." (56)

جيئن دوهو ۽ سورٺو هندي ڪلاسيڪي شاعريءَ جون مقبول صنفون آهن، ايئن بيت اسان جي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي نج ۽ اهم صنف آهي، جيڪا دوهي ۽ سورٺي جي سنگم مان سرجيل معلوم ٿئي ٿي،

فياض لطيف چانڊيو لکي ٿو:

'بيت جي هر سٽ ٻن گر پدن ۾ ورهايل هوندي آهي. پهريون پد تيرهن ماترائن تي مشتمل هوندو آهي ۽ ٻيو پد يارهن ماترائن جو هوندو آهي. ان طرح بيت جي ٻي مصرع جي پهرين پد ۾ يارهن ماترائون ۽ ٻي پد ۾ تيرهن ماترائون هونديون آهن. هندي ۽ سنڌي شاعري جي ماترڪ قانون مطابق، عام طور تي بيت (13-11) ۽ (11-13) ماترائن تي رَچيو وڃي ٿو، پر جديد سنڌي شاعرن، خاص ڪري شيخ اياز بيت جي ماترڪ ترتيب ۾ ڪجهه تبديليون آڻي، ان کي نئين نُدرت ۽ جدت سان پڻ لکيو آهي. چرن ۾ آيل حرفن جي لحاظ کان چند جا ڪيترائي قسم آهن. اسان وٽ گهڻي قدر بيت

جا ٽي چند مروج ۽ مقبول آهن. 1.سورٺو چند، 2.سنيهو چند، 3. دوهو چند." [57]

سورٺي جو مثال:

چند چوائين حق، جي وڙهين جي وچڑين،
به اکيون ٽيو نڪ، تو ۾ ناهه پرين جو.

(سر ڪنپات، شاهه لطيف (شاهاڻي 26)

نياز همايوني:

سورٺو

ميندي ۾ جيئن رنگ، تيئن وره وجود ۾،
اندر اناري انگ، ٻاهر ساول صوف جان.

(مهراڻ 1-1959،ص-7)

سنيهو چند:

هيڏو هي گجميل، چڙ جتڻي جي جواني،
سينڌ سراسر سيپارو، پره برابر پيشاني،
هڪ مهابو محبت جو، ٻي خوشيءَ جي خاني،
توڙي دل ۾ درد درود، ته به مرڪڻ لئي مستاني،
نڪو انگل عقل جو، نڪا دليلن جي دهماني،
اها مڙئي احساني، عالم تي انسان جي.

(روح رهاڻ سالنامو اپريل 1967ع:11)

سورٺا دوها ميل:

محبت جن جو ماڳ، تن وٽ سڪن ڪال،
اُجڙي اُجڙي شال، ڏاڍ ڏمر جو ڏيهه، الا!

(مهراڻ -1-1959ع :7)

نياز همايونيءَ جا دوها:

"دوهو هندي لفظ دوها مان ورتل آهي. دو= ٻه + ها =پچاڙي" [58]

يعني ٻن پچاڙين يا مصراعن وارو شعر، جنهن جون ٻئي سِٽون غزل جي مطلع وانگر هم قافيه هونديون آهن. "جن مان هر هڪ ۾ ٻه پد يا چرن ٽين ٽا. پهرين يا ٽين پد کي وِشم (طاق) چيو ويندو آهي، جنهن ۾ تيرنهن (13) ماترائون هونديون آهن. ٻي ۽ چوٽين پد کي سَمَ (جفت) چيو ويندو آهي، جنهن ۾ يارنهن (11) ماترائون هونديون آهن." [59]

ماترڪ چند جي حساب سان دوهو (13+11=24) ماترائن تي سِرجيو ويندو آهي، پر دوهي جي مقرر ماترڪ ستاءَ (13+11=24) ۾ اضافو ڪري جديد شاعرن ان کي (11+16=27) ماترائن تي بيهاريو آهي، پر خاص ڪري شيخ اياز هن صنف ۾ فني ۽ فڪري تجربا ڪري ان کي نئون روح عطا ڪيو آهي.

نياز همايوني پنهنجي دوهن ۾ دل جي دنيا جي تصوير ۽ احساس کي پيش ڪرڻ کان علاوه فطرت ۽ زندگيءَ جي هر منظر کي پرپور نموني چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن جي شاعريءَ ۾ مصوراٽي رنگيني ۽ شاعراٽي دلڪشي پنهنجي مڙني حسناڪين سان موجود آهي.

تنهنجي ياد ستارن وانگي ايئن، پري کان هات ڪئي،
رات جي اونداهيءَ ۾ جڙ ڪنهن پکي پراهين لات ڪئي.

(نئين زندگي- فيبروري 1964ع :46)

يار نياز هي دنيا ايڏي وڏي، تڏهن به تنگ آهي،
وڃڻي سکڻي دهل جئان، بس دعوائن ۾ دنگ آهي.

(سوجهرو، اپريل 1999ع: 20)

تنهنجي پوڄا پيو ڪريان، مان يار سدائين خوابن ۾،
منهنجي پر ۾ آءٌ، ته توکي توريان آئون گلابن ۾.

(سوجهرو اپريل 1999: 20

نياز همايونيءَ جا قطعا/چؤسٽا:

قطعه لفظ جي لغوي معنيٰ آهي ٽُڪرو، ”ڪنهن به قصيدي يا غزل مان مطلع ڪڍي ڇڏبو، ته باقي رهيل ٽُڪرو قطعو سڏبو. قطعي جا شعر گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٽين ٽا ۽ زياده جي ڪا حد مقرر نه آهي، پهرين ٻن مصراعن لاءِ هم قافيه هئڻ ضروري نه آهي، پر ٻين شعرن ۾ قافيي جي پابندي لازمي آهي.“ (60)

چؤستو:

جيستائين فرد بدلائي نه فطرت ساڻيو،
تيستائين قير آڻيندي نه قدرت ساڻيو،
حالتن جي هيءَ تقاضا آهي ته ظالم سان لڙو،
۽ ڪريو ان جي خدائيءَ سان بغاوت ساڻيو.

(اڇتي قدم-جون 1972ع: 10)

نياز همايونيءَ جون وائيون:

بيت وانگر وائي به ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي اوائلي ۽ اثرائتي صنف آهي. جيئن بيت جو جنم قديم دوهن، سَنڌين ۽ سُورٺن جي صنف مان ٿيو آهي، ائين وائي به بيت مان ڦٽي، اُسري ۽ نِسري آهي، ڇو ته وائيءَ جو فني سٽاءُ ۽ هيئت بيت سان گهڻي ويجهڙائي ۽ مماثلت رکي ٿو. وائيءَ مان جيڪڏهن وراڻي وارو پد ڪڍي ڇڏجي ته، ان جي بيهڪ لڳ پڳ وڃي سنيهي بيت جهڙي بيهنديءَ وائي بنيادي طور تي سُر، آلاپ ۽ سنگيت جي صنف آهي. بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ”وائي اصل ۾ گائڻ خاطر ئي وجود ۾ آئي آهي.“ (61)

انهيءَ ڪري اها شاعريءَ جي ٻين صنفن کان لب و لهجي، انداز ۽ احساس جي لحاظ کان ٻنهه منفرد ۽ نرالي آهي. وائي، لفظ کان وڌيڪ سُر، ترنم ۽ تال تي آڌارڪ

ٿئي ٿي، جنهن کري پروفيسر محرم خان چواٽي، ”هِن ۾ اکرن ۽ لفظن جي حيثيت ڇڻ ٿانوي رهجيو وجي ٿي.“ (62)

وائي

مون ۾ سڀ موجود، تو ۾ تون ئي آهين،
مون ۾ عالم، مون ۾ آدم، مون ۾ عيب شهود،
تو ۾ تون ئي آهين
مون ۾ مظهر منظر ميلا، تون تنهائيءَ ۾ محدود،
تو ۾ تون ئي آهين
تنهنجي منزل عرش اُتاهين، منهنجو دل دل منجهه ورود،
تو ۾ تون ئي آهين
جيڏا سور سيبل مون کي، تيڏو وِرَهه وجود،
تو ۾ تون ئي آهين
مان ئي ناز، نياز به مان ئي، مان ئي مقصد ۽ مقصود،
تو ۾ تون ئي آهين

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت، ص-104)

کافي:

تاريخي طور، کافيءَ جو وجود شاهه لطيف کان ۾ صديون اڳ معلوم ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾ هڪ بزرگ لاڏجيو برهانپوري آهي، ۽ ٻيو مير محمد فاضل بکري آهي.

کافيءَ جي فني حيثيت متعلق سنڌي اديبن جا کيئي رايا قائم ٿي چکا آهن. مولانا گرامي لکي ٿو: ”منهنجي ذاتي خيال ۾ آهي ته کافي، ”کافي“ راڳ جي نسبت سان اول اول ڳائڻ ۾ آئي، اڳتي هلي، سپني سرن ۾ ڳائي ويئي، ۽ غلط العام صحيح موجب، هر سر ۾ ڳايل چيز کي ”کافي“ سڏيو ويو. ”کافي“ خود عَلَمَ آهي، ان لاءِ توجيح ۽ تاويل جي کهڙي گنجائش؟. آخر ڳائڻن کي ته اوائل ۾ علم هوندو ته ”کافي“ هڪ ٽاڪ مان ورتل راڳ آهي، ۽ خسرو جي ايجاد آهي.“ (63)

نياز همايونيءَ جون کافيون تمام ٿوريون آهن. هيٺ سرائيڪي کافي ڏجي ٿي:

سرائيڪي کافي

اکيان جو ماهي چاتيان، ٽيان صبح اساڏيان راتيان!
سِکيا مرکڻ ميڏي يار جَڏان، ٽيسَن قتل غريب کڏان نه کڏان،
اسان هُڻ ئي کفنيان پاتيان!
تيڏا مُکڙي جيها ماڻ پرين، کيوين کٹيسين اسان کون ساڻ پرين،
اسان لُک لُک پاندي جهاتيان!
تُسان چاتا گهڙا سَٽ ٻانهن سَيان، ساڏي سُرت دي ٻيڙي ٻوڙ ڳيان
اِهي چوليان جِيهيان چاتيان!

ساڈي عمر وهاٹي روهان تي، ساڈي لُڑڪ گواهه اندوهان تي،
اسان ولَ وَل پريتيان تاتيان!
ڪائي آپل اُداسيان آهان دي ڪائي ڇانوَ اڪيليان راهان دي.
وانگ ڪونجان لنوندي اون لاتيان!
ٿُسان سج تي چنڊ ستاري ميان، دل ڪنهن دي سُجدي ساري ميان،
اسان الگ سُهائيان لاتِيان!
لکين گهايل آپٹي گوندر دي، پچين ٹام ٹڪاٹي وندر دي،
اِٹان دَرِ دَرِ آپيان ڪاتيان!
تيڈا حسن تي وصل دي آس عجب، پلا عشق تيڈا ماهي يار غضب،
بن موت مريندیان ماتيان!
ساڈا عشق به هڪ اقرار به هڪ، ساڈا روپ "نيازڑ" يار به هڪ،
تيڈي حسن ديان لک ذاتيان!
ٹيان صبح اساڈيان راتيان!

(ٹماهي مهراڑ، 4-1983ع: 25)

سنڌي ڪافي

ڪوري آهيان ڪوري يار!
ڪوريءَ جي مت ٹوري يار!
سارو ڈينهن ڳنڍڙ جون ڳالهيون، ڇنڙ نه پنهنجي ٻولي،
نينهن نپائڙ ڪرت اسان جي، هر دم اولي سولي،
لڳل اهائي لوري يار!
ڪوري آهيان ڪوري يار!
چرخو چوري ڪت ڪا تاريان، ورود آڏي مانجهي،
انگ اگهاڑا آءٌ ڍڪايان، ليڑ نه ورود آڏي لانجهي،
عمر ائين مون ڈوري يار!
ڪوري آهيان ڪوري يار!
شينڪ شيني، مالڪ شيني! ڪيڪر پنهنجي

كاشي،
وير نه ويچو پنهنجو پيشو: سپ سان ياري باشي،
ڳالهه تڏهن پي ڳوري يار!
ڪوري آهيان ڪوري يار!
ڪوري آهيان ڪانئر ناهيان، پن تي آءٌ نه پاڙيان،
ڏاکڻ وانگي ڪين ڪڏهن پي، مال پراوا تاڙيان،
پنهنجي فطرت پوري يار!
ڪوري آهيان ڪوري يار!
هر ڪو عقل جي ڪيڏ ڪري ٿو، هڪ ٻئي جو بڻ ڳاري،
هڪڙي سان جٽ، ٻيو جنجل ۾ شرم نه ڪوئي ڏاري،
مون نه اها تڪ توري يار!
ڪوري آهيان ڪوري يار!
سپ ڪو ننگو سپ ڪو نانگو: ماس مئن جو تاڙي،
پنهنجي ڪارنهن ڪين نهاري، ٻي جا عيب اڳهاڙي،
چوري توڙي زوري يار!
ڪوري آهيان ڪوري يار!
هر ڪو خاني خان سڏائي، هر ڪو لوڀي ٿوڳي،
ڪوڙيءَ ڪي ئي گهمري آهي، ننڍو وڏو سپ روڳي،
دل جي ڳالهه مون اوري
يار!
ڪوري آهيان ڪوري يار!
يار "نياز" به ڪوري يارو: پڳت ڪبير به ڪوري،
هُن ڀڳتيءَ ۾ عمر گنوائي، هِن ڪي پنهنجي جهوري،
سنڌ نه ٽئي شل چوريءَ
يار!

كوري آهيان كوري يار!
(نئين زندگي ، ڊسمبر، 1980: 52)

نياز جا لوڪ گيت:

"لوڪ گيت، هر ملڪ ۽ هر ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' جو اهم ۽ قيمتي سرمايو آهن. سنڌي لوڪ گيت، سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌين جي عوامي ادب جو آئينو آهن، جن ۾ سنڌ وارن جي عام زندگيءَ جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. عوامي ٻولن ۽ جذبن جو هيءُ عظيم سرچشمو روايتي شاعرانه تصور کان خالي هئڻ جي باوجود سهڻن ۽ نماڻن خيالن سان پرپور آهي. عوام مان ڪن سٻوجهن جي دل تي جيڪي گذري ٿو ۽ زبان تي جيڪي ڪجهه تري اچي ٿو، سو لئي جي آڌار تي ٻولن جي شڪل اختيار ڪري 'لوڪ گيت' بنجي ٿو." (64)

نياز همايوني هيٺ ڏنل لوڪ گيت جي صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي:- چيٽو، سنيهو، ڍاٽيئڙو، لوڪ ناچ، ڊوليا، مورو، بالو، ماهيا همبوچي، جمالو، همرچو، تاسرڙو، اُوڙو، مُوئرو، جهونگارون، مان متي اگهاڙي.

اونيئڙو:

اونيئڙي ڙي اونيئڙا هو، او منهنجي وندر وئي وڻڪارن ۾،
جهل واڳ ته ڪي واڪا ڪريان لا، من ڪا ڪهل پوي بروارن ۾،
اڻن جا پيرا، ڪيرا ويرا، آئون پريان ڪيئن تن سان پيرا،
درد جا جن وٽ دنگ نه ديرا، ڪيئن پير گجن تن پارن ۾.
(شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون: 391)

نياز همايونيءَ جا گيتَ:

گيت جو سنگيت سان اهڙو ئي سُٻنڌ ۽ رشتو آهي، جهڙو جسم جو روح سان جيئن جسم جي روح سان سلهاڙيل ۽ سنجوڳي هجڻ ۾ ئي زندگي ۽ ان جي سُندرتا آهي، ائين گيت جي زندگي، سُر ۽ سنگيت ۾ آهي، انهيءَ ڪري گيت ڪي سُر ۽ تال کان جدا ڪري نه ٿو سگهجي. روايت ۽ لغت جي تاريخ ۾ ڏسجي ٿو ته، گيت لغوي توڙي فني لحاظ سان گائڪي ۽ سُر تال جي مفهومن ۾ موجود ملي ٿو. چيو وڃي ٿو ته" "گيت ، سنسڪرت زبان جي لفظ 'گي' يا 'گيا' مان ورتل آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ 'ڳائڻ' آهي." (65)

نياز همايونيءَ جو مشهور گيت هيٺ ڏجي ٿو:

تنهنجي دنيا سڀ رنگ، سانول!
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ، الا!

تنهنجي دنيا لهرون لوڏا،
منهنجي دنيا اجڙيل ساحل،

مون وٽ روپ.....

منهنجي دنيا مرڪهه ترشنا،
تنهنجي دنيا رمندا بادل،

مون وٽ روپ.....

منهنجي دنيا ولهيءَ جا واڪا،
تنهنجي دنيا ڇم ڇم پايل،

مون وٽ روپ.....

(ماهنامو نئين زندگي آڪٽوبر 1963ع، ص-39)

گيت

جهوري ويم جهُڙالـيون، الا، شل ڪا باهه لڳي برساتين ڪي!
ماٺهو مُرڪن مينديءَ گل جان،
مکڙا تن جا ڪيسوءَ ڦل جان،
پنهنجون اکڙيون آليون، الا،
شل ڪا باهه لڳي برساتين ڪي!
روح سدائين راتاهن ۾،
جان هڇي ٽي آڙاهن ۾،
هيئن ٿا جنجل ۾ جالـيون، الا،
شل ڪا باهه لڳي برساتين ڪي!

پاڻي بن جيئن ڪُرڙي ڦٽڪي،
تيئن ٽي ويڳاڻي دل ڏڙڪي،
اوکيون عشق جون چاليون، الا،
شل ڪا باهه لڳي برساتين ڪي!
سانوڻ ساهه، پلايو سکن کان،
سات گهريوسين 'نياز' ڏکن کان،
پڇ نه اسان جون ڳالهيون، الا،

شل کا باهه لڳي برساتين کي.

(مهراڻ 1_1959ع ص 11_10)

نياز همايونيءَ جا غزل:

غزل جي اصليت، هيئت ۽ موضوع متعلق نقادن ۽ عالمن جا مختلف رايا آهن. کن جو چوڻ آهي، ته "غزل اصل ۾ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ 'تغزل' يعني 'محبت جو بيان' يا ان مان مراد جنسِ لطيف جو ذکر آهي. ان سان ذري گهٽ هم آواز هڪ ٻيو لفظ 'غزاله' پڻ آهي، جنهن جي معنيٰ 'ڪَتڻ يا وَڇڻ' آهي... اهڙيءَ طرح هڪ ٽيون لفظ 'غزل' به آهي، جنهن کي يورپ وارا 'غيزل'(gazelle) کوڙين ٿا، کي وري انهيءَ مان لفظ 'غزل' کي نڪتل سمجهن ٿا، پر.... 'غزل' يعني هرڻ جي چال هڪڙ سان غزل جي ليکڪ جي شعري اُڏام جي گهڻي مناسبت آهي." (66)

او راڳي، او ويراڳي، اُٽ ڳاءِ، اُهو ڳڙ وارو راڳ،
جنهن سان جاڳي روح جو راڻو، ڪاڪ رَسي ڪوهيارو راڳ.

منهنجي ڏرتي منهنجو گلشن، ڏرتيءَ جا گل منهنجا گيت،
آءٌ ٿو ڳايان ڳائيندس پيو، جنم جنم هي پيارو راڳ.

جيسين باک بهاري ناهي، جيسين صبح سوايو ناهه،
تيسين ڪڇي ڳائيندي پئي، ڳائيندي ڪيڏارو راڳ.

منهنجا گيت رکاڻ پريل ها، تنهنجي سور سواد ڏنو،
تنهنجي سار جو آئي ٽي پيو، ماکيءَ جو مانارو راڳ.

هيل "نياز" نه مينهن ونا، نکي پنهنجي پاسي ماڪ پئي،
جيڪس سورن سانت هئي، يا کين هيو سونهارو راڳ.

(سنڌي غزل جي اوسر : 470)

نياز همايونيءَ جا نظم:

نظم عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، 'هڪٻئي سان ملڻ يا ملائڻ'. جڏهن ته لغوي معنيٰ آهي 'پوئڻ' عام طرح سان غزل کان سواءِ ٻين سمورين عروضي صنفن جو مجموعي نالو نظم آهي... فني مزاج جي لحاظ کان نظم جي صنف ئي آهي، جنهن ۾ داخلي ۽ خارجي کيفيتن، يعني 'غمِ جانان' ۽ 'غمِ دوران' يا 'جذبي' ۽ 'فکر' جو بهترين ميلاپ ٿي سگهي ٿو." (67)

اي وطن منهنجا وطن، پيارا وطن تون لک لهين!
تنهنجا ويرانا به ٽا مونکي وٽن تون لک لهين!
اي وطن منهنجا وطن، پيارا وطن تون لک لهين!

تنهنجي ٻهرن جي ٽڏيري ڇانوَ بستن کان پلي
تنهنجي کيرولين جي مٿڙي لست پستن کان پلي
غير جي گيندي کان وڌ تنهنجو ٻُکن تون لک لهين!

توکي جيڪا پي لڳي گهر مان لڳي ڪو شڪ نه آهه
ڏوهه ڇا ٻين کي ڏجي، پنهنجن ئي ڪئي ڪو شڪ نه آهه
اڄ به توتي واڪ ٽا ڏيندا رهن تون لک لهين!

ڇا به ٽي تون منهنجو آهين، مان آهيان تنهنجو وطن
جيءُ جسو گهوري ڇڏيندس تو مٽان پنهنجو وطن
توکي رکٽو آهه سلامت جان من تون لک لهين!

(ڏرتيءَ جا گيت: 1977ع ، ص 77ء 78)

نياز همايونيءَ جا طويل نظم:

طويل نظم جي مختصر لفظن ۾ وصف هن ريت بيان ڪري سگهجي ٽي: "نظم هر هال ۾ نظم هئڻ گهرجي، جنهن کي طوالت ڏيڻ سان طويل نظم جڙي ٽو. طوالت هڪ خاصيت ۽ صفت آهي، جيڪا شاعريءَ جي ٻين صنفن سان به لاڳو ڪري سگهجي ٽي، پر غزل سان لاڳو نٽي ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته غزل ۾ بندن جي حد مقرر آهي ۽ انسان جي اندروني احساسن جو عڪس آهي." (68)

طويل نظم هر دؤر ۾ پنهنجي پنهنجي هيئت ۾ موجود رهيو آهي، جيڪو قديم زماني کان وٺي اظهار جو ذريعو رهيو آهي. نياز همايوني روايتي عروضي اصناف جي مسمط نظم جي هيئت تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جنهن ۾ "مثلث" هيئت ۾ طويل نظم جوڙيا آهن. "مثلث" جون ٽيئي مصراعون هم قافيه رکيون آهن. يعني ٽن مصراعن جو هڪ بند رکيو آهي، جنهن ۾ هر بند جا قافيا مختلف رکيل اٽس. ڪٽي ٻه ته ڪٽي، چار مصراعون به رکيون اٽس. نياز همايونيءَ جي طويل نظمن جون ڪجهه مصراعون هيٺ ڏجن ٽيون:

پرهه جي مکڙي:

بالي هڪ ڳوناٽي چوري، چوري اهڙي سهڻي هئي،
جنهنجي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جڙ سُندر بن جي

هرڻي هئي،
مُرڪ ۾ مومل لوڏ ۾ ليلان، سونهن ۾ سچ پچ سهڻي هئي،

سوڀيا وان هئي ائين ڄڻ، چنڊ جي مورت ماڑيۦ تي،
پالي پولي هئي ائين ڄڻ، نانگڻ جوڳڻ تاڑيۦ تي،
رلڻي ملڻي هئي ائين ڄڻ، پوپٽ ۽ گل واڑيۦ تي.

ننگا نيٽ نويل هرڻ جي اکڑين جان دمساز هياس،
جن ۾ گهڑيۦ غمزا ته گهڑيۦ ڪي مومل وانگ مجاز هياس،
پلڪ پلڪ تي نچندڙ ٽپندڙ ڪيئي راز نياز هياس.

ديواني جو قدم وڌيو ۽ باليۦ کي ڳل ميچ ڪري،
ميڙ مان ٻاهر ڪڍيائين انکي سپني کي ويو هيچ ڪري،
سچ ٽو ٻڌجي ان جو سهارو پاڻکي جو سرويچ ڪري.

بالي ۽ ديوانو ٻئي ويا وارا وڃائي پيار وچان،
اڄ به انهن جو ذڪر ائين جئن خوشبو اچي گلزار وچان،
ليڪن ڪي ڪي ماڻهون ڪر ڪر ڪري چون پيا خار وچان.

بالي هڪ ڳوٺاڻي چوري، چوري اهڑي بچڑي هئي،
جنهنجي کهڑي ڳالهه ڪجي ڄڻ ڪاريهر جي پچڑي هئي،
چوريۦ ۾ هو چيڏڪ جي نه ته چوري "پرهه جي مکڑي " هئي.
(ماهنامو نئين زندگي، اپريل 1963ع ص -35 ۽ 38)

هاءِ جيجل مارئي !

آ ڏُٽليو، بود بدليا، پر اياڻي مارئي!
تون نٽي بڌجي سگهين دل جي ڏياڻي، مارئي!

مان اجان سمجهان ٿو توکي سا پراڻي مارئي،
جا عمر جي ڪوٽ ۾ هئي قيدياڻي مارئي:
وقت ٿو توکي رکي هر دم ڏکاڻي، مارئي!
هاءِ، جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي!
توکي هر هڪ دؤر ۾ بيوس ڪري مَنڊيو ويو،
ماڳ تي پهچڻ کان اڳ ئي راهه ۾ رنڊيو ويو؛
ڪٽ ته چوراڻي مَڏيءَ جيان تنهنجو وڙ ونڊيو ويو،
ڪٽ وري توکي ائين ڦاڪون ڪري ڦنڊيو ويو،
جڙ ڪري حصا پَتيون مڇي وڪاڻي، مارئي!
هاءِ، جيجل مارئي، واڄن جي راڻي مارئي!
ڪيم ٿي مايوس، او منهنجي مِٽياڻي مارئي،
سون ورني ۽ ڏنارن جي ڏياڻي مارئي،
آءٌ ڪندس واهر سندءِ، سر ڏئي، نماڻي مارئي،
بند مان توکي ڇڏائيندس، اباڻي مارئي:
مان وڃي گهر گهر ڪندس تنهنجي ڪهاڻي، مارئي!
هاءِ، جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي!
(ٿماهي مهراڻ 1- 2- 1960ع، : 30 ۽ 36)

نياز همايونيءَ جي شاعري، زندگيءَ جي دک درد ۽ رنگ رومان سان گڏ، قوم ۽ وطن جي شاعري آهي. هن اڪثر قومي زندگيءَ جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنائي ان جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي اهڙيءَ طرح بلنديءَ کان وٺي پستيءَ تائين اجاگر ڪيو آهي، جو سندس شاعري، اسان جي زندگيءَ لاءِ صحيح عڪاسي جو رتبو رکي ٿي. انهيءَ عڪاسيءَ ۾ انفرادي، اجتماعي، ذهني ۽ جذباتي زندگيءَ جا سمورا نقش بلڪل پڌرا نظر اچن ٿا. نياز جي شاعريءَ ۾ بيت (سورٺا ۽ سورٺا دوهاميل)، دوها، غزل، گيت، لوڪ گيت، نظم ۽ طويل نظم شامل آهن. انهن سڀني صنفن ۾ متروڪ ٿيل لفظ، نوان فقرا، نوان محاورا، تشبيهون ۽ استعارا وغيره موجود آهن، سي نياز جي فني ڪمال جي گواهي ڏين ٿا.

مطلب ته: ”نياز صاحب جي فڪر جي بلنديءَ سان گڏ سندس فن جي وسعت به درياه جي ڪنڌيءَ سان پري تائين ويندڙ وٽڪار وانگي هو شربا طلسم جو احساس ڏياري ٿي.“ (69)

حوالا

1. سحرامداد، ڊاڪٽر، "شعور ، شاعر، شاعري"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2008ع، ص-348.
2. سڌايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، "جديد سنڌي شاعريءَ جو ڪردار"، ڪينجهر (تحقيقي جرنل)، شمارو 13، سال 2010ع، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ص13، 14، 15 ۽ 16.
3. 'عاجز' مولانا محمد صالح، "(ڏرتيءَ جا گيت جو مهاڳ)"، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" – مرتب تاج جويو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو/حيدرآباد، 2009ع، ص-13.
4. چانڊيو، بشير احمد (فياض لطيف)، ڊاڪٽر، "شاهه جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال" قليچ تحقيقي جرنل (2) 2016ع، ص-68 ۽ 69.
5. حوالو نمبر -3-ص-12.
6. پٽي، رشيد، (مرتب)، "خط، انٽرويو، تقريرون-1"، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987ع، ص-19 ۽ 20.
7. ريحانا نظير، ڊاڪٽر، "ادب ۾ ترقي پسند نظريو"، ڪينجهر جرنل شمارو 21، سال 2018ع، ص-54.
8. ساڃيو-ص-55.
9. ساڃيو-ص-55۽56.
10. ساڃيو ، ص-58 ۽59.
11. ساڃيو، ص-61 کان 64.
12. سميجو اسحاق، ڊاڪٽر، "جديد شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جي آميزش"، ڪينجهر (تحقيقي جرنل)، شمارو 17، سال 2014ع، ص-26.
13. ٽماهي مهراڻ، 1-2-1961ع، ص 502.
14. "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت"، ص-290-291.
15. نئين زندگي، آڪٽوبر 1973ع، ص 11.
16. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" ، شاهه عبداللطيف پٽائي چيئر، يونيورسٽي آف ڪراچي، ڇاپو پهريون، فيبروري 2002ع ص 444 ۽ 445.
17. محمد اسحاق، "سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جو تحقيقي اڀياس" (1936 کان 1970ع تائين)، پي ايڇ ڊي ٿيسز، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو 2014ع.
18. بلوچ، تاج، "ايڊيٽوريل"، ماهوار سوجهرو ڪراچي، فيبروري 2003ع.
19. سومرو، نذير، پروفيسر، "چنڊ کي مون سان پريت ٿي ويئي" (نياز همايوني جي وفات تي تاثراتي مضمون) ماهوار سوجهرو، فيبروري 2003ع، ص-12.
20. "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ، ص-36 کان 37.
21. ساڃيو، ص-21 کان 22.
22. ساڃيو ، ص-38 کان 39.

23.”نئين دؤر جا نوان چار درويش” ، ص 13، 15، 17، 18، 19.
24.فياض علي بيگ، مرزا، عبرت مئگزين، 15 مارچ 1999ع ، ص -46.
25.آريسر، ”نئين دؤر جا نوان چار درويش” ص_ 36.
26.ساڃيو، ص- 24 ۽ 25.
27.عباسي، تنوير، ”شاهه لطيف جي شاعري” ، ٽن جلدن ۾ ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، 1989ع، ص-210.
28.گرامي، غلام محمد، مولانا، ’مشرکي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات‘، چاپو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، 1992ع، ص-196۽197.
29.جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’ڪنمال‘ ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، جامشورو، 2002ع، ص-490.
30.سميجو اسحاق، ڊاڪٽر، ”جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جي آميزش” ڪينجهر (تحقيقي جرنل)، شمارو 17، سال 2014ع، ص-24۽ 25.
31.’عاجز‘، ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت”، ص-22۽ 23.
32.سنڌي، مدد علي، ’گلبانگ لطيف‘ ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2020ع، ص-19.
33.مظہر جميل، سيد، ”جديد سندھی ادب – ميلانات، رجحانات، امکانات”، اکادمی بازيافت، مارچ 2007ء، ص 973۽ 974.
34.آريسر، ’دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت‘، ص 387، 388 ۽ 389
35.سحر امداد, ڈ اکٹر, ’انٹرنيشنل کانفرنس سندھ ماضی حال مستقبل‘شاہ عبداللطيف بھٹائی چيئر, جامعہ کراچی-انسٹيٹيوٹ آف سندھيالوجی, جامعہ سندھ2006ء’ ص-54،55
36.Allana, Ghulam Ali, Dr, “Evolution of Sindhi Language”, Sindhi Language Authority, Hyderabad, Sindh, 2020, P: 342, 343.
37.’عاجز‘، دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص-12،11،۽13.
38.سنڌي، يوسف، ”سنڌي ادب”، سچائي اشاعت گهر، دڙو، جولاءِ 2011ع، ص-485.
39.همايوني، نياز، ’ديوان مفتون‘، ص -1.
40.’عاجز‘ دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت، ص-12۽13.
41.آريسر، ”نئين دور جا نوان چار درويش”، ص-24.
42.ساڃيو، ص: ساڃيو.
43.ماهوار اديب، سنڌ،(گلزار سنڌ ضميمه اديب سنڌ)، سنڌ سڌار سوسائيٽي لاڙڪاڻو، اپريل 1949ع، ص-8.
44.ساڃيو، مئي، جون، جولاءِ 1949ع، ص- 1.
45.قادري، ايار، مهراڻ 3-4-1963ع، ص-17.
46.روزانه هلال پاڪستان، حيدرآباد، آڇر 30 جون 1963، ص-1.
47.هفتيوار برسات، ’رنگ محل‘ جنوري آخري هفتو 1974ع، ص-2.
48.قاضي، آءِ آءِ، علامه، ’شاعري‘، ’شاعري ۽ ان جي تاريخ‘، چاپو ٻيو، ٽماهي مهراڻ

1991ع، ص-4.
49. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، ’شاعري‘ ’شاعري ۽ ان جي تاريخ، چاپو ٻيو، ٽماهي مهراڻ، 1991ع،ص-14.
50. گربخشاڻي، ايڇ ايم، ڈاڪٽر، ’شاعري‘، ”شاعري ۽ ان جي تاريخ“، چاپو ٻيو ٽماهي مهراڻ 1991 ص -7 ۽8.
51. ساڳيو، ص-7.
52. گرامي، غلام محمد، مولانا، ’شاعريءَ جي پاڳي جي شروعات‘، ٽماهي مهراڻ 3-1987ع، شروعاتي صفحو.
53. ’عاجز‘ محمد صالح، ”دل ۽ ڏرتي جا گيت“، ص-14.
54. چنا، مهتاب، ’روپ نکو ٻهروپ ‘ (نياز همايونيءَ جو انٽرويو)، ماهوار سوجهرو، فيبروري 1974ع ص -7.
55. ساڳيو، ص-6.
56. عباسي، ظفر، سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007ع ص-98.
57. چانڊيو، بشير احمد (فياض لطيف)، ’شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، چاپو پهريون، 2018ع، ص 202ء 203.
58. عباسي، ظفر، ’سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون‘، ص -98.
59. ميمڻ، عبدالمجيد، ’بيت، سٽاءُ، ۽ اوسر‘ مهراڻ اڪيڈمي، شڪارپور، 2002ع، ص-45.
60. شيخ، خليل، محمد ابراهيم، ڈاڪٽر، ’سنڌي شاعريءَ ۾ علم عروض‘، مهراڻ اڪيڈمي شڪارپور، 2001ع، ص-303.
61. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، ’مقدمو-مبين شاه عنات جو ڪلام‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1963ع، ص-87.
62. محرم خان، پروفيسر، ’سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري‘ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2007ع ص-240.
63. گرامي، غلام محمد، مولانا، ٽماهي مهراڻ، ’شاعري ۽ ان جي تاريخ‘، ص-71.
64. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 3-4-1969ع،ص-131.
65. عباسي، ظفر، ’سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون‘، ص -31.
66. قاضي، آءِ آءِ، علامه، ’صوفي لا ڪوفي‘، مترجم، عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1995ع، ص-77.
67. هڪڙو، انور، فگار، ڈاڪٽر، ’شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2009ع، ص-91.
68. سومرو، شريف، ’شاد‘، نياز همايونيءَ جي طويل نظم نگاري، ٽماهي مهراڻ، 1-2-

2011ع، ص-213.
69.آريسر، دل ﻉ ڈرتيﺀ جا گيت، ص-25.

باب چوٿون

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو فني جائزو

شاعري يا ته انسان جي داخلي دنيا جي کول اکيل ڪندي آهي، يا انسان جي آس پاس موجود ماحول، سماجي حالتن ۽ تاريخ جي ارتقائي مرحلن کي محفوظ ڪرڻ جو ڪم ڪندي آهي، يا وطن، ٻولي، ڪلچر ۽ ان جي مٽيءَ سان وابستگيءَ کي ڳائيندي آهي يا فطرت جي حسن ۽ ڪرشمي سازيءَ کي بيان ڪندي آهي. هر وڏو شاعر انهن سڀني رنگن جو مرڪب هوندو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو ان ڳالهه کي هينئن ٿو بيان ڪري:

”شاعر/ فنڪار کي ذات ۽ ڏانو ٻئي حاصل هوندا آهن، هو ذهن، اکيون ۽ ڪن ڪليل رکي ٿو. عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ خبردار ٿئي ٿو وڌيڪ حساس ٿئي ٿو. هن جو تجربو ڪيس وڌيڪ قابل بنائي ٿو. هن جو مشاهدو سندس فن ۾ وڌيڪ پختگي آڻي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪائنات جو گهرو مطالعو ڪري ٿو. سير سفر ڪري دنيا کي قريب کان ڏسي ٿو.“ [1]

نياز همايوني سنڌي شاعريءَ کي نوان فني ۽ فڪري گس ڏئي، پنهنجي اسلوب ۽ انداز سان نئون نکار عطا ڪيو آهي. هو پنهنجي دور جي سماج، تاريخ ۽ تهذيب جو نه فقط ترجمان شاعر آهي، پر هن جي شاعري جمالياتي قدرن جي پڻ امين محسوس ٿئي ٿي. نياز هڪ طرف ڏيهي ۽ عالمي فن ۽ فڪر کي پنهنجي تخليقن ۾ سمايو آهي، ته ٻئي طرف ڪلاسيڪي روايتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ قائم رکي، ان ۾ نئين شعري جماليات، نون تصورن، خيالن، تشبيهن ۽ استعارن کان علاوه فطرت توڙي سماج جو عڪس ۽ احساس اوتي، ان کي اڃا به وڌيڪ موثر ۽ موهيندڙ بنايو آهي.

نياز جي شاعريءَ جي وڏي خوبي ۽ خوبصورتي سندس اسلوب ۽ انداز بيان آهي، جنهن ۾ فڪر جي گهرائي، تخيل جي تازگي، ترتيب ۽ ترنم سان گڏوگڏ لفظي نفاست، تفڪر، تصور ۽ احساساتي رنگينيءَ جو هڪ اهڙو حسناڪ جهان ملي ٿو، جيڪو دماغ جي درين کي کولي ۽ دل جي تارن ۾ جلترنگ ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته، هن جي شاعري، موضوع، ترنم ۽ نغمگي، ٻولي ۽ هيئت جي لحاظ کان سنڌي شاعريءَ جو اهم حوالو آهي.

نذير سومرو لکي ٿو:

”جن شاعرن نون اهڙن!؟ هيٺ منفرد لهجي ۾ شاعري ڪئي تن ۾ نياز همايونيءَ جو نالو وڏي اهميت وارو آهي هو ذوالفقار راشديءَ جو حوالو ڏيندي نياز جي شاعري ”اهڙيون پياريون ستون، لفظ، محاورا ۽ ترڪيبون رڳو نياز همايوني جهڙي گٹواڻ ۽ سچي ڪلاڪار جي زرخيز قلم مان ئي ڦٽي سگهن ٿيون.

نياز ٻهراڙيءَ جي ڪن هالوچالو نستن ۽ بي ساهه لفظن ۾ هيڪاندو ساهه ۽ سواد پري چڏيو آهي، پاروٽن خيالن ۽ الوٽن جذبن کي تازگي ۽ چهراٽ ڏني

آهي، شاعر ٻولين جا ٻٽائيندڙ ۽ نگهبان ٿيندا آهن، انهيءَ نقطئه نظر کان نياز جو پورهيو کيرون لهٽي.“ [2]

نياز جو ڏکشن ۽ اسلوب ايڏو ته دائمي ۽ دلپذير آهي، جو وقت جي واري ۽ لُڙانکي کڏهن به ڏنڏلو ۽ ميرو نه ڪري سگهندا.

ڪنهن به اعليٰ تخليق ۾ سهڻائيءَ جو معيار رڳو خيال، جذبو، ٻولي ۽ شاعريءَ جون فني بندوشون نه هوندیون آهن، پر انهن سڀني جي مڪمل وحدت ۽ ان مڪملتا مان پيدا ٿيندڙ خيال ۽ جذبي جو ڀرپور تاثر، وٽندڙ عڪس، موهيندڙ انداز جاذب ٻولي، مترنم آهنگ، متوازن لفظي جوڙجڪ، فني هيئت ۽ فڪري حيثيت ئي شعري تخليق جو حقيقي حسن هوندا آهن.

شاعريءَ جي فني جوڙجڪ ئي، ان کي حسن بخشي ٿي، جيڪا ٻڌندڙ يا ڏسندڙ کي تسڪين به ڏيئي ٿي ۽ خوشي جو هڪ خوبصورت احساس به ڏياري ٿي.

”شاعريءَ جي فن جي اهميت جي حوالي سان شيخ محمد ابراهيم خليل لکي ٿو: شعر جي لاءِ فن هڪ اهڙي شيءِ آهي، جهڙو راڳ جي لئه، لفظ:

شاعريءَ جو فن، استعارن ۽ تشبيهن سان آراستا هوندو آهي، علم معنيٰ جا ڪيئي رموز پڙهندڙن کي نوان نوان گس ڏيندا هلندا.“ [3]

فن جو فلسفو:

هن دنيا ۾ انسان جو شين سان فڪري ۽ روحاني تعلق رهي ٿو. ٻين لفظن ۾ ان کي دلي ۽ دماغي تعلق به چئجي ٿو. فعلي قوتن جو سرچشمو دماغ سڏجي ٿو، جڏهن ته انفعالي ۽ اثر پذير قوتن جي مرڪز کي دل چيو وڃي ٿو. فڪر ۽ روح، دل ۽ دماغ جو اشتراڪي ۽ وجداني عمل ’فن‘ کي جنم ڏئي ٿو ۽ فن انساني جذبن، احساسن ۽ اُمنگن جو اهڙو اثرائتو اظهار آهي، جنهن کي پنهنجي سونهن ۽ صداقت ٽئي ٿي.

حُسن، فن جو بنيادي ۽ لازمي جزو آهي، ان ڪري فن کي ’حُسن ڪاري‘ به چيو وڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ ماڻهوءَ جي فڪر، وجدان ۽ هٿن جي حاصلات کي ئي فن چئجي ٿو. فن، جنهن لاءِ انگريزيءَ ۾ (Art) جو لفظ استعمال ٿئي ٿو، سو حقيقت ۾ قدري ۽ معنوي حساب سان گهٽا مطلب رکندڙ لفظ آهي. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي لغت ۾ ان لفظ جون هيٺيون معنائون پُڌائي ٿو:

”فَنُ (ج) فَنَ (ذ) هنر، ڪاريگري، ڪارستاني، ڏانءُ، ساڃڻائي، ڪرتب، دستڪاري، ڪسب، چالاڪي، خاصيت، لياقت، ڍنگ ۽ اندازو وغيره“ [4]

جڏهن ته آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ آرٽ لفظ بابت هيئن لکيل آهي:

Art (n) I. Human creative skill or its application 2 .The various branches of creativity concerned with the production of imaginative designs, sounds, or ideas e.g. music, painting, writing, considered collectively. 3. Human skill or workmanship as opposed to the work of nature”) .[5]

(1.فن، انسان جي تخليقي سرگرمي ۽ ان جي عمليت آهي. 2. تخليق جا مختلف پهلو، جن جو تعلق تخيلي صورتن، آوازن، خيالن، موسيقي، مصوري ۽ تحرير جي اجتماعيت سان لاڳاپيل هجي. 3. انسان جو اهڙو هنر يا سرگرمي، جيڪا فطرت جي عمل جي برعڪس آهي).

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، ته آرٽ ڪي اوائلي دور ۾ فقط فطرت جو نقل سمجهيو ويندو هو ۽ فنڪار جي حيثيت ۽ وقعت صرف نقلڪار تائين محدود هئي، پر اڄڪلهه هلي مفڪرن ۽ عالمن، فڪري ۽ تجزياتي بحثن جي بنياد تي ان سوچ کي نه فقط تبديل ڪيو، پر فن جي انفرادي وقعت پڻ تسليم ڪرائي.

"فن، فطرت جي هوبهو ڪاپي ناهي، پر ان ۾ تغير ۽ تبديلي آهي. فن جو اصل مقصد فطرت جون خاميون دور ڪري، اهڙين معروضات کي پيش ڪرڻ آهي، جيڪي صرف تخيل ۾ موجود هجن ۽ فطرت ۾ انهن جهڙي ڪائي شيءِ نظر نه اچي..... فن جو انحصار تخيل ۽ تصور تي هوندو آهي. فنڪار پنهنجي تصور ۽ تخيل جي آڌار تي اهڙيون تخليقون سرجيندو آهي، جن جو فطرت ۾ ڪو وجود نه هوندو آهي. هو انسان جي اهڙي تصوير نه ٺاهيندو آهي، جهڙو هو هوندو آهي، پر هو ان جي اهڙي تصوير ڪشي ڪندو آهي، جهڙي ان جي خيال کان انسان کي هئڻ گهرجي."(6)

ٻين لفظن ۾ هڪ فنڪار پنهنجي فن ۾، 'نئين فطرت' جو خالق آهي. هو پنهنجي فن ۾ نه صرف تجرباتي احساسن کي بيان ڪري ٿو، پر ان سان گڏوگڏ نين معنائن ۽ علامتن کي به جنم ڏئي ٿو. فن ۾ نقل جو درجو بنيادي نه، پر ثانوي آهي، انهيءَ ڪري اهو فوٽوگرافيءَ بدران فنڪارانه ۽ نرالپون ٹُدرتون رکندڙ هوندو آهي. ساڳي ڳالهه جي تائيد معروف مفڪر هيرالڊ (Harold) پنهنجي مقالي، "Aesthetics and the philosophy of art" ۾ هن ريت ڪري ٿو:

> Imitation is secondary, not primary in art, If were primary, then color photography might will be the most perfect art form .While there appears to be an imitative element in much painting .Certainly in many forms of art, such music, poetry and architecture do not merely describe and imitate. The capacity of any art, even iandscape, painting ,to copy natural phenomena is definitely limited. The natural scene is undergoing continual change and the variety of colors, shades and movements can not be exactly duplicated. Furthermore any artist depicts what he sees and what interests or appeals to him and no two artists have the same experiences"(7) .

(فن ۾ نقل جي اهميت بنيادي نه، پر ثانوي ٽئي ٽي. جيڪڏهن اها بنيادي هجي ته پوءِ فوٽوگرافي ئي آرٽ جي اعليٰ صورت هجي ها. جيتري تائين نقل جو تعلق آهي، ته جزوي طور تي ڪيترين ئي تصويرن، موسيقي، شاعري، فن تعمير ۽ آرٽ جي ٻين صورتن ۾ ان جا عڪس نظر اچن ٿا. فن ۾ نقل جي گنجائش گهٽ ٽئي ٽي، ايتري تائين

جو لينڊ اسڪيپ پينٽنگس ۾، فطرت جي هوبهو موجودگي به جزوي حد تائين هوندي آهي، ڇو ته فطرتي منظر مسلسل تبديل ٿيندا رهندا آهن، انهن جي متحرڪ عڪسن ۽ رنگن جي هوبهو نقش ڪشي ناممڪن آهي. هڪ فنڪار جيڪو ڪجهه ڏسندو آهي، ان کي پنهنجي ذوق ۽ اشتياق جي آڌار پنهنجي تخليقن ۾ اوتيندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو هر فنڪار جو تجربو پي کان جدا ۽ الڳ هوندو آهي.)

هڪ دؤر ۾ فن کي تخيلقي نُدرتن سان جوڙي پيش ڪندڙ فنڪارن ۽ تخليقڪارن کي فطرت مخالف چيو ويو، پر حقيقت ۾ فن، انسان جي فلسفياڻي ۽ احساساتي اظهار ۽ ابلاغ جو ذريعو آهي. فن جي زندگيءَ ۾ پنهنجي اهميت آهي، جنهن کان ڪنهن به صورت ۾ انڪار مڪمل نه آهي. اڪبر لکي ٿو:

”دراصل انسان جي ناهيل هر اها شيءِ فن (Art) آهي، جيڪا حسين هجي، ان کي ڏسڻ سان جمالياتي ذوق جي تسڪين به ٿئي ۽ ڏسندڙ/ ٻُڌندڙ کي خوشي به محسوس ٿئي.[8]

فن جي وڏي ۽ واحد خصوصيت ان جو حسين هجڻ آهي، ان ڪري هر عظيم فنڪار حسن جو متلاشي هوندو آهي. حُسن ئي اها حقيقت آهي، جيڪا هڪ راڄگيءَ جي روح ۾ سوز ۽ گداز کي جنم ڏئي ٿي. هڪ مصور جي آڏرين کي اکيون عطا ڪري ٿي ۽ هڪ شاعر جي من ۾ ڪوتائن جو سمنڊ موجزن ڪري ٿي. حُسن ۽ فن جون صداقتون عام صداقتن کان مختلف ٿيندیون آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

” جمالياتي مشاهدن جي نوعيت ئي اهڙي آهي، اهي حيقيقي دنيا جو نه حصو ٻاسندا آهن، نه ئي انهن جو پرتو اهي مشاهدا ته پنهنجو پاڻ ۾ ئي هڪ دنيا هوندا آهن ۽ بلڪل خود مختيار دنيا جهڙا ٻاسند آهن.“[9]

اهوئي سبب آهي، جو اسين شاعري، موسيقي، رقص، مصوري ۽ ٻين لطيف فنن ۾ معروضي صداقتون گهٽ تلاش ڪندا آهيون، جي ڪندا به آهيون، ته اهي تاريخي ۽ عام منطقي صداقتن جهڙيون نه، پر انهن کان مختلف ۽ نرالیون هوندیون آهن.

فن جا قسم (Kinds of Art)

فن جا بنيادي طور ٻه قسم آهن. پهريون افادي فن ۽ ٻيو جمالياتي فن.

(الف) افادي فن:

انسان جي ناهيل هر اها شيءِ، جيڪا حسين آهي ۽ ان جو ڪو مادي ڪارج به آهي، سا ’افادي يا فن براءِ ڪارج‘ سڏجي ٿي. ان جي وڌيڪ چٽائي چتر ڪار ڊاڪٽر محمد علي ٽٽيءَ جي لفظ ۾ هن ريت ڪنداسين ته:

”ماڻهو پنهنجي روزمره جي زندگي گذارڻ ۽ ان ۾ سهولت حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪجهه ايجاد ڪن ٿا، ان کي انهن جي فني پيداوار يا تخليق چئبو آهي ۽ جنهن

رنگ يا طريقي سان اها تخليق يا پيداوار هُو وجود ۾ آڻين ٿا، ان کي سندن ڪاريگري يا فن سڏيو وڃي ٿو." [10]

مثلا: لوهار ڊڪڻ ۾ رازي جو ڪم، جيڪو پنهنجي فني بيهڪ ۽ ڏيک ويک ۾ حسين به آهي، ته افادي حوالي سان ڪارج وارو ۽ انسان لاءِ سهولتون ۽ سُکَ پيدا ڪندڙ به ان نسبت سان ڪجهه فن جزوي طور افادي ۽ جزوي طور غير افادي هوندا آهن. هڪ رازو، جيڪو مسجد، مندر يا ڪو گرجا گهر ٺاهي ٿو، اهو يقيني طور انهن جو خاڪو افادي جوڙيندو، پر انهن جي تعمير ۾ حسين ۽ غير افادي پهلو به شامل هوندو آهي. ان ڪري ئي اهي عمارتون عبادت گاهن سان گڏوگڏ حُسن ۽ جاذبيت جو شاهڪار لڳنديون آهن. هن فن کي هنر ۽ ڪاريگري به چيو ويندو آهي.

(ب) جمالياتي فن:

ادب، شاعري، راڳ، رقص، مصوري، سنگتراشي ۽ ٻيا اهڙا فن، جيڪي فنونِ لطيفه چوائن ٿا، اهي سڀئي جمالياتي فن ۾ شامل آهن. جمالياتي فن جي هڪ وصف سيد عابد پنهنجي ڪتاب، "اسلوب" ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو: "فنونِ لطيفه ۾ اهو ضروري آهي، ته اهي انسان جي شعور حُسن ۽ حس جمال کي جاڳائين، اهي قرار ۽ سڪون جو احساس پيدا ڪرڻ کان علاوه اسان کي پڙڪندڙ جذبن جا رنگ پڻ پَسائيندا آهن." [11]

"فني تخليق صرف حُسن ۽ جمالياتي قدرن جو مجسمو نه هوندي آهي، پر ان جي ذريعي اخلاقي، مذهبي، ذهني (فڪري) ۽ هر ان قدر کي پيش ڪري سگهجي ٿو، جو فنڪار يا ان سماج کي متاثر ڪري، جنهن جو فنڪار هڪ فرد آهي." [12]

جمالياتي فن جو ڪارج خوشي. خوبصورتي ۽ جمالياتي ذوق جي تسڪين ته آهي، پر ان کان علاوه اهو انساني اندر ۾ هڪ لطيف داخلي حس کي پڻ بيدار ڪري ٿو، جنهن ڪري جمالياتي فن جي وقعت هنر ۽ ڪاريگريءَ جي پيٽ ۾ نرالي ٿئي ٿي.

اسان مان گهڻن سسئي، سهڻي، مارئي ۽ ليلا جي لوڪ داستانن واري ڪٿا ڪنهن جي واتان ٻُڌي يا خود ضرور پڙهي هوندي، پر جڏهن پڻائي، شيخ ايياز يا نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ انهن سورمين جي ڪٿا ۽ ڪردارنگاري پڙهون ٿا، تڏهن انهن جو عڪس ۽ احساس، تاثر ۽ حُسن ئي نرالو نظر اچي ٿو. هڪ تخليقڪار شين کي پنهنجي فڪر ۽ احساس جي خوردبينيءَ سان ڏسندو آهي، ان ڪري ان کي شين جا اهي لڪل پاسا، رنگ، روپ، خوبيون ۽ خوبصورتيون به نظر ايندیون آهن، جيڪي هڪ عام ماڻهوءَ کي ڏسڻ ۾ نه ايندیون آهن، ان ڪري هڪ فنڪار جو فن نه صرف نئون ۽ نرالو ٿيندو آهي، پر اهو هڪ حسين جهان جيان هوندو آهي. عام طور تي لفظي ۽ لغوي لحاظ سان فن ۽ هنر کي هڪ ئي سمجهيو ويندو آهي، پر انهن ۾ چند هيٺيان صفتي ۽ بنيادي فرق آهن، جيڪي کين هڪٻئي کان الڳ ڪن ٿا:

- هنر ۽ ڪاريگريءَ سان ٺاهيل ڪنهن شيءِ جون، ان جهڙيون ٻيون انيڪ شيون ٺاهي سگهجن ٿيون. مثال طور هڪ پينٽر هڪ تصوير جون هوبهو ان جهڙيون سوين

تصويرون ٺاهي سگھندو آھي، پر ھڪ مصور لاءِ اھو ناممڪن آھي، ڇو ته ھڪ فن پارو ھڪ پيروئي تخليق ٿي سگھندو آھي.

- هنرمنديءَ سان ٺاهيل ڪنهن به شيءِ جو خاڪو ۽ هيئت، ڪاريگر جي سوچ ۾ اڳئي طئي ٿيل هوندي آهي. هڪ رازو جڏهن به ڪائي بلنڊنگ ٺاهيندو آهي، تڏهن ان جو پورو نقشو، ان جي ماپ ۽ جوڙ جڪ جي ڪٽ ڪندو آهي، تنهن کان پوءِ ئي ان کي تعمير ڪندو آهي. جڏهن ته هڪ فنڪار جي تخليق، طئي ٿيل ماڻ ۽ ماپن بدران تخيل ۽ وجدان جو تخليقي مظهر هوندي آهي.
- هنر ۽ ڪاريگريءَ جو ڪارج مادي هوندو آهي. هڪ ڪار سواري لاءِ ڪم اچي ٿي ۽ هڪ گھر رهائش جو سُک ۽ سڪون ڏيئي ٿو. جڏهن ته فن جي افاديت احساسي ۽ جمالياتي هوندي آهي.

”لطيف ۽ اعليٰ پايي جي فن جي ڪارج لاءِ افسر حامدالله ميرٺي لکي ٿو:

لطيف ۽ اعليٰ پايي جا فن، انسان لاءِ خوشيون ۽ خوبصورتيون پيدا ڪندا آهن، جڏهن ته غير لطيف ۽ گھٽ درجي وارا فن، انسان جي ضرورتن جو پورائو ڪندا آهن. فن جي هڪ قسم مان انسان جي ذهني ارتقا جو اندازو ٿئي ٿو، ته ٻئي مان ان جي جسماني ۽ مادي ترقي جي خبر پوي ٿي.... اعليٰ فنن ۾ اهي فن شامل آهن، جيڪي پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ گھٽ ڪان گھٽ مادي ذريعا استعمال ۾ آڻيندا آهن، جڏهن ته ادنيٰ فنن جو وجود ئي مادي ذريعن تي مداريل هوندو آهي.“ (13)

ان لحاظ کان شاعري، مصوري، سنگ تراشي، رقص ۽ موسيقيءَ جو شمار، اعليٰ فنن ۾ ٿئي ٿو، ڇو ته اهي نه رڳو انسان کي سڪون ۽ حِظ بخشين ٿا، پر اهي پنهنجي فني، فڪري ۽ تخليقي سگھه سان، انسان کي جمالياتي حُسن جا جلوا پڻ پَسائين ٿا.

لطيف فن هڪ طرف اکين کي تراوت، من کي تسڪين ۽ ذهن کي فڪري/ تجرباتي تازگي ۽ توانائي عطا ڪن ٿا، ته ٻي طرف اهي اسان جي تهذيب ۽ ثقافت جو اٽوٽ حصو آهن. انهن کان سواءِ اسان جو جيون ٻُسو ۽ اڻ پورو آهي. اسان پنهنجي عام ۽ روزاني زندگيءَ ۾ اک وتائي ڏسنداسين، ته ان ۾ هر پل لطيف فنن جو عمل ۽ احساس نظر ايندو. پنهنجي ذات جي موچاري ڏيک ويک، لٽي ڪپڙي پھرڻ، رويي، ڳالھه ٻولھه جي شائسته انداز ۽ اُٺڻ ويھڻ جي سھڻي سليقي کان وٺي، گھر جي سجاوٽ ۽ آس پاس جي ماحول کي حسين بنائڻ جي عمل تائين، انسان هميشه بهتر کان بهتر جي ڪوشش ۽ جستجوءَ ۾ رهيو آهي ۽ اها جستجو ۽ ڪوشش ئي سندس تخليقي عمل ۽ فنون لطيفه ڏانهن رغبت جو سبب آهي.

خاڪي جويو ان ڳالھه کي هيئن ٿو بيان ڪري:

”انسان رڳو ڪوجنائن ذريعي ئي اڳتي ڪونه ٿو وڌي، پر خوبصورتيءَ کي جنم ڏيڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ جي ذريعي به اڳتي وڌندو رهي ٿو. ان ڪري ڪنهن به فنڪار جي فن يا تخليق ۾ نونَ نونَ فڪري محرڪن کي ڳولڻ سان گڏ، جمالياتي قدرن کي پڻ ڳوليو ويندو آهي. اهو ان ڪري جو انسان جي تخليقي عمل ۾ سائنسي اپياس

سان گڏ، جمالياتي مطالعي جو به هڪ هوندو آهي. اسان جي سموري جاکوڙ ۽ جستجو پنهنجي پاڻ، پنهنجي سماج، فطرت ۽ دنيا کي جمالياتي جوڙ ۾ تبديل ڪرڻ جي جستجو ۽ جاکوڙ هوندي آهي.“ (14)

پولي:

مشهور محقق ڊاڪٽر احسان دانش پوليءَ متعلق پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو:

”انساني شعور هميشه نون خيالن کي جنم ڏئي ٿو ۽ انهن خيالن جي اظهار جو ذريعو پولي آهي. پوليءَ جو اپياس دراصل انسان جي اپياس برابر آهي. ڇو ته پولي کنهن به سماج جو چٽو اهڃاڻ آهي. پوليءَ وسيلي ئي اسين انسان، جانور يا پکيءَ ۾ فرق معلوم ڪري سگهون ٿا. سماجن جي ارتقا ۾ پولي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، بلڪه پوليءَ کان سواءِ کنهن به سماج جي ارتقا ممڪن ئي نه آهي. تنهن ڪري سچ اهو آهي ته ”زبان جي تاريخ خود انسان جي تاريخ آهي. علم اللسان (Philology) ۽ علم الانسان (Anthropology) ۾ گهرو تعلق آهي. اهوئي سبب آهي جو جتي زبان جي تاريخ زيرِ بحث ايندي آهي، اتي نسلِ انسانيءَ جو ذکر پهرين ايندو آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو، زبان انسان جي سرشت سان سلهاڙيل هڪ اهڙي وٽ آهي، جنهن کان سواءِ انساني زندگي ۽ زندگيءَ جي گوناگونين ۽ رنگينين جو تصور ئي ممڪن نه آهي.

پولي نه رڳو سماجي تعلقات کي وڌائڻ ۽ ڳنڍي رکڻ جو وسيلو آهي، پر ان جي ذريعي ماڻهو هڪ ٻئي جي جذبن ۽ احساسن کي پڻ سمجهي سگهي ٿو. سماج ئي اها زمين آهي، جتان پولي اسري ۽ اپري ٿي ۽ ان جي مدد سان ئي دنيا ۾ شعور جون لاٽون پکڙجن ٿيون. پولي کنهن سماج جي سچي ساري ”تاريخ“، ”داستان“ (Legend) يا ’مهاڪهاڻي‘ آهي، جيڪا صدين، دورن ۽ زمان کان بي نياز، پنهنجي سماج جي اتم صلاحيت (Genius) جي اصولن تي ڪم ڪري رهي آهي. ان حوالي سان ڏسجي ته تاريخي ۽ تهذيبي لحاظ کان پولي ۽ سماج جو رشتو اٽوٽ آهي.

زبان جو ڪارج هڪ طرف سماجي آهي ته ٻي طرف فني. زبان کنهن به سماج جي ضرورتن مان هڪ اهم ضرورت آهي ۽ زبان جو استعمال هڪ اعليٰ درجي جو فن آهي، پر بنيادي طور تي ڏسنداسين ته زبان جي پيدائش ۽ اوسر کنهن هڪ ماڻهوءَ يا ماڻهن جي کنهن گروهه جي شعوري ڪوشش نظر نه ايندي، پر هيءَ ڳالهه درست لڳندي ته ”زبان خود بخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهه جا ماڻهو، هڪ ٻئي سان واهپو رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي متاثر ڪن ٿا.“ (15)

مها ڏاهي ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي پوليءَ بابت پنهنجا ويچار هيئن وندِيا آهن:

”پولي تجربي جو هڪ مڪمل اهڃاڻوي سرشتو آهي. اهوئي سبب آهي، جو اها، انسان جي ڪارڪردگيءَ جي باري ۾، ان کان جدا رهي ۽ ڪم نٿي ڪري سگهي.

ٻولي ته معنيٰ جو هڪ غير محدود وسيلو آهي. اها انهن نفسياتي حقيقتن جو هڪ لامحدود ۽ اثرائتو وسيلو آهي، جيڪي عام طور تي ڪم ڪن ٿيون يا سڃي سماج ۾ هڪڙي ئي طريقي سان ڪم ڪري سگهن ٿيون.”

ٻولي سماجي حيثيت ۾ سماج جي اها وڏي ۾ وڏي طاقت آهي، جيڪا شايد ٻي هر طاقت کان وڌيڪ وڏي ۽ طاقتور آهي، ٻوليءَ جو ڪم آهي ڪلچر کي سموهڻ ۽ سنوارڻ، پر ٻوليءَ جي وسيلي ڪلچر جي تاريخي منتقلي به تمام اهم ۽ ظاهر آهي. هن طرح ٻولي ڪلچر جي وٽن کي پکيڙڻ جو هڪ وسيلو آهي. (16)

ممتاز دانشور ۽ ڏاهي محمد ابراهيم جويي ٻوليءَ لاءِ هيئن چيو آهي:

”ٻولي آواز جو هڪ مهاسگر آهي. ان ۾ لفظن جي موتين جا ٻندار ڀريا پيا آهن. اديب ۽ ليکڪ اهي سڃاڻ ۽ ساڃاهه وارا غواص آهن، جيڪي هن جي بحر بي پايان مان رڳو املهه ۽ عين گهرج وارا موتي چونڊي ٻاهر ٿا آڻين، ۽ پوءِ انهن مان ويهي پنهنجي ادب جون مالهائون پوئين. لفظن جي اها چوند ۽ جائتي جڙت ئي آهي، جيڪا هڪ اديب جي عبارت کي امتياز ٿي بخشي. ياد رکڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ٻوليءَ جو هر لفظ پس منظر ۾ معنائن جي هڪ دنيا پاڻ وٽ رکي ٿو ۽ جڏهن ڪو لفظ ڳالهائجي ٿو يا ٻڌجي ٿو، لکجي ٿو يا پڙهجي ٿو، تڏهن اهو پنهنجي انهي سموري دنيا سميت اچي ٿو اسان جي سامهون بيهي. لفظ جي انهي دنيا کي سمجهبو، تڏهن ئي ان جو صحيح ۽ وزنائتو استعمال ڪري سگهبو. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي مقبول عام اديبن هميشه ڏارين ٻولين جي غير ضروري لفظن، اصطلاحن ۽ ترڪيبن، ۽ خود پنهنجين ٻولين جي ڳرن ۽ غير مانوس لفظن کي استعمال ڪرڻ کان انتهائي پرهيز ڪئي آهي. (17)

ادبي ٻولي (Literary Language)

ادبي صنفن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جو معيار عام ٻوليءَ کان اتاهون هوندو آهي. ان ۾ محاورا، ڪنايا، تشبيهون، استعارا ۽ ٻيون صنعتون استعمال ٿيندیون آهن، جيڪي ان جي سونهن کي وڌائين ٿيون.

ڊاڪٽر مدثر نواز مغل ۽ صدام جوڪيو پنهنجي مقالي ”ادبي ۽ غير ادبي ٻوليءَ ۾ تفاوت“ ۾ لکن ٿا:

”سادن لفظن ۾ ادبي ٻولي اُها هوندي آهي، جيڪا ادب جي مختلف صنفن ۾ استعمال ٿئي ٿي. حالانڪ ادب جي لاءِ اڪثر ڏاهن جو چوڻ آهي ته اها ٻولي عام فهم، سادي، سليس ۽ فطري سڀاءَ سان ٺهڪندڙ ٻولي هئڻ گهرجي ۽ ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته ادب جي لاءِ اهڙي ئي ٻولي هئڻ گهرجي، جيڪا هر عام توڙي خاص، ننڍي توڙي وڏي کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي، پر ان ۾ جمالياتي رنگ پرڻ جي لاءِ ٿوري محنت جي ضرورت پوندي آهي. خيال کي خوبصورت ۽ مؤثر انداز ۾

تڏهن ئي پيش ڪري سگهجي ٿو، جڏهن ٻولي منفرد ۽ اثرائتي هجي. اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته ٻوليءَ کي زنده رهڻ جي لاءِ ادب جي خاص ضرورت ناهي هوندي، پر ادب کي ٻوليءَ جي هر حال ۾ ضرورت پوندي آهي، هن ڏس ۾ نائيجيريا يونيورسٽي (University of Nigeria) جي انگريزي ٻولي ۽ ادب جي استاد ۽ محقق اميچي اخوانيا (Amechi Akwanya) لکيو آهي ته:

"Literature is Language or nothing. It is not any language at all "

هن وڌيڪ لکيو آهي ته:

"Literature is an act of language."

مٿين ٻنهي حوالن مان صاف ظاهر آهي ته ادب ٻوليءَ کان سواءِ ڪجهه به ناهي ۽ ادب ٻوليءَ جي ڪاروهنوار لاءِ پڻ مانائتو ڪردار ادا ڪري ٿو. هتي غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته ادب کي فقط ٻوليءَ جي ضرورت ناهي هوندي، بلڪ ادب کي سهڻي، سيبتي، سڌريل ۽ موهيندڙ ٻوليءَ جي ضرورت هوندي آهي. جنهن ۾ ٻوليءَ جي پختي استعمال سان گڏ، منڻ ۽ موهيندڙڻ لفظن، استعارن، تشبيهن، ترڪيبن، قافين ۽ رديفن کان ويندي جملن جي نفاست تائينءَ جي ضرورت پوندي آهي."[18]

ڇاڪاڻ ته ادب جو جوهر شاعري آهي، ان ڪري ادب جو سمورو مقصد (خالص تجربي کي ٻوليءَ جي وسيلي ٻين تائين پهچائڻ) شاعريءَ ۾ پنهنجي پوري شدت سان ظاهر ٿئي ٿو. شاعراڻي ٻولي ڇا آهي، پروفيسر لاسيئس ايبروڪرومبي لکي ٿو:

"شاعراڻي ٻولي اها آهي، جيڪا مصنف جي تجربن جي خاص علامت کي بيحد اثرائتي انداز ۾ بيان ڪري ۽ ان جي نازڪ تفصيل جي عمدي تعريف ڪري، جيڪا پنهنجي قوت جي بلند مقام تي هجي."[19]

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو:

"شاعر ٻوليءَ جو خالق آهي، هو پنهنجيءَ شاعريءَ ۾، ٻوليءَ کي تخليقي سطح تي نه رڳو استعمال ڪري ٿو، پر نوان لفظ به گهڙي ٿو. لفظن جي نحوي بناوت ۾ تجربا ڪري، انهن ۾ نيون صورتون پيدا ڪري ٿو، جيڪي اڳي ڪڏهن به مستعمل نه رهيون آهن. ڪيترن ئي غير مروج ۽ وساريل لفظن کي، پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ استعمال ڪري ٿو، انهن کي مروج ڪرڻ لاءِ جتن ڪري ٿو. تشبيهاتي، تلميحاتي ۽ استعاراتي سطح تي ٻوليءَ کي خوبصورتيون ۽ رنگينيون عطا ڪري ٿو."[20]

نياز همايوني ٻوليءَ جو بادشاهه آهي ۽ سندس لفاظي (Vocabulary) جو خزانو سدا ڀرپور رهي ٿو، لفظ سندس ٻانهن ٻڌا ٻانهان آهن، جن کي آڳر کان جهلي شاعر جنهن صف، جنهن ست ۾ بيهاري ٿو، اتي ئي انهي سٽاءَ ۾ ئي سٽا ۽ سڌا سهڻا پيا لڳن.

ذوالفقار راشدي نياز لاءِ لکي ٿو:

”ٻوليءَ تي ايڏي پڇ ۽ هٿ پڇندي ڪن سچن ۽ ڳاڙ ڳٽين فنڪارن کي ئي حاصل هوندي آهي. لفظن تي حڪمراني ۽ پڄت جي شاعريءَ ۾ وڏي اهميت آهي، ڇو ته شاعر جو ڪجهه سوچي، پوڳي، لوچي ۽ لهي ٿو. اُهو سڀڪجهه ڪيس لفظن جي وسيلي ئي ٻين تائين پهچائڻو، ڏيکارڻو ۽ محسوس ڪرائڻو آهي، عام ماڻهوءَ ۽ شاعر ۾ بنيادي فرق ٻن ڳالهين جو آهي: پهريون ته عام ماڻهوءَ جي سوچ، احساس ۽ نظر اتاچري ٿئي ٿي جڏهن ته شاعر وٽ ڏاڍا اونها سمنڊ ڇُلن ٿا، ٻيو ته عام ماڻهوءَ کي لفظن تي اُها سوپ حاصل ڪانهي جو پنهنجي پيڙا، پوڳنا، سوچ، احساس ۽ ڏينپي (Observation) کي هوبهو ٻئي جي اندر تائين پهچائي سگهي، جڏهن ته شاعر کي اها قدرت حاصل آهي ته هو تجربي، مشاهدي، احساس ۽ سوچ ويچار جا جَر جهاڳيندي ٻئي ماڻهوءَ کي به اظهار جي ذريعي، پنهنجي اندر جي اونهاين واري احساساتي سفر ۾ همراهه ڪري سگهي، پنهنجا تجربا ۽ سوچون، امنگون ۽ اُڏمان لفظن جي صورتن ۽ قالبن ۾ ڦاسائي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي ذهن، نظر ۽ دل ۾ پلٽائي ۽ پهچائي سگهي، اهڙي اوت، اهڙي پالوٽ ۽ اهڙي رسانت (Communication) جو وسيلو لفظ ئي آهن، جن تي هڪ سچي شاعر کي پوري قدرت رهي ٿي، پنهنجي امنگن، اڏمن، آسن، نراساين، احساسن، آسرن، پيڙائن ۽ سوچن کي جيئن جو تيئن، اثرائتي ۽ جٽادار نموني ٻئي جي حِس جي ڦرهيءَ تي اُڪري وڃڻ ئي ڪلا جو اوج ۽ انتها آهي.”[21]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي ٻولي:

نياز همايونيءَ جو ذهن، حسن بياني، ٻوليءَ جي رنگيني، صنعتن جي استعمال، خاص ڪري تشبيهن، استعارن ۽ تجنيسن جي استعمال جي لحاظ کان هڪ بي پايان بحر مثل آهي، جنهن جي پاتال تائين پهچڻ لاءِ وري به ڪو نياز جهڙو شاعر گهرجي.

شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي باريڪين، ان جي نزاڪتن، معنائن جي انيڪ خوبصورتين ۽ نفاستن کي فقط اهوئي شاعر تخليقي سطح تي استعمال ڪري سگهندو، جنهن وٽ ٻولي جو اڻ ميو خزانو هوندو ۽ جو ان کي استعمال ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت پڻ رکندو هوندو ۽ ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته نياز جي شاعريءَ ۾ اهي سڀ صلاحيتون موجود آهن، نياز کي ٻوليءَ تي وڏي دسترس حاصل هئي، هن وٽ لفظن جو اٽميو خزانو موجود هو. هو نون لفظن، نون اصطلاحن، فقرن ۽ ترڪيبن گهڙڻ ۽ انهي خزاني کي تخليق ڪرڻ جي وڏي مهارت رکندو هو. اها حقيقي قوت ئي آهي، جنهن جي ذات سان، شاعري ڪندي، هن جي ذهن تي ڪئين تز سنڌي لفظ ۽ سُهٽيون سٽون لاشعوري طور تري ايندیون هيون.

نياز جي لفظ لفظ ۾ ڪوڪ آهي. سچو شاعر ٻوليءَ کي معنائن جا اهي خزانا ڏيندو آهي، جن ۾ اجتماعي شعور جي حوالي سان اجتماعي قبوليت نظر ايندي آهي، لفظن، ترڪيبن، تشبيهن ۽ استعارن ۾ نياز وٽ هڪڙو به اهڙو لفظ، هڪڙي به اهڙي تشبيهه، هڪڙو به اهڙو استعارو نه ڏنو آهي، جنهن ۾ اجتماعي شعور جو اولڙو نه

هجي، جنهن ۾ اجتماعي قبوليت جا امڪان نه هجن. نواڻ، ندرت جي طلب ۽ ڪوشش شعوري به هوندي آهي ته پاڻ وهيڻي پڻ، نياز ان پاڻ وهيڻي نواڻ کي فن جو درجو عطا ڪري ڇڏيو آهي.

جديد ادبيات ۾ ڪنهن ادب پاري جي اهميت ۽ عظمت لاءِ موضوع، مواد ۽ ٻوليءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي، ۽ اهي اهڙيون شيون آهن، جن جو انتخاب ۽ استعمال، هڪ شاعر ۽ فنڪار جي فن کي فن جي بلندين تي پهچائي، سندس عظمت ۽ اثر کي همه گير ۽ غير فاني بنائي ٿو. جنهن فنڪار جو دامن موضوع، مواد ۽ ٻوليءَ جي چونڊ جي هنر کان خالي آهي يا وٽس اها ٻولي ۽ محاورا ڪونه آهن، جيڪي پڙهندڙ جي ذهن ۾ خوشبوءَ جي جهوٽي وانگر جذب ٿي وڃن، ته پوءِ اهڙو فنڪار، سپ ڪجهه هجڻ جي باوجود قبول عام جو اُهو درجو حاصل ڪري نٿو سگهي، جيڪو ڪنهن فنڪار کي انساني نسلن ۾ صدين تائين زنده ۽ متحرڪ رکي ٿو. نياز جي شاعري اُنهيءَ اصول تي سنڌي شاعريءَ جي انتهائي نمائنده ۽ بلند مينار تي بيٺل آهي.

عبدالواحد آريسر لکي ٿو ته:

”نياز جي شاعري، ٻوليءَ جي لحاظ کان سنڌي ڪلاسيڪي چشمي مان سيراب ٿي، جديد موضوعات کي ايئن پنهنجي گرفت ۾ ونڊندي، اڳتي وڌي رهي آهي، جيئن ڪائي سانوري مالهڻ پنهنجي جهوليءَ ۾ گُل چونڊيندي آهي، اُها ٻولي اهڙي نج نبار، بناوٽ کان خالي، صحت بخش ۽ تعميري هوندي آهي، جهڙي ماءُ جي ٿڃ. نياز کي ٻوليءَ لاءِ نه لغتن جا ڊير اٽلائڻا پوندا آهن، نه قبرون کوٽڻيون پونديون آهن ۽ نه وري لفظن کي ڳولڻ لاءِ سندرو ٻڌي ڪتابن جا جهنگل لتاڙڻا پوندا آهن، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو بي انداز ذخيرو نهايت ترتيب، صفائيءَ ۽ تنظيم سان سندس رڳن جي رت سان گڏ گردش ڪندو رهندو آهي، هو سنڌي ماروئڙن جي زبانن تان لفظ چونڊيندو آهي، ۽ سندن دلين ۾ جهاتيون پائي تشبيهون استعمال ڪندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا لفظ سندس شاعريءَ ۾ سمائجڻ لاءِ ايئن بيقرار هوندا آهن، جيئن جواني‌ءَ ۾ جلندڙ حسن، عشق جي بي تاب پاڪرن ۾ سمائجڻ لاءِ“.

نياز، فارسيءَ جي عالم ۽ مصنف هئڻ جي باوجود پنهنجي شاعريءَ کي فارسي، عربي ۽ هنديءَ جي اهڙين ڳورين ترڪيبن جي استعمال کان پاڪ رکندو آهي، جيڪي پڙهندڙ جي ذهن ۾ ٽوهر جي ڪنڊي وانگر اٽڪي پون، هن وٽ صنوبر جي سايي، سرو جي قد ۽ گناهِ محبت وغيره ترڪيبن ۽ تشبيهن بجاءِ باک جي لاٽن، ڪويل جي لاتين، ٻاٻيهي جي ٻولن، انبن جي ٻُور، جهنگ جي جوڳيئڙي ۽ جوار جي ڪاني جي قد جون تشبيهون آهن. انهيءَ ڪري سندس شاعريءَ ۾ سنڌوءَ جي رواني، وڏڦڙي مينهن جو تسلسل، پهاڙي جهرٽي جو ترنم ۽ آهنگ ۽ طوفان جو زور آهي، جنهن ڪري سندس دوهي جي هر سٽ، سُرمگين نگاهه جي گُهور کان وڌيڪ گهائل ڪندڙ، سندس غزل جو هر شعر، گلابي چپن مان ڦٽي نڪرندڙ مرڪ کان وڌيڪ من موهيندڙ ۽ سندس

نظم جو هر بند استين گن جي گوليءَ کان وڌيڪ گهائل ڪندڙ آهي. انهيءَ جو وڏو ڪارڻ سندس جديد ۽ قديم ادب، فڪر ۽ فلسفي جو گهرو مطالعو ۽ انساني فطرت جو ڳوڙهو اپياس آهي. نياز، گرمين جا ڏينهن هارين سان گڏ هر ڪاهيندي ڪاٽيا آهن، ته تارن پريون راتيون سامين سان گڏ سنڪ وڃائيندي گهاريون آهن. هو مهاڻن سان گڏ ڪاري ۽ ڪيٽي بندر ۾ ڪارين ۾ ككيون ميڙيندو رهيو آهي ته موالين سان رهاڻيون به ڪيون اٿس. هن نهايت جديد فڪر ۽ فلاسافيءَ جي ماهرن سان ڪچهريون به ڪيون آهن. ته مڪتبي مولوين سان به رهيو آهي. عام انسان سان گڏجي، زندگيءَ جي زهر جا ڊڪ به پريا اٽائين ته بکن ۾ پاهه ٽيندڙ ڳوناڻن سان سورن ڪاٽڻ ۾ پاگي پائيوار به ٽيو آهي. انسانن سان انهيءَ ميل جول سندس شاعريءَ لاءِ بي انداز مواد ڪٿو ڪيو آهي.“ (22)

نياز همايونيءَ جي ڪجهه شاعري ملاحظه فرمايو، جنهن ۾ هن ڪهڙي سادي سلوٽي ۽ هر عام وخاص جي ٻولي استعمال ڪئي آهي.

گيت لکان يا ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان!
راهون ڪيئي ليڪن مون ڪي،
ڪابه انهن مان راس نه آئي،
جن راهن ۾ ريت نه ڪائي،
تن تي ڪينءَ مان پير ڏريان،
ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان.

صبح صدا جان آيو ويو پر،
شام وڃڻ جي ڪانه ڪري ٽي،
رات ڏري ٽي جان جهري ٽي،
هاءِ الا، مان ڪينءَ ڪريان،
ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان.

آس نراس جي آڏيڙن ۾،
ويتر ٽي تقدير آڻائي،
تدبيرن ڪئي ڪانه سڻائي،
اونده اُپڙي اوريان، پريان،
ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان.

جن ساڻ وسي ٽي دل جي دنيا،
ديد وري ٽي پڻ ديدن ۾،
آءٌ انهن ئي اُميدن ۾،
آئندي جا پيو رنگ پريان،
گيت لکان يا ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان.

(ڏرتيءَ جا گيت، ص – 23)

هيءُ گيت سندس شاعريءَ جي ڪتاب ”ڏرتيءَ جا گيت“ (1977ع) مان ڪنيو ويو آهي. هن گيت ۾ شاعر عام فهم ۽ سادي ٻوليءَ ۾ پنهنجي داخلي جذبن جو خوبصورت اظهار ڪيو آهي. هو نراسيت جي جذبن جو اظهار ڪري ٿو، هو سورن پري شام جي ڳالهه ڪري ٿو، هو تقدير جي ابتي ڦيري ۽ تدبير جي اٽائيءَ جي ڳالهه ڪري ٿو، پر هو اميد جي دامن کي نٿو ڇڏي، پر اميد ۽ شاندار آئندي جي سندر خوابن جا رنگ پيو پري، جيڪو نياز جو منفرد انداز آهي.

موت جي آس ڇاڻ آئي، زندگيءَ جي ڇانوَ تي،
منگ ڏر ڪائي ڪلي، او يار، جگ جي هانوَ تي.

شل نه ڪنهن جي دل، ڇنل گل جان وڃي ڪوماڻجي،
ائين ٿئي ٿو ڇڻ ڇڙهي ڪٽ، چلڪٽي ڪنهن ٽانو تي،

ڪنهن رهايو ڪين ڪنهن سان هن بري پنپور ۾،
تون رهائيندين وري ڪنهن ساڻ ڪهڙي پانوَ تي،

خود غرض يارن کان ٽيٽي ناهي نيڪي اي ”نياز“
پروسو رکڻ اجايو آهي جهڙ جي ڇانوَ تي.

(سنڌي غزل جي اوسر: 469 ۽ 470)

هيءُ غزل نياز ڪنهن به ڇپيل ڪتاب ۾ شامل ڪونهي. ان غزل ۾ هو دوستن يارن، مٽن مائٽن مطلب ته ڪنهن ماڻهوءَ مان وفا جي اميد ڪو نه ٿو رکي ۽ موت جي اچڻ کان اڳ، موج ۽ مستيءَ ۾ پنهنجو وقت گذارڻ جي ڳالهه ٿو ڪري، پر ڪنهن کي به پنهنجي طرفان ڏک، تڪليف يا ايذاءُ نه ڏيڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. هنن سٽن ۾ هڪ آدرشي ڪردار جون خوبيون ڳڻايون ويون آهن، جيڪا شاعر جي اندر جي اٽل محسوس ٿئي ٿي ۽ هو سادن ۽ سهڻن لفظن ۾ انهيءَ جو بهترين اظهار ڪري ٿو.

منهنجي ڏرتيءَ جو گنهگار نه بخشيو ويندو،
ڪوبه غاصب ڪوبه غدار نه بخشيو ويندو،
روپ رهبر جو وڻي سگهندو نه رهزن ڪوئي،
هاڻ بيدار ٿيو آهي، پلارن جو وطن!

(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

هن نظم جي بند ۾ نياز پنهنجي ڏرتيءَ جي غاصبن، غدارن ۽ انهن ماڻهن جيڪي رهبر جي روپ ۾ رهزن بنجي ويساهه گهاتيون ڪن ٿا، تن کي چتاءُ ڏنو آهي ته هاڻ وطن جو هر ماڻهو سجاڳ ٿي ويو آهي ۽ اوهان جي ڪا به حرفت ڪامياب نه ٿي سگهندي.

شاعريءَ ۾ لفظن جي اهميت فقط ان جي عام لغوي ۽ لسانياتي معنيٰ واري نه آهي، پر شاعر خود لفظن ۾ نيون معنائون ۽ زندگيءَ جا نوان مطلب پيدا ڪندا آهن. بامعنيٰ، مترنم ۽ موزون ترتيب ۽ ترڪيب وارا لفظ، صرف شاعريءَ جي ئي خصوصيت آهن، ڇو ته موسيقي آوازن تي آڌار رکي ٿي، مصوري رنگن جي محتاج آهي ۽ ائين ئي ٻيا فن به لفظن کان عاري ۽ بي نياز آهن.

علم صرف موجب، لفظن جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا، جن مان ٿي قسم مفرد لفظ، مرتب لفظ ۽ مرڪب لفظ اهم آهن، جن جو نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال هيٺ ڏجي ٿو.

مفرد لفظ(Single words)

"مُفرد لفظ اهو آهي، جيڪو خود مختيار صورت وارو هجي ۽ جنهن سان ڪابه پر-وس صورت ملاپل نه هجي، ان کي مُفرد يا بنيادي لفظ **(Primary words)** چئبو".(23)

مُفرد لفظ اڪيلي حيثيت ۾ ئي معنيٰ وارو هوندو آهي، ان کي وڌيڪ معنيٰ دار جزن ۾ ٽوڙي نه سگهبو آهي، مثلاً. ڇر، ٽر، گهر وغيره. نياز جي شاعريءَ ۾ مفرد لفظن جو استعمال:

جهڙو ڪالهه هُئين، تهڙو اڄ به وڃين ٿو وا ٿيندو،
توسان هاڻ زمانا پنهنجو، ٺاهه ٿيو ته به ڇا ٿيندو،

ڪنڊن سان گهر ڀري ڪريو ٿا هاڻ گلن جي ڳالهه وري،
ان کان وڌ ٻي کهڙي ٿيندي، مت موڙهن جي ڳالهه وري،

عقل جبل جي آهه سائين! عشق جوالا مکي آهه،
سڏڙين کي سُڌ کهڙي پلا، جن عشق جي سُرڪ، نه چکي آهه،

ڦڪي ڦڪي ٿي لڳي حياتي، اڇو ان ۾ رنگ ڀريون،
سارا ڇٽ، وڃن ٿا مِٽبا، نئين سِر تن ۾ رنگ ڀريون.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 130)

مُرڪب لفظCompound words

"ٻن لفظن جي ڳنڍجڻ سان هڪ لفظ ٺهندو آهي. جنهن کي مرڪب لفظ (Compound Word) چئبو آهي." (24)

نياز جي شاعريءَ ۾ مُرڪب لفظن جو استعمال ڏسو:

سنڌڙيءَ جا مخدوم بلاول، سن جي سائينءَ حيدر جي،
تنهن سنڌڙيءِ تي ڏاڪ نه رهندي، ڪنهن بيگاني بيدر جي،

(ڏرتيءَ جا گيت:36)

حق جي راهه کان هر حال ۾ ويراهه ٿيڻ جرم ٿا پانيون،
صُلح باطل سان ڪري زخم رکي زنده رهڻ شرم ٿا پانيون.

(مهراڻ 1972ع: 42)

ذهن بيدار نه ٿي سوچ جو انداز ۽ اظهار نه گهرجي،
تنهنجي فطرت کي غلامن کان سواءِ فرد کو خود دار نه گهرجي

(مهراڻ 1972ع: 43)

آدمزادو! ايئن نه جڳائي جو کا اهڙي آس ڪجي،
بي پاڙيءَ جان پاڻ پکيڙي، ٻئي جي ستياناس ڪجي.

(مهراڻ 4-1999ع: 31)

مُرتب لفظ (Complex Words)

"سنڌيءَ ۾ ابتدائي لفظن سان جڏهن کا به اڳياڙي (Prefix)، پڇاڙي (Suffix) يا کو به جوڙ (Affix)، ملائبو آهي ته، مُرتب لفظ (**Complex Word**) ٺهندو آهي." (25)

سنڌي ٻوليءَ ۾ سُ،سَ ڪُم، آ ۽ اڻ وغيره اهڙيون اڳياڙيون آهن، جيڪي ٻين پر – وس صورتن سان ملي مرتب لفظ پيدا ڪنديون آهن، مثلاً سُٽڻ (سُ + ٽڻ)، سچاڻ (س + چار) چاڻ = (آ + چاڻ)، اڻ توريو = (اڻ + توريو) وغيره. نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙا انيڪ مرتب لفظ استعمال ڪيا آهن، جيڪي فني توڙي فڪري لحاظ کان شاهڪار آهن، ان کان سواءِ سندس شاعريءَ ۾ هيٺ ڏنل لفظ بال - اوستا، سون - ورني، لس - ليٽ، پاءُ - پاٽي، به مرتب لفظن جا مثال آهن:

پال – اوستا لاءِ ٿي ٻارن جيئان روئندي رهين،
چند ۽ تارن جي آٽڻ لاءِ ٿي ڏوندي رهين،
هي انگل تنهنجا ته منهنجي وس نه آهن دادلي!
اُٽ مٽي! چو ٿي ڏڏڙ ۾ پيرڙا هٽندي رهين؟
ڏس ته توکي ٿو ڳل – ميڇ سان پرچائيان!
زندگي! ڪيئن مان تنهنجي رام کي ريجهائيان!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 281)

ڪين ٿي مايوس او منهنجي مٽياٽي مارئي!
سون – ورني ۽ ڏنارن جي ڏياٽي مارئي!

(مهراڻ 1-1974)

آءُ اياڳ مون لئه چو ٿئي اولي قوم سپاڳيءَ جي،
گهور مون کي بس سمجهه ايئن جڙ چانءُ هجي کا سانجهيءَ

جي.

(نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت: 17)

يار! آحيڏ جڏهن ٽئي هيڪاندي دل وارن سان،
پوءِ جدائي ڪهڙي آهه، ڪر نه پچاڙ پيارن سان.

(نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت: 21)

پنهنجي افتاد جو پلجي به نه ڏنوسين ڪڏهن ڏوهه خدا کي،
نه وري ظلم جو سمجهيو سون، سبب ان جي اجهل قدر قضا کي.

(نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت: 22)

جبل متي جند، حيئنم جيجل سنڌ،
او ڊولڙ مورو ويڻي ڏيانءِ.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 76)

پوليءَ جو لولي، لولي لاڙئون گهرايم،
بنا! توکي وڻان شل: چولو پٽ تي پرايم.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 97)

تڪرار يا ورجاءُ (Reduplication)

تڪرار يا ورجاءُ دار لفظ شاعريءَ ۾ سونهن ۽سر پيدا ڪندا آهن، پر شرط اهو آهي، ته انهن جو استعمال فنڪارانا ۽ تخليقي انداز سان ٿيل هجي. ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ شاهه لطيف لفظن جي ورجاءَ کي بيحد فنائتي ۽ شانائتي نموني، پيش ڪيو آهي.

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويڻي،
وڃي پونءَ پيڻي، سڪندي کي سڃڻين.

تڪراري لفظن جا ٻه قسم آهن. مڪمل يا پورڙ تڪرار ۽ جزوي يا اپورڙ تڪرار. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ انهن تڪرارن جو استعمال شاندار ۽ سريلي طريقي سان ڪيو ويو آهي.

مڪمل/ پُورڻ تڪرار (Complete Reduplication)

"جڏهن ڪوبه لفظ جملي يا فقري ۾ هه يا ٻن کان وڌيڪ ڀيرا ساڳي حالت ۾ سواءِ ڪنهن قيرقار جي لڳاتار نهرائجي ته اهڙي دهراءُ واري عمل کي علم صرف موجود مڪمل تڪرار چئبو آهي." (26)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ مان مڪمل تڪرار جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

آزادي ٿي گهرجي مون کي پنهنجي پيارن ۾چڙن لاءِ،
عمر سڄي جي سڪندا رهن ٿا گونچن ڪڇڻن ڪڇڻن لاءِ،
اکڙيون جن جون اداس سدائين سپنن سچڙن لاءِ!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 368)

روئندي روئندي نير ڪٽي ويا لهو اڇي ويو لڙڪن ۾،
آئون ڪيئن ڪلندي ڪير پيان منهنجي سنڌڙي آهي سڏڪن ۾،
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 210)

تنهنجي ٻولي ٻاجهاري، تون پاڻ نسورو نينهن، ميان!
تنهنجي صدا تان صدقي ٿيندڙ هر سهڻيءَ جي سونهن، ميان!
اکر اکر مان آتو ٿي ٿو اٽلي مِهر جو مينهن، ميان!
(ساڳيو : 253)

رعب اوهان جا، ريب اسان جا، رنج رُسامان جهٽ جهٽ جا،
جڙ ته قطارون، جڙ ته مهارون، جڙ مهاڏا گهٽ گهٽ جا.
(ساڳيو: 285)

اَ پورڻ/ جزوي تڪرار (Partial Redupheation)

"جنهن فقري يا جملي ۾ ڪنهن صورت جي تڪرار واري عمل ۾ صورت جو پهريون جزو يا پويون جزو بدلجي ۽ باقي جزو ساڳيو رهي ته اهڙي تڪرار کي جزوي يا اپورڻ تڪرار چئبو ."(27)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ مان ڪجهه مثال:

اولهه تنهنجا انگ لتاڙيا، اوپر توکي لويو هوءِ،
لهندي چڙهندي سج ڏنجها ڏئي رڙ ۾ توکي روليو هوءِ
(ڏرتيءَ جا گيت: 167)

سنڌڙي اهي اوپاڪين ۾ پاڻيءَ ٻڏل پکيءَ جيان،
آخر ابتي سبتي ٿي تر وٽندي ٽٽکيل دکيءَ جيان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 325)

ان کان سواءِ نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ اسم تصغير جو استعمال ڪري ان ۾ مٺاس، سادگي ۽ لهجي جي عجيب معصوميت پيدا ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، عام ڳالهه ٻولي ۾ اسم سان ڙو، ڙي يا ڙا، جا اکر ملائي، اظهار ۾ انوکي معصوميت پيدا ڪئي ويندي آهي.

اسم تصغير:

"اهو اسم، جنهن مان خبر پوي ته ڪنهن شيءِ کي سندس اصلي حيثيت کان گهٽائي، ننڍو ڪري بيان ڪيو ويو آهي، تنهن کي اسم تصغير يا مصغر چئبو آهي. ٻارڙو، راتڙي، گلڙا". [28]

نياز همايوني، اسم تصغير جو استعمال ڪهڙو نه شانائتي ۽ سهڻي نموني ڪيو آهي:

ننگر ويندي ويل سنپاريو، پنهنجي ڪومل ڪويل کي،
جيڪر منهڙو ڏيکاريان ها، من جي مومل ڪويل کي،
عمر سڄي ان ڪونه ڪيو هو، اکين کان اوجهل ڪويل کي.
(ساٹيهه جي ساک 50)

آزاديءَ جي لاءِ ڏياريءَ جهڙو جشن ملهايو ويو،
وڏڙن قائم ڪيون ڪچهريون، جهنگ کي خوب سجايو ويو،
نندڙن پاران ماٺهن وانگي هڪڙو سانگ رچايو ويو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص:371)

سانوڻ مينگهه ملهار لاءِ، پنهنجي اکڙين ۾ آرانپيون هوءِ،
اُڏمن جا آڙاهه پلا، ڪيئن سيني اندر سانپيون هوءِ!
(ساڳيون: 123)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جون ڪجهه وڏيڪ فني خوبيون:

لفظي خوبين کان علاوه نياز جي شاعريءَ ۾ ٻيون به خوبيون آهن، جيڪي سندس شاعريءَ کي خوبصورتي بخشين ٿيون ۽ پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي سُرور جي ڪيفيت مان گذاري مست ڪن ٿيون، جيئن قافيو ۽ رديف، سلاست، بلاغت، فصاحت، جدت، چوٽيون، پهاڪا، اصطلاح، ورجيسون، علامت، اهجاڻ ۽ عڪس هي سڀ خوبيون جڏهن شاعريءَ ۾ سمائجن ٿيون ته ان کي بيحد خوبصورت بنائي چڏين ٿيون. شاعري جڏهن انهن خوبين سان مرصع ٿئي ٿي ته ايئن لڳي ٿو جڻ نيرو آڪاش تارن سان يا جڻ ڪو شاهي تاج ڪنهن وينجهار ويهي، جواهرن سان جڙيو آهي.

قافيو:

"قافيي جي لغوي معنيٰ آهي پڇيان هلڻ. شعر ۾ قافيو رديف کان اڳ ۾ باقي لفظن کان پڇيان اچي ٿو." (29)

نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي جاين تي مسلسل قافيي جو استعمال ڪري سٽن ۾ جيڪا نغمگي، توازن ۽ لئه جي خوبصورتي پيدا ڪئي آهي، اها بي بدل ۽ قابلِ داد آهي. مثال لاءِ نياز همايونيءَ جو چوسٽي فارم ۽ ننڍي بحر ۾ لکيل هيءَ نظم جو بند پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ هن مسلسل قافيي جو نئون تجربو ڪري، ردم ۽ روانيءَ جو نرالو ڪيف ۽ سُرور پيدا ڪيو آهي:

تو مُهابي هئا مزي ۾ مامرا مهراڻ جا،
ناچ ٿي سڃڻن ڪيا گيت هئا چانداڻ جا،
راتڙين ٿي رنگ لاتا، ڏينهن هئا مانداڻ جا،
چو بچيو ۽ چهچٽا هئا قرب جي چڪتاڻ جا.

(دل ۽ ڏرتيءَ جاگيت ص- 334)

هيٺ ڏنل شعر ۾ ٻٽو قافيو، دستوري قافيو ۽ وچيون ڪافيو ڪهڙي نه بهترين موسيقي پيدا ڪن ٿا:

اٽن سنواريون، سهه سين قطارون،
مارن مون کي لوڪ ميارون،
اکڙيون پنهنجون شرم جو ماريون،
من ڪو مان ڪري موچارن ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 44)

السي ٽانگا ٽيڙيا، ڦلين ڪاڏا ڦاٽ،
هاڻ ته گهوري آٽ، اگڙ اڇ سپرين!

(بيت، سٽاءُ ۽ اوسڙ: 508)

سوني ڦليءَ تي سايون ڳاڙهيون ٽڪان ٿي،
تنهنجي نالي تي آهيان، تڏهين توکان لکان ٿي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 97)

ڪونجن ڪهندي، رڙ تي رمندي، ڪرهن وانگ قطار ڪئي،
وڇڙيل مارن مڙي نه ٻيهر، پوئتي ڪابه نهار ڪئي،

رديف:

"رديف شعر ۾ اهڙي اکر کي چئبو آهي، جنهن ۾ قافيي جي پويان هر شعر ۾ ساڳيو لفظ وري وري کم آڻجي." (30)

فخر دولت نه ڪر اي دل خدا جي واسطي،
مال، مِلک ۽ تاج تخت آهن فنا جي واسطي.

توسان پنهنجو پيار ايئن جڙ چشمي تي چانڊاڻ پرين!
هڪ جهلڪي ۽ ٻيو جرڪي، ٿي رم جهم روح رهاڻ پرين!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 113)

پنهنجي پريت ڪنول جيان اجري، جنهن کي نه ڪوئي ميرُ لڳي،
جن جا ناتا جُهڙ جا پاڇا، تن جي لاري ڪير لڳي.
(ص، 116)

اسان جي عزم کي اي آسمان! متان نه محين،
ڪرڻ گهرون ٿا ٻيا نئون جهان، متان نه محين.
(ص، 168)

فصاحت:

"فصيح ڪلام اهو آهي، جنهن ۾ هر هڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي، جنهن جي اُچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪابه تڪليف يا هٿڪ نه ٿئي. اهو نمونو نه فقط ڪڏهن ڪڏهن، مگر هميشه شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نه ته سندس ڪلام کي فصيح نه چئبو." (31)

سنڌ سپاڳي پاڳ پري هئي، سانوڻ جي برسات جئان،
پر نه رهايو قسمت هن سان، ڪاري قهري رات جئان،
هاڻ ته هن تي ڏينهن اچي ويا، بيوهه جي اوقات جئان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص 221)

گوندر گوندر گيت اسان جا، روچ ۽ راڳا راڳ الا!
نگري نگري پٽڪياسي، پر ڏنو نه سڪ ڪنهن ماڳ الا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص 112)

دنيا بيشڪ اڇٽي وڇٽي، ڳالهه اها نئين ناهه پرين!
پاڻ برابر پرديسي پر عشق ته ديسي آهي پرين!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص: 115)

هرڪو ويندو جڳ مان جاني رهندا سڀ ارمان هتي!
يار "نياز" اسين مسافر، گهڙي پل مهمان هتي!
(دل ۽ ڏرتي جا گيت ص: 116)

سونهن ايئن جڙ ڪاغذ جو گل، ٺاهه ٺڳيءَ جا جلون ۾!
خصلت جي ڇا خوبي ڪٿجي انگ نه آهي عَشون ۾!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص: 5)

نياز همايونيءَ جي سموري شاعري عمده خوبين ۽ خوبصورتين سان ٽمٽار آهي. نياز شاعريءَ ۾ پنهنجي اظهار لاءِ اهڙن لفظن کي ڪتب آڻي ٿو، جيڪي اچار ۽ اظهار ۾ آسان سادا ۽ رواجي آهن، جن جي اچارڻ سان ڪا به تڪليف پيش نٿي اچي ۽ نج سنڌي الفاظ آهن، جيڪي پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل آسانيءَ سان اچاري ۽ سمجهي سگهي ٿو.

بلاغت

"بلاغت اها آهي، جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي، انسان ۾ طرحين طرحين جا پُور ۽ جذبا اٿن ٿا، ڪڏهن غم ۽ غصو، ڪڏهن ڪل ۽ خوشي، ڪڏهن مستي ۽ مدهوشي، ڪڏهن عشق ۽ محبت، ڪڏهن بيتابي ۽ بيقراري وغيره وغيره. شاعر کي اهي سڀئي حالتون اهڙي صفائي، چٽائي ۽ درستيءَ سان مختصر مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ گهرجن، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڌيان ڪُپي وڃي، ۽ سندس سحرنگاريءَ تي موهت ٿي پون." [32]

نياز همايونيءَ جي شاعري سندس پرخلوص شخصيت جي صحيح عڪاس ۽ پنهنجي ماحول جي سچي ترجمان آهي. اُن ۾ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جو احساس ۽ اظهار ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود آهي. هن جي شاعري اها شانائتي شاعري آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جو عرفان، انسان جي عظمت جو ايقان ۽ ان جي روشن مستقبل جو امڪان جهلڪي ٿو، سندس دل ۽ زبان، سندس سوچ ۽ سپاءَ ۾ ڪو به تضاد ڏسڻ ۾ ڪڏهن به نه آيو. نياز جي شاعريءَ مان سندس اڇي اُجري شخصيت سان گڏ، سندس دور ۽ ماحول جو سچو رنگ نکري بيهي ٿو.

هن جا شعر انوکي معصوميت ۽ محبوبيت جو تاثير پيدا ڪن ٿا، ماضي، حال ۽ مستقبل جي جاڻ ڏين ٿا ۽ هن جي شاعري سندرتا جي ساک پري ٿي، جيڪا سندس هيٺين شاعريءَ مان ظاهر آهي:

صديون گذريون صدمن ۾ پر ڪونه ورايو پاسو ڪنهن،
ڪنهن جي چيلهه چِهي ٿي ڪئن ۽ ڪيو وهائي داسو ڪنهن.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 130)

جوڳي هاڻ ته رات جو پويون پهر به ڏاڍو ڳورو آهه،
ڏاڍ ڏمر جو وڏندڙ پاڇو اڳي کان اولو اگرو آهه!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 131)

پلي وسايو ويرانا، پر انسانن کي کين ڇڏيو،
فرزانن جي قند ۾، هيڪل ديوانن کي کين ڇڏيو.
(ماهوار سوجهرو، اپريل 1999ع: 20)

پنهنجي پريت ڪنول جان اجري جنهن کي نه ڪائي مير لڳي،
جن جا ناتا، جهڙ جا پاڇا تن جي لاري، ڪير لڳي.
(ماهوار سوجهرو، فيبوري 1975ع: 21)

ڏينهن ٽيا جو رقص ڪيو آ ڪونه سندم من، مور پرين!
وار ڪنديري بوءِ پکيڙي، آڻ گهٽا گهنگهور، پرين!
(ٽماهي مهراڻ، 2- 1959ع: 8)

سلاست

سلاست جي معنيٰ آهي ته ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن، جي روزمرهه ماڻهو استعمال ڪن ٿا، ۽ استعارا، تشبيهون ۽ ٻيون ڪلامي صنعتون اهڙيون سادين ۽ سوليون هجن، جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن ۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر، ان مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي. سپ کان سهڻو شعر انهيءَ کي چئبو، جو جڏهن ڪو ماڻهو ان کي پڙهي يا ٻُڌي، ته ازخود ائين چوي ته "سچ آهي!" ۽ ان جي سلاست ۽ سادگي ڏسي دل ۾ اچيس ته اهڙو ڪلام "آءٌ پڻ چئي ٿو سگهان" مگر جڏهن چوڻ جي ڪوشش ڪري، ته وايون بتال ٿي وڃنس." (33)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ سلاست جون خوبيون اُتم ۽ اعليٰ درجي جون موجود آهن نياز جي شاعريءَ ۾ فطرت جي مظهرن جي اپٽار کان وڌيڪ انسان جي اندر جي احساسن ۽ اسرارن جو اظهار ۽ عڪس ملي ٿو، نياز جي شاعريءَ ۾ هو هڪ بهادر ۽ انسان دوست سرجڻهار جي ناتي سان آهي. نياز همايوني سراپا جستجو، جياپي، جرئت، محبت، امن، آزاديءَ ۽ انسانيت جو علمبردار آهي. هن وٽ "ترڪ" بجاءِ انهي طلب ۽ تات جي اهميت آهي، جيڪا ماڻهوئن کي جاڳ ۽ ماڳ جي تلاش ۾ مسلسل جنبيل ۽ جاکوڙ ۾ محو ۽ مستغرق رکي ٿي، هو معاشري ۽ سماجي زندگيءَ جي سچائين کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو قائل آهي. نياز جي شاعري نج سنڌي ٻوليءَ جي تشبيهن ۽ ترڪيبن جو اڻ ميو پندار آهي، هن جي شاعريءَ ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو، وڏ ڦڙي جو وسڪارو، جابلونئن جو جوش ۽ مستي، ترنم ۽ لئه جو آبشار موجود آهي، جو هر ماڻهو پنهنجي سمجهه آهر لطف وٺي سگهي ٿو.

منهنجا گيت رکاڻ پريل هئا، تنهنجي سور سواد ڏنو!
تنهنجي سار جو آئي ٿي پيو ماکيءَ جو مانارو راڳ!
جوڳيءَ ويس ۾ جندڙي پنهنجي، تولئه ٿي سنياس ڪري،
نيٺ ته سمجهي ويندين، سائين، منهنجو هيءُ موچارو راڳ.

(مهراڻ 2- 1968: 42)

يار نياز هي ايڏي وڏي تڏهن پي تنگ آهي،
وڃڻي سکڻي دهل جئان، بس دعوائن ۾ دنگ آهي.

(سوجهرو اپريل 1999: 20)

تنهنجي سونهن ڏياري ساڃهه سڃڻ حقير ماڻهن کي،
تنهنجي عشق امير بڻايو اسان فقير ماڻهن کي.

(مهراڻ 2/1999: 31)

سپ ڪنهن پنهنجا وسريا ساريا، تو نه لڌي ڪل وسرين جي،
ڪالهه ۽ اڄ جي وچ ۾ سهڻا، وڻي وجهي ورهين جي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 144)

پيار سهاڳ جي ميندیءَ جان ٿو سُرهو سپ جو ساهه رکي،
ماڻهو سهڻو اُهو جو سپ سان بنا چوڻ جي چاهه رکي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 323)

جدت

" جدت جي هيءَ مراد آهي ته شاعر کي گهرجي ته مضمون اهڙا علحده علحده اختيار ڪري، جن تي ٻين شاعرن پنهنجي طبع آزمائي نه ڪئي هجي، يا جيڪڏهن ڪئي هجين، ته به انهن کي اهڙو طرز ۽ نموني ۾ ادا ڪري، جو ايئن معلوم نه ٿئي، ته ڪنهن جو نقل يا تتبع ڪيو اٿس. ازان سواءِ پنهنجو مطلب اهڙن نون نون طريقن سان بيان ڪري ۽ هڪڙي خيال کان ٻئي خيال ڏي وڃڻ ۾ اهڙي ڪاريگري ڪتب آڻي، جو پڙهندڙ جو ڌيان ٽُٽي نه وڃي، ۽ پڻ سندس لفظن ۽ جملن ۾ اهڙو جوش ۽ اثر هجي، جو پاڻئجي ته اهي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان اُڏما ڏيئي نڪتا آهن." [34]

جدت گهڻُ رخو ۽ جمالياتي وسعت رکندڙ لفظ آهي، جنهن کي عام ۽ سادي زبان ۾ نئون ۽ نرالو چئي سگهجي ٿو. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ جدت جون خوبيون تمام گهڻيون آهن. نياز همايوني موضوع، ستاءُ، جدت، لهجي، سرلتا ۽ رومانوي رنگ جو منفرد شاعر آهي. هِن جديد زندگيءَ جي گوناگون مسئلن ۽ معاملن تي لکيو آهي، پر هر ڪيفيت ۽ احساس جي اظهار لاءِ هن وٽ پنهنجو ڊڪشن، پنهنجا لفظ، پنهنجون

ترڪيبون، تشبيهيون ۽ علامتون آهن. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي تمام تر نزاڪت، مڌرسُر، مٺي خوشبو، وٽندڙ ورڻ، ريشم جي نرماڻ ۽ لساڻ به ملندي ته زندگيءَ جون کهريون سچايون به هن جي شاعريءَ ۾ لپنديون، پر قوم پرستي هن جي شاعريءَ جو سپ کان سگهارو احساسي جذبو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جو اهڙو رس ۽ رچاءُ آهي، جيڪو ڪن پل ۾ پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ جي روح ۾ لهي وڃي ٿو. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو مزاج ۽ لهجو سادو، سليس، نرم ۽ نرمل آهي، هن جي شاعريءَ جو سڄو سارو ماحول مٺيءَ جي خوشبوءَ سان واسيل آهي.

مثال

مُند ورڻ تي قرب ڪنا ٿي هڪ ٻي ڏي ڪئن سُرکن ٿا،
ڪاندیرن جي ڪنڊن وچ ۾ پٽرَ جا گل ڏس مُرکن ٿا.

(مهراڻ 3/ 1999: 9)

تون جي مهربان مون تي، ته نياز مند مان ٻي،
هي نياز، نيٺ تنهنجو، توکي ننگ رکڻو آهي.

(مهراڻ 3- 1988ع : 2)

قول هڪڙو هجي فعل ڪوئي ٻيو،
هي ته ابليس جو ڪرتب آهي ميان!

(مهراڻ 1987ع : 15)

مشڪل اچئي جا سر تي مرکي انهيءَ کي ٽار،
مايوس ٻڌجي ٻئي جي اِعانت نه ڪر قبول!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 171)

چوٽي:

"چوٽيون به سهڻي معنيٰ ونڻ لاءِ آڻجن ٿيون ۽ مفهوم حقيقت پسندا نه آهي. چٽي: "بُک ۾ بصر به منا" هونئن جيڪا شيءِ شوق پئي نه کائجي، اها به بک لڳڻ وقت مٺي لڳي." (35)

ڊاڪٽر الطاف جوکيو، ڊاڪٽر مرلي ڈر جيٽلي جو حوالو ڏيندي چوٽيءَ جي وصف هيئن ٿو ٻڌائي:

"اهو جملي جو روپ جيڪو عام مروج/سماجي طور گفتي جي حيثيت رکي. مثال ٻڌيءَ ۾ برڪت آهي". (36)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ سهڻين چوٽين سان مالا مال آهي. هن جي شاعريءَ ۾ چوٽيون سنڌوءَ جي چولين وانگر ور وکڙ ڪري سنڌا ڪريو پيون نڪرن ۽ شاعريءَ کي وڌيڪ سونهن پيون بخشين.

چوراهي تي چنگل ويڻل، مکي لڳن کي ميٺ الا!
هر کو آهي ڏاڙهيءَ پٽَ ۾، پيٺ الاڙي پيٺ الا!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل : 63)

اُرهه زورائي آهه دليري، ظلم نياءَ جو نالو آ،
اُهوئي سپ جو سائين آهي، جنهن جي هٿ ۾ پالو آ،
کير کُڇي يا کير چوي، وريامن کان بڙ بالو آ.
هيءَ پي دنياداري آ! واهه جي دنياداري آ.
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 64)

پنهنجيءَ تي جو اچي ٿو تنهن کي موکل آهي جيئن به کري.
جيکو ڏادو سو گابو پل هونئن به کري ۽ هيئن به کري!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 64)

کنهن وٽ آهي کين جو کُنو، کنهن وٽ مال هزارين،
کو سادو، کجهه کين ٿو ڇاڻي، کنهن وٽ تال هزارين،
کنهن وٽ پاندي پُوري ناهي، کنهن وٽ لال هزارين.
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 68)

جهڙي چالي تهڙي بني ڙي – هو جمالو!
جنهن جي عاقبت ٿي کنِي ڙي – هو جمالو!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 82)

پهاکو (Proverb)

"پهاکو اهو آهي، جنهن ۾ موجود معنيٰ کي کنهن مثال سان ظاهر ڪجي. جيئن چئجي ته کنهن کان کو ڪم نٿو پڄي ته چئي "خراب آهي" ، پهاڪي وارو ان کي هنن چند لفظن ۾ ظاهر ڪري ٿو" گدڙ ڀاڪ نه پڄي آکي ٿو کٽا." [37]

پهاکو، لفظ اصل ۾ آهي: پهه + کيو. يعني، ويچار کيو ته فيصلو کيو.

دراصل اڳئين جڳ ۾ کنهن ڏاهي، کو پيچيده مسئلو پهي، ان جو کو آسان حل ٻڌايو ته اهو پوءِ عوام لاءِ "پهاکو" بنجي پيو. مثال طور: "سونٽي هجي ساڻ ته گڏهه گوهي نه کري."

پهاکو پنهنجي معنيٰ کانسواءِ ٻي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

نياز همايونيءَ وٽ نج سنڌي پهاکا آهن، جيکي هِن باربار پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري، ان ۾ حسناکي پيدا ڪئي آهي.

علم جي معنيٰ چؤسر چال، ته عقل جو مطلب مار ڪرڻ،
پنهنجي ٻڙيءَ تارڻ کارڻ ٻئي جو ٻوٽو گار ڪرڻ،

سيکاري ٿو سپ کي زمانو اُبتو سبتو وار ڪرڻ.

(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل:63)

دنيا تي دين مٽائن، هي پي ماڻهو آهن!
ناهه نڪيءَ جا پيا بٽائن، هي پي ماڻهو آهن!
شرمُ وڃائي شوق ڪمائن، هي پي ماڻهو آهن!
جڄ پرائي پاڻ نجائن، هي پي ماڻهو آهن!

(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 68)

پنهنجي خطا جي هوندي پي ٿا ڪاوڙجن ٻئي ڪنهن تي،
پاڻ ۾ ٽوم نه آهي ته به ٿا آڪڙجن ٻئي ڪنهن تي،
سگهه نه ليپي ڪا گوڏن ۾ ٻيا **ٽابڙجن** ٻئي ڪنهن تي،
انڌي جي لٺ وانگي احمق آهڙجن ٻئي ڪنهن تي.

(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 69)

رلي ڪلهي تي ماني راڄ تي، پٽڪن پيا در در تي،
ڪيپ ڪٽي ڄڻ آيا سدورا، پريون ٻڌائي گهر تي،
مفت جي مالَ تي دل ٻي رحم ۽ ڏاڪ پرائي تر تي،
ڏونڊي پٽيان ايئن ديوانا ڄڻ ڪنگن ڪاهيو ڇَر تي،
ته به ٿا گامڙ خان سڏائن، هي پي ماڻهو آهن!
هي پي ماڻهو آهن سائين، ڪهڙا ماڻهو آهن!

(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 70)

اصطلاح

اهو لفظ، جنهن جي ڪا خاص معنيٰ ڪن علم يا فن جي ماهرن يا ڪنهن جماعت مقرر ڪئي هجي.

"اصطلاح جي هيئتي جوڙ جڪ (Form) مصدر جي صورت ۾ هوندي آهي، پر نهايت معنيٰ خيز ۽ گفتي کي سونهن بخشيندي آهي مثلاً: "ڪير ڪنڌ ٽيڙ"، يعني پاڻ ۾ صلح ۽ محبت سان رهڻ." (38)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ اصطلاحن جي بي انداز استعمال سندس شاعريءَ کي بي انتها سونهن بخشي آهي، جنهن جا ڪجهه شعرن جا مثال هيٺين شعرن جي صورت ۾ پيش ڪجن ٿا:

گهلي ٽي هير ته مکڙين جا چيهه ڇڻن ٿا اڇ،
اچي ٽي بوءِ ته بربلن جا ڳڇ ڳڻن ٿا اڇ.

(ڏرتيءَ جا گيت : 107)

پاڻ کي جيڪا آهه لڳي، سا گهر مان آهه لڳي سائين!
تڏهن ته ڏارين ڏوڏ پرين جي، آهي پنڌ پڳي

سائين!

(ساڻيهه جي ساک : 51)

پيڇ پنيءَ جو سور سنواري سکن جي ڪارڻ هاءِ الا،
چپر چڏي ڪي چورا نڪتا، پوٽو پارڻ لاءِ الا.

(ڏرتيءَ جا گيت : 114)

هرڻ به تن کي اهڙي هنئين جو ٻيڙي انهن جي ٻوڙي وئي،
آهه جا نڪتي ڇڻ ته هئي ڪا اوٽ جا ٽوڙها ٽوڙي وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت : 107)

نياز همايوني مٿين شعرن ۾ ” چيهه ڇڇڻ” ، ”ڳچ ڳرڻ”، ” گهرن مان لڳڻ”، ”ٻنڌ پڇڻ”، ”پوٽو پارڻ”، ۽ ”ٻيڙي ٻڏڻ”، جهڙا خوبصورت اصطلاح استعمال ڪيا آهن. سندس شاعريءَ مان نياز جي ٻولي ۽ ان جي لفظن تي پهچ ۽ قدرت کي مڃڻو پوي ٿو. هو رڳو سهڻن ۽ سيبائتن لفظن جو کيڏاري نه آهي، پر انهن لفظن ۾ مقصد ۽ مطلب جا ملهائتا موتي به لکل هوندا اٿس. اهوئي مقصد ۽ مطلب جيڪو دنيا پرجي اوچ ڪوڏيءَ جي فن، ادب ۽ شعر ۾ سدائين سانڊيل رهيو آهي ۽ رهندو يعني سوچ کي سنوارڻ جو گڻ (Clarifcation of thought). نياز اهڙيءَ طرح سهڻن اصطلاحن، ڪنايَن ته ٻين سندر صنعتن سان شاعريءَ کي سينگاري، ماڻهن جي ذهنن جي گهراين ۾ پيوست ڪيو آهي.

ورجيسون

”هي لفظن ۽ فقرن جا ننڍا جهڳٽا آهن، جن سان تحرير ۽ تقرير ۾ سونهن ۽ آواز جي مدنظر ٺهڪندڙ معنيٰ به ملي ٿي. اهڙا ڪئين مثال آهن، جيڪي زبان ۾ ورجيس جي استعمال کي موزون بنائن ٿا، ڪي ورجيس هي آهن:

پاڙو پتو، چور چڪار، چوڪر ٻاڪر، پاڻُ پنڌ، ٻوڙ ٻاڙي وغيره [39]

نياز همايونيءَ جي شاعري ۾ ورجيسن جا ڪئين مثال ملن ٿا، جيڪي شاعري کي اٽڪٽ سونهن بخشين ٿا.

هيٺين شاعريءَ ۾ خالي خولي، هلي ملي، هڪا هڪ، سرڙڙ، ڪک پن، ٻاجهه سٻاجهه، اپريءَ سپريءَ ۽ رم جهم جون ورجيسون استعمال ڪيون ويون آهن، جيڪي نشيلي نار کي پاتل زيورن وانگر شاعريءَ جي حسن ۾ اضافو ڪن ٿيون:

پوک پڪيءَ تي پهرو ڏيان مان،
پري کان پڌري منهنجي هاڻي،
خالي خولي باد مخولي.

منهنجو وِت بس ڪپڙو ڪاڻي،
تڏهن به اجگر آهيان آنءُ!
اوڙو منهنجو نانءُ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 93)

هلي ملي موئرو، موئرو ڙي موئرو

بلي بلي موئرو

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 95)

هلي هڪا هڪ ڪرڻي آهي عزم اهو اختيار ڪبو،
سورهيه لائن سِر جي بازي سر ڏڙ ڏارئون ڏار ڪبو.
ساڻيهه جي ساک: 63)

هئي هئي حياتي ڪڪ بن ڇڻ پل پل پاڻي تک،
رهندي ڪي نه رهاءِ مون ڪي پار پڄاءِ.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 54)

دنيا ڪي ٽي سپڪجهه سان گڏ، گهرجي سگهري پاجهه سپاجهه
آئون گهران ٿو توکان سائين! ايري سيري پاجهه سپاجهه.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 181)

چاندوڪي ۾ واءُ ڏنو ور، چولي چولي چلڻ لڳي،
ڪلندي ڇڻ ڪنهن نوورنيءَ جي، ڳلن تي رم جهم رهڻ لڳي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 144)

اشارو /علامت (Sign)

"علامتي نظام ۾ اشارو، نشان ۽ علامت واضح فرق سان ڪم ڪن ٿا. اشاري ۾ مشابهت جو واسطو گهڻ ٿئي ٿو. اشارو مڪمل ۽ واضح ٿئي ٿو ۽ مشابهت کي ظاهر ناهي ڪندو، پر ڪنهن شيءِ بدران هجڻ کي ظاهر ڪندو آهي. نشان ۾ به تشبيهه جوعمل پوشيده رهي ٿو. نشان جو مفهوم بيان ڪرڻ کانسواءِ ان کي سمجهي نه سگهبو، جهڙيءَ طرح وڪٽري (V) جو نشان وضاحت کان سواءِ سمجهه ۾ اچي نٿو سگهي. علامت کي صرف انسان ئي تجربي، اعتماد ۽ نظرئي جي بنياد تي سمجهي ۽ منتقل ڪري سگهن ٿا." (40)

فياض لطيف طارق سعيد جي حوالي سان لکي ٿو:

طارق سعيد پنهنجي ڪتاب ”اسلوب اور اسلوبيات“ ۾ نشان، اشاري ۽ تمثيل کان وڌيڪ اهڃاڻ کي اهم ۽ جامع ڄاڻائيندي، دليل طور يونگ جا هي لفظ ورجايا آهن:

“A sign is a Substitute for a presentation of the read thing while a -symbol carries a wider meaning and express a Psychic fact which can not be formulated exactly.” (41)

(علامت/نشاني ڪنهن حقيقت شيءِ کي پيش ڪرڻ جو نعم البدل آهي، جڏهن ته اهڃاڻ ان کان وڌيڪ معنائون رکندڙ ۽ اهڙي نفسياتي حقيقت کي به پيش ڪندڙ آهي، جنهن جي ڪا ظاهري صورت نه آهي).

تاج جويو لکي ٿو:

”هر لفظ رواجي، عام ۽ ظاهري معنيٰ سان گڏ هڪ ٻي معنيٰ به رکندو آهي، جيڪا ان لفظ جي سڌريل، سماجي يا ڪلچرل (Cultural Meaning) هوندي آهي. اها معنيٰ، شين جي نشان (Sign) يا اهڃاڻ (Symbol) بابت معلومات ڏيندي آهي، ۽ ان جو واسطو شين جي ظاهري، رواجي ۽ عام شڪل سان هوندو آهي، شاعر، لفظ کي ان جي بنيادي معنيٰ کان مٿي هڪ مقصدي يا مددي معنيٰ مهيا ڪندا آهن، جيڪا لفظ جي ڪلچرل معنيٰ يا لفظ جو باطن سڏي ويندي آهي، لفظن جي سماجي يا ڪلچرل معنيٰ سماج جي پيدا ڪيل هوندي آهي، ۽ هڪ شاعر کي اُها معنيٰ استعمال ڪري، پاڻ کي سماج سان واسطيدار بنائڻو پوندو آهي، شاعري جي پرک وقت اسان کي اهو به ڏسڻو پوندو آهي ته هڪ شاعر، شاعريءَ ۾ لفظ جي باطن يا ڪلچرل معنيٰ جي استعمال لاءِ ڪيتري تخليقي سگهه رکي ٿو. هڪ عظيم ۽ سماج سان لاڳاپيل شاعر کي نه رڳو سماج جي مهيا ڪيل ڪلچرل معنيٰ ڪم آڻڻي پوندي آهي، پر ان کي هڪ قدم اڳتي وڌي، هڪ اهڙي به معنيٰ پيدا ڪرڻي پوندي، جيڪا لفظ جي اصل باطني معنيٰ هوندي آهي ۽ اها ئي معنيٰ شاعر جي خود تخليق ڪيل ۽ سندس فني دين پڙ ليکي ويندي آهي ۽ اها معنيٰ اڳتي هلي سماج ۾ هڪ نئين مفهوم (Sense) سان مقبوليت ۽ اهميت حاصل ڪري وٺندي آهي، اها شاعراڻي معنيٰ پيدا ڪرڻ لاءِ، شاعر کي مڪمل سماجي شعور، پنهنجي ڪلچر جي شناس، وسيع مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جي ضرورت هوندي آهي. جنهن شاعر ۾ لفظ جي باطن تخليق ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي، ان جو شعر ئي دائمي حسن ۽ معنيٰ جي جوت حاصل ڪري سگهندو آهي.“

ان ڳالهه جي وڌيڪ سمجهاڻيءَ لاءِ هتي ڪجهه لفظ، انهن جون راوجي لغتي معنائون، سماجي يا ڪلچرل معنائون، ۽ شاعراڻيون يا رمز واريون معنائون ڏجن ٿيون:

نمبر	لفظ	بنياد معنيٰ	سماجي يا ڪلچرل معنيٰ
1	ڪارو	رنگ جو ڪارو	ڪارو ناجائز تعلقات وارو مرد
2	سڄو	مڪمل يا پورو	هيانءُ جو سڄو
3	دپ	جهنگلي گاهه	ملم، علاج
4	تيل ڦليل	تيل ۽ سُرهاڻ	سينگار

مٿين حوالن مان معلوم ٿيو ته علامت/نشاني هڪ الڳ حيثيت رکي ٿي ۽ اهجاڻ جي الڳ حيثيت آهي، جيڪو ٻوليءَ جو مٿاهون درجو آهي." (42)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ علامتن ۽ اهجاڻن جا انبار آهن. سندس علامتي، شاعريءَ مان ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسان اهي منصور ميان! جي سوريءَ لئه سهاڳ بڻيا،
ڪوڙ گهٽا ڪهرام ڪيا ته به سچ جو ٿيٺ سياڳ بڻيا.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 111)

بازار وڪامي ڪچ، بالو!
متان ڪنهن جي نظر لڳئي، ماٺهن کان بچ، بالو!
اٽئي ڪک جي هيڻان لک ماهيا!
منهنجا نيٽ شرابي، اچي چڪڙي ته چک ماهيا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 78)

سونو ته ٻاڻي، ٻيلي چانديءَ جون نسبيون،
سورن ۾ سوريان ويڻي لڙڪن جون تسبيون!

موتئي وانگر پري کان مهڪي، پاڻ لکائي ڇاڻن ٿا،
پروس پيارا پيار ته ڇاڻن، پر نه نپائي ڇاڻن ٿا.

اهجاڻ: Symbol

ٽليارڊ لکيو آهي ته: "اهجاڻ جي معنيٰ، جيئن مون هتي استعمال ڪئي آهي، سا آهي ڪنهن ڇميل ۽ اهميت حاصل ڪيل شيءِ جنهن کي ڪانه ڪا خاصيت حاصل ٿي وئي هجي، ته ڪو لفظ ڪنهن معنيٰ ۾ مستعمل ٿي، ڇمي، مروج ٿي، جاري ٿي وڃي ته اهو ٿي پوي ٿو اهجاڻ، جيئن چنڊ ۽ گل، سونهن جو اهجاڻ آهن، تيئن چڪور ۽ بلبل عشق جا اهجاڻ آهن. بهار خوشيءَ جو اهجاڻ آهي ته سرءُ ڏک جو اهجاڻ آهي. صبح اميد جو اهجاڻ آهي ته شام نااميديءَ جو. مطلب ته هيءَ ڪائنات اهجاڻن جو جهنگل آهي." (43)

نياز همايونيءَ جي شاعري به اهجاڻن جو سمند آهي، سندس ستٔ ستٔ اهجاڻن سان پري پئي آهي، جن سندس شاعريءَ کي بي انتها خوبصورتي بخشي آهي. هيٺ ڏنل شاعريءَ ۾ هر ستٔ ۾ اهجاڻ آهن.

ديوانا او ديوانا! ٻيلي هل ته هلون ويرانن ۾،
آبادين ۾ اونداهيون ڇڻ شام آئي شمشانن ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت – 124)

مند ورايو پاسو پکڑيا پوپٽ، پنور، پنيوريون سپ،
وڻ وڻ لاتيون وڙ وڙ جون، ڪن ڪٽڇيون ڪوئليون پوريون
سپ.

(ٿماهي مهراڻ، 3- 1999ع -9)

ڪڪر ڪنواڻن وانگ اڀا ٽيا، ڪنوڻين رم جهم راس
ڪئي،
جهڙ ڦڙ جذبا جوش ۾ آندا، انديلٽ اڻ تڻ ناس ڪئي.

(دل ۽ ڏرتي جا گيت 140)

جوڀن ويڙو جاڙ ڪري، ڪيئن جاما جلويدار ڪجن،
ڪونهي ڪو چمڪاٽ چلي جو، ڪنهن سان اکڙيون چار
ڪجن.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 119)

عڪسي شاعري:

"عڪس جي لغوي معنيٰ آرسيءَ يا پاڻيءَ ۾ نظر ايندڙ پاڇو، اولڙو، فوٽو ۽ ڇاپو وغيره آهي، اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪنهن به ساڪن يا متحرڪ حالت، منظر، ماحول يا صورتحال جي لفظن وسيلي تصوير ڪشيءَ کي، ادبي ٻوليءَ ۾ عڪس نگاري سڏجي ٿو." (44)

سڀني لطيف فنن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي، ڇو ته سڀئي لطيف فن انسان جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪن ٿا. مصوري انسان جي اکين جي جنت آهي ته موسيقيءَ جا سُر انسان جي ڪنن لاءِ بهشت آهن. شاعري، مصوري، موسيقي توڙي نرتيه ڪلا، سڀني ۾ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان انسان جي جذبن جي ترجماني ٿئي ٿي. سر به غمگين ۽ سَرَها ٿيندا آهن، ته مصوريءَ جي رنگن مان پڻ غم ۽ خوشيءَ جا تاثر پيدا ڪري سگهجن ٿا. شاعريءَ ۾ لفظ، رنگن توڙي سُرن جو ڪم ڏين ٿا ۽ انهن جي ذريعي، ڏک، خوشي، ڪاوڙ، توڙي ٻين جذبن جو اظهار ڪيو وڃي ٿو. مصوري رنگن سان ٿيندي آهي، پر شاعريءَ ۾ مصوري لفظن جي ذريعي سان ڪئي ويندي آهي.

انسان کي ٻاهرينءَ ڪائنات جي ڄاڻ حواسن مان پوي ٿي. حواس ئي آهن جن ذريعي هن جو رابطو ٻاهرينءَ دنيا سان آهي. ڪائنات جي رنگن، شين جي شڪل صورت، انهن جو هڪ ٻئي کان مفاصلو ۽ انهن جي ڇُرپُر اکين ذريعي معلوم ٿئي ٿي. نڪ ذريعي خوشبوءَ يا بدبوءَ جو احساس ٿو ٿئي، ته ڪَلَ، سخت نرم، ٿڌي، ڪوسي ڪهري ۽ لسي هجڻ جي خبر ڏئي ٿي. ڪَنَ آواز کي جهٽين ٿا، ته زبان شين جي مٺي يا ڪوڙي هجڻ جي خبر ٿي ڏئي. اهڙيءَ ريت اسان کي ٻاهرينءَ دنيا جي جيڪا به خبر چار آهي، سا انهن ئي حواسن جو گڏيل تاثر آهي، جيڪي هو اسان جي من کي ٿا

ڏين. گلاب جو گاڙهو رنگ، ان جي خوشبوءَ، ان جي لسي ۽ نرم هجڻ جو احساس ۽ ان جو ذائقو، ان کان وڌيڪ ان گل جي باري ۾ چاٽي نٿا سگهون.
عڪس ان حاصل ڪيل معلومات کي وري جاڳائڻ يا پيدا ڪرڻ جو نالو آهي. هونءَ ته ڪي ئي واقعا ۽ نظارا جي لاءِ شعور ۾ موجود آهن، پر انهن کي ٻيهر ياد ڏيارڻ يا ٻيهر پيدا ڪرڻ جو نالو "عڪسي شاعري" آهي.

جيئن مٿي چاڻايو ويو آهي ته اسان جو هر حواس ڪنهن شيءِ جي مختلف خاصيت کي ڌار ڌار ٿو محسوس ڪري، ان ڪري اسان جي لاءِ ان شيءِ جو وجود مڙني حواسن جي گڏيل معلومات آهي. جي شاعريءَ ۾ ڪنهن به شيءِ جي عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته اها انهن مان ڪنهن به هڪ يا هڪ کان وڌيڪ يا مڙني حواسن جي ڏنل معلومات کي وري تصوراتي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿيندي. ڪنهن اکين ڏٺي نظاري يا واقعي جو ذڪر ڪبو، يا ڪنن سان ٻڌل ڪنهن آواز جو تاثر پيدا ڪبو يا ڪنهن شيءِ جي ذائقي جو احساس ڏياربو، يا ته ان جي کهراڻ، لساڻ، گرم يا ٺڏي هجڻ، نرم يا سخت هجڻ، يا ڪنهن چيز جي سرهاڻ يا بدبوءَ جو ذڪر هوندو. 'ويليڪ' ۽ 'وارن' لکيو آهي ته:

"عڪسيت جو موضوع، نفسيات توڙي ادبي اپياس – ٻنهيءَ سان واسطو رکي ٿو. نفسيات ۾ عڪس جي معني آهي، گذريل احساسن ۽ محسوسات کي وري پيدا ڪرڻ. هروپرو رڳو نظر جي احساس کي نه، عڪسيت رڳو نظر سان واسطو نه ٿي رکي. نفسيات جي ماهرن ۽ فيلسوفن ان کي گهٽن ئي درجن ۾ ورهايو آهي. رڳو ذائقي جا ۽ سنگهڻ جا عڪس ناهن، پر ٺڏي گرم ۽ دٻاءَ جي حِسن جا عڪس پڻ آهن. ساڪت عڪس ۽ چرندڙ عڪسن ۾ به اهم تفاوت آهي." [45]

آءِ اي رچرڊس لکيو آهي ته، "هر ممڪن حواس لاءِ سندس مطابق هڪ عڪس آهي." [46]

سئنڊرس لکي ٿو ته، "شاعر پنجن حواسن کي ڪاميابيءَ سان چوري، اهڙي معنيٰ ٿو پيدا ڪري، جيڪا انهن مان محسوس ڪري سگهجي ٿي. ان کانپوءِ هو ڇهون حواس ڪتب ٿو آڻي، جيڪو آهي نون خيالن کي جذب ڪري ترتيب ۾ آڻڻ. نتيجي طور پڙهندڙ نه رڳو شعر جو تاثر ٿو وٺي، پر پنهنجي حواسن کان باخبر ٿي، شاعر سان گڏوگڏ شاعراڻي سمجهه به ماڻي ٿو." [47]

فرانسيسي نقاد رومي دي گارمانٽ لکيو آهي ته،"شاعر ٻن طريقن سان ئي (پنهنجي محسوسات ۽ مشاهدا) محفوظ ڪري سگهي ٿو. يا ته موسيقيت جي طريقي سان، يا ته عڪسن جي طريقي سان". [48]

فرانسيسي نقاد ۽ شاعر جولس سپر وائيل لکيوآهي ته، "عڪس هڪ جادوءَ جي بتي آهي، جيڪا شاعر کي اونداهه ۾ روشني ٿي ڏئي." [49]

ايئن نه آهي ته ڪو شاعريءَ ۾ عڪسن آڻڻ جو ڪم هن صديءَ ۾، ۽ مغربي شاعريءَ کان شروع ٿيو. عڪس ايترا پراڻا آهن. جيتري شاعري پراڻي آهي. لوڪ شاعري توڙي

عوامي شاعريءَ ۾ به ڪيترائي عڪس ملن ٿا. آئزڪ لکي ٿو ته: ”شاعرن، نقادن جي ڳولڻ ۽ سمجھڻ کان اڳيئي عڪسن جي اهميت کي ڄاڻڻ ۽ انهن کي سڃاڻڻ شروع ڪيو.“ (50)

مغرب ۾ عڪسي شاعريءَ جي باقاعده تحريڪ هلي، ان تحريڪ طرفان هڪ رسالو Imagist به شايع ٿيو. ان تحريڪ جو مهندار ازرا پائونڊ هو ۽ هلدا ڏولڙل، رچرڊ آرلنگٽن، ايف، ايس فلنٽ ۽ ٻيا ان سان شامل هئا. هنن لکيو ته، ”عڪس پيش ڪرڻ جو مقصد اهو نه آهي ته ڪو اسان چترڪار آهيون. اسان کي ان ڳالهه ۾ يقين آهي ته شاعريءَ کي شين جا پورا ۽ Exact عڪس ڏيڻ گهرجن ۽ اڻ چٽين عام ڳالهين سان واسطو رکڻ نه ڪپي. عڪسي شاعري رڳو تصويرون پيش ڪرڻ نه آهي، پر انهن تصويرن کي پيش ڪرڻ جو خاص طريقو آهي.“ (51)

سنڌي، اردو توڙي فارسي شاعريءَ متعلق تنقيدي ادب ۾ محاڪات جو ذڪر آهي، ان جو پڻ عڪس سان واسطو آهي، پر عڪس جي اپياس جو اهو طريقو محدود آهي، جو اهو فقط قدرتي نظارن جي بيان سان واسطو ٿو رکي.

سي ڊي ليوس (C Day Lewes) پنهنجي ڪتاب The Poetie Image ۾ شاعراڻي عڪس لاءِ لکي ٿو:

”شاعراڻي عڪس جي سادي وصف، لفظن ۾ تصوير ڪشي آهي. استعاري، لفظي تمثيل ۽ تشبيهه ذريعي عڪس جوڙي سگهجن ٿا. عڪس ڪنهن فقري، جملي يا سادي سودي بيانيه اظهار ذريعي به اسان جي سامهون اچي سگهن ٿا، ۽ اهي پنهنجي خارجي ڏيک ويڪ کان گهٽو ڪجهه اسان جي تخيل کي آڇين ۽ منتقل ڪن ٿا. شاعراڻو عڪس، لفظن ۾ اهڙي تصوير آهي، جيڪا حواسي گڻ رکندڙ آهي ۽ اها جذبن ۽ احساسن کي متحرڪ ڪري ٿي. شاعراڻا عڪس، ذهني تفڪر جو نتيجو آهن ۽ انهن ذريعي خوف، خواهش، نفرت، غم ۽ ٻين انساني جذبن جو اظهار ڪيو وڃي ٿو“. (52)

”عڪس عام طرح ٻن قسمن جا ڄاڻايا آهن: هڪڙا معنوي (Fugitive) ٻيا ظاهري يا لفظي (Direct or literal) عڪس، ڪنهن شعر ۾ موجود شاعراڻي معنيٰ (Myth) جي سمجھڻ جا هڪڙا اهم وسيلا (Mediums) آهن. ان ڪري عڪس جي تجربن واري شاعري ئي بهتر ۽ خوبصورت چئي سگهجي ٿي“. (53)

”شاعريءَ ۾ عڪس پيدا ڪرڻ جا مختلف طريقا ٿي سگهن ٿا. يا ته ڪنهن نظاري جي چٽسالي، يا ته ڪنهن ماڻهوءَ جي مهاندي جو ذڪر اهڙيءَ ريت ٿيل هجي، جو هوبهو اهو نظارو اکين اڳيان چٽائيءَ سان اُپري اچي. ان قسم جو عڪس ٿيو ”نظري عڪس“ (Visual Image) يا وري ڪنهن ٻڌل آواز يا سُر جو بيان، اهڙن لفظن ۾ ٿيل هجي، جو ان جو پڙاڏو پيو ڪنن ۾ ٻُڌي ته اهو ٿيو ٻُڌڻ جو عڪس (Auditory Image) ان ڪانسواءِ ڪنهن ماحول يا چيز جو ذڪر اهڙيءَ ريت ڪجي جو ان جي خوشبوءَ يا بدبوءَ جو احساس ٿئي ته ان عڪس کي چئبو سنگهڻ جو عڪس (Olfactory Image) ڪنهن به چيز جي ذائقي کي وري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش کي چئبو ذائقي جو عڪس (Taste Image) ڪنهن شيءِ جي لساڻ يا ڪُهراڻ، نرميءَ يا

سختيءَ جي بيان سان چُهڻ وارو عڪس پيدا ٿيندو (Tactile Image) ۽ ٿڌي گرم جي تاثر کي وري پيدا ڪرڻ وارو عڪس (Thermal Image) ٿيندو. (54)

انهن ڇهن عڪسن کان سواءِ، ڊاڪٽر اسحاق سميجي ڪجهه وڌيڪ عڪس به ڏنا آهن، جيڪي تعداد ۾ 6 ٿين ٿا، ٽوٽل عڪسن جو تعداد 12 چاڻيو ويو آهي.

- ساکن عڪس يا غير متحرڪ.
- متحرڪ عڪس
- رنگين عڪس
- حواسن کي لطف ڏيندڙ عڪس
- انتقالي مشاهدي وارو عڪس
- گهڻ پارا عڪس

هر قسم جي مشاهدي، تجربي ۽ معلومات حاصل ڪرڻ جا انساني ذريعا پنج حواس، جيڪي ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، ڇهڻ ۽ چکڻ تي مشتمل آهن. انهن وسيلي ئي هڪ ماڻهو شين جي وٽندڙ يا اڻ وٽندڙ شڪل وصورت ڏسي، خوشبوءَ، بدبوءَ سنگهي، ڪڙو يا مٺو ذائقو چکي ۽ گداز ياکهرو وجود ڇهي سگهي ٿو. هوننئن ته هر ماڻهو انهن حواسن کي ئي ڪم آڻي ٿو، پر جڏهن هڪ فنڪار اهڙو مشاهدو ماڻي ٿو، ته اهو مشاهدو غير معمولي اهميت اختيار ڪري وڃي ٿو ۽ هڪ خاص مهل ۽ موقعي تي اهو مشاهدو تخليقڪار جي جذبن، احساسن، ويچارن ۽ خيالن جي هڪ تخليقي صورت ماڻي، آڏو اڇي ٿو. (55)

تاج جويو لکي ٿو:

"عڪس ڪنهن شعر ۾ موجود شاعراڻي معنيٰ (Myth) جي سمجهڻ جا هڪڙا اهم وسيلا آهن. ان ڪري عڪس جي تجربن واري شاعري بهتر ۽ خوبصورت ڇئي سگهجي ٿي." (56)

نياز همايونيءَ جي عڪسي شاعري:

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ جذبن جي گهرائيءَ سان گڏ، پنهنجي ڏرتيءَ سان پيار جو ڀرپور تاثر ملي ٿو. نياز جي شاعريءَ ۾ مختلف منظرن جو عڪس چٽيل آهي. نياز جي خوبصورت شاعري لفظن جي مصوري آهي. هن جڏ ته شاعريءَ جي اننت ڪينواس تي لفظن جا رنگ هاري چڏيا آهن.

سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي تاريخي داستانن جي جيڪا منظر ڪشي ڪيل آهي، ان ۾ سپ ڪردار جيئرا جاڳندا محسوس ٿين ٿا. سنڌ سان ته هُن جي جند لڳل آهي. سنڌ جو هر واهڻ، هر وستي، ڏنڏون ڏورا، بندر ۽ بازاريون، ڪونجن جون قطارون، چنڊ، تارا ۽ ڪتيون، لهندڙ سج، ڦٽندڙ باک، سڙه ۽ ٻيڙياتا، ڪنول جا گل ۽ پتر جا گل، سرنهن جو ڦلارجڻ، پنل نيٽ ۽ پنل پنيا وار، ٽر، بر، رائو ۽ رڄ، ساوڻ جا نظارا ۽ مينهن جا وسڪارا ۽ ٻيا انيڪ عڪس آهن، جن کي هن ڪمال فنڪاري ۽ خوبصورتي سان پيش ڪيو آهي. نياز همايونيءَ جي لفظن جي چٽسالي اهڙي جامع ۽ واضع

آهي، جو اکين جي آڏو اهو نظارو اچي ٿو بيهي، جنهن جو هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ذکر ڪري ٿو.

هيٺ نياز جي شاعريءَ جي مختلف عڪسن جو تفصيل سان جائزو پيش ڪجي ٿو:

سماعتي يا ٻڌڻ جو عڪس Auditory Image

لفظن جو اهڙو اظهار ۽ بيان، جنهن مان سڌ، آواز ۽ پڙاڏي جو احساس ٿيڻ لڳي، ته اظهار جي اهڙي انداز کي سماعتي عڪس چئبو. شاعر نه فقط لفظن ذريعي شين جي صورت ڏيکاري سگهندو آهي، پر هو لفظن ذريعي سڌن سڌڪن، سرن، صدائن، مور جي ٿهوڪن، ڪويل جي ڪوڪ، چهرن جي چرچراهٽ، بادلن جي گجگوڙ، پايل جي جهنڪار، مينهن جي ٽپ ٽپ، پنن جي سرسراهٽ ۽ پلرجي پالوٽ جي آوازن کي پيدا ڪري سگهندو آهي، ڇڇ ۾ چندجندڙ ان، جنڊ ۾ پيهجندڙ ان، صحرا ۾ واڪا ڪندڙ واءُ جو آواز، پرين جي ٿهڪڙن جي گونجار، تاڙي جي تنوار ۽ پنڌ ۾ پيرن جي ٽپ ٽپ جو آواز، نياز همايونيءَ جي شاعريءَ مان چٽيءَ طرح ٻڌي سگهجن ٿا. (57)

اٽن جون پيڪيون، پٽن ۾ پٽڪيون، منهنجي اندر کي آيون احيڪون،
سانگين ساريو هليم هڏڪيون، شل ڪا اوٽ پوي اوٽارن ۾.

(روح رهاڻ آڪٽوبر 1963ع: 7)

ڇيڇ پني ڪنهن نه لڌي راتين جي پرگهور،
جنگ ٽڻي چاهه وڌو چاتي اندر شور.

گهور وڃان گهور!

(روح رهاڻ اپريل 1965- 10)

ڪٽڇي وانگي ڪنهن جي ڪارڻ، آڏي آئي،
لاتيون لنوندي، سپڪجهه باهي،
دل ٽي چاهي ويٺو گيت لکان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 57)

چهرن جرڙي پاڳ ڦٽايو،
مدد پٽاڻ نپاڳ ٽي آيو،
ويريءَ اهڙو ويل مچايو،
اندر جا پيو ڇڇي،

تاسڙو ٿو وڃي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص 91)

پهرين شعر ۾ اُنن جون ٻيڪيون ۽ هڏڪيون، سماعتي عڪس جو بيحد حسين مثال پيش ڪن ٿا، ٻئي شعر ۾ چنگ جو سريلو ساز ۽ چاتيءَ ۾ شور ٻڌڻ جو عڪس ڏيکارين ٿا ۽ ٽئين شعر ۾ چُهرن جو چرڙاٽ، ۽ 'تاسرڙي جي وڃڻ جو آواز' مثالي عڪس آهن، جن شاعر جي شاعريءَ کي انتهائي دلڪش بنائي ڇڏيو آهي. ڪٽڇيءَ جون لاتيون به من کي موهين ٿيون، انهن کي ٻڌي من جي مستيءَ ۾ ضرور گيت لکڻ جو جذبو جاڳي پوندو.

بصري، نظري يا ڏسڻ وارا عڪس Visual Images

"ڪنهن ماڻهو، منظر يا ڪنهن شيءِ جو ذڪر ۽ انجي منظر ڪشي اهڙي انداز ۾ ٿيل هجي، جو انهيءَ جو احساساتي عڪس اکين اڳيان اپري اچي، ته ان کي نظري عڪس چئبو." (58)

شاعريءَ ۾ نظري عڪسيت جي وڏي وقعت آهي. شاعريءَ ۾ استعاري، تشبيهه ۽ تمثيل جي آميزش سان معنيٰ ۽ مفهوم جي انوکي خوبصورتي پيدا ڪري ان ۾ عڪسيت پيدا ڪئي ويندي آهي.

نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ بصري عڪس جا اهڙا خوبصورت نظارا پيش ڪيا آهن، جو ائين لڳي ٿو ته جيئرا جاڳندا ڪردار آهن، جيڪي اکين جي سامهون پيا هلن، جن سندس شاعريءَ ۾ بي انتها حسن ۽ دلڪشي پيدا ڪئي آهي. نياز جي هيٺين سٽن ۾ ان جو نظارو پسو:

صبح ڪنيو ڪر، ڪني ڪيڙي سج، ڏرتي ٿي سبحان بلي!
اهڙو منظر جنهن تي شاهد سورت الرحمٰن، بلي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت – 139)

سارين جا ڇپ سارينديِ ڏس ٻوڙيون جهرڪيون لٽيون اچي،
محلن جهڙا گهرڙا جوڙي، هيڪانديون ٿي رهيون اچي.

(ٽماهي مهراڻ، 3-1999-9)

هيج ڪري ايئن نڪرن جيڏيون المست ٿي تنهنجي جهونگر ۾،
ڇڻ ته ستارا سونهرئيءَ تي، ڇڻ ڪنول قطارون ڪينجهر ۾.

(ڏرتي جا گيت -87)

اپريل ارهه ايئن آرس مان، ڇڻ ٽڪريون جهڙ جي غبار وچان،

اٽليا بازو جوش مان ايئن ڇڙ، مڇين ڏنا ٽپ ڇار وڃان.
(ڏرتيءَ جا گيت – 160)

مٽين سٽن ۾، پرهه جو ڦٽڻ، سڄ جي ڪني ڪيڻ ۽ ڏرتيءَ جو حسن نکرڻ، اهي سپ ٽڪارا پسڻ کان پوءِ سورت الرحمان جي لفظن ۾ قدرت جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انکار ڪري سگهجي ٿو؟ ان کان پوءِ واري شعر ۾ سارين جا ڳڀ، ٻوڙيون جهرڪيون ۽ انهن جا محلن جهڙا گهرڙا کهڙو نه خوبصورت نظري عڪس پيش ڪن ٿا.جيڏين جو نکرڻ، سونهري جي پاڻيءَ ۾ ستارن جي جهرمر ۽ ڪينجهر ۾ ڪنول جون قطارون، اکين کي ڪيڏي نه طراوت بخشين ٿا. محبوب جي اپريل ارهن جو مست نظارو ايئن ٿو لڳي ڇڻ ٽڪريون ڪکرن وڃان نظر اچن ۽ جوش مان ٻاهون دانهون ڪري ايئن ٿيون اٽن ڇڻ مڇي ڇار مان ڦٽڪي ٽي نکري. هي اهڙو عڪس آهي ڇڻ محبوب جيئرو جاڳندو سامهون هجي.

ذائقي يا چکڻ جو عڪس: Taste Image

"جِسي طور ذائقي يا چکڻ ۾ شين جي مٺي، ڇهري، ڪٽي، ڦڪي، سوادي ۽ غير سوادي هجڻ جي حقيقت شامل آهي. ادبي طور لفظن ۾ ڪنهن شيءِ جي تاثير کي اهڙي نموني سان بيان ڪجي، جو ان مان ان شيءِ جي ذائقي جو احساس ٿئي، ته اهڙي اظهار کي ذائقي جو عڪس چئبو." (59)

تنهنجي ڪيرولين جي منڙي لست، پستن کان پلي،
غير جي گيندي کان وڌ تنهنجو پُکُن تو لک لهين،
(ڏرتيءَ جا گيت – 74)

نيڻ مارن جا الا، روئي ٽڪا توکان سواءِ،
ڪاڇ پيا ڪيهه، وهه ٽيا ٻيرون پکا توکان سواءِ،
(مهراڻ – 1960- 25)

منهنجا گيت رکاڻ پريل هئا، تنهنجي سور سواد ڏنو،
تنهنجي سار جو آئي ٽي پيو ماکيءَ جو مانارو راڳ.
(مهراڻ 2-1968ع – 42)

مرڪ تنهنجي تي باک هئي بانوري،
چپ تي چاندوڪيون، چُور چهريون هيون،
(ڏرتيءَ جا گيت- 145)

لست لفظ جي معنيٰ ئي لذت، ذائقو، ٽيسٽ، مزو، سواد آهي ۽ اهو هڪ لفظ ئي ذائقي جي عڪس کي ظاهر ڪري چڏي ٿو، نياز همايوني اهڙو سرجڻ هار آهي، جو عڪس کي اهڙيءَ طرح اظهاري ٿو، جيئن هيٺ بيت ۾ ذائقي جي وضاحت ٿو

ڪري، ڪيرولين جي منڙي لست پنهنجي وطن جي ڀهراڙيءَ ۾ ٽيندڙ ميوو، جيڪو ٻي هنڌ تي ٽيندڙ سڀي ميوي کان مٺاهون ٿو سمجهي! ان جي لست اعليٰ ٿو سمجهي. ٻي شعر ۾ وڃه جو ذائقو کارو آهي، ان جو عڪسي اظهار ٿو ڪري.

جيئن نياز هن شعر۾ رُکاڻ لفظ ڪتب آندو آهي، ان مان بدذائقي جو اظهار آهي ۽ ٻي لفظ سواد مان به ذائقي جو عڪس ظاهر ٿئي ٿو.

پوءِ ماکيءَ جي ماناري مان مٺاڻ جو عڪس محسوس ٿئي ٿو، جيڪو لذت يا مزي جو اظهار آهي. چپن جي چهراڻ جو اظهار، جيڪو آخري بيت ۾ ڏنل آهي، اهو نياز جي ئي عڪسي ڪرشمي جو ڪمال آهي.

چُهڻ جو ۽ لمسِياتي عڪس .Tactile and thermal langage

"چهڻ جو حواس، اسان کي ڪنهن شيءِ جي ٿڌي، گرم، نرم، سخت، کهري، لسي هجڻ جي باري ۾ خبر چار ٿو ڏيئي "جيڪڏهن شاعراڻو عڪس انهن جي حساسن کي ٻيهر پيدا ڪري، ته اهو چئبو چهڻ جو عڪس پوءِ اهو Thermal هوندو، جنهن جو واسطو ٿڌي گرم سا آهي، يا اهو Tactile هوندو، جنهن جو واسطو نرم، سخت يا لسي، ڪنڙي سان آهي." (60)

حساس شاعر پنهنجي سڀني حسن جو استعمال، شاعريءَ کي حسن بخشڻ لاءِ ڪندو آهي. حسين احساس کي نئين سر جيارڻ ۽ ان ۾ نت نوان چٽ چٽڻ لاءِ، پنهنجي سڀني حواسن جو لامحدود استعمال ڪندو آهي.

نياز همايوني فطرت جو شاعر آهي. هن ڌرتي ۽ آڪاش جي لا محدود مشاهدي سان شاعريءَ کي عڪسن جو سمنڊ بنائي ڇڏيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان قدرت جي حسين نظارن جي حسن کي داد ڏيڻو ٿو پوي:

هر ڪنهنجو هت هانءُ سڙي ٿو،
نٿهڻ اس جي آوي ۾ اڃ.
ڪوسو واءُ ته ڪوسي واري،
کا جهٽ ڪنهن کي ٻرڻ نه ڏيندي.
دنيا ڪنهن کي جيئڻ نه ڏيندي،
جيئڻ جي غم مرڻ نه ڏيندي.
دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت – 300)

تنهنجا قدم پدم، هٽ پشم، الا!،
ماڻهو تنهنجي جواني جا ڪٽن ٽا قسم الا!.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت – 81)

اسين امن ۾ گل ۽ شبنم جيان نرم نازڪ رهون ٿا.

مگر جنگ ۾ آ نياري جلالت – وطن زنده باد
(نئين زندگي فيبروري 1968- 7)

ڳچرو جن جو جسم ايئن ڇڻ لسڙا پٽر اوساريءَ ۾!
ڳچرو جن جي وهي ايئن ڇڻ قرنيءَ جا گل ٻاريءَ ۾!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت – 158)

ڪارو اکين ڪجل - او بالو!
تنهنجو عشق اجل - او بالو!
لسيون موتين لڙيون - او ماهيا!
ساريم سڪ جو گهڙيون او ماهيا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت – 77)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ ڇهڻ جو عڪس انتهائي جاندار آهي. دنيا وارن جي رويي جي ڪري اندر ۾ جيڪي اڌمان اٽن ٿا، جيڪو هانءُ سڙي ٿو، سو نڪهڻ اس ۾ جلندڙ، سرون پچائيندڙ آويءَ وانگر پاسي ٿو. ان صورت ۾ ڪوسو واءُ ۽ ڪوسي واريءَ ڪنهن کي هڪ پل به ٽرڻ نه ڏيندا ۽ اندرواندر ماٺهو آويءَ وانگر ٻرندو ئي رهندو، هي ڪيڏو نه چٽو عڪس آهي درد جو، اندر ۾ پوندڙ وڍن جو.

ٻئي شعر ۾ نرم نرم نازڪ هٿن جو عڪس آهي، جيڪي پشم جهڙا ڪونئرا آهن.

ٽئين شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسين امن جي حالت ۾ گل ۽ شبنم، يعني ماڪ جيان نرم ۽ نازڪ آهيون، پر جنگ جي حالت ۾ جوش ۽ جذبي ۾ سخت دل ٿي وڃون ٿا.

چوٿين شعر ۾ نياز ڳچرو نوجوانن جي جسم کي، انهن لسڙن پٽرن سان تشبيهه ڏيئي ٿو، جيڪي جڳهه ٽاهڻ لاءِ اوساريءَ ۾ ڪم ايندا آهن ۽ انهن جي وهيءَ کي قرنيءَ جي گلن سان تشبيهه ڏئي ٿو. ايئن انهن جو عڪس باقاعده ايري اڇي ٿو.

پنجين شعر ۾ لسن موتين جي لڙين جو عڪس شامل آهي، جيڪو نياز وڏي خوبصورتيءَ، سان لوڪ گيت ماهيا ۾ شامل ڪيو آهي.

سُنگهڻ جو عڪس: Olfactory Image

”ڪنهن شيءِ جو لفظن ۾ بيان يا ان جو چٽ اهڙيءَ ريت چٽجي جو ان جي خوشبوءَ ۽ بدبوءَ جو احساس ٿيڻ لڳي، ته اهڙي عڪس کي سُنگهڻ جو عڪس سڏبو.“ (61)

دنيا جي هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ سڱنڌ جو ذڪر موجود آهي، پر نياز جي شاعري نرالي آهي، هي سڄي ڪائنات خوشبوء سان پريل آهي. هتي هن ماٺهن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ بيدار ڪرڻ لاءِ به سڱنڌ جو ساءُ ورتو آهي، جيئن گل سپني لاءِ ساڳي

خوشبوءَ ٿو رکي تئين انسان به انسان لاءِ سھڻو ڪردار پيش ڪري، ته دنيا ان جي سرھاڻ سان وسجي وڃي.

نياز جي شاعريءَ ۾ سڳنڌ ۽ سرھاڻ، پنھنجي لاءِ نه پر ڏرتي ۽ ڏرتيءَ جي ماڻھن لاءِ آھي، مارئي لاءِ آھي، ٻاگھيءَ لاءِ آھي ۽ ھر ان ڪردار لاءِ آھي جيڪو وطن جي حب سان ٽمٽار آھي.

سڳنڌ جنھن جي سانت سان وَسي رَسي ٿي ساھه ۾،
۽ رنگ جنھن جا پانت پانت رم ڪرن ٿا چاھه ۾،
سو گل ڪوئي پٽڻ تي آھي متان اوير ٿي وڃي!

متان اوير ٿي وڃي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 56)

پاڻ ئي باغ بھار اسان پر سڪون پيار سرھاڻ جي لاءِ!
پنھنجو ڇھرو چنڊ ڪان ڇھرو، ڇاھه ته پي چانڊاڻ جي لاءِ!

(دل ڏرتيءَ جا گيت – 119)

آءٌ ته اھو رابيل ٿيون، جو خوشبوءَ خيرات ڪري،
سپڪنھن کي مسرور ٻڌائي، پنھنجي ھستيءَ مات ڪري!

(122)

تو ۾ تلسي جون سڳنڌيون مون سنھاڻي مارئي،
ھاءِ جيجل مارئي! راڄن جي راڻي مارئي!

(ڏرتيءَ جا گيت -146)

جنھن جي سڳنڌ ساھه ۾ وسي ٿي ۽ جنھن جا سپ رنگ اسان جي ڇاھه ۾ شامل آھن، انھي گل کي ڪوئي پٽڻ جي ڪوشش پيو ڪري، ان ڪري ھوشيار ٿيو، متان اوير ٿي وڃي، اھو گل پٽجي وڃي ۽ گلستان لُٽجي وڃي. ٻئي شعر ۾ نياز محرومين جي اپٽار ڪري ٿو ۽ لکي ٿو ته، اسين پاڻ ئي باغ و بھار آھيون، پر تڏھن به سرھاڻ لاءِ سِڪون پيا ۽ ڇھرو چنڊ ڪان وڌيڪ ڇھرو آھي، پر تڏھن به چانڊاڻ لاءِ ڇاھه رکيو ويٺا آھيون، انسان اھو جو ٻئي کي ڪم اچي ۽ ان ڪم ۾ پنھنجي ھستيءَ جي پرواھه نه ڪري، ٽئين شعر ۾ شاعر رابيل جي گل جو مثال ٿو ڏئي، جيڪو ٻين کي خوشبوءُ سان واسي مسرور بنائي ٿو، پر پنھنجي ھستيءَ کي مات ٿو ڪري ڇڏي! چوٿين شعر ۾ مارئي جي باري ۾ چيل آھي ته تون تلسيءَ جي سڳنڌين سان معطر آھين، منھنجي سرتي، منھنجي جيجل، منھنجي راڄن جي راڻي!

رنگين عڪس Colorful Images

اھو عڪس، جنھن ۾ رنگن جو اظھار ھجي، ان کي رنگين عڪس چئجي ٿو، ڪائنات انيڪ رنگن سان ڀري ٻئي آھي. شاعر ۽ فنڪار لاءِ، ڪائنات جا رنگ سونھن

سوڀيا به آهن، ته اشارا به پيڇ پني، اپرندڙ سڄ، چمڪندڙ چند، نيرو آسمان، اڇا ڪڪر، ڪاري رات ۽ ساوڪ، اهي سڀ شاعري ۽ مصوريءَ لاءِ پنهنجي روپ کان اونهي معنيٰ ٿا رکن، پر شاعر يا مصور جن جن رنگن کي وڌيڪ استعمال ٿو ڪري، اهي نه فقط ان جي سوچ ڏي اشارو ڪن ٿا، پر سندس نفسياتي ڪيفيت ۽ ذهني لاڙن کي سمجهڻ ۾ پڻ مدد ڏين ٿا.

”ينگ جي نفسياتي چيد موجب نيرو رنگ آسمان ۽ ڇڊي وايو منڊل جو آهي ۽ سوچ جو اهڃاڻ آهي، پيلو رنگ سڄ جو رنگ آهي، ۽ وجدان ۽ روشنيءَ جو اهڃاڻ، ڳاڙهو رت ۽ باهه جو رنگ آهي ۽ چيرپندڙ جذبن جو اهڃاڻ. سائو زمين ۽ ڇُهڻ جهڙين اُسرندڙ شين جو رنگ آهي، ان ڪري احساسن جو رنگ آهي.“ (62)

عڪسي تجربي وسيلي نياز همايوني جمالياتي جون جهلڪيون پسائڻ ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. اڇو ته انهن جي جيئري جاڳندي صورتن کي پرکيون ۽ رنگ شاعريءَ ۾ پسون ته نياز همايوني پنهنجي انوکي شاعريءَ ۾ رنگ ڪيئن نه رنگيا آهن!

سائي سَرنهن تي پيلا گل، بالو!
دل ڪانه ڪئي، ڪئي اکڙين پل، بالو!
بگي گهوڙي گلابي تل بالو!
ماڻهو بيهجي ويندا، لوڏي ٻانهن نه هل بالو!

اڇي ڇل تي ڪارو تر، بالو!
او عشق جو تو ئي مچايو شِر بالو!
تنهنجي لب تي ليار جون لالڙيون هو!
جڳ مرڪي اسان جون اکيون آليون هو!
نيرن جُهلن سان ڏاندن جا جوڙا،
متان چرڪين پنهل! ڏسي پوکن ۾ اوڙا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 76)

پکيون ڪٽڪان ته سونا سنگ بالو!
تنهنجي آرس ائين ڇڻ اندلڻ رنگ بالو!
(ساڃيو: 80)

سائي بوتل ۾ لال پري بالو!
مند ورندي، جواني نه ورندي وري بالو!
(ساڃيو: 79)

ڳاڙهي کهنبي چُٽڪو او ماهيا!
ماري تنهنجو اُلڪو – او ماهيا!
(ساڃيو: 77)

نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ رنگين عڪس چٽڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. لڳي ٿو ته هي رنگين عڪسن جو سرجڻ هار هو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ تمام خوبصورت رنگ چٽيا اٿس، سندس شاعريءَ ۾ (ماهيا) لوڪ شاعريءَ ۾ ته ست، ست ۾ رنگ پريا پيا آهن، جڏ ته نياز همايوني رنگ جي ماهيا ۾ چٽسالي ڪئي آهي، هر رنگ کي نکاريو آهي ۽ هر رنگ کي نروار ڪيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ رنگين شاعري نمايان آهي. نياز ماهيا ۾ ته رنگن جون بوندون برسائي ڇڏيون آهن ۽ رنگين عڪس تمام گهٽا پيش ڪيا آهن.

پهرين شعر ۾ سائي سرنهن جي رنگ کي نکارڻ لاءِ پيلا گل آهن، ٻئي شعر ۾ بَگي پوري گهوڙي کي سونهن بخشڻ لاءِ گلابي تل آهن. ٽئي شعر ۾ اڇي ۽ ڪاري جو ڪهڙو نه سنگم آهي. چوٽين شعر ۾ چپن کي ڳاڙهاڻ سان سونهن بخشي آهي. پنجين شعر ۾ نيرن جهلن جو آسمان وانگر رنگ ڏيکاريو ويو آهي. ڇهين شعر ۾ مست ڪرڻ واري سائي بوتل ۾ لال پري (شراب) کي نروار ڪيو آهي. ستين شعر ۾ ڳاڙهي پوتيءَ تي سپ رنگن جي چٽن جا نظارا، اٺين شعر ۾ ڪٽڪن جي سنگن جي سونهري رنگ کي ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ پرين جي آرس کي اندلڻ جا انيڪ رنگ ڏنا آهن. نياز همايوني رنگين عڪس جي نمايان شاعري ڪئي آهي. ڪارو، اڇو، سائو، سونهري، گلابي، ڳاڙهو، پيلو وغيره سپني رنگن کي نروار ڪيو آهي.

نياز پنهنجي اظهار ۾ گهٽي قدرن فاست پسند ۽ فڪر ۽ فن جي گهڻ رنگي جمال جو قائل رهيو آهي، انهي ڪري سندس شاعريءَ ۾ جيئري سونهن ۽ سوڀيا آهي، اها گهٽ شاعرن جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿي، هن جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي جاين تي رنگين عڪسن جو سيبائتو استعمال ملي ٿو.

متحرڪ ۽ غير متحرڪ عڪس Kinetic or Unstatic and Statie Images

”ڪنهن شيءِ جو بيان يا ان جو لفظن ۾ اهڙو چٽ پيش ڪجي، جو اها متحرڪ، جيئري ۽ چرندڙ پرندڙ محسوس ٿئي، ته اهڙي اظهار يا اهڙي تصوير ڪشيءَ کي متحرڪ عڪس چئبو. جڏهن ته اهو عڪس جيڪو هڪ هنڌ بيٺل، جامد يا ساڪِت هجي، ان کي غير متحرڪ عڪس چئبو. متحرڪ عڪسن جي پنهنجي منفرد سونهن آهي، هلچل آهي، رواني آهي ۽ غير متحرڪ عڪسن جو پنهنجو حسين منظر آهي.“ (63)

هڪ بيمثال شاعر متحرڪ، توڙي غير متحرڪ عڪس اهڙي ڪاريگريءَ سان چٽيندو آهي، جو اهي دلين تي، دماغ تي نقش ٿي ويندا آهن ۽ وجود کي ولوڙي ڇڏيندا آهن.

نياز همايوني اهڙو شاعر آهي، جنهن کي لفظن جا چٽ چٽڻ جي قدرتي ڏات مليل آهي، هن جي سِٽ سِٽ عڪسن سان پري پئي آهي. هو هر منظر جي لفظي تصوير اهڙي نموني پيش ڪري ٿو، جو هڪ مسلسل فلم وانگر ماٺهوءَ جي اکين جي آڏو اچي وجي ٿو ۽

ذهن جي پردي تي ڇڄجي وڃي ٿو. هيٺ ڏنل شعرن ۾ سندس عڪس ڇڪڻ جي قوت کي ڏسو:

ڪڪريون جن جي ڪرهه ايئن جڙ پرهه وهيءَ جا انگ ڪٽي،
ڪنور جيان پئي پئونر پريا رم جهم رم جهم رنگ ڪٽي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 185)

پکي ويو جڙ آکيري مان، آکيرو ويو ڪک بن ٿي،
پٽر لڳا جڙ ٻيرين ۾ ويئي ٽاري ٽاري پن پن ٿي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 164)

منهنجو جي تو چيو مڃين، منهن موڙ نه ان کان ڪجان ڪڏهن،
وڻ جي چانوَ جيئان ٿي رهجان، جهڙ جي چانوَ نه ٿجان ڪڏهن.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 144)

ديوانا! هيئن ٽانداڻي حيان رکي رکي چو ڪين پيو،
دل درياه ڪري هي ڪنهن جي درد ۾ دوها لکين پيو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 137)

پهرين شعر ۾ جبل جي اپريل ٽڪرين کي پرهه پهر الهڙ ناريءَ جي انگن جي آرس پيڙ سان تشبيهه ڏيئي ڪهڙو نه سهڻو عڪس چٽيو ويو آهي، جيڪو غير متحرڪ آهي ۽ دماغ ۾ چانئجي ٿو وڃي ۽ سرور ٿو بخشي ۽ پئونرن جا پيرا ڪنور جي رنگا رنگ گلن تي، هن ۾ متحرڪ ۽ غير متحرڪ ٻئي عڪس وڏي خوبصورتيءَ سان چٽيل آهن. ٻئي شعر ۾ پکيءَ جو آکيري مان اڏامي وڃڻ، آکيري جو ٽڙي پکڙي وڃڻ، ٻيرين ۾ ٻيٽل ٻيرن کي جڏهن پٽرن لڳندا آهن ته ٻيرن سان گڏ ٽارين مان پن به ڇٽي ويندا آهن، هن شعر ۾ متحرڪ عڪس ملي ٿو. ٽئين شعر ۾ وڻ جي چانوَ غير متحرڪ آهي ۽ ڪڪرن جي چانو متحرڪ آهي. هن ۾ سنيهو آهي ته وڻ وانگر چانو ڪرڻ سکو، ڪڪرن وانگر نه. چوٿين شعر ۾ ٽانداڻو ۽ درياه ٻئي متحرڪ عڪس آهن.

گهڻ رُخا ۽ انتقالي مشاهدي وارا عڪس:

"عڪس اهڙا به آهن، جيڪي هڪ ئي وقت مختلف حواسن کي ڇُهي جامع ۽ گهڻ پهلوئي عڪس ٺاهين ٿا، مرڪب ۾ گهڻ پاسا وارن عڪسن، هڪ کان وڌيڪ حسُن کي چهندڙ ۽ اڪيلي عڪس کان وڌيڪ مختلف جا جاذب ۽ پرپور عڪس پيش ڪندا آهن، انهي ڪري پڙهندڙ توڙي ڏسندڙ تي انهن جو اثر وڌيڪ ٽيندو آهي." (64)

فرانسيسي فيلسوف برگسان لکيو آهي ته "گهڻائي مختلف عڪس، جيڪي ڏار ڏار جاين تان کنيا ويا هجن، اهي شعور کي هڪ اهڙي نڪتي تي مرڪوز ڪن ٿا جنهن مان هڪ قسم جو عرفان ٿو حاصل ٿئي.

شاعر انهيءَ عرفان تائين پهچڻ لاءِ عڪس جو سهارو ٿو ڪتب آڻي. عڪس، جيڪي ظاهري طور هڪ ٻئي کان مختلف هڪ ٻئي سان رابطو نٿا رکن، پر تڏهن به اهي من کي هڪ وحدت تي مرڪوز ڪن ٿا." (65)

نياز همايوني هڪ گهڻ رُخو شاعر آهي. هو ڪنهن به احساس ۽ ڪيفيت کي بيان ڪرڻ لاءِ ،پنهنجي شاعري کي مسحورڪن ۽ پُرتاثير بڻائين ٿا، هو لفظن سان جذبن جي ڳالهه ڪرڻ جو فن به ڄاڻي ٿو، ته فن سان جذبن جون تصويرون تراشڻ جي ڏات به رکي ٿو. لفظ جو باطن تخليقڻ، شاعراڻي رمز پيدا ڪرڻ، معنوي ۽ لفظي عڪسن سان شاعراڻي حساسيت جو حسن پسائي ٿو.

هن جي منهن تي مرڪ ايئن ڄڻ ماڪ ۽ ڪرڻا مکڙين تي،
اک چنپ جا اهجاڻ ايئن ڄڻ پوپٽ ڦاڙهه جي ڦلڙين تي.

(ساڻيهه جي ساک: 56)

رات جي سانت ۾ ڪنهن ستاري مثال،
صبح جي نور ۾ ڪنهن نظاري مثال،
ماءُ جي روح ۾ راس لوليءَ جيان،
ڪنوار جي ذهن ۾ ڪنهن پرولي‌ءَ جيان،
سنڌ جاڳي پئي،

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت- 225)

ماڻهو ڪيئن ٿي ڪلٽيون ڪاڌيون اک ۾ ڦاٽل چيت جئان،
ڪڏهن ته بلڪل پنجهوءَ جي پڪ، ڪڏهن اڏامي ريت جئان،

(ساڻيهه جي ساک: 75)

چوڏهينءَ جو چند ڄڻ چوچيون ڏي ٿو چاهه کي،
گل هٽن ٿا ڏنگ جن کان ڏيڻ ملي ٿو آهه کي،
سانوڻيءَ جو مينهن سوکهڙا ڏئي ٿو ساهه کي،
اهڙي اوکيءَ راهه کي، ڪوئي نٿو ٺاهي سڃڻ.
حوصلا آهن خطا، جو ڳڻيڻ سوگهي آهي هڙن،
ڪيئي ٽانڊاڻا ٿا چاندوڪيءَ جي سايي ۾ سڙن.

(مهراڻ 4-1956 ص 32)

نياز همايوني پنهنجي گهڻ رخي عڪس کي پهرين شعر ۾ ڪيئن نه حسين ظاهر ڪري ٿو، مرڪ منهن تي هي هڪ متحرڪ عڪس آهي، پر ماڪ غير متحرڪ عڪس آهي ۽ ڪرٽا نظري عڪس آهن ۽ مڙيون به نظري عڪس آهن. اک چنپ متحرڪ عڪس ۽ پوپٽ به متحرڪ آهي، ڳاڙهه جون ڳليون جيڪي نظري عڪس آهن. نياز همايوني کهڙي نه نزاڪت سان هي عڪسي شاعري ڪئي آهي.

شعر ۾ نياز همايوني رات مانڌار کي ۽ ستاري کي غير متحرڪ عڪس آهي نظارا به غير متحرڪ عڪس آهن لولي، ٻوليءَ جي سونهن ۽ اظهار جو حسن آهي. ڪنوار متحرڪ عڪس آهي. هڪ سهڻو ۽ رنگين عڪس نظارن جو آهي ۽ لولي مڌر آوز جو عڪس به آهي جيئن ته نياز هن شعر ۾ ڪيئن نه عڪس سمائي شعر کي سونهن ۽ سينگار بخشيو آهي، رات جو سڪون، ڪنوار سينگاريل، ڪيڏيون نه لفظن ۾ جامع تصويرون ۽ گهڻ پارا چٽ ۽ انتقالي مشاهدي جا مڪمل عڪس آهن.

ٽئين شعر ۾ همايوني عڪسن کي ڪيڏي نه ٽيڪنڪ سان ظاهر ڪيو آهي. ماڻهو متحرڪ عڪس آهي، ڪلٽيون متحرڪ عڪس اک ۾ ڳاڙل چيت چهائي عڪس ۽ پڪَ غير محترڪ عڪس اڏامندڙ ريت متحرڪ عڪس آهن. هن شعر ۾ عڪس وڏي ڪاريگريءَ سان ڏنل آهن ۽ شعر بلڪل سهڻو منفرد آهي جيئن ڪلٽيون، اک چنپ، ريت، ٿنجهو، پڪَ، سيئي کهڙا نه سهڻا لفظ ڪتب آندا آهن! جيڪي پنهنجي سونهن سان ٽمٽار آهن ۽ گهڻ رخي عڪس سان سينگاريل آهن.

چوٽين شعر ۾ چوڏهين جو چند نظري ۽ متحرڪ عڪس آهي، گل سنگهڻ جو عڪس آهي، سانوڻ جو مينهن متحرڪ عڪس آهي. شعر ۾ هر منظر ۾ هڪ ڪيفيت هڪ احساس هڪ رنگ ۽ روح هوندو آهي، اهڙي رنگ ۽ روح سان پرپور نياز جا هي گهڻ – پهلوئي ۽ انتقالي مشاهدي جا رنگ ۽ منظر هڪ ئي وقت رلي ملي روح کي عجيب راحت ۽ جوش اکين کي تراوت آڇي رهيا آهن. هن شعر ۾ ٽاندااٽي يا ڪڙڪٻيتي کي به متحرڪ عڪس طور آندو ويو آهي.

ان کان سواءِ ٻئي ۽ چوٽين شعر ۾ انتقالي عڪس به پسي سگهجي ٿو، جيڪو هنن شعرن ۾ انتهائي سگهارو آهي.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ صنعتن جو فن:

ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت لاءِ عبارت يا لفظن ۽ معنيٰ جي خوبي ۽ موافقت جي قانونن ڄاڻڻ جو ضرور آهي، جن جو "علم بيان" ۽ "علم بدايع" سان واسطو آهي. اهي صنايع يا صفتون ٻن قسمن جون آهن. هڪڙيون لفظي ۽ ٻيون معنوي. صنايع لفظي (لفظن واري صنعت) ۾ رڳو لفظن جي ظاهري صورت ۽ خوبيءَ جي نظر ٿي رهي ۽ صنايع معنوي (معنيٰ واري صعنت) ۾ باطني خوبي يا معنيٰ جي نظر ٿي رهي" [(66)]

نياز همايونيءَ جي شاعري لفظي توڙي معنوي صنعتن سان ٽمٽار آهي، اهي

صنعتون هِن جي شاعريءَ کي انتهائي درجي جي سونهن بخشين ٿيون. هن جي شاعري صنعتن جي استعمال سان پنهنجي محاکاتي سونهن، داخلي کيفيتن، گهڻ رخي فکري گهرائي ۽ فني کوملتا سبب پوپٽ جي پرن جهڙي رنگيني جو احساس پيش ڪري ٿي.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لفظي ۽ معنوي صنعتن جي استعمال جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

صنايع لفظي (لفظن واريون صنعتون):

معنوي صنعتون تمام گهڻيون آهن، پر اسان نياز جي شاعريءَ مان ڪجهه خاص صنعتن جي چونڊ ڪئي آهي، جيئن تجنيس ۽ صنعت تضمين وغيره، هيٺ نياز جي شاعريءَ مان هنن صنعتن جا مثال پيش ڪجن ٿا.

تجنيس:

هيٺين شعرن کي جيڪڏهن غور سان پڙهبو، ته انهن ۾ نه رڳو نرالي تجنيسي جڙاءُ ۽ ردم نظر ايندو، پر هم آواز لفظن جا جوڙا به ملندا، جيڪي مختلف معنيٰ رکندي به ڇڻ ته هڪ ٻئي جو اٽٽ حصو آهن، ۽ هڪ ٻئي جو منفرد ۽ وٽندڙ وڌاءُ محسوس ٿئي ٿو، جيئن ڪرندڙ جهرندڙ، گهمين گهور، چرڪ پري، هاڻءُ ڏري، ڦيريون پائي، پيرويون ڳائي، مرڪين مستي، وستي وسجي، چولي چولي چلڻ لڳي رم جهم رهڻ لڳي وغيره.

محفل ۾ ٿي ماڻ، اڏاڻا جام جا نشا آڻين جان،
درٻارين جا ڪنڌ جهڪي پيا، ڪرندڙ جهرندڙ ماڻين جان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 346)

تنهنجي ندين ۾ محبت ڦيريون پائي ٻئي،
تنهنجي پوکن ۾ حياتي پيرويون ڳائي ٻئي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 33)

گهمين ته بادل گهور ٿي توتان، کلين ته بجلي چرڪ پري،
اڇين ته سپ جون اکيون ٺرن، جي وڃين ته سپ جو هاڻءُ ڏري.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 33)

تون جي مُرڪين ته مند ڪئي مستي،
دل جي وستي، خوشين سان وسجي وئي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 43)

چانڊوڪيءَ ۾ واءُ ڏنو وَڙُ، چولي چولي چُلڻ لڳي،
ڪلندي ڇڙ ڪنهن نوورنيءَ جي ڳلن تي ۾ ڇهم رهڻ
لڳي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 42)

لڙ ۾ لانجهاتي لاڏا لوڏ ناهي لانوَ ۾!
وڃ جا وَرڙاٽ ناهي، وڍ پون ٽا هانوَ ۾.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 154)

صنعت تضمين:

”جڏهن شاعر ٻئي ڪنهن شاعر جو شعر، پنهنجي شعر ۾آڻي، ان جو اطلاع ڏئي، يا اهو اهڙو مشهور هجي، جو ائين ڪونه چوي ته هن چوري ڪئي آهي.“ (67)

رات سهائي، پونءِ سنئين، پڻ پٽين وڏو پنڌ، الا!
هلندي حضور حبيبن جي تون ڪرها! موڙ نه ڪنڌ،
الا!
پهچاءِ جو پار پرينءَ جي، ٻنڌڻ سو ئي ٻنڌ الا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 254)

ماڻ ٿي ويهه مَ منڌ پنپور ۾، ڪرڪو واڪو وس
اٿي!
ٻانهي آهين ٻاروچل جي، گولي ڇڏج مَ گس اٿي!
پوندو هوت پنهونءَ جو توکي، ڏورڻ مان ئي ڏس
اٿي!
(ساڃيو)

محبت جي ميدان ۾ ايندي، ڪجان نه سرجو سانگ
پلا!
سوري سپرين جي جو چڙهندو، ٿيندو سوئي چانگ
پلا!
خبرون پونديون ڪاڌن ڪي، ڪئن عشق برابر نانگ
پلا!
(ساڃيو - 253)

مطلب جا معبود نپايا، ماڻهن پنهنجي اندر ۾،
هرڪو ويڙو پاڻ ڪي پوڄي، مسجد توڙي مندر ۾،

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 256)

سرتان آهو ڪٽي، اظهار اناالحق جو ڪيم،
نيٺ منصور جيان، نروار سردار ٿيس.
(دل ۽ ڏرتي ءَجا گيت - 180)

صنايع معنوي (معنيٰ واريون صنعتون):

صنعتن جي هِن قسم ۾ به لا تعداد صنعتون شمار ٿين ٿيون، پر اسان انهن معنوي صنعتن جي چونڊ ڪئي آهي، جيڪي شاعريءَ ۾ هيڪاندو جمالياتي عنصر پيدا ڪن ٿيون ۽ شاعريءَ ۾ لئه ۽ موسيقيت پيدا ڪن ٿيون، مثلاً تشبيهه، استعارو، ڪنايه، صنعت تضاد، صنعت تلميح ۽ صنعت مبالغو.

تشبيهه:(Simile)

تشبيهه جي لفظي معنيٰ آهي مشابهت ڏيڻ، پيٽ ڪرڻ، مقابلو ڪرڻ ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي، هڪڙي شيءِ جي ڪنهن ٻئي شيءِ سان ڪن صفتن ۾ مقابلو ڪرڻ، هن صنعت ۾ ڪجهه ٻيا لفظ به اصطلاح طور ڪم ايندا آهن، جن ۾ جنهن شيءِ سان مقابلو ڪجي يا مشابهت ڏجي، انهيءَ کي مشبهه چئبو آهي ۽ جنهن کي مشابهه ڪجي، انهيءَ کي به "مشبهه" چئبو آهي، جنهن صفت ۾ مشابهه ڪجي انهيءَ کي وجهه تشبيهه" چئبو آهي. لفظ وانگر، وانگي، وانگيان، جان، جيان جيئن، جهڙو، جهڙي وغيره جيڪي مشابهت ڏيڻ ۾ ڪم ايندا آهن، انهن کي "حرف تشبيهه" چيو ويندو آهي." [68]

شاهه لطيف کان پوءِ جن شاعرن سنڌي شاعريءَ کي تشبيهه سان سينگاريو آهي ۽ سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو آهي، انهن ۾ شيخ اياز، نياز همايوني، استاد بخاري، تنوير عباسي جا نالا اهم آهن. شاهه لطيف هيٺين شعر ۾ ڪيڏي نه خوبصورت تشبيهه ڏني آهي!

"پکي ۾ پدمڻي، ڪر وراکا وچ،
جهڙي صورت سچ، تهڙي مورت مارئي.

تشبيهه اهڙو وکر آهي جو شعر ۾ نغمگي پيدا ڪري ٿو ۽ شاعراڻي فن جو ڪمال اجاگر ڪري ٿو. تشبيهه شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جو تاثر پيدا ڪري ٿي ۽ جلترنگ جي ڪيفيت پيدا ڪري ٿي. شاعري ۾ تشبيهون سورنهن سينگارن جو درجو رکن ٿيون.

نياز همايوني تشبيهن جو بادشاهه شاعر آهي، هن جي هر تشبيهه اسان جي ماحول، تهذيب، تاريخ ۽ تمدن سان تعلق رکي ٿي، تنهنڪري، انهن جو حسن هيڪاري وڌيڪ دل فريب نظر پيو اچي.

سنڌ ۾ شيخ اياز، محمد خان مجيدي، استاد بخاري، بردي سنڌيءَ، تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ ابراهيم منشيءَ لاءِ چيو ويندو آهي. ته پولي سندن گولي آهي، پر

جيڪڏهن ايئن چئجي ته اها ٻولي زميني تشبيهن جون جهوليون پري، صرف نياز همايونيءَ وٽ ئي اچي ٿي ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو.

نياز وٽ نج وطني تشبيهن جا انبار آهن. گل ڦل، وٽن ٽٽن، ميوي کان وڌندو پاڇين ۽ ڪٽي ته پساريکي هٽ تي وڃي ٿو پهچي، ڪو موضوع کيس تمام طوالت تائين کڻي وڃي ٿو. مثال طور قوميت وارا نظم نياز جي شاعريءَ جو اصل رنگ ظاهر ڪن ٿا.

غزل، گيت ۽ ٻين صنفن ۾ به اهائي بلند خيالي سمايل اٿس. هڪ گيت ۾ چوي ٿو:

ٻيڙيءَ وارا ٻيلي مون کي پار پڇاءِ،
جهڙي درڙ درياءَ ۾!
تهڙي منهنجي من ۾!
موج سان موج ملاءِ!
مون کي پار پڇاءِ!

هيٺين شعرن ۾ ڪيڏي خوبصورتيءَ سان تشبيهن جو استعمال ڪيو ويو آهي:

حسن اسان جي حضور ۾ آيو. سهڻيءَ وانگي سير چڙهي،
اسان اتاهان ٽياسي ائين جڙ، چاندوڪيءَ تي ويڙ چڙهي.

عشق اسان جي اڱڻ ۾ آيو، سوريءَ وارا سانگ ڪري،
اسان انهيءَ لئه پنهنجا پُور ۽ سُور ڇڏيا سپ چانگ ڪري.

وقت اسان جي واٽ ۾ آيو، ڏونگر جهڙا ڏانوَ ڪري،
اسان انهيءَ تان اُڪري وياسي، ڪڪرن وانگي چانوَ ڪري.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت- 112)

حسن تنهنجو ٿو پردي پٽيان ائين لڳي،
سڄ ڪڪرن ۾ جيئن اصهب اهي ميان،
(مهراڻ 1- 1987ع ص -15)

تنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو اندلٽ وارا انگ ڪڍي.
منهنجي ريت بريت تڏهن ٿي رمز ريا کي رنگ ڪڍي.

(ساڻيهه جي ساک 23)

تنهنجيون ساهيڙيون پٽن تي هون ايئن اوصاف ۾،
جڙ ته گوپيون مندرن ۾ جڙ پريون ڪوهه ڪاف ۾،
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت- 150)

هنن شعرن ۾ نياز، حسن جي ولولي کي سهڻي جي جوش سان ۽ ان کان پوءِ ماڻهو جي پنهنجي اڏام کي چاندوڪيءَ جي ويڑ سان تشبيهه ڏئي ٿو. ٻئي شعر ۾ عشق کي سوريءَ سان ۽ سُورن ۽ پُورن کي چيلن جي چانگ سان تشبيهه ڏني آهي. ٽئين شعر ۾ وقت کي ڏونگر سان ۽ انهي وقت کي ڪٽڻ لاءِ ڪرن جي چانوَ جي ڪهڙي نه خوبصورت تشبيهه ڏني اٿس! چوٿين شعر ۾ پردي ۾ لڪل حسن کي ڪرن جي پٽيان سج سان تشبيهه ڏنل آهي، پنجين شعر ۾ رُوپ سُروپ کي انڊلٽ وارا انگ ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ ريت پريت رمز واري رنگ جي تشبيهه سان حسناکي پيدا ڪئي اٿس ۽ ڇهين شعر ۾ ماروييءَ جي ساهيڙين کي مندرن جي گوپين ۽ ڪوهه ڪاف جي پرين سان تشبيهه ڏني اٿس.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ زميني تشبيهون استعمال ٿيل آهن، جيڪي هن جي دور جي شاعرن ۾ گهٽ لڀن ٿيون.

استعارو: (Metaphor)

استعارو: "لفظي معنيٰ اڌارو گهرڻ، اصطلاح جي معنيٰ هيءَ آهي ته ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ ڪيڏي، اڌاري طرح ڪم آڻجي ۽ تشبيهه ۽ استعاره ۾ هي فرق آهي ته تشبيهه ۾ هڪڙي شيءِ جهڙي يا مشابهه چوڻ ۾ ٿي اچي. جيئن ته شينهن جهڙو مڙس، ۽ استعارو ۾ مڙس کي خود شينهن چوڻ ۾ ٿو اچي، ۽ حرف تشبيهه جو ڪم ڪونه ٿو اچي. "(69)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ تشبيهون ته اٽڪٽيون آهن، پر استعارن جو استعمال به بي انداز ڪيو اٿس، جن سندس شاعري جو حسن ٻيڻو ڪري ڇڏيو آهي.۽ سندس تخليق کي صحي شبيهه ڏني آهي. سندس نظمن ۾، غزلن ۾، گيتن ۾، ۽ ٻين صنفن ۾ خالص سلوٽي سنڌي ٻوليءَ جي استعارن جي پرمار ملندي.
هيٺين شعرن ۾ سندس خوبصورت استعارا ڏسو:

تون پکي ۾ پدمڻي ۽ لوڪ ۾ لالي هئينءَ،
تنهنجا ڳڙ ڳايا ٿي ڳوڻن، بود ۾ بالي هئينءَ.
(ڏرتي جا گيت- 152)

ڪير ڪٽي جو محنون آهي، ڪير بلاول گهاٽي جو،
ستڙ پوندي ان مهل جڏهن ٿيو ليکو داڻي داڻي جو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 126)

هاڻ ته کاغذ جو گل آهيان بي حس ته به سڀ سرت رهي ٿي،
هير نه مون کي پاڻءِ پوي ٿي، ماک نه مون کي راس اچي ٿي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 133)

ڪڏهن ته لال ڪنوار هئينءَ اڄ بيوه جيان بي حال، ابوءِ!
جيجل تنهنجي جهول کي جس، پر دل وارن جو پيو ڪال، ابوءِ!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت- 82)

ڪاريهر ۽ ڪيهر بنجي اٿلي پيا ارمان ميان!
وڃڻين ۽ واسينگن وانگيان تبر، تراريون، ڪان ميان!
(ساڻيهه جي ساک – 69)

نياز پهرين شعر ۾ مارئي جي ڪردار کي ٽن استعارن 'پدمڻي'، 'لالي' ۽ 'بالي' سان اظهاريو آهي، ٻئي شعر ۾ مجنون ۽ 'بلال' استعاري طور استعمال ڪيو آهي، ٽئين ۾ 'ڪاغذ جو گل' چوٽين ۾ سنڌ کي 'لال ڪنوار' سڏيو اٿس ۽ پنجين شعر ۾ ڪاريهر ۽ ڪيهر جو، سنڌ جي مانجهي مردن لاءِ خوبصورت استعمال ڪيو اٿس.

ڪنايه:

ڪنايه جي معنيٰ آهي، اشارو يا رمز، جڏهن جملي ۾ اصلي ۽ غير اصلي ٻئي معنائون قائم هجن ۽ اشاري ۾ ڳالهايل هجي ته ان کي ڪنايه چيو ويندو آهي، يعني اشاري ۾ چوڻ، چٽو بيان نه ڪرڻ.

مثال:

مڻئي متي جي هئا، تن چٽن ڦيريم، چت.
(شاهه- سر ليلا چنيسر)

"جملي جي اصلي معنيٰ موجب، مڻيو معنيٰ هيرو ۽ غير اصلي معنيٰ موجب اهو نو لکو هار، جنهن ليلا کي هرکايو، ڪنايه جي استعمال سان هن ۾ ٻڌايو ويو آهي، ته ليلا مڻئي، هار، ڏن دولت جي بي بقا سونهن تي هر ڪجي، نفس وس ٿي، پنهنجو سهاڳ چنيسر وڃايو". (70)

دنيا جي چا ڳالهه ڪجي، هت اُلٽي گنگا جاري آ،
هڪ جي سچ تي هار ٽٽي ٿي، ٻئي حي کوڙ تي ساري آ،

ڪنهن تي ڏوهه ڏجي او پائو! ڪاڪِ سموري ڪاري آ!

(ص 63 دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل)

ٻڌ ڳالهه منهنجي راڻا، جي تون برو نه پائين!
تو ۾ رهيا نه داڻا، جي تون برو نه پائين!

(ساڳيو، ص - 58)

تنهنجي اندر ۾ آهن، درياهه وانگي چولين،
تنهنجي هٿن ۾ گهاڻا، جي تون برو نه پائين!

(ساڳيو، ص، ساڳيو)

آدمي جنهن کي فرشتن تي به ترجيح مليل آهه،
اُن جي حرڪت اڃان شيطان جو پي ڪنڌ جهڪيل آهي،

(ص 61 دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل)

پاڻ ئي ٺاهي ٿو سنسار ۾ سپ ٺاهه ٺڪين سان،
ڏونگ قسمت جو رچائي ٿو نصيب جي لڪين سان،
پنهنجي ئي ذات مٽان آهه ڏمر، ٻڌ ته ٻڌايانءِ!

(ص - 61 دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل)

هنن شعرن ۾ نياز ڏاڍي خوبصورتيءَ سان ڪنايي ۾ جيڪا ڳالهه ڪئي آهي، ان شاعريءَ کي چار چنڊ لڳائي چڏيا آهن. سادي پر پُراثر انداز ۾ پنهنجي ڳالهه اظهاري ويو آهي ۽ اهائي نياز جي يڪتا خوبي آهي، هنن شعرن ۾ اُلٽي گنگا جاري، ڪوڙ تي ساري 'ڪاڪ سموري ڪاري، رهيا نه داڻا، درياهه وانگي چولين، هٿن ۾ گهاڻا، شيطان جو ڪنڌ جهڪيل، ٺاهه ٺڪين سان نصيحت جي لڪين، ۽ ذات مٽان ڏمر جهڙا پيارا ڪنايا استعمال ٿيل آهن.

صنعت متضاد:

هن صنعت کي تضاد، طباق، تطبيق، مطابقه ۽ اخثيج به چوندا آهن، هن صنعت ۾ اهڙا لفظ ڪم ايندا آهن جيڪي هڪٻئي جا ضد هوندا آهن، ٻين لفظن ۾ ڪنهن شعر ۾ هڪٻئي جي برخلاف معنيٰ وارا لفظ، هڪٻئي جي پرسان ڪم آڻڻ جي هنر کي صعنت متضاد چئبو آهي." [71]

ڪنهن به غيرت مند کي ناهي گوارا هي غلاميءَ جو حيئڻ،
ذلتن جي زندگيءَ کان بهتر آهي مرد ميدان تي مرڻ،
مرد ٿي مهمير بنجي مشڪل سان منهن ڏيو، بيدار

ٹيو!
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت - 89)

تنهنجي جذبي ساڻ حيئان، تنهنجي مستيءَ منجهه مران،
تنهنجي هستيءَ ساڻ هجي، هر ڪا جنبش هرڪو جمود،
سنڌ موجود، حق موجود، سنڌ موجود، حق موجود!
(ص- 198)

دنيا بيشڪ اڇڻي وڇڻي، ڳالهه اها نئين ناهي پرين!
پاڻ برابر پرديسي پر عشق ته ديسي آهي پرين!
(ص- 115)

صنعت تلميح:

تلميح جي لفظي معنيٰ آهي ڏيکارڻ، اصطلاحي معنيٰ موجب شاعريءَ جي اها صنعت، جنهن ۾ ڪنهن قصي، مسئلي يا اصلاح، مشهور ماڻهوءَ يا ڪنهن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيل هجي. [72]

دوست اسان جي ديس ۾ آيو، پيحل حو ٻهروپ وٺي،
اسان انهي لئه ڪنڌ ڪپايو، راء ڏياچ جو روپ وٺي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت - 111)
ڏسون ته پونگر جاين مان ٿو ڪنهن جو بخت بهانو ٿئي،
تير چڏيو تدبير جو تاڻي تنهن جو ڪوڙ نشانو ٿئي،
(ساڻيهه جي ساک - 37)

هي نه آڏر ۾ءُ بن ڪنهن جي تڳاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راجن حي راڻي مارئي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت -153)

هوشو مرندي مري ويو ته به قبول ڪيائين نه غلامي ڪي،
وري ڪوئي منصور هليو ويو ڏيئي تياڳ جواني ڪي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت 97)

ڪوڙ جي ڪاڪ ۾ مومل ماٹي، ناهيم ڪيئي ناهه نڳي جا،
راڻو ڪاڻو لوڪ ڏٺم ته به سانگ رچايم ڏيهه ڏنگي جا،
سچ جي ساک پراڻيون ڳالهيون، جڙ ته قتل ڪي رنگ رنگي
جا،
ڪوڙ جي ڪاڪ ۾ مومل ماٹي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 251)

صنعت مبالغو / غرق:

"اها صنعت، جنهن ۾ شاعر ڳالهه کي وڌائي اهڙيءَ طرح بيان ڪري، جو اعتبار ۾ ئي نه اچي يعني جنهن ۾ مبالغو آرائي، يا وڌاءُ ڪيل هجي، جڏهن اهو حد کان وڌيڪ يا ناممڪن يا عقل ۽ عادت جي برخلاف هجي، تڏهن ان کي مبالغو چيو ويندو آهي." (73)

مومل‌ون تنهنجو مرم واريون انهي انداز سان،
جڙ ته کي ڪونڃن جون قطارون، جڙ ته ڪي سر، ساز
سان،
جن جي قدمن تي ستارا ٽا جهڪن، تون لک لهين!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 204)

ارڙهين صديءَ حي ايري جاتي، سچل سڪ جي ڳاني
پاتي،
جنگ اچي ابدالي‌ءَ لاتي، ڪير پاپي‌ءَ سان پڄي.
تاسرڙو ٽو وڄي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 91)

مايوسين جا لاهه ويا، اميد وري انگور ڪيا،
هڪ ئي واقعي ساڻ سپن گم خاموشيءَ جا پور ڪيا،
اونداهيءَ حا ٽيا بلوَ پري، نروار نظارا نور ڪيا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 377)

ماٹهو هر جي جوني آهه ته، ماٹهو ڏاند جو ڏيل يه
آهي،
ماٹهو ڪڏهن ابابيل آهي ته ابرهه وارو فيل يه
آهي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 135)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ موسيقي يا سُر سنگيت:

ظفر عباسي لکي ٿو: ”شاعري، ثقافت جو مکيه جزو آهي. شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو گهاٽو سنڀٽ رهيو آهي. شروع شروع ۾ ٻئي فن هڪ هئا، موسيقي ۽ شاعري ذار ذار وجود نه رکندا هئا. شاعر ڳائڻو به هو. شعر چيا ئي سُر سان ويندا هئا. لوڪ گيت، جيڪا پراڻي ۾ پراڻي شاعري آهي سا به ڳائي چئي ويندي هئي. حضرت دائود پنهنجا گيت Psalms به سُر سان ڳائيندو هو. يوناني شاعر هومر به پنهنجا شعر ڳائيندو وتندو هو. يعني، ساڳيو ماڻهو شاعر به هو ته موسيقار به، نه ڳائڻ کانسواءِ شعر جو تصور هو، نه موسيقار يا ڳائڻي جو ٻولن کانسواءِ ڪو وجود، شعر کي تحت الفظ پڙهڻ جو تصور ئي ڪونه هو. ان دور ۾ ٻولن جو سُرن سان سنگم هو، نه رڳو شعر ۽ راڳ گڏ هئا، پر ناچ به انهن سان شامل هو.“ (74)

ماڻهو شعر چوندي ڳائيندا، نچندا ۽ جهمريون هڻندا هئا. هو جمالو، جهمر ۽ ٻيا لوڪ ناچ، گيتن جي سهاري سان عجيب ڪيفيت پيدا ڪندا هئا. سنڀ ۾ لوڪ ناچ ۽ لوڪ گيت جي دور کانپوءِ پان ۽ پٽ به شعر ڳائيندا وتندا هئا. ان کانپوءِ نڙ جا بيت، وايون، قافيون ۽ سماع جون محفلون آيون. شاعري ۽ موسيقي گڏوگڏ اڳتي وڌنديون رهيون.

ظفر عباسي وڌيڪ لکي ٿو: ”زماني گذرڻ سان سڀئي فن ذار ذار ٿيڻ لڳا، هر فن ۾ پختگي ۽ رنگ روپ ايندا ويا، هر فن پنهنجي ليکي جامع ٿيندو ويو. ساڳئي ماڻهوءَ لاءِ ممڪن نه رهيو ته سڀني فنن ۾ ڪمال حاصل ڪري سگهي. هر ڪنهن فن لاءِ ذار ذار قدر ۽ اصول وضع ٿيا. فني باريڪيون ۽ پيچيدگيون وڌنديون رهيون. هڪ پاسي موسيقار ٻولن جي سهاري گهٽ، ۽ آواز جي سهاري وڌيڪ پنهنجي فن ۾ ڪمال ۽ نکار پيدا ڪرڻ لڳو، ٻول راڳ لاءِ رڳو معمولي ٽيڪ هئا. اصل موسيقي آواز جي لاهه چاڑهه جو فن ٿي پئي. گويا هڪ مصرع جي ٻول تي آروهي امروهي آلاپ ۽ خيال بلمپت کان درت تائين پهچڻ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ تانون هڻندا رهيا، ته ٻئي پاسي شاعري موسيقيءَ کان ذار ٿي فڪر، خيال، جذبات نگاريءَ، تشبيهه، استعاري، لفظن جي ترنم ۽ ٻوليءَ جي رنگا رنگ معنوي خوبين سان اجرندي اڳتي وڌندي رهي ۽ آخر هڪ مڪمل، جامع ۽ ذار فن ٿي پئي.“ (75)

پر جيئن ته سڀني لطيف فنن جو لاڳاپو انسان جي جذبن، احساسن ۽ امنگن سان آهي، ان ڪري سڀني لطيف فنن جو پاڻ ۾ لاڳاپو قائم رهيو. هونئن به رنگن ۽ پاڻن جي لاهه چاڑهه ۾ موسيقي آهي. لفظن جي اچار ۽ زيروبم ۾ موسيقي آهي. مشهور فرينچ شاعر بودليئر چيو آهي ته، ”سڀ لطيف فن موسيقيءَ ڏي لڙن ٿا. هن لاءِ فن تعمير به موسيقيءَ جي جميل برف آهي.“ (76)

انهن لاڳاپن ۾ شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو لاڳاپو وڌيڪ مضبوط ۽ جٽادار رهيو آهي. شاعري جيتوڻيڪ هڪ ذار ۽ مڪمل فن وانگر ارتقا پذير رهي آهي، پر تڏهن به شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جو عنصر اجا سوڌو رهندو اچي.

اها شاعريءَ جي موسيقي، شعر کي سرتار ۾ ڳائڻ جي موسيقي ناهي، جنهن جو ذکر علامه آءِ، آءِ قاضيءَ کارلائل جي حوالي سان کيو آهي. (77)

شاعريءَ جي موسيقي شعر جي ڳائي سگهجڻ يا ڳائڻ لائق هجڻ جي خاصيت کان الڳ شيءِ آهي. شعر جي ڳائڻ لائق هجڻ ۾ شاعريءَ جي فن جو کو خاص ڪمال نه آهي، ڇو ته هر چگو يا خراب شعر، جيڪو وزن بحر، يا ماترائن ۾ پورو هجي، اهو ڳائي سگهجي ٿو ۽ ڳايو وڃي ٿو. ان ۾ هولن جي چگائي يا مٺائيءَ جو کوبه شرط کونهي.

ساڳئي گويي کان، ساڳئي سر ۾ ساڳين ماترائن تي هڏل يا ساڳئي بحرن وزن ۾ لکيل هن ڏار ڏار شاعرن جا شعر ڳارائي سگهجن ٿا، جن مان هڪ جا هول سٺا ۽ هئي جا هول ڪچا ڦڪا هجن. جي گويو قابل آهي ته هو سٺا توڙي خراب هول ساڳيءَ قابليت سان ڳائي ويندو. ان ۾ ڪمال ڳائڻ جي فن جو ٿيو، نه شاعر جو.

جي شعر جو "ڳائي سگهجڻ" يا "ڳائڻ لائق هجڻ" ئي مقصد هجي ته پوءِ اڪيچار فلمي گانا جيڪي هار هار جي وات تي آهن،اهي شاعريءَ جا بهترين مرقعا چئبا، پر ائين نه آهي. شاعريءَ جو اصل فن آهي ئي هولن ۾، انهن جي لفظن جي جڙت ۾، انهن جي لفظن جي بيهڪ ۾، انهن جي اچارن جي لاهه چاڑهه ۾ ۽ انهن جي آوازن جي زيروبم ۾. اهي سڀ ڳالهيون گڏجي شاعريءَ جي موسيقي ٿيون پيدا ڪن.

شاعريءَ ۾ جيڪو موسيقيءَ جو عنصر آهي، اهو ڳائڻي جي مدد کان سواءِ ئي ظاهر ٿيو پوي. يعني، ان شعر کي سر ۾ ڳائڻ کان سواءِ ئي، رڳو وڏي آواز سان پڙهڻ سان مڌرتا ۽ ترنم جو احساس ٿئي ٿو. اهڙا شعر ئي آهن، جن ۾ شاعريءَ جي موسيقي موجود آهي.

پروفيسر آئزڪ لکي ٿو ته: "شعر ان لاءِ آهي ته اهو ڏاڍيان پڙهجي. رڳو ان ئي طريقي سان شعر جي ردم (موسيقي- لئه) جو احساس ٿيندو. شاعريءَ جو فن پڙهڻ سان واسطو رکي ٿو، نه رڳو لکڻ سان." (78)

ازرا پائونڈ شاعريءَ جا جيڪي قسم بيان کيا آهن، انهن ۾ هڪ قسم (Maloepia) بيان ڪندي چوي ٿو ته "اهو شعر جو اهڙو قسم آهي، جيڪو حساس ڪنن واري ماڻهوءَ آڏو پڙهجي، ۽ اهو ان شعر جي هولي نه چاٽندو هجي، تڏهن به ان جي موسيقيت کي محسوس ڪري سگهي. هن جي خيال ۾ اهڙي قسم جو شعر ڪنهن معجزي کانسواءِ ترجمو ڪرڻ ناممڪن آهي. کا هڪ اڏ سٽ ترجمو ٿي وڃي ته واهه نه ته بس." (79)

ٿي ايس ايليٽ لکي ٿو ته "لفظ جي موسيقي اها شيءِ آهي، جيڪا (لفظن جي) ميلاپ ۾ پنهنجو پاڻ ظاهر ٿيو پوي. اها موسيقي ان لفظن کان اڳ آندل لفظ ۽ لفظن کان پوءِ ايندڙ لفظ جي ميلاپ سان نڪري ٿي." (80)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي سِٽ سِٽ مان موسيقيءَ جي لهر اپري ٿي. سندس شاعريءَ ۾ سِڪ ۽ سوز، سوز، گداز، معصوم انداز، آس ۽ نراس، اميد ۽ ياس، جي جذبن جو اظهار، اهڙي ته پراثر نموني کيو ويو آهي، جو سندس هر صنف مان

دلفريب موسيقي ڦٽي نڪري ٿي. محمد صالح ”عاجز“ جي لفظن ۾:
”نياز جي نرالي شاعريءَ ۾، شاعريءَ سان گڏ موسيقي، مصوري ۽ تخيل جي وجدان جون خصوصيتون، چٽيءَ ريت محسوس ٿين ٿيون. هيءَ شاعري، جنهن خوش اسلوبي ۽ روانيءَ سان نگاهون اُڪري ذهن جي گهراين تائين پهچي ٿي، تنهن مان درجي به درجي اهو اندازو ٿيندو وڃي ٿو ته هن ۾ فڪر جي بلند پروازيءَ سان گڏ فن جي عجيب پختگي، موسيقيءَ جي دلفريبي ۽ مصوريءَ جي رنگيني، قوس و قزح جا المست نظارا پسائيندي رهي ٿي. ايئن لڳي ٿو ته اها شاعري، ڪنهن ڪوشش بدران قدرتي ذات جي پيداوار آهي.“ (81)

سنگيت، نياز همايونيءَ جي سرشت ۾ سمايل آهي، شاعري جڏهن سندس چپن تي پهچي ٿي ته ان جي ميناڻ ۾ مٺ مٺايون مليو وڃن. تاج جويو لکي ٿو:
”هن جي شاعريءَ ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو وڏ ڦڙي جو وسڪارو، جابلو نئين جو جوش ۽ مستي، ترنم ۽ لئه جو آبشار موجود آهي.“ (82)

شاعريءَ ۾ لئه ۽ ترنم جي موجودگي لازمي آهي، ڇو ته جيستائين شاعر جا لفظ روح جي تارن کي نٽا ڇيڙين، تيستائين اها بي ساهي ۽ بي ستي محسوس ٿئي ٿي. نياز جي شاعريءَ ۾ اها طاقت آهي جو اها هر ماڻهوءَ جي من ۾ سرايت ڪري ٿي ۽ ان مستيءَ ۾ جهومڻ تي مجبور ڪري ٿي.

مولانا غلام محمد گرامي لکي ٿو:
”نياز همايونيءَ جو ڪلام ذوق جماليات جي لطيف، نازڪ، مسرت انگيز ۽ سڪون بخش پهلوءَ تي مشتمل آهي. لفظن جو انتخاب ڪرڻ زباندانيءَ جو دليل آهي. خشو ۽ زائد کان بچندي لفظن ۽ ترڪيبن کي دلڪش انداز ۾ ٿو آڻي ڇڻ ته موتين جا هار پوئي ٿو ڇڏي. شسته زبان ۽ شائسته بيان سان گڏ بيپناهه رواني سندس فن جو خصوصي پهلو آهي سندس فن سوز ۽ گداز، رقت ۽ محبت جي نازڪ ترين مسئلن ۽ زندگيءَ جي اهم ۽ رقت پسند معاملن کي رمز ۽ ڪنايي سان بيان ڪرڻ ۾ جي تجربا ڪري چڪو آهي، سي واضح ٿا ڪن ته سنڌي زبان ۾ ايتري اهليت ۽ صلاحيت موجود آهي، جا اهڙا پسنديده قدر ۽ بنيادي معيار نباهي ٿي سگهي، سندس ڪلام سُريلو ۽ مترنم آهي، ان ڪري ترنم سان پڙهڻ کان پوءِ وجد انگيز ۽ روح پرور ڪيفيتون ٿو پيدا ڪري.“ (83)

هاڻي اسان انهن فني جڙتن، جن سان شعر ۾ موسيقيت پيدا ٿئي ٿي، تن جو سلسلي وار ذڪر ڪنداسين.

(أ) لفظن ۽ جملن جو خوبصورت جڙاءُ :

نياز همايونيءَ جي شاعري لفظن ۽ جملن جي خوبصورت جڙاءُ سان، ڪيئن نه سٽ سٽ ۾ سمائجي روح پرور موسيقيءَ کي جنم ڏيئي، دل جي تارن کي ڇيڙي ٿي ۽ جلترنگ جو ماحول پيدا ڪري ٿي:

گهلي ٿي هير جي ته مکڙين جا ڇهه ڇڇن ٿا اڇ،
اچي ٿي بوءِ جي ته بربلين جا ڳچ ڳرن ٿا اڇ،
پوي ٿي ماڪ جي ته تائلن جان گل سڙن ٿا اڇ،
اچي نه راس ٿو ڪوئي پي سوز و ساز ساٿيو!
او دلنواز دوستو، او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون، بلند حوصلو ڪريون.
جيئون جئين جهان ۾ ٿي سرفراز ساٿيو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 235)

هن نظم جي بند کي ڏاڍيان پڙهڻ سان موسيقي جو دلفريب احساس ٿو پيدا ٿئي. هن بند ۾ مکڙين، بربلين، ۽ تائلن ۽ ان کان سواءِ ڇهه ڇڇن، ڳچ ڳرن ۽ گل سڙن ۽ هيٺ سوز و ساز، دلنواز، جانباز، سرفراز، بلو ۽ حوصلو اهڙي طرح جڙيل آهن، جو انهن جي موسيقيءَ ۾ من مست ٿيو وڃي، هونئن به نياز همايوني همیشه پنهنجي شاعري وڏي آواز سان ۽ باقاعدي سر سان پڙهندو هو جيڪا مجموعي کي مست ڪري، ان تي سحر طاري ڪري ڇڏيندي هئي.
هاڻي هڪ ئي نظم جا ٻه بند ڏسو:

مدت کان ڇڏيم هيڇ جي بارات، هلي آءُ!
خشڪ آ سندم عمر جي اوقات، هلي آءُ!
لڙکن جي کٽي پاڻ سان برسات، هلي آءُ!

اي درد هلي آءُ، ته يادن جي جزيرن ۾ هلون!
ڪي عهد، ڪي پيمان پُڪارن ٿا هلي آءُ!
ماضي جا گلستان پُڪارن ٿا هلي آءُ!
۽ آئندي جا ايمان پُڪارن ٿا هلي آءُ!
اي درد هلي آءُ، ته يادن جي جزيرن ۾ هلون!

هنن بندن ۾ لفظ سان لفظ ڪيئن نه ملي مسحور ڪُن موسيقيءَ کي جنم ڏين ٿا. متئين بند ۾ بارات، اوقات ۽ برسات ۽ هيٺين بند ۾ پيمان، گلستان ۽ ايمان، ۽ ٻنهي بندن ۾ هلي آءُ جو تڪرار ڪهڙو نه جادو ئي اثر پيدا ڪن ٿا، هيٺ ڏنل لوڪ گيت ”هو جمالو“ ۾ جيڪا لئه ۽ ترنم آهي، اها نياز جي ئي ايجاد آهي.

منهنجي سنڌ جوان جماڻ لا هو جمالو،
جنهن جي چهري تي چانڊاڻ لا هو جمالو،
جنهن ۾ موج پريو مهراڻ لا هو جمالو،

جنهن ۾ روحن جي ته رهاڻ لا هو جمالو،
جنهنجي پرور رکندو پت الا هو جمالو،
جنهنجي مندن جي ويندي مت الا هو جمالو.

جنهنجا ڪنؤر جان ڪنوارا انگ لا هو جمالو،
جنهنجا انبلٹ جهڙا رنگ لا هو جمالو،
جنهنجا چارڻ چورين چنگ لا هو جمالو،
جنهنجي جر تي جرکن ڪنگ لا هو جمالو،
جنهن ۾ آڙيون اڏرن پر ڪٹي هو جمالو،
جنهن ۾ ڪونجان ڪرکن ڪر ڪٹي هو جمالو،

جنهنجي درياهن تي دانهن لا هو جمالو،
جيڪي ڪنڈيءَ سڪائن ڪانهن لا هو جمالو،
جنهن ۾ سهٹي منهنجي ٻانهن لا هو جمالو،
جيڪا لڙهندي وئي ته پرانهن لا هو جمالو،
جنهنجا ميهر ويا هن پار هو جمالو،
جنهنجا ڪينجهر ڪيي پار لا هو جمالو.

جنهن ۾ لعل لطيف جي لات لا هو جمالو،
جنهن ۾ سچل سچ جي تات لا هو جمالو،
جنهن ۾ سامي‌ءَ پاتي ڏات لا هو جمالو،
جنهن ۾ بيدل برهه جي بات لا هو جمالو،
جنهن جو ٻيجل "شيخ اياز" لا هو جمالو،
جنهن ٻيلي يار "نياز" لا هو جمالو،
منهنجو جمالو سنڌڙيءَ سان هو جمالو.
(نئين زندگي نومبر 1963- 41)

سرس تنهنجي سونهن هئي، جيڏين اندر جرڦل جيان،
ٿهڪندي، ٽلندي وتين ٽي بودلي بُربل جيان.
(ڏرتيءَ جا گيت 152)

ڦوهه جواني چڙ ته جهڙيالي جهڙ ڦڙ جيان جنسار سنديس،
چپڑا چڙ ته چنار جون مکڙيون، اکڙيون نينهن نکار سنديس.

(ساڻيهه جي ساک 56)

روئي ڏوئي ويهن ٿيون، جانيون جيئڻ آس،
آڏيءَ رات اداس، شال نه ڪنهن جو روح ٿئي.
(مهراڻ 10-1959ع ص:7)

جنين جيڏا جهد، تنين تيڏا جَسَ،
ڪري وارا وس، ماڳ رسيا مهُت سين،
(مهراڻ 1959ع ص -7)

تنهنجي بدن جي خوشبوءَ کان ٿو اندر ٻهڪي ارم ٿئي،
مان صدقي او منهنجا سائين! شل پيو اهڙو ڪرم ٿئي.
سوجهرو! اپريل 1999 ص -20)

شعر جي موسيقيءَ ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ جڙت سان گڏ تجنيس حرفيءَ جو به ڪافي اثر آهي. ساڳيا ساڳيا حرف صحيح هر لفظ جي مهڙ ۾ اچن ته شعر مزيدار ٿيو پوي.

(ب) تجنيس حرفي:

"تجنيس حرفيءَ ۾ لفظ جو پهريون اکر ساڳيو ٿو ٿئي، پر جي ساڳيو ساڳيو حرف ستٽ ۾ وري وري اچي، ۽ هروپرو هر لفظ جي منڊ ۾ به ترنم جي ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، اچار جي ورجاءَ ڪري ئي اها ڪيفيت ٿي پيدا ٿئي، پوءِ ڪٿي اهو حرف منڊ ۾ ٿو اچي ته ڪٿي وچ ۾ ۽ ڪٿي پڇاڙيءَ ۾ شاهه عبداللطيف جي هيٺين بيت ۾ "ڪ" جوڪمال ڏسو.

رجن ۾ رڙ ٿي، ڪرڪوول جي ڪوڪ،
ولوڙو ۽ ووڪ، اي تا آهه عشق جي.
(معذوري - 7-147)

هن شعر جي پهرينءَ ستٽ ۾ ڪر ۽ ڪوول ۾ "ڪ" منڊ ۾، ڪوڪ ۽ ووڪ ۾ پڇاڙي ۾ آيو. آهي، پر "ڪ" جو وري وري اچڻ مزو پيو ڏئي." [84]

نياز همايوني شاعريءَ ۾ لفظن ۾ ترنم جي ڪيفيت ڪيئن ٿو پيدا ڪري ۽ اچار جو ورجاءُ به ڪهڙي نه خوبصورت انداز سان ٿو پيش ڪري، هو تجنيس ذريعي پنهنجي شاعريءَ ۾ انوکي نغمگي پيدا ڪري ٿو، جيڪا من کي سرور بخشي ٿي.

پيڙي وارا پيلي، مون کي پار پڃاءِ!
مون کي پار پڃاءِ!
جيڏي واهر ونجهه ۾
تيڏي تنهنجي سگهه ۾

لوڏن كي نه لكاءِ!
مون كي پار پجاءِ!

حيئن حيئن سانجهي سامهين،
تيئن تيئن صبح جي سَڏ
راتين ۾ نه رڇاءِ!
مون كي پار پجاءِ!

هي هي ڪڪ پن ڄڻ
پل پل پاڻيءَ! تڪ!
رهندي كي نه رهاءِ،

مون كي پار پجاءِ!
پيڙيءَ وارا پيلي مون كي پار
پجاءِ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 54)

هن گيت ۾ ڪيڏي نه موسيقيت ۽ مڌرتا آهي. پهرين سٽن ۾ ب ۽ پ جي ڪهڙي نه سهڻي تجنيس آهي! پهرين بند ۾ و ۽ ل جي تجنيس جي سگهه ڪيڏو نه ردم پيدا ڪيو آهي، ٻئي بند ۾ ج، س، ت ۽ ر جي تجنيس حوصلي ۽ اميد جي لئه ۾ مست ڪري ٿي ۽ ٽئين بند ۾ هه، پ ۽ ر جي تجنيس مايوسيءَ ۾ ساڳي اميد ۽ آسري جي رنگين عڪس بندي ڪئي آهي. تنهن كان سواءِ سڄي گيت ۾ "ي" ۽ "ا" جو استعمال اندروني تجنيس جو مثال آهي، جنهن جي ڪري به ان ۾ دل جي تارن كي چهندڙ ردم پيدا ٿئي ٿو.

اُٺن جون ڍيڪيون پٽن ۾ پٽڪيون
منهنجي اندر كي آيون اُڇكيون،
سانگين ساريو، هلمِ هڏكيون،
شل ڪا اوٽ پوي اوٽارن ۾!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 69)

هن شعر ۾ پهرين سٽ ۾ ڍيڪيون، پٽن ۽ پٽڪيون "پ" منڊ ۾ ۽ "اندر" ۽ "اڇكيون" سٽ ۾ "ا" ۽ ٻنهي سٽن ۾ وري وري "ڪ" ۽ "ا" جو ورجائڻ ڪهڙو نه مزو ڍيو ڏي! ٻي شعر ۾ گ جي ورجائڻ جو لطف وٺو:

اٺن جون واڳان، سنهڙيون واڳان، سورن وانگي سوگهيون
واڳان،
آءٌ ٽي روئي راتيون جاڳان، وا وبل وهي وبجارن ۾!
(ص، 69)

هن شعر ۾ "گ" اکر وچ ۾ تمام گھٹي موسيقيت ٿو پيدا ڪري، پر "س" اکر جو مزوئي پنهنجو آهي، جيئن سنهڙيون، سورن، سوگهيون ڪڍهن لفظ شروع ۾ ڪڍهن وچ ۾ ٿو اچي، ان کانسواءِ "و" جي پڻ تجنيس آهي، جيئن ويا، ويل، وهي ۽ ويچار، انهن سڀني حرفن جي بيهڪ، سٽاءُ ۽ جڙت جو ڪيڏو نه اثر آهي هن شعر جي نغمگيءَ ۾!

اڻ ٽيٽيءَ مان ٽيٽي ٽي پئي، ٽيٽيءَ مان اڻ ٽيٽي ٽي،
ڳهٽي جيڪا ڳالهه ڳٽي هئي، سا ته نه ليکي لهٽي
ٽي،
جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي، ڪهڙي ڪرٽي، پرٽي ٽي.
(ص286)

هن شعر ۾ "ڻ" جي تجنيس تمام گھٹي آهي، يعني اڻ ٽيٽي، ٽيٽي، ڳهٽي، ڳٽي، ڪرٽي، پرٽي، "ڻ" اکر جو آزادانا استعمال ڪري "ڻ" کي وري وري ورجايو ويو آهي، پهرين سٽ ۾ ڻ ۽ الف جي تجنيس آهي. ڪهڙي، ڪرٽي ۾ "ڪ" جي به تجنيس آهي. ليکي، لهٽي ۾ "ل" جي تجنيس آهي. پ ۽ ڻ جو وچ ۽ آخر ۾ استعمال به سڀني لفظن ۾ جلترنگ جي ڪيفيت ٿو پيدا ڪري.

نياز همايونيءَ جا ڪجهه ٻيا شعر به ملاحظ فرمايو، جن ۾ تجنيس جو بيحد سهڻو استعمال آهي، جيڪو شاعريءَ ۾ ترنم ۽ لئه پيدا ڪري ٿو.

ٽلي ٽاندڙاٽي ٽور، منهنجي اڳڻ اڇانءِ!
منهنجي اونداهين جي اور منهنجي اڳڻ اڇانءِ!
(نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت: 51)

اونداهين ۾ اون او راڻا! تنهنجي زورآور ذات جي لاءِ!
روح رڙي ٿو راتين ۾ ڪنهن پرهه ڦٽي پريات جي
لاءِ!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 115)

مور چيو مون سمجهيو ڪونه ته تون ڪهڙو ٿو جنجال
ڪرين،
ان ڪان اڳ جو متيون منجهائي تکڙ ۾ ٻائيتال ڪرين.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت - 120)

هنن شعرن ۾ تجنيس ڪيڏي نه موسيقيت پيدا ڪئي آهي! ايئن ٿو محسوس ٿئي، جڙ لهرون آهن، جن ۾ ماڻهو لڙهيو وڃي. هر لفظ هر سٽ، مستيءَ ۾ جهومائي

چڏي ٿي.

(ت) قافيو:

قافئي جو موسيقيءَ پيدا ڪرڻ ۾ وڏو عمل آهي ۽ قافيو ست جي آخر ۾ رديف کان اڳ ايندو آهي. سنڌي بيت ۾ اهو قافيو ست جي وچ ۾ پڻ اچي ٿو، جو سنڌي شاعرن شعر کي روايت جي کڏ مان ڪڍي اڳتي آندو. قافيو، حرف صحيح به ٿئي ٿو. (متّ، وتّ) ته حرف علت به (گهٽا، ڪٽا)." [85]

هيٺ شعر ڏجن ٿا:

زمين تي نه ڪو ظالم ٿي ڪردگار رهي،
زماني ۾ نه ڪو انسان دلفگار رهي،
سماج ۾ نه ڪوئي فرد بي وقار رهي،
هي ڪم ٿئي هاڻ، نه آئيندي جو انتظار رهي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 192)

هن شعر ۾ 'ڪردگار'، 'فگار'، 'وقار' ۽ انتظار دستوري قافيا آهن.

نئون نظام آڻيو، هي جهانُ بدلايو!
غريب، امير جو سُود ۽ زيان بدلايو،
فسادزر جو، شقاوت جو شان بدلايو!
دغا، دروغ جو هر داستان بدلايو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 192)

هن شعر ۾ 'جهان'، 'زبان'، 'شان' ۽ داستان دستوري قافيا آهن، جيڪي شعر جي موسيقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪن ٿا.

اُٿو اٿو ته بغاوت ڪريون، اي مظلوموا!
وڏو وڏو ته حڪومت ڪريون، اي محڪوموا!
ملو مِلو ته محبت ڪريون اي معصوموا!
ڪِلو ڪلو ته مسرت ڪريون اي مغمومو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 192.)

هن شعر ۾ 'بغاوت' حڪومت محبت ۽ مسرت دستوري قافيا آهن، جيڪي پُرمسرت موسيقيءَ جو تاثر پيدا ڪن ٿا.

هاڻ ته تنهنجيون تسبيون سوري، اوجاڳن ۾ جاليون ٿا،
هاڻ ته توتان تن من گهوري، ويراڳين ۾ جاليون ٿا.
(دل ۽ ڏرتيءَ جاگيت 134)

هن شعر ۾ ’اوجاڳن‘ ۽ ويراڳن، دستوري ۽ سوري ۽ گھوري، اندروني قافيا آھن.

ڪافر ناھيان، مشرڪ ناھيان، تڏھن به ٿو خاموش گذاريان.
ھوش ۾ آھيان، بي سُڌ ناھيان، پوءِ به ٿو مدھوش گذاريان،
ھر ھنڌ ٿو موجود رھان ته به چڙ ته پيو روپوش گذاريان.
ڪافرناھيان، مشرڪ ناھيان!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص -250)

هن شعر ۾ ’خاموش‘، مدھوش ۽ روپوش دستوري قافيا آھن ۽ ’ناھيان‘ ۽ آھيان جو ورجاءُ اندروني ۽ وچئين قافيي کي ظاھر ڪري ٿو.

ڪنھن جون راتيون چيٽ جا ميلا، ڪنھن جا ڏينھن ڏھاڳڻ جان،
ڪنھن جون باتيون بخت جي بازي، ڪنھن جو ناتو نانگڻ جان،
ڪنھن جو مُرڪڻ ماڪيءَ لار ته ڪنھن جون جھاتيون ڏاڙڻ جان!
(دوزخ ۾ رھڻ جي ريھرسل ص-30)

هن شعر ۾ ڏھاڳڻ، ’نانگڻ‘ ۽ ’ڏاڙڻ‘ دستوري قافيا ۽ ’راتيون‘۽ ’باتيون‘ اندروني قافيا آھن، جيڪي ملي شعر کي موسيقيت بخشين ٿا.

هن ۾ ’سڏڪان‘ ۽ ’نوڪان‘ دستوري قافيا ۽ ’جھوڪان‘ ۽ ’سوڪان‘ ٻٽي قافيي کي ظاھر ڪن ٿا. ان کان سواءِ حرف علت ۽ تجنيس جو استعمال شعر کي حسن بخشين ٿا ۽ ان ۾ مست موسيقي پيدا ڪن ٿا.

قافئي کان سواءِ، حروف صحيح ۽ حروف علت جو استعمال به شاعريءَ ۾ موسيقي پيدا ڪري ٿو. حروف صحيح شعر جي اڳيان ھجن، وچ ۾ ھجن يا پڇاڙيءَ ۾ ھجن، موسيقيءَ جو سھڻو تاثر پيدا ڪن ٿا، ساڳيءَ طرح حروف علت جو ورجاءُ شعر جي موسيقيت کي انتھائي بلنديءَ تي پھچائي ٿو.

(ث) حرف علت جو ورجاءُ:

شاعري جي خوب صورتي ۽ خوبي ان جي بيان ۽ اظھار ۾ ورجاءُ ۽ وراڻ ھوندي آھي اھا وراڻي نه رڳو شعر ۾ ردم ۽ رواني پيدا ڪري ٿي پر ھڪ وٽندڙ تاثر لئه ۽

جذباتي ڪيفيت کي به پيدا ڪندي آهي.

حرف علت (آ، او، اون، اي) جو ورجاءُ به شاعري ۾ مسحور ڪن موسيقي جو تاثر پيدا ڪري ٿو. نياز همايوني جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪئين مثال ملن ٿا جن ۾ حرف علت جو ورجاءُ ايڏو ته چانيل آهي، جو قافئي کان به وڌيڪ نغمگي ٿو پيدا ڪري.

سهڻا ٿُوهه پٽن ۾ ڏي ڏاتيئڙا!
ولهي آهيان وطن ۾ ڏي ڏاتيئڙا!
هيلو ڪو وري آءُ!
هيلو ڪو وري آءُ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 62)

حوڳيئڙا ڪيئنءَ حالن جڳ ۾،
حهير ٿي جن جي حهولي الو!
لولي لولي!

(ساڳيو: 66)

منهنجي اگڙ اڇانءِ، منهنجي سار لهجانءِ!
منهنجي زاري تنهنجو زور منهنجي اگڙ اڇانءِ!
(ساڳيو: 53)

تنهنجا پُور اسان لئه ائين جڙ سُرهيون سانتيون سانجهين جون،
پنهنجا سور الاڙي ائين جڙ جهوريون آڏين مانجهين جون!
(ساڳيو: 116)

مٿي ڏنل شاعريءَ ۾ حرف علت جي ورجاءُ ڪيڏي نه مسحور ڪُن موسيقي پيدا ڪئي آهي.

پهرين شعر ۾نياز همايوني لوڪ گيت ڏاتيئڙا ۾ حرف علت جو ورجاءُ سندر لفظن ۽ سهڻن رنگن ۾ ڪيو آهي، ڏي، ڏا، آءُ جي لفظن جو ورجاءُ موسيقيءَ کي ڪهڙو نه لطف انگيز ڪيو آهي ۽ سنگيت جا ڪيئن سرچيڙيا آهن ۽ هن ۾ ڪيڏي نه تواتر سان حروف علت استعمال ڪيا آهن!

ٻي شعر ۾ ڪيئن لفظ، ”الو“، ”لولي“ ”جهولي“ حرف علت شانائتو ۽ سهڻو رنگ نمايان ڪري چڏين ٿا. او ۽ اي حرف علت ڪهڙو نه سرائتو ٿو لڳي. ٽئين شعر ۾ لفظ اڇانءِ لفظ لهجانءِ لفظن کي ورجاءَ ڏئي لفظن ۾ انوکو جذباتي لفظي تاثرڏيندي، شعر ۾ سهڻي انداز ۾ ردم ۽ لئه پيدا ڪري ٿو. ”آ“ حرف علت ڪيڏو زورائتو ٿو لڳي.چوٿين شعر ۾ لفظ لئه، الاڙي لفظ کي نئين رنگ ڍنگ ۾ بيان ڪري، پوپٽ جي پرن جي رنگن کي به مات ڪري چڏي ٿو. ۽ منڙا سُر وکيري ٿو.

(ج) حرف صحيح جو ورجاءِ:

اهڙيءَ طرح حرف ’صحيح‘ جو ورجاءُ به شعر ۾ موسيقي ٿو پيدا ڪري حروف صحيح جو ورجاءُ اڳيان هجي، وچ ۾ هجي يا پڇاڙيءَ ۾ هجي موسيقيءَ جو تاثر ٿو پيدا ڪري. مثال طور نياز همايونيءَ جا ڪجهه شعر ڏجن ٿا:

اوندهه مان ٿو اپرڻ چاهيان، گوندر مون کي گس ته ڏي!
آءٌ ٿو روئان راتين ۾، ٻيلي! ڏينهن جو ڪوئي ڏس ته ڏي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 119)

هن دوهي ۾ ڏ ۽ گ جو ورجاءُ ۽ ا، گ، ر ۽ ڏي جي تجنيس، شعر کي خوبصورتي بخشي آهي ۽ حرف صحيح جو ورجاءُ ڪيڏو نه سريلو ٿو لڳي!

سينڌ ڏيئي جا ساهڙ کي تنهن سينڌ جا ڪيئن سينگار ٿين!
سُهٽيءَ وانگي سير تي سوار ٿي آءٌ ته ٻيڙا پار ٿين!

(120)

هن دوهي ۾ ’س‘ جو ورجاءُ ڪيئن نه مستي پري موسيقي پيدا ڪري چڏي ٿو!

آ ڪمزور ته پي ٿو ناحق رنج رسائي،
هوندي پي ٿو بدلو ڪين چڪائي،
شير شغال جو ڏس ڪين رهن ٿا پنهنجو لقاءُ ڪري!

(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 66)

هن مزاحيه نظم جي بند ۾ حرف صحيح يعني ’ڪ‘ جو ورجاءُ ڪيڏي نه سرلتا ٿو پيدا ڪري!

حوين ويڙو حاڙ ڪري، ڪئن حاما حلوبدار ڪجن!
ڪونهي ڪو چمڪاٽ چلي حو، ڪنهن سان اکڙيون چار ڪجن!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 119)

هن دوهي ۾ ٽن حروف صحيح، ج، ک ۽ چ جو زورائتو استعمال ٿيل آهي، جيڪي شاعري کي سونهن بخشين ٿا ۽ ان مان موسيقي ايئن ڦٽي نڪري ٿي، جيئن يڪتاري جي تارن مان.

(ح) آواز جي معنيٰ سان هم آهنگي:

آواز جي معنيٰ سان هم آهنگيءَ جو به شعر ۾ موسيقي پيدا ڪرڻ ۾ وڏو عمل

دخل آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جن جي آواز ۾ انهن جي معنيٰ سمايل آهي. اهي لفظ صوتي اثر رکن ٿا. انهن جو آواز ئي معنيٰ ڏي اشارو ٿو ڪري.

شعر جي لفظ جي موسيقي اچارڻ سان معلوم ٿي ٿئي، پر شعر جي معنيٰ بنا اچارڻ جي دل ۾ پڙهڻ سان به معلوم ٿيو وڃي، پر جڏهن شعر جي معنيٰ ۽ موسيقي، ٻنهيءَ جو ساڻيو تاثر هجي، تڏهن ئي شاعراڻي فن جو ڪمال آهي. ايئن نه جو شعر هجي ڪنهن مائيٽي فضا جو ۽ لفظ هجن ڪڙاڪيدار، ڇو ته شعر ان کي چئجي، جنهن مان موسيقي ڦاٽي نڪري."[86]

ڊاڪٽر تنوير عباسي ٿي ايس ايليٽ جي حوالي سان لکي ٿو ته، "موسيقيءَ وارو شعر اهو شعر آهي، جتي آواز ۽ لفظن جي موسيقيءَ جي جڙت توڙي معنيٰ جي موسيقيءَ جي سٽاءَ هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃن.[87]

آرچيبالڊ مئڪ ليش لکي ٿو ته، "اهڙا لفظ به آهن، جن جي آواز ۾ انهن جي معنيٰ سمايل آهي. لفظن جا آواز نرم مال نه آهن جو موڙي سگهجن، ڇو ته لفظن ۾ آواز ۽ معنيٰ صدين کان سمايل آهن، جن کي ڦيرائي نٿو سگهجي سگهي." [88]

ازرا پائونڊ لکي ٿو ته، "مان انتهائي موسيقيت ۾ يقين رکندو آهيان، اها آهي جذبي سان موسيقيءَ جو هوبهو هم آهنگ هجڻ" [89]

ازرا پائونڊ ساڻئي مضمون ۾ شعر جو هڪ قسم (Malopoea) ٿو ٻڌائي. جنهن ۾ لفظ پنهنجي رواجي معنيٰ کان سواءِ اهڙي موسيقيت سان پريل هوندا آهن، جيڪا سندن معنيٰ ڏي اشارو ڪندي آهي.[90]

ريني ۽ آسٽن لکن ٿا ته، "ٻيو عام خيال آهي ته آواز کي معنيٰ کان بلڪل ڌار ڪري پوءِ ان جو مطالعو ڪجي. اهو غلط آهي" هو اڳتي لکن ٿا ته:

"آواز کي بذات خود ڪوبه سهڻو اثر نه آهي. معنيٰ کانسواءِ ڪنهن به موسيقيءَ واري شعر جو تصور نٿو ڪري سگهجي. هر ٻوليءَ جي آواز جي خاڪن جو اثر پنهنجو آهي ۽ هر ٻوليءَ جي اچارن کي پنهنجي سٽاءُ آهي، جن ۾ حروف صحيح ۽ حروفِ علت جي هڪ ٻئي جي آڏو اچڻ، يا هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي ڪري هڪ صوتي اثر پيدا ٿا ڪن، جيڪو معنيٰ کان ڌار نٿو ڪري سگهجي". [91]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ اهڙن لفظن جي ڪوٽ ڪونهي. انهن لفظن وارا شعر سندس سڄي شاعريءَ ۾ ملن ٿا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

تيرن جي وسڪار ائين ڇڻ ڳڙي جو ٽڙڪو ڏرتي تي،
تبرن جو تڪرار ائين ڇڻ وڃ ڪري ڪنهن وستي
تي،
ڪڙڪي پڻ ٽي ڪٽار ائين ڇڻ موت جا هاڃا هستي
تي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 450)

هن نظم جي بند ۾ تيرن جو وسڪارو، تبرن جو تڪرار ۽ ڪٽار جو ڪڙڪو ايئن ٿو لڳي، جڙ سپ ڪجهه اکين جي اڳيان آهي. لفظ لفظ ۽ ستٽ ستٽ ٻڌائي ٿي ته جنگ جو ميدان آهي ۽ هٿيارن جا آواز ماحول سان ملي ويا آهن. هن بند ۾ لفظن جي آوازي تاثر سان جنگ جو ڪهڙو نه سڻو ۽ چٽو نقشو ٿو چٽجي!

انت اچي مهل اها جا، مهل ٽئي ٽي محشر جي،
ڪڏڻ لڳي ٽي جنهن ۾ ڪٽار ۽ ڪڙڪي ٽي ڪر ڪونڊر
جي،
هڪلون هبيتناڪ ائين، گجگوڙ مچي جيئن گينور جي.
(ساڳيو: 449)

هن بند ۾ جنگ جي شروع ٽيڻ جو ماحول ڏيکاريل آهي، هن ۾ ڪڙڪيدار آواز ۽ هٿيارن جا هيبتناڪ آواز جن ۾ معنيٰ جي موسيقي سمايل آهي. معنيٰ تي غور ڪرڻ جي ضرورت ئي نه آهي. مفهوم سامهون اچيو بيهي.

هن هٿيارن هڪلن سان ايئن ڇيهه وڌا ٽي هاڻين ۾،
ڇريون پيون جڙ ڇيلن ۾، جڙ ڪرٽ ڪهاڙا ڪاڻين ۾،
رڙين منجهان ريهاٽ شروع ٽيا، ڪونه رهيو ڪو ماڻين
۾!
(ساڳيو: 351)

هن بند ۾ لفظن جي آوازي تاثر سان جنگ جو نقشو چٽيل آهي، سڄي ماحول جو نقشو چٽجيو وڃي! هڪلن ۽ هٿيارن جي استعمال سان بدنن جو پاڳا ٽيڻ ۽ ان کان پوءِ هلڪين رڙين کان پوءِ ريهاٽ سان ڪيڏو نه چٽو صوتي اثر پيدا ٿو ٽئي!

سانگ ساٿي ڪين ٽين، وندر لئه وڦلي رهيس،
گود ۾ گوندر نپائي، تانگهه ۾ اهلي رهيس.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 59)

هن شعر ۾ جهيڻي آواز سان معنيٰ جي موسيقي اظهاريل آهي. لفظن ۾ ئي موسيقي سمايل آهي.

ٽڏڙا ساهه ۽ تڪڙا سڏڪا، منهن تي اداسيون لال
اکيون،
اوءِ مسافر سپرين ويڙا، باهيون ٻاري بابل ڙي!
(ساڳيو: 296)

هن شعر ۾ ٽڏڙا ساهه ۽ تڪڙا سڏڪا اهڙو ماحول چٽين ٿا جو معنيٰ واضع ٽيو وڃي ۽ ساهن ۽ سڏڪن جو صوتي اثر معنيٰ ۽ موسيقيءَ کي ملايو هڪ ڪريو ڇڏي.

ڪنهن جي ڪلڻ سان مڪڙي ڪڙي، ۽ ڪنهن جي روئڻ سان ماڪ

پئي،
دنيا ۾ ائين باغ بهاريا، ائين ويراني وسجي ويئي.
(بيت ستاءُ ۽ اوسر: 509)

هن بيت ۾ نياز اظهار ڪري ٿو ته ڪير ڪلي ٿو ته ڇڙ مڪڙيون ڪڻن ٿيون ۽ باغن ۾ بهار اچيو وڃي ۽ جي ڪير روئي ٿو ته ڇڙ ويراني ڇائنجيو وڃي. هن بيت ۾ جهيڙا پر اثرائتا صوتي اثر ظاهر ٿين ٿا ۽ انهن جي موسيقي ئي شعر جي معنيٰ بنجيو وڃي.

هن شاعريءَ ۾ نياز همايوني آواز ۽ معنيٰ جي ميلاپ سان، جذبي يا خيال جو اظهار ڪيو آهي. جهڙو آواز شعر جي لفظن کي اچارڻ سان ٿو نڪري، اهڙوئي خيال انهن لفظن جي معنيٰ ۾ به سمايل آهي. جي لفظن جا اچار مانا ۽ جهيڙا آهن، ته انهن جي معنيٰ به مانائي ۽ جهيڙائي واري آهي، جي اچار ڪڙاڪيدار ۽ گرجدار آهن، ته انهن جي معنيٰ به ڪڙڪي واري آهي.

(خ) خالص معنوي موسيقي:

"اهڙي موسيقي، جيڪا لفظن جي اچارن ۾ نه آهي، پر فقط انهن جي مفهوم ۾ ئي سمايل آهي. جيئن گويا تان هڪڙ وقت سُر لاهيندا چاڙهيندا آهن، تيئن شاعر به شعر ۾ معنيٰ ۽ خيال جي لاهه چاڙهه سان، معنوي موسيقي پيدا ڪري سگهندا آهن. جئين ساڄين ئي پولن کي ورجائي، گويا جدا جدا آلاپ ڪيندا آهن، تئين شاعر به ساڄين ساڄين لفظن کي ورجائي، انهن مان طرحين طرحين خيال جوڙيندو آهي".[92]

نياز همايوني جي شاعري مان ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مرڻ جيئڻ جي جذبي سان ها! جيئڻ مرڻ جي جذبي
سان،
قدم وڌايو قدم وڌايو، جيئي سنڌ جي نعري سان،
جاري رهندي، جاري رهندي، جنگ اسان جي جاري
رهندي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 231)

هن شعر ۾ مرڻ ۽ جيئڻ ۽ جيئڻ ۽ مرڻ اتار ۽ چڙهائو، جيئن گويي جي تان ۾ هوندي آهي، سا شعر کي خالص معنوي موسيقي بخشي ٿي ۽ پوءِ وارين سِٽن ۾ قدم وڌايو ۽ جاري رهندي جي پولن کي ورجائڻ سان به موسيقي ڦٽي نڪري ٿي.

اڻ ٽيئٽيءَ مان ٽيئٽي ٿي پئي، ٽيئٽي مان اڻ ٽيئٽي ٿي،
ڳهٽي جيڪا ڳالهه ڳٽي هئي، سا ته نه ليکي لهٽي ٿي.
(ساڄيو: 286)

هن شعر ۾ اڻ ٽيئٽي ۽ ٽيٽيءَ جو اتار چڙهائو معنوي موسيقيءَ جو تاثر پيدا ڪري ٿو.

چاندوکيءَ تي وير جيئن، لهي چڙهي ٿي چور ٽئي،
دل ٿي چاهي تيئن ڪوئي، اوري اچي ۽ ڏور ٽئي!
سرس ٽئي سڪ هيڪاري، پوپٽ وانگي نينهن آيو!

وهي پترول جان ڦلاري، پوپٽ وانگي نينهن آيو.
(ساڳيو: 53)

هن شعر ۾ ويڑ جو لهڻ ۽ چڙهڻ اتار ۽ چڑهائو ۽ اوري اچڻ ۽ ڏور ٽيڻ جو اتار چڑهائو! خالص معنوي موسيقي پيدا ڪن ٿا.

هي بي اصول، بي وقار، بندگيءَ جي زندگي،
هي تشنه روح، خسته جسم، زندگيءَ جي زندگي،
نه ٽي ڪپي، نٽي ڪپي، هي گندگيءَ جي زندگي،
اٿو ته موت سان لڙي، حيات جو وقار ٽيون!
اچو ته بيقرار ٽيون!

(ساڳيو: 233)

هن شعر ۾ لفظ زندگيءَ جي وري دهرائجڻ ۽ نٽي ڪپي جو دهرائجڻ ۽ ان ۾ آيل اتار چڑهائو باقاعدي گويي جي تان وانگر لڳي ٿو.

اها آهي معنيٰ جي موسيقي، جنهن ۾ معنيٰ سُرن وانگي ٽي رقص ڪري، اهو رقص پڑهندڙ جي دل تي اهڙو ئي اثر ٿو ڪري، جهڙو ڪو ماهر ڳائٽو سُرن جي لاهه چاڑهه سان پيدا ڪندو آهي.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جو عنصر نمايان آهي. هن نه فقط تجنيس حرفيءَ کان ڪم ورتو آهي پر قافيو، ٻٽو قافيو حرفت علت ۽ حرف صحيح جو استعمال، لفظن جي معنيٰ سان هم آهنگي ۽ خالص معنوي موسيقيءَ جهڙيون لاتعداد ترڪيبون، پنهنجي شاعريءَ ۾ موسيقيت پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيون آهن، جن هن کي هڪ بهترين غنائي شاعر ثابت ڪيو آهي.

(د) نيون هيئتون:

جديد سنڌي شاعريءَ جو مزاج ۽ لهجو سليس ۽ سادو، وٽندڙ ۽ نرم آهي. انفراديت جديد سنڌي شاعريءَ جي جان آهي. جديد دؤر جي هر سڄي شاعر، ڪوشش ڪري پنهنجي تخليق ڪئي آهي. پنهنجن ذاتي مشاهدن، تجربن ۽ احساسن کي بيان ڪيو اٿس، ان ڪري، هن دؤر ۾ ڪيتريون تشبيهون، استعارا، اصطلاح ۽ محاورا اسان جي شاعر جي دنيا ۾داخل ٿيا آهن، جيڪي شاعريءَ لاءِ بلڪل نوان آهن.

"شاعري دنيا جي ڪنهن به حصي جي هجي، ان جو تعلق انسان جي بنيادي جبلتن (Instincts) مثلاً سونهن سان پيار، وطن دوستي، زندهه رهڻ جي تمنا، وغيره سان آهي، اڄوڪن جديد شاعرن، 'روايتي حسن' ۽ 'مطالعي' جي سهارن کي ڇڏي، پنهنجي مشاهدي جي قوت کي تيز ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجو احساس وڌيڪ اونهون ڪيو اٿن. سندن شاعري سرنهن جي گلن جي سڱڌ ڦهلايو ڇڏي، اونداهين راتين ۾ ٽانڊاٽا جهرمر لايو ڏين، ڪونجن جا ولر خيال جي افق تي ڦڙ ڦڙ ڪريو اڏامن، ۽ سنڌوءَ جون لهرون سندن احساسن ۾ اٿل پٿل پيدا ڪريو ڇڏين.

جديد شاعرن پنهنجي ڪلاسيڪي ورثي کي به سنڀاليو آهي، پر انهن ئي هيئتن ۾ نوان موضوع به آندا آهن ۽ ان جي ڪيترين ئي روايتن کي جديد تقاضائن سان هم آهنگ ڪيو اٿن ۽ نئين رنگ ۾ رنگيو اٿن.

ڏيان آگ گرنار کي گاهي گاهي،
وري سِر وڍيان، وري چنگ چوريان.
(شيخ ايار)

زندگي بنجي نه شل سسئي جا سور ۽ آس مومل جو ڏهاڳ.
(نياز همايوني)

اسان جي جديد شاعرن ۾ موضوع جي فراواني ۽ ندرت سرس موجود آهي. هي نه فقط پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ فڪر جي اثر هيٺ تخليق ٿا ڪن، پر ان سان گڏ بين الاقوامي معاملن جو رد عمل پڻ محسوس ڪن ٿا. ڇو ته اڄ جي دنيا ۾ ادبي رشتن کي هڪ بين الاقوامي وسعت حاصل ٿي چڪي آهي. شيخ ايار جو ’هرڻ هٿيلا‘، ”ٿوهر جو وڻ‘، نياز همايوني جو ’ايشيا‘، ’آفريڪا‘، بشير موريااڻيءَ جو ’وڇ اوپر‘ ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا ئي نظم ملندا. ”(93)

ايئن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيتري ئي نواڻ ملي ٿي. انهن مان هڪ آهي، هيئت جا نوان تجربا، جنهن جي لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو:

موجوده دور جي شاعرن هيئت جا ايترا ته تجربا ڪيا آهن جو ان جي بيان ۽ فني چنڊاڻ لاءِ هڪ ڏار مضمون جي ضرورت آهي. مختصر طور، رڳو ڪي خاص نڪتا هي آهن:

1. ٻاهرين ٻولين جي شعر جون هيئتون سنڌيءَ ۾ عام ٿي ويون آهن. جيئن آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل، وغيره.
2. ڪلاسيڪي هيئتن بيت، ڪافيءَ ۽ دوهي جو موضوع مٽايو ويو آهي.
3. ڪلاسيڪي هيئتن، ڪافيءَ ۽ وائيءَ، ۽ فارسي ٽيڪنيڪ واري بحر وزن کي ملائي، ڪي نيون هيئتون پيدا ڪيو ويون آهن. ان ڏس ۾ بردي ۽ شيخ ايار جو ڪم قابل ذڪر آهي.
4. گيت کي اهو گيت رهڻ نه ڏنو ويو آهي، پر هڪ بند ۾ مصراعن جي انداز کي گهٽائي وڌائي، ۽ مصراعن ۾ رکن جي انداز کي گهٽ وڌ ڪري، اڪيچار اظهار جا طريقا تخليق ڪيا ويا آهن.
5. ”غزل جو فارسيءَ وارو ڪلاسيڪي رنگ، لب لهجو ۽ ماحول مٽائي، ان کي نئين سنڌي ماحول، اسلوب ۽ موسيقيت جي ويجهو آندو ويو آهي.“ (94)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي هيئت ۽ گهاڙيٽي کي هڪ ئي شيءِ سڏيو آهي. هو لکي ٿو: ”جڏهن اسين شعر جي گهاڙيٽي جي ڳالهه ڪريون ٿا، ته ان مان مراد بنيادي طور شعر جي هيئت آهي.“(95)

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي آن لائن سنڌي ڊڪشنريز ۾ هيئت جي باري ۾ لکيل آهي: هيئت (Form) کنهن به ادبي صنف جي ٽيڪنڪ جي لحاظ کان صورت، شڪل، ترتيب، جزا، بناوت وغيره کي چئبو آهي.“ [96]

نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ هيئت جا نوان تجربا ڪيا آهن. هُن ڪلاسيڪي توڙي جديد صنفن جي گهاڙيٽن ۾ ٽوريون گهٽ وڌايون ڪري، منفرد تخليقون سرجيون آهن. نياز نه رڳو مختلف صنفن جو مخصوص مزاج، اصلوڪو سڀاءُ ۽ ان جي گهربل رسيلي ٻولي استعمال ڪئي آهي، پر ان جي گهاڙيٽي ۾ به انيڪ تبديليون آڻي، نئون سڃاءُ ۽ هيئت متعارف ڪرائي آهي. هن شاعري ۾ خالص سنڌيءَ رنگ ۽ رچاءَ کي قائم رکي، نيون، ۽ خالص، سنڌ جي مٽيءَ مان ڦٽل تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪري، خالص سنڌي جا متروڪ ٽيل لفظ ۽ ان کان سواءِ پنسارڪا لفظ استعمال ڪري شاعريءَ ۾ نئين جدت، فني سڃاءُ ۽ انفراديت قائم ڪئي آهي.

” محمد صالح ”عاجز“ مطابق: ”سندس شاعريءَ ۾ جديد ۽ قديم فن ۽ فڪر جا عنصر ڏٺا وڃن ٿا، پر هن جيڪا ان ۾ نواڻ پيدا ڪئي آهي، تنهن کي ڏيان ۾ رکندي، اهو فيصلو ڏيئي سگهجي ٿو ته نياز بيشڪ منفرد شاعر آهي.“ [97]

نياز پنهنجي تخليق جي قوت سان ٻوليءَ ۾ جدت جو نئون رنگ پيدا ڪيو آهي. جڏهن هو شعر لکي ٿو، تڏهن هو فقط کنهن فارم يا هيئت جي پيروي ڪرڻ لاءِ ان کي قلمبند نٿو ڪري، پر اهو سندس شخصيت ۽ جذبات سان هم آغوش آهي ۽ اها هم آغوشيءَ واري ڪيفت ئي سندس شعر کي تخليق ڪري ٿي. سندس هر تخليق ۾ نئون رنگ نمايان آهي، جيڪو سندس دور جي شاعرن ۾ منفرد به آهي. شيخ اياز، عبدالرزاق ”راز“ عبدالڪريم گدائي ۽ ٻين هم عصر شاعرن ۾ هن پنهنجي الڳ حيثيت قائم ڪئي آهي. تاج جويو سندس انفراديت جي سلسلي ۾ لکي ٿو.

”شيخ اياز ۽ نياز همايوني ٻه اهڙا همعصر شاعر هئا، جيڪي شاعريءَ ۾ هيئت جي نون تجربن ۾ نمايان حيثيت رکن ٿا. نياز همايوني جتي نظم جو بادشاهه آهي، اتي هن جا گيت، لوڪ گيت، وايون، ڪافيون ۽ دوها پڻ سندس جماليات جي لطيف پيشڪش، درياهه جي رواني ۽ ماڪيءَ واري ميڻاج سبب منفرد آهن.“ [98]

نياز همايوني ڪجهه لوڪ گيت نوان ايجاد ڪيا آهن ۽ گيتن ۾ به نئون انداز اختيار ڪيو آهي. هن پنجابيءَ جا لوڪ گيت بالو ۽ ماهيا به سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايا آهن ۽ انهن کي سنڌي رنگ، روپ ۽ نکار ڏيئي، سنڌي لوڪ گيتن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. تاج جويو لکي ٿو ته:

موجوده ”ڪليات“ ۾ نياز جا وڌيڪ 6 لوڪ گيت ”همرچو“، ”تاسرڙو“، ”اُوڙو“ ”موئرو“ (بلوچي لوڪ رنگ جي طرز تي سنڌي جهونگارون) ۽ لوڪ نظم ”اُبتيون ريکان اُپري آيون“ شامل آهن. هن لوڪ گيتن ۾ ”همرچي“ جي عنوان کان سواءِ باقي سمورا لوڪ گيت نوان ۽ نياز همايونيءَ جي پنهنجي ايجاد آهن. نياز جو ”همرچو“ پڻ عوامي همرچي ۽ شيخ اياز جي ”همرچي“ کان مختلف انداز ۾ لکيل آهي.“ [99]

نياز شروع ۾ ته اهوئي فارسي رنگ ۽ ڍنگ وارو غزل لکيو، پر پوءِ ان ۾ موضوعاتي ۽ فني تبديلي آندي ۽ ان کي سنڌيت بخشي. سندس نظم ۽ طويل نظم به انوکي انداز ۾ لکيل آهن. نياز جون وايون ۽ ڪافيون به منفرد آهن، پر هُن دوها، گيت، لوڪ گيت ۽ نظم وڌ ۾ وڌ لکيا آهن ۽ انهن جو گهاڙيٽو ۽ ٻوليءَ جو استعمال منفرد آهي، جيڪو نياز جي ئي فن جو ڪمال آهي.

ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو:

"نياز همايوني سنڌي شاعريءَ ۾ قائم ٿيل ان نئين روايت جي بانيڪارن مان هڪ آهي، جن پنهنجي شعر جو رشتو نه فقط نئين دور جي مسئلن ۽ پيڙيل طبقن، پر پنهنجي تاريخي ۽ تهذيبي ورثي سان به قائم ڪيو ۽ منجهس اصلوڪو وطني رنگ ۽ سڀاءُ پيدا ڪيو. نياز هڪ ئي وقت طويل نظم ۽ گيت جو غير معمولي شاعر آهي. گڏوگڏ هو سنڌيءَ ۾ "ماهيي" کي متعارف ڪرائيندڙ شاعر آهي، جيڪو پنجابيءَ جو لوڪ گيت هوندي، ننڍي کنڊ جي عوامي شاعريءَ جو دلڪش نمونو آهي. گيت لکڻ جي حوالي سان هن جي ذهني رغبت ۽ جهڪاءُ ئي هن کي عوامي ٻوليءَ جي ويجهو وٺي ويو آهي، هڪ طرف هن جي گيتن ۾ عوامي زندگيءَ جون دل موهيندڙ تصويرون آهن ته ٻئي پاسي منجهس جماليات سان پرپور جذبي ۽ احساس جا نرالا منظر آهن." [100]

نياز همايوني سندس شاعريءَ ۾ ٻولي، اسلوب، فڪر ۽ فن جا نوان تجربا ڪيا آهن، جنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ سنڌوءَ جي رواني، ماکيءَ جو مٺاج، وڇ جا چمڪاٽ به ملن ٿا، ته بادلن جا ڏڏڪا، مهراڻ جي مستي، ترنگ، ۽ لئه به ملي ٿي.

هيٺ اسان سندس شاعريءَ جي هر صنف ۾ هيئت جي نواڻ ۽ تبديليءَ جو ذڪر ڪنداسين.

i. لوڪ گيت ۾ نيون هيئتون:

نياز همايوني لوڪ گيتن کي نئين انداز سان، نئين فڪر سان ۽ نئين هيئت سان لکيو آهي. ان کان سواءِ هن پنجابي لوڪ گيت ماهيا ۽ بالو ۽ بلوچي لوڪ طرز تي سنڌي جهونگارون پڻ لکيون آهن ۽ انهن ۾ گهاڙيٽي ۽ موضوع جي تبديلي سان بلڪل سنڌي رنگ ۽ روپ ڏيئي چڏيو اٿس. ڪافي لوڪ گيت هن جي پنهنجي ايجاد آهن، جيئن اوڙو، موئرو، تاسرڙو، جهونگار، ابتيون ريکان اپري ويون، الامان مٽي اگهاڙي وغيره. نياز جي لوڪ گيتن لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو:

"لوڪ رس نياز وٽ گهڻو آهي. هن ڪيترن لوڪ گيتن کي نوان ٻول ڏنا آهن. نياز جي ڪلام ۾ 'هنبوشي'، 'هو جمالو'، 'سنيهو'، 'چيٽو'، 'همرچو' ۽ 'لولي' پڙهندي جيڪو لطف اچي ٿو، تنهن جو اندازو اهو ماڻهو لڳائي سگهندو، جنهن کي هنن عوامي گيتن جي اهميت جي صحيح پروڙ هوندي." [101]

نياز جي لوڪ گيت جا ڪجهه مثال:

اوڙو:

اوڙو منهنجو نانءُ!، ڏُہرو ڏيل ته ڏاڍو ڏانءُ،

اوڙو منهنجو نانءُ!

مون کان ڏهڪي امالڪ اڏري،
جهنگ جي جهرڪي، سنگ تان ترڪي،
ڏورؤن ڏسندي منهنجي ڏاڏر،
مرگهه مرون پڻ پون ٿا چرڪي،
مون تي ڪُرڪي ڪير ۽ ڪانءُ،

اوڙو منهنجو نانءُ!

جهڙو منهنجو روپ، ادا ڙي!
ماڻهوءَ جو ٻهروپ تيئن ئي،
جهڙي موسم، تهڙو ماڻهو،
ٻڌو توءِ الوپ تيئن ئي،
ڦاٽل ڪپڑا، ڦاٽل هانءُ، اوڙو منهنجو نانءُ
اوڙو منهنجو نانءُ!
ڏُہرو ڏيل ته ڏاڍو ڏانءُ

اوڙو منهنجو نانءُ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 93 ۽ 94)

"اوڙو" گيت اڳ ۾ ڪنهن به ڪو نه لکيو آهي. هيءُ گيت نياز همايونيءَ جي پنهنجي ايجاد آهي.

جهونگار:

اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!
ڪوڏ ۽ ڪاوا، جُهلن ڪجاون تي جرڪن جنڪي،
لوڪ ٿو سمجهي سکيو ستابو وٽڪارن جان تن ڪي،
ٻاهر جا سپ ڏيل ٿي جاني اندر آهن آنجهي،
واڳ وسيلي پنڌ هڻن ٿا، باک ڦٽيءَ کان سانجهي،
اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!
اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!

(نئين زندگي مارچ 1956ع ص- 113)

هيءُ گيت به نياز جي پنهنجي ايجاد آهي.

سنڌي ماهيو:

ڪيا تيل ڦليل پرين،

هنيا چورن وانگي دل کي گليل پرين!

ڊگهي رات مناري کان،
لڳي اک نه الا پڇ قطب تاري کان!

سائو سرنهن جو وڻ ڊوليا،
چٽي آهيان گل جيان اچي مون کي کڻ ڊوليا!

کولي وار نه کل بالي!
ونگي ويندا ظالم ڪنهنجي دل بالي!

(روح رهاڻ، جولاءِ 1967. ص-7)

ماهيي کي نياز پنجابيءَ مان سنڌيءَ ۾ کڻي آيو آهي ۽ ان کي بلڪل سنڌي رنگ ڏنو اٿس ۽ اهو به اهڙي انداز سان، جو اهو بلڪل سنڌي شاعريءَ جو نمونو ٿو لڳي.

وائي:

نياز همايونيءَ جي واين جي هيئت ۽ موضوع ٻئي جداگانه ۽ جديد آهن، هن انهن تي تجربا ڪري، نئون روپ، نئون ردم ۽ نئين فڪري وسعت عطا ڪئي آهي.

نياز جي واين ۾ ڪلاسيڪي رنگ به آهي ته جديد ڍنگ به آهي. هن مختلف قالب جوڙي بيحد سُرائتيون وايون تخليق ڪيون آهن.

محمد صالح "عاجز" لکي ٿو: "نياز جو وايون به پنهنجو مٽ پاڻ آهن، خاص ڪري سندس وائي "انسان سِر الاهي" ته لاجواب آهي.[102]

نياز وايون ٿوريون لکيون آهن پر تمام سٽيون لکيون آهن. هيٺ سندس هڪ وائيءَ مان ڪجهه بند ملاحضه ڪريو.

انسان پنهنجي دنيا ڏس ڪيئن ته پاڻ ٺاهي،
انسان سِر الاهي!
هر شڪل ۾ هي پورو، هن جا به آهي چاهي!
انسان سِر الاهي!
بنجي ڪڏهن ٿو رهبر، کوٽي ڪڏهن ٿو ڪاهي،
انسان سِر الاهي!
هلچل ۾ هن جي فطرت، هرگز پٽي نه ساهي،
انسان سِر الاهيِ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 106)

دوهو:

نياز همايوني پنهنجي دوهي جي هيئت ۾ فني ۽ فڪري تجربا ڪري، ان کي جديد رنگ ۽ ترنگ ڏنو آهي. هن دوهن ۾ پنهنجن جذبن، احساسن ۽ خوابن سان گڏ سنڌ جي تهذيب، تمدن، سنڌ جي سورن ۽ محرومين کي به جاءِ ڏني آهي ۽ خوب جذبي سان اظهار ڪيو آهي.

نياز جي دوهن جي باري ۾ تاج جويو لکي ٿو: "سنڌيءَ ۾ آئون سمجهان ٿو شيخ ايار کان پوءِ وڌ ۾ وڌ دوها نياز همايونيءَ لکيا آهن. نياز جي دوهن جو ردم ۽ لئه پنهنجي آهي. سندس دوهن جي ٻولي روان آهي، جنهن ۾ مست نئين وارو وهڪرو به آهي، تشبيهن جي اٽت به آهي، ترڪيبن ۽ استعارن جي حسناڪي به آهي ته نون فقرن جي تخليق به آهي." (103)

نياز جي دوهن جا ڪجهه مثال:

مند ٽئي ٽي مست ته مور ۽ مرگهه اچن ٽا مستيءَ ۾،
پاڻ به ٽا تن وانگي تن من تار ڪريون المستيءَ ۾.

ڪڪر ڪنواڻن وانگ اپا ٽيا، ڪنوڻين رم جهم راس ڪئي،
جهڙ ڦڙ جذبا جوش ۾ آندا، انڊلڻ اڻ تڻ ناس ڪئي.

هي لُٽ ڦُر لاش جي آهن روز اسان جي پاڻ ۾،
اهڙين پارين ڪير گذاري سگهندو پنهنجن ماڻن ۾.

انڌ جي اوندهه مان ڪا هاڻ ته ساڃهه واري لاڻ ڪپي،
ساهه منجهي ٿو، ٻوساڻن مان نڪرڻ جي ڪا واڻ ڪپي.

(ٽماهي مهراڻ، 3- 1999ع : 9)

گيت:

نياز همايوني گيت نئين انداز، نئين ترنم ۽ لئه ۽ نئين گهاڙيٽي سان لکيا آهن. هن نه رڳو اصلوڪو رنگ برقرار رکيو آهي، پرموضوعن جي نواڻ، نج ۽ رسيلي ٻولي ۽ گهاڙيٽي جي تبديلين سان، نئون روپ ۽ نئين هيئت متعارف ڪرائي آهي.

نياز همايوني جي گيت لاءِ تاج جويو رائي ڏيندي لکي ٿو:

"نياز همايونيءَ جو گيت" "دل ٽي چاهي ويڻو گيت لکان" به گهاڙيٽي جي لحاظ کان سڻو تجربو آهي. کانئس اڳ ٻئي شاعران نموني گيت نه لکيو هو. جيتوڻيڪ

كانئس پوءِ ان ستاءَ تي خاڪي ۽ ڪن ٻين شاعرن گيت لکيا هئا. هن گيت جو هڪ بند آهي:

ڪٽڇي وانگر ڪنهن جي ڪارڻ، آڏيءَ آئي،
لاتيون لنوندي، سيڪجهه باهي۔
ويڻو گيت لکان!

هن بند ۾ "آڏيءَ آئي" واري اڌ سٽ ترنم ۾ اضافو ڪري ٿي ۽ گهاڙيٽي جي تجربي جي نشاندهي ڪري ٿي". [104]

نياز همايونيءَ جو هيٺيون مڌر گيت ڏسو، جنهن ۾ ڪيڏو نه ترنم آهي!

اوسيئڙا ٿا آس اورانگهين، تانگهه ٿي پويان پير ڪٽي:
آءٌ ٿي گهاريان چند ڇٽي!
واڳان پنهنجي وس ۾ ناهن، هيٽي ڪهڙي هام هٽي
سانول، جيڪا توکي وٽي!
ڌرڙ تي هٿڙا رکندي، تنهنجي واٽ تکيندي ورهيه ٽيام،
هانوَ کي آٽت ڏيندي، ٽڏڙا ساهه پريندي ورهيه ٽيام،
اُڏما ٿا ڪهرام مچائن، اٽٽڻ پيئي تند تٽي،
آءٌ ٿي گهاريان چند ڇٽي!
ياد آيا جئن پُر پَرايا، ٽيڙم سُور سَوايا، هوءِ،
من تي آئي مُونجهه ائين، ڇڻ سج تي بادل ڇايا، هوءِ،
اکڙيون لُڙڪ ائين ٽيون لاڙن، انبن جو جئن ٻُور ڇٽي،
آءٌ ٿي گهاريان چند ڇٽي!
وٽجارا، او وٽجارا، ٻيلي، گهايم تنهنجي گهاوَ گهٽي:
آءٌ ٿي گهاريان چند ڇٽي!
الهه ٽو ڇاٽي، منهنجي تو ٻِن ڪانه ٿي ڪائي ڳالهه بٽي:
سانول، جيڪا توکي وٽي!
(مهراڻ 2-1962. : 19)

وَهي پَتر ولَ جانءَ ڦلاري - پوپٽ وانگي نينهن آيو،
لُونءِ لونءِ پنهنجي ڪانڌاري ڇڻ ته ڳڙي سان مينهن آيو.

ويچارن جي وَهڪ هلي، ڪِٽس وٽي نه قرارن کي،

ڏڪي ٽي دل بيد جان، لهس اچي نه لغارن کي،
لوڪ لغو، پريت پچاري - پوپٽ وانگي نينهن آيو.

پيار جي منڙي هِيرگُهلي، ڪڙيون مرادن جو مُڪڙيون،
هيج وسايون وستيون، الا، مرڪيون ماڻڪ جان اڪڙيون،
وسئن ورونهن ٽي چوڏاري، پوپٽ وانگي نينهن آيو.
(ٽماهي مهراڻ - 4-1959ع : 23)

قطعا/ چؤسٽا:

نياز همايوني قطعا تمام ٽورا لکيا آهن، پر فن ۽ فڪر جي نون تجربن جي ڪري، انهن کي الڳ حيثيت ۽ اهميت آهي. سندس قطعا/ چئو ستا سندن ڇپيل ڪتابن "ڏرتيءَ جا گيت" ۽ دل ۽ "ڏرتيءَ جا گيت" ۾ شامل نه آهن.

نياز جا ڪجهه قطعا ملاحظه فرمايو:

تنهنجي مومل کان ويو راڻو رُسي، اي زندگي!
پرجي آئي دل، ويو دامن پُسي، اي زندگي!
شب ته آهي شمع ڪانهي ڪيئن اوندهه آئڙي،
ڪاڪ ساري ٽي ويئي آهي پُسي، اي زندگي!
(نئين زندگي جون 1968ع: 4)

گل جي پن تي جيئن ٽا ڪرٽا ناچ ڪرن،
تيئن ٽي منهنجي خيال تي ڪا شيءِ رقص ڪري،
پانيان ٽو تنهنجي چشم عنايت جي ياد آهي،
جنهن تي ٽي بيخود ذهن جي هر لئي رقص ڪري.
(ٽماهي مهراڻ 2- 1959ع: 41)

غزل:

نياز همايوني پنهنجي غزل جي ابتدائي دور ۾ اهو ئي فارسي ۽ اردوءَ وارو روايتي موضوع ۽ روايتي ستاءُ رکيو، پر پوءِ هن ان ۾ موضوع ۽ هيئت ۾ تبديلي آڻي ان کي سنڌي سماج جي تهذيب، تمدن ۽ ڏرتي جي وارتائن جو ترجمان بڻايو ۽ ان سان گڏ حقيقي زندگيءَ جي سکن ۽ ڏکن، اهنجن ۽ اذيتن، سماجي المين، داخلي ڪيفيتن ۽

خارجي مظهرن جا اهڙا بي شمار رنگ پريا آهن، جن ۾ بي پناهه تخليقي گهرائي، فني دلڪشي ۽ ڪمال جي فطري خوبصورتي آهي.

تاج جويو لکي ٿو: "سندس غزلن جو اپياس ٻڌائي ٿو ته هن وٽ تغزل غضب جو آهي ۽ سندس غزلن ۾، غزل جا سمورا لوازمات موجود آهن." (105)

سندس ڪجهه غزل هيٺ ڏجن ٿا:

مون کي زندگيءَ جي خاطر، توسان پيار ڪرڻو آهي،
اهو پيار موت ٿي پيو، ته به ماتِ ٿيڻو آهي.

تون سوال زندگيءَ جو، تون جواب هر خوشي جو،
تنهنجي مِهر جنهن جي قسمت، اهو ڪين مرڻو آهي.

تنهنجي مرڪ ساڻ مڪڙيون، ٿيون ٽڻن چمن ۾،
تنهنجي قرب سان ئي قائم، سڄو رنگ رهڻو آهي.

مون کي زخم زندگي جا، مان روئان ٿو رت جا ڳوڙها،
اجا گهاءُ ڏي زمانا! اجا اهنج سهڻو آهي.
(مهراڻ، 3- 1988ع: 2)

او راڄي او ويراڄي! اٺ ڳاءِ! اهو ڳڙ وارو راڳ!
جنهن سان جاڳي روح جو راڻو، ڪاڪ رَسي ڪوهيارو راڳ!

آءُ ته چارڻ، چاتر وانگي، اپ ۾ اڏري جُهڙ جهاڳيون،
هيناهين ۾ مير مڙيوئي، گدلو ٿيندو سارو راڳ!

ڪنهن جي واجهه ۽ باجهه نه گهرجي، پنهنجي ٽُرهي ترڻو آهي،

پاڻهي تار مان تاريندو هي پنهنجو ساهه سگهارو راڳ.

هيل ”نياز“ نه مينهن ونا، نڪي پنهنجي پاسي ماڪ پئي،
جيڪس سورن سانت هئي يا ڪين هيو سونهارو راڳ!
(مهراڻ 2- 1968ع : 42)

آدميت جو حُسن

آدميت جو حُسن جي بشر ۾ سُجهي
خوش رهي جو به شخص ان اثر ۾ سجهي.

شوق انسان دوستيءَ جو دل ۾ هجي،
پوءِ کا دشمني نڏي نظر ۾ سُجهي.

ابن آدم کان وَنڻُ وجي ٽو اڇ ابليس،
رمز ٽي کا انهيءَ اُپي چکر ۾ سُجهي.

عشق ڪرڻو اٽئي ته بس وطن سان ڪر!
هر سچائي ٽي اُن ڪري خبر ۾ سُجهي

صبح جي خوش خبر جي روز آس ڪندي،
شام جو ڏُنڌ ٽو سدا سحر ۾ سُجهي.

هت ته کوڙيءَ کي ئي گهمري آهي دوست،
هڪ به داڻو ٽو ڪونه ڪنهن ٽٻر ۾ سُجهي!

ڪوڙ تي جشن خوب ٽا ملهايا وڃن،
لڇ ٽي ڪانه ڪنهن بني بشر ۾ سُجهي!

تون اسان جو نياز، ناز پي تون ئي،
تو جيهي چيز ڪانه ڪنهن وڇر ۾ سُجهي.

(ماهوار سوجهرو، مارچ 1999ع: 12)

نظم:

نياز همايوني نظم جي هيئت ۾ تبديليون آڻي، ان کي جديد رنگ ڏنو آهي. هن نظم ۾ موضوع، ستاءُ ۽ خيال جي وحدت کي انوکي انفراديت بخشي آهي. ان ڪري ئي نياز کي نظم جو بادشاهه سڏيو وجي ٿو. نياز اڪثر مثنوي (بن ستن وارو)، مثلث ٽن ستن وارو) ۽ مربع (چئن ستن وارو) جي هيئت سان نظم لکيا آهن. ننڍن توڙي طويل نظمن ۾ اهي ئي ٽي هيئتون استعمال ڪيل آهن، پر بحر ۽ وزن ۾ تبديلون آڻي، انهن کي خوبصورت ۽ سُرائتو بنايو اٽس. سندس ننڍن نظمن مان ڪجهه اوهان جي نظر ڪجن ٽا.

دنيا جا دک ٻيڻا ٽيا، دل دل ساڻي سورن ۾،
چارڻ اهڙو چنگ چور! جو بڻجي پوي پنارو پورن ۾.

آس هئي ڪو سانوڻ ايندو، ملندا سڪ سرهائي سان،
ايئن امالڪ سرءُ اچي ويئي، جهوريو جنهن ارهائي سان.

ڪنهن ٽي جاتو، اهڙا پي ڪي وارا ڏارا ٽي پوندا،
سڪ جا سپنا لهندي لهندي، سور سگهارا ٽي پوندا.
اگهاڙا جي اگڻ ۾ آيا، پاڻ انهن جا قوت مڙيئي،
پنهنجائي پرڪار اسان کي، بچي چڏين ٿا پوت مڙيئي.
(مهراڻ، 4- 1987ع: 3)

آريا ڏاريا ڏوڙ مڙيئي، ڏرتيءَ جو دراوڙ جاڳيو آهي،
سنڌو ديش! اسان تو ڪارڻ وقت ورائي واڳيو آهي،
ساڳيو ويل وهي ٿو جيئن جيئن، ويڑ ته تيئن تيئن ساڳيو
آهي،
جيئي سنڌو
ديش!
جيئي سنڌو
ديش!
سنڌو توکي سانڍ هوندي، قسمت ڪيئن ٽي ڇير ڪيا،
اندوهن انڌير تڏهن پي، اسان نه پويان پير ڪيا،
جيئي سنڌو ديش!
جيئي سنڌو ديش!
(اڳتي قدم ، جولاءِ آگسٽ 1975ع : 6)

جي نوجوان حسرتون کنيين جيان ڪِڙن پيون،
جي نوبهار الفتون، گلن جيان ٽڙن پيون،
جي يادگار ساعتون پکين جيان مِڙن پيون،
انهن کان روح ڪن پلا ڇو احتراز ساٿيو!
او دلنواز دوستو، اوجانباز ساٿيو!
اچو ته
ڪو بلو ڪريون!
بلند
حوصلو ڪريون!
جيئون جيئن جهان ۾، ٽي سرفراز ساٿيو!
اچو ته ان سماج کي، جلايون دل جي باهه
سان،

جلي جو نه سگهيو آهه جو ستم رسين جي آهه سان،
ٽڪي پياسين هو الا، سهيڙي سور ساهه سان،
هلو ته ڪا هلان ڪريون، ٽي بي نياز ساٿيو!
او دلنواز دوستو، اوجانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون!
بلند حوصلو ڪريون!
جيئون جيئن جهان ۾، ٽي سرفراز ساٿيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 236 ۽ 237)

طويل نظم:

نياز همايونيءَ جا طويل نظم، سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جا چٽا اهڃاڻ آهن. نياز همايوني طويل نظم مثلث ۽ مربع هيئت ۾ لکيا آهن، پر اڪثر نظم مثلث جي هيئت ۾ اٽس. نياز جي طويل نظمن جا ڪجهه بند ۽ تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

"پرهه جي مڪڙي" طويل نظم، جنهن جا ٽيهه بند آهن، جيڪو ماهوار نئين زندگي اپريل 1963ع ۾ شايع ٿيو، اهو نهايت شاندار نظم آهي. ان نظم ۾ معاشري جي بدڪردارن کي وائکو ڪيو ويو آهي، هن طويل نظم کي مثلث هيئت ۾ لکيو ويو آهي ۽ بحر اثلم مثمن محذوب تي آڌاريل آهي. جنهن جو وزن "فعلن" آهي. هڪ مصرع کي مثمن طور آندو آهي." (106)

"پره جي مڪڙي" مجموعي "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ۾ شامل ڪونهي.

بالي هڪ ڳوٺاڻي چوري!، چوري اهڙي سهڻي هئي،
جنهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جڏ سُندربن جي هرڻي هئي،
مرڪ ۾ مومل، لوڏ ۾ ليلان، سونهن ۾ سچ پچ سهڻي هئي.

ديواني گجگوڙ ڪري چيو، بالي سا معصوم آهي،
جنهن جي انگ ڏسڻ کان هر ابليس اجا محروم آهي،
حق ته هي سزا راجا کي ڏيو جنهنجو اندر شوم آهي.

(نئين زندگي، اپريل 1963ع : 35 ۽ 37)

نياز جو ٻيو طويل نظم "مڪلي منهنجي جيجل مڪلي" قابل ذڪر آهي، جيڪو 78 بندن تي مشتمل آهي ۽ ٽماهي مهراڻ، 1-1963ع ۾ "نئون هنگلاج" جي عنوان سان ڇپيل آهي.

"هي طويل نظم بحر اثلم شانزده محذوف تي آڌاريل آهي، جنهن جو وزن "فعلن" آهي. هڪ مصرع ۾ ڇئن بجاءِ 8 (مثمن) محذوف ڪري رکيو ويو آهي، يعني مقرر وزن کي ٻيٽو ڪري رکيو ويو آهي. طويل بحر جوڙي هڪ نئون طريقو ايجاد ڪيو ويو آهي. منهنجي تحقيق موجب، انهي تجربي ۾ نياز اڪيلو شاعر آهي.[107]

مڪلي! منهنجي جيجل مڪلي، تو ۾ مون هنگلاج ڏٺو،
محل ڏٺو مون تخت بنا ۽ تاج بنا سرتاج ڏٺو،
آيل! تنهنجي قسمت ۾ مون تاوڻ ۽ تاراج ڏٺو.

الا اوسنڌڙي! تنهنجا سورهيه ويڳاڻا ٽي منجهي پيا،
سڌڙين تنهنجو ساٽ لٽايو هاڙهين جا هڏ ٽٽي پيا،
چند جيان تو گهاءَ پرايا، تارن جا ڇهه ڇڄي پيا.

گهڙي سندي گهڙيال ٽي جاڻي گلزاريون ڪيون لک الا!
هيج ڪري هُل وڌا ٽي سپ ڪي ٻارن وانگي ٻک الا!
ڪن پل ۾ ات ڏسڻ ۾ آيا ڪاريءَ وارا ڪک الا!
مڪلي! منهنجي جيجل مڪلي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 341 ۽ 352)

نياز جو طويل نظم "پرهه ڦٽيءَ کان پوءِ" جنهن ۾ 115 بند آهن ۽ اهو "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ۾ شامل آهي، هي نظم به مثلث هيئت ۾ آهي.

"هن نظم کي بحراثلم شانزده (سورنهن) سالم ۽ وزن "فعلن" تي آڌاريو ويو آهي، جنهن جو وزن هر مصرع ۾ ٻيٽو ڪري رکيو ويو آهي، جنهن ۾ نياز جو نئون تجربو معلوم ٿئي ٿو." [108]

نياز جو هي نظم ون يونٽ تي لکيل آهي. ان نظم جا ٻه بند ڏجن ٿا:

آکاٽي ٻڌا! مور ۽ هرڻ جي سولي منهنجي آکاٽي،
منهنجي ملڪ جا ننڍڙا وڏڙا ماڻهو، پنهنجي آکاٽي،
راتين جو رولاڪ رَهي ٿو، ڳايان تنهنجي آکاٽي.

جنهن پي قوم نه بدلائي آ پنهنجي قسمت حڪمت سان،
قدرت پي نه انهي ۾ آندو آهي ڦيرو قدرت سان،
ناهه حياتي ڪجهه پي ليڪن آهي سعي ۽ همت سان.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 363 ۽ 381)

طويل نظم "ساڻيهه جي ساک" 1977ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ 391 بند آهن ۽

مثلث جي هيئت ۾ لکيل آهي. ”هن نظم جا بند بحر اثلم شانزدهه محذوف ٿي آڏاريا ويا آهن. جنهن جو وزن ”فعلن“ آهي.“ [109]
ٻه بند ملاحظه فرمايو:

تنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو انبلٽ وارا انگ ڪڍي،
منهنجي ريت پريت تڏهن ٿي رمز پريا ڪي رنگ ڪڍي،
سپني توڙي ساڀيا ۾ پئي وندر تنهنجي ونگ ڪڍي.

ساراهي تاريخ ٿي اڇ پي، دودي سان گڏ ننگر ڪي،
جن جي غيرت غيرن آڏو، ڪين جهڪايو پونگر ڪي،
ڦٽڪارن سان ياد ڪري ٿي، هاڻ به سنڌ چنيسر ڪي.

(ڏل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 403 ۽ 471)

ان کان سواءِ نياز جا ٻيا به شاندار طويل نظم آهن، جيڪي مثلث هيئت ۾ آهن، هيٺ انهن جا عنوان ڏجن ٿا:
”ڏرتي جي دل ڏڙڪي ٿي“، ”سنڌ جا ميلا“، ”عظيم استاد، عظيم انسان لينن“.
نياز همايوني طويل نظم ”هاءِ جيجل مارئي“ مسدس هيئت ۾ لکيو آهي.
نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ عام ۽ عوامي ٻولي استعمال ٿيل آهي جيڪا پنهنجو پورو ۽ پرپور اثر ڏيکاري ٿي، سندس شاعريءَ ۾ موسيقي، نغمگي، ترنم ۽ مٺاس آهي، جيڪا ذهن تي سحر طاري ڪريو ڇڏي، سندس شاعري روايت ۽ جدت جي حسين ميلاپ جو سنگم آهي.
نياز جي شاعريءَ ۾ فني سونهن پنهنجي پرپور انداز سان اظهاريل آهي. هن نه صرف خوبصورت تشبيهون، تلميحون، تجنيسون، استعارا، اشارا ۽ ڪنايا ڪتب آندا آهن. بلڪ هن شاعريءَ جون قديم توڙي جديد صنعتون، جهڙوڪ ”وراڻ“، اندروني قافيو ”زورائتو اچار“ وغيره پڻ انتهائي اعليٰ انداز سان استعمال ڪيون آهن.
نياز شاعريءَ ۾ نوان هيئتي تجربا ڪري، ان ۾ فني سونهن، نغمگي ۽ تاثريت پيدا ڪئي آهي، جيڪو نياز همايونيءَ جو ئي ڪمال آهي.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ فنِ جماليات

حُسن سان انسان جو لاڳاپو ايترو ئي اوائلي ۽ پراڻو آهي، جيترو خود هيءَ دنيا قديم آهي. انسان هن دنيا ۾ اک کولينديِ ئي پاڻ کي قدرت جي آغوش ۾ ڏٺو. سج جي روشني، چند جي چانڊوڪي، ستارن جي جهرمر، آڪاش جي نيراڻ، سرمئي بادل، وڻ ٽڻ، گل، ٻوٽا، جهنگل، پهاڙ، آبشار، نديون، سمنڊ، صحرا، پکين جا ٻول، سانت جي سندرتا، ماءُ جي ممتا، پيءُ جو پيار، موهيندڙ مُرڪون، انسانن جون سهڻيون صورتون، تندرست ۽ توانا جسم، سرسبز فصل ۽ فطرت جا ٻيا انيڪ موهيندڙ منظر ۽ مظهر ازل کان هُن جا رفيق رهيا آهن، ان ڪري حسن لاءِ انسان جي دل ۾ ڪشش سڀاويڪ ۽ فطري آهي.

انسان جي هڪ دنيا، هي عَالمُ آهي ۽ ٻي دنيا، دل جي دنيا آهي. هن کي انهن ٻنهي دنيائن ۾ رهڻو پوي ٿو. هو نه ته داخلي دنيا مان ٻاهر نڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي خارجي دنيا کي چڏي، زندهه رهي سگهي ٿو. جڏهن هي ٻئي جهان هن دنيا جا آهن ۽ هو انهن ۾ رهڻ تي مجبور آهي، ته پوءِ جمالياتي تقاضائن جي تشفي لاءِ هن کي انهن ٻنهي جهانن کي حسين بڻائڻو پوي ٿو.

انسان ازل کان نه فقط پنهنجي وجود جي بقا لاءِ جاکوڙيو آهي، پر هو پنهنجي سهڻي ڏيک ويک ۽ ماحول کي حسين بنائڻ لاءِ پڻ ڪوشان رهيو آهي، ڊاڪٽر نصير احمد ناصر چواڻي، "زندگي اصلاً حُسن ۽ طبعاً حُسن پسند آهي... زندگيءَ کي حسن جي آرزو رهي ٿي ۽ حُسن متحرڪ ۽ ارتقائي ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري ان کي خوب کان خوب ترجي طلب ۽ جستجو رهي آهي."[110]

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي 'تحقيق لغات سنڌي' ۾، سونهن ۽ سندرتا جي لفظن جي لغوي ۽ اشتقاقي چنڊچاڻ هن طرح ڪئي آهي: "سونهن (پرا، سوهم، سن، شوپن- سپ =چمڪڻ) خوبصورتي، جهلڪ. سُندرَ، سُ =چڱي طرح سان ،+در =عزت ڏيڻ) خوبصورت." [111]

انگريزي زبان ۾ مروج لفظ (Beauty) جيڪو پڻ حُسن ۽ جمال جي معنيٰ ۽ مفهورم طور استعمال ٿئي ٿو، تنهن لاءِ آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ هن ريت لکيل آهي.

"Beauty (noun) The quality of being pleasing to the sense or to the mind."[112]

يعني: اهڙو گڻ، جيڪو ذهن يا حواسن کي خوش ڪري، اهو حُسن آهي.

آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ جي 1990ع واري ڇاپي ۾ ان لفظ جي وضاحت هيئن ٿيل آهي:

"Beauty-n (pl:ies) A combination of qualities such as shape, colour etc, that please the aesthetic senses, the sight, the intellect or moral sense."[113]

(حُسن: صورت، رنگ ۽ ٻين خوبين جو مجموعو آهي، جيڪو ديد، دانش ۽ اخلاقي حساب سان جمالياتي سرهائي عطا ڪري ٿو.)

جماليات جي وصف

"روايتي طور تي جماليات کي فلسفي جي هڪ شاخ سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ حُسن ۽ جمال جي ماهيت، اسلوب، قدرن ۽ معيارن تي بحث ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو تعلق شين جي جمالياتي جانچ پرک ۽ نظريا سازي سان آهي." [114]

سيد علي رضوي پنهنجي ڪتاب "جماليات ايک مطالعه" ۾ لکي ٿو، "جماليات فلسفي جي هڪ شاخ آهي، جيڪا فن جي حُسن ۽ فنِ تنقيد جي قدرن ۽ معيارن تي بحث ڪري ٿي. پراڻي زماني ۾ جماليات جي معنيٰ اهڙو علم هو، جيڪو حُسن ۽ جمال جي هيئيت سان واسطو رکندڙ مجرد تصورن تي بحث ڪندو هو. جديد فلسفي موجب جماليات، اها سائنس آهي، جيڪا تخليقي ۽ حُسن جي تجربن جي قدرن ۽ معيارن تي

بحث ڪري ٿي. اها نوعيت ۽ عمل جي اعتبار کان منطق ۽ نفسيات کان مختلف آهي.“ (115)

جماليات جو دائرو تمام وسيع ۽ ڦهيل آهي، هن خلا جنهن ۾ اسين رهون ٿا ۽ جيڪي لقاءَ اسين ڏسون پسون ٿا ۽ ان جي وچ ۾ موجود جيڪي طبعي شيون پيدا ٿيل آهن، تن ۾ فطرتي طور هڪ ازلي حسناڪي ۽ جمال موجود آهي. ڊاڪٽر قادر بخش مگسي لکي ٿو:

”هر سهڻي شيءِ پنهنجي خالق جي سڃاڻپ ڪرائي ٿي، جيئن انسان جي تخليق مان سندس خالق جو پرتوو پوي ٿو، تيئن شاعري ۾ به ٿيندو آهي ته شاعريءَ مان سندس ڪلاڪار جي خوبي نڪري نروار ٿئي ٿي. اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ جلال ڪٿي پهريون ۽ نمائندو شاعر آهي، جنهن جا بيت جماليت جي علامت آهن، جماليات جو سپ ڪان سهڻو ۽ پيارو نقش شاهه عنايت رضوي، شاهه لطيف پٽائي، سچل، خليفو نبي بخش لغاري، فقير محمد صديق (صادق) سومرو جي شاعريءَ ۾ نمايان نظر اچي ٿو. لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات بنيادي خوبي طور سمايل آهي، پر پين ڪلاسيڪل شاعرن وٽ به اهڙو وکر جا بجا موجود آهي. خليفو نبي بخش چوي ٿو:

رنگ ڳوڑهو رخسار، سَرَوَ قدارا سپرين،
جانب جلويدار، سو سي سورج جهپيا.“ (116)
(خليفو: ڪنپات 1-6)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ جمالياتي فن

هر ٻئي شاعر وانگر نياز همايونيءَ جو جمالياتي اظهار پنهنجو ۽ منفرد آهي، جنهن کي بيان ڪرڻ جا طور طريقا گهڻو نرالا آهن. هڪ جاءِ تي چوي ٿو:

ٽانڊاڻي جان ٽيڙو ٽمڪيا، ڪڙيا ڪٽهار الا!
هاڻ ته ڪر ڪا مهر مُٺي ٽي، پر ڏيهي پنهوار الا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 105)

نياز همايوني پنهنجي دؤر ۾ جدت طراز، اظهار ۽ احساس جي جماليات جو نرمل ۽ نرالو تخليقڪار رهيو آهي. هن جي شاعري ڪنهن به دؤر جي دقيانوسي فڪر جي داعي نه رهي آهي. ائين ٿو لڳي جڙ نياز پنهنجيون اکيون ڏرتي، شاعري ۽ فطرت لاءِ کوليونءَ ۽ زندگي ۾ سندس نيٽ ان جي خوابن جون تعبيرون تلاش ڪندا رهيا ۽ ڪڏهن به نه ٽڪا آهن. هو جهد مسلسل جي علامت آهي، هن حُسن ۽ فطرت کي فڪري ڪئنواس تي نقش ڪيو آهي. هن جي شاعريءَ کي صرف غم جانان ئي نه پر غم دؤران، فطرت، زندگي، ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين انيڪ صداقتن ۽ حُسناڪين اتاهون ۽ متاثر ڪيو آهي. جيئن جهڙيالي گيت ۾ چوي ٿو ته منهنجي دل جا مالڪ! تو بهارن کي

به مست ڪري ڇڏيو آهي. وري ائين به چوي ٿو ته ههڙي مست موسم ۾ توکان سواءِ نه اک ٿي لڳي ۽ نه ڪٿي دل ٿي لڳي تنهنجي ئي پورن ۾ رات تڙپي گذاري اٿم. هن گيت پنهنجي دؤر ۾ ڏاڍي مقبوليت ماڻي.

جُهڙياليِ

هو جُهڙياليِ، هي جهڙياليِ؛ ها جهڙياليِ
ڙي....
اک جهڙياليِ، دل جهڙياليِ، ڪا جهڙياليِ
ڙي.....
هو.....هو.....هو..... جهڙياليِ!
زندگيءَ جي ديس ۾ چپر نه ڪوئي
چانورو،
روهه رلي اُس ۾، اسان عمر جالي ڙي.
هو جهڙياليِ ....
آس اکين ۾ رکي، رلون ٿا تنهنجي رمز ۾،
پيچ ڪائي بوندڙي، جهول آهه خالي ڙي..
هو جهڙياليِ .....
تون نه آئين هير ٿي ته اک لڳي نه دل
لڳي،
پور جهلي پاند، ڪيم رات پالي ڙي...
هو جهڙياليِ.....
درد دل درياهه ڪئي ته، سرحدن جي
سرت وئي،
لوڪ لَکا چاهه، اسان لاابالي ڙي.....!
هو جهڙياليِ.....
اک جهڙياليِ، دل جهڙياليِ، ڪا جهڙياليِ
ڙي!
هو جهڙياليِ هي جهڙياليِ، ها جهڙياليِ
ڙي...!
هو.....هو.....هو..... جهڙياليِ!
(روح رهاڻ مئي 1965ع ص 12)

او راڳي او ويراڳي (غزل)

نياز پنهنجي شاعريءَ جي هنن سٽن ۾ ڪهڙي نه لفظن جي سندرتا پري چڏي آهي! پنهنجي پيار جي ڳالهه ڪهڙي ته ڪاريگريءَ سان ڪئي آهي ۽ سهڻا الفاظ پيش ڪيا آهن ڪاڪ، ڪوهيارو سپ هن جي غزل جو حصو آهن، منهنجي ڏرتي منهنجو گلشن آهي، آئون ڳايان ٿو ڳائيندو رهندس وري، وري هن ڏرتيءَ جو راڳ ڳائيندس پيو. ڪينجهر ڪپ تي تيئن تماچي ڳايو هيو هي منڙو راڳ. تنهنجي ياد آئي ٿي ته مون ڳايو هو سهڻو راڳ، تون ضرور سمجهي ويندين، منهنجو هي خوبصورت راڳ.

او راڳي! او ويراڳي! اُٽ ڳاءِ! اُهو ڳُڻ وارو راڳ،
جنهن سان جاڳي روح جو راڻو، ڪاڪَ رَسي ڪوهيارو
راڳ!
منهنجي ڏرتي منهنجو گلشن، ’ڏرتيءَ جا گُل منهنجا
گيت‘
آءٌ ٿو ڳايان، ڳائيندس پيو جنم جنم هي پيارو راڳ!
جيسين باک بهاري ناهي، جيسين صبح سُوايو ناهه،
تيسين ڪٽچي ڳائيندي پئي، ڳائيندي ڪيڏارو راڳ!
تنهنجي سُرت سُريلي مون کي نُوريءَ وانگ نهال
ڪيو،
ڪينجهر ڪپ تي جڻ ته تماچيءَ جهونگاريو ريڀارو
راڳ!
منهنجا گيت رُکاڻ پريل هئا، تنهنجي سور سواد ڏنو،
تنهنجي سار جو آئي ٿي پيو ماکيءَ جو مانارو راڳ!
جوڳيءَ ويس ۾ جندڙي پنهنجي تولئه ٿي سنياس
ڪري،
نيٺ ته سمجهي ويندين، سائين! منهنجو هي موچارو
راڳ!
(مهراڻ، 1-2، 1969ع: 501)

ڪنهن جي ڪِلڻ سان مڪڙي ڪِڙي، ۽ ڪنهن جي روئڻ
سان ماڪ پئي،
دنيا ۾ ايئن باغ بهاريا، ايئن ويراني وسجي وئي،
ڪنول جي پن تي پاڻي ٿو جئن چانديءَ جو ڏيکاءٌ ڏئي،
تنهنجي سونهن سان منهنجو نينهن ٿو اهڙيءَ ريت
نهال ٿئي.
(مهراڻ -2، 1959ع:02)

نياز پنهنجي شاعريءَ ۾ جذبن جو اظهار خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي. نياز جي عمر جو ڪو به حصو محبت ۽ پيار کان خالي نه رهيو محبت کي زندگيءَ لاءِ تمام ضروري سمجهيو اٿس چوي ٿو ڪنهن جي ڪلڻ سان دنيا آباد آهي ۽ مڪڙيون ٽڙيو پون ۽ ڪنهن جي روئڻ سان دنيا دکي ٿيو پوي!" نياز جي محبوب هڪ عام عورت آهي جيڪا سونهن ۽ سوڀيا ۾ ته سڀ کان سرس آهي پر ڪنهن ٻئي ستاري جي مخلوق نڻي لڳي ان ڪري نياز همايوني ان لاءِ عام فهم ۽ نيون تشبيهون استعمال ڪيون آهن. هن جي حسناڪيءَ ۾ اهڙي قوت آهي، جو سندس پيار مڪمل ٿيو وڃي.

تون سوال زندگيءَ جو، تون جواب هر خوشيءَ جو،
تنهنجي مِهر جنهن جي قسمت، اهو ڪين مرڻو آهي.

تنهنجي مرڪ سان مڪڙيون، ٿيون ٽِڙن چمن چمن ۾،
تنهنجي قرب سان ئي قائم، سڃو رنگ رهڻو آهي.
(مهراڻ -3 ، 1988ع : 02)

نياز همايوني پنهنجي اندر جو احوال هنن سڀن ۾ ڪهڙي حسناڪيءَ سان ڪيو آهي! چوي ٿو منهنجا محبوب تون منهنجي زندگيءَ جو حصو آهين ۽ تون ئي منهنجي زندگيءَ جي خوشيءَ جو راز آهين، تو مون تي پلائي ڪري منهنجي قسمت ئي بدلائي چڏي آهي. تنهنجي مرڪ ساڻ ئي بهار آهي، تنهنجو پيار ئي منهنجي زندگي آهي.

پکين وٽن ۾ جهرمر لاتي، ٽاريون ٽندري جهڪڻ لڳيون،
هيج ڏسي هيئن حيوانن ۾ پنهنجون اکيون پنڻ لڳيون.
(ٽماهي مهراڻ 3-1999ع: 9)

نياز همايوني هنن سڀن ۾ ڪهڙي نه قابليت سان جماليت پيدا ڪئي آهي، پکين جي آوازن جو به پنهنجو مزو آهي، ان کي ڪيئن نه ڏنو اٿس وٽن جو لُڏڻ ۽ وٽن تي چڑهڻ، پکين جو ۽ پاڻ ۾ پيار سان رهڻ، اهڙو پيار ڏسي انسان جون اکيون به آليون ٿيو پون ڇو ته اهو محسوس ٿئي ٿو ته پکين ۾ ايڏو پيار آهي ۽ اسان انسانن ۾ ڪونهي!

هُن جي شاعريءَ جو مزاج ۽ لهجو سادو، سليس، نرم، ۽ نرمل آهي. هن جو شاعراڻو احساس ۽ ادراڪ قدرتي سونهن ۽ انساني سندرتا سان ٽمٽار آهي.

نياز همايونيءَ جي شاعري گهري احساس ۽ وسيع شاعراڻي ادراڪ جو مظهر آهي. هن جي شاعري رواني، رنگيني، سلاست، جدت، نغمگي ۽ سونهن جو وٽندڙ ميلاپ آهي. هو لفظن کان رنگن جو ڪم به وٺي ٿو ته عڪس ۽ احساسن جو به. هو سچ پچ جمالياتي عڪسي شاعريءَ ۾ پنهنجي نوع جو اهڙو يڪتا ڪلاڪار آهي، جنهن جي هر لفظ کي پنهنجي زبان، پنهنجو تاثر ۽ پنهنجو احساس آهي، هيئين سڀن جي هيءَ موهيندڙ تصوير ڏسو!

وَهي پٽر ول جانءَ ڦُلاري-پوپٽ وانگر نينهن آيو.
لُونءَ لونءَ پنهنجي ڪانڌاري-ڄڻ ته ڳڙي سان مينهن آيو.

ٽانڌاٽي جان آس، الاءِ چمڪي دل جي وهڻ ۾،
اُڏمن اڻ تڻ لائي، هوءَ باهه لڳي ڄڻ باهڻ ۾،
ڪيئن ڪري اڃاڻ ويچاري، پوپٽ وانگي نينهن آيو!

پياري منڙي هير گهلي، ڪڙيون مرادن جون مُڪڙيون،
هيج وسايون وستيون الا، مُرڪيون ماڻڪ جان اڪڙيون،
وسئين ورونهن ٽي چوڏاري-پوپٽ وانگي نينهن آيو.

(مهراڻ،4 -1959ع ص: 23)

هيءُ نظم ڏسو!

<u>آس هئي ڪو سانوڻ ايندو</u>

دنيا جا دک ٻيڻا ٽيڻا، دل دل ساڻي سورن ۾،
چارڻ! اهڙو چنگ چور! جو بڌجي پوي پنارو پورن ۾.

تنهنجو سڏ پڙاڏو سانول! اوندهه ۾ ٽو اُهاءُ ڪري،
تنهنجي مرُڪ جو منتر ٽو هر ارچن لاءِ اُپاءُ ڪري.

مانيڻا دريا دلين جا، ڇُوهڻُ نه ڪوئي ڄاتين ۾،
آڏيءَ مانجهيءَ مُونجهه اُهائي، ڪير نه ڏينهن راتين ۾.

آس هئي ڪو سانوڻ ايندو، ملندا سُک سرهائيءَ سان،
ائين اُمالڪ سرءُ اچي وئي، جهوريو جنهن ارهائيءَ سان.

ڪنهن ٽي ڄاتو، اهڙا پي ڪي وارا ڏارا ٽي پوندا،
سڪ جا سپنا لهندي لهندي، سور سگهارا ٽي پوندا.

دنيا جي دل پٽر آهه ته درد به ساڻي ٽي سگهندو،
لڙڪ جي لڙندا رهيا ته اوڙڪ، پاهڻ پاڻي ٽي سگهندو.

آجل اچي ته به آون اُتاهين، سنجري سڪ سياپي جي،
مرندي جيو جي اڪڙين مان جئن، اُپري آس جياپي جي.

ڪڪرن مان جئن ڪنوڻ اُپامي، ڏهڪائي ٿي ڏاگهن
ڪي،
اڇ ته نياز همايوني! تئن ويڑ لڪايون واڇن ڪي.
(مهراڻ .4-1987ع: 3)

هن نظم ۾ نياز درد جو دريا‌هه اٿلي چڙيو آهي. هو چوي ٿو: ”اڪ اڪ آلي آهي، دل دل سورن ساڻي ڪري چڏي آهي، ڪوبه رهائيءَ جو رستو نٿو ملي، ڪوبه سرهائيءَ جو سڄ ڪونه ٿو اپري. سانوڻ جي آس ڪري سرهائيءَ جو رستو ڳوليوسين پر سرءُ ئي پلئه پيو، ارهائي ئي نصيب ٿي. سڪ جا سپنا لهندي لهندي سورئي سگهارا ٿي پيا!“ پر نياز جياپي جي آس ڪونه ٿو چڏي ۽ انهن حالتن کي بدلائي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. هو چوي ٿو ته اسان جي ئي پرڪارن جي ڪري اهي درد پريون حالتون پيدا ٿيون آهن، پر هاڻي اسان کي ئي انهن دردن جو درمان ٿيڻو آهي. هن نظم ۾ ڪيڏو نه درد جو جمال سمايل آهي!

هيءُ گيت ڏسو!

سڃڻڌ جنهنجي سانت سان وسي رسي ٿي ساهه
۾
۽ رنگ جنهنجا پانت پانت رَم ڪرن ٿا چاهه ۾،
سو گل ڪوئي پٽڻ تي آهه متان آوير ٿي وڃي،
هلو جو دل ٽٽڻ تي آهه متان آوير ٿي وڃي.

قسم اٿئي ملهار جو او آسمان ترسجانءِ!
پڇڻ ڏجانءِ اسان کي اُت اڇي نه سڄ کي
لاهجانءِ!
بهار جت اڇڻ تي آهه متان آوير ٿي وڃي،
هلو! جو دل ٽٽڻ تي آهه متان آوير ٿي وڃي.
(نئين زندگي جولاءِ 1964ع : 43)

نياز همايوني گيت ”متان اوير ٿي وڃي“ ۾ خوبصورت جمالياتي رنگ پريا آهن، جن جي پڙهڻ سان دل جون دريون کلي وڃن ٿيون ۽ بهار جي گلن جي هڪار سان من واسجيو وڃي. هو همت ۽ حوصلو ڏيارينڙ جملن سان گڏ، جوان جذبن جو اظهار به ارپي ٿو. هو سهاڻي صبح جا خواب به ڏيکاري ٿو ۽ سهاڻي صبح جي لاءِ تياري ڪرڻ جي ڳالهه به ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته سستي معنيٰ نيستي ۽ جنهن دير ڪئي، سو دير ٿي ويندو. هو بهار جي اڇڻ جي نويد سڻائي ٿو ۽ سڄ جي لهي وڃڻ کان اڳ اٿي ڪجهه ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿو.

هيءُ نظم به ملاحظه فرمايو

دوست اسان جي ديس ۾ آيو، رابيلن جو روپ ونڻي،
اسان انهيءَ لئه تند تنواري، پيجل جو ڀهروپ ونڻي.

عشق اسان جي اڳڻ ۾ آيو، نؤ ورنيءَ جيئن ناز ڪري،
اسان انهيءَ کي سيني اندر، سانڍيو دل جو راز ڪري.

حسن اسان جي حضور ۾ آيو، مور جيان شهمور بڻي،
اسان انهيءَ تي مرڪ جي ڪئي سي گهور گهٽا گهنگور بڻي.

پريت اسان جي پر ۽آئي، سهڻيءَ وانگر سير چڑهي،
اسان اتاهان ماهوا ٽياسي ائين ڇڻ چاندوکيءَ تي وير چڑهي.

مٿين نظم "پيجل جو ڀهروپ" ۾ نياز همايوني چوي ٿو ته رابيلن جي روپ ۾ خوشبو ئن جي واس سان سڃڻ اسان جي ديس ۾ آيو اسان پيجل وانگي انهيءَ لاءِ تند تنواري آهي. نوورنيءَ ڪنوار جيان ناز ڪري، عشق اسان جي اڳڻ ۾ آيو آهي ۽ اسان به انهيءَ کي دل جي راز وانگر سيني ۾ سانڍيو آهي. هو چوي ٿو، حسن اسان وٽ سپني کان وڌيڪ سهڻي مور جي صورت ونڻي آيو ۽ اسان ان جي مٿان مرڪ جي گهنگهور گهٽا گهوري چڏيسين. پريت اسان وٽ سهڻيءَ وانگر سير چڑهي آئي ۽ اسان به خوشيءَ ۾ ائين چوٽ چڑهي وياسين، جيئن چاندوکيءَ تي وير چڑهندي آهي. هنن شعرن ۾ نياز ڪيئن نه خوبصورت تشبيهن سان پنهنجي شاعريءَ ۾ جمالياتي رنگ پريو آهي! هن نظم جي پڑهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي دلين تي ڪيڏي نه وجداني ڪيفيت طاري ٿي وجي ٿي!

هي نظم "زندگي او زندگي!" جا ٻه بند ڏسو:

تون پرهه جي پنکڑين جي پدمڻي،
تون ستارن کان به سهڻي سلچڻي.

هن بند ۾ نياز ڪيڏا نه خوبصورت لفظ ۽ ڪيڏو نه فطرتي حسن اوتيو آهي. هو پرهه جي وقت ماڪ سان وهنجيل پنکڑين جي مشابهت ڏيکاري، حسن ۾ پدمڻي لڳڻ جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ وري چوي ٿو ته تون ستارن کان فطرتي حسن ۾ سهڻي سلچڻي آهين. وري ٻئي بند ۾ چوي ٿو:

تون ونيءَ جي آس ڀيروءَ جي اُمنگ،
تنهنجو نغمو وَهيءَ جو جلترنگ!

هنن سٽن ۾ هيءَ ونيءَ جي آس، ڀيرو جي امنگ، وهيءَ جي جلترنگ، جهڙو نغمو جهڙيون تشبيهون استعمال ڪري، شاعريءَ کي ڪيڏي نه سونهن بخشي ٿو، اهو نياز جو ئي ڪمال آهي.

(نئين زندگيءَ جون 1968ع : 4)

شاعريءَ ۾ جماليياتي تسڪين ۽ لطف تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن ان ۾ شاعر جو اثرائتو احساس، تجربو، ادراڪ ۽ فنائتو اظهار شامل ٿئي ٿو. هو پنهنجي وجداني ڪيفيت ۽ تخليقي احساس سان، جيڪڏهن اهڙي وحدت تخليق ڪندو، جنهن جي سونهن، لطافت، ۽ دلڪشي، جماليياتي احساس جو مظهر هوندي ۽ ان جو اثر سماجي سرت ۽ پنهنجي دؤر جي حالتن مان ورتل هوندو ته، اها شاعري نه فقط وڏي عرصي تائين زندهه رهڻ جي سگهه رکندڙ هوندي، پر اها سماج جي فڪري ۽ احساساتي تبديليءَ ۾ "مسيحائي" جهڙو ڪردار پڻ ادا ڪندي.

بيشڪ نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ نه رڳو قوم جي اپار ۽ تعمير جو اثرائتو اظهار آهي، پر سندس شاعريءَ ۾ انيڪ جماليياتي رنگ به انڊلڻ جي رنگن وانگر پريل آهن، جيڪي تسڪين ۽ لطف سان واسين ٿا.

مجموعي طور نياز همايوني فني اعتبار کان هڪ سگهارو شاعر آهي. هن نه رڳو پنهنجي شاعريءَ جي آبياري سادن، سهڻن ۽ نج سنڌي لفظن سان ڪئي آهي، پر ان ۾ سهڻيون زميني تشبيهون استعارا ۽ پيون ترڪيبون پڻ استعمال ڪيون آهن. سندس شاعريءَ ۾ عڪسي نظارا به آهن ته موسيقيت به آهي ۽ جماليات جي حسين پيشڪش به آهي. هن شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۾ تبديليون آڻي، ان کي منفرد انداز سان پيش ڪيو آهي. ان کان سواءِ هُن لوڪ صنف ۾ نوان گيت سرجي، ان صنف ۾ خوبصورت اضافو ڪيو آهي. مطلب ته سندس سڀني صنفن مان فني انفراديت جهلڪي ٿي.

حوالا

1. جوٹيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر، "ڪنمال"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشوور، 2002ع، ص – 568.
2. سومرو، نذير، پروفيسر "نياز همايوني جي ياد ۾"، برسات، فيبروري 2003ع، ص -12.
3. قاسماٹي، عزيز، "شيخ اياز جي غزل جو فن" ڪنول پبليڪيشن، قنبر، ڇاپو پهريون، جنوري 2020ع، ص – 28.
4. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، "جامع سنڌي لغات، جلد – 4" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1985ع، ص – 1784.
5. The Concise oxford dictionary, 8 th edition, by R.E Allen, Clavendon press Oxford, 1990 Page 60.
6. رفيق, سعيد احمد, ''حقيقتِ حسن,'' قلات پبلشرز, كوئٹا, 1997ع، 1979ع، ص -65.
7. Herold H.Titus, "Living Issues in Philosophy". 4th edition, American Book Company New Yark, Page 379.
8. لغاري، اڪبر، مقالو، "فن جو فلسفو" ماهوار سوجهرو، سيپٽمبر، 2003ع، ص -8.
9. ٻوهيو، الهداد، ڈاڪٽر "تنقيدون،" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص -178.
10. پٽي، محمد علي، ڈاڪٽر، "مغربي فنِ مصوريۃ جي مختصر تاريخ"، ٽماهي مهراڻ 1996-4ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص -41.
11. سيد' عابد علی ''عابد'' ''اسلوب'' مجلس ترقیءِ ادب' لاهور' 1997، ص – 4.
12. رفيق' سعيد احمد ''تاريخِ جماليات'' زمرد پبليكيشن كوئٹا' اشاعت دوم' 2000ع' ص- 291.
13. ميرٹهی' افسر حامدالله' ''تنقيدی اصول اور نظريے'' انجمن ترقیءِ اردو كراچی' ص-28.
14. جويو خاڪي، "ترقي پسند ادب جا معيار" سنگم پبليڪيشن، ڪراچي 1986ع، ص_21.
15. احسان دانش، ڈاڪٽر، "ٻولي، سماج ۽ ڪلچر" هڪ تحقيقي مطالعو" قليچ تحقيقي جرنل (2) 2016ع، شمس العلماۃ مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ص – 55 ۽ 56.
16. ٻوهيو، الهداد، ڈاڪٽر، "ادب جا فڪري محرڪ" سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد سنڌ، 1984ع، ص – 339.
17. جويو، محمد ابراهيم، "ادب ٻولي ۽ تعليم" سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص -86.
18. مغل، محمد مدثر نواز، ڈاڪٽر، جوڪيو صدام، "ادبي ۽ غير ادبي ٻوليۃ ۾ تفاوت"، "سنڌي ٻولي (تحقيقي جرنل)"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، جلد چوڏهون، شمارو پهريون، جون 2021ع، ص-57.

19. لاسيئس ايبر ڪرومبي، پروفيسر، مترجم مرزا مراد علي، "ادبي تنقيد جا اصول" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ڇاپو پهريون، جون 1981ع، ص -38.
20. الانا، غلام علي، "امداد حُسيني هڪ قداور اديب ۽ قداور شاعر" ڪينجهر تحقيقي جرنل 10، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، 2004ع، ص -16.
21. راشدي، ذوالفقار، ڪسوٽي، ص ص -54 ۽ 55.
22. آريسر،عبدالواحد، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت"، ص ص، 389، 390 ۽ 391.
23. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، جامشورو، 1987ع، ص -24.
24. شازيه سفير، ڊاڪٽر، "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي اڀياس"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2007ع، ص_ 45
25. ساڳيو، ص – 44
26. الانا "سنڌي ٻولي جو اڀياس"، ص – 62.
27. ساڳيو، ص -63.
28. شيخ، واحد بخش، "سنڌي ٻولي جو صرف ۽ نحو"، ص -53.
29. جروار، نظير احمد "نذير"، ڊاڪٽر، "ميزان"، علي رضا ڪمپيوٽرائزڊ آفسٽ پريس، مهراڻ چوڪ، ڪرماباغ لاڙڪاڻو، 1996ع، ص -2.
30. ٽهيم، حسن علي، "سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن" رهبر پبلشرز، اردو بازار ڪراچي، ص- 30.
31. گربخشاڻي، ايڇ، ايم، ڊاڪٽر، ٽماهي مهراڻ، "شاعري ۽ ان جي تاريخ"، 1969ع، ص -8.
32. ساڳيو، ص- ساڳيو.
33. ساڳيو، ص- ساڳيو
34. ساڳيو، ص- ساڳيو
35. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي زبان جي ماهيت" سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007ع، ص -66.
36. جوڪيو، الطاف، ڊاڪٽر "پهاڪي ۽ چوٽيءَ جي فرق جو تنقيدي اڀياس".
Sindhi proverbs. Blogspot.com, March,4,2017.
37. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي زبان جي ماهيت" ص_66.
38. ساڳيو، ص- ساڳيو
39. ساڳيو، ص- ساڳيو
40. سڌايو، غلام نبي، ڊاڪٽر "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جديد لاڙا،" ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، 2011ع، ص -64.

41.چانڊيو، فياض لطيف،"شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات،" چاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، 2018ع، ص – 450.
42.جويو، تاج "جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اهڃاڻ ۽ عڪس" (ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري_ مرتب جامي چانڊيو)، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، چاپو پهريون، 2007ع، ص،ص: 506، 507 ۽ 508.
43.عباسي تنوير، "شاهه لطيف جي شاعري" سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، چاپو پهريون، 2017ع، ص_ 238.
44. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "شعري اصطلاح"، ڪينجهر -10، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، 2004ع ص -291.
45. Wallac & Warn, "Theory of Literature" London, 1948, Page 19;
46. I.A Richards, "Principles of literary Criticism", London, 1961, Page 122.
47. Sanders, "Discovery of Poetry" Ilinois 1967. Page 138.
48. J.Issac, "Background of Modern Poetry" London, 1956, Page 25, 26.
49. Julius Superwile, "Mid century French Poets," New York 1955, Page 91.
50. J.Issae, "Background of Modern Poetry" Page 38.
51. Imagist Magzine, Preface on some Imagist Poets, "Imagist Poetry" Middlesax, 1972, Page 135, 136.
52. C.Day Lewis, "The Poetic Image" Jonathan 16, Bedford Square, London, 8 th Edition, 1955, Page 18.
53.چانڊيو، جامي (مرتب) "ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري"، حصوبيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2007ع،ص – 514.
54.عباسي، تنوير، "شاهه لطيف جي شاعري"، ص – 157.
55.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "شعري اصطلاح" ، ڪينجهر 10، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، 2004، ص 292 ۽ 293.
56.جويو، تاج، "نيٽ مهٽي خيال جاڳيا"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1993ع، ص- 26.
57.چانڊيو، فياض لطيف،"شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات،" چاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، 2018ع، ص – 433.
58.ساڳيو، ص – 429.
59.ساڳيو، ص -441.
60.عباسي، تنوير، "شاهه لطيف جي شاعري"، ص 177.
61.ساڳيو، ص – ساڳيو.
62.ساڳيو، ص -201.
63.فياض لطيف، "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"، ص – 439.
64.ساڳيو، ص – 444.
65.عباسي، تنوير "شاهه لطيف جي شاعري"، ص – 192.

66.قليچ بيگ، مرزا، "سنڌي ويا ڪرڻ (4 پاڳا)"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ، 1992ع، ص – 354.
67.عباسي، ظفر، "سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون" ص -414.
68.قليچ بيگ، مرزا، "سنڌي وياڪرڻ،" ص -386.
69.عباسي، ظفر، "سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون" ص -414.
70.قليچ بيگ، مرزا، "سنڌي ويا ڪرڻ،" ص – 386.
71.ساڳيو، ص – 380.
72.عباسي، ظّفر، "سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون." ص 458 ۽459.
73.ساڳيو، ص – 460.
74.ساڳيو، ص – ساڳيو
75.ساڳيو، ص – ساڳيو
76.آڏواڻي، ڪلياڻ "شاهه"، بمبئي، 1951ع، ص – 64.
77. J. Issac, "Background of Modern Poetry", Page 02.
78. Qazi, I.I, Allama, "Shah Abdul Latif: Introduction to his art", Hyderabad, Page.02.
79. J. Issac, "Background of Modern Poetry". Page 20.
80. Ezra Pound, "Litrary Essays", Page 25.
81. Elliot, I. S. "On Poetry and Poets". London Page 32 and 33.
82."عاجز" محمد صالح، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت"، ص – 14.
83.جويو، تاج، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت،" ص – 32.
84.گرامي، غلام محمد، مولانا، "مهراڻ شاعر نمبر"، 1969ع، ص – 499.
85.عباسي، تنوير، "شاهه لطيف جي شاعري"، ص -138.
86.ساڳيو، ص – 141.
87.ساڳيو، ص – 146.
88.ساڳيو، ص – ساڳيو.
89. Archibald Maclash, "Poetry and Experience" Middlesax 1965, Page 24.
90. Ezra Pound, "Literary Essys," Page 09.
91. Ezra Pound, "Literary Essys," London, Page 25.
92. Rany and Austin "Theoy of Literature", Page 159.
93. عباسي، تنوير، "شاهه لطيف جي شاعريءَ، ص – 151.
94.عباسي، تنوير، "جديد سنڌي شاعري" (مضمون)، ٽماهي مهراڻ،1-2-1960ع. ص – 162.
95.جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "ڪٽمال" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2002ع، ص 315.
96.آن لائن سنڌي لغتون "ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد.

97.”عاجز”، محمد صالح، “دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت،” ص- 13.
98.جويو، تاج، “دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت”، ص -32.
99.جويو، تاج، “دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت”، ص - ساڳيو.
100. سميجو، محمد اسحاق، “سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جو تحقيقي اڀياس”
(1936ع کان 1970ع تائين) پي ايڇ ڊي ٿيسز، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2014ع، ص - 324 ۽ 325.
101. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، “سنڌي ادب جي مختصر تاريخ” زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1983ع ص 288.
102. عاجز، محمد صالح، “دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت،” ص – 20.
103. جويو، تاج، “دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت”. ص – 40 ۽ 41.
104. جويو، تاج، “سنڌي گيت”، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1997ع، ص – 87 ۽ 88.
105. جويو، تاج، “دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت”، ص -42.
106. سومرو، شريف “شاد” “نياز همايوني جي طويل نظم نگاري،” ٽماهي مهراڻ، 1- 2011-2ع، ص - 215.
107. ساڳيو، ص- 216.
108. ساڳيو، ص- 217.
109. ساڳيو، ص -218.
110. ناصر، نصیر احمد، ڈاکٹر ”جمالیات قرآن کی روشنی میں“، نیشنل بک فائونڈ یشن اسلام آباد، 1976 ء، ص، 01.
111. سنديلو، عبدالڪريم ڊاڪٽر، “تحقيق لغات سنڌي”، ڇاپو چار 1963ع، ص 230، 239.
112. A.S Hom. Oxford advanced learners dictionary the edition. Oxford university press ,p.12.
113. The concise oxford dictionary 8th edition clavendom press oxford p 96
114. سعید، لخت، (مرتب) “فیروز سنز اردو انسائکلو پیڈیا”، تیسرا ایڈیشن، 1984ء’ ص: 375، 376.
115. رضوی، سید علی، “جمالیات ایک مطالعہ” ، مکتبہ نیا ادب کراچی، 1987ء، ص. 10.
116. مگسي، قادر بخش، ڊاڪٽر، “خليفي نبي بخش ’قاسم‘ جي شاعري”(پي ايڇ ڊي ٿيسز) ڪراڙ پبليڪيشن، ٽنڊو محمد خان، ڇاپو ٻيو، مارچ 2022ع، ص 197.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو فڪري جائزو

علامه آءِ آءِ قاضي پنهنجي تقرير ۾ چوي ٿو: "علم ادب" جي واڌاري جو مدار "فڪر" تي آهي، چو ته "فڪر" ئي هر مضمون ۽ بيان جو سرچشمو آهي. انهيءَ حقيقت کي هن مجلس ۾ اڃا به قدري واضح ڪرڻ خاطر آءٌ اوهان صاحبن کي ذهن نشين ڪرائڻ چاهيان ٿو ته "فڪر" جو سچو مدار وري "ذڪر" تي آهي. "ذڪر" جي معنيٰ آهي "يادگيري". انهيءَ لحاظ سان "ياد" يا "حافظو" ئي اها زرخيز زمين آهي، جنهن ۾ "فڪر" جو سَلو انگورجي ٿو."[1]

اهو سچ آهي ته فڪر کان سواءِ علم ادب هجي يا ٻيو ڪو زندگي جو وهنوار هجي، انسان اڳتي وڌي ڪونه سگهندو. انسان جو فڪر ئي آهي، جنهن ڪيس ان منزل تي پهچايو آهي جو هو خونخوار جانورن کي قابو ڪري سگهيو آهي ۽ قدرتي آفتن جي خلاف مزاحمت ڪري، انهن جي خلاف بچاءَ جا طريقا ڳولي ڪڍيا آهن ۽ پنهنجي سهنج لاءِ هر سهوليت ايجاد ڪئي آهي. فڪر يا فلسفي کان بغير ڪنهن به طرف وڌڻ مشڪل نه بلڪه ناممڪن آهي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو: "اها ڳالهه سؤ فيصد صحيح آهي ته فڪر يعني فلسفي کان بغير ته ڪوبه فن سرجي ئي نٿو سگهي. ڪنهن ڏاهي چيو هو ته دنيا ۾ هر ماڻهو فلسفي آهي، چو ته هر ماڻهو جي ڪا نه ڪا سوچ ۽ ويچار هوندي آهي، هر ماڻهو جو ڪنهن به مسئلي تي ڪونه ڪو نقطهء نظر هوندو آهي، تنهن ڪري اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته دنيا جي مڙني علمن جي ماءُ فلسفو آهي ۽ هون به تاريخ ۾ سڀ کان پراڻو علم فلسفو آهي، ٻيا سڀئي علم فلسفي منجهان ئي نڪتا آهن. ول ڊيورانٽ چيو هو ته سائنس ماڻهوءَ کي علم ڏيئي سگهي ٿي پر ڏاهپ صرف فلسفو ئي ڏئي ٿو ۽ واقعي جنهن ماڻهوءَ کي ڪائنات جي مابعد الطبعياتي سوالن جي هورا ڪورا ٿيندي آهي، اهو فلسفي جي سمنڊ ۾ ٽپي پوندو آهي، پر ڪائنات جو علم سمنڊ آهي، اسان ته صرف هڪ معمولي ٻيٽ تي بيٺا آهيون."[2]

فڪر جي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟ ان لاءِ اسان مختلف ڊڪشنرين کي ڏسنداسين.

سنڌي لئنگويج اٿارٽي آن لائن سنڌي لغتون

فڪر: مختلف لغتن جيڪي SLA آن لائن جمع ڪيون آهن، انهن مطابق فڪر جي معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي.

جامع سنڌي لغات ۾:

فڪر فِڪرُ جمع فِڪرَ

فِڪرُ=هن خيال ڪيو. سوچ، ويچار، خيال، سانگو، غور، تامل، غوص، ڌيان، اوٽ، اونو، انتظار، اوسيئڙو ، انديشو، رنج، غم، ملال، ڏک.

هارپ (Harp) جي لغت مان

فڪر اونو، ڳڻتي

ميڈيڪل ڊڪشنريءَ مان.

فڪر

فِڪرُ (سوچ، ويچار، غور، ڳڻتي، پريشاني، ڪاڪو، ادڪو، اُلڪو)

Thinking, rationalization, pondering, contemplation, anxiety, worry, apprehension.[3]

آڪسفورڊ ايڊوانسڈ لرنرز ڊڪشنريز ۾ لکيل آهي:

Theme: "The subject or main idea in a talk, piece of writing or work of art."[4]

(فڪر: متو يا خاص نڪتو/خيال، جيڪو ڪنهن تقرير، لکت جي ٽڪري يا ڪنهن فن پاري ۾ موجود هجي.)

فڪر ڪرڻ يا سوچڻ جو عمل انفرادي توڙي اجتماعي سطح تي انسان جي ارتقا جي لاءِ انتهائي ضروري آهي ۽ ان سان ئي انسان اعليٰ مرتبت تي پهچي ٿو ۽ ٻين لفظن ۾ پنهنجي منزل ماڻي سگهي ٿو. الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

"سوچڻ جو عمل انفرادي توڙي سماجي سطح تي زندگيءَ جو بنيادي شرط آهي، ان سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪو فرد يا ڪو سماج جيئرو جاڳندو آهي، زنده آهي ۽ حياتيءَ جي حالت ۾ آهي، پر اُها ڳالهه ته اُهو جيئرو جاڳندو فرد يا سماج ڪهڙي حالت ۾ آهي، ڇا ٿو ڪري، ان جو سماجي عمل ڪهڙي قسم جو آهي ۽ ان کي ڪهڙي طريقي سان بدلائي يا ڦيرائي، ورائي ٿاهي، سڌاري ۽ هلائي ٿو سگهجي. اها ڪجهه ٻئي قسم جي عمل سان تعلق رکي ٿي، جنهن ۾ ڪو فرد يا سماج اهڙو ارادو ڪري پوءِ عمل شروع ڪري ۽ پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ علم جا ڄاتل وسيلا ۽ انساني عقل ۽ ادراڪ، سمجهه ۽ هوش کي ڪم آڻي، ۽ انهن مان نتيجا ڪڍي، ڪنهن آخري خيال يا نقطي تي پهچي، ۽ اهو آخري خيال انهيءَ سوچ واري جي لاءِ عمل جو يا تعميل جو هڪ واضح ۽ صاف رستو پيدا ڪري سگهي ٿو، ته سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ جو سوال سماجي سطح تي انهيءَ قسم جي تعليمي سوچ سان تعلق رکي ٿو. هاڻي، نري يا بنيادي سوچ يا نرو ۽ بنيادي سوچڻ، سوچ کي ڪم ۾ آڻڻ جي گهڻن وسيلن مان رڳو هڪڙو وسيلو آهي. توڙي جو ان جو هيءُ وسيلو ناگزير ۽ نهايت ئي اهم شئي آهي. هن وسيلي جي مدد تجربو، مطالعو، علم، عقل، مشاهدو، مشورو، ۽ مادي تحريڪون ۽ وسيلا، ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون ڪن ٿيون. نري ۽ بنيادي سوچ ڪچي مال جيان آهي، جنهن مان ڪن حالتن ۾ پورو فائدو حاصل ڪري به نٿو سگهجي. هي سوچ انفرادي سطح تي به ان وقت تائين مفيد ناهي، جنهن وقت تائين، انهيءَ کي گڏيل زندگيءَ (collective life)جي عمل تي لاڳو نٿو ڪجي. فڪر جي ڪم آڻڻ جو ابتدائي نقطو آهي ئي اهو، جتان فڪر زندگيءَ جي گونا گون مسئلن ۽ مونجهارن تي لاڳو ڪيو ويندو آهي." [5]

انسان جي فڪر جي ارتقا

انسان هڪ سوچيندڙ جانور آهي ۽ سندس دماغ مادي جي ارتقا جي انتهائي باترتيب شڪل آهي، جنهن ڪري فطرت ۾ موجود هر شئي ۽ هر موقعي جي باري ۾ سوچي سگهي ٿو. اها خاصيت نه صرف ڪيس آس پاس جي ماحول بابت ۽ ٿيندڙ واقعي بابت، بلڪه پنهنجي وجود جي هئڻ ۽ انهيءَ ۾ ٿيندڙ تبديليءَ کان به آگاهه ڪري ٿي. قديم دور جو انسان فطرت اڳيان بي وس ۽ بي هٿيار هو، جتي چوڌاري سندس زندگيءَ تي الرون ڪندڙ ڪيترائي سندس دشمن هئا. ان وقت ڪيترائي واقعا سندس حيرت ۽ تجسس جو سبب بڻجندا هئا، جن ۾ زلزلا، ٻوڏون ۽ قدرتي آفتون، موسمياتي قيريون گهيريون ۽ انهن جا اثر، خوفناڪ جانورن جي چيرڦاڙ، مختلف بيماريون ۽ موت اچي وجن ٿا. انسان تخليق جي آغاز وقت پاڻ کانسواءِ هر شئي کان ڊڄندو هو. هو اهڙين طاقتن جي تلاش ۾ سرگرم رهندو هو، جيڪي ڪيس بي وسيءَ جي احساس ۽ ڊپ کان بچائي سگهن، تنهن ڪري هو هر شئي کان مدد گهرندو هو جيئن وڏا وڻ، اُتاهان جبل، درياهه، خوفناڪ جانور، سج، چنڊ، تارا، آسمان، زمين ۽ باهه وغيره."[6]

ڇاڪاڻ ته انسان خوفزده هو جنهن ۾ موت جو خوف سڀ کان مٿانهون هو، هن لاءِ زمين جڙ ته هڪ لڙائيءَ جو ميدان هئي، جنهن تي هو انيڪ محاذن تان پنهنجي زندگي جي بچاءُ لاءِ اها لڙائي لڙي رهيو هو. موت جي خوف ڪيس پنهنجي وجود جو احساس ڏياريو ته هو آهي ۽ زنده رهڻ لاءِ ڪيس جدوجهد ڪرڻي آهي! ذات جو شعور ۽ پنهنجي هجڻ جو احساس ۽ ان جي تحفظ جو احساس سندس فڪر جو بنيادي محرڪ بڻيا. ان ڪري طاقتور شين کان مرغوب ٿيو ۽ انهن کان پناهه وٺڻ جي سوچ پيدا ٿي. سڪون جي تلاش ۾ هنن مذهبن ۾ پناهه ڳولي.

سنڌين جي نماڻائي، عدم تشدد ۽ برداشت واري واڌ هڪ اهڙي فڪر ڪي جنم ڏنو، جيڪو سڄي دنيا لاءِ مثالي ثابت ٿيو. وقتي طور ٻاهرين ڪاهن، قبضن ۽ سندن تهذيب ۽ تمدن سنڌ تي مڙهڻ واري رجحان جي ڪري ڪجهه ڦيرو آيو پر وري انهن ڏارين جي تسلط ختم ٿيڻ سان هتي جو آڳاٽو يا اصلي فڪر وري به پنهنجي جاءِ والاري ويٺو ۽ نه رڳو ايترو، پر اسان جو وجود ي يا صوفي فڪر جو اثر ٻاهران ايندڙن تي به پيو ۽ انهن به ان مثبت فڪر مان مٺ پري پيتا.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ ته فڪر ۽ فلسفي جي اصل زمين، سنڌ ڪي قرار ڏئي ٿو، هو چوي ٿو:

"فڪر ۽ فلسفي جي اصل سرزمين ته سنڌ آهي، ۽ ايڈو ته املهه خزانو هن سرزمين ۾ موجود آهي، جنهن جو ڪاٽو نٽو ڪري سگهجي. اڪثر ڪري اهو چيو ويندو آهي ته اصل فلسفي جي سرزمين يونان آهي ۽ سنڌ تي به يوناني فڪر، سان گڏ ويدن، ٻڌمت، جين مت، جو به گهرو اثر موجود آهي، ان کان پوءِ اسلام، يورپين لبرل ازم، ۽ مارڪسزم جو سنڌ تي گهرو اثر موجود آهي، پر تحقيق ڪرڻ سان هڪ نئين

ڳالهه به سامهون آئي ته سنڌ جو فڪر انهن سڀني فلسفن کان منفرد آهي، جيڪو هزارين سالن کان سنڌي ماڻهن ۾ سماج جي لاشعور ۾ گردش ڪندو رهيو آهي ۽ انهيءَ جو اظهار وقت به وقت ٿيندو رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ شاهه عنايت صوفي، خواجه محمد زمان، شاهه لطيف، سچل سرمست جهڙيون شخصيتون پيدا ٿيون آهن ۽ دنيا جا جيڪي به فڪر سنڌ ۾ آيا، انهن کي پنهنجائڻ کان پوءِ به سنڌي فڪر گم ٿي نه سگهيو، بلڪه انهن نون فڪرن سان ملي مثبت طور سامهون آيو ۽ جڏهن اهي فلسفا پنهنجو مدو پورو ڪري ويا ته وري سنڌ پنهنجي اصلي فڪر جي صورت کڻي بيهي رهي. مان انهي فڪر جو نالو مثبت وجوديت (Positive Existentialism) تجويز ڪريان ٿو. سنڌي ادب ۾ نثر هجي توڙي شاعري، منجهس انهي فڪر جي اپٽار ڪيل آهي، ها! البته حالتن جي گهاٽي ۾ پيڙجندي اديبن منفي اظهار به ڪيا آهن، پر اهي جٽاءُ ڪندڙ نه آهن.“ (7)

نياز همايوني به انهيءَ فڪري طرح شاهڪار سرزمين سنڌ جو فرزند آهي، جنهن سر زمين سڄي دنيا کي فلسفي جو علم ڏنو ۽ ان ئي سرزمين ۾ين جي علم جي مثبت پهلوئن کي پنهنجو ڪيو.

نياز همايوني پهرين جنگ عظيم جي ختم ٿيڻ کان 09 سال پوءِ (1928ع) ۾ جنم ورتو. هو ٻي جنگ عظيم شروع ٿيڻ وقت 11 سالن جو هو ۽ ختم ٿيڻ وقت 17 سالن جو هو. انگريز جنگ جي ڪري گهٽن محاذن تي لڙي رهيا هئا ۽ سندن معيشيت به ڪمزور ٿي چڪي هئي، انهيءَ ڪري گهٽن ملڪن، جن تي انگريزن جو قبضو هو، انهن آزاديءَ جون تحريڪون هلائڻ شروع ڪيون. هتي به آزاديءَ جي تحريڪ هلڻ شروع ٿي ۽ نياز همايوني، محمد صالح ”عاجز“ سان گڏ ڪانگريس جي پليٽ فارم تان آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو ۽ شاعريءَ ۾ وڏي واڪ چوڻ لڳو ”جانبازو جنگ آزادي جي تياري ڪريو.“ سندس فڪري تعمير جي شروعات اتان ئي ٿي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏپلاڻ، سنڌ جي شهرن تي، ملڪيتن تي قبضا ۽ سنڌي ٻوليءَ تي حملا، انهن سڀني ڳالهين سنڌ جي باشعور ماڻهن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ۽ هنن انهيءَ خلاف مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو، جنهن قومي فڪر کي جنم ڏنو، جنهن کان پوءِ ون يونٽ جي قيام کان ان جي خاتمي تائين مسلسل جدوجهد سنڌي ادب ۽ خاص ڪري شاعريءَ کي وڏو اڀار ڏنو.

نياز لاءِ محمد صالح ”عاجز“ لکي ٿو: ”هن جي شاعريءَ، زندگيءَ جي دک درد ۽ رنگ رُومان سان گڏ، قوم ۽ وطن جي شاعري آهي. هي اڪثر زندگيءَ جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻائي، ان جي ماضيءَ حال ۽ مستقبل کي اهڙيءَ طرح بلنديءَ کان وٺي پستيءَ تائين اجاگر ڪندو رهي ٿو، جو سندس شاعري، اسان جي زندگيءَ لاءِ صحيح عڪاسيءَ جو رتبو رکي ٿي، انهيءَ عڪاسيءَ ۾ انفرادي، اجتماعي، ذهني ۽ جذباتي زندگيءَ جا سمورا نقش بلڪل پڌرا نظر اچي رهيا آهن.“(8)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ قومي فڪر سان گڏ سنڌ جي مٽيءَ جي خمير مان نڪتل ”عالم سڀ آباد ڪرين“ جو فڪر به شامل آهي. هو انسانيت جي تباهيءَ تي ڳوڙها به ڳاڙي ٿو، ڪٽي صوفي بنجي سنڌ جي لافاني فڪر جو اهجاڻ بنجي ٿو، ته ڪٽي وتايو بنجي ستلن کي جاڳائي ٿو ۽ مايوس دلين کي مرڪون بخشي ٿو. هو ظالم ۽ غاصب کي طنز جا تير به هڻي ٿو، ته ڏکن ڏڏل ماڻهن کي آڻت به ڏئي ٿو. مطلب ته سندس شاعريءَ ۾ مختلف فڪريءَ ڌارائون شامل آهن ۽ اسان هن جي فڪر کي ڪنهن هڪ موضوع تائين محدود نٿا ڪري سگهون، هتي اسان سندس شاعريءَ جي فڪري پهلوئن جو جائزو ونڊاسين.

1. تصوف ۽ وحدت الوجود

تصوف جو ٿورن لفظن ۾ مطلب آهي، حق جي طلب ۽ مخلوق سان محبت:

”تصوف حيات جو هڪ اهڙو نمونو آهي جيڪو خيال، احساس، نفس، ۽ روح کي خدائي رنگ ۾ رنگي، غير الله کان بي نياز ڪري چڏي ٿو. تصوف اها دل آهي جيڪا (لقد كان لكم في رسول الله اسوته حسنه) جي صدا بلند ڪري، الله جي حڪم تي قربان ٿي، حيات کي بي معنيٰ ۽ بي مقصد ٿيڻ کان بچائي ٿي. قرآن شريف جي صورته بقره 35 ۾ آهي ته:

وَالَّذِينَ اٰمَنُوٓ اَشَدَ حُباً اِللّٰهِ

ترجمو: ”۽ جيڪي مومن آهن، انهن کي صرف الله سان محبت آهي.“[9]

سنڌ ۾ اسلام تصوف جي صورت ۾ وڌيڪ قبول ڪيو ويو. بلڪه اسلام جي فڪري فلسفياڻي شڪل تصوف جي صورت ۾ ئي ظاهر ٿي. ڇو ته سنڌ ۾ مثبت وجودي شڪل اڳ ۾ موجود هئي تنهن ڪري اسلام اچڻ کان پوءِ تصوف جي صورت به دنيا کان مختلف طرح قبول ڪئي ويئي. تصوف جي انهي فڪري پرچار سنڌي ماڻهن تي اهو اثر ڪيو جو هنن مذهبن جي ظاهري دستور ۽ عقيدن سان گڏ زندگي ۽ انهيءَ جي مقصد بابت مثبت رويو پيدا ڪيو.

تصوف ڇا آهي؟ ان جي معنيٰ ۽ مقصد ڇا آهي؟ نظام الدين ڪلهوڙو لکي ٿو:

”تصوف، عربي زبان جو لفظ آهي، جو ”صفا“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: صاف ٿيڻ، خالص ٿيڻ ۽ صوفي ٿيڻ. ”لغات القرآن“ (اردو) ۾ تصوف جو بنياد ”صفو“ ۽ ”صفا“ مان نڪتل ڏيکاريو ويو آهي ۽ معنيٰ اٿس: هر قسم جي آميزش کان پاڪ ۽ صاف ٿيڻ يا ڪنهن شيءَ جو صاف ۽ خالص حصو. ڪن جو رايو آهي ته: ”تصوف لفظ، يوناني لفظ، ”سوف“ مان نڪتو آهي، سندس معنيٰ آهي: حڪمت ۽ دانائي. ڪن محققن جو خيال آهي ته: تصوف، ”صوف“ مان نڪتل آهي. صوف هڪ قسم جو اونو ٿلهو ڪپڙو هوندو هو، جيڪو ترڪ دنيا ڪرڻ، سادگي، نهٺائي ۽ قناعت جي علامت سمجهيو ويندو هو. ڪن جو خيال آهي ته: تصوف ”صفا“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: دل جي صفائي ۽ پاڪائي، ليڪن عام طرح تصوف مان

مراد، نفساني خواهشن کان پاکائي، نفس جي صفائيءَ جو طريقو ۽ صوفين جو سليقو ورتي وڃي ٿي.

اهڙيءَ طرح حضرت داتا گنج بخش پنهنجي مشهور ڪتاب "ڪشف المحجوب" ۾ ڄاڻايو آهي ته، "تصوف دل جي صفائي ۽ پاڪيزگيءَ جو نالو آهي." امام قشيري پنهنجي ڪتاب"رساله قشيريه" ۾ لکي ٿو ته: "تصوف" جنهن جي معنيٰ، دل جي صفائي آهي."امام غزاليءَ تصوف جو مقصد، نفس کي وس ۾ رکڻ، خرابين کان پاڪ ۽ صاف رهڻ، دل کي غيرالله کان پري رکڻ ۽ الله جي ذڪر سان ان کي پاڪ ۽ صاف رکڻ ٻڌايو آهي. سيد احمد رفائي جي چوڻ موجب: "صوفي اهو آهي، جنهن جو باطن، دنيا جي سمورين خرابين کان پاڪ ٿي چڪو هجي ۽ ان تي به هو ٻين کان پاڻ کي ڀلو نه سمجهي ." بشر بن حارث چيو آهي ته، "صوفي اهو آهي، جنهن جي دل الله لاءِ صاف ۽ پاڪ هجي." ٻي بزرگ "ڪتاب المع" ۾ ڄاڻايو آهي ته، صوفي الله تعاليٰ جا مڪمل فرض پورا ڪندا آهن، منع ڪيل شين کان پاسو ڪندا آهن. اجاين ڳالهين کان پري رهندا آهن. اهي سمورا واسطا ۽ تعلق ٽوڙي ڇڏيندا آهن، جيڪي انهن جي مطلوب ۽ مقصود جي آڏو اچن. سندن مطلوب ۽ مقصود فقط الله آهي.

ان ڪانسواءِ ابو علي قزويني، "تصوف کي وٽندڙ اخلاق سڏي ٿو". ابو محمد الجريري چيو آهي ته، تصوف جي معنيٰ آهي: "هر نيڪ خصلت اختيار ڪرڻ ۽ سمورين بُراين کان دل کي پاڪ رکڻ." محمد بن القصاب جي راءِ آهي ته: تصوف "سهڻي اخلاق" جو نالو آهي، ڪتاني فرمائي ٿو ته، تصوف "خلق" جو نالو آهي، جيڪو شخص توکان سهڻي اخلاق ۾ وڌيڪ آهي، اهو توکان دل جي صفائيءَ ۾ به وڌيڪ آهي. بهرحال، تصوف تزڪيهء نفس ۽ سهڻي اخلاق جو نالو آهي، نه فقط ايترو، پر تصوف جي ذريعي قرب الاهي به حاصل ٿئي ٿو ۽ صوفي پنهنجو اندر اُجاري صاف ۽ پاڪ ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته صوفيءَ جو منزل مقصود الله تعاليٰ جو قرب حاصل ڪرڻ آهي." (10)

مطلب ته تصوف دل کي ڏوئي صاف ڪرڻ، سهڻا اخلاق پيدا ڪرڻ، احسان ڪرڻ ۽ الاهي عشق ۾ گم ٿيڻ جو نالو آهي جڏهن ته صوفي سڳورن تصوف جي روشنيءَ ۾ انسانيت کي اخلاقي قدرن، اخلاص ۽ وحدانيت جو درس ڏنو آهي، پر نبي ڪريم سان محبت ڪرڻ ۽ سندن پيروي ڪرڻ جو پيغام پڻ ڏنو اٿن. البت صوفين "فنا ۽ بقا" جو مسئلو به نهايت وضاحت سان سمجهايو آهي. هو چون ٿا ته: "ڪائنات جي هر شيءِ فاني آهي. ان کي بقا ڪانهي. انهيءَ لحاظ کان انسان به فاني آهي."

نظام ڪلهوڙو تصوف جي تاريخ ۽ وحدت الوجود جي نڪتي کي سمجهائڻ لاءِ لکي ٿو:

تصوف جي تاريخ:

تصوف جي تاريخ ۾ مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته صوفي لقب جو رواج، ٻي صدي هجريءَ جي اختتام وقت نظر اچي ٿو. اهو لقب سڀ کان اول ابو هاشم صوفيءَ کي نصيب ٿيو. هن کان اڳ حضور صلعم جن جي زماني ۾ صحابه جو لقب رائج هو ۽ انهن بزرگن کي حضور اڪرم جن جي صحبت جو شرف حاصل ٿيو. انهيءَ نموني "صوفيءَ جو لقب" بعد جي پيداوار آهي، ان کان اڳ ۾ اسلامي تعليم ۾ "احسان" لفظ ملي ٿو، جنهن کي تصوف جي هم معنيٰ سمجهيو وڃي ٿو.

تنهنڪري وڌيڪ ائين چئجي ته تصوف، احسان جو ٻيو نالو آهي، جيڪو بعد ۾ مروج ٿيو.نبي ڪريم صلعم جن فرمايو آهي ته: "احسان اهو ئي آهي ته الله تعاليٰ جي عبادت اهڙيءَ طرح ڪريو، جڙ اوهان کيس ڏسي رهيا آهيو، جيڪڏهن نه ڏسي رهيا آهيو ته هو اوهان کي ڏسي رهيو آهي." ان لاءِ ضروري آهي ته عبادت لاءِ دل کي پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي. پر البت صوفياءِ ڪرام جي سوچن ۽ فڪرن جي نتيجي ۾ جيڪي نظريا نروار ٿيا، انهن طريقن ۽ مسلڪن جي صورت پڻ اختيار ڪئي، جن ۾ "وحدت الوجود" ۽ "وحدت الشهود" ذڪر جي قابل آهن.

وحدت الوجود:

هن نظرئي جو باني شيخ محي الدين ابن عربي هو. کيس "شيخ الاڪبر" به ڪري سڏيندا هئا. هن هڪ ڪتاب بعنوان: "فصوص الحڪم" تحرير ڪيو. هڪ وڏو عالم مفڪر ۽ فيلسوف هو. هن اهو نتيجو ڪڍيو ته: "خدا ۽ ڪائنات ٻئي هڪ ئي آهن. خدا، ڪائنات کان ٻاهر يا جُدا نه آهي. انساني دل خدا جو گهر آهي." تصوف جو اهو نظريو اڪبر اعظم جي زماني تائين مشهور رهيو. هن نظرئي کي وڌائي، ابهام ۾ آندو ويو ۽ انگريزيءَ ۾ (Monoism)مونوازم ڪوٺيو ويو. يونانين جو نظريو ۽ فلسفو به هن نظرئي سان ڳنڍيو ويو ته قديم هندستاني ڪتابن ويدن ۽ اپنشدن کي به هن ۾ شامل ڪيو ويو ۽ چيني تائوازم کي به هن سان ملايو ويو."[11]

بقول سنڌي ادب جي مختصر تاريخ جي مصنف جي: "تصوف جو ٻيو سرچشمو جيڪو سنڌي شعر جو آهي، ان کي هڪ لفظ ۾ اسين مذهب چئي سگهون ٿا. سنڌي شعر جيڪو هٿ آيو آهي، تنهن ۾ قرآن شريف جي تعليم ۽ صوفياڻن خيالن جي اپٽار هنڌ هنڌ ملي ٿي. هن سرچشمي جو دائرو نهايت وسيع آهي ۽ دنيا جي شاعريءَ ۾ خاص طور عربي، فارسي ۽ هن نندي کنڊ جي مختلف زبانن ۾ صوفياڻن خيالن جي پوري اپٽار ملي ٿي. صوفي متويا تصوف کنهن ٻئي فلسفي يا غير اسلامي تحريڪ جي پيداوار نه آهي. اسلام مان ئي تصوف جا سلا ڦٽي نڪتا آهن. ابتدا ۾ احسان سڏيو ويو. گهڻو پوءِ مختلف سلسلا ۽ طريقا رائج ٿيا، پر تصوف جو روح قلب جي صفائي، حق جي طلب ۽ خُلق هو. تصوف وسيلي ٻه اهم ڪم سرانجام ٿيندا رهيا، حق جي طلب ۽ مخلوق سان محبت، جيڪي دل جي صفائي ۽ نفس جي پاڪائيءَ بنا ممڪن ئي ڪونه آهن."[12]

غفور ميمڻ لکي ٿو: "سنڌ ۾ اسلامي فڪر جي ارتقا تصوف جي صورت ۾ قبول ڪئي ويئي، جيڪا سنڌي ماڻهن جي مزاج، هزارين سالن جي نفسياتي ساخت ۽ روايتن مطابق هئي. سنڌ ۾ ويدن ۽ ٻڌ مت ۾ اهڙي فڪري اثل پٽل اڳ ۾ ئي موجود

هئي. بنيادي طرح وجود جي داخلي گهرائي ۽ ڪائنات جي پراسراريت بابت سوچ ويچار سان (Mysticism) شروع ٿئي ٿي.
The mystic insight brings with it the sense of mystery unveiled.
غور سان ڏٺو وڃي ته تصوف (Mysticism) وحدت الوجود، صوفي ازم، ويدانيت، وجوديت، هڪ ئي فڪر جي دائري ۾ ڦرن ٿا، تقريباً دنيا جي هر مذهب اندر اهو فڪر موجود آهي.
وحدت الوجود جو مسئلو ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ هر قوم ۾ موجود هو. ڪجهه يوناني فلاسفر هڪ معنيٰ ۾ انهيءَ جا قائل هئا. اسڪندريه جو نوافلاطوني (Neo- platonic) فرقو انهيءَ جو پوئلڳ هو. پراڻن يهودين ۽ عيسائين ۾ به اهو خيال موجود هو.” (13)
هندو ويدانيت جي پوري عمارت انهي تخيل تي قائم آهي.
”سنڌ ۾ تصوف جي شروعات حضرت خواجه حسن بصري رح جي ذريعي ٿي، ان وقت جيتوڻيڪ لفظ صوفي ۽ تصوف مروج نه ٿيا هئا، پر صوفيانه تعليم جي شروعات ٿي چڪي هئي، گهٽو ڪري تصوف جا سڀ سلسلا حضرت خواجه حسن بصري رح جي ذريعي حضرت علي ڪرم الله وجهه تائين پهچن ٿا. سنڌ ۾ اهڙا عالم ۽ فاضل پهتا هئا جن حضرت خواجه حسن بصريءَ کان علمي ۽ روحاني فيض پرايو هو.
انڪانپوءِ گهٽا عالم ۽ درويش سنڌ ۾ آيا جن کان ماڻهن روحاني فيض پرايو جن ۾ سيد عبدالقادر جيلاني 1105ع ۾ روهڙي به آيو.” (14)
نياز همايوني شاهه لطيف جي ادنيٰ پيروڪار جي حيثيت ۾ انهي صوفياڻي واڌ کي ورتو ۽ آخري دم تائين انهي تي ڪاربند رهيو. نياز جي سڃي شاعريءَ ڏرتي، ڏرتي جي ڏتڙيل ماڻهن ۽ پوري عالم جي انسانن لاءِ پائپي، سڪ،سانت، ۽ آڇپي تي مشتمل آهي. هو لطيف سائين جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو رتبو ڏيئي ٿو. هڪ انٽرويوءَ ۾، جنهن ۾ ڪانئس پڇيو ويو ته: ”اهي ڪهڙيون خوبيون آهن، جيڪي شاعريءَ کي پيغمبري جو رتبو بخشين ٿيون؟“، جي جواب ۾ نياز چيو:
”اها شاعري جنهن ۾ جيون جي قدرن جي ترجماني ڪيل هجي ۽ شاعر جي تيز مشاهدي ۾ جيڪي به ڳالهيون ۽ سمجهاڻيون آيل هجن، تن کي تمثيل ۽ استعارن وسيلي وجود ۾ آڻي، انسان کي پنهنجي حقيقي جمال ۽ جلال جي ڄاڻ ڪرائي، جنهن شاعريءَ ۾ اها ڳالهه ڇٽائيءَ سان پيش ڪيل هجي ته، هر تڪليف، عشق ۾ آزمائش جو درجو رکي، اها شاعري جنهن ۾ مقصد جي حاصلات لاءِ نئون امنگ ۽ اتساهه هجي، اها شاعري جيڪا انسان کي بد ۽ نيڪ کان مٿاهون ڪري، اهو ٻڌائي ته جيستائين هو پاڻ وڃائي پاڻ نه لهندو، تيستائين سچ جي ساک ۽ سونهن جي ساڃهه ان کان اڳ اڳاهين هوندي. مطلب ته اها شاعري، جنهن ۾ سچ، سونهن ۽ مقصد لاءِ امنگ ۽ انسان کي وڃايل عظمت موٽائي ڏيڻ جي ڳالهه هجي، اها خوبي آهي، بهتري آهي جيڪا شاهه سائين جي شاعريءَ وانگي پيغمبريءَ جو رتبو حاصل ڪري وٺندي .”(15)
نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ اهو ئي ڪلاسيڪي شاعرن وارو تصوف جو رنگ رکيو آهي. هن انسانيت کي اعليٰ سمجهيو آهي ۽ ان حوالي سان هو لطيفي

رنگ ۾ رنگيل آهي، سندس شاعريءَ ۾ ان سلسلي جا ڪجهه مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا، هي وائي ڏسو:

مون ۾ سڀ موجود
تو ۾ تون ئي آهين،
مون ۾ سڀ موجود!
مون ۾ عالم، مون ۾ آدم،
مون ۾ غيب شهود:
مون ۾ سڀ موجود!
تنهنجي منزل عرش اُتاهين،
منهنجي دل منجهه ورود:
مون ۾ سڀ موجود!
مان ئي ناز "نياز" به مان ئي،
مان ئي مقصد ۽ مقصود:
مون ۾ سڀ موجود!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص: 104)

هن وائيءَ ۾ نياز همايوني وحدت الوجود جو فلسفو پيش ڪيو آهي. هو "حق" کي ئي وحدت سمجهي ٿو ۽ ان جو اظهار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته ٻي ساري ڪائنات، ٻيا سڀ منظر ان "حق" جو ئي مظهر آهن.

هيٺ پيش ڪيل وائي به ان سلسلي جي ڪڙي آهي:

انسان پنهنجي دنيا، ڏس ڪيئن نه پاڻ ٺاهي،
انسان سِرُ الاهي!
هر شڪل ۾ هي پورو، هن جا به آهه چاهي:
انسان سِرُ الاهي!
سچ تي قبولي آهي، هن جانباز ڦاهي!
انسان سِرُ الاهي!
باطل جو ٿي رهيو آه، شيطان وانگ واهي!
انسان سِرُ الاهي!
بڻجي ڪڏهن ٿو رهبر، کوٽي ڪڏهن ٿو کاهي:
انسان سِرُ الاهي!

هلچل ۾ هن جي فطرت، هرگز پٽي نه ساهي:

انسان سِرُ الاهي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جي گيت ص: 106)

هن وائيءَ ۾ انسان جا رمزن ۾ رنگ بيان ٿو ڪري. انسان هر وقت عمل ۾ آهي، حرڪت ۾ آهي: ڪڏهن ته سچ جو ساٿ ڏيئي سوري چڙهيو وڃي، ته ڪڏهن شيطان وانگي رڳو باطل جي پٺپرائي ٿو ڪري. ڪڏهن رهبر بنجي دگ ٿو لائي ته ڪڏهن هر ڪنهن لاءِ ڪاهي ٿو ڪوٽي، ائين هر ڪم ۾ پورو آهي ۽ هلچل ۾ ئي هن جي فطرت آهي.

هيٺيان نظمن جا بند ڏسو جن ۾ وحدت الوجود جي وائي آهي:

جوڳي آهن جوگ ۾، ليڪن ڳالهه ٿي گهرجي ڳچ هتي،
وڃيو، چيريو ۽ چڇريو، تون پر ۾ بيهي پچ هتي،
ٻاهر ٻاڦ نه نڪري هرگز، اهڙو ٻارج مچ هتي.

(دل ۽ ڏرتي جا گيت ص: 54)

هن بند ۾ نياز چوي ٿو ته جوڳي جوگ ته ڪن ٿا، پر جيڪي پاڻ کي وڃي، چيري ۽ چڇري پر ۾ پچن ٿا ۽ جن جي ٻاهر ٻاڦ نڪري انهن جي ڳالهه ڳچ آهي، اهي ئي اصلي جوڳي آهن، جيڪي ٻين کي فيض ڏين ٿا ۽ پاڻ کي فنا ڪن ٿا.

رات سُهائي، پُونءِ سنئين، پڻ پٽين وڏو پنڌ، الا!
هلندي حضور حبيبن جي تون ڪرها! موڙ نه ڪنڌ الا!
پهچائي جو پار پرينءَ جي پنڌڻ سوئي پنڌ، الا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص 54)

چانڊوڪي رات آهي، زمين به هموار آهي. اهڙي صورت ۾ تون حبيبن ڏانهن هلندي ڪنڌ نه موڙجان ۽ اهڙو سڌائو رستو، سڌائي واٽ ونجان، جيڪا پرينءَ وٽ پهچائي، اها واٽ ڪهڙي آهي؟ اها واٽ وحدهُ لا شريڪ لهُ جي سنئين واٽ آهي.

هيٺين نظم جي بندن ۾ تصوف جي هر نڪتي جي اپٽار ڪئي ويئي آهي:

تون انجيل بڌجي، جڏهن دل ۾ آئينءَ،
ته عيسيٰ جيان روح بيدار ٿي پيو.
صليب آيو سر تي ته پي ساک تنهنجي،
مليو موت ته به ڪونه ويچار ٿي پيو.
ڪيو عشق توساڻ جنهن پي ديواني.

اهو آدميت جو معيار ٿي پيو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص: 269)

شاعر هنن سٽن ۾ انسان جي معيار کي ياد ڪندي، حضرت عيسيٰ جي زندگيءَ کي ياد ٿو ڪري، ته حضرت عيسيٰ جي زندگي انساني معيار تي پوري ئي پوري لٿل آهي ۽ ماڻهن لاءِ هڪ مثال آهي.

تون سقراط جو ذهن، منصور جو دم،
تون گوتم جو گيان ۽ تون قرآن جي دل.

تون خَلَيق جو نور عبادت جي لائق،
تون ڪعبو، تون ڪاشي، تون يزدان جي دل.

تون شهباز ۽ شاهه تون بي نياز،
تون سچل، تون سامي، تون انسان جي دل!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : ص 270)

هن شاعريءَ ۾ نياز همايوني سربستي حق جي ڳالهه ڪئي آهي چوي ٿو الله پاڪ جا ڪتاب خلق لاءِ روشني آهن ۽ الله پاڪ ئي عبادت جي لائق آهي هر هنڌ واحد جي وجود جي تنوار آهي، جن الله پاڪ جي ڪتابن جي پيروي ڪئي آهي، اُهي ئي حقيقي انسان آهن اهي ئي ماڻهن جي دل ۽ گوتم جو گيان آهن.

هي بند ڏسو:

ڪافر ناهيان، مشرڪ ناهيان، تڏهن به ٿو خاموش گذاريان،
هوش ۾ آهيان، بي سُڌ ناهيان، پوءِ به ٿو مدهوش گذاريان،
هر هنڌ ٿو موجود رهان ته به، ڇڻ ته پيو روپوش گذاريان:
ڪافر ناهيان، مشرڪ ناهيان!
(دل ۽ ڏرتيءَ جي گيت: ص 250)

نياز همايونيءَ جي نگاهه گهري آهي، هن جي نظم ۾ ويدانيت ۽ اسلامي تصوف جو حاصل مقصد ساڳيو آهي. ٻئي پاڻ ۾ پرينءَ پسڻ جي تلقين ڪن ٿا، انهي فڪر ۽ تصوف جي انهي رنگ ۾ رنگيل نظر اچي ٿو. تڏهن ته مسلمان ۽ هندو جي فرق کي وساري ويٺو آهي ۽ پنهنجي دور جي سياست ۽ مذهبي حالتن جي سبب هي تلقين ڪري ٿو:

جاڳ سو منهنجي اندر وارا! ٻارن وانگي ٻاڏايان ٿو،
آءٌ آپاڳو، تون ئي سپاڳو، توکان وڇڙي پڇتايان ٿو،
ليڪن اڳتي وڌندي دل ۾ سوچيندي شرمايان ٿو!
جاڳ او منهنجي اندر وارا!
جاڳ او منهنجي اندر وارا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص 251)

نياز همايوني هن شعر ۾ چوي ٿو ته پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي شرمايان ٿو آءٌ آپاڳو ۽ تون سپاڳو جي ڳالهه ڪري چوي ٿو ته منهنجي اندر ۾ جيڪي وسي ٿو، ان کي چو نه ٿو جاڳايان؟ هن سٽن ۾ تصوف جا باريڪ نڪتا سمايل آهن. هن ۾ ”محبوب ڳولي ڏس من ۾ الا“ جي تنوار شامل آهي.

هيٺين بندن ۾ انسان ۽ انساني قدرن جي پرچار ڪئي ويئي آهي:

زندگي فاني آهي ته چاهي، اسان کي ته ان جو نه ڪوئي ارمان آهي،
آدميت امر آهه، ان جي ئي قدرن ۽ سچ جي بقائن تي ايمان آهي،
سونهن جي ساک نيڪيءَ جو ننگ، هي پنهنجو آدرش، ايمان ارڪان آهي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص 276)

نياز همايوني زندگيءَ کي فاني چوي ٿو پر ان تي ارمان ڪونه ٿو ڪري، هو آدميت انسانيت کي ئي امر سمجهي ٿو ۽ انساني قدرن ۽ سچ تي ئي ايمان رکي ٿو. هن جو آدرش سونهن جي ساک ۽ نيڪيءَ جو ننگ ئي آهي. هو ايمان ۽ ارڪان به انهن ئي انساني قدرن کي سمجهي ٿو.

اسان تنهنجي قدرن تي ايمان آڻي،
انهن کي سدا زندهه رکندا رهياسي.

امانت جا سونپي تو سچ جي اسان کي،
انهي جان گهبان ٿيندا رهياسي.

جڏهن وقت آيو ته سپڪجهه تياڳي،
وفائن جي راهن تي رمندا رهياسي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص 269)

نياز همايوني چوي ٿو ته سچ جي امانت، جيڪا اسان کي سونپي ويئي، ان تي ايمان آڻي، انهن قدرن کي زندهه رکيوسين ۽ جڏهن به اهڙو وقت آيو، ته سچ ۽ سونهن سان وفا ڪئيسين ۽ ڪڏهن به پٺتي نه هٽياسين.

مجموعي طرح نياز تصوف جي انهيءَ ئي رستي تي بيٺل آهي، جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي لاءِ چونڊيو هو.

2. روشن خيالي ۽ ترقي پسندي:

”انسان جي جيئڻ جي ڍنگ جي باري ۾ اهو رويو، جنهن جو بنياد سائنس تي هجي، ان کي ترقي پسندي چيو ويو.

يورپ ۾ ترقي پسندي باقاعده مختلف فڪرن ۽ مرحلن ۾ ورهايل آهي، ان جا ليکڪ به انهن خانن ۾ ورهايل آهن، چو ته مارڪسي فلسفي ۽ سويت يونين جي انقلاب کان پوءِ, ترقي پسنديءَ کي انهي نظرئي لاءِ مخصوص ۽ محدود سمجهيو ويو، جنهن ڪري يورپ روشن خيالي (Liberalism) دهريت (Atheism) انسانيت پسندي

جون (Existentialism) وجوديت (democracy) جمهوريت پسندي، (Humanism,) فڪري، سياسي ۽ ادبي تحريڪون الڳ الڳ رهيون آهن ۽ هر تحريڪ جا الڳ الڳ اديب ۽ فلسفي رهيا آهن. جهڙوڪ ميڪسم گورڪي، پليخانوف مارڪس واد هئا ته البرٽ ڪاميو، جان پال سارتر وجودي مفڪر ۽ اديب هئا. جان لاڪ، بوڪيشو، ماڪياسان، بالزاڪ، والٽيرَ روشن خيال ليکڪ هئا ۽ روسو شيلي وغيره رومانوي فڪر جا اديب هئا." [16]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو روشن خيالي ۽ ترقي پسنديَ جي فڪر جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

روشن خيالي

روشن خياليَ جو لفظ اسان انهيَ حالت ۾ ڪم آڻي رهيا آهيون، جنهن ۾ ان لفظ کي عام طور تي عقليت جي فلسفي جي نتيجي طور ڪم آندو ٿو وڃي. هونئن يورپ جي انهيَ دور جي ڪيترن ئي "روشن خيال" عالمن ۽ فيلسوفن عقليت جي فلسفي کي به گمراهيَ جو فلسفو ٿي سمجهيو ۽ انهيَ ڪري هنن روشن خيالي جي عقليت تي مبني مفهوم قبول نٿي ڪيو.

روشن خيالي جو بنياد انهيَ ڳالهه تي آهي ته، انسان سڀ هتي ۽ هن ئي دنيا ۾ هن ئي ڏرتيَ تي تڪميل يا ڪمال جي هڪڙي صورت کي پهچي سگهن ٿا، توڙي جو يورپ ۾ عيسائيت (۽ مشرق ۽ ٻين مذهبن) جي تعليم اها آهي ته تڪميل يا ڪمال رڳو مذهبي زندگيَ جي رستي حاصل ٿئي ٿو ۽ اهو به مرڻ کان پوءِ ٿو حاصل ٿئي."

ادبي طور تي اها ڳالهه تمام اهم آهي، جو ڪيترن حالتن ۾ اسان جو روشن خيال اديب به "انسان جي تڪميل" کي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انسان جي وس کان ٻاهر ٿو سمجهي. ڪنهن تنقيد جي غير موجودگيَ جو فائدو اسان جي انهيَ اديب کي اهو مليو آهي، جو اُصولن جي بنياد تي هن جي ڪم جو تجزيو ڪونه ڪيو ويو آهي.

ارڙهين صديَ ۾ "تڪميل" جي هن تصور کي جن عالمن جي مدد ۽ حمايت حاصل ٿي آهي، اُهي آهن لاڪ (Locke) ۽ نيوٽن (Newton). هن ٻنهي عالمن گڏجي خيال، فطرت جي دليل جي باري ۾ اهو ڪم ڪيو، جيڪو هنن سوالن جي باري ۾ اڳ ۾ مذهبن جي اختيار ڪيل رويي جو ٽوڙ ثابت ٿيو." [17]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ترقي پسندي کي به وضاحت سان بيان ڪري ٿو:

ترقي پسندي

نئين فڪر جو جيڪو يقيني ۽ پختو نتيجو نڪتو، تنهن ترقيَ (Progress) يا انساني مرتبت جي واڌاري جو هڪ نئون نظريو ڏنو. هن نظريي کي "ترقيَ جو

نظريو" (Progress of Doctrine) سڏيو ويو ۽ اِهو ئي اُهو نظريو يا خيال آهي، جنهن تي ترقي پسندي يا "ترقي پسند ادب" جا نظريا ٺهيا آهن.

ترقيءَ جي نظريي مطابق:

(1) انسان جي عظمت ۽ تڪميل جو سوال، ان جي زندگيءَ ۾ ۽ ان جي ماحول جي اندر، هن ئي دنيا ۾ حل ٿيڻو آهي.

(2) انسان "رو به ترقي" آهي ۽ هميشه بهتر کان بهتر ماحول ۽ نظام جي تلاش ۾ رهي ٿو.

(3) هٿرادو يا غير فطري طريقن سان ڪڙو ڪيل يا اڌيل ظالماڻو نظام، هر حالت ۾ تباهه ٿيڻو آهي، پر اُن جي تباهيءَ جو ڪم آسماني طريقن جي بجاءِ، دنيوي طريقن سان ۽ انسان دوست انسانن جي مدد سان ٿيڻو آهي، يا فطري طريقن سان ٿيڻو آهي.

(4) انسان جي ترقيءَ جو راز بهتر وسيلن جي بهتر استعمال ۾ پوشيده آهي.

(5) سماجي ۽ اقتصادي حالتن کي جدا ڪري نه ٿو سگهجي. اقتصادي حالتون سماجي حالتن جون پيداوار آهن ۽ سماجي حالتون اقتصادي لاڳاپن جي دباءُ هيٺ رهن ٿيون. هن طرح ڪوبه نظام اقتصادي حالتن کان الڳ رهي نه ٿو سگهي ۽ انصاف تي ٻڌل نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ اقتصادياتي انصاف رائج ڪرڻو پوي ٿو.

عام طور تي اهو پروسو ڪري ٿو سگهجي، ته ڪنهن به ترقيءَ پسند ماڻهوءَ يا دانشور يا اديب جي لاءِ، هنن پنجن نقطن تي اتفاق ڪرڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن هو هنن پنجن نقطن تي ارادي طور تي اتفاق ڪري ٿو، ته پوءِ هن کي "ترقي پسند" ماڻهن ۾ شمار ڪري ٿو سگهجي؛ ٻيءَ حالت ۾ هو ان ٽولي ۾ شامل ٿي نه ٿو سگهي."[18]

"ترقي پسند نقطه نظر جي حامين جي اها گهر هوندي آهي، ته ادب سماج لاءِ بي ڪار ۽ نقصان ڪار نه هجي بلڪه ڪارائتو ۽ فائدي مند هجي ۽ اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن اديب سماج سان لاڳاپيل مسئلن ۽ موجوده مشڪلاتن کان واقف هوندا آهن. انهيءَ ڪري مجنون گورک پوري چيو هو ته: ترقي پسند اديب لاءِ ضروري آهي ته هو سنجيده ۽ اميد رکندڙ ۽ بلند حوصلي وارو هُجي."[19]

ساڳئي وقت ترقي پسند تحريڪن مان مراد به اها ڳالهه آهي ته سماجي ترقيءَ ۾ مدد ڏين ۽ ادب جي فني معيار تي پورو لهن. انهيءَ نقطه نظر موجب ڏٺو وڃي ته سڀ کان پوءِ سڀ جي ماڻهن ۾ اهو شعور پيدا ٿيو ته دنيا رڳو وڏيري جي حڪمراني ۽ هاريءَ جي غلامي تائين محدود نه آهي، قدر يا روايتون ڪي بيٺل پاٽيءَ وانگر ناهن، ادب رڳو خيالي دنيا جي خوبصورت قصن جو نالو ناهي، بلڪه اهڙي به

دنيا آهي جتي انسان غلاميءَ جون زنجيرون ڀاڻ مان لاهي اڇلائي ڇڏيون آهن، پورهيت، بازاري، گهٽ ذات، پيڙهيل ڏتڙيل انسان هوندي به وڏي طاقت آهي. هو رڳو مصيبتون سهڻ لاءِ پيدا ڪونه ٿيو آهي، پر پنهنجي جدوجهد سان قسمت بدلائي سگهي ٿو. اهو ئي سبب هو جو سنڌ ۾ شاعريءَ ۾ جديد ترقي پسند روشن خيال نظرين جي اڇٽ کان پوءِ پنهنجو رخ عوام ڈانهن موڙي ڇڏيو، جنهن ۾ غريب جو ڏک، ڏرتيءَ جو سک، عام رعيت جي زندگي جا وهنوار شاعريءَ جا موضوع بنيا.

محترم رسول بخش پليجي چيو هو ته: ”روشن خيال اديب پنهنجي ذات تائين محدود نه هوندو آهي، بلڪه سموري انسانيت سان محبت رکندڙ هوندو آهي. سنڌ ۾ ڪشنچند بيوس جي نظم ”الله جُهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي“ حيدربخش جتوئي جو – ”پلي آئين جي آئين درياءُ شاهه“ فتح محمد سيوهاڻيءَ جو ”دنيا جو دؤر“ حافظ شاهه حيات جو نظم ”دلاسو“ وغيره، مغربي ادب جي اثر هيٺ، نئين دؤر جي سنڌي شاعريءَ جي پرهه ڦٽڻ جا آثار هئا. هنن شعرن جا شاعر پراڻا نالي چڙهيل عاشق نه آهن جن جو ڪعبو قبلو سندن ليليٰ آهي. جن جي سموري ڪائنات يار جي گهٽيءَ تائين محدود آهي. جي رڳو مطلب جا يار آهن ۽ جنڪي يار ملي ته پوءِ سڄي دنيا پلي وجي ڦاهو ڪائي مري![20]

دنيا جي هر جڳهه تي شاعريءَ جي فڪر جو پس منظر پهريائين معروضي حالتن ۾ نروار ٿيندو آهي، پوءِ اهوفڪر فن ۽ ادب ۾ يا سماجي وهنوار ۾ ظاهر ٿيندو آهي. سنڌ ۾ روشن خياليءَ ۽ ترقي پسند فڪر جي اُسرڻ، وڌڻ ويجهڻ جون معروضي حالتون پيدا ٿي چڪيون هيون، انهي ڪري مختلف شاعر هن فڪر مطابق اڳتي اچڻ لڳا.

سنڌ ۾ روشن خيالي

موهن جي دڙي جو سماج روشن خياليءَ جي صحيح تصوير هو، جتي مدري نظام هو. ڪوبه اهڙو قدر نه هو جيڪو انسانيت جي خلاف هُجي، پر جيئن ئي حملا آور آيا، سماج ۾ پڇ ڏاهه شروع ٿي، پيداواري ذريعا بدليا، آقا ۽ غلام جو دؤر شروع ٿيو، ته سماج جي وحدت ٽٽي پئي، بدلجندڙ حالتن ۽ جاگيرداري سماج جا قدر ۽ ڏارين جا فڪري لاڙا سنڌي فڪر تي اثر انداز ٿيا، مذهبي رجعت پسندي، ذات پات، ڏارين جي ڏاڍ جبر ۽ قتل و غارت سنڌي سماج جي روشن خياليءَ کي چيهو رسايو، پر ان جي باوجود به سنڌ فڪري طور مڪمل رجعت پسندي يا مذهبي جنونيت ڈانهن نه ويئي، جيڪي به لاڙا آيا اُهي ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ماڻهن جي ذهنن کي ۽ سماج کي لوڏيندا رهيا، پر جلدي ماڻهون پنهنجي اصليت ڈانهن موٽي ٿي ويا.

ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي انهيءَ ڳالهه کي هيئن ٻڌايو آهي ته:

”گذريل صديءَ ڈانهن نهاريندي هڪ مبصر کي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ مخصوص خوبي نظرايندي، سنڌ پاڙيسري ايشيا جي ٻين ملڪن جي تمام اهم واقعن کان گهٽو ڪري الڳ ٿلڳ پئي رهي آهي . انهن مان ڪن اهم واقعن سنڌ تي وڏو اثر ڇڏيو، پر گهٽين حالتن ۾ ان لهر جو رد عمل تمام گهٽ محسوس ڪيو ويو. سنڌ ۽ سنڌين جي

انفراديت جي ڳالهه جي تشبيهه لاءِ هيئن صحيح مثال ڏيئي سگهجي ٿو، ته سنڌ جي حياتي هڪ پاڻيءَ جي تلاءُ وانگر آهي، جنهن ۾ وقت به وقت ٻاهران پٿر اڇلائبو آهي، شپڪي کان پوءِ ٿوريون لهرون پيدا ٿين ٿيون ۽ ان کان پوءِ وري ماڻ ٿي وڃي ٿي، يا هن ڳالهه کي ٿورو بدلائي کڻي هيئن بيان ڪجي ته هندستان جي تاريخ جي بيتاب لهر، سنڌ جي منفرد حيثيت جي خاموشيءَ سان ٽڪرائجي ٿي ته اها کي هلڪيون لهرون پيدا ڪري ٿي، جيڪي وارياسي ساحل تي صرف ٿوري هلچل پيدا ڪن ٿيون. سنڌ جي تاريخ کي واقعاتي ۽ نيارو سڏڻ کو غلط کو نه ٿيندو، جيڪا ان جي همیشه کان صلح پسند سپاءُ رکندڙ عوام جي نمائندگي ڪري ٿي." [21]

"سنڌ ۾ جديد ادب جو دؤر دير سان شروع ٿيو، پر ان کان اڳ سنڌ ۾ صوفي شاعرن وٽ روشن خيالي ۽ ترقي پسند فڪر موجود هو. اسان وٽ يورپ وانگر هر لاڙي ۽ تحريڪ جا الڳ الڳ اديب نه رهيا آهن، ڇو ته اسان وٽ اهي فڪر باقاعدي ارتقائي طور پيدا نه ٿيا، بلڪه جنهن دؤر ۾ اسان وٽ جديد ادب جي شروعات ٿي، ان وقت دنيا ۾ سپئي لاڙا پنهنجو پنهنجو ارتقائي دؤر پورو ڪري چڪا هئا. ڪوبه لاڙو سنڌ ۾ مڪمل طور آيو ئي ڪونهي، نه سرمائينداري نه سوشلزم نه لبرلزم نه رومانيت نه ڪو ٻيو، سپني لاڙن جا ٿورا ٿورا اهجاڻ نظر اچن ٿا، جيڪي ڪٿي ڪٿي ته گڏيا پيا آهن. تنهن ڪري سنڌ ۾ اهي سپئي لاڙا تقريباً سپني اديبن ۾ موجود رهيا. اسان وٽ ترقي پسندي کي خالص مارڪسي نقطه نظر سان منسوب ڪيو ويو، پر ڪوبه اديب خالص مارڪسٽ نقطه نظر وارو نه هو، هن ۾ روشن خيالي، رومانويت، وجوديت، مارڪسزم ۽ قوم پرستي هڪ ئي وقت موجود رهيا." [22]

هي اهو دؤر هو، جنهن لاءِ غلام محمد گرامي چيو هو ته: "جديد سنڌي ادب انشاالله هڪ نئين محشر ۽ نشاط ثانيه لاءِ صور اسرافيل جو ڪم ڏيندو، تاريخ ان کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي."[23]

ادب جيڪڏهن سماج ۽ سماجي مسئلن ۽ مونجهارن سان لاڳاپو نٽو رکي، ته اهو ان وڻ ويڑهيءَ مثل آهي، جيڪا جنهن به وڻ تي چڑهي ٿي، ان کي سڪايو ٿوٽ ڪريو چڏي ۽ پوءِ ان وڻ مان، ان فصل مان، لاپ حاصل ڪرڻ جي اميد ختم ڪريو چڏي، ڊاڪٽر اسحاق سميجو ڊاڪٽر شمس سومري جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"ترقي پسند اديبن اها ڳالهه نهايت چٽائيءَ سان چئي، ته ادب فقط ادب لاءِ ٿي نٽو سگهي، ان کي هر حال ۾ پنهنجي سماج، ان جي ماڻهن ۽ زندگيءَ لاءِ هجڻ گهرجي. چاڪاڻ ته اهو ئي ان جو اصل محرڪ به آهي ته مخاطب به. ادب فطرت جي ساراهه جا ڪيترا به ڳڻ ڳائي، اننت ۽ پراسرار هجڻ جي ڳهر ۾ گرفتار رهي، پنهنجي سموري فني ۽ تخليقي صلاحيت ان جي نيڪي ۽ واکاڻ لاءِ وقف به ڪري چڏي، پر اهو سپ ڪجهه فطرت جي ڪنهن به ڪم جو نه آهي، ان کي وري به ماڻهن ۽ سماج کي ئي ڪم اچڻو آهي."[24]

سنڌي ادب ۾ ترقي پسند فڪر جو پوئلڳ انهيءَ کي چيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي تخليق جو رشتو سماج جي مسئلن سان جوڙي، عام ماڻهن جي ڏک ۽ سک کي محسوس ڪري سگهي، عام ماڻهن جي پيڙا، معاشي تنگي، جهالت، بيماري، طبقاتي ڪشمڪش جو سندن نفسيات تي ٿيندڙ اثر ظاهر ڪري سگهي ۽ وقت جي روڳي قدرن کي وائکو ڪرائڻ جي لاءِ ٻڌل هُجي. عام طور سان اهو سمجهيو ويندو آهي، ادب جو سماج سان، عام ماڻهن سان رشتو انهيءَ وقت کان ڳنڍجڻ شروع ٿيو آهي، جڏهن کان دنيا جي نقشي تي سوويت يونين نروار ٿيو ۽ مارڪسزم پورهيت طبقي جي سرواڻ نظرئي طور متعارف ٿيو. جڏهن ته هرو پرو ائين به ڪونهي، ”مارڪسزم“ اديب کي هڪ رخ ضرور ڏيکاريو آهي، سندس عملي سوچ کي تحريري جامو پهرائڻ لاءِ اهڙو سياسي پليٽ فارم ضرور مهيا ڪري ڏنو آهي، پر اديب جي تخليقي ارتقائي عمل ۾ هونئن به منفي روايتي مت ۽ فرسودگيءَ خلاف بغاوت موجود هوندي آهي. يورپ جي روشن خيالي واري (Liberal) تحريڪ کان پوءِ سڄي دنيا جي ادب تي مثبت اثر پيا، جنهن ڪري ادب جو رخ عام ماڻهن ڏانهن ٿي ويو هو. ظهير ڪاشميريءَ پنهنجي ڪتاب ”ادب کي مادي نظرئي“ ۾ چيو آهي ته ادب معاشري لاءِ مثبت طاقت تڏهن بنجي سگهي ٿو، جڏهن ادب ۾ ارتقائي تخليق هجي، فرسوده ارادن کي ٽوڙڻ، سماج کي تعمير ڪرڻ جا خاڪا سڀ تڏهن ئي پيدا ٿي سگهن ٿا، انهيءَ ڪانسواءِ ادب تخريبي يا تهذيبي نٿراءُ جون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو.“ (25)

نظريي جو نتيجو اهو نڪتو هو ته اديب جو تخليقي رشتو نامعلوم کان ختم ٿي معلوم سان جڙي ويو.“ (26)

هتان جي اديبن ۽ شاعرن تي به دنيا جي جنگين ۽ انقلابن ۽ گڏوگڏ ترقي پسند تحريڪ جو اثر پوڻ لازمي هو. هنن نه صرف اهو اثر قبوليو پر عام ماڻهن جي ڏکن، سورن، ۽ تباهين تي ادب ذريعي لکي اظهار ڪيو. ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو ته:

”جيستائين ترقي پسند تحريڪ هڪ مربوط شڪل ۾ شاعريءَ کي متاثر ڪري، ان کان اڳ ۾ ئي عالمي جنگين، دنيا ۾ آيل پورهيت انقلابن، غلاميءَ خلاف هلندڙ تحريڪن ۽ پرماري ۽ استحصالي قوتن خلاف اديبن ۽ فنڪارن جي ورتل اپائن جا اثر اٽ سڌيءَ ريت سنڌي شاعريءَ تي پوڻ شروع ٿي ويا هئا. اهي اثر هڪ طرف شاعريءَ جي بدليل ٻوليءَ، نئين علامتن، زندگيءَ جي بدليل قدرن ۽ ضرورتن مطابق تشبيهن ۽ استعارن ۾ استعمال کان علاوه، موضوع ۽ ڪردار جي تبديلي به ان جا اهم پاسا ۽ رخ آهن. خاص ڳالهه نون ۽ اٽ ڇهيل موضوعن جي هئي، جن ۾ ڪيترائي نج سياسي مسئلا ۽ موضوع هئا. روايتي شاعرن شاعريءَ لاءِ سياست کي ممنوع ميوو قرار ڏئي ڇڏيو هو، پر زندگيءَ جون پنهنجون ضرورتون آهن. اها زهر کي به تریاق طور ڪتب آڻي ونڊي آهي. سياسي مرضن جو علاج به سياسي شاعريءَ وسيلي ئي ممڪن هو. بينڪيتي نظام جي غلامي، سرمائيدارانه استحصال ۽ اندوهناڪ ۽ پيانڪ جنگي حالتن جي سُرنگ مان نڪرڻ لاءِ، شاعرن وٽ پنهنجي تخيل ۽ سوچ جي ئي اڪيلي ٽارچ

هئي. ان ڪري هنن ان کي ئي ڪم آندو. اها سوچ ۽ ذهني روش نه رڳو ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي صورت ۾، پر سڄي دنيا ۾ آيل اٿل پٿل جي نتيجي ۾ پيدا ٿي چڪي هئي، ته هاڻ دنيا جي هن گولي جي تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ شاعرن، اديبن، ناول نگارن ۽ فنڪارن کي به اڳتي اچڻو پوندو. جنرل، حڪمران، واپاري، سياستدان ۽ فوجي دنيا کي موت جي منهن ۾ ڌڪڻ لڳا آهن. ان ڪري عام عوام ۽ فنڪارن کي اڳتي اچڻو پوندو.

شاعريءَ تي پيل اهڙا اثر سياسي وابستگي، ڏر، ڏڙي فڪري وابستگي ۽ ڪاپي ڏر ۽ ساڃي ڏر جي بحثن کان بلڪل مٿانهان آهن. ڇاڪاڻ ته نه رڳو ننڍي کنڊ بلڪه سڄي دنيا تي گردش ڪندڙ جنگ جا ڪڪر سپني لاءِ هڪ جهڙو خطرو هئا. ٻئي طرف ننڍي کنڊ جي غلامي ڪنهن به مذهب، مسلڪ، فرقي، نسل، قوم ۽ علائقي جي فرد کانسواءِ سپني کي ذلت جو احساس ڏياري رهي هئي. ايئن ئي روس، چين، ويٽنام ۽ ٻين ملڪن ۾ آيل پورهيت انقلابن دنيا جي سپني ماڻهن کي نئين ۽ خوابناڪ دنيا ۾ پهچائي ڇڏيو هو. اها مايوسي ختم ٿي چڪي هئي، ته هيءَ دنيا زمانن کان وٺي ايئن ئي رهي آهي ۽ ايئن ئي رهڻي آهي. ان ڪري ننڍي کنڊ ۽ خاص طور سنڌ جا شاعر پنهنجي پورهيت، مزدور، هاري پائرن کي سجاڳ ٿيڻ جا مشورا ڏيندي ٻڌجن ٿا.” [27]

سنڌي شاعرن به پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪيو، سجاڳيءَ جي سڏ کي ورنايو ۽ پنهنجو پاڻ ملهايو

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو ته:

”سنڌي شاعرن پنهنجي دؤر جي مسئلن کي سمجهيو، ۽ ان جي سماجي سورن جي گهٽتائيءَ ۽ حاصلات لاءِ پتوڙ جي واٽ لاءِ ڌارين صنفن، توڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪري، مسئلن جي چنڊچاڻ پئي ڪئي آهي. جديد شاعريءَ ۾ موسيقيت، لئه ۽ ڇٽائي هوندي آهي، منجهائيندڙ ۽ مخفي معاملا گهٽ مسئلي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش وڌيڪ هوندي آهي. سنڌي شاعرن ۾ شيخ ايياز، عبدالڪريم گدائي، ڪشنچند بيوس، ڪيئلداس فاني، حيدربخش جتوئي، سڳن آهوجا، نارائڻ شيام، تنوير عباسي، استاد بخاري، نياز همايوني، جديد شاعريءَ جا باني هئا.” [28]

سنڌي شاعرن هر صنف ۾ ترقي پسنديءَ جو ثبوت ڏنو ۽ دنيا ۽ پنهنجي خطي جي ماڻهن جي اهنجن جي شاعريءَ ذريعي اپٽار ڪئي. اسحاق سميجو لکي ٿو:

”جديد ۽ ترقي پسند شاعرن پنهنجو مخاطب ڇو ته عوام کي قرار ڏنو هو، تنهن ڪري انهن جي شاعريءَ جي ٻولي، لب لهجو، پيشڪش ۽ ان ۾ موجود شعري محاسن سڀ عام ماڻهوءَ جي سطح ۽ سمجهه سان ميل کائيندڙ هئا. ماڻهن کي گهري کان گهري ۽ نهايت فلسفيانه ڳالهه به ان ڪري سمجهه ۾ اچي ٿي وئي، ڇو ته اها ماڻهن جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ هئي. خود لوڪ گيت جو نئين سر بحال ٿي رواج ۾ اچڻ به ان جو سڀ کان وڏو مثال آهي. ان جوئي نتيجو آهي، جو نئين ۽ جديد شاعري روايتي شاعريءَ وانگر سڪٽي درٻارن ۽ محفلن جي زينت نه بڻي، پر اها پهاڪن، چوٽين ۽ لوڪ

شعرن وانگر ماڻهن جي دلين تي نقش ٿي وئي. پٽائيءَ کان پوءِ شايد پهريون پيرو ترقي پسند شاعرن جون سٽون ئي پهاڪن وانگر زبان زد عام ٿيون. ايار، استاد، نياز، امداد ۽ تاجل جا ڪيترائي گيت لوڪ گيتن وانگر مشهور ۽ مقبول ٿي ويا. انهن جون ڪيتريون ئي سٽون پنهنجي عواميت، سچائي، سادگي ۽ ڳوڙهائيءَ سبب پهاڪن جي درجي کي چهڻ لڳيون آهن.”

ايار:

_مـٹـهـيـــار آيـــــو مـــٹـهـيـــار ڙي،
_هـــڙڪ هلـــــو ڏيمـــان هلـو، هڙڪ هلـــو
_مـــان ڏوهـــي هـــان، مـــان ڏوهـــي هـــان
_ڊوَ بنا ڊولا، ڪـــانهي ساڃهه ســونهن جـــي.
_ســـــــچ وڏو ڏوهـــــــاري آهـــــــي
_سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو، سهندو ڪير ميار!
_منهنجو مُلهه پچين ٿو آمر، منهنجا گيت ڳنهي سگهندين؟
_مون ڏات انوکي آندي آ، ٿي تند وڙهي تلوارن سان!

استاد:

_مان ڪيئن سيڄ سمهان، منهنجا ماروئڙا، پڌري پَٽ سمهن!
_هڪ موت مئي جو پئهُ سهڻا، پيو تو مان نٿو ٿئي ڊءُ سهڻا!
_سنڌ سان اهڙي جند اڙي جو پيا دل وارا وسري ويا.
_اچبو ته جگر شير جو ڏاري اچبو، هر ديوَ ۽ راڪاس کي ماري اچبو!

شمشير:

_جبل مٽي جُهڙ ڙي جاني، جبل مٽي جُهڙ
_ڪنهن شهنشاهه جو فرمان اسان تي نه هليو
_تنهنجي نيٽن ۾ جو نهاري ويو،

نياز:

_سنڌ جاڳي پئي، سنڌ جاڳي پئي
_جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي توسان جنگ آ
_تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول، منهنجي دنيا هيڪل وياڪل
_اي وطن، منهنجا وطن، پيارا وطن، تون لک لهين!

_مڪلي! منهنجي جيجل مڪلي، تو ۾ مون هنگلاج ڏٺو!" (29)

نامياروادیب تاج بلوچ لکي ٿو:

"نياز جنهن دؤر جو ماڻهو هو، اهو انقلاب ۽ روشن خياليءَ جي تسلسل جو دور هو، مسجدن جي نکن تي ويهي. ٻاجهر جو ڏوڏو ڇڏي لسيءَ سان چپاڙي بي ضميريءَ ۽ غلاميءَ جي ڪوٽن ۾ ڏار وجهڻ وارو دؤر. نياز همايوني (Visionery) شاعر هو، شعر ۽ ادب ۾ عڪسن/اهجاڻن ۽ معروضيت جو قائل آرٽسٽ. ڪوشش وٺي نياز پنهنجي فن کي هنگامي قدرن ۽ سطحي نعريبازيءَ جي گدلاڻ کان آجو رکيو. هو قومپرست ته هو، پر ترقي پسند". (30)

سنڌ جي ترقي پسند شاعر نياز همايوني سڄي حياتي پنهنجن اکين ۾ سنڌ جي خوشحاليءَ جا سپنا سجائي رکيا سندس شاعريءَ ۾ وڏو اتساهه آهي، جيڪو هر دؤر ۾ مشعل راهه بڻيل آهي.

اڄا لڙڪ جي چانو ۾ مرڪ آهي، جڏهن مرڪ اٽلي ته طوفان ايندو،
جي سپ ڪجهه وڃائي ويهن ٿا، ورائي سگهن ٿا، انهن ۾ جي جولان ايندو،
ته ڪن پل ۾ چوپڙ ئي چوپٽ ٿي پوندي، رهائي تي سپ ڪنهن جو ايمان ايندو.

(دل ۽ ڏرتيءَ گيت ص: 220)

نياز همايوني پنهنجي مجاز ۾ به سنڌ کي سموهيو، هن مسڪيني حال هوندي به قلم ۽ ضمير جو اڳهه مقرر نه ڪيو. هي جهڪڻ بجاءِ همالیه جيان اوچو رهيو ۽ ارڏائيءَ سان جيئندو رهيو. نياز سنڌي ماڻهن جي مزاج وٽان شاعري ڪري، سنڌ جي حقيقي انداز ۾ ترجماني ڪري، سنڌ جي ماڻهن کي حقن جي حاصلات جو شعور ڏنو. هن پنهنجي قلم کان ڪهاڙيءَ وارو ڪم وٺي، سنڌ جي ويرين تي وار ڪيا. هن وڏيري، ظالم ۽ ملائيت تي قلم جي صلاحيت کي پرپور انداز ۾ استعمال ڪيو.

ڪري نيلام ڪٽ مدت، ڪٽي قبرون رکي گروي،
ڪمايو ڏن انڌي ڪاٽي، زمانو ڇا نه ٿو ڇاٽي،
ڪيا واعده هئا جنهن جيئري جنت پسائڻ جا،
اهو ڪنگهي نه ٿو هاٽي، زمانو ڇا نه ٿو ڇاٽي!
'نياز' اڇڪلهه انهيءَ اڻ تڻ ۾ هر ڪو ٿو هٽي هاڇا،
ته ملندو مهت ڪنهن ٽاٽي، زمانو ڇا نٽو ڇاٽي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 279-280)

وري همالیه جيان اوچو ٿي نياز همايوني دانهه ڪري ٿو:

ٿئي پياسي هو الا سهيڙي سور ساهه سان،
هلو ته ڪا هلان ڪريون ٿي بي نياز ساٿيو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 109)

جتي ٿي نروار بربريت تشدد اپريو شقاوتن سان،
اتي جو مظلوم انقلابي پي اڇتي آيو بغاوتن سان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 489)

نياز همايوني قلم کي ڪاڙو ڪري چوي ٿو:

"معصومن کان حق نه کسي ڪو ظالم نه تن سان اصل ٿئي،
پاڙو نبين کي پيارو، عمل ان جو نقل ٿئي،
دنيا لاءِ نعوذ پڙهون ٿا، پاڻ مٽان لاحول پڙهون،
آءٌ ته ويهي ويچاريون اڇ ڪنهن تي ڪهڙا ٻول پڙهون.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت :490)

نياز همايوني شاعريءَ وسيلي سنڌ جي ستل شعور، نوجوان ٽيلنٽ کي جاڳايو آهي. پلاٽ ۽ پرمٽ ذريعي پاڻ ٺاهڻ بجاءِ هن پنهنجو عملي ڪم ڪري ڪردار ٺاهيو. سرڪاري اديب ٽيڻ بجاءِ، هن قومي شاعر هجڻ تي فخر محسوس ڪيو. سندس شاعريءَ ۾ ايتري سگهه آهي، جو سندس شاعري ٻڌڻ، پڙهڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جي جسم جا وار ڪانڊارجي وڃن ٿا ۽ خون جي گردش تيز ٿي وڃي ٿي. سندس سڃي شاعري عوامي لهجي ۾ آهي. نياز جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي دردن ۽ سنڌي ماڻهن جي سورن ۽ اهنجن جي ڳالهه ٽيل آهي. ملان، لٽيرن ۽ وڏيرن سان ڪُلي بغاوت ڪيل آهي. هو هاريءَ جي ڳالهه هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

تنهنجي طاقت ساڻ هلي ٿو جڳ جو چرخو صبح ۽ شام،
تڏهن به توکي پنهنجي پيٽ جو اُلڪو صبح ۽ شام.

تنهنجي حياتي ڏکن ۾ گذري، پورهئي توکي سڪ نه ڏنو،
توته ڏنا لک لوڪن کي، پر توکي دنيا ڪڪ نه ڏنو.

پورهئي مان ٿي پارس پيارا، هيئن نه ماڳهن پاهڻ ٿي،

پاڻ سان گڏ تون، پنهنجي ملڪ جي خوشحاليءَ جو ڪارڻ ٿي.

(قومي انقلابي شاعري: 45)

نياز همايوني رڙ ڪري چوي ٿو:

هي دهشت گرد ۽ ڏاڙيل سڀ ارغون جي آکهه،
وڍو جن لوڪ کي گهاٽي، زمانو چا نه ٿو ڄاڻي!

عوام آهي جو پولي جان لٽيون کائي ٿيو ساڻو،
مزا پوتار پيو ماڻي، زمانو چا نه ٿو ڄاڻي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 279)

هاريءَ جي نالي هي سٽون ڪيتريون سگهاريون آهن:

او هاري! ڪجهه سوچ سدورا، ويل نه آهه وڃائڻ جي،
دنيا ڏس ته سڃاڻ ٿي ويئي، تون به ته ڪر ڪا جاڳڻ جي!

موج پرئي مهراڻ جِئان اُٽ! لهرن سان للڪار ڪري،
سانوڻ جان اڇ سرهو ٿي وچ ويرانا گلزار ڪري!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 244)

نياز همايوني نظم "آءٌ اي مومل! ته بدلايون هميراڻو سماج" ۾ عورت جي مٿان هن سماج ۾ ٿيندڙ ظلم جي ڳالهه ٿو ڪري، هو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته عورت تي ٿيندڙ ظلم ۽ تحقير کي تقدير جو نالو ڏنو وڃي ٿو، جيڪو بلڪل غلط آهي، ان سوچ کي بدلائڻو پوندو ۽ اهڙو سماج اڏڻو پوندو، جنهن ۾ زندگيءَ ۾ هلچل هجي ۽ ڪنهن جا به نيڻ آلا نه ٿين، ڪو به غم ۾ ٻڏل نه هجي، هو مومل (عورت) کي ان سماج، جيڪو عورت جي ترقي، تعليم، عزت، ۽ عظمت جو ويري آهي، ان کي بدلائڻ جو سڏ ٿو ڏي.

هيءٌ نظم ٿه ماهي مهراڻ 3-1963ع مان مليو، جيڪو تاج جويي جي ترتيب ڏنل ڪتاب، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ۾ شامل ڪونهي. هي مخمس هيئت ۾ آهي ۽ ڇهن بندن تي مشتمل آهي، هن نظم جا ٿي بند ملاحظه فرمايو:

آءٌ، اي مومل! ته بدلايون هميراڻو سماج
حالتن سان ڪين ٿو ٽهڪي اڏ وراڻو سماج،
جنهن جو نالو آهه بي معنيٰ، اميراڻو سماج،

جنهن ۾ تنهنجي حالتن جو فيصلو تقدير تي،
جنهن ۾ توکي حق ڏنل ناهي سند ۽ تدبير تي،
جنهن ۾ تنهنجي هستي آهي منحصر تحقير تي،

جنهن ۾ تنهنجي زندگيءَ جي ٻيڙي آهي سير تي:
ڇڙ ته آهي ڪنهن انڌي چاڪيءَ جو گهاڙو سماج،
آءٌ اي مومل! ته بدلايون هميراڙو سماج.

زندگي اهڙي به ڇا، جنهن ۾ نه ڪا هلچل هجي،
موت جي جنهن جي مٿان دشمن جيان بَل بَل هجي،
نيڙ ٽين ان کان آلا، غم کان دل بيڪل هجي،
اُس بڌجي لاش، اُڏمن مٽس گهل گهل هجي:
ڪيستائين پيو ڪندو هي ڪيس ڏاڏاڙو سماج،
آءٌ، اي مومل! ته بدلايون هميراڙو سماج.
(مهراڻ: 3-1963ع، ص-24،23)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيال فڪر موجود آهي، هن جي شاعريءَ ۾ هارين جي ڏکن پيڙائن ۽ انهن لاءِ زندگيءَ جا اميد وارا پهلو جاڳايل آهن، سندس شاعري فطرت جي رمز کان وٺي، موجوده معروضي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿي.

هي وطن منهنجو وطن منهنجي اباڻن جو وطن،
منهنجي معصوم ايڻن جو، ۽ سياڻن جو وطن،
شال! تاريخ جي انهيءَ دؤر جيان آزاد رهي،
جنهن کي سپڪو ٿو چوي چنڊ ستارن جو وطن.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 202)

نياز همايوني جيئڙ جو فڪر واضح ڪندي وطن کي، آزاديءَ کي، ماروئڙن کي اهم قرار ڏي ٿو. اهي ٽئي اهم شيون ترقي پسند تحريڪ جو روح رهيون آهن، ڇو ته ترقي پسند تحريڪ جو بنياد انهيءَ فڪر تي رکيل آهي، ته معاشي نظام ئي بنياد آهي سياسي، سماجي، انساني قدرن جو، تنهن ڪري انسان کي آزادي هجي ۽ اهڙو نظام قائم ٽئي، جنهن ۾ عوام کي آسودگي ملي.

روشن خيال فڪر جو بنياد اميد پرستيءَ تي رکيل هوندو آهي، ڇو ته انسانيت جي مثبت قدرن، زندگيءَ سان پيار ۽ پرپور پل حاصل ڪرڻ جي جستجو، هڪ اميد پرست ماڻهوءَ ۾ ٿي سگهي ٿي ۽ اها اميد پرستي خاص طور سان مظلوم جو جڏهن هٿيار بنجي وڃي، ته هن ۾ جدوجهد جو روح ڦوڪجي وڃي ٿو ۽ شاعر انهيءَ اميد پرستيءَ کي اپاريندي چوي ٿو:

تون ئي سور سهين سنڌڙي، تون ئي ڏارين ڏاڍن
کي،
تون ئي ڏُم درياهن جي، تون ئي جهيڙو ساز
سرود:
سنڌ موجود حق موجود!
سنڌ موجود، حق موجود!
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 198)

نياز همايوني زماني سان جنگ جوٽي ٿو:

توکي انسان ۾ انسان جي تهذيب ۽ ڪردار نه
گهرجي،
ذهن بيدار نه ٿئي، سوچ جو انداز ۽ اظهار نه
گهرجي.
تنهنجي فطرت کي غلامن کانسواءِ فرد کو خوددار نه
گهرجي،
ڪوبه آزاد رهي کين ۽ ڪنهن لاءِ کو اختيار نه
گهرجي،
تنهنجي منشا پلي جگ ۾ي، جياپو ۾ي رهي خوار
زمانا!

اي خبردار زمانا!

پوئيواري ٽا ڪريون تن جي پڪارن ۽ پچارن جي
بهاني،
ختم ٿيندو نه خدائيءَ ۾ اسان جو اهو ڪردار زمانا!

اي خبردار زمانا!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 257-258)

نياز همايونيءَ جي نظم "زندگي او زندگي" ۾ نراس جي بي انت ڪوهيڙي مان آس جي مکڙي ڦٽي نڪتي آهي. هيڏيون بيڪسيون، تنهايون ۽ گوندرن جون گهرايون آهن پر زندگي آهي ته بهارون به آهن. هو زندگيءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته پرهه جي پنکڙين جي پدمڻي آهين تون ستارن کان به سهڻي ۽ سلڇڻي آهين، تون ونيءَ جي آس آهين ۽ ڦيروءَ جو امنگ آهين، نينهن جو نغمو آهين ۽ وهيءَ جي جلترنگ آهين، ان ڪري تون جاگ ته صبح به تو تان نثار ٿي وڃي، اي زندگي تون اڇ ته اونداهين کي ختم ڪري، روشنين جو نئون سج اپاريون ۽ بهارن جي حسين ماحول کي سازگار بنايون. هن نظم جو سڄو فڪر مايوسيءَ کي مات ڏيئي، نئين جدوجهد ۽ نئين تعمير تي مبني آهي ۽ اها ئي روشن خيالي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي نراسيت جي

ڪوهيڙي مان ڪڍي ٿي. هي نظم ماهوار نئين زندگي جون 1968ع مان مليو، جيڪو "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ۾ شامل ڪونهي.

تنهنجي مومل کان ويو راڻو رسي، اي زندگي!
پرجي آئي دل ويو دامن پسي، اي زندگي!
شب نه آهي شمع ڪانهي، ڪيئن اوندهه آئڙي،
ڪاڪ ساري ٿي وئي آهي ٻُسي، اي زندگي!

زندگي، تنهنجون وفائون جيءَ کي جهورن پيون،
ته به اُڪيرن جون ادائون توتي گل گهورِن پيون،
ڪالهه ڪينجهر تي ڪڏيون ٿي جي ڪٽيون ڪرڻن جيان،
تن کي او ساري اکيون دل جا ڪکر کورِن پيون.

زندگي او زندگي! او لال ڪنوار!
تنهنجا ڳاڙها گهوٽ ڪنهن گهائي چڏيا!؟
هاءِ، هيڏيون گوندرن گهرائيون،
هاءِ هيڏيون بيڪسيون، تنهايون:
جڙ ته چو واڻي تي محرم جو جلوس،
جڙ ته ويرانيءَ ۾ مفلس جي مزار.

تون پرهه جي پنکڙين جي پڏمڻي،
تون ستارن کان به سهڻي سلچڻي:
موت جا تو تي مدامي مامرا،
پر نه ماڻهن منجهه ڪا تنهنجي پچار.

تون وڻيءَ جي آس، ڦِيروءَ جو اُمنگ،
نينهن جو نغمو، وهيءَ جو جلترنگ:
جيڪڏهن جاڳي پوين جيتامڙي،
صبح ٿئي تنهنجي صباحت تان نثار.

اڇ ته اونداهين کي اويڙا ڏيون،
روشنيون دل جون ڪٽي اڇني وڌون،

چند کي چارن ۾ ويچارو ڪريون،
۽ بهارن کي بڻايون سازگار.
(نئين زندگي جون 1968ع :04)

جيڪا ڏرتي صدين کان سونا سنگ اپائيندڙ ۽ زندگيءَ جون سڀ نعمتون عالم کي آڇيندڙ ۽ سخاوت، سورهيائي ۽ قيادت ۽ سرواٽي ڪندڙ هجي، ان جا رهواسي، ان خمير مان پيدا ٿيندڙ ٻچڙا آزاديءَ کان محروم ڪري، غلاميءَ ۾ جڪڙي مال مڙيا ۽ ڏرتيءَ جي سوغاتن کان ڏکي ڏار ڪيا وڃن، اها ڪيڏي نه سماجي سزا آهي ۽ ڪيڏو نه انياءَ آهي، ڏرتيءَ جي ڏڻين سان. نياز همايوني اهڙين حالتن، ڪارروائين ۽ پيچيدگين کي محسوس پئي ڪيو، تنهنڪري هو خاموش نه رهيو. هو حقن جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ زماني کي خبردار ٿو ڪري:

منهن ڏئي اڳتي وڌڻو آهي هاڻ نه ڪو ويچارو ٿئي،
باز پوي جيئن جهرڪين ۾ تيئن مهراڻين تي مارو
ٿئي.
(ساڻيهه جي ساک : 70)

نياز کي هارين، نارين ۽ محنتي ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي حالت سڌارڻ جو اونو سدائين تڙپائيندو رهيو. پوري سنڌ جون ٻهراڙيون ساڳي صورتحال ۾ ڦاٽل هيون. نياز چاهيو پئي ته انهن ماڻهن کي منزل ملي ته سندن حالتن ۽ مرتبي ۾ تبديلي اچي. اهڙي خواهش جو اظهار مٿين سٽن ۾ ملي ٿو.

نياز همايوني ظلم ۽ جبر خلاف اڳيئن مورچي جي سپاهين مان هو. هو مزدور، هاري، ۽ عام ماڻهوءَ جي ڳالهه بيباڪ انداز ۾ ڪري ٿو:

ظلم قائم ڪين هوندو ۽ نه ڪو ظالم ڪوئي،
مڪر سان يا جبر سان، ٿيندو نه هت حاڪم ڪوئي،
خود غرض ڪوئي نه ٿي سگهندو ڪڏهن غاصب
هتي،
۽ نه رهڻو آهي هڪ مغلوب ٻيو غالب هتي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 194)

وري ڏاڍ سان سينو تاڻي مُنهن به ڏيڻو آهي ۽ پنڌتي پير ڪونه ڪبا:

آڏا ڏونگر ڏاڍ تڏهن پي چاتي تاڻي هلڻو آهه،
گولين سان مُنهن گهوٽ ئي ڏيندا، پنڌتي پير نه هٽڻو
آهه.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 215)

هو ڏکيون حالتون ڏسي ٿو ته اهي حالتون پيدا ڪندڙن کي نه رڳو للڪار ڪري ٿو، پر يلغار به ڪري ٿو ۽ انهن حالتن ۾ مثبت تبديليءَ لاءِ تيار ٿو ٿئي، چوي ٿو:

سوال چپ تي اچي ته ڪوئي، خيال هڪدم ستائي ٿو؟
چو
خوشي، جي پاسو وٺي ته گهرو ملال هڪدم ستائي ٿو؟
چو
ڪماليت تي رسڻ کان اڳ ۾ زوال هڪدم ستائي ٿو؟
چو
سماج هردم مُسائي چو ٿو، وبال هڪدم ستائي چو ٿو؟
روئارين ٿا جي رت اسان کي، انهن تي يلغار ٿا ڪريون اڄ!

اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 263)

جت هر ڪو غم ۾ غرق آهي، جتي ٺهڪن ۾ سڏڪا آهن، جتي متيون منجهيل آهن، جتي سانوٽيءَ جو مينهن به ساهه کي سوکهڙا ڏي، اهڙي اوکي ويل نياز همايوني اميد ۽ اتساهه جي مشعل کڻي نڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته اِهي سپ دک درد دور ٿي وڃن ٿا، جي ماڻهو جوش، جذبي ۽ جولان سان نڪري پوي:

پر پنهل! اک چنپ ۾ سپ گهمسان ڪک پن ٿي وڃن،
آهه آدم سِر الاهي، سوپ پائي ٿو سگهي،
شل نه ڪنهن جي ڪِي پوي، ڪارو مٿو ڪاوڙ ڪري،
باهه چاهي، واءُ جو پي دم منجهائي ٿو سگهي،
جي پتنگا پهه پچائي، مچ مٽان هيڪر مڙن،
ڪيئي ٽانڊاٽا ٿا چاندوڪيءَ جي سائي ۾ سڙن.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 266)

نياز چوي ٿو: بي همت ٿي دل لاهي ڇوڙها نه ڇاڙيو، همت کان ڪم وٺي تقدير کي بدلايو!

هاڻ نه ڪوئي ڇوڙها ڇاڙي، هاڻ نه ڪو دلگير ٿئي،
هاڻ اهائي همت گهرجي، تبديل جيئن تقدير ٿئي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 215)

۽ وري زماني جي جفائن کي للڪاري، پنهنجي امن جي ۽ بقا جي جنگ وڙهي ٿو، چوي ٿو:

تون پلي جوڙ هي دستور، هي منشور نئين ڏينهن نرالا،
تون پلي ٺاهه نوان ٺاهه، ستم، جنگ، غلاميءَ جي هچا لاءِ،
وقت ايندو جو نه رهندا اِهي ڏوڙيا، اهي ڏنڊا سڀ تنهنجا،
آدميت ٽي ڪري دل سان جتن امن رهائي ۽ بقا لاءِ!
پنهنجي هستيءَ کان ازل کان ٽا ڪريون پرهه جيان پيار زمانا!

اي خبردار زمانا!

اي خبردار زمانا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 261)

نياز سچ جي ساک ڏيئي ٽو ۽ ڪوڙ جي قوت کي نابود ڪرڻ جي ڳالهه ٽو ڪري ۽ اهڙي دستور جي ڳالهه ٽو ڪري، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي حق پلئه پوي ۽ ڪوبه محروم ۽ مجبور نه هجي. چوي ٽو:

دنيا وارؤ! اچو ته سچ نروار ڪجي، دل وڏي ڪري، جنهن جي ساک زماني جي هر ڪوڙ جي قوت جڏي ڪري.

ماڻهوءَ جي مذڪور ۾ شامل، اهڙو ڪو دستور هجي، ڪوبه نه پنهنجي حق جي درحق محروم ۽ مجبور هجي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 323)

هن جي بي چين دل سڀ بند ٽوڙي، تقدير کي/ ليک کي بدلائڻ ٽي چاهي ۽ هو زندگيءَ جي شام کي پُر نور صبح ۾ تبديل ڪرڻ ٽو گهري:

دل ٽي چاهي ته سڀ بند ٽوڙي رهان،
پنهنجي تقدير جي واڳ موڙي رهان،
ڪيستائين پلا ليک لوڙي رهان:
شام گهاريان پيو،
صبح ساريان پيو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 284)

مجموعي طور نياز جي شاعريءَ جو بنياد آهي ئي "فڪر"، جنهن کان بغير سندس شاعري اڌوري آهي، پر سندس فڪر کي اسان صرف هڪ وقت جي فڪري تحريڪ سان منسوب ڪري محدود نٿا ڪري سگهون. نياز وٽ انسان، زندگي، پيار اهم

شيون آهن، هو انهن کي ئي صداقت ۽ سچ قرار ڏئي ٿو، انهيءَ لاءِ وڙهي ٿو، انهيءَ لاءِ لڇي پڇي ٿو، تنهن کري نياز سنڌ جي فکري تسلسل جي کڑي آهي، جيکا هر دور ۾ روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جو روپ ڌاري ٿي.

3. قوم پرستي ۽ وطن پرستي

(الف): قومپرستي (Nationalism)

قومپرستيءَ مان مراد پنهنجي قوم جي لاءِ سياسي، معاشي يا ٻي ڪا جدوجهد آهي. اهو هڪ نظريي ۽ تحريڪ جو نالو آهي، جيڪو ڪنهن مخصوص قوم جي ماڻهن جي مفادن کي مضبوط ڪري ٿو. ان جو مقصد خاص طور تي قوم جي پنهنجي ملڪ تي اختيار ۽ خودمختياريءَ جي حاصلات ۽ حفاظت لاءِ هوندو آهي. انهيءَ نظريي مطابق سياست اقتدار (قابل قبول اختيار) جو جائز ذريعو رڳو قوم ئي هوندي آهي.اهو نظريو ثقافت، قوميت، جاگرافيائي مقام، ٻولي، سياست، مذهب، روايتن ۽ مشترڪ تاريخ جي مختلف سماجي صفتن جي بنياد تي، قومي تشخص کي پيدا ڪري ٿو ۽ پختو ڪري ٿو ۽ قومي وحدت ۽ سالميت کي فروغ ڏئي ٿو. قومپرستي، قوم جي روايتي ثقافت کي محفوظ ڪري ٿي ۽ فروغ ڏئي ٿي، اهو نظريو قومي ڪاميابين تي فخر ڪرڻ کي هٿي ڏئي ٿو ۽ اهو حب الوطني کي ويجهو آهي." [31]

انسائڪلو پيڊيا برٽنيڪا ۾(Nationalism) جي وصف هيٺين طرح لکيل آهي:

"Nationalism: ideology based on the promise that the individual's loyalty and devotion to the nation state surpass other individual or group interests"(32)

قومپرستيءَ جو نظريو انهيءَ بنياد تي بيٺل آهي ته ڪنهن به فرد جي پنهنجي قومي رياست سان وفاداري ۽ عقيدت ڪنهن فرد يا ٽولي جي مفادن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هجي.)

منصور قادر لکي ٿو:

"شاعري ڪنهن خوبصورت مرڪ مان جنم وٺندي آهي، يا وري گهري گهاءُ مان ڦٽي نڪرندي آهي، ٻئي طرف شاعري جڏهن ڪنهن مظلوم جي گهري گهاءَ مان ڦٽي نڪري ٿي ته رت جو هر ڦڙو سچ جو مچ بڻجي اپري ٿو، اها شاعري عظمت جي انهن مينارن کي ڇهڻ جي سگهه رکي ٿي ۽ اها ئي شاعري سماجن اندر انقلابي تبديلين جو سبب بڻجي ٿي۽ معاشرا انقلابي تبديليءَ ڏانهن وڌڻ لڳن ٿا. اهڙي شاعري انساني تاريخ کي تبديل ڪرڻ جي سگهه رکي ٿي، جنهن جو مثال دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي انقلابي تاريخ ۾ رقم ٿي چڪو آهي.

اڄا به هڪڙي شاعري آهي جيڪا ڏرتيءَ جي دکن جي دانهن بڻجي اپري ٿي، اها شاعري غلام ۽ محڪوم قومن ۾ آزاديءَ، آڇپي جي تڙپ پيدا ڪري ٿي. اها شاعري غلام قومن ۾ آزاديءَ جي ٻج جي سگهه رکي ٿي، اهڙي شاعريءَ سان قومون آزاديءَ جي منزل ڏانهن وک وڌائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. اهڙي شاعري غلام قومن کي غلاميءَ جا زنجير ٽوڙيندڙ لفظ پيش ڪيا ۽ اهي آدرشي لفظ اهڙا هٿوڙا ثابت ٿيا، جن غلاميءَ جي زنجيرن کي پرزا ڪري ڇڏيو. گذريل صديءَ ۾ هليل ڪيترن ئي ملڪن ۾ آزاديءَ جون تحريڪون ان جو مثال آهن.

پنهنجي رت ۾ ريٹو جهندو، اُپ تائين جهولیندو،
اهڙو ڈينهن به ايندو ساڻي، اهڙو ڈينهن به ايندو.

۽ ان شاعريءَ واقعي ماڻهن ۾ هلچل پيدا ڪئي، آزاديءَ جي تحريڪن ۾ جڙ ساهه وڌو ۽ روح ڦوڪيو.

آزادي اعلان اسان جو، سوري پل سينگار ڪري،
مرويسون پر سنڈ نه ڈيسون، هوشو جان للڪار ڪري.”[33]

قومپرست شاعر جو ڪم ئي آهي ستل قوم کي جاڳائڻ. نياز همايونيءَ کان ورتل انٽرويوءَ ۾، هو خود چوي ٿو:

”شاعر جو ڪم ئي دراصل اهو آهي ته مئل قوم ۾ نئون روح ڦوڪي. ان سلسلي ۾ مصر جي قومي شاعر، شوقي ۽ بنگال، جي قاضي نذرالسلام، جي شاعريءَ جو مثال اسان آڏو آهي. باقي جيستائين سنڌي شاعريءَ جو سوال آهي ته ان لاءِ چئي سگهجي ٿو ته شاهه لطيف سائين کان هن دور تائين، سنڌي شاعرن ۾ين قومن ۽ هولين جي شاعرن جيان ڪنهن درٻاري دستور کي نه ته مڃيو آهي ۽ نه ئي پيروي ڪئي آهي. اڄ به سنڌي شاعر مظلوم جي حمايت کليو ڪلايو حق چوڻ کان نٿو ڪيبائي.”[34]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو وڏو حصو قوم ۽ وطن جي شاعريءَ تي مشتمل آهي. هن قوم جي جوڌن جي دليري، مردانگي ۽ لازوال قربانيءَ جا گيت به ڳايا آهن ته وطن جي مٽي، سندس وٽن واهٽن، ڍنڍن درياهن کي به دل سان ڳايو آهي. سندس شاعريءَ ۾ هر جڳهه تي قومي شاعريءَ جا نقش نمايان نظر اچن ٿا. محمد صالح”عاجز” لکي ٿو:

”نياز همايوني بنيادي طرح قومپرست شاعر آهي، جيتوٽيڪ هي ترقي پسنديءَ جي رنگ ۾ اشتراڪيت ڈانهن به رغبت رکندو اچي ٿو. اُن هوندي به سندس قوم پرستيءَ وارو جذبو ڪڏهن فنا ٿي نه سگهيو آهي. هن جي شاعري زندگيءَ جي دڪ درد ۽ رنگ رُومان سان گڏ، قوم ۽ وطن جي شاعري آهي. هي اڪثر قومي زندگيءَ جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بٹائي، ان جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي اهڙيءَ طرح بلنديءَ کان وٺي پستيءَ تائين اجاگر ڪندو رهي ٿو، جو سندس شاعري اسان جي زندگيءَ لاءِ صحيح عڪاسيءَ جو رتبو رکي ٿي. انهيءَ عڪاسيءَ ۾ انفرادي، اجتماعي، ذهني، ۽ جذباتي زندگيءَ جا سمورا نقش بلڪل پڌرا نظر اچي رهيا آهن.” [35]

مولانا گرامي نياز لاءِ لکي ٿو:

”سندس انقلابي ۽ قومي شاعريءَ ۾ وقت جي ڳالهه ۽ زندگيءَ جو درد سمايل هوندو آهي؛ ان لحاظ سان هن کي سنڌ جي هر طبقي ۾ پوري دلچسپي سان ٻڌو ۽

ساراهيو وڃي ٿو. نياز جي دل وطن جي پيار سان سرشار آهي؛ اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس هر شعر دلين ۾ گهاءُ ڪيو وڃي.”[36]

قومپرستي نياز جي نس نس ۾ سمايل هئي ۽ جڏهن قوم ۽ قومي مسئلن جي ڳالهه ايندي هئي، ته هو ڪنهن جي به پرواهه نه ڪندو هو. انهيءَ حد تائين جو جيڪڏهن ڪو قومي شاعري غلط ڳائيندو هو، ته هو انتهائي جذباتي ٿي ويندو هو.

عبدالواحد آريسر نياز همايونيءَ جو هڪ عجيب واقعو ”نئين دور جا نوان چار درويش“ ۾ لکي ٿو: ”يوسف ٽالپر جي پاڻ جي شاديءَ جي موقعي تي نياز همايونيءَ جي هنگامه آرائي به هڪ يادگار واقعو آهي. يوسف ٽالپر جي پاڻ جي شادي هجي، جنهن ۾ ساري سنڌ جي معزز ماڻهن کي دعوت ڏني ويئي هئي، حيدرآباد جو ڊي.سي، ايس.پي، ڊي. آءِ.جي، سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر وغيره موجود هئا. موسيقيءَ جي محفل ۾ فقير عبدالغفور کان فرمائش ڪئي وئي ته اياز جي مشهور وائي:”سنڌڙي ڪي سر ڪير نه ڏيندو“ ٻڌائي، عبدالغفور وائي ڳائيندي وچ ۾ آفيسرن ۽ ميمبرن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرفان وڌايو ته: ”سنڌڙي ڪي سر ڪير نه ڏيندو، ادا پاڪستان ڪي سر ڪير نه ڏيندو.“ عبدالغفور جو ايترو چوڻ ۽ نياز جو مڇرجڻ، ”بس ڪر دلا! لنگهن کي کهڙي خبر قومي شاعريءَ جي؟ تون ڪٽان جو تان سين آيو آهين، اسان جي شاعريءَ کي بگاڙڻ وارو؟ بند ڪر ڪلام نه ته.....آفيسرن کي خوش ڪرڻو هو ته ڪا رنڊي يا ڪو ناچو چورو وٺي اچين ها، ماڻهو سڀ حيران ۽ پريشان، نياز پنهنجي دنيا ۾ مست، نيٺ فقير عبدالغفور کان ڪلام ختم ڪرايو ويو. جيتوڻيڪ ان وقت ۾ نياز ۽ اياز پاڻ ۾ ڪونه ٺهندا هئا، تڏهن به نياز چواٽي اهڙي شاعري سڃي سنڌي عوام جي ملڪيت آهي.”[37]

نياز قومپرستي ۽ وطن پرستيءَ واري رستي تي اول کان آخر تائين رهيو. هن جي ان واٽ ۾ ڪابه شيءِ رڪاوٽ نه بنجي سگهي.

نياز جديد سنڌي شاعريءَ جي پهرين صف جي سرموڙ شاعرن ۾ هڪ سگهارو ۽ تخليقي شاعر ٿي رهيو آهي، جنهن جي ڪلام ۾ انفراديت، اسلوب ۽ خيالن جي نواڻ موجود آهي. هي ابتدا کان وٺي هڪ ئي رستي، قومي رستي تي هلندو رهيو. زماني جي لوڏن، لالچن، ۽ سرڪاري دٻاون، هن جي مزاج، سوچ، انداز ۽ شاعري جي لهجي ۾ فرق نه آندو. سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي دور جي ڳالهه ۽ زندگيءَ جو درد موجود آهي.”[38]

غزل هجي يا گيت هجي، نظم هجي يا بيت، هو ڏرتيءَ سان محبت يا انقلاب جي ڳالهه ٿو ڪري ’عاجز‘ لکي ٿو :

”نياز جو اول ۽ آخر موضوع سنڌ آهي، نياز جي خيال ۾ تهذيب جو تحفظ تيستائين ممڪن نه آهي، جيستائين ڪارڪردگيءَ ۾ وطن جي حب جو جذبو شامل نه آهي.“ [39]

اهڙو شاعر، جيڪو نيڪيءَ جو علمبردار، محبت جو مبلغ، وطن جي حب جو داعي ۽ دوستيءَ جو ديوانو هوندو آهي. ان جو هر قول، سچائي ۽ سونهن جو طلبگار ٿئي ٿو ۽ اهو ئي شاعر، قومن جي ذهن جي زندگيءَ ۾ انقلابي شعور اپائي سگهي ٿو. نياز جي شاعريءَ لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته سندس شاعري زندهه جاويد شاعري آهي ۽ جيستائين سنڌ قائم آهي، تيستائين ان جو اثر باقي رهندو.

نياز همايونيءَ جي قومي شاعريءَ جي لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو چوي ٿو: "نياز همايونيءَ جو ڪلام قومي نوعيت جو آهي. هن دنيا ۾ ٿيندڙ ڏاڍ تي خيال آرائي ڪئي. سندس ڪلام جي نوعيت سنڌي شاعريءَ ۾ نرالي آهي."[40]

هو هر وقت قوم کي جاڳائيندو رهي ٿو، ظالمن ۽ غاصبن جي خلاف، هو پر اميد آهي مستقبل ۾ بهتريءَ لاءِ. هو غاصبن، ظالمن ۽ ميرن مندن سان جنگ جو اعلان ٿو ڪري.

ظلم قائم نه رهندو، نه ظالم هتي،
۽ نه غاصب رهي سگهندو سالم هتي،
جن حياتي اسان تي ڪئي تنگ آهه،
سنڌ ساريءَ جي تن ساڻ اڄ جنگ آهه!
سنڌ جاڳي پئي

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 227)

جڏهن ڌرتيءَ جا وارث جاڳن ٿا ته پوءِ ڌرتيءَ کي ئي سپڪجهه سمجهن ٿا ۽ ان لاءِ سِر تِريءَ تي رکي نچندا ڪڏندا اچن ٿا ۽ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن لاءِ آڏت ۽ آسرو بنجي پون ٿا، جيئن:

صدين کان پوءِ آئي سجاڳي، جاڳي اٿيا شهمير مڙيئي،
مادر تنهنجو مان سلامت، مهل ڪندا مهمير مڙيئي،
سنڌڙي تنهنجا وارث جاڳيا، هاڻ متان دل لاهين تون،
تولئه سرڙو آهه تِريءَ تي، اڇڪلهه سپ ڪجهه آهين تون.

(نئين زندگي-مئي –جون 1968ع)

نياز همايوني قومي جذبي کي اپاري ٿو، ۽ ڌرتيءَ وارن کي سجاڳ ٿو ڪري. هو چوي ٿو ته: "دودو بنجي ڌرتيءَ جي سورن لاءِ سر ڏيئي امر ٿيٽو پوندو. تڏهن وجي ڏونگر ڏرندا، پنڌ جي پڇاڙي ٿيندي ۽ سورن ۾ ساڻي سنڌ کي ڪا دردن کان آڇڪائي ملندي:

هاڻ اسان کي هن ڌرتيءَ تي، دودو بڻجي رهڻو آهه
خود داريءَ سان جيئڻو آهه يا سورهيه ٿي سر ڏيڻو آهه.

سنڌڑي ڪارڻ سودائي ٿي، سر ڏيئي ساري ڪرٽي آهه،
سنڌڑيءَ جا سرويچ جيئن شل، سنڌڑيءَ جي پت رکڻي آهه.

فيصل ٿيندا فتنا سارا، اسان کي چُپ ٿي رهڻو ناهه،
سنڌڑيءَ کي جن سودو سمجهيو، سؤلو تن کي چڏڻو ناهه.

هيڪر دل درياهه ڪري جيئن اٽلي پياسين اوٽر جان،
سارا دوکا ڏوڙ ٿي ويندا، ڏونگر ڏرندا محشر جان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 84)

نياز همايوني پنهنجي لوڪ گيت ”همرچو“ ۾ قوم جي جوانن جي ساراهه ڪندي، کين ”دودي“ ۽ ”هوشو“ سان پيٽي ٿو ۽ چوي ٿو ته هنن جي سيني ۾ ”دريا خان“ جي دل آهي، هنن جي آڏو ڪير به بيهي نه سگهندو ۽ هو سدائين سوپارا ٿيندا. هو وچ وارو ڪڑڪو ڪن ٿا، هنن ۾ درياهن جي دهشت آهي ۽ هنن جي آڏو ڪوبه هوڏ ڪرڻ وارو بيهي نه سگهندو.

منهنجا مانجهي سدا سگهارا همرچو،
”دودي“ جهڙا ”هوشوءَ“ پارا همرچو
همرچو
ڙي همرچو!
جن جي سيني ۾ ٿي ڏڑڪي دريا خان جي دل،
تن جي آڏو مجال جو بيهي ڪنهن به جوان جي دل،
هي منهنجي ساٽيهه جا سورهيه جڳ سوپارا همرچو،
همرچو
ڙي همرچو!
طوفانن جان طاقتور جي، وچ جا پاٽي جن کي،
درياهن جان دهشت جن جي، ڪير ٿو روڪي تن کي،
هوڏي هيڏانهن آيو ته ويندس وئرٽ وارا همرچو

همرچو ڙي همرچو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 88)

سنڌڙي جنهن جي آزادي! تان هوشو ٿيو قربان الا!
هوشو جنهن جي حب الوطني، هن جو هئي ايمان الا!
ان جي وطن مان پيدا ٿيندا، هوشو جهڙا جوان الا!
جيڪي بڌجي شير وطن جي ويرين کي للڪار ڪندا،
ڪيرائيندا قيد جا ڪوٽ ۽ مَندن کي مسمار ڪندا،
سنڌڙي! تنهنجو عشق سلامت، نعرو هي نروار ڪندا.

سنڌ سدائين
جيئي شال!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 224)

"هي سنڌڙي، هي سانگي" نظم ۾ نياز همايونيءَ جو خاص فڪري پهلو اهو آهي ته موجوده سماج کي بدلائڻ. چوي ٿو مظلوم قوم تي ظلم جي بازار گرم آهي ۽ سکيا ستابا هي مارو ماڻهو نڏڪا ٿي وقت ڪٽين پيا. هن ٿه سٽي بند ۾ چوي ٿو:

الا منهنجي سنڌڙي جا هر دؤر ۾، پنهنجي مارئيءَ جئان ٻئي جي محڪوم آهي،
نڏڪي نماڻي ٿي گهاري سدائين، ٿيل سپني حقن کان محروم آهي،
ڏکيا ڏينهڙا منهنجي ماروئڙن تي، سندن حال چورن جان مظلوم آهي.

نياز سماج کي چگّيءَ طرح سمجهي ٿو جنهن ۾ هر طرف ڏک ۽ پيڙا آهي ۽ انهيءَ خلاف ماڻهن وٽ وڙهڻ جو شعور ناهي، سپ ڪجهه ڪسجي ويو آهي پر پوءِ به ماڻ ۾ آهن!

هي آهه سنڌ ۽ ان جي سانگين جي تقدير، جي اڄ زماني جي آئيءَ ۾ آهن،
گلابن جان معصوم جن جي طبيعت، اهي تيز ڪندن جي گهائيءَ ۾ آهن،
حياتيءَ کان بيزار، خاموش گم سم، نه ڪنهن جي سڙي ۽ سائيءَ ۾ آهن.

نياز همايوني اميد پرست آهي ۽ نئين دؤر جي نئين صبح اپرڻ جي ڀالهه ٿو ڪري،

اڄا لڙڪ جي ڇانوَ ۾ مُرڪ آهي، جڏهن مُرڪ اٿلي ته طوفان ايندو،
جي سپ ڪجهه وڃائي رهن ٿا، ورائي سگهن ٿا، انهن ۾ جولان ايندو،

ته کن پل ۾ چوپڙ ئي چوپٽ ٿي پوندي رهائيءَ تي سپڪنهن جو ايمان ايندو.

نياز سنڌ جي جوانن کي همٿائي ٿو ۽ ساراهي ٿو ته ماضيءَ ۾ اسان جا جوان ڪهڙا نه سورهيه هئا، چوي ٿو:

هي مارئيءَ جا مارو، هي ٻاگهيءَ جا دودا، هي مڪليءَ جا جوڌا، هي ميانيءَ جا مانجهي،
جڏهن گاج، بادل ۽ ڪنوٽين جان نانگا ٿي نڪتا وطن جي وراٽيءَ جا مانجهي،
ته گوڙ گهمسان ڪک پن ٿي ويندا نه رهندا هتي ڪي سگهاٽيءَ جا مانجهي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص 220 ۽ 219)

نظم ”ڪاپڙي آيو ڪهي“ روزنامه عبرت جمع 8 مارچ 1963ع جي پرچي مان مليو، جيڪو ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ ۾ شامل ڪونهي. هي نظم ٿي سٽي بيت جي هيئت ۾ 10 بندن تي مشتمل آهي.

هن نظم جو فڪر اهو آهي ته جڏهن ڪاپڙي (شاهه عبداللطيف پٽائي رح) هن ويران سنڌ جي وستيءَ ۾ آيو ته هن سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو، هن ڏارين جي يلغار کي مڙس ٿي منهن ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي، هن چيو ته ”ننڍون چڏيو ۽ سر جو سانگو نه ڪريو، گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا“، هن اهو به چيو ته مُڙڻ ۽ موٽڻ مهڻو آهي. نياز همايوني هن سڄي نظم ۾ لطيف سائين جيڪو قوم کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو، ان جي ڳالهه ڪئي آهي. نياز چوي ٿو ته لطيف جي پيغام سان باک ڏٽي ۽ ماڻهن جون اکيون ڪليون ۽ صبح ٿيڻ جي آس سانديءِ سپ مهراڻ جيئن اٿلي پيا.

هن نظم جا چار بند ملاحظه فرمايو:

ڪاپڙي آيو ڪهي!

سنڌ جي ويران وستيءَ ۾ جڏهن،
سور ساري سر سنپاري ڪاپڙي آيو ڪهي،
ٿي ويا آباد، ويرانا تڏهن.

زندگي، اصول جي هر راز کان پرتي هئي،
فڪر آئندي جو نه هر ان کي صفا پڻتي هئي،
موت جي پرتي هئي، هن جي اچڻ کان اڳ الا!

هن چيو گهوڙن ۽ گهوٽن جي حياتي ٿورڙي،
ڪڏهن ڪوٽن ۾ قراري ڪڏهن اڻ تڻ اوڏڙي،

غم جي پائي گودڙي ان کي خوشيءَ سان پر
ڪريو.
هن چيو سوري اٽئي عاشق سندو سينگار
اٿ!
مُڙڻ موٽڻ ميهڻون تن جي ٿنا، اي يار اٿ!
آ ڪسڻ ۾ ئي قرار اُٿ، عشق وارا وک وڌاءِ!
هن جي آئي باک ڦٽندي وئي اکيون ڪلجڻ
لڳيون،
آس جون مکڙيون ڪنپيءَ جان مست ٿي مرڪڻ
لڳيون،
موج ۾ اٿلڻ لڳيون، سپ جون دليون مهراڻ
جيئن.
سنڌ جي ويران وستي ۾ جڏهن،
سور ساري سر سنپاري، ڪاپڙي آيو ڪهي،
ٿي ويا آباد ويرانا تڏهن.
(روز نامه عبرت، جمع 8 مارچ 1963ع)

(ب) : وطن پرستي/حب الوطني

جامع سنڌي لغات ۾ حب الوطنيءَ لاءِ لکيل آهي:

"حب الوطني: وطن، يا ديس لاءِ دلي محبت جو جذبو."(41)

مريم ويبسٽر ڊڪشنريءَ ۾ لکيل آهي.

"The meaning of PATRIOTISM is love for or devotion to one's country."(42)

(وطن پرستيءَ جي معنيٰ آهي پنهنجي ملڪ سان پيار ۽ وفاداري)

وطن انسان جي رهڻ جي اها جاءِ آهي جتي هن جو جنم ٿئي، جتي ننڍو ٿي وڏو ٿئي ٿو، جنهن جاءِ تي سندس ننڍپڻ بانبڙاٽيون پائيندي گذري ٿو، جتي سندس جوپن پروان چڙهي ٿو، جتي هڪ جيڏن سان راتيون ڪندي هو جوان ٿئي ٿو، بيشڪ اهو خطو علائقو يا ملڪ سندس وطن آهي. وطن لاءِ قرآن شريف ۾ اچي ٿو ته: "ولقد خلق الانسان مِنَ الطين" يعني اسان انسان کي مٽيءَ جي جوهر مان جنميو آهي.ان نقطئه نگاهه کان ته جيڪو وطن سان وفا نٿو ڪري سو انسان سڏائڻ جي لائق نه آهي. وطن ۾ جڏهن انسان جنم ونڌي ٿو ته اهو انسانيت جي روپ ۾ قدرت جي شاهڪار تخليق هوندو آهي. لفظ انسان انس مان نڪتو آهي جنهن جو مطلب آهي پيار، محبت، قرب، احساس، معلوم ٿيو ته انسان ۽ وطن هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن.جڏهن انسان پنهنجي ڌرتيءَ جو اناج کائي ٿو ته هو پنهنجي ڌرتيءَ کي ماءُ سمان

سمجهي ٿو ۽ ڏرتيءَ جا ئي گيت ڳائي ٿو ۽ پنهنجي ڏرتي ۽ ان تي رهندڙ هزارين انسانن تي فخر ۽ ناز ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ ساڻن محبت ۽ پريت ڪري پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري ٿوشاهه لطيف به انهن جذبن جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

چُلي چڏ مَ چپرين، ڏُلي چڏ مَ ڏيهه،
پسي وڻ وطن جا، وڻڪي اچي ويهه،
سڃڻ ۽ ساڻيهه، ڪنهن اڻاسيءَ وسري.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ وطن پرستيءَ جو فڪر

نياز همايوني سنڌ جائو وطن پرست شاعر هو. جنهن جي فڪري گهرائيءَ ۾ سنڌ ۽ ان جا سڀاجهڙا انسان سمايل آهن. اسان جاڻون ٿا ته جتي انسان آهي، اتي وطن ۽ ان جي حب آهي جتي انساني زندگي آهي، اتي پيار به آهي، تنهن ڪري نياز همايوني پيار محبت ۽ زندگيءَ کي وڏي اهميت ڏئي ٿو، ۽ ان کي سچ ۽ صداقت سان ڳائي وڃائي بيان ڪري ٿو. انهيءَ جذبي تحت ئي هن وطن جي ڳلي ڳليءَ کي ڳايو آهي. مظلوم جي حق ۾ پنهنجا شعر چئي مظلوم انسان کي شعور ڏنو آهي، ڪاهِل ۽ سست انسان کي جهنجهوڙي جاڳايو آهي. هن سنڌ جي آزاديءَ جا سمورا پنڌ جهاڳيا آهن. هن پنهنجي فڪر جي پورٽتا خاطر پل پل جا ذهني عذاب پوڳيا آهن. هڪ هنڌ چوي ٿو:

هي وطن منهنجو منهنجي اباڻن جو وطن،
منهنجي معصوم ايڻن ۽ سياڻن جو وطن،
شال تاريخ جي ان دور جيان آزاد رهي،
جنهن کي هر ڪو ٿو چوي چنڊ ستارن جو وطن،
منهنجي ڏرتي، هي سندم ديس دلارن جو وطن.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 202)

يا ٻئي هنڌ چوي ٿو:

تنهنجي ٻڌرن جي ٽڏڙي ڇانوَ ٻستن کان ڀلي،
تنهنجي ڪيرولين جي منڙي لَست، ٻستن کان ڀلي،
غير جي گينڊي کان وڌ تنهنجو ٻڪن، تون لک لهين،
اي وطن منهنجا وطن! پيارا وطن، تون لک لهين!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 203)

نظم ”سنڌڙي منهنجي ماءُ“ ۾ نياز همايوني سنڌ ڏرتيءَ سان بي انتها محبت جي اظهار لاءِ لکيو آهي. هُن لاءِ سنڌڙي ئي سڀ ڪجهه آهي. وطن کي اهڙي پيٽا شايد ئي ڪنهن شاعر ڏني هجي. هن جي وطن سان حب عقيدت جي حد تائين آهي.

”نياز همايوني شاهه عبداللطيف جو مثال ڏيندي چوي ٿو، جيئن شاهه پنهنجا بيت آيت، ڪري بيتن ۾ لکي ويو تيئن منهنجا گيت به سنڌ لاءِ ائين آهن. محمد صالح عاجز لکي ٿو: ”نياز جنهن سِڪ ۽ سوز سان سنڌڑيءَ کي ڳائيو آهي، تنهن جو مثال ورلي ڪو ملندو. سنڌ سان سندس محبت عقيدت جي حد تائين ڏسجي ٿي. انهيءَ سوز گداز ۽ معصوم انداز سان نياز جڏهن سنڌڑيءَ کي ڳائيندو آهي، ته ٻڌندڙ جي دل پرجي ايندي آهي ۽ سندن اکيون آليون ٿي ويندیون آهن.“ (43)

هن نظم جا 26 بند آهن، جن مان 6 بند هيٺل ڏجن ٿا:

سنڌڑي منهنجي ماءُ او منهنجي جيجل توتان گهور ٿيان،
شال نه ٿيان غدار سندءِ پل ڌاڪو ٿيان يا چور ٿيان.

آيل تنهنجي سارهه ڪهڑي تون ايئن منهنجي گيتن ۾،
شاهه سونهارو پوئي ويو جئن آيت آيت بيتن ۾.

سنڌڑي تنهنجي ڳالهه ڳڻي ٿا دريا خان کي ياد ڪريون،
شال اها دل ڏاري اسان اڇ تنهنجي جند آزاد ڪريون.

هاڻ اسان کي هن ڏرتيءَ تي، دودو بڻجي رهڻو آهه،
خودداريءَ سان جيئڻو آهه يا سورهيه ٿي سر ڏيڻو آهه.

هيڪر دل درياهه ڪري جئن اُٿلي پياسين اوٿر جان،
سارا دوکا ڏوڙ ٿي ويندا، ڏونگر ڏرندا محشر جان.

سنڌڑي تنهنجي نانوَ تان صدقي، منهنجا سپ سنگيت آلا!
جيسين جيئندس تيسين لکندس، تنهنجي غم جا گيت آلا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 82، 83، 84، 85)

”ملکن جي راڻي سنڌڑي“ طويل نظم مهراڻ، بهار 1955ع ۾ ڇپيو. هيءُ نظم ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ ۾ ڪونهي. هن نظم ۾ نياز سنڌڑيءَ سان محبت جو اظهار ڪندي ان کي ساراهيو ۽ ان جي شادابيءَ لاءِ دعائون گهريون آهن. هُن نه صرف سنڌڑيءَ کي پر سنڌڑيءَ جي سهڻن ماڻهن ۽ منڌڑي ٻوليءَ کي به ساراهيو آهي. هن نظم ۾ نياز جو قومپرستي ۽ وطن پرستيءَ جو فڪر بلڪل ڇڻو نظر اچي ٿو. هتي اسان هن نظم جا ٿي بند پيش ڪري رهيا آهيون:

شال ولرن سان وسي، منهنجي اباڻي سنڌڑي،

سيبتي، سهڻي، وسن جهڙي، نماڻي
سنڌڙي،
سورن ۽ سختين ۾ سپني ساڻ ساڻي
سنڌڙي،
ڏيهه جي ڏاتار ۽ ملڪن جي راڻي سنڌڙي.
مارئي مومل ۽ سهڻيءَ سنڌ تان صدقي وڃان!
گندري، ليلا ۽ سسئيءَ سنڌ تان صدقي وڃان!
موج ۾ پرجن دليون، مهراڻ جي سرتار سان،
هيج مان اکڙيون ٻرن، جئن آڙڻ هالار سان،
روح ۾ رم جهم آئي، سانوڻ سندي هٻکار
سان،
پرت جا سپ گيت آلاپن پيا ولهار سان،
مرڪ جن جي منهن تي، سي سورن جا مانجهي
لڪ لهن!
سڪ جني جي سونهن ۾، سي سڪ جا سانگي
لڪ لهن!
سنڌ جي ٻولي سڀاجهي، باتڙيون لاکيٽيون،
ڏينهنڙا ڏاجن پريا ۽ راتڙيون لاکيٽيون،
سانتڙيون سوپاريون ۽ لاتڙيون لاکيٽيون،
سوکڙيون سيبائتيون ۽ تاتڙيون لاکيٽيون.
ڪيئَن وساري ڪو اديون، ٻاجهن پري ٻولي الا!
ماءُ جنهن سان پئي ڏئي، لالن پري لولي الا!
(مهراڻ بهار 1955ع ص، 33)

وطن پرستي هڪ بين الاقوامي جذبو آهي، جنهن کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي، اهو جذبو ئي قومن جي ميراث آهي. اهو فطري ۽ دائمي قومي جذبو آهي. جنهن تي گهڻو عالمن شعر توڙي نثر ۾ روشني وڌي آهي. خليفي نبي بخش جي سر ڪيڏاري کي ان جذبي جي ڪڙي چئون ته به وڌاءُ نه ٿيندو. انهيءَ جذبي جي ڪري ئي نياز همايوني "سنڌڙي به تون جندڙي به تون" جهڙا شاهڪار نظم جوڙيا هئا.

جڳ جيئي پاڻ لئه آئون نه اهڙو ٿيان،
آءٌ تو لئه مران، آءٌ تو لئه جيان،
تيرٿ به تون، منهنجا تڪيا به تون،
منهنجي مڪتي ماتا به تون!
سنڌڙي به تون.....!
جندڙي به تون.....!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 208)

چوي ٿو:

مڪلي ٿي اڇ ڇوڙھا ڇاڙي، ميڙي ٿي فرياد ڪري،
آھي ڪو جو سنڌڙيءَ کي سڌڙين سان آزاد ڪري.

روئيندي روئيندي نير ڪُٽي ويا لھو اڇي ويو لُڙڪن ۾،
آءٌ ڪيئن ڪلندي کير پيان، منھنجي سنڌڙي آھي سڌڪن ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 210)

سنڌڙي تي حق ھنن لفظن ۾ ٿو جتائي:

سنڌڙي ڪنھن ارغون جي ناھي، سنڌڙي ڇام نظام جي آھه،
غاصب توکي ڪو حق ناھي، سنڌڙي سنڌ جي عام جي آھه.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 212)

”سنڌي ادب جي تاريخ“ جو مصنف لکي ٿو:

سنڌ ته نياز ھمايونيءَ جو بنيادي ۽ اول آخر موضوع آھي.

ھو چوي ٿو:

آءٌ نه ڄاڻان ٻولي ٻي، آءٌ نه ڄاڻان ورد ورود
ذڪر ڪريان ٿو سنڌڙيءَ جو پڙھان ٿو ان تي لک درود.
سنڌ موجود حق موجود!
سنڌ موجود حق موجود!“ (43)

ھن جو جيئڻ توڙي مرڻ صرف سنڌ لاءِ آھي:

جڳ جئي پاڻ لئه، آءٌ نه اھڙو ٿيان،
آءٌ تو لئه ڄئان، آءٌ تو لئه مران!

وري بيخوديءَ ۾ اڇي چوي ٿو:

تنھنجي جذبي ساڻ جئان،
تنھنجي مستي منجھه مران.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 198)

پڇاڙيءَ ۾ھو عھد به ڪري ٿو:

سنڌڙي تنھنجي نانوَ تان صدقي، منھنجا سپ سنگيت، الا!
جيسين جيئندس، تيسين لکندس، تنھنجي غم جا گيت ، الا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:212)

انهيءَ سوزُ گذار ۽ معصوم انداز سان نياز جڏهن سنڌڙيءَ کي ڳائيندو آهي، ته ٻڌندڙن جي دل ۾رجي ايندي آهي ۽ سندن اکيون آليون ٿي ويندیون آهن:

آيل! تنهنجي سورن جا ٿا اسان کي ائين اُهجاڻ لڳن،
ننڊ مان ڇرکي ٻار جيئن ٿا ماءُ جي ڇاتيءَ ساڻ لڳن!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 210)

ائين نه آهي ته نياز رڳو سنڌ جي غم جا گيت ڳاتا آهن. هي غم جي اظهار سان گڏ اُها للڪار به ڪندو رهيو آهي ته:

سنڌڙي ڪارڙ سودائي ٿي، سِرُ ڏئي ساري ڪرٽي آهه،
سنڌڙيءَ جا سرويچ جئن شل، سنڌڙيءَ جي پت رکٽي آهه!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 211)

نياز دوهن ۾ به سنڌ جي ڳالهه ٿو ڪري. سنڌ سان جيڪو سچو نه هوندو، جيڪو کڏ کوٽيندو سو پاڻ ان ۾ ڪرندو. هو چوي ٿو:

او ڏرتي او لوڪ ڏياڻي!تنهنجو لوڻ نه کڏڻو آهه،
جيڪو تو لئه کڏ کوٽي سو، پاڻ ئي ان ۾ پوڻو آهه!

جيئي شل ساٿيهه آلا! جنهن ڪيون سڏايون سپ ڪنهن جون،
جيڪو هن جون ڪنڊيون ڪٽندو، ٻيڙيون ترنديون ڪيئن تنهن جون؟

هن جو عشق پنهنجي ديس سان آهي ۽ صدقِ دل سان وطن سان محبت ڪري ٿو. وطن کان منهن موڙڻ کي هو ڪفر سمجهي ٿو.

آءُ ته توکي سپ سمجهايان، ڪنهن جو آهيان عاشق مان،
ڪنهن جي وفا جو وارث مان ئي، ڪنهن سان آهيان صادق مان،
اُن کان جي منهن موڙيان پنهنجو، نانءُ رکايان فاسق مان!

مان آهيان مشتاقُ وطن جو، منهنجو عشق اِهو ئي آهه،
ان جي محبت منهنجو مسلڪ، پنهنجو صدق اِهو ئي آهه،
منهنجو مال متاع اِهو ئي، منهنجو رِزق اِهو ئي آهه!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 404)

هن جو عشق وطن سان ئي آهي ۽ هو وطن کي هر ڳالهه، هر شيءِ کان مٿيرو سمجهي ٿو ۽ پوءِ هو بي اختيار ”وطن زندهه باد“ جو نعرو هڻي ٿو. نياز جي محبت، وفا ۽ تمنا وطن جي عظمت ۽ سلامتي آهي.

وطن، هي وطن، زندگيءَ جي علامت: وطن زنده باد!
اسان جي اجهل سُورمن جي امانت: وطن زنده باد!

هتي صبح دلڪش، هتي شام خوشتر، هتي رات رنگين،
هتي روح جي لاءِ هردم طراوت: وطن زنده باد!

اسان کي ڪپي پنهنجي آزادي، آزاد ٿي رهڻو آهه،
انهيءَ حق جي ڪرڻي آهي حفاظت: وطن زنده باد!

اسان جي محبت، اسان جي وفا ۽ تمنا، ”نياز“،
رهي شال عظمت وطن جي سلامت: وطن زنده باد!

(نئين زندگي، فيبروري 1968ع ص، 7)

سنڌ سان نياز جي بيمثال محبت جو ان کان وڌيڪ ڪهڙو ثبوت آهي، ته هن کي جيستائين سسيءَ ۾ ساهه هو، تيستائين سنڌ ۽ سنڌين کي پنهنجا حق ونڻ لاءِ، آزاديءَ لاءِ جاڳائيندو رهيو. هن نظم ”سنڌ جاڳي پئي“ ۾ هن ڪهڙي نه خوبصورت لفظن ۾ جاڳائڻ جو اتساهه پيدا ڪيو آهي:

سنڌ جاڳي پئي!
سنڌ جي مڪلي ۽ ساموئيءَ جو قسم!

ساموئيءَ جو قسم!
شاهه جي سهڻي ۽ ماروئيءَ جو قسم!

ماروئيءَ جو قسم!
پنهنجي جهانگين کي جهوليءَ ۾ لولي ڏئي،
پنهنجي لوليءَ کي ٻاگهيءَ جي ٻولي ڏئي،
سنڌ
جاڳي پئي!
سنڌ
جاڳي پئي!

هير جي هنج ۾ مست سرهاڻ جان،
ويڑ جي ور تي المست چانڊاڻ جان،
سنڌ جاڳي پئي!
سنڌ جاڳي پئي!

ڪوئي معصوم سپني ۾ مرڪي جئين،
ڪوئي محبوب يادن ۾ مُشڪي جئين،
سنڌ جاڳي پئي!
سنڌ جاڳي پئي!

رات جي سانت ۾ ڪنهن ستاري مثال،
صبح جي نور ۾ ڪنهن نظاري مثال،
سنڌ جاڳي پئي!
سنڌ جاڳي پئي!

ماءُ جي روح ۾ راس لولياڻ جئان،
ڪنوار جي ذهن ۾ ڪنهن پرولياڻ جئان،
سنڌ جاڳي پئي!
سنڌ جاڳي پئي!

ڪو پلي مڪر ۽ جبر جاري رکي،
هوش ۽ جوش ٽي سنڌ ساري رکي،
هاڻ حيلو هلي ڪين سگهندو ڪوئي،

ڪين سگهندو ڪوئي!
سنڌ ماري مجائي نه رهندو ڪوئي،
نه رهندو ڪوئي!

سنڌ جاڳي پئي!

سنڌ جاڳي پئي!

(ماهوار سوجهرو، مارچ 1970ع)

نياز لولياڻ ۾ به وطن سان عشق جي ڳالهه ٽو ڪري ۽ سچ جي ساک سلامت رکڻ جو درس ٽو ڏئي، هو چوي ٽو:

تو ۾ ايمان جي سونهن سالم هجي،
توکي ڏرتياڻ سان عشق دائم هجي،
تنهنجي سچ تي سدا ساک قائم هجي!

توکي لولي ڏيان، الا لولي ڏيان!

توکي لولي ڏيان!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 247)

نياز همايوني پنهنجي نظم ”جيئي سنڌ“ ۾ ڏارين کي للڪاري انهن کي چوي ٿو، ته اوهين ڏاڙا هٿو پر اوهان سان ائين پلؤ ڪنداسين جيئن ڪلهوڙن مغلن سان ڪيو هو. وري ڏرتيءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته اچو ته گڏجي دعا گهرون ته ڏرتيءَ جا سپوت سر ڏئي سوپ ماڻيندا ۽ اي ڏرتي ماءُ! تنهنجو ايئن سر قربان ڪرڻ سان آڏرپاءُ ٿئي:

ڏاريا ڏاڙا هڻ تون پلي جان، گُلر ڪڏائي گهوڙن جا،
توسان ٿيندا پلئو اُهي جي، مغلن ساڻ ڪلهوڙن جا.
جيئي سنڌ!

جيئي جيئي سنڌ!

جيئي سنڌ!

آءٌ ته گڏجي دعا گهرون او ماڳ ڏياڻي مادر سنڌ!
سر ڏيئي سپڪو سوپ ڪٽي اڄ، تنهنجو ٿئي ائين آڏر سنڌ!
جيئي سنڌ!

جيئي جيئي سنڌ!

جيئي سنڌ!
منهنجي ڏرتي هي سندم ديس ڏُلارن جو وطن!
منهنجي سرويچ، سدا مورَ سگهارن جو وطن!

1-هن جي تاريخ جو انسان اُتاهون سپ کان،

هن جي تهذيب جو مُنهن مان مٹاهون سپ
کان،
هن کي تاراج ڪندڙ پاڻ ٿو تاراج ٿئي،
آهه برباد به آباد سگهارن جو وطن!
2-منهنجي ڏرتي ٿي جڏهن خواب مان بيدار
ٿئي،
هن جو مندر ٿو حياتيءَ منجهان بيزار ٿئي،
هن جو منصورُ، سدا حق جو نعرو ٿو هڻي،
هن کي تاريخ سڏيو آهه سچارن جو وطن!
منهنجي ڏرتي هي سندم ديس ڏُلارن جو
وطن!
منهنجي سرويچ سدا مور، سگهارن جو
وطن!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص، 201-202)

نياز جي شاعري پنهنجي نرالي لهجي، عوامي لغت ۽ فڪري ڳوڙهائيءَ سبب هڪ الڳ وهڪري مثل آهي، هن جون تشبيهون ۽ استعارا به نه فقط معروضي آهن، پر منجهن تخيل کان وڌيڪ فڪر جو پرتو ڏسي سگهجي ٿو. هن پنهنجي نظمن جا موضوع ئي اهڙا چونڊيا آهن، جيڪي تخيل سان ورلي ئي تعلق رکن ٿا، خاص طور تاريخي نظمن ۾ هن فنڪارانه ڪاريگري، گهاڙيٽي جا تجربا، لفظن جو واهپو، نيون ترڪيبون گهڙڻ، بحرن جي استعمال ۾ تخليقي ذهن جو استعمال ڪري، حيرت انگيز روش جو بنياد وڌو آهي. منجهس ڪمال جي (Originality) ۽ پنهنجو رنگ آهي. اهو رنگ سندڻيءَ ۾ فقط نياز جو ئي رنگ شمار ڪري سگهجي ٿو.

تنهنجي ٻولي جڙ ته اونداهيءَ ۾ ٽانڊاٽا،
الا!
تنهنجا گفتا جڙ ته چانڊاٽن ۾ ماندٽا، الا!
تنهنجي مجلس تي ملائڪ پڻ چڪن، تون لک لهين! همايوني" (44)

امر جليل چيو هو:

"دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ خونريزي مذهب جي نالي تي ٿي آهي، تاريخ جي هر دؤر ۾ ظالمن ۽ جابرن مذهب کي استعمال ڪيو آهي." (45)

نياز نظم "جيئي سنڌ جيئي شال" ۾ انهيءَ دوکيبازي، انهيءَ مڪاريءَ جي نشاندهي ڪندي چوي ٿو:

دين جي دوکي لٽجي ڦرجي، نيٺ اسان اک
کولي اچي،

سنڌ سوا ٻي ڳالهه نه ٿيندي، سامُنهن توڙي گولي اچي.
جيئي سنڌ جيئي شال!
جيئي سنڌ جيئي شال!
سنڌ سجاڳ ٿي آهي هاڻي، سنڌ نه پوئتي پوڻي آهه،
ڇا به ڪري ڪو ڪجهه به نه ٿيندو سنڌ سلامت رهڻي آهه!
جيئي سنڌ جيئي شال!
جيئي سنڌ جيئي شال!
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: ص 200)

وطن پرستي نياز جي روح ۾ سمايل آهي. هو "سنڌ جي عظمت جو گيت" جي عنوان سان نظم ۾، سنڌ جي عظمت جا اهڃاڻ ٻڌائي ٿو ۽ سنڌ وطن جي گڻن جي تعريف وڏي واڪي ڪري ٿو ۽ چوي ٿو، ته اپرن سپرن کي، پراين کي يا پنهنجن کي، اجين کي يا بکين کي سنڌ پالي پئي ۽ پيار سان نپائي پئي. اهڙيءَ طرح سنڌو به امرت اوتي پنهنجي حصي جو ڪردار نپائي پئي.

جيئي سنڌ، سپاڳي سنڌ، هي سونهاري سنڌ!
جيجل سنڌ، سڀاجهي سنڌ، سرجڻهاري سنڌ!
جيئي سنڌ-جيئي سنڌ!!
اپرن سپرن کي سرچائي، سپ سان پال پلائي پئي،
مهرمهابي جڳ وَرسائي، پنهنجو پاڻ ملهائي پئي.
پيار لکائي اهڙو جهڙي:
پاڻ پياري سنڌ!
جيڪي ڄميا، جيڪي ٿميا هڪيا سپ،
سيئي پالي، سيئي تاتي، اُڇيا ٻُکيا سپ.
سپ سان ساڻي، ليکن ڏارئي،
ڪارڻ ڏاري سنڌ!
سنڌو پاڳ سپاڳ جي روپي سوني ريکا سنڌو،

امرت اوتي گُلن ڦلن جي، ڪري ٿي ورکا سنڌو،
سنڌو ساگر آهه ته ساگر،
وانگ سگهاري سنڌ!
جيئي سنڌ، سپاڻي سنڌ، هي سونهاري سنڌ،
جيجل سنڌ، سپاجهي سنڌ سرجٹهاري سنڌ!
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!!

هن نظم ۾ نياز همايوني سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان والهانه محبت جو اظهار ڪري ٿو. هي نظم 12 بندن تي مشتمل آهي.

سنڌڙي به تون، منهنجي جندڙي به تون،
منهنجي ڏرتي به، داتا به تون!
تنهنجي هستيءَ سان جي به هاڃا ٿيا،
منهنجي گيتن ۾ گوندر گڏيندا ويا،
ٻولي به تون منهنجي لولي به تون،
منهنجون آهون الاهون به تون!

توسان اوپر آڙيو، توسان اُتر اڙيو،
ڪين پائي ويو جو به توسان لڙيو،
مڪلي به تون منهنجي مياڻي به تون،
منهنجي سانگين جي سامئي به تون!

تون ئي تون آهه مونکي، او سنڌڙي سدا،
ڪوبه غم يا خوشي ناهه توکان جدا،
سپنو به تون، منهنجي ساڻيا به تون،
منهنجون سانتيون به لاتيون به تون!

جڳ جيئي پاڻ لئه، آڏ نه اهڙو ٿيان،
آڏ تو ليءِ مران، آڏ تولئه جيئان،
تيرٿ به تون، منهنجا ٿڪيا به تون،
منهنجي مُڪتي به ماتا به تون!

سنڌڙي به تون

منهنجي جندڙي به تون

سنڌڙي به تون

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 206-208)

نظم "جيئي سنڌو ديش!" اڳتي قدم جولاءِ -آگسٽ 1972ع جي پرچي مان مليو، جيڪو "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ۾ شامل ڪونهي. هن ۾ پنج بند آهن ۽ بند پيش ڪجن ٿا. نياز همايوني هن نظم ذريعي مسلسل عوام کي سندن ڏکن، اهنجن ۽ سرزمين سنڌ سان ٿيندڙ ظلمن کان آگاهي ڏئي ٿو، هو نه صرف پنهنجي سنڌو ديش جي عوام کي آگاهه ڪري ٿو، پر دشمنن جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ جذبات ۾ اچي نعرا به هڻي ٿو.

جيئي سنڌو ديش!\
جيئي سنڌو ديش!

هن نظم ۾ قومپرستي ۽ آزاد وطن لاءِ جدوجهد جو فڪر ملي ٿو. ملاحظه ڪريو:

آريا ڏاريا ڏوڙ مڙئي، ڏرتيءَ جو دراوڙ جاڳيو آهه،
سنڌو ديش اسان تو ڪارڻ، وقت ورائي واڳيو آهه،
ساڳيو ويل وهي ٿو جئن جئن، ويرَ ته تئن تئن ساڳيو آهه،
جيئي سنڌو ديش!
جيئي سنڌو ديش!

بدليو آهه زمانو هيل نه ڪنهنجي اڳوٽي ڪرت رهي،
پڌري ٿي سا نمڪ حلالي، ڪالهه نه جنهنجي سرت رهي،
نانگ نپائي پاڻ ڏنگائڻ هاڻ نه پنهنجي ريت رهي.
جيئي سنڌو ديش!
جيئي سنڌو ديش!

مجموعي طور سنڌ جي محبت نياز همايونيءَ لاءِ ايمان جي علامت آهي. انهيءَ تي هن سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، چاڪاڻ ته سنڌ جي محبت کي ئي هو سڀني عارضن جو علاج سمجهي ٿو، ان ڪري ئي هن سنڌ کي پنهنجي دين ڌرم جي ڏرتي سمجهي، ان جا گيت آلاپيا آهن. هُن جي شاعريءَ کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو بنيادي طرح قوم پرست ۽ وطن پرست شاعر آهي.

مزاحمتي شاعري

مزاحمت (Resistance)

“Resistance literature and media activity resist oppression and opperssive systems in a creative manner. Resistance literature is one of the frame works of art that allows movements to communicate and preserve stories of resistance.”(46)

(مزاحمتي ادب ۽ ميڊيا جبر ۽ جابرانه نظام جي خلاف، سرگرميءَ سان تخليقي طريقي سان مزاحمت ڪن ٿا. مزاحمتي ادب فن جو هڪڙو ڏانچو آهي، جيڪو تحريڪن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ ۽ مزاحمتي ڪهاڻين کي محفوظ ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ٿو).

فرينچ فلاسافر جين لڪ هينئن چوي ٿو:

“poetry makes the difficult, the absolutely difficult easy.
This is reason poetry had been used since ancient times as a successful resistance tool”.(47)

(شاعريءَ مشڪل، تمام مشڪل کي به آسان بنائي چڏيندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاعريءَ کي پراڻي زماني کان وٺي، ڪامياب مزاحمتي هٿيار طور استعمال ڪيو ويندو آهي).

انسان پيدا ٿيڻ کان وٺي مرڻ تائين زندگيءَ جي عمل مان گذري ٿو. اهو عمل هڪ لمحي لاءِ به نٿو رڪجي. اهو سڀ هڪ ڪُل، هڪ وحدت ۾ آهي، اميد ۽ نااميدي، خوف ۽ جرئت، روشني ۽ اونداهي، جذبات، بي حسي، شعور ۽ بي شعوري انهي فطرت اندر آهي. ٻاهر ڪجهه به نه آهي تنهن ڪري جتي اميد، جرئت، روشني، جذبات، ۽ شعور هن ڦهلجندڙ ۽ وڌندڙ ڪائنات ۾ مثبت ۽ وجود جا دليل آهن، اتي نا اميدي، خوف، اونداهي، ۽ جهالت هن ڪائنات ۾ جدليات يعني تبديليءَ جا دليل آهن، جن جي خلاف جدوجهد ڪندي ئي زندگي روان دوان ٿئي ٿي.

”جزن ۾ پريشاني ۽ ڪُل ۾ ارتقا آهي، شيون فنا ٿي ويندیون آهن، زندگي بقا حاصل ڪندي آهي، فرد ختم ٿي ويندا آهن. تاريخ اڳيان وڌندي رهندي آهي. انهي فنا ۽ بقا جي عمل ۾ زندگيءَ جي معنيٰ آهي.“ (48)

اها ئي معنيٰ پنهنجي وجود کي بخشڻي آهي ۽ اها معنيٰ صرف مزاحمت ڪندڙن کي ملي ٿي، ڇو ته مزاحمت دوران ماڻهوءَ کي پنهنجي وجود، آزادي ۽ اهميت جو بي پناهه احساس ٿئي ٿو. اها مزاحمت چاهي فطرت خلاف هجي، سماج ۾ ناانصافي، جبر ۽ تشدد خلاف هجي يا پنهنجي من جي بغاوت خلاف هجي.طاقت جو مظاهرو ڪرڻ کان وڌيڪ طاقتور جي جبر برداشت ڪرڻ ۽ سندس آڻ نه مڃڻ وقت وجود کي بي پناهه معنيٰ ملي ٿي. جبر ۽ ڏاڍ دوران ماڻهو ظلم اڳيان نه جهڪي ۽ مسلسل مزاحمت ڪندو رهي. اها پنهنجي وجود جي بچاءَ جي هڪ ڊگهي ويڙهه آهي، جنهن دوران ماڻهوءَ کي پنهنجي طاقت ۽ آزاديءَ جو بي پناهه وجدان ٽيندو آهي.

زندگيءَ کي معنيٰ صرف جبر سهڻ سان نٿي ملي پر جبر خلاف جدوجهد ڪرڻ سان به ملي ٿي. سائين جي .ايم سيد چيو هو ته دنيا وڙهي جيئڻ جو ميدان آهي،

جنهن ۾ صرف مضبوط ۽ صالح ماڻهو يا قوتون سلامت ۽ زندهه رهن ٿيون، ڪمزور ۽ غير صالح فنا ٿيو وڃن."[49]

ڏرتيءَ تي موجود هر جِيوَ هر قوم جيستائين مزاحمت جي همت رکي ٿي، ان وقت تائين زندهه آهي.

سنڌي ادب ۾ مزاحمتي فڪر

ورهاڱي کان پوءِ آهستي آهستي سنڌ ۾ سنڌي سڃاڻپ، سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ جا ڪيئي مسئلا پيدا ٿيا، جو ته پاڪستان جي تحريڪ جو بنياد مذهب تي رکيل هو. انهيءَ ڪري بنياد پرستن خاص طور سان انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو، ته پاڪستان کي هڪ ئي اسلامي سڃاڻپ هئڻ گهرجي. اهي سڀ ڳالهيون جمهوريت جي بنيادي اصولن جي خلاف هيون. جو ته جمهوريت ۾ اقتدار اعليٰ جو مالڪ عوام هوندو آهي ۽ قانون اسيمبليءَ ۾ عوام جا نمائندا ٺاهيندا ۽ بدلائيندا پر هن ملڪ ۾ جمهوريت کي مسلمان بنائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. اهي سڀ منطقي ۽ فڪري محرڪ هئا پاڪستان ۾ مارشلا ۽ ون يونٽ لڳائڻ جا، جنهن جي خلاف مزاحمت ڪرڻ تي ترقي پسندن خلاف آپريشن ڪيو ويو، ون يونٽ لڳايو ويو ۽ انهن سڀني ڳالهين کي هٿي ڏيڻ لاءِ مارشلا لڳائي ويئي. انهيءَ سڄي عمل ۾ فڪري طور سنڌ جا تضاد نمايان ٿيڻ لڳا ۽ سنڌ جي دانشورن عالمن، اديبن ۽ شاگردن پنهنجي قومي تشخص برقرار رکڻ جي جدوجهد شروع ڪري ڏني ۽ سنڌي ادب ۾ مزاحمتي ۽ بغاوت جو عنصر نمايان ٿيڻ لڳو. اديب، شاعريءَ ۽ نثر ذريعي قوم ۾ محبت، وطن، ڏرتي پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان پيار جا جذبا اپارڻ لڳا، ۽ لازمي طور هي مزاحمتي سلسلو قوم پَرَستيءَ واري فڪر ڏانهن وڌڻ لڳو. ساڳئي وقت 1956ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو پهريون ڪنوينشن اصل ۾ انهي تاريخي ذميدارين جي شروعات هئي، جنهن سنگت کي وڏي ۾ وڏي ترقي پسند ادبي تنظيم جي مرتبي تي رسايو.

هن موقعي تي سنگت کي رجسٽرڊ ڪرايو ويو ۽ ان جون شاخون قائم ڪيون ويون."[50]

سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان سنڌي اديبن پنهنجي ٻولي، سڃاڻپ، حقن جي حاصلات ۽ جبر ۽ تشدد خلاف مزاحمتي ادب تخليق ڪيو ۽ عملي طرح ميدان ۾ لهي پيا. ون يونٽ خلاف جدوجهد، چوٽين مارچ 1967ع واري واقعي کان پوءِ اڃا وڌيڪ تيز ٿي ويئي. نياز همايوني، شيخ ايياز ۽ ٻين اڪثر ترقي پسند سنڌي اديبن چار مارچ واقعي تي شاعريءَ ۾ قومي جذبي کي وڌيڪ اپاريو ۽ اها جدوجهد سنڌو ديش جي نعري ۾ تبديل ٿي ويئي. ون يونٽ ته ٽٽي ويو پر سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي وار جاري رهيا. سنڌي اديبن، شاعرن ۽ قوم پرست ۽ ترقي پسند سياستدانن کي جيلن ۾ واڙيو ويو. سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ادبي ڪتابن تي پابندي هنئي ويئي. 1977ع ۾ ضياءُ الحق جي مارشل لا جي به وڏ ۾ وڏ مزاحمت، سنڌي اديبن ۽ عام ماڻهن ڪئي.

1983ع ۾ ايم آرڊي جي تحريڪ ۾ به سپني کان وڌيڪ سنڌي ماڻهن حصو ورتو جن ۾ هاري، مزدور، دانشور ۽ اديب شامل هئا.

سنڌ جي انهن سمورين مزاحمتي تحريڪن جو اثر ادب تي تمام گهڻو پيو، بلڪه ائين چئجي ته سنڌي نوجوانن جي فڪري تربيت ۾ سنڌي ادب جو بنيادي هٿ آهي.

جيڪا مزاحمتي تحريڪ ون يونٽ جي رد عمل ۾ اپري هئي ۽ ون يونٽ جي ٽٽڻ وقت پنهنجي عروج تي هئي، اها اوپر پاڪستان جي ٽٽڻ کان پوءِ رهيل پاڪستان ۾ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت ۾ به جاري رهي ۽ اها بنگلاديش جي ٺهڻ کان پوءِ سنڌو ديش جي تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويئي. هزارين اديبن، شاعرن ۽ سياسي ڪارڪنن ۽ ليڊرن کي سزائون ڏنيون ويون. پر جڏهن هنن پر تشدد ڪارروائين سان ڪير به نه جهڪيو ته، پڻي صاحب ماڻهن کي خريد ڪرڻ شروع ڪيو.۽ هن لهر ۾ ڪئين نام ڪٽيا اديب، شاعر ۽ سياسي ڪارڪن لڙهي ويا. سنڌي شاعرن ۽ اديبن ۾ شيخ ايياز، قمر شهباز ، حميد سنڌي، سرويچ سجاولي، شمشير الحيدري ۽ ڪجهه ٻيا نامور اديب ۽ شاعر مانا ٿي ويا، پر تنوير عباسي، نياز همايوني، ابراهيم منشي، ۽ ڪجهه ٻيا شاعر ۽ اديب پهاڙن وانگر مضبوط ٿي بيٺا، ۽ ڪافي عقوبتون سهندي به مزاحمت ڪندا رهيا. پر گهڻن اديبن جي مفاد پرستيءَ جي ڪري مزاحمت مائي ٿي ويئي.

مزاحمت کان سواءِ قومن کي جياپي جو گس ڪونه ٿو ملي. جابر قوتون سست ۽ ڪاهل قوم تي جبر ويتر وڌائين ٿيون، ان ڪري مزاحمت ئي نجات جو رستو آهي.

الطاف ملڪاڻي لکي ٿو: ”غلام قومن وٽ ادب سڪڻي رومانيت پسندي يا ذهني عياشيءَ لاءِ ناهي سرجيو ويندو پر انهيءَ جو بنيادي مقصد قومن ۾ سجاڳي ۽ مزاحمتي شعور جو اپارڻ هوندو آهي، ته جيئن هڪ پاسي قوم کي قومي حقن لاءِ متحد ۽ منظم ڪجي، ته ٻئي پاسي حقن جي حاصلات لاءِ عملي طور جدوجهد لاءِ اُڪسائجي ۽ اُپارجي سنڌ جي شاعراڻي آسمان تي جڏهن نظر وجهون ٿا، ته انهيءَ جي نيري چادر تي هزارين شاعرن جا نالا ستارا بنجي چمڪيا، پر سواءِ ڪجهه نالن جي باقي سڀ تاريخ جي اونداهي پاتال ۾ گم ٿي ويا. سنڌ جي شاعراڻي آڪاس تي ڪجهه نالن جي چند بنجي چمڪڻ جو بنيادي سبب اهو آهي، ته انهن جي اکين ۾ سوراج جا سپنا هئا ۽ انهن جي قلم جي نوڪ مان قومي شعور شعلا بنجي چمڪيو. هونئن به شاعري رڳو وادي واري فني پچ گهڙ يا سڪڙو لفظن جو ڇار اٽڻ جو نالو ناهي، پر شاعري شعور ۽ ڏاهپ سان سرجيل انهيءَ فن ۽ فڪر جو نانءُ آهي، جيڪو قومن کي جياپي جو گس ۽ وس ڏسي.“[51]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي فڪر

مزاحمتي شاعريءَ ۾، نياز همايوني هر دور ۾ ادبي تاريخن ۾ نمايان نظر ايندو ۽ ڪو به ادبي تاريخ نويس هن کي نظر انداز ڪري اڳتي وڌي نٿو سگهي.

نياز جي شاعريءَ تي عالمي سياسي اٿل پٿل جي اثرن سان گڏ، ورهاگي ۽ ون يونٽ جي تحريڪن جا پڻ جهجها اثر پيا. هر عظيم ۽ آدرشي شاعر وانگر نياز به سڀ کان پهرين پنهنجي ڌرتي، پنهنجي قوم، پنهنجي ماضيءَ جي شاندار فڪري، سياسي، سماجي ۽ تهذيبي روايتن جو امين شاعر آهي. عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

"سنڌ جي موجوده ادبي مجلس ۾ نياز شايد اڪيلو شاعر آهي، جنهن جي شاعري شروع کان وٺي رجعت پسنديءَ ۽ ذهني انتشار جي بدبوءَ کان پاڪ صاف، سنڌي قوم پرستيءَ جي واٽ تي نمايان حيثيت ۾ هلندي آئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ آزادي، انسانيت دوستي ۽ وطن پرستيءَ جا جوهر ان وقت به نروار هئا، جڏهن هو اڃا ڇوڪرو نوجوان هو ۽ ملڪ تي سامراجيت پنهنجي مڪر ذريعي، مسلم ليگ جي صورت ۾ ڪا مصيبت آٽڻ واري هئي، ان وقت نياز، ساٿين کي للڪاريندي چيو ته:

"اُٿو اُٿو جو زمانو ٿو جنگ جنگ ڪري،
هي ظلم جبر ٿو روحن کي تنگ تنگ ڪري،
وڏو اڇي ۽ رَهو ان کي دنگ دنگ ڪري،
لڳايو نعرو، چئو؛ انقلاب زنده باد!

پوءِ جڏهن اڇي سامراج جي جاءِ ڪاري سامراج والاري، پائپ جي جاءِ پان ورتي، ۽ ننڍو ڪنڊ انساني آبادين جي اٿل پٿل جي هاڃيڪار دور ۾ داخل ٿيو، ۽ سنڌ جو مسلمان ڏٺن تي هِرڪجي نڇڻ لڳو ته نياز، اهڙي دور کي آزاديءَ جي صبح بجاءِ غلاميءَ جو غبار سڏيو ۽ اهڙي بهار کي خزان چئي، ان جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

هو ڪنهن سچل، سامي ۽ پٽائيءَ کي ڦاهي چڑهڻ لاءِ اڇني وڌائي، پاڻ پوئتي نٽو بيهي؛ پر هو ڪرڙ، ڪنڊي ۽ لوي سان گڏ آزاديءَ جي راهه ۾ اڇني وڌڻ ٿو چاهي، ۽ اهو ئي سندس شاعريءَ جو ڪمال آهي؛ چو ته جيستائين ڪرڙ، ڪنڊو، ۽ لوو، هن ڌرتيءَ تي موجود آهن، تيسين سندس شاعري به پنهنجي آب و تاب سان چمڪندي رهندي، مهڪندي رهندي، ۽ سنڌ جي واهڙ واهڙ ۾ ڏياٿين وانگر جرڪندي رهندي."[52]

نياز همايوني پنهنجي شاعريءَ ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيال فڪر جو پرچار ڪيو آهي. هن ڪاهل ۽ سست ڪردارن بدران نڊر جهونجهار ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن جا ڪردار ڪاڪ تي ڪاهين ٿا، مومل ماٽين ٿا، جابر ڪردارن جا ڏيل ڏارين ٿا، بند ٽوڙين ٿا ۽ ڦندا لاهي دنگل ڏٽي ٽين ٿا. هو ساري دنيا سان جنگ جوٽين ٿا، اها دنيا جيڪا ٽورڙن لاءِ وسيع آهي ۽ گهٽن ماٺهن لاءِ تنگ آهي. هو چوي ٿو:

اڇ ته ڪاهيون ڪاڪ تي اي مينڊرا منزل
ڏٽي!
ڏيل ڏاريون، مومولون ماٽيون، ٽيون محمل
ڏٽي!

ٽوڙ بند ۽ لاهه ڦندا، هل ته ٿيون دنگل
ڏٽي!
هل ته ٿيون دنگل ڏٽي، دنيا سان پنهنجي جنگ
آهه،
جا وسيع آ ٿورڙن لئه ۽ گهٽن تي تنگ آهه!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 268)

نياز همايونيءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جا ڪجهه وڌيڪ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

هو چوي ٿو ته جدوجهد کان سواءِ ڪجهه به نه ٿيڻو آهي. هٿ هٽ تي رکي ويهڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو.

ڪو ته ڇاڙهو گهوٽ ٿي، سچ جهڙي وسنو ۾،
ائين نه ملٽي آهه ڪا لال ڪنوار اي دوستو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 153)

نياز سچ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ سوريءَ کي سهاڳ ٿو سمجهي ۽ ان کي مرڪي قبول ٿو ڪري:

اسان اهي منصور ميان! جي سوريءَ لاءِ
سهاڳ بٽيا،
ڪوڙ گهٽا ڪهرام ڪيا ته به سچ جو نيٺ سپاڳ
بٽيا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 111)

۽ جڏهن ڏاڍ جو راڄ قائم ٿئي ٿو ۽ سور سختيون سهڻ کان وڌي وڃن ٿيون، ته چوي ٿو ته سپ پنهنجي ڏن ۾ پورا آهن. انهن سورن جي ماريلن کي ڪير پرچائي:

آڏا ڏونگر ڏاڍ الاڙي، سور پلا سهسائي ڪير؟
دنيا پنهنجي ڏن ۾ پوري، روئيندن کي پرچائي
ڪير؟
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 117)

هو وري نئين عزم سان نئون جهان جوڙڻ جي ڇالهه ٿو ڪري ۽ ان عمل ۾ هو ڪنهن به جابر اڳيان نٿو جهڪي:

اسان جي عزم کي آسمان! متان نه مڃين،
ڪرڻ گهرون ٿا ٻيا نئون جهان، متان نه مڃين!

اسان جو ذهن رهيو بي نياز، يار "نياز"!
جهڪياسين ڪنهن به نه جابر اڳيان، متان نه
مڃين!

نياز ستلن کي جاڳائي ٿو ۽ انهن کي ستل پاڻ جي جاڳڻ جي نويد سڻائي ٿو. هو چوي ٿو ته هر بي زبان کي زبان ملي ويئي آهي. هاڻي انقلاب اوس اچڻو آهي:

آدميءَ جي اذان، انقلاب زنده باد!
جاڳ اي ستل جهان! انقلاب زنده باد!

هي زمين جي جبين تي ٽيڙ لڳا طلوع،
پنهنجي پاڻ جا نشان، انقلاب زنده باد!

هر سوال جي جواب لاءِ ٽي ويئي نصيب،
بي زبان کي زبان، انقلاب زنده باد!

نياز انهيءَ ڳالهه کي نندي ٿو ته غريب لاءِ غريبي چو آهي ۽ امير لاءِ اميري چو آهي، ان نظام کي ختم ڪرڻ جو نعرو ٿو هڻي:

غريب لاءِ غريبي ۽ تنگدستي چو؟
امير لاءِ اميري ۽ خود پرستي چو؟
برابريءَ جي عيوض هي اچائي پستي چو؟
ميڙيو نظام اهو، ان کي آهه هستي چو؟
مساويانه عدالت حساب، زنده باد!
هوس ۽ ظلم جو خانو خراب، مرده باد!

(دل۽ ڏرتيءَ جا گيت : 191)

نياز هنن حالتن ۾ ڪو بلو ڪرڻ لاءِ بيقرار ٿئي ٿو، هو رنج و الم ۾ بچڙي حال سان جيئڻ کي ان يتيم ٻار سان پيڙي ٿو، جيڪو ڏارين پاليو هجي. هو وڌيڪ چوي ٿو ته مصيبتن جا پهاڙ ڪِري پيا آهن، هاڻي انهن لاءِ ڪجهه ڪرڻو پوندو:

مرون ٿا بچڙي حال سان، جيئون ٿا ڏاڍي رنج ۾،
ايئن ئي ڇڻ يتيم ڪوئي، ڏارين جي هنج ۾،
ڪمي اچي ٽي ڪانه ڪا مصيبتن جي گنج ۾،
ڦٽي ڪٽي ويا دلين جا رنگ راز ساڻيو!
او دلنواز دوستو، او جانباز ساڻيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون!
بلند حوصلو ڪريون!
جيئون جيئن جهان ۾، ٽي سرفراز ساڻيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 237)

پلي وسايو ويرانا، پر انسانن کي ڪين نه ڇڏيو،
فرزانن جي ڦند ۾ هيڪل، ديوانن کي ڪين ڇڏيو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 128)

ڪهڙا به ويرانا وڃي وسايو پر انسانن کي نظر انداز نه ڪريو. هوشمند ماڻهن جي چڪر ۾ ديوانن کي اڪيلو نه ڇڏيو:

اچو ته ظلم لئه بغاوتن جي ابتدا ڪريون،
اچو ته موت مار مامرن جي انتها ڪريون،
اچو ته زندگيءَ سان دوستي رکي، وفا ڪريون،
اچو ته غم نصيب آدميءَ جا غمگسار ٿيون!
اچو ته بي قرار ٿيون!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 233)

نياز هن نظم جي بند ۾ ظلم خلاف صف بنديءَ جي ابتدا ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. هو ظلم کي ختم ڪرڻ، زندگيءَ سان پيار ڪرڻ ۽ غم زده ماڻهن جا غم ونڊڻ جي ڳالهه ٿو ڪري.

عظيم استاد، عظيم انسان: لينن، طويل نظم ۾ نياز هي شعر ٿو چوي:

هو پنهنجي تحريڪ ۾ رهي، ڪامران ۽ ڪامياب بلڪل،
بڻائي ويو هر لحاظ کان انت محنتون برصواب بلڪل،
هو زار شاهيءَ جي ذِلتن جو ڪري ويو سد باب بلڪل.

اجاريائين، اشتراڪيت کي، اُصول جنهن جا غنيمت آهن،
انهيءَ جون خاصيتون نرالیون جي پنهنجي هيئت ۾ نعمت آهن،
سڀئي ترقي پسند قومون، انهيءَ جون مرهون منت آهن.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

هو قومپرست ۽ ترقي پسند ته هو پر اشتراڪيت کي به پسند ڪندو هو. هو لينن کي پسند ڪندو هو ۽ ان کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ طويل نظم لکيائين، جنهن جا ٻه بند مٿي ڏنل آهن، جن ۾ هو چوي ٿو: ته لينن زار شاهي جي ذلتن کي شڪست ڏيئي ڪامياب ۽ ڪامران ٿيو ۽ اشتراڪيت جي نرالين خاصيتن جي اصولن کي پنهنجو ڪيائين، جن اصولن جي سڀني ترقي پسند قومن کي اشد ضرورت آهي.

نياز همايوني فڪري طور روشن خيال ۽ ترقي پسند آهي پر سندس شاعريءَ ۾ جمالياتي رس چس به آهي، ته سندس شاعريءَ ۾ زياده ترطبقاتي سماج ۽ ظلم جي منظر ڪشي آهي، ڏک سور، اذيتون ۽ بک سندس موضوع آهن نياز همايوني جي

روشن خيالي انهي مان ظاهر ٿئي ٿي، جو هو هيٺين طبقي جي زندگي جي عڪاسي ۽ ان جون حالتون بدلائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو:

همیش هکڑي مرڪ لئه لڑڪ ڪيئي لاڑجن،
همیش هکڑي پُور لئه ٿا سور ڪيئي تاڑجن
همیش هکڑي عیش لئه ٿا هانوَ ڪيئي ساڑجن،
جُهپا اچن ٿا جيءَ کي ٽُٽن ٿا ساز ساٿيو!
جيئون جئين جهان ۾ ٿي سرفراز ساٿيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 235)

مسرتن جا هانوَ ٿا ڇڇن بهارَ آسري،
مصيبتن جا بار ٿا پون پيارَ آسري،
اکين جا نُور ختم ٿا ٿين قرار آسري،
رَمي ٿو روحَ ۾ سدا، رُجن جو راز ساٿيو!

اودلنواز دوستو! او جانباز ساٿيو!

اچو ته ڪو بلو ڪريون

بلند حوصلو ڪريون!

جيئون جئين جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص 236)

”زندگي“ ڏانهن مثبت رويو رکڻ ۽ زندگيءَ سان پيار ڪرڻ جو ڏنگ به نياز وٽ نمايان آهي، سندس شعر ڏسو:

زندگي! تو لئه ٿو ساندي جئان جئڻو پوي!
زندگي! تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻو پوي!
موت سان هر حال ٿو هر وقت منهن ڏيڻو پوي!
زندگي! تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

(مهراڻ 1956/2 : 14)

۽ زندگيءَ سان پيار جو هڪ ٻيو ڍنگ اهو آهي، ته شاعر مسلسل سڪون واري حالت ختم ڪري، بي قرار ٿيڻ لاءِ چوي ٿو، چو ته شاعر کي اهو يقين آهي ته محنت، جفاڪشي، جدوجهد ئي زندگيءَ جو اهڃاڻ آهن ۽ جيئڻ لاءِ غم مٽائڻ لاءِ، درد مندن کي قرار ڏيڻ لاءِ بي قرار ٿيڻ ضروري آهي:

اچو ته بي قرار ٿيون!
جو درد مند دل جي واسطي قرار ٿو ڪپي،
خزان نصيب زندگي جي لئه بهار ٿو ڪپي،
اچو ته بي قرارٿيون!
هي صبح زهر خند چو، هيءَ شام دلفگار چو؟
هيءَ رات فڪر مند چو، هي شام غم شعار چو؟
هيءَ لال ڪنوار، گهوٽ ٿي سپئي، انهي تي جان نثار ٿيون،
اچو ته بيقرار ٿيون!
(مهراڻ 62/4 :18)

نياز همايوني نظم ”ماڻ ڪريان تان مشرڪ ٿيان“ ۾ سچل سائينءَ جي ست جو عنوان ڏيئي، اهو پيغام ڏئي ٿو ته اندر اڌ ٿيو پيو آهي، پر همت ناهي جو ڪٽي انهن نا انصافين، ظلمن، جبرن ۽ اندر جي اڌمن جو برملا اظهار ڪري سگهان. خوشيون ته منهنجي پلئه پيل ئي ڪونهين، پر ايتري جرئت ناهي جو وڏي واڪي ڪلي سگهان. قاتل به تون ۽ قاضي به تون آهين پوءِ تو در ڪيئن دانهيان، اها به جرئت ڪونهي ته اهو سچ ڪنهن جي اڳيان سليان. اهڙي به همت ڪونهي جو جيڪي هوائي محل ذهن تي آهن، انهن کي ڊاهي ڦٽو ڪري سگهان. هن نظم ۾ غلاميءَ جي انتهائي درجي يعني ذهني غلاميءَ جي ڳالهه ٿيل آهي. هي نظم مهراڻ 1-1981ع جي پرچي مان مليو ۽ ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ ۾ شامل ڪونهي. هتي هن جا ٽي بند ڏجن ٿا:

آءٌ دل کولي رُلڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

اي زمانا، اي ستمگر آسمان،
مان ته ڪنهن پي حال ۾ خوش ناهيان،
ته به وڏي واڪي ڪلڻ ٿو چاهيان،

هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!
قتل به تون ڪرين، مُنصف به تون،

پنهنجي ويڌن ڪيئن تو در دانهيان،
ڪنهن اڳيان هي سچ چوڻ ٿو چاهيان،

هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

ذهن تي جي بار ٿا لڳنم اُهي،
سپ هوائي محل هڪدم ڊاهيان،
فيصلو اهڙو ڪرڻ ٿو چاهيان،

هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!
(مهراڻ 1-1981ع ص: 10 ، 11)

نياز جي مجموعي شاعريءَ ۾ خاص ڪري نظمن جو اتساهه سنڌ ۾ سنڌي عوام آهي. هو سنڌ سان بي انتها محبت ڪري ٿو. سنڌ جي مٽي، سنڌ جون ڏنڏون ۾ ڏورا، سنڌ جا جبل، سنڌ جا پکي، سنڌ جا ماڻهو، مطلب ته هر اها شيءِ، جنهن جو تعلق سنڌ سان آهي، اها نياز جي شاعريءَ جو اهم موضوع آهي، نه رڳو اهو، پر دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ انسانن تي ٿيندڙ ظلم ۾ ڏاڍ خلاف هو سراپا احتجاج بنجي ويو آهي. سندس نظم ڏاڍ خلاف نه رڳو مزاحمت جو اظهار آهن، پر ان خلاف للڪار به آهن.
نياز پنهنجي نظم "للڪار" ۾ ان ڳالهه جو اظهار هينئن ٿو ڪري:

هڏو هي آواز، گوش دل سان، اسان هي ڪم ڪار ٿا ڪريون اڇ،
ڦُٽجي ويئي آهه پرهه نئين جا، انهيءَ جو سينگار ٿا ڪريون اڇ،
چمن جي رونق، بهار جي خوبين کي نروار ٿا ڪريون اڇ،
صبا جي رقص ۾ گلن جي رعنائين جو اظهار ٿا ڪريون اڇ،
خزان جي خطري، ۽ شام جي غم کي مات، بيڪار ٿا ڪريون اڇ،
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڇ!
سوال چپ تي اچي، ته ڪوئي خيال هڪدم ستائي ڇو ٿو؟

خوشي جي پاسو وٺي، ته گهرو ملال هڪدم ستائي ٿو؟
ڪماليت تي رسيا نه آهيون، زوال هڪدم ستائي ٿو؟
سماج هردم مُسائي ٿو؟ وبال هڪدم ستائي ٿو؟
رئارين ٿا جي رت اسان کي، انهن تي يلغار ٿا ڪريون اڄ؛
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ!

(مهراڻ، 1- 1956ع : 41، 42)

نظم ”پرهه جي مکڙي“ ۾ نياز همايوني بالي نالي هڪ ڳوٺاڻي سهڻي ڇوڪريءَ سان ٿيندڙ انياءُ ۽ هن جي عاشق ديواني جي طرفان مزاحمت جو ڏاڍي سهڻي نموني ذڪر ڪيو آهي. نظم جا ڪجهه بند پيش ڪجن ٿا:

بالي هڪ ڳوٺاڻي ڇوري،
ڇوري اهڙي سهڻي هئي،
جنهن جي هڪڙي ڳالهه ڪجي.

ڄڻ ته سندربن جي هرڻي هئي،
مرڪ ۾ مومل لوڏ ۾ ليلان،
سونهن ۾ سچ پچ سهڻي هئي.

بالي ڪا بدڪار نه آهي عجب ڪري سڀ مان ٿيا،
راجا جو ويو وات سُڪي ۽ ماڻهو سُڪندي ڪان ٿيا،
هي هو سو ديوانو، جنهنڪان سانت سمورا سان ٿيا.

ديوانو جو بالييءَ تي ديوانن وانگ نثار هيو،
بالي ساڻي بالي جنهنجو ديواني سان پيار هيو،
بالي سا معصوم هئي ائين ڄڻ نابالغ ٻار هيو.

ديواني گجگوڙ ڪري چيو بالي سا معصوم آهي،
جنهنجي انگ ڏسڻ کان هر ابليس اجا محروم آهي،
حق ته سزا هييءَ راجا کي ڏيو جنهنجو اندر شوم آهي.

(نئين زندگي: اپريل 1963)

مطلب ته نياز همايوني ڏاڍ ۾ ڏهڪاءَ خلاف نه رڳو پنهنجي شاعريءَ ذريعي، پر عملي طرح به هر محاذ تي مزاحمت ڪئي، هميشه اڳئين مورچي ۾ رهيو، ڪڏهن به نه جهڪيو ۽ نه وري پٺتي پير ڪيائين.

5. انسان دوستي (Humanism)

“Humanism is a progressive philosophy of life that, without theism or other supernatural beliefs, affirms our ability and responsibility to lead ethical lives of personal fulfillment that aspire to the greater good. Humanism is a rational philosophy informed by science, inspired by art, and motivated by compassion.”(53)

(هيومنزم زندگيءَ جو هڪ ترقيءَ پسند فلسفو آهي، جيڪو مذهب يا ڪنهن مافوق الفطرت عقيدي کان سواءِ، انسان جي قابليت ۽ ذميوارين جي تصديق ڪري ٿو، ان لاءِ ته حياتيءَ جي ذاتي اخلاقي قدرن جي پورائي ڪري، جيڪو گهٽي کان گهٽي پلائي جو پيش خيمو ٿئي. هيومنزم هڪ مڪمل فلسفو آهي، جيڪو سائنس جي ذريعي ڄاڻايو وڃي ٿو. آرٽ کان متاثر ٿئي ٿو ۽ همدردي ان جي حوصلا افزائي ڪري ٿي).

انسان دوستيءَ جو متو ۽ مقصد اهو آهي ته انسان کي هڪڙي ئي زندگي ملي آهي ۽ اها زندگي گذارڻ جو حق ان ماڻهوءَ کي ئي آهي ته هو اها زندگي ڪيئن گذاري، يعني هو ان فيصلي ۾ آزاد هئڻ گهرجي.

پي ڳالهه ته هن کي انسانن ۽ جانورن سان همدردي هئڻ گهرجي، انسان اڪيلو ئي ان ڳالهه جو ذميوار آهي ته دنيا کي رهڻ جي بهتر جڳهه ڪيئن بنائجي، ان لاءِ انساني وقار، برابري، انسانن جا حق ۽ ٻين مثبت ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو، تڏهن وڃي اسان هڪ سٺي خوشين پري حياتي گذاري سگهنداسين.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستي

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ امن ۽ انسان دوستيءَ جو سنيهو، پنهنجي پوري فڪري سرت ۽ سپاڻ سان ملي ٿو. هن ڄاتو ٿي ته ظلم ۽ ڏاڍ، جنگ ۽ جدل، مذهبي متپيد، نفرت ۽ ڪدورت، ذات پات جا ويڇا ۽ رنگ نسل جون وڏايون اجايون آهن ۽ ان جي بنياد تي فڪر، هٿ ۽ غرور ڪنهن به مهذب سماج کي نٿو سونهي. اهي سڀ تخريبي عمل آهن، جڏهن ته نياز پنهنجي فڪر جي آڌار هڪ نئون سماج اڏڻ پئي چاهيو، محبت، امن، ۽ انسانيت جي قدرن تي مبني سماج. ان ڪري هو مڙني منفي قدرن کي نندي ۽ امن، محبت ۽ انسانيت جي قدرن کي اوليت ڏئي ٿو.

انسان جي عشق ۾ پي غم ڪرڻ سک
ميان!
حاصل نه ٿيندي ڪٽان اهڙي غنا اوچتي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:152)

نياز ذات پات ۽ اونچ نيچ کان نفرت ڪري ٿو. هو انسان کي انسان سمجهي ٿو. هو پنهنجي اصليت نٽو وساري ۽ وڏي واڪ چئي ٿو:

آءٌ نماڻو هاري زادو، ذات جو ڪوري نانءُ نياز،
سپڪو ڄاڻي، ڪين ٿو ڄاڻي، ڏنگن وارو ڏانءُ
نياز!
يار نياز به ڪوري يارو، پڳٽ ڪبير به ڪوري،

هن کي پنهنجي جهوري!
سنڌ نه ٽئي شل چوري يار، ڪوري آهيان ڪوري
يار!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:31)

نياز رڳو پنهنجي لاءِ نٽو سوچي پر پوري انسانذات لاءِ سوچي ٿو. هو پنهنجي وجود، ذات ۽ خواهش کي لکين عوام جي آرزوئن ۽ امنگن سان گڏي هڪ ڪري ٿو؛ پنهنجو آواز لکن مظلوم انسانن جي آواز سان ملائي، پنهنجو هٽ انهن جي هٽ ۾ ڏيئي، ساٽن گڏ پنهنجي لافاني شاعريءَ جي موتيءَ داڻن کي ادبي زمين ۾ ائين چٽيندو وجي ٿو، جيئن اسر ويلي هاري زمين ۾ ٻج چٽيندو آهي:

آزادي اعلان اسان جو، سوري پل سينگار ڪري!

عبدالواحد آريسر، نياز همايونيءَ جي لاءِ لکي ٿو:

”هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انسانيت جي تباهيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيا آهن هن ويٽنام جي سڙيل لاشن جي رک کي پنهنجي لاءِ خاڪ شفا کان مقدس سمجهيو آهي ۽ بنگال جي قتل عام وقت نياز چيو هو ته: ”آءٌ ائين پيو سمجهان ته منهنجي ذات جي هر ستٌ کي ڦاسيءَ جي ٽياس تي ٽنگي، ان جي سيني ۾ سنگين ٽنبي ويئي آهي.“ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ آفريڪي ڪارن جي اندر ۾ جهاتي پائي، سندس سچ ڪوڙين جهڙين دلين سان رهاٽيون به ڪيون آهن، ته لومبا جي رت مان نڪرندڙ انقلابي جوت کي سيس نمائي سلام به ڪيو آهي.“[54]

اهو سڄو دؤر جنهن ۾ پي جنگ عظيم، روسي انقلاب، آزاديءَ جون تحريڪون، فلسطين، ڪيوبا ۽ ويٽنام جون جنگيون ۽ انهن جون تباهه ڪاريون. پي جنگ عظيم ۾ هيرو شيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ائٽم بم جو ڪيرائڻ ۽ انساني جانين جو زيان ۽ ايٽوپيا جو ڏڪار ۽ ان وگهي ماڻهن جو مرڻ، اهي سڀ واقعا نياز جي حساس شاعرانه دل کي درد ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. هن ان انساني ظلم ۽ ناانصافيءَ لاءِ ڪُلي طرح آواز بلند ڪيو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ ان جو وڏي واڪي اظهار ڪيو. هو جيستائين زندهه هو، ڪڏهن به ورچي نه ويٺو ۽ ظلم ۽ ڏاڍ، پوءِ اهو دنيا جي ڪهڙي به ڪنڊ ۾ هجي، ان خلاف قلم جي طاقت استعمال ڪندو رهيو. سندس وفات تي تعزيتي ايڊيٽوريل ۾ تاج بلوچ لکي ٿو:

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ڪنل ماڻهن جو آواز آهي، جنهن مان هنجو ذاتي درد به ليڪاپائي ٿو. نياز پنهنجي شاعريءَ کي رڳو سنڌ تائين محدود نه رکيو، پر مڪاني توڙي عالمي سطح تي ٿيندڙ ڦيڦ ڍاهه، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ وارين ڪارروائين خلاف به آواز اٺاريو. هيروشيما تي بمباريءَ خلاف سندس نظم "ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي"، انساني آزار خلاف درد جي پڪار ۽ آزاد ضمير جي احتجاج جيان آهي." [55]

هاڻي اسان سندس شاعريءَ ۾ انسان دوست فڪر تي نظر وجهنداسين.

انسان ذات کي جڏهن تڪليف پهچي ٿي، تڏهن هن انسان دوست شاعر جي دل دکي پوي ٿي. هڪ تاثر ۾ هو اهڙن خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

هو جي ويا سو ويچارا وڃي آئيءَ منجهه آڙيا،
ڇڻ ته پکيئڙا ولر کان وڇڙي، ڦاهيءَ منجهه آڙيا،
پٽر ڪٽيندي دل هٽندي، ويچارا ائين ڦِسي پيا،
پانڌيئڙن جا پيرا ڇڻ، ڪا چاڙهي چڙهندي ڪِسي پيا.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 242)

نياز، پوري انسانذات لاءِ پنهنجي سيني ۾ بي پناهه درد رکي ٿو. هو آفريڪا جي مظلومن جو به آواز بنجي پوي ٿو. ۽ انهن خاطر پنهنجي جذبات جي شدت کي شعر جو روپ ڏئي ٿو، چوي ٿو:

انسانن جي تقديرن تي قهر جي بجلي ڪڙڪي ٿي،
وقت جي ڏائڻ واڇونءَ وانگ حياتيءَ جا هڏ رڙڪي ٿي،
درياهن جو هانءُ ٿو ڦاٽي، ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
موٽ مسافر مهل ڏٺي! اک تنهنجي ڪارڻ ڦڙڪي ٿي.
دل تنهنجي ڪارڻ ڏڙڪي ٿي!
انسانن جو عزم سلامت، انسانيت زنده باد!
تقديرن تي غالب، تدبيرن جي طاقت زنده باد!
ظلم ذلالت مرده باد ۽ حق و صداقت زنده باد!
آفريڪي جانبازن جي پرجوش بغاوت زنده باد!
انسانيت زنده باد!

(مهراڻ 3-4، 1960ع)

نظم "ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي" ۾ نياز همايوني ڏرتيءَ جي دانهن بيان ڪئي آهي، هُن انسان ذات جي آزادي، سامراجي وسعت پسندي ۽ ڏرتي ۽ ان تي رهندڙ مظلوم انسانن

جي تباهي ۽ بربادي تي ڳوڑها ڳاڑيا آهن. فڪري طرح نياز جي هن نظم ۾ انسان دوستي ۽ عالمگيريت جو پرتوو ڏسي سگهجي ٿو. هن نظم جا 30 بند آهن، 6 بند هيٺ ڏجن ٿا:

آءٌ سمنڊ جي سيني مان ٿي نڪتس ائين نروار الا،
ڪنواري ڇوريءَ جي ڇاتيءَ سان جئن جوپن جو اظهار الا،
چنڊ کي مون سان پريت ٿي ويئي، سج ڪيو مون سان پيار الا.
مون کي چنڊ چتاءُ ڏنو چئي ’ڇو ٿي سور سهائين پئي،‘
هن مان چڱائي ٿيٽي ناهي، ناحق عمر وڃائين پئي،
تنهنجي مَت کي ڇا ٿي ويو، ڇو گود ۾ نانگ نپائين پئي!؟

مون ته گهٽيئي ليلايو، پر ماڻهو مُهڙ مٽائي ويو،
منهنجون دانهون عرش ٻڌيون، هي ٻوڙن وانگ ٽنوائي ويو،
مون کي ائين محسوس ٿيو جڙ ٻالڪ ٿڃ ڦٽائي ويو!

ٻالڪ ڏاڍا انگ ڪيا، وڃي عالم جو اُستاد ٿيو،
هن جو پاڻ پتوڙيو تنهن مان ائٽم – بم ايجاد ٿيو،
ائٽم ڇا ايجاد ٿيو جڙ خانو ئي برباد ٿيو!

ائين خدائي ظلم جي آئي، دوزخ دنيا بڻجي وئي،
عشق يتيم ته سونهن ٿي بيوهه، لاش تمنا بڻجي وئي،
پوءِ ۽ پوءِ هي منهنجي هيئت ’هيروشيما‘ بڻجي وئي!

چنڊ تي ڪئي انسان چڙهائي – ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
ڏرتيءَ سان هن ڪانه رهائي-ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
هن سان به ٿيندي ڪار اهائي- ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي!

نياز پنهنجي نظم ”دنيا وارؤ“! ۾ لکي ٿو ته انسان ۾ اهڙيون خوبيون هئڻ کپن، جو هو سچائي جو ساٿ ڏئي ۽ ڪوڙ ڪپت کي نندي، ان دستور سان هلي، جو ڪنهن کي به

حق کان محروم نه ڪري ۽ بنا فرق جي هر هڪ سان چاهه رکي. هر هڪ سان غير مشروط محبت ڪري. هو چوي ٿو:

دنيا وارؤ! اچو ته سچ نروار ڪجي دل وڏي ڪري،
جنهن جي ساک زماني جي هر ڪوڙ جي قوت جڏي ڪري.

ماڻهوءَ جي مذڪور ۾ شامل اهڙو ڪو دستور هجي،
ڪوبه نه پنهنجي حق جي درحق محروم ۽ مجبور هجي.

پيار سهاڳ جي ميندي‌ءَ جان ٿو سرهو سپ جو ساهه رکي،
ماڻهو سهڻو اهو جو سپ سان بنا چوٽ جي چاهه رکي.

(دل ۽ ڏرتي‌ءَ جا گيت: 323)

نياز چوي ٿو ته ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جيستائين انقلاب جو نعرو نه لڳندو، تيستائين ڪجهه به نه ٿيندو، تنهن ڪري اٿي کڙا ٿيو ۽ هر قسم جي جبر کي ختم ڪريو:

جيستائين فرد بدلائي نه فطرت ساڻيو!
تيستائين ڦير آڻيندي نه قدرت ساڻيو!
حالتن جي هي تقاضا آ ته ظالم سان لڙو!
۽ ڪريو ان جي خدائي‌ءَ سان بغاوت ساڻيو!

اٿو اٿو جو زمانو ٿو جنگ جنگ ڪري،
هي ظلم جبر ٿو روحن کي تنگ تنگ ڪري،
وڄايو دهل بغاوت جو ڊنگ ڊنگ ڪري،
وڏو اڇي ۽ رهو ان کي دنگ دنگ ڪري!
هي وقت آهه اچو، اجتناب مرده باد!
لڳايو نعرو، چئو: انقلاب زنده باد!

(دل ۽ ڏرتي‌ءَ جا گيت: 191)

جيستائين فرد پنهنجي قسمت پاڻ نه بدلائيندو، تيستائين قدرت به ان جي مدد ڪونه ڪندي، حالتون اهڙيون ٿي ويون آهن جو ظالم جي خدائي‌ءَ سان بغاوت ڪرڻي پوندي ۽ ان سان لڙڻو پوندو. جيسين ظلم و جبر قائم آهي تيستائين ان سان

جنگ ڪرڻي پوندي ۽ ان جي ختم ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رکڻي پوندي، انقلاب زنده باد ! جو نعرو هڻي ڪاهي پئو ۽ ظلم جي ڪاري رات کي ختم ڪريو!

هي آهي ميزائيل جنهن جي ڏسڻ سان ڏکي ٿي وڃي آدميت جي
چاتي،
خدائيءَ جو دشمن، تباهيءَ جو پيڪر، مماتيءَ جي شڪل ۽ مصيبت جي
چاتي،
بنائي ٿو اک چنپ ۾ دنيا کي دوزخ، بگاڙي ٿو ڪن پل ۾ فطرت جي چاتي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:357)

نياز هن نظم جي بند ۾ تباهي آڻيندڙ هٿيار ميزائيل جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو ڏسڻ سان ئي انسان ڏکي وڃن ٿا ۽ جڏهن اهو استعمال ٿئي ٿو، ته سوين ماڻهن جي موت جو سبب بنجي ٿو، اهو خدائيءَ جو دشمن ۽ اک چنپ ۾ ڏرتيءَ جي شڪل بگاڙي ان کي دوزخ جو روپ ڏيئي ٿو ڇڏي.

نياز نظم "ڏرتيءَ جي دل ڏڪي ٿي"، ۾ چوي ٿو ته ڪوبه انسان بکيو، ڏکيو ۽ محتاج نه هجي، ڪوبه ڪنهن جي هٿان تاراج نه ٿئي ۽ ڪوبه اهڙو مرض نه هجي، جنهن جو ڪوبه علاج نه هجي. وڌيڪ هو چوي ٿو ته امن جو اهڙو وقت هجي، جنهن ۾ رڳو محبت، خوشحالي ۽ آزادي هجي، ڪنهن انسان جو ٻئي تي ظلم، ڏاڍ نه هجي:

دنيا ۾ ڪو بکيو ڏکيو يا ڪنهن جو ٻي محتاج نه
ٿئي،
سڀڪو پنهنجي آباديءَ ۾ مست رهي، تاراج نه
ٿئي،
اهڙي وبا نه وکوڙي وڃي، جو ان جو ڪوبه علاج
نه ٿئي،

امن، محبت، خوشحالي ۽ آزاديءَ جو دور هجي،
انسانن جو انسانن لاءِ اهو ئي طور هجي،
جنهن ۾ ڦير فساد نه ڪوئي ۽ نه جفا ۽ جور
هجي.
(مهراڻ، 1-2-1961ع-503)

ساڳئي نظم ۾ هو چوي ٿو ته جڏهن انسان بگڙي ٿو، ته هو پنهنجي ئي پائرن ۽ پنهنجي ئي ڏرتي ماءُ تي ظلم ڪري ٿو ۽ پوءِ هو ان ڏرتيءَ ماءُ جي اهڙي حالت ڪري ٿو، جيڪا "هيروشيما" تي ائٽم بم ڪرڻ سان ٿي ويئي ۽ پوءِ نياز چوي ٿو ته هن سان به ساڳئي ڪار ٿيندي جيڪا هن ڏرتي ماءُ سان ڪئي آهي:

ايئن خدائي ظلم جي آئي، دوزخ دنيا بڻجي
ويئي،

عشق يتيم ته سونهن ٽي بيوهه، لاش تمنا بٽجي
ويئي،
پوءِ ۽ پوءِ هي منهنجي هيئت، ”هيروشيما“ بٽجي
ويئي.

چنڊ تي ڪئي انسان چڙهائي، ڏرتيءَ جي دل
ڏڙڪي ٽي،
ڏرتيءَ سان هن ڪانه رهائي، ڏرتيءَ جي دل
ڏڙڪي ٽي،
هن سان به ٽيندي ڪار اهائي، ڏرتيءَ جي دل
ڏڙڪي ٽي.

(مهراڻ 1-2، 1961ع: 505)

نياز همايوني پنهنجي نظم ”اڄ ته ديوانا ٽي دنيا ۾ جيئون“ ۾ چوي ٿو، ته زندگي چوڌيل جي ڦيرن وانگر ويڪرايون گهري ٽي، سهاڳن جي نوورنين وانگر ڇيڀڙايون گهري ٽي ۽ اهڙيون ترايون، جتي پوپٽ لڪ لڪوٽي راند ڪن، اهي گهرجن پوءِ ڇو نه اسين خوشبوئن جو ڦهلاءُ هر وقت ڪريون، جيڪا سچي دنيا واسي چڏي، ۽ ٻئي بند ۾ چوي ٿو ته ڇو نه اسين پيار جي هٻڪار دل جي خاني ۾ پريون ۽ سڪ ۽ سڪ جون سوکڙيون پنهنجي ڪي يا پرائي ڪي ارپيون، اگربتيءَ جيان پاڻ ڪي ساڙي ساري سنسار ڪي سڱڌ بخشيون ۽ اهو ضروري ڪونهي ته ان سڱڌ جو ساءُ اسان ڪي به پهچي. مطلب ته ٻين لاءِ جيئون:

اڄ ته ديوانا ٽي دنيا ۾ جيئون،
داناء دوست:
اڄ ته ديوانا ٽي دنيا ۾ جيئون!
زندگيءَ جا ڏوجهرا، مفلس جي ويچارن جئان وڌندا
رهيا،
دل لڳيءَ جا مامرا، بيوه جي سڏڪن وانگئان هلندا
رهيا،
پريت جا ۽ پيٽ جا، گس گهاٽ گنجريل سٽ جئان
منجهندا رهيا،
عقل کان ٽيو ڪين ڪنهن پي ڳالهه جو،
اُڪلاءُ دوست:
اڄ ته ديوانا ٽي دنيا ۾ جيئون!
دل جي خاني ۾ ڪٽوريءَ جان پريون، پاٻوهه جي
هٻڪار ڪي،

سوکڑيون سڪ سک جون ارپي ڇڏيون، هر غير کي ۽ يار کي،
پاڻ کي ساڙي اگربتيءَ جئان، سرهو ڪريون سنسار کي،
ڇاهه جو پهتو نه پنهنجي ساهه کي ڪو.
ساڻُ دوست:
اڇ ته ديوانا ٿي دنيا ۾ جيئون!

اڇ ته دنيا جي دکن کي پنهنجو سمجهي، ۽ سدورا ٿي جيئون،
چار ڏينهن آهي حياتي، پنهنجي ڪارڻ ڇو ندورا ٿي جيئون،
پاڪرن کان ۽ پرين کان، ٿي نرهه ڇالاءِ ڇورا ٿي جيئون؟
ڇاڻ جي ڄارن مان نڪري آءُ، ڇڏ،
پڇتاءُ دوست:
اڇ ته ديوانا ٿي دنيا ۾ جيئون!

زندگي ڇوڏيل جي جهوٽن جيان، ويڪرايون ٿي گهري،
بودلي آهي سهاڳن جي ونين جان، ڇيڪرايون ٿي گهري،
جن ۾ پوپٽڙا ٿا کيڏين لڪ لڪوٽي، سي ترايون ٿي گهري،
ڇو نه سڱنڊن جو ڪريون هر سانت ۾،
ڦهلاءُ دوست: اڇ ته ديوانا ٿي دنيا ۾ جيئون!
(روح رهاڻ، اپريل 1966ع: 37، 38)

مطلب ته نياز همايوني هڪ اعليٰ آدرشي انسان هئڻ جي ناتي، دنيا جي هر مظلوم جو ڏک پنهنجو ڏک سمجهيو آهي ۽ انهن تي ٿيندڙ هر ظلم جو ايذاءُ محسوس ڪيو آهي. هو دنيا جي هر مظلوم انسان سان محبت ڪري ٿو. هن دنيا جي هر آزاديءَ جي تحريڪ جي حمايت ڪئي آهي. سچ پچ ته نياز جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو پهلو هر جڳهه تي لياڪا پائيندو نظر اچي ٿو.

8. تاريخي ۽ تهذيبي تناظر ۾ سرجيل شاعري

سنڌ صدين کان تهذيبي ۽ معاشي طرح سکي ۽ ستابي رهي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو اها ٻاهرين نادار ۽ جنگجو قومن جي حملن جو شڪار رهي آهي. ٻاهران آيلن سنڌ کي لُٽيو، قَريو ۽ قتل و غارت گريءَ جو نشانو بنايو. ايئن نه آهي سنڌي ماڻهن انهن ٻاهرين قَورن کي سولو شڪار ٿيڻ ڏنو، اهي انهن سان زبردست مزاحمت ڪندا رهيا، پر رڳو پنهنجي بچاءُ ۾. هو امن پسند هئا، ان ڪري اڳرائي نه ڪندا هئا.

سنڌ جي تاريخ اهڙن تاريخي جنگي معرڪن سان پُري پئي آهي، جنهن ۾ سنڌين پنهنجن ننگن ۽ دنگن جي بچاءُ لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون.

اهڙين تاريخي جنگين ۾ سورمن کي پيٽا ڏيڻ لاءِ ڪيل شاعريءَ کي رزميه شاعري چئجي ۽ اها جنگ جي احوال ۽ جنگ ۾ ڪيل ڪارنامن تي مشتمل هوندي آهي، نه رڳو اهو پر ان قوم جي تاريخ ۽ تهذيب جو به ذڪر هوندو آهي. اهي جنگيون دراوڙن ۽ آرين جون هجن، عربن جو ڪاهون هجن، سومرن ۽ گجرن جون لڙايون هجن، سومرن ۽ علاءُ الدين خلجيءَ جي لڙائي هجي، سمن ۽ ارغونن جون لڙايون، ڪلهوڙن ۽ مغلن جون لڙايون، ان سان گڏ نادر شاهه، مدد خان پٺاڻ، شاهه شجاع ۽ ٻين جون ڪاهون ۽ آخر ۾ انگريزن جون جنگيون آهن، جن ٽالپرن جي اقتدار جو خاتمو آندو. انهن سڀني معرڪن جي لاءِ شاعري لکي ويئي: ”رڳويد“ کان وٺي ڳاهن ۽ داستانن تائين ڪٿي اها شاعري هٿ اچي سگهي آهي ته ڪٿي تاريخ جي ورقن ۾ گم ٿي ويئي آهي. شاهه لطيف جو حضرت امام حسين عليه السلام تي لکيل ڪيڏارو ۽ خليفي نبي بخش جو کرڙيءَ جي جنگ تي لکيل ڪيڏارو به انهن رزميه داستانن ۾ شامل آهن. سنڌ جي تاريخي جنگين ۾ جن سرويچن سِر تريءَ تي رکي، پنهنجي وطن جو دفاع ڪيو ۽ پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو، انهن جو نالو تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيو ويو آهي ۽ لکيو ويندو. انهن ۾ دودو سومرو، دريا خان، هوشو، روپلو ڪولهي ۽ هيمون جا نالا وڏيڪ نمايان آهن ۽ انهن تي تمام گهڻي شاعري تخليق ڪئي ويئي آهي. تاريخ جي آڳاٽي دؤر ۾ دودي جي علاءُالدين خلجيءَ سان لڙائي، جيڪا دودي چنيسر جي داستان طور ڳائي ويئي آهي ۽ ٻي سمن جي شاهه بيگ ارغون سان لڙايون، جن ۾ دريا خان جي بهادريءَ جو داستان آهي، اهو به تمام گهڻو ڳايو ويو آهي. انهن داستانن جي باري ۾ شمشير الحيدري لکي ٿو:

”ننڍي کنڊ جي قديم هندي شاعريءَ ۽ ٻارهين صدي عيسويءَ کان چوڏهين صدي عيسويءَ تائين ”وير گاٿا“ جو دؤر مشهور آهي. اهو ئي هتي (يارهين کان چوڏهين صدي عيسويءَ تائين) سومرن جي حڪومت جو دؤر آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ جا اڪثر عشقي ۽ رزمي قصا (سسئي-پنهون، سورٹ-راءِ ڏياج، مومل –راڻو، ليلان – چنيسر، سومرن ۽ گجرن جي لڙائيءَ جو قصو، وغيره) وجود ۾ آيا ۽ اهوئي دؤر آهي، جڏهن کان اسان کي سنڌي شاعريءَ جي اوائلي تاريخ معلوم ٿي آهي. انهيءَ سلسلي ۾، ”دودي – چنيسر“ واري جنگي داستان جون ڳاهون معلوم سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان آڳاٽيون چيون وڃن ٿيون. ان ڪري اسين چئي سگهون ٿا ته سنڌيءَ ۾

شاعريءَ جي شروعات ئي رزميه شاعريءَ سان ٿي آهي، يا کم از کم رزميه شاعريءَ جي روايت سنڌيءَ ۾ شروع کان وٺي موجود آهي.

جيتوٽيڪ "دودي- چنيسر جي ڳالهه" وارين ڳاهن بابت محققن ۾ هن ڳالهه تي اختلاف آهي، ته اهي ڳاهون ڪي سومرن جي دؤر ۾ چيون ويون هونديون، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ الحاقي جزا ايتري تعداد ۾ اهڙي انداز ۾ گڏجي ويا آهن جو اصل ۽ نقل، قديم ۽ جديد جو فرق معلوم ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي، ۽ انهن کي ڪنهن هڪڙي ئي دؤر جي تخليق چوڻ ممڪن ناهي، تنهن هوندي به ڪن بيتن جي ٻولي ۽ سٽاءُ انهن جي قدامت جي ساک پري ٿي.(56)

سمن جي آخري دؤر ۾ ڇام نندي جي وزير ۽ سپهه سالار دريا خان جو نالو، دليريءَ ۽ حب الوطنيءَ ڪري مشهور آهي، جنهن شاهه بيگ ارغون کي سخت شڪستون ڏنيون ۽ هو وري ڇام نندي جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ست ئي نه ساري سگهيو، "هيمون رانوڙ" سان سندس عشق جو قصو مشهور آهي. لکي جبلن وٽ شاهه بيگ سان جنگ ٿي رهي هئي، ته مائيءَ همونءَ دريا خان کي پنهنجيءَ سوپ جي چتاءَ طور، جبل جي چوٽيءَ تي باهه جي مچ ٻارڻ جي تاکيد ڪئي. پوءِ دريا خان آڙاهه مچ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٻارايو.

دولهه دريا خان جا، ديهين دود دڳن،
انين جي اهاءَ تي، رات چُنو روجهن.

هن سلسلي جا ٻيا به گهٽا بيت سگهڙن وٽ محفوظ آهن، جيڪي شاهه بيگ ۽ دريا خان جي جنگ سان متعلق آهن. سمن جي آخري حاڪم، ڇام فيروز، پنهنجي هن محسن ۽ محب وطن سپاهيءَ کي گهٽو رنجايو، جنهنڪري دريا خان ملڪي معاملن کان علحدو ٿي، گوشي نشين بنجي ويو، پر جڏهن شاهه بيگ ارغون آخري پيرو مڪمل تياريءَ سان وري به ٺٽي تي ڪاهي آيو (1520ع)، تڏهن هيءُ سورهيه مرد پنهنجي حب الوطنيءَ جي جذبي کان مجبور ٿي، جنگ جي ميدان ۾ ٽپي پيو. "ساموئيءَ" جي ميدان ۾، پنهنجي بهادريءَ جا جوهر ڏيکاري، آخرڪار هيءُ سنڌي فوج جو عظيم سپهه سالار شهيد ٿي ويو. پوءِ جي شاعرن هن قومي سورمي کي وڏيءَ اهميت سان ڳايو آهي.(57)

سنڌ جي پوري تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته سنڌ جي سرزمين جو اهڙو خطو، علائقو ۽ طبعي ڀاڱو نه هوندو جتي سنڌي قوم جو لال لهو وهيو نه هجي. سنڌ وڏا ستم، ظلم، زور ۽ زبردستيون سٺيون آهن. هي سنڌي قوم سدائين غير وطن جابرن جو وڏي همت ۽ دٻدٻي سان مقابلو ڪندي رهي آهي. ڪڏهن عرب، ڪڏهن خلجي، ڪڏهن مغل، ڪڏهن ترخان ۽ ارغون، ڪڏهن نادر شاهي حملا ته ڪڏهن پٺاڻن جي گهوڙن جون يلغارون ۽ "گهوڙا گهوڙا" جا آواز سنڌي سماج کي مفلوج بٹائيندا رهيا، مگر سنڌ جا سرويچ سورهيه پنهنجي سرن جا نظرانا پيش ڪري، ڏرتيءَ جي انچ انچ جو تحفظ ڪندا رهيا. اهڙن سورهين ۽ جُنگ جوڌن جي جانثاريءَ کي سنڌ جي شاعرن

۽ فنڪارن سھڻي ستاءُ سان بيان ڪيو، جنھن کي بعد ۾ چارڻن ۽ فنڪارن ڳائي تاريخ ۾ امر بڻائي ڇڏيو. اھڙا شاعر ھر دؤر ۾ پيدا ٿيندا رھيا. شاھ لطيف، سچل، خليفو نبي بخش ’قاسم‘فقير صادق ۽ اڇوڪي ترقي پسند دؤر ۾ شيخ ايار کان پوءِ ننڍي وڏي شاعر، ھر دؤر جي خونريزي ۽ قتل و غارت تي ڪڌھن ڪيڏارا لکيا، ته ڪڌھن وري پنھنجن کي پڏائي سندن سورھيائيءَ تي جسون ڏنيون.

اھڙن شاعرن ۾ سنڌ جو ھيءُ سر موڙ ۽ پلوڙ شاعر نياز ھمايوني به آھي، جنھن پنھنجي گيتن، نظمن، ۽ دوھن ۾ سنڌ جي تاريخ کي سمائي، پنھنجي قومپرست شاعر ھئڻ جو حق ادا ڪيو آھي. انھن دوھن، نظمن ۽ گيتن ۾ سورمن جي جانبازي، ڏرتيءَ تان سر فدا ڪرڻ واري ادا، ننگن ۽ دنگن تان جانثاريءَ جي جذبن ۽ جنگي روايتن کي سھڻي ستاءُ ۾ پيش ڪيو آھي ۽ بيمثال لفظن ۾ بيان ڪيو آھي.

نياز کي پيٽا ڏيندي عبدالواحد آريسر لکي ٿو، ”نياز ھمايوني محبت جي جذبي سان سرشار آھي. ھُن سنڌ جي گونگي تاريخ کي زبان ۽ سنڌ جي اڻوجھه ماڻھن کي سمجھه ۽ غيرن کي للڪارڻ جو جذبو بخشيو آھي، اُن ۾ ڪوبه شڪ نه آھي ته نياز سنڌ جي تھذيب ۽ تاريخ جو ڀھڳڻو شاعر آھي.“[58]

نياز ھمايوني اھڙن مانجھي مٿير مردن جي مانُ ۾ ھمرچا ڳايا، جن سنڌ جي ننگن ۽ دنگن جي حفاظت ڪندي قرباني ڏني. ھو چوي ٿو:

منھنجا مانجھي سدا سگھارا ھمرچو!
”دودي“ جھڑا ھوشو پارا ھمرچو!
ھمرچو! ڙي ھمرچو!
جن جي سيني ۾ ٿي ڏڙڪي دريا خان جي دل،
تن جي آڏو مجال جو بيھي ڪنھن به جُوان جي دل،
ھي منھنجي ساڻيھه جا سورھيه جگ سوپارا ھمرچو!
ھمرچو! ڙي ھمرچو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 88)

سنڌ تي ڪلھوڙا دؤر ۾ 1739ع ۾ نادر شاھه افشار ڪاھه ڪئي، ان ڪاھه جو مختصر لفظن ۾ تذڪرو بيان ڪندي چيو:

ڪالھه جي آيا نادر ڪيئي،
اڄ به سُجھن ٿا ڏيھه ۾ سيئي،
ڪنڌ ڪڏن جو پڇي،
تاسرڙو ٿو وڃي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت :90)

اھڙيءَ ريت 18 صدي عيسويءَ ۾ مدد خان پٹاڻ ۽ شاھه شجاع سنڌ تي ھلان ڪئي، انھن ۾نھي لٹيرن جو ۾ن مختلف بندن ۾ ھن طرح اظھار ڪيائين:

چبرن چرڙي پاڳ ڦٽايو،

مدد پٽاڻ نياڳ ٿي آيو،
ويريءَ اهڙو ويل مچايو،
اندر اچا پيو ڇڇي،
تاسرڙو ٿو وڃي!
بگهڙ ته ڪنهن سان ٻيلهه نه ٻيلي،
شاهه شجاع شڪاريو ٻيلي،
ڪرڙيءَ ۾ اچا ائلي ائلي،
جابر تنهنجو جنازو ڪڇي،
تاسرڙو ٿو وڃي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 91)

نياز همايوني پنهنجي سنڌ جي تاريخ جي سپوتن کي ياد ڪندي فرمائي ٿو:

ماڻهو دودو دريا خان ته ماڻهو ڪولهي پي ۽ هوشو پي،
ماڻهو ئي مخدوم بلاول ته پڳٽ ڪنور ۽ هيمو پي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 135)

تاريخ جو علم اسان کي شعور ڏئي ٿو ته سنڌ جا مقامي باشندا، پنهنجي مٽيءَ جا محافظ رهيا آهن. جيتوٽيڪ اسان جو تاريخي علم اڪثر ٻاهرين مؤرخن جي طفيل پلئه پيو آهي، تاهم ڏيهي روايتن مان پڻ ڇگو خاصو مواد ميسر ٿيو آهي، الغرض ته سومرا گهراڻي پنهنجي وطن خاطر وڏي ويڙهه ڪئي، ان بابت ڊاڪٽر ادل سومرو لکي ٿو:

”دودي سومري جو نالو اسان لاءِ عظيم قومي علامت آهي. ڪنهن به انساني ڪردار جو مطالعو، ان جي عمل، اخلاق ۽ رويي جي آڏار تي ئي ڪري سگهجي ٿو. ان نسبت سان دودي جو ڪردار انهن سڀني خوبين سان پرپور نظر اچي ٿو، جيڪي هڪ عظيم ۽ ڪامل وطن پرست ڪردار ۾ هڻڻ گهرجن. هن ۾ سورهيائيءَ سان گڏ ڏاهپ آهي. هو اقتدار ۽ ڪامل مڪمل منصب جي پيٺ ۾ اجتماعي عوامي راءِ کي اهميت ڏئي ٿو.“ (59)

مٿين حڪايت مان معلوم ٿئي ٿو ته دودو، ديش دروهين سان ”هڙ پالا وڙهه پاڪرين“ واري ڪار ڪري لڙيو، ۽ صفِ اول جو شهيد سورهيه بڻجي تاريخ رقم ڪري ويو. اهڙي سورهيه کي نياز همايوني نهايت پيار سان ساراهي، سندس سورهيائيءَ کي بيان ڪندي چوي ٿو:

سنڌ کي اهڙو سورهيه گهرجي جنهن جو اهو ڪردار هجي ،
ملڪ ۽ ماڻهن سان سڌو، پڻ دشمن لاءِ ديوار هجي،
دودي بن ٻيو آڻيو اهڙو جنهن جو اهو ڪردار هجي.

(ساڻيهه جي ساک: 207)

دودي جي رهبريءَ ۾ سنڌين پنهنجي ڏرتيءَ جي تحفظ جي ويڙهه وڙهي، جنهن تاريخ جي نهايت شاندار باب جي حيثيت اختيار ڪئي، نياز همايوني نظم ”ساڻيهه جي ساک“ 421 بندن ۾ لکيو، جنهن ۾ هن سنڌ جي ان تاريخي ويڙهه جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هن دودي جي سورهيائي ۽ چنيسر جي منفي ڪردار جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان سان گڏ علاالدين خلجيءَ جي مڪروه ڪردار کي به پيش ڪيو آهي. هن نظم منجهان سنڌ خاطر جيئڻ ۽ مرڻ جو درس ملي ٿو:

آءٌ انڌيرو، تون سُجهندو، مان اوڳائي، تون ڄاڻ پرين!
مون کي سوچ ۽ سُرت ڏئين ٿو مهر ڪري تون پاڻ پرين!
تنهنجيءَ رم جهم راسِ ڪيا سپ مانداڻا ۽ ماڻ پرين!

تنهنجي سونهن سوائي جئن جئن، تئن تئن نينهن نهال سندوم،
تنهنجي غم جي گهرائيءَ کان گهرو ڪيف ڪمال سندوم،
تنهنجي هيڄ مهابي آهي چوڌس چوٽ خيال سندوم!

پونگر کي اولاد هئو: هڪ ٻاگهي ۽ ٻيو دودو راءُ!
ٽيون هيو چنيسر چريو ڪريو، جو سڏيو ويو ٽي جوڌو راءُ!
آخر ۾ جنهن ڪاڪ لڄائي، بڌجي انڌو اونڌو راءُ!

دودي جي للڪار ته ڪاهيو ڪُنن جيان ڪڙڪاٽ ڪري،
وارو ٽي ايئن ويرين تي جئن ڪٽڪ سڄو ڪيهاٽ ڪري،
سڄ جي ساک اوهان تي آهي هڪليو اوچا ڳاٽ ڪري.

دودو مرد مٽير الاڙي، سنڌڙيءَ جو سرواڻ ابول!
پاگا ٽي پيو پاءُ جي پيڊ ۾ ويرين جي وڍ ساڻ ابول!
ساٽ سڄي کي ولهو ڪري ويو، آڇن جو اڇواڻ ابول!

سنڌڑي! تنهنجي سيني تي جئن، چنڊ ٿو جوڻن جان جرکي،
منهنجو شعر ۽ منهنجي محبت، تنهنجي جذبي سان جرکي،
ايئن سجهي ڇڙ ٻار جي مرک ٿي ماءُ جي مرکڙ مان جرکي!
يار "نياز" جي مام مٽاهين، منڙي تون دلجاءِ ڪجانءِ!
جهڙ ڦڙ ٽيندي، جَنجل جهرندا، جندڑي تون دلجاءِ ڪجانءِ!
اُڀريو ڇاڙ سُکن جو سج او سنڌڑي! تون دلجاءِ ڪجانءِ!
منڙي تون دلجاءِ ڪجانءِ!
جندڑي تون دلجاءِ ڪجانءِ!
سنڌڑي! تون دلجاءِ ڪجانءِ!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 403- 472)

سومرن جي دؤر حڪومت کان پوءِ سمان سنڌ جون واڳون وٺن ٿا. سمن ۾ وري اڪيلي ڇام نظام اٽڪل اڌ صدي سنڌ تي حڪمراني ڪئي، جنهن پنهنجي وقت ۾ مبارڪ عرف دولهه دريا خان کي پنهنجو سڀهه سالار بنائي، سنڌ جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت ڪئي. ان اڌ صديءَ درميان دولهه دريا خان سنڌ جون ڪافي لڙايون لڙيون، جنهن ۾ اهو رجز مشهور ٿيو: "پير پٽو هڪ مئو ٻيو ٽئو". سمن جي ان سموري سلطنت جي دؤر ۾ جيڪو وهيو واپريو، نياز همايوني نهايت بهترين نموني اظهار ڪيو آهي. هو نظم "مڪلي منهنجي جيجل مڪلي" ۾ چوي ٿو:

منهنجي اڇيان سو ڇام نظام هو، جنهن جي سنڌ ۾ ڏاڪ هئي،
سرڪنڊ جي سرهاڻ جان پکڙيل، هن جي هر هنڌ هاڪ هئي،
خوشحالي هئي جام هتي، ڪا دل نه ڪٽي غمناڪ هئي.

ٻي پاسي هو دريا خان جو سنڌڑيءَ جو سالار هيو،
آڙيءَ آڏيءَ اڙٻنگ سدا، هر حالت ۾ هالار هيو،
مهمن جو مهندار، دلير ۽ اپرن جو آڌار هيو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 341)

مڪلي منهنجي جيجل مڪلي

هيءُ طويل نظم 78 بندن ۾ مثلث هيئت ۾ مهراڻ 1-1963ع ۾ "نئون هنگلاج" جي عنوان سان ڇپيل آهي، پر "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ۾ هن جا 70 بند ڇپيل آهن. هي نظم ڄام فيروز سمي جي حڪومت دؤران، سنڌ تي شاهه بيگ ارغون جي لشڪر جي چڑهائيءَ جي تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهي. هِن ۾ مڪليءَ جي عظمت ۽ دولهه دريا خان جي بهادري، سچائي، ۽ شهادت جو نهايت دلفريب انداز ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.

مڪلي! منهنجي جيجل مڪلي! تو ۾ مون هنگلاج ڏٺو،
محل ڏٺو مون تخت بنا ۽ تاج بنا سرتاج ڏٺو،
آيل! تنهنجي قسمت ۾ مون تاوڻ ۽ تاراج ڏٺو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 341)

ڄام نظام کان پوءِ ڄام فيروز جي سلطنت ۾ ڄام ۽ ان جي عمائدين جي عياشي ۽ عام ماڻهن ۽ ملڪي ڪاروهنوار کان لاتعلقيءَ جي ڪري، ملڪي خزانو عياشيءَ ۾ اڏامي ويو ۽ خلق نڏڪي ٿي ويئي. نياز انهيءَ حالت جي منظر ڪشي ڪندي چوي ٿو:

عام جي حالت اهڙي هئي، ڄڻ ڏڪي بنا ڏڻ رڙ پٽ ۾،
هر ڪنهن کي هئي نفسا نفسي ويل وهيا ٿي جهٽ پٽ ۾،
جنهن به ٿي دانهيو، جنهن به ٿي باهيو، آيو ٿي سو مرگهٽ ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 442)

اهي حالتون دريا خان کان سڻيون نه ٿيون ۽ رڙ ڪيائين نياز همايوني جي هيڻين ستن ۾:

ڄام فيروز او منهنجا سائين! جيئن سدائين، ڏيان ته ڪر!
ملڪ جو آهي تنهنجي امانت، ان جو ڪوئي مان ته ڪر!
تنهنجي ساري پت ٿي وڃي پيئي، تنهن جو ڪو ارمان ته ڪر!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 445)

مٿين سڀني زميني حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ، جيڪي ستم ظريفيون سڻيون هيون، تن جو تذڪرو تاريخ جي تناظر ۾ لطيف کان وٺي، شيخ اياز کان ويندي نياز همايونيءَ تائين، هر ننڍي وڏي شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ وڏي حڪمت ۽ دانائيءَ سان ڪيو آهي، جنهن جا مثال تاريخ جي صفحن ۾ ڇڻا موجود نظر اچن ٿا.

آخرڪار ڇام فيروز جي طبيعت ۾ ڦيرو آيو، جنهن پنهنجي ابي جو حق جتائي، دريا خان کي نٽي جي ڏرتيءَ تان ڏکي ٻاهر ٽو ڪري ۽ دريا خان به نمڪ حلال فرزند وانگر ڇام فيروز سان ٻاڙو نٽو ٻولي ۽ سيوهڙ طرف هليو ٽو وڃي. انهي سموري صورتحال جو نياز همايوني چٽن لفظن ۾ ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

ڇام فيروز جو انڌو اُونڌو ارڪانن کان نڪتل هو،
پرمٽڙيو ۽ پوڄائو ٽي پنهنجي انت کي پهتل هو،
دريا خان کي ڏار ڪيائين پنهنجيءَ تي جو بيٺل هو.

آخرڪار جڏهن دريا خان سنڌ جي سرحدن کان هٽي وڃي ٽو، تڏهن سنڌ تي ڇام فيروز جي سرواٽي ۾ سورن جا سج اپرن ٽا، تڏهن بيوسيءَ واري صورتحال ۾، جڏهن ارغون مٽس ڪڙڪي پون ٽا ته دريا خان جي ضرورت محسوس ڪري ٽو. ان سڃي وارتا کي نياز هيٺين سٽن ۾ پرپور نموني بيان ڪري ٽو:

جڏهن ڏٺائين واهه نه ڪائي دانهيائين او دريا خان!
ڏمر ڪري جو ڏار ڪيو هو پاڻ کان مون سو دريا خان،
سنڌ جو سورهيه، سنڌ جو وارث، سنڌ جو بابو دريا خان.

جڏهن دولهه دريا خان ڇام فيروز جي غيرن جي اڳيان عاجزي محسوس ڪري ٽو، تڏهن ”رت دانگي تي ورندو“ محسوس ڪندي، دريا خان شينهن جهڙي ڍِڪ ڏيندي نٽي جي سر زمين تي وارد ٿئي ٽو ۽ پنهنجا آخري پساهه سنڌ تي قربان ڪندي گهورجي وڃي ٽو. نياز چوي ٽو:

دريا خان دلاور دلبر هليو ويو، ايئن هاريءَ مان،
ٽٽي پيو جڙ اُپ مان تارو، ڇٽي پيو گل ٽاريءَ مان،
رمي وئي جڙ راند مان رونق، مزو ويو چوياريءَ مان.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 352)

دريا خان کي جوش آيو ۽ دريا خان تياري ڪئي،
پالو ڪنيو هن هڪڙي هٿ ۾ ۽ ٻي هٿ ۾ ڪٽاري ڪئي:
سندرو ٻڌي ۽ سينهو ساهي، گهوڙي تي هسواري ڪئي.

ڏوڪي ويو ميدان ۾ ائين جڙ شينهن لنگهي ويو ٻيلي ۾،
ڏارين ۾ ڦڙ ڦوٽ پئي جڙ، مينهن وسي پيو ميلي ۾:

پاڳن ۾ پيا بدن اُنهن جا پئجي ويو رَتُ ريلي ۾.

دريا خان جو انت اچي ويو پاڳ پڇي بيزار ٿيو،
موت منافق جُهڙ جي ڏپ جان نڪري ۽ نروار ٿيو:
هي ته وطن جو دوست هيو، پر وقت نه هن جو يار ٿيو.

دريا خان دلاور دلبر هليو ويو، ايئن هاريءَ مان،
ٽُٽي پيو جڙ اُپ مان تارو، چٽي پيو گل ٽاريءَ مان:
رمي وئي جڙ راند مان رونق، مزو ويو چوياريءَ مان.

دريا خان پُڄاڻي ڪئي ۽ جام ويو ايئن گوئن ٽي،
پڪي ويو جڙ آکيري مان، آکيرو ويو ڪک پن ٽي:
پٽر لڳا جڙ ٻيرين ۾، وئي ٽاري ٽاري پن پن ٽي.

گهڙيءَ سندي گهڙيال ٽي جاڻي گلڏاريون ڪيون لک الا!
هيج ڪري هل وڏا ٽي سپ ڪي ٻارن وانگي ٻک الا!
ڪن پل ۾ اُت ڏسڻ ۾ آيا ڪاريءَ وارا ڪَک الا!
مڪلي ! منهنجي جيجل مڪلي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 351، 352)

ايئن سنڌ جي عظيم سورمي دريا خان جو انت اچي ويو ۽ سنڌ هڪ دفعو وري ڏارين جي قبضي ۾ اچي وئي.

ماضيءَ جي ويجهي تاريخ ۾ سنڌ دشمن پاليسيون جوڙيون ويون، جن جا ناڪاري پاسا سنڌ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا. ان جو نتيجو اهيو نڪتو جو اسان جي سنڌ بينڪيت جي نشاني تي اچي ويئي.

سنڌ جي ساڃاهه وندن ۽ سڃڻن ون يونٽ جي خلاف پرپور تحريڪ جو اعلان ڪيو. سنڌ جي شاعرن، اديبن ۽ ڏات ڏٽين شاگردن ون يونٽ خلاف هلايل تحريڪ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. هر فرد انفرادي طرح هن تحريڪ جو حصو بنجي ويو. انهي جدوجهد جي نتيجي طور ون يونٽ جا ڪارا ڪڪر سنڌ تان هٽي ويا. اسان جي شاعرن، جن ون يونٽ خلاف پنهنجي شاعري پيش ڪري عوام کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو، تن ۾ نياز همايوني پڙ صفِ اول ۾ بينڊل نظر آيو. هن پنهنجي لافاني ۽ فڪر انگيز شعرن ۾ ون يونٽ خلاف نفرت جو جهنڊو بلند ڪيو. پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ مخفي ڪردارن ذريعي ان جون سليس سمجهاڻيون پيش ڪيون.

طويل نظم "پرهه ڦٽيءَ کان پوءِ" جا 115 بند آهن. هن نظم ۾ لوڪ ڪهاڻي بيان ڪيل آهي، جيڪا ون يونٽ جي دؤر سان لاڳاپيل آهي. هن جا ڪردار شينهن، گدڙ، بگهڙ، مور، هرڻ ۽ خانبهادر آهن. اهي علامتي ڪردار انهن ماڻهن لاءِ استعمال ٿيل آهن، جن مان هڪڙا ون يونٽ ٺاهڻ ۾ پيش هئا ۽ ٻيا اهي جن ون يونٽ خلاف تحريڪ هلائي، ان کي ختم ڪرايو. نياز هن نظم ۾ ون يونٽ ۾ جڪڑيل سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي ۽

هو ان مقصد ۾ ڪامياب ويو آهي ۽ هن قوم پرست ۽ وطن دوست هئڻ جو حق ادا ڪيو آهي، نياز لکي ٿو:

آڪاڻي ٻُڌ! مور ۽ هرڻ جي سوَلي سَنهنجي آڪاڻي،
منهنجي ملڪ جا نندڙا وڏڙا ماڻهو، پنهنجي آڪاڻي،
راتين جو رولاڪ رَهي ٿو، ڳايان تنهنجي آڪاڻي!

هرڻ جي ورنديءَ ڪيو پڙاڏو: وقت اسان جو وقت آهي،
سخت رهيو جو پاڻ ته اُن جي لاءِ رويو سخت آهي،
اسان کي گهرجي ڪين غلامي، آزاديءَ جو خفت آهي!

هڪڙي جهنگ ۾ مور ۽ هرڻ رهيا ٿي پاڻ ۾ يارن جان،
گڏجي سڏجي راند ڪندا هئا پاڻ ۾ پيچي بنجي ٻارن جان،
سچ جا سانگي، قرب جا ڪانگي، هُياسي ماکيءَ لارن جان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 363)

آڪاڻيءَ کي اڳتي وڌائيندي نياز چوي ٿو:

هرڻ جو تايل شينهن کان سو ٿي ننڍ ۾ چرڪ پريندو رهيو،
هُن جو وات ٿي پاڻي ٿيو ۽ هِن جو هانءُ ٿي هڇندو رهيو،
هرڻ شڪار ته شينهن شڪاري، اهو تماشو هلندو رهيو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 364)

هرڻ کي شينهن کان جند آزاد ڪرائڻي هئي، ان ڪري ان مور ٻين ساٿين سان گڏجي شينهن ۽ ان جي ساٿين خلاف هلچل هلائي:

هرڻ چيو ته هن شينهن کان ڪهڙيءَ ريت به جند ڇُٽڻ گهرجي،
ارچڻ آهي اوکي ليکن، ڪو ته اُپاءُ ڪرڻ گهرجي،
هر ڪنهن سان هي هاڃا آهن هلچل ڪابه هلڻ گهرجي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 365)

نيٺ ان هلچل جي ڪري شينهن کي جهڪڻو پيو ۽ هو جهنگ ڇڏي هليو ويو ۽ ان سان گڏ ڪوريڙو به سوپارو ٿيو:

ڪوريڙو جو غار جي ڪنڊي پار ڪندي ٿي ڪِري پيو،

هر هر پنهنجو زور لڳائي ڪوشش ۾ ٿي ورِي پيو،
نيٺ ٿيو سوپارو اُن جي، آس جو ٻيڙو ترِي پيو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 377)

ان کان پوءِ آمرن کي ون يونٽ به ٽوڙڻو پيو، جڏهن اڌ ملڪ وڃائي ويهي رهيا، نياز چوي ٿو:

شينهن ڪيون جي ارڙايون سي، آڏيون آيون ان کي نيٺ،
بگهڙن پي جي ويل وهايا، تن ئي رلايو تن کي نيٺ،
انڌ جو پنڌ ئي ٿورو آهي، وڌڻ نه ڏيندو تن کي نيٺ.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 380)

هلو ته هاڻي مور جي ناچ تي جشن ملهايون جانب ٿي،
هيڄ ڪئي آ هلم هلا مستي وئي آ غالب ٿي،
اچو ته جنبي جشن ملهايون، غاصب ويا سپ غائب ٿي!

هرڻ هلائي هلچل هئن ۽ هيئنءَ انهيءَ جو مُهت ٿيو،
همت سان آزاد ٿي آخر خوشحال ۽ خوش بخت ٿيو،
يار "نياز" اٿي ته هلون، بس! آکاڻيءَ جو انت ٿيو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 382)

اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ ٻيا صوبا "ون يونٽ" جي جڪڙ مان آزاد ٿيا.

مجموعي طرح اسان کي نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ مان ئي معلوم ٿئي ٿو، ته تاريخ جي تناظر ۾ اسان کي سندس شاعريءَ ايئن نظر اچي ٿي، جيئن ان جي حق ۾ راءِ ڏيندي عبدالواحد آريسر لکيو آهي ته:

سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي تاريخ جا ورق ايئن ٿا پاسجن، جيئن ڪنوار کي پاتل گج تي موتيءَ داڻا. نياز جي شاعريءَ ۾ جيتري سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بيان ٿيل آهي، انهيءَ جو ڏهون حصو به موجوده سنڌيءَ شاعريءَ ۾ مشڪل سان ملندو. ان ڪري هڪڙي تنقيد نگار چيو هو ته: "نياز سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جو شاعر آهي." سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب سان والهانه پيار ۽ ان جي ڏرتيءَ سان اڪٽ محبت، نياز جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به جهڪا نه ٿيا آهن."[60]

بلڪل اهڙي نموني نياز همايونيءَ جي شاعري گج تي ٽڪ وانگر آهي. سون تي سهاڳي وانگر آهي، اُها تاريخي تناظر ۾ وقت ۽ حالتن جي پٽاندر آهي، جنهن جي

پڑھڻ سان اسان کي ديس جي دودن جون جنگي حڪمت عمليون، ويڑهه جا طور طريقا ۽ بهادرين جو پتو پوي ٿو، ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته نياز جي شاعريءَ مان تاريخ ۽ تهذيب جو چٽو عڪس نظر اچي ٿو ۽ نياز پنهنجي شاعريءَ ذريعي اسان کي شاندار ماضي ياد ڏياري، اسان کي ۽ اسان جي ايندڙ نسل کي پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ اتساهي ٿو.

9. رومانويت: Romanticism

رومانويت يا رومانويت پسندي، ڪلاسيڪيت ۽ حقيقت پسنديءَ وانگر ادب ۾ هڪ قسم جو لاڙو آهي، جنهن هيٺ ڪهاڻيون، ناول ۽ ٻيون ادبي صنفون سرجيون ويون. هي ادبي لاڙو يورپ کان شروع ٿيو، آمريڪا جي گڏيل رياستن ۽ اڳتي هلي اسان جي ڏيهي ادب تي به اثرانداز ٿيو.

ڪلاسيڪيت، عقليت جو نشان، اصول پرستي ۽ ترتيب جي قائل هئي، پر نيوڪلاسيڪيت ان جي تقليد تي زور ڏنو ۽ فن ۽ ادب ۾ جمود پيدا ٿي ويو. رومانويت ان اصول پرستيءَ، عقليت ۽ وچٽرائيءَ جي مصنوعي قدرن خلاف بغاوت جو لاڙو آندو. رومانيت ۾ تخيل ۽ موضوعاتي نقطه نظر، فڪر ۽ اظهار جي آزادي ۽ فطرت پرستيءَ کي بنياد بنايو ويو.رومانيت يقيني طور انقلابي تحريڪ جي حيثيت سان شروع ٿي. رومانويت محض فرار نه هئي، پر بدليل حالتن ۾ ڪائنات جي هڪ ڳولا ۽ نون قدرن جي تلاش هئي.

رومان جو لفظ ’رومانس‘ (Romance) مان نڪتو آهي. رومانس اهڙين ڪهاڻين کي وجود ڏنو، جيڪي نهايت آراسته ۽ پرشڪوه پس منظر سان گڏ عشق محبت جا اهڙا داستان هيون، جيڪي وچئين دؤر جي جنگجو ۽ خطرا سر تي کڻندڙ نوجوانن جي مهمن بابت هيون. ان ڪري هن لفظ سان ٿي خاص مفهوم لاڳاپجي ويا (1)عشق ۽ محبت سان لاڳاپيل هر ڳالهه کي رومانوي چيو ويو، (2)غير معمولي آراستگي، شان شوڪت، آرائش ۽ محاڪاتي تفصيل پسنديءَ کي رومانوي چيو ويو، (3) وچئين دؤر سان لاڳاپيل سمورين شين سان لڳاءُ، قدامت پسندي ۽ ماضي پرستي کي رومانويءَ جو لقب ڏنو ويو.

رومانويت واري فلسفي (Romanticisim) يا نظريي فنون لطيفه سان گڏ ادب کي گهڻي قدر متاثر ڪيو. ڇو ته رومانيت جو واسطو نظريات واري فلسفي سان هڪجهڙائي رکندڙ هو. رومانويت جي فلسفي/نظريي کي اجاگر ڪندڙ مشهور فلسفي ۽ تعليمدان جين جيڪس روسو(Jean jaques Roussou) هو. سندس راءِ مطابق:

”رومانويت جو واسطو انسانذات جي فطرتي خوبين، جذبن ۽ جبلتن سان آهي. روسو، انساني روح جي آزاديءَ جو عَلم بلند ڪيو هو.“

يورپ ۾ جيتوڻيڪ اهو هڪ لاڙو هو، جيڪو شعوري طرح سان اپريو، پر ان جا ڪيترائي عنصر هند سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ اڳيئي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شاهه لطيف وٽ عشق، فطرت سان پيار، سونهن، جذبو، تخيل اعليٰ درجي جا آهن."[61]

عالمي ادب ۾ جن مختلف لاڙن جو دخل رهيو آهي، رومانويت انهن ۾ اهم آهي، جيڪا اصل ۾ اصول پرستي، عقليت ۽ قائم ٿيل قدرن جي خلاف هڪ لاڙو آهي.

وصف ۽ بنياد جي لحاظ کان هي لفظ رومانس مان نڪتو آهي. هوڏانهن رومانس گروه زبانن جو هڪ گروه به آهي. رومانس زبانن جي ڪهاڻين کي ڏسبو ته انهن ۾ عشق ۽ محبت توڙي جنگ جوئي جا لاڙا ملن ٿا. هن جو اهو اثر ٿيو جو اڳتي هلي عشق ۽ محبت جي داستانن کي به رومانس سڏيو ويو. ادب ۾ ارڙهين صديءَ ۾ هردِ وارٽن هي لفظ ڪم آندو.

روسو چيو ته: "انسان آزاد پيدا ٿيو آهي ۽ هر هنڌ زنجيرن ۾ آهي. سندس آواز پڙاڏو پيدا ڪيو ۽ دنيا ۾ اهو آواز هيءَ معنيٰ وٺي بيٺو ته انسان هن ڪائنات جي قائم ڪيل اصولن ۽ ضابطي لاءِ نه ڪائنات انسان لاءِ پيدا ڪيل آهن."

رومانيت ۾ احساسن ۽ جذبن کي اوليت آهي ۽ مفڪرن جي چوڻ موجب انهيءَ طريقي سان ئي حقيقت کي رسجي ٿو. اِهو به چيو ويو ته رومانوي اديب سست رفتار ناهي، هو انتها تي پهچڻ وارو جوش رکي ٿو.

رومانويت ۾ حسرت ۽ ياس کي به وڏو دخل آهي. فلابير، گوئٽي، غالب، جوش، اختر شيراني، ميراجي ۽ مجاز رومانوي اديب ليکيا وجن ٿا.[62]

رومانويت ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ اديبن ۽ فلسفين مختلف رايا ڏنا آهن، پر گهڻو ڪري سڀ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن، ته رومانويت انهي داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نامعلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شيءَ جي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي.

"رومانوي نظريي مطابق تخيل آئيني جيان عڪاسي نٿو ڪري، اهو صرف موجوده حقيقت جون تصويرون نٿو ٺاهي، پر تخيل هڪ ڏيئي وانگر آهي، جنهن جا شعاع اونداهيءَ جي سيني کي چيري زندگيءَ جي لڪل پهلوئن کي روشن ڪن ٿا. غائب کي حاضر ڪن ٿا، عدم کي وجود ۾ آڻين ٿا. ائين تخيل نئين حقيقت جو انڪشاف ڪندڙ آهي. معني رومانيت جو نظريو تخيل، تجسس ۽ انڪشاف جي اهليت جو نالو آهي.

رومانيت صرف داخليت يا فراريت ناهي، بلڪه زندگيءَ جو مخصوص رويو آهي، جنهن ۾ آزاد انفراديت، ذات جو تحفظ ۽ بغاوت جو عنصر به موجود آهي. ممتاز مهر جو چوڻ آهي ته: رومانيت فرد جي "بغاوت هئي، جيڪا ٺوس ڪلاسيڪي قدرن ۽ ضابطن جي خلاف رد عمل ۽ جديد طرز احساس جي ابتدا هئي." [63]

شاعريءَ ۾ رومانويت

شاعريءَ جو بنياد ئي رومانويت آهي، ڇو ته شاعري جذبن، احساسن، امنگن ۽ تخيل جي اٽل آهي. قديم دؤر ۾ ماڻهو فطرت سان سرشار ٿي ڳائيندو هو ۽ ناچ ڪندو هو، يا وري ديوتائن کي راضي رکڻ يا انهيءَ جي ساراهه ۾ پڄن چوندو هو. اهڙيءَ طرح

هو پنهنجي خوشي ۽ ڏک جي جذبن کي اظهاريندو هو. آهستي آهستي فطرت جي ڏيکائن مان ٽيندي پنهنجي وجود تي به مرڪوز ٿي، ۽ محبت ۽ پيار جهڙن جذبن جي عڪاسي به شاعريءَ ۾ ٽيڙ لڳي. سنڌيءَ ۾ شاعري قديم دؤر کان وٺي مختلف رومانوي قصن جي پس منظر ۾ ٽيندي هئي. هر شعر کي هڪ زندگي، هڪ داستان، هڪ کهاڻي، ۽ هڪ معنيٰ بقول تنوير عباسيءَ جي ته: "هر شاعر ڪائنات ۽ زندگيءَ جي مسئلن کي هڪ مخصوص رنگ ۾ ٽو محسوس ڪري، ان ڪري سندس بيان ۽ اظهار، احساس ۽ فڪرپڻ مخصوص ۽ انفرادي ٽيو پوي."[64]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ رومانويت

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو مزاج ۽ لهجو، سادو، سليس، نرم، ۽ نرمل آهي. هن جو شاعراڻو احساس ۽ ادراڪ قدرتي سونهن ۽ انساني سندرتا سان ٽمٽار آهي. هن جي شاعريءَ جو سڄو سارو ماحول مٽيءَ جي خوشبوءَ سان واسيل آهي، برسات ۾ جهنگ ۾ ڪاسنيءَ جا گل ٽڙيا ۽ باغن ۾ گلنار جو روپ ۽ رنگ آهي. هن جي شاعريءَ ۾، چوڌس ڦهليل قدرتي منظرن جو حسن به آهي، ته انساني سونهن جا جلوا به. هو سراپا سونهن جو پوڄاري ۽ پرستار آهي. ان ڪري ئي چوي ٿو:

تون ايئن آئين، پرين، هن دل جي وستيءَ ۾ڪهي،
ڄڻ ته ويراني ۾ خوشبو، ڄڻ خوشي تنهائيءَ ۾،
مان ائين المست ٿي ويس پيار تنهنجي ۾، آلا!
بوند جيئن برسات ۾، خنڪي جيئن سرهائيءَ ۾.

هاءِ، هي تنهنجا جهڙيالا نيٽ شرميلا پرين!
ڪاسنيءَ جا گل ٽڙيا ڄڻ ڇڙو ڇڙ ٿي جهنگ ۾،
هاءِ ، هي تنهنجي ڇپن جو ڏيک، سونهارا سڄڻ!
باغ ۾ گلنار جو ڄڻ روپ آيو رنگ ۾!
(روح رهاڻ جولاءِ 1960ع : 5)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ رومانويت رڳو جسماني سونهن ۽ حسياتي جذبن سان لاڳاپيل نه آهي، پر هو سوز ۽ گداز، رقت ۽ محبت جي نازڪ ترين مسئلن ۽ زندگيءَ جي اهم ۽ دقت پسند معاملن کي به بهترين پيرايي ۾ بيان ڪري ٿو. ان ڪري

ئي سندس شاعريءَ ذوق جماليات جي لطيف، نازڪ، مسرت انگيز ۽ سڪون بخش پهلو تي مشتمل آهي.

نياز جي شاعريءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو:

”نياز جي شاعريءَ ۾ رومانوي احساس ۽ اظهار رڳو تخيلي نه، پر حقيقت سان لاڳاپيل ۽ تخليقي آهن. هن جي شاعريءَ ۾ آڇوتا جمالياتي خيال ۽ احساس آهن جن ۾ فطرت جي مظهرن ۽ نسواني سونهن جي حقيقي ۽ حسناڪ جهلڪ به نظر اچي ٿي، ته شاعراڻي تشبيهن، استعارن جي نرملتا ۽ نفاست جو نئون ۽ نڪور اظهار به ملي ٿو.“[65]

هن جي شاعريءَ مان جماليات جي ڪجهه جهلڪ هيٺ پيش ڪجي ٿي:

گيت

تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول،
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ آلا!
تنهنجي دنيا اندلٽ ريڪا،
منهنجي دنيا گدلا بادل...
تنهنجي دنيا سج جا پاڇا،
منهنجي دنيا چند جان گهايل.....
تنهنجي دنيا لهريون لوڏا،
منهنجي دنيا اُجڙيل ساحل...
تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا،
منهنجي دنيا هيڪل وياڪل.....
تنهنجي دنيا سُندر سپنا،
منهنجي دنيا اکڙيون اوجاڳيل....
تنهنجي دنيا مرگهه ترشنا،
منهنجي دنيا رَمندا بادل.....
منهنجي دنيا سچ ۾ سڏڪا،
تنهنجي دنيا چم چم پايل!
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ الا!

(مهراڻ،2، 2004ع : 16)

نياز همايونيءَ جي شاعري گهري احساس ۽ وسيع شاعراڻي ادراڪ جو مظهر آهي. هن ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جا عڪس چٽيا آهن ۽ هِن دؤر جي ڪيترين ئي وٽن (objects) کي اهڃاڻ (symbols) طور ڪتب آندو آهي. نياز عڪس کي جنهن فنڪارانه انداز سان ڪتب آندو آهي، اهو سندس ئي ڪمال آهي. هن جي شاعري رواني، رنگيني، سلاست، جدت نغمگي ۽ سونهن جو وٽندڙ ميلاپ آهي. هو لفظن کان رنگن جو ڪم وٺي ٿو، ته عڪس ۽ احساسن جو به. هو سچ پچ ته رومانوي عڪسي شاعريءَ ۾ پنهنجي نوع جو اهڙو يڪتا ڪلاڪار آهي، جنهن جي هر لفظ کي پنهنجي زبان،

پنهنجو تاثر ۽ پنهنجو احساس آهي. هيٺين سِٽن ۾ سونهن جي هيءَ متروک ۽ موهيندڙ تصوير ڏسو:

قٽيءَ کاڏي ڦوٽ، ڪپهه پئي ڪاڻپي،
ائين دل سانڀي، سڄڻ اسان کان ورتڙي.

ڪُنڀي وانگ ڪِڙي، ڪنهن جي سُڄ ۾ سونهن،
نانگ نموني نينهن، ٽيو وسهين کان وائڙو.

ميندي‌ءَ ۾ جيئن رنگ، تيئن وِرهه وجود ۾،
اندر اناري انگ، ٻاهر ساول صوف جان.

السي ٽانگا ٽيڙيا، ڦُلين کاڌا ڦاٽَ،
هاڻ ته گهٽو ري آٽ، اگُڻ اڇ سپرين!

(مهراڻ -1-1959ع، : 7)

ڊاڪٽر جبار جوٽيجو نياز همايونيءَ جي رومانوي شاعريءَ لاءِ هينئن ٽو چوي: ”نياز حُسن کي اک ٽيٽ ڪري نه رڳو ڏسي ٽو وٺي، پر ان کي پنهنجي انفرادي ۽ مخصوص انداز ۾ بيان ڪري ٽو.

جهڪين ته ٽاري ڏاڙهونءَ جي ڪَر ڪٽي ته هرٽي
هرکي،
تکين ته تارا پاڻ لڪائين، لڪين ته مکڙي گل
ٽئي،
روح ٽيو رابيل، ڏسي هيءَ راند رمڻ ڙي ڏولیا،
هاءِ اسان جي جندڙي ٽي وئي پنڊپهڻ ڙي ڏولیا.“

(66)

نياز همايونيءَ شاعري ۾ پنهنجي زبان، ڏرتي ۽ ان جي ماحول ۽ ماڻهن سان پنهنجي فڪر ۽ روح جو رشتو جوڙيو آهي، پر پنهنجي احساس ۽ آواز کي پرڏيهي پنهوارن جي ڏکن، دردن، خوشين ۽ خوبصورتين سان ڳنڍي وڌيڪ سگهارو ۽ سهڻو بڻايو آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ حسن جمال جي نئين دنيا تخليق ڪئي آهي، جيڪا رڳو انساني جسم جي دلڪشي ۽ ادائن جي دلبريءَ تائين محدود نه آهي، پر ان جي فطرت جي حسن سان گڏوگڏ انسان جي سماجي حالتن، ماحول ۽ داخلي جذبن جي سونهن ۽ سچائي به موجود آهي، جيئن همايوني چئي ٿو:

ٽانڊاڻي جان ٽيڙو ٽمڪيا، ڪڙيا ڪٽڻهار، الا!
....هاڻ ته ڪرڪا مهر مُٽيءَ تي، پرڏيهي پنهوار،
الا!
جهُڪي جِهمي ويا برساتن ۾ ويڙهي جا پيهار، الا!

....هاڻ ته ڪرڪا مهر مُٽيءَ تي، پرڏيهي پنهوار،
الا!
جوپن تي آ جُهور جهڙيالي، ڪنوٽين ڪئي ڪيڪار،
الا!
....هاڻ ته ڪرڪا مهر مُٽيءَ تي، پرڏيهي پنهوار،
الا!
دل جي ڳالهه چپن تي آئي ٽيڙ اجهو نروار، الا!
....هاڻ ته ڪرڪا مهر مُٽيءَ تي، پرڏيهي پنهوار،
الا!
سرتين سينڌ سنواري، هو، مان ڪيئن ڪريان سينگار،
الا!
....هاڻ ته ڪرڪا مهر مُٽيءَ تي، پرڏيهي پنهوار،
الا!
يار 'نياز' نماڻي لڳڙي لنؤ لنؤ منجهه لغار، الا!
....هاڻ ته ڪرڪا مهر مُٽيءَ تي، پرڏيهي پنهوار،
الا!
(مهراڻ 2 – 1959: 11)

تاج جويو نياز جي شاعريءَ کي هيٺين لفظن ۾ پيٽا ٽو ڏي:

"نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ اظهار جي سادگي، فڪر جي سونهن ۽ عصري دؤر جي سچائيءَ جو عڪس آهي. هن وٽ فڪري سجاڳي، ڏرتيءَ سان محبت، قومي جذبات ۽ محبت جا جمالياتي رنگ جهجها آهن. هن جي شاعريءَ ۾ خيال جي ندرت ۽ نغمگيءَ جو خوبصورت امتزاج ملي ٽو. هو مختلف اهڃاڻن ۽ علامتن ذريعي زندگيءَ جي حسن ۽ حقيقتن کي نه رڳو اثرائتي ۽ تخليقي نموني سان بيان ڪرڻ جي سگهه ۽ سُرت رکي ٽو، پر بي جان لفظن ۾ معنيٰ ۽ تاثر جو روح پيدا ڪري، پنهنجي شاعريءَ جي جمالياتي رنگن ذريعي عڪس ۽ احساسن جي هڪ نئين دنيا پڻ تخليق ڪري ٽو."(67)

هيٺ نياز همايونيءَ جي رومانوي شاعريءَ جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

تنهنجي سهاجهي صورت سان جي هيڪر اکڙيون چار
ٽين،
برهه اسان جو بوند ٽي برسي، برپٽ تي گلزار ٽين!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 114)

هن دوهي ۾ ڀاجهاري پرينءَ سان عشق جي شروعات جي ڳالهه آهي. جيڪڏهن اکيون اکين سان ملن ته پيار جي پالوٽ ٿي وڃي، ان برسات وانگر، جنهن سان برپٽ ۽ بيابان به ساوڪ سان ستجي وڃن.

جن جو پيار اکين مان پڏرو، جن جي مرڪ ملهار پلا!
تن سان کهڙا ويچا رکجن، تن کان کهڙو عار پلا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 118)

هن دوهي ۾ نياز چوي ٿو ته جن پرين جو پيار اکين مان پڏرو آهي ۽ جن جي مرڪ ملهار وانگر آهي، انهن ڀاجهارن پرين سان نه ويچو ڪبو نه جدائي ڪبي ۽ نه ئي انهن کان ڪو عار هوندو.

تنهنجي بدن جي خوشبوءِ کان ٿو، اندر ڀهڪي ارم
ٿئي!
مان صدقي او منهنجا سائين! شل پيو اهڙو ڪرم ٿئي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 127)

هن دوهي ۾ پرينءَ جي بدن جي خوشبوءَ جي حوالي سان ڳالهه ٿيل آهي. شاعر چوي ٿو ته جڏهن تنهنجي بدن جي خوشبوءَ اچي ٿي، ته منهنجو تن من ”باغِ ارم“ بنجي پوي ٿو ۽ وري چوي ٿو ته او منهنجا سائين! آئون توتان صدقي وڃان، تون اهڙو ڪرم سدائين ڪندو رهه.

تون جي مُرڪئين ته مند ڪئي مستي،
دل جي وستي خوشين سان وسجي ويئي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 167)

غزل جي هن بند ۾ نياز چوي ٿو ته پيارا پرين جڏهن تون مرڪئين ته اهڙي مستي جي مند ڇائنجي ويئي جو منهنجي دل خوشين سان ٽمٽار ٿي ويئي.

حسن تنهنجو ٿو پردي پٽيان ايئن لڳي،
سج ڪرن ۾ جيئن اصحب آهي ميان!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 174)

هن غزل جي بند ۾ پرينءَ جي پردي پٽيان جلوي جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته اهو ايئن ٿو لڳي جڙ سج ڪرن جي پٽيان لڪل هجي.

نظم ”سونهن اوهان جي نينهن اسان جو“ ۾ سونهن ۽ نينهن جي ازلي ناتي کي نهايت دلفريب نموني نقش ڪيو آهي. هو هڪ مهان سونهن پوڃاري وانگر، تهمتن، طعنن، لوڪ تماشن، رعبن، ريبن، رنجن، ۽ رسامن مان گذري، پيار جي پياس ۽ آس دل ۾ رکي، تڙپ من ۾ سانڍي، سماج جي رکاوٽن کي لتاڙي، پرينءَ جا پور ساهه سان سانڍي پيار ماڻڻ لاءِ جتن ڪري ٿو ۽ گيتن ۾ ۽ نظمن ۾ سهٽين تشبيهن ۽ استعارن سان سهڻي پرينءَ لاءِ نغمه سرائي ڪري ٿو. هن نظم جا چار بند ملاحظه ڪريو ۽ نياز جي رومانوي شاعريءَ مان لطف اندوز ٿيو:

سونهن اوهان جي، نينهن اسان جو، ساڻ ندوريءَ دنيا جا:
چڙ ته صحيفو، چڙ ته خليفو، چڙ ته نظارا فُقرا جا!

قرب اوهان جو، موهه، اسان جو خطرو لوڪ تماشي جو،
چڙ ته هندورا، چڙ ته چورا، چڙ ته سياپو لاشي جو.

آس اوهان جي، پياس اسان جي، روڪ سماج جي لوڙهي جي،
چڙ ته جواني، چڙ ته مُنارو، چڙ ته گذارو بيواهه جو.

پٽر پرائو، پُور اوهان جا، گيت "نياز" نماڻي جا،
چڙ ته بيابان چڙ ته بهاران، چڙ ته خيال پلاڻي جا.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

هيٺين شعرن ۾ شاعر جي رومانويت پسندي ۽ ان جي رومانوي پهلوئن جو جلوو پسي سگهجي ٿو.
نياز همايوني جمالو لوڪ گيت "منهنجو جمالو سنڌڙيءَ سان" جي عنوان سان به لکيو آهي. اڇو ته ڏسون ان ۾ به ڪيڏي رومانويت پئي بکي:

جنهن ۾ سارنگ جا سينگار لا-هو جمالو!
جنهن ۾ هيجن جي هيڪار لا-هو جمالو!
جنهن ۾ جهانگين جي جهونگار لا-هو جمالو!

جنهن تي گهوريو دريا خان لا-هو جمالو!
جنهن تي سويا ٿيا قربان لا – هو جمالو!
جنهن کي هوشو بخشيو شان لا-هو جمالو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 86 ۽ 87)

نياز وٽ درد جو رومان به بيمثال آهي، هن "اي درد هلي آءُ" نظم ۾ لاجواب رومانويت پري آهي:

مدت کان ڇڏيم هيج جي بارات، هلي آءُ!
خشڪ آهه سندم عمر جي اوقات، هلي آءُ!
لڙڪن جي ڪٽي پاڻ سان برسات، هلي آءُ!
اي درد هلي آءُ! ته يادن جي جزيرن ۾ هلون!

يادن جا جزيرا جي خرابات ۾ آهن
ڪنهن شهر محبت جي مضافات ۾ آهن،

بي ڪيف خيالن جي طلسمات ۾ آهن.
اي درد هلي آءُ! ته يادن جي جزيرن ۾ هلون!

اميد هتي ياس ۾ بيواهه ٿي گذاري،
جذبات جي لذت کان بي بهرهه ٿي گذاري،
ڀ موت جي ويچار ۾ زندهه ٿي گذاري.
اي درد هلي آءُ! ته يادن جي جزيرن ۾ هلون!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 248 ۽ 249)

”هاءِ جيجل مارئي“ نظم ۾ نياز همايونيءَ جي رومانويت ڏسو:

سرس تنهنجي سونهن هئي جيڏين اندر جرڪل جيان،
ٿهڪندي ٽلندي وتينءَ ٿي بودليءَ بربل جيان،
هيج تنهنجي پاڻءِ ٿي سپ ڪي پئي درمل جيان،
هاڻ تنهنجا حال هيڏا ٿيا سڙيل حرمل جيان،
ڪئي سُڪن تونکان سويري موڪلاڻي مارئي!
هاءِ جيجل مارئي! راڄن جي راڻي مارئي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 335)

نياز همايوني هن نظم ۾ روايتي خيالن ۽ خوبصورتين جو رنگ ۽ روح رومانويت سان اوتيو آهي، تشبيهون سهڻيون ۽ استعارا به سهڻا ڏنا اٿس ۽ پنهنجي ڪاريگريءَ سان ڪهڙو نه سهڻو رومانويت پريو فڪر بيان ڪيو آهي!

هاءِ جيجل مارئي

نياز همايوني ”هاءِ جيجل مارئي“ نظم ۾ شاهه لطيف جي عظيم، غيرت مند ۽ بهادر ڪردار مارئيءَ کي علامت ڪري ورتو آهي. هن ۾ عورت جي عظمت ۽ ان جي بنيادي معاشرتي ڪردار جو بهترين لفظن، تشبيهن ۽ استعارن سان ذڪر ڪيو ويو آهي. نياز ان عظيم ڪردار کي اهڙيءَ طرح پيش ڪيو آهي، جو اهو ڪردار نه رڳو ماضي، پر حال ۽ مستقبل جو ڪردار بنجي ويو آهي. هن تاريخي نظم ۾ عورتزاد ۽ مزاحمتي فڪر نمايان نظر اچي ٿو ۽ رومانوي رنگ به نهايت خوبصورتيءَ سان سمايل آهي:

آد اُٽليو، بود بدليا، پر اياڻي، مارئي!

تون نٽي بڌجي سگھين دل جي ڏياڻي، مارئي!
مان اجا سمجھان ٿو توکي سا پُراڻي، مارئي!
جا عمر جي ڪوٽ ۾ هئي قيدياڻي، مارئي:
وقت ٿو توکي رکي هر دم ڏُکاڻي، مارئي!
هاءِ، جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي!

تو مُحابي هئا مزي ۾ مامرا مهراڻ جا،
ناچ ٿي سڳنڌن ڪيا، ۽ راڳ هئا چاندراڻ جا،
راتڙين ٿي رنگ لاتا، ڏينهن هئا مانڌاڻ جا،
چو پچو ۽ چھچٽا هئا قرب جي چڪتاڻ جا:
کل خوشي هئي ڇڻ ته ڪا ميراث اباڻي،
مارئي!
هاءِ، جيجل مارئي، راڄن جي راڻي، مارئي!

سرس تنهنجو روپ هو جيڏين اندر جرڪل جيان،
ٿھڪندي ٽلندي وتينءَ ٿي بودليءَ بربل جيان،
هيج تنهنجي پاڻِ ٿي سپ، ڪي پئي درمل جيان،
هاڻ تنهنجا حال هيڻا ٿيا سڙيل حرمل جيان:
ڪئي سُڪن تو سان سويري موڪلاڻي،
مارئي!
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي، مارئي!

تنهنجي جندڙيءَ سان جياپو هو سڀن جو جوءِ ۾،
هئا مڙئي ڏکڙن ۾ ۽ سکڙن ۾ سرها روءِ ۾،
هيڪڙائيءَ کان نه ٻاهر هو ڪو ’ها‘ ۽ ’هوءِ‘ ۾،
سيبتائي هئي سلامت، شڪل ۾ ڇا خوءِ ۾:
هئي نه آڏرياءُ ٻِن ڪنهن جي تڪاڻي،
مارئي!
هاءِ، جيجل مارئي، راڄن جي راڻي، مارئي!

تنهنجي چانگن جون چڑيون ايئن ٿيون پيون آواز
ڏين،
جئن وسوڑيل کي خلائن مان ڪي يادیون ساز
ڏين،
تنهنجون مانيٽيون ادائون ايئن پيون انداز ڏين،
چڙ قلندر جي ملنگن کي ٿا سپنا راز ڏين:
توکي سڏڪن ساڻ ٿا ساريون، اباڻي،
مارئي!

هاءِ، جيجل مارئي، راڄن جي راڻي، مارئي!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 428، 432، 437)

ٻي هنڌ هينئن ٿو تشبيهن سان رومانويت پري:

تون پواڑيءَ گل جيان ٿي پئي لڳينءَ وٽراهه ۾،
چمڪٽي گل جي ڇڳن جان ٿي ٿهينءَ هر ٽاهه ۾،
جئن وسن جهڙا رهن اِلسيءَ جا گل ڦل گاهه ۾،
تيئن مهاندا تنهنجا سانڍيل هئا سڀن جي ساهه ۾.
تو ۾ تلسيءَ جون سڳنڌيون هيون سُنهاڻي، مارئي!
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي، مارئي!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 335)

نياز همايونيءَ شاعريءَ ۾ جهنگ جي گلن ڦلن کي سهڻي نموني سان تشبيهه ڏني آهي ۽ ڪيڏي نه سهڻي نموني سان جهنگ جي گاهن کي رومانوي انداز سان بيان ڪيو آهي ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ روح سان اوتيو آهي.

رومانويت نياز جي شاعريءَ جو اهم موضوع آهي، چيو ويندو آهي ته محبت کان سواءِ شاعريءَ جو سرجڻ ممڪن ئي ڪونهي، عشق ۽ ان سان وابسته مختلف ڪيفيتون شاعريءَ جو موضوع رهيون آهن. پيار، انتظار، فراق، وصال، وفا، بي وفائي، محبوب جا ناز ۽ انداز، حسن جي ڪشش ۽ عشق جي تڙپ، اهي سڀ شاعريءَ جا ايترائي پراڻا موضوع رهيا آهن، جيتري شاعريءَ پاڻ! هر شاعر پنهنجي تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي جي آڌار تي انهن جو اظهار ڪيو آهي. اهو شاعر پڙهندڙن کي وڌيڪ متاثر ڪرڻ ۾ ڪامياب وجي ٿو، جيڪو پنهنجي پيشڪش يعني انداز بيان ۾ ٻين کان منفرد ۽ مختلف آهي. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي خوبي به انفراديت ئي آهي. محبت جَهڙو پراڻو موضوع جڏهن نياز جي لفظن ۾ پڙهجي ٿو، ته بلڪل نئون ۽ نرالو محسوس ٿئي ٿو، جيئن هن گيت ۾ ڏسو:

مرڪ تنهنجي من ڏٽي، بهار بانورا ڪيا،
پيچ قرب جي ڪٽي، جهول آهي خالي ڙي!
هو جهڙيالي ڙي!
تون نه آئين هير جان ته اک لڳي، نه دل لڳي،
پور جهلي پاند، ڪيم رات پالي ڙي!
هو جهڙيالي ڙي!

اي منهنجي من جا ڏٽي، ههڙي مست جهڙيالي موسم ۾ تنهنجي پياري مرڪ بهارن کي به ديوانو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي حالت ۾ منهنجي خالي جهول ۾ تنهنجي

قرب جي ڪٽي ئي ڪافي آهي ۽ جي تون ٽڏڙي هير جو جهوڻو بنجي نه آئين، ته منهنجي نيڻن مان نند ڪوهين ڏور هلي ويئي ۽ دل جو قرار ختم ٿي ويو. انهن پورن ۾ سڄي رات ڪٽي ڇڏي اٿم.
وري ٻيو گيت ڏسو:

مست اکين جا جام پري ڏي،
دل جي خوشيءَ سان پيئندس مان،
ذلف جو سايو ڪر مونتي،
اڄ تنهنجي اپل ۾ جيئندس مان!
جوپن تنهنجو جڙي سدائي،
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

نياز همايوني سادن لفظن ۾ موسيقي پري ڪيڏو نه رومان پيدا ڪيو آهي! سندس هي گيت "ساوڻ سڪ جي سيج وڇائي، آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ" سندس بهترين گيتن مان هڪ آهي. هن سڄي گيت ۾ رومانويت پريل آهي ۽ سندس هر مصرع حسن و عشق جو پر ڪيف نظارو پيش ڪري ٿي.

مجموعي طور نياز همايوني رومانيت جو اعليٰ پايي جو شاعر آهي. هن جيڪڏهن قوم جي ڳالهه ڪئي ته ان ۾ رومانويت پلٽيل آهي. جيڪڏهن سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ڳالهه ڪئي ته ان ۾ به رومان آهي. جيڪڏهن تاريخ کي ڦلهوريائين ته اها به رومان کان خالي ناهي. هن سادن ۽ سلوڻن لفظن ۾، زميني تشبيهن ۽ استعارن سان شاعريءَ ۾ جيڪو رومانی رنگ پريو آهي، سو بيشڪ منفرد آهي.

8.نياز همايوني جي شاعريءَ ۾ لوڪ رنگ

لوڪ شاعري سنڌو ماٿريءَ جي تهذيبي ۽ تمدني جيوت جي پيداوار آهي، لوڪ شاعري عام ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن، ريتن ۽ رسمن، رهڻي ۽ ڪهڻي، خوشين ۽ خوبصورتين جي نه رڳو ترجمان آهي، پر اها معنوي ۽ احساساتي طور تي گهڻ رنگي ۽ فني توڙي فڪري ۽ جمالياتي لحاظ سان موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ لوڪ گيت سڀ کان وڌيڪ لکيو ويو آهي.
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سندس ڪتاب "لوڪ گيت" ۾ لکي ٿو:
"لوڪ گيت" هر ملڪ ۽ ان جي ٻوليءَ جي لوڪ ادب جو اهم ۽ قيمتي سرمايو آهن. سنڌي لوڪ گيت، سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌ جي عوامي ادب جو آئينو آهن، جن ۾ سنڌ وارن جي عام زندگيءَ جو عڪس نمايان طور نظر اچي ٿو. عوامي ٻولن ۽ جذبن جو هيءُ عظيم سرچشمو روايتي شاعراڻي تصور کان خالي هڻڻ جي باوجود، سهڻن ۽ نماڻن خيالن سان پرپور آهي. عوام مان ڪن سٻوجهن جي دل تي جيڪي گذري ٿو ۽

زبان تي جيڪي تري اچي ٿو، سو لئي جي آڏار تي ٻولن جي شڪل اختيار ڪري، ”لوڪ گيت“ بنجي ٿو.“ (68)

نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ ۾ لوڪ رنگ ۽ ان جو فڪر

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ لوڪ رنگ تمام گهڻو آهي. هن نه رڳو مروج لوڪ گيتن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، پر ڪجهه نوان گيت به سرجيا آهن، جيڪي هن جي پنهنجي ايجاد آهن، هن جيڪي به لوڪ گيت لکيا آهن، انهن جو فڪري طرح جائزو وٺجي ته اهي بلڪل ٻين لکندڙن کان الڳ ٽلڳ آهن، سندس فڪري ڏارا بلڪل نرالي آهي. هن جيڪي نوان گيت سرجيا آهن، تن ۾ تاسرڙو، اوڙو، موئرو، الامان مٽي اگهاڙي، ورلاپ، جهونگارون (بلوچي طرز تي سنڌيءَ ۾) جهونگار ۽ ابتيون ريکان اپري ويون (لوڪ نظم)، شامل آهن. ان سواءِ نياز پنجابي لوڪ گيت ”ماهيا“ به سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو آهي. ۽ ان کي ”سنڌي ماهيا“ ۾ تبديل ڪيو آهي. نياز لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو:

”نياز همايونيءَ وٽ لوڪ رس تمام گهڻو آهي، هن ڪيترن لوڪ گيتن کي نوان ٻول ڏنا آهن. نياز جي ڪلام ۾ ’هنبوشي‘، ’هوجمالو‘، ’سنيهو‘، ’چيٽو‘، ’همرچو‘، ۽ لولي پڙهندي جيڪو لطف اچي ٿو، انهن جو اندازو اهو ماڻهو لڳائي سگهندو، جنهن کي هنن عوامي گيتن جي صحيح پروڙ هوندي.“ (69)

نياز جي لوڪ شاعريءَ لاءِ ذوالفقار راشدي به ڪجهه ويچار وندیا آهن، جيڪي هي آهن:

”نون شاعرن مان نياز به هڪ اڳرو نانءُ چئي سگهجي ٿو، جنهن پراڻين صنفن سان نئون نينهن لاتو، نياز ٻين ساٿارين وانگي لوڪ صنفن ۾ پڻ چگو ڪجهه لکي پاڻ موکيو آهي.“(70)

هاڻي اسان نياز همايونيءَ جي گيتن جو جائزو وٺنداسين. هر لوڪ گيت جي سمجهاڻي ۽ ان سان گڏ فڪري نڪتهءِ نگاهه کان نياز جا انهن ۾ واضح ڪيل ويچار به بحث هيٺ آڻيندا سين.

<u>چيٽو</u>

جامع سنڌي لغات مطابق:

”چيٽو

چيٽو جمع چيٽا

ذ(سن. چينڪهه) (ف .ارزن) اناج جو هڪ قسم (جنهن جي داڻي کي ست کلون چڙهيل هونديون آهن، چيٽي جو پت نهايت لذيذ ٿئي ، ڏڻ طور ڪم اچي)

چيٽو چڙڻ

چيٽي جو ان صاف ڪرڻ. سنهو ڪم ڪرڻ، ڪروڌ ڪرڻ.“(71)

چيٽو

چيٽو ويڻي چڙيان، الا، چيٽو ويڻي چڙيان،
ڪانگ منهه تي، رئو ارهه تي،

چيٽو ويٺي چڙيان.
چڇ ۾ داڻا، منهنجا راڻا،
چيٽو ويٺي چڙيان.
پٽ تي جهرڪيون، اندر ۾
اجڪيون،
چيٽو ويٺي چڙيان.
تنهنجون ڳالهيون، تيرهن تاليون،
چيٽو ويٺي چڙيان.
هٿن ۾ ڪنگڻ، هيانءَ ۾ ٽمجڻ،
چيٽو ويٺي چڙيان.
لوڪ جون لاتيون، چٽنگ چواتيون،
چيٽو ويٺي چڙيان.
عاج جي ٻانهين، سچو نه آهين،
چيٽو ويٺي چڙيان.
مندي نه لاهيان، تنهنجي آهيان،
چيٽو ويٺي چڙيان.
(نئين زندگي جون 1965ع : 56)

هي چيٽي جي چڙڻ جي دؤران جيڪو نظارو آهي ڪانگ منهه تي، پٽ تي جهرڪيون، چڇ ۾ داڻا، وغيره ۽ تنهنجي ڳالهين به اندر ۾ اجڪيون پيدا ڪيون آهن ۽ منهنجون اکيون آليون ٿي ويون آهن. لوڪ جون ڳالهيون به اندر ۾ ٻاهه ٻاريو چڏين. چوي ٿي ته تون سچو نه آهين پر پوءِ به مون مندي نه لاٿي آهي، چو ته آئون تنهنجي آهيان.

سنيهو

سڌ ۾ نياڻيءَ کي جتي تمام گهڻي عزت ۽ وقار حاصل هوندو آهي. اتي ڪجهه ڪڌين ريتن رسمن جي ڪارڻي، انهن جي حياتي اذيت پري به ٿي ويندي آهي. نياڻين کي پئسن تي وڪڻڻ ۽ نياڻين کي خون عيوض خون بها ۾ ڏيڻ کان پوءِ، والدين لاءِ انهن جو سڌ سماءُ لهڻ به ناممڪن هوندو آهي، ته اهي نياڻيون ڏکيون آهن يا سکيون! نياڻين کي اهڙن مردن سان به پرٽايو ويندو آهي، جيڪي يا ته عمر رسيده هوندا آهن يا وري نابالغ ٻار. پر رشتو ٻاهر نه ڪرڻ يا اميد/مراد ڏسڻ جي خواهش تحت نياڻين جي خواهشن کي انگاس تي چاڙهيو ويندو آهي. اهڙيون نياڻيون جڏ زنده هوندي به زنده لاش جيان، جيوَن جا ڏکيا ڏينهن گهارڻ تي مجبور هونديون آهن. پيڪڻ/اباڻن کان پري، جدائيءَ ۾ گهاريندڙ، اندر ئي اندر ۾ ڳرندڙ، جيءُ جهوريندڙ اهڙيون نياڻيون بيوس ۽ لاچار ٿي، پنهنجي اباڻن، مارن، پيڪن ۽ سانگين ڏانهن پيغام پهچائڻ لاءِ، مختلف وسيلا/ذريعا ڳولڻ جون ڪوششون ڪنديون آهن، ته ڪنهن نه ڪنهن ريت سندن سڃڻن وٽ، سندن سنيهو رسي ته جيئن هو هن ڏکيءَ يا دردن ماريءَ جي کا سار لهن. (72)

سنيهو

سيج پلنگ تي پئي ٿي اُٽلان،

جڙ ته تئي تي ماني،
منهنجا جاني! مان ته سنيهو پئي ڳايان،
مان ته سنيهو پئي ڳايان.
مٽي ۾ ڦيري من ۾ اُماڙيون،
جڙ ته سراڻ تي ڪاتي،
منهنجا پاتي! مان ته سنيهو پئي ڳايان،
مان ته سنيهو پئي ڳايان.
اکڑين ۾ گهم، اندر ۾ اُلا،
جڙ ته ڦڑين ۾ نِهائين،
منهنجا سائين! مان ته سَنيهو پئي ڳايان،
مان ته سنيهو پئي ڳايان.
جوپن تنهنجو جيئين سدائين،
جڙ ته قنڌاري ڏاڙهون،
منهنجا ماڻهون! مان ته سنيهو پئي ڳايان،
مان ته سنيهو پئي ڳايان.
(نئين زندگي جون 1965ع: 56)

ڊاٽيئڙو

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو: "ڊاٽيئڙو" ٽرپارڪر جو لوڪ گيت آهي، جو عام طرح ڏنار مال چاريندي پٽن ۽ ڏهرن ۾ ڳائيندا وتندا آهن. لوڪ گيت جو پس منظر هن ريت آهي: ڪجهه عرصو اڳ ٽرپارڪر جي ڊٽ واري حصي جو ڪو ڊاٽيئڙو لاباري جي موسم ۾ پورهيي سانگي وڃي ناري جي پٽ ۾ نڪتو. سهڻو جوان هو. اتفاق سان ڪا وڏ گهراڻي جي ڇوڪري هن تي عاشق ٿي پئي، چوندا آهن ته خون ۽ ڪٽوري ڪونه لڪي، سو آخر اها خبر ڇوڪريءَ جي مائٽن کي وڃي پئي، جن هن غريب کي ڪيس ۾ اڙائي، جيل ۾ هڻائي ڇڏيو. ڇوڪريءَ کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن فراق ۾ آلاپڻ لڳي ته "هيلو ڪو وري آءُ" (هڪوار موٽي اڇ) هن لوڪ گيت ۾ ڇوڪري پنهنجي محبوب جي جهلجي وڃڻ تي، جهلائيندڙن کي پٽيو آهي، ته شل سندن ڊڳو بيماريءَ وگهي مرندو ڏسان. وري چوي ٿي ته: ٻيون پاٽيارون خوش ٿي پاٽي پيون پرين، پر آئون منجهن هڪڙي آهيان، جا ڳوڙها پئي ڳاڙيان،" هن گيت جي مستقل وراٽي "هيلوڪو وري آءُ" آهي." [73]

نياز همايوني ڊاٽيئڙو لوڪ گيت هينئن لکيو:

ڏاڍا مينهن ونڙي ڊاٽيئڙا!
ٽيا وڇڙيا ڪَنا ڙي ڊاٽيئڙا!
هيلو ڪو وري آءُ!

هيلو ڪو وري آءُ!
سهڻا ٿُوهه پٽن ۾ ڙي ڏاتيئڙا!
وِلهي آهيان وطن ۾ ڙي ڏاتيئڙا!
هيلو ڪو وري آءُ!
هيلو ڪو وري آءُ!
پيا پارا آڪن تي ڙي ڏاتيئڙا!
ڪانهي وندر وٽن تي ڙي ڏاتيئڙا!
هيلوڪو وري آءُ!
هيلو ڪو وري آءُ!
ڪيهي اربع خطا ٿي ڙي ڏاتيئڙا!
چاڪئون ويچا وڏا ٿي ڙي ڏاتيئڙا!
هيلو ڪو وري آءُ!
هيلو ڪو وري آءُ!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 62)

هن لوڪ گيت ۾ هڪ چوڪريءَ جا وڇوڙي جا آلاپ آهن. گيت ۾ نياز همايوني چوڪريءَ جي لفظن چورائي ٿو ته ڪيترا مينهن وٺا آهن ۽ ان دوران ڪيترا وڇڙيل مليا آهن، پر مون کي وڇوڙو پلئه پيو آهي، ان ڪري تون موٽي اچ! ٽوهه ڪيڏا نه سهڻا ٿا لڳن، پر آئون توکان سواءِ اولهي ۽ ويچاري آهيان، تون موٽي اچ! اي ڏاتيئڙا اڪن تي پارا پئجي ويا آهن ۽ وٽن ۾ وندر ڪانه رهي آهي، پر تو هيڏا ڏينهڙا لاٿا آهن، تون هيل موٽي اچ! هوءَ آخر ۾ اهو به چئي ٿي ته مونکان ڪهڙي اربعا خطا ٿي آهي، جو هيڏا ويچا وڏا اٿئي ۽ وڇوڙي جا وڍ وڏا اٿئي!.
هن لوڪ گيت ۾ وڇوڙي جي درد جو فڪر ليڪا پائي پيو.

چيچ

"چيچُ (ل): ذ. رَهَلَ جي وڃت جو هڪ نمونو (ناچ جو تال)
ڏاندين يا ڏونڪن سان جُهمر ناچ، تماشو-(رونشو. خوشي، چني يا چپر جي اڏاوت . مهرباني لطف.
"ڪري چيچ چپر ۾، پنهون ايندو پاڻ" (شاهه)
چوپائي مال جو هڪ مرض (ڏور کي بيماريءَ سبب اُڪل وغيره لڳڻ سبب ڳنڍ ٿي پوي، يا هڪڙي هنڌان کان لڙکي پوي)
چيچ وجهڻ: ناچ وجهڻ، خوشيءَ وچان ٽينگ ٽپا ڏيڻ، گوڙ مچائڻ، رونشو ڪرڻ، فساد ڪرڻ، هُل مچائڻ.
چيچ هڏڻ: ڏونڪا هڏڻ، ناچ ڪرڻ، هُل فساد ڪرڻ، خوشيون ڪرڻ."[74]

چيڇ به خوشيءَ جو گيت آهي، ان ۾ ڪنهن تان ”قرباڻ ٿيڻ“ يا ”گهور وڃڻ“ دهرائبا آهن. نياز ڪانسواءِ شيخ ايازِ ۽ محمد خان غني به چيڇ لکيا آهن.

گهور وڃان گهور وڃان گهور وڃان گهور!
رنگ رتي روپ وتي تنهنجي ڳلي تان!
گهور وڃان گهور.....
گهور وڃان گهور.....
چپر مٿي چمر نچي پڏر مٿي مور،
جنهن به ڏنو توکي بٽيو چاندوکيءَ جو چور،
گهور وڃان گهور.....
جهاڙ رکي جوڳيءَ وڏي هِينئين اندر هور،
جهور وڏا جيءَ اندر پپل وارا پور،
گهور وڃان گهور.....
پٽر پوي پاڻيءَ اندر لهر پري زور،
تنهنجون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي بڇجي پياسين پور،
گهور وڃان گهور.....
پيڇ پني ڪنهن نه لڌي راتين جي پرگهور،
چنگ بٽي چاهه وڏو ڇاتيءَ اندر شور،
گهور وڃان گهور.....
گهور وڃان گهور وڃان گهور وڃان گهور،
رنگ رتي روپ وتي تنهنجي ڳليءَ تان!
گهور وڃان گهور.....
گهور وڃان گهور.....

(روح رهاڻ: اپريل 1965ع ص: 10)

مور ٽو ٽلي

”مور ٽو ٽلي“ هي ستٽ خوشيءَ جي علامت آهي. ڇاجي ڪري ته مور هميشه برسات جي رت ۾ خوش ٿيڻ تي نچندو آهي ۽ مومل جي دل (جنهن کي هتي ”گُجر“

چيو ويندو آهي، چو ته اها گجر جاتيءَ جي هئي. مومل ۽ راڻو سنڌي لوڪ ادب ۾ خاص مقام رکن ٿا.) به مور وانگر خوش ٿي ويندي آهي."[75]

"مور ٿو ٽلي" تمام قديم لوڪ گيت آهي، جيڪو لاڙ، اتر، ڪاڇو، ٿر سميت سڄي سنڌ ۽ هند جي انهن علائقن، جتي سنڌي رهن ٿا، اتي ڳايو وڃي ٿو. هن ۾ گهوٽ کي مور سان استعاري طور استعمال ڪيو ويو آهي. هي گيت تقريباً هر شاديءَ ۾ ڳايو وڃي ٿو ۽ مقبول ترين گيت جي حيثيت رکي ٿو. جيئن مور خوشيءَ ۾ پر پکيڙي، پنهنجي سونهن ظاهر ڪندو آهي ۽ پنهنجي چال بدلائيندو آهي، بلڪل ايئن شاديءَ ۾ گهوٽ پنهنجي پوشاڪ، چال ۽ رويو بهتر کان بهتر ڪندو آهي. هن جي منهن تي مُرڪ ڏسڻ وٽان هوندي آهي ۽ اهو "ڪپڙن ۾ نه پيو ماپندو" آهي، ان وقت هن جون ويجهيون مائٽ عورتون، شيدٽيون ۽ مڱرار ڳائٽيون عورتون اهو گيت وڏي جوش و خروش سان ڳائيندیون آهن ۽ شاديءَ جي ڪاڇ کي چار چنڊ لڳائيندیون آهن.

هي گيت نه صرف شاديءَ جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي، پر جڏهن ننڍڙو ٻار پنڌ ڪرڻ شروع ڪندو آهي، ته ماءُ خوشيءَ مان ان گيت کي جهونگاريندي آهي، ۽ ٻارڙي کي دعائون ڏيندي آهي، ته راڻا تو مان راڄ ٿيندا، راڻا تو مان لک ٿيندا. طهر جي رسم ۾ به هن گيت جو استعمال ٿيندو آهي.

نياز همايوني هي گيت منفرد انداز ۾ لکيو آهي ۽ اصل کان مختلف آهي ۽ ان ۾ هن پورن، سورن ۽ هيڪڙائيءَ جي عذاب تي لکيو آهي، جيڪو موضوع ۽ فڪر جي لحاظ کان الڳ ٿلڳ آهي.

ڪڪر موڙيا ڪر، الا، ڪڪر موڙيا
ڪر،
پور پکيڙيا پر، الا، پور پکيڙيا پر،
مور ٿو ٽلي،
الا مور ٿو ٽلي!
ڪڪر ۾ ٿي بوند، الا، ڪڪر ۾ ٿي
بوند،
تون به هجين ها هوند، الا، تون به هجين
ها هوند،
مور ٿو ٽلي،
الا، مور ٿو ٽلي!
ڪڪر ۾ ٿي گاج الا، ڪڪر ۾ ٿي گاج،
توسان منهنجا ڪاج، الا، توسان منهنجا
ڪاج،

مور ٽو ٽلي،
الا، مور ٽو ٽلي!
ڪڪر ۾ ٽي ڇانوَ، الا، ڪڪر ۾ ٽي
ڇانوَ!
هيڪل هُري هانوَ، الا، هيڪل هُري هانوَ.
مور ٽو ٽلي!
الا، مور ٽو ٽلي!
مور ٽو ٽلي!

لولي

لولي، خاص طرح سنڌ جي سري ۾ رهندڙ "جتن" ۽ ٻين همسايه قبيلن جو گيت آهي. هي گيت سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهي محبت ۽ مجاز سندس بنيادي نڪتو آهي ۽ زالون توڙي مرد پنهنجي منهن وندر ورونهه طور، پاڻيءَ پرڻ، مال چارڻ، ٻنيءَ ۾ رونبي يا لاباري وقت توڙي محفلن ۽ مجلسن ۾ ڳائين، "لوليون" محبت ۽ مجاز جي مضمون کان سواءِ ٻين عنوانن تي پڻ چيل آهن، جهڙوڪ: هدايت ۽ نصيحت، حج ڏانهن وڃڻ جي اُکير وغيره. آسانيءَ خاطر هن گيت جي مڙني روايتن کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. رالف) عام مشهور روايتي لوليون، جي اڪثر سرائڪي زبان ۾ چيل آهن (ب) واقعاتي لوليون ۽ (ج) شاعرن جون چيل لوليون جي سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن."[76]

نياز همايونيءَ جي لولين جو موضوع سنڌ ۽ سنڌ جا نوجوان آهن، جن کي آئيندي جا اهڃاڻ سمجهي ٿو. ان موضوع جي ڪري نياز جي لولي منفرد آهي ۽ ان فڪر سان گهڻ شاعرن لولي لکي آهي:

توکي لولي لال ڏيان، الا لولي ڏيان!
(نئين نسل جي نالي)
منهنجي آسن اُميدن جو اهڃاڻ تون،
منهنجي سپني ۽ ساڻيا جو مانداڻ
تون،
منهنجو ساڻيهه تون، منهنجو مهراڻ
تون،
توکي لولي ڏيان، الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان!
شل اُتاهون رهين اُپ جي نيراڻ جان،
شل ستارا ڪرين سانت چاندراڻ جان،

شل ڏئين ساءُ، موتئي جي سرهاڻ
جان،
توکي لولي ڏيان، الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان!

تو ۾ ايمان جي سُونهن سالم هجي،
توکي ڏرتيءَ سان عشق دائم هجي،
تنهنجي سچ تي سدا ساک قائم هجي.
توکي لولي ڏيان، الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان!

وقت حائل نه ٿي تنهنجي ويچارتي،
سون جان نج رهين سچ جي
وهنوارتي،
ڪَٽَ چڙهي ڪين کا تنهنجي ڪردار
تي!
توکي لولي ڏيان، الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان!

تنهنجي اندر جو انسان زنده رهي!
سوجهرو صدق تنهنجي جو سانده
رهي،
تنهنجي تدبير سان دور اُندهه رهي!
توکي لولي ڏيان، الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص 246-247)

لولي

لولي، لولي، لولي، الو
سانت سک جي ٻولي الو!

جوڳيئڙا ڪيئن جالين جڳ ۾،
جِهير ٿي جن جي جهولي الو!
لولي، لولي!
جوڀن تنهنجو جهنگ جي گل جان،

واءُ نه لڳئي شل اولي الو!
لولي، لولي!
مُرڪ جنين جي پرهه جي مُڪڙي،
آءٌ ته انهن جي گولي الو!
لولي، لولي!
ڇا تي گجين ٿو سڪٽا بادل،
تو وٽ ڇاڻ نه ڇولي الو!
لولي، لولي!
لوليون اسانجون ٻيجل جون وايون،
سنڌ جي شال ٿئي سولي الو!
لولي، لولي!
لولي، لولي، لولي، الو! سانت سڪ جي ٻولي الو!
(آگسٽ 1965ع ص:5)

هن لولييَ ۾ نياز همايوني ماءُ جي طرفان نوجوانن جي دردن جي ڪٿا به بيان ڪري ٿو، ته وري انهن گلن جهڙن کي تحفو پيش ڪري ٿو. هو ماءُ جي طرفان چورائي ٿو ته منهنجي ٻڇڙن جي مرڪ پرهه جي مڪڙي جهڙي آهي ۽ آئون انهن جي گولي آهيان، نياز آخر ۾ لولييَ کي ٻيجل جي وائييَ سان پيٽي ٿو ۽ سنڌ جي سلامتييَ لاءِ دعاگو ٿئي ٿو.

لاڏو/سهرو

"سهرن لاءِ سنسڪرت ۾ "سرج" لفظ اچي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي: گلن جو هار، خصوصاً مٽي لاءِ، ائين پائنجي ٿو ته "سهرن" کي "سرج" چوندا هئا. پروفيسر پيرومل رگ ويد جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: "مرد پنهنجي پيشانييَ تي سهرا ٻڌندا هئا، جي گلن يا زرييَ جا ٺهيل هوندا هئا. اهي "سراج" (Sraj) سڏبا هئا. اهي سهرا، شايد وهانَ مهل يا ٻين ڪن خاص موقعن تي ٻڌندا هئا. سهري کي هندو لاڏو چون، پر گهوٽ کي به لاڏو چون ۽ ڪنوار کي وري لاڏي." (77)

منهنجي اونداهين جي اور! منهنجي اڳڻ
اچجانءِ!
ٽلي ٽاندڻاڻي جي ٽور! منهنجي اڳڻ اچجانءِ!

منهنجي اڳڻ اچجانءِ! منهنجي دل رکجانءِ!
منهنجي ماڙي سندا مور! منهنجي اڳڻ
اچجانءِ!
منهنجي اڳڻ اچجانءِ! منهنجي ڳالهه
ٻڌجانءِ!

منهنجي زاري تنهنجو زور، منهنجي اڳڻ
اچجانءِ!

منهنجي اڳڻ اچجانءِ! منهنجا حال ڏسجانءِ!
ٽيندي گولي توتان گهور، منهنجي اڳڻ
اچجانءِ!
ٽلي ٽانڊاڻي جي ٽور، منهنجي اڳڻ اچجانءِ!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 67)

اونيئڙا

"اونيئڙو ٽري لاڏو آهي. پٽن تي پي سواري نه هجڻ ڪري، انن تي پاکڙا اڏي ماڻهو/مسافر پاڙي تي پري پري سفر ڪندا هئا."[78]

اڳئي زماني ۾ اٽ تي سفر به ٽيندو هو ۽ بار به ڏويو ويندو هو. سسئي، مارئي ۽ مومل جي داستانن ۾ به اٽ جو ذڪر ۽ ان جي اهميت اجاگر ٽيل آهي. اڄ تائين انن کي انهن ڪمن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، خاص ڪري ٽر ۾ ان جو وڌيڪ استعمال ٽئي ٿو. هن گيت ۾ وڇوڙي جو درد سمايل آهي.

اونيئڙا/ ورلاپ

اونيئڙا ڙي، اونيئڙا هو، او منهنجي وندر وئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ ته ڪي واڪا ڪريان لا من کا ڪهل پَوي
بروارن ۾.

اُنن 'سنواريون، سِهڻِ، سان' قطارون، مارين مونکي لوڪ
ميارون،
اکڙيون منهنجون مرم جون ماريون، من سي مان ڪرن
موچارن ۾.

اُنن جون اکڙيون اجرڪ ڦلڙيون، منهنجي بدن ۾ اپريون
درڙيون،
هيکل منهنجون وايون ولڙيون، او مان ڪيئن ڪندس
مونجهارن ۾.

اُنن جون ڳانيون نينهن نشانيون، وهه ٽيون ماروئڙن جون
مانيون،
آءٌ جهليان هت ڪيئن مهمانيون، منهنجو انت ويو اوچنگارن
۾.

اُنن جا پيرا ڪيرا ويرا، آءٌ پريان ڪينءَ تن سان پيرا،

درد جا جن ۾ دام نه ديرا، او ڪينءَ پير ڪڇن تن پارن ۾.

جهل واڳ ته ڪي واڪا ڪريان لا! من ڪا ڪهل پوي بروارن ۾،
اونيئڙا ڙي..... اونيئڙا هو.....

(روح رهاڻ آڪٽوبر 1963ع ص : 7)

مانجهيئڙو

”مانجهيئڙو: مانجهيءَ جو اسم تصغير، نياپو آڻي ڏيندڙ، مرد مٽير، جنگجو، بهادر.“ (79)

هن گيت ۾ جدائيءَ جو فراق ليئو پائي پيو. پنهنجي پريميءَ کي چوي ٿي ته جيڪڏهن محبوب سائين، تون پاڻ نٽو اچي سگهين ته ڪو مانجهيئڙو ئي موڪل، ته اچي آٿت ڏي، تنهنجي خير سان هئڻ جي خبر ٻڌائي ۽ تنهنجي جلد اچڻ جي خبر ٻڌائي. تنهنجي جدائيءَ ۾ منهنجا حال هيٺا ٿي ويا آهن. هن جو پس منظر سميجن جي ڳوٺن تي ارغونن جون چڙهايون آهن.سوين گهوڙن جون هٽڪارون به پس منظر پيش ڪن ٿيون. انتظار ۽ دپ جي ماريل ناري پنهنجي پرين کي پيار ۽ درد جي احساسن سان سڏي پئي.

سو هٽڪا ڙي سميجا!
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڳوٺ ته منهنجو گوندرڙو،
ڏوريان ويٺي ڏونگرڙو،
سو هٽڪا ڙي سميجا!
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڳوٺ ته تنهنجو مٽياري،
پيار نه سودو مڪياري،
سو هٽڪا ڙي سميجا!
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڳوٺ ته تنهنجو ڪوٽ ڏجي،
سورن ساڙي ڪيم سجي،
سو هٽڪا ڙي مانجهيئڙو!
موڪل ڪو مانجهيئڙو!

ڳوٺ ته تنهنجو سونهري،
اجها ٿي نيري ٽپهري،
سو هٽڪا ڙي سميجا!

موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڳوٺ ته تنهنجو پريان لوءِ،
ولهي واڪا ووءِ ڙي ووءِ،
سو هٽڪا ڙي سميجا!
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڳوٺ ته تنهنجو همايون،
هتڙي منهنجا حال زبون،
سو هٽڪا ڙي سميجا!
موڪل ڪو مانجهيئرو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص: 70 کان 71)

لوڪ ناچ

”روايت ملي ٿي ته آفريڪا کان آيل حبشي/ شيديءَ جي سڃاڻپ لوڪ ناچ رکندڙ قبيلا، پنهنجي سرهائيءَ وارن ڏڻن تي مغرمان تي لوڪ ناچ جي ڏنن تي ناچ ڪندا هئا، جتان سنڌ جي ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ انهن سان ملندڙ ڏنن تي لوڪ گيت ٺاهي، ناچ ڏنن هيٺ اهي گيت ڳايا وڃڻ لڳا. هن قسم جي لوڪ گيتن کي ڪورس جي انداز ۾ ڳايو ۽ ڪورس جي انداز ۾ ئي ناچ ڪيو ويندو آهي.“ (80)

آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!

گهگهري گهل ته گهاگهر گهرڪ بلي،
چوري تنهنجا ننڊ ۾ چرڪَ بلي:
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!

سانوڻ جهڙي تنهنجي سام بلي،
صبح کان سهڻي وِصل جي شام بلي:
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!

سنڌڙي تنهنجي سڪ جي ساک بلي،
ڦٽندي نيٺ ته پنهنجي باک بلي:
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ بدام شي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 72 کان 73)

هنبوچي

”هنبوشي، ج هنبوشيون: ت، ناچ جو هڪ قسم- دهل جي تار تي نچڻ جو هڪ نمونو- تاڙيون وڄائي، هٿ چندي نچڻ جو هڪ قسم- نچڪارو- هنبوچي- تڪڙو ڪنيل ساهه- هانبارو- سهڪو.

همبوچي ج هنبوچيون: ت، ڏسو هنبوشي. هنبوچي وجهڻ: هنبوشي راند ڪرڻ- هنبوچي ناچ نچڻ- هنبوچي هڻڻ- تمام گهڻو خوش ٿيڻ- خوشي ملهائڻ- خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيڻ.

هنبوچي هڻڻ: خوشيءَ ۾ نه ماپڻ- خوشي مان نچڻ- تمام گهڻي خوشي ڪرڻ.“ (81)

نياز همايوني لوڪ ناچ هنبوچي مٿي ٻولي سرائڪيءَ ۾ لکي آهي:

سنڌڙي اساڏي سائڻ وي،
اُهندي ويري ڪون ڪاوي ڏائڻ وي!
پلا جيوي اسان ڏي سائڻ وي!
چمر دا چوها هنبوچي!
ڍهه پوسي ڍوها هنبوچي!
گهليا موران جيها ڏکڻ وي،
ساڏي ملڪ دي ماڻهون مکڻ وي!
ڪوئي ڏيکي اُنهاندا مرکڻ وي!
لاڙ دي لونگي هنبوچي!
پران دي پونگي هنبوچي!
لمي ڍنڍ تي اُپا پربت وي!
ميڏي ديس دا پاڻي شربت وي:
اُٿي سدا ملوڪان دي سنگت وي،
تتر دي ٻولي هنبوچي!
امڙ دي لولي هنبوچي!

ڪنڍي مينهن مٽياندا مئينڊ وي،
سچي ساهيڙيان دي سينڊ وي:
ساڏي باکان جيهي اُميند وي،
چاندي دا چلا هنبوچي!
هلا گلا هنبوچي!

کوهان دي اُتي نار وي،
ميڈا يار گلان دا هار وي،
چڑهه پيهي هڪلي جهار وي،
پلي گهوڑي هنبوچي!
يار دي جوڑي هنبوچي!
تيڈي حسن دي سئو سانگ وي،
تيڈا عشق تليهر نانگ وي:
لڳي ويري ڪُون شل ڈانگ وي:
هُمر جُهمر هنبوچي!
چمر چڪر هنبوچي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 83،84،85)

ڑي ڊوليا

ڊوليو يا ڊولڙ، پرين پياري جو پيار جو نالو آهي، هن لوڪ نظم ۾ محبوب جي سونهن ۽ ناز و ادا جي واکاڻ ڪيل آهي، پر جڏهن وڏا وس ڪرڻ باوجود، ڪنهن به طرح پرين پرچڻ جي نڏو ڪري ته پوءِ هر ڳالهه وس مان نڪري ٽي وڃي ۽ عاشق نامراد پرينءَ جا پنڌ پڇائڻ ختم ٿو ڪري ڇڏي. عاشق پنؤر وانگر پيرا ڪرڻ ڇڏي ٿو ڏي ۽ ڪوريئڑي وانگر ڄار اٽڻ ۽ محبوب کي ڦاسائڻ ڇڏي ٿو ڏي. ايئن ڪرڻ سان ان جا ڳٽتيون ۽ ڳارا ختم ٽي وڃن ٿا، ۽ هو پاڻ پرو انسان ٽي وڃي ٿو.

ساهه کي ويا ائين سور وڻي، ڇڙ چنڊ گرهڻ، ڑي ڊوليا!
"هاءِ اسان جي جندڑي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڑي ڊوليا!"

ساڻ نه تنهنجو رهيو ته ڇا جي سيج ته ڇا جا هيئا
آس نه تنهنجي رهي ته ڪنهن لئي در ۾ پايون ليئا،
راس نه آيو روح کي توريءَ ڈيهه ڈسڻ، ڑي ڊوليا!
"هاءِ اسان جي جندڑي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڑي ڊوليا!"

چنڊ تکي ٿو تنهنجا چارا، رات ٽي سُڈڪي ڈينهن ڳڻي،
هنج ٿو تو لئي هاري هنجون، هير ٽي ٽڏڑا ساهه ڪڍي،
انڊلڻ وانگي آرس پچندي آءٌ اگڙ ڑي ڊوليا!
"هاءِ اسان جي جندڑي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڑي ڊوليا!"

لڑڪ اکين ۾ مرڪ چپن تي حال جنين جا ههڑا،
ڈاڍ ڈڍي سي توسان ويهي سينا ساهن ڪهڑا؟
راهه گناهه ڇڏي ڏي، تن تي ڇوهه ڇنڊڻ، ڑي ڊوليا!
"هاءِ اسان جي جندڑي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڑي ڊوليا!"

ڪجل اکين ۾ مساڳ چپن تي هٿن کي لائين ميندي،
وار ڪنڊيرين ڇاتيءَ تي ڇؤ ڪيئن نه قيامت ايندي؟

ڪهڙي جادوگر کان سکين سو پيد ڪرڻ، ڙي ڏوليا!
”هاءِ اسان جي جندڙي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڙي ڏوليا!“

واٽ نه ڪائي ماڳ نه ڪوئي پوءِ به چوين ٿو پير ڪٽو!
ڪچون ته تنهنجي ڪاوڙ ماري، لڇون ته ڏنگي جيت جڙو،
جوڙ جي تنهنجي آهه ته ڇا جي رمز رکڻ، ڙي ڏوليا!
”هاءِ اسان جي جندڙي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڙي ڏوليا!“

اسان ڇڏياسي پنؤر جان پيرا، ڪوريئڙي جان تانيون،
مٽيو مٽيو ڪري چني ڇڏيونسي ڳٽتين جون سپ ڳانيون،
پاڻ ئي آهيون ماڳ ته ڇا جا پنڌ پهڻ، ڙي ڏوليا!
”هاءِ اسان جي جندڙي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڙي ڏوليا!“

ساهه کي ويا ايئن سور وٺي ڇڻ چنڌ گرهڻ، ڙي ڏوليا!
”هاءِ اسان جي جندڙي ٽي وئي پنڌ پهڻ، ڙي ڏوليا!“
(ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1963ع ص 47، 48)

مورو

”مورو اصل ۾ سنڌ جي ڪوهستاني علائقي جو لوڪ گيت آهي، پر ان جي مقبوليت جو دائرو ڪوهستاني علائقي کان ٻاهر سنڌ، لس ٻيلي، قلات، ۽ مڪران تائين آهي. موري جي روايتن جو گهڻو انداز اتر مان مليو آهي، ڇاڪاڻ ته ويندي اتر سنڌ تائين مورو ڳايو وڃي ٿو، ڪوٽڙي ۽ نٽي تعلقن جي ڪوهستان ٻاڳي ۾ مورو مقبوليت سان رائج آهي. هڪ روايت موجب هيءُ لوڪ گيت خاص طرح جوڪيا، برفت، بروهي، پالاري ۽ گدا قومن جو ورثو آهي. اهي ئي قومون هن گيت کي گهڻو ڳائين. هن وقت مجموعي طرح مورو سڄي سنڌ، لس ٻيلي، ۽ بلوچستان جي قلات ۽ مڪران جي حصن جو عام مشهور گيت آهي. ”مورو“ محبت ۽ مجاز جو گيت آهي، هن گيت ۾ وڇوڙي ۽ بيقراري، وصال ۽ ملاقات لاءِ واجهائڻ، عاشق ڏانهن نياپا ۽ سنيها موڪلڻ جو مضمون سمايل آهي. نينهن جو نياپو هن گيت جو مرڪزي مضمون آهي. انهيءَ ڪري هن گيت کي ”سنهيڙو“ يا ”ليهڙو“ به چوندا آهن. ” [82]

ظفر عباسي بقول: ”موري جي اصطلاحي معنيٰ مور جهڙو يعني سهڻو، مورو اصل ۾ ڪوهستاني علائقي جو گيت آهي، جتان سنڌ جي ماڻهن جي ڪوهستان واپار لاءِ وڃڻ ۽ اتي نڙ ۽ سرندي جي سرن تي مورو ٻڌي، ياد ڪري، متاثر ٿي واپس ورڻ کان پوءِ سنڌ ۾ به ڳائڻ لڳو. مورو ۾ پيار محبت سڪ ۽ اڪير جي موضوع کي ڪنيو ويندو آهي. هن ۾ فراق، عشق، وڇوڙي، انتظاري، بيقراري، گهڻي بيان ڪجي ٿي. ڳٽتي، ڳارڻ ۽ جهڃڻ، جهرڻ، ميل ملاقات جا مضمون به شامل ٿين ٿا. پر اصل ۾ مورو

هڪ قسم جو پيغام هجي ٿو، هڪ سنيهو ۽ سنديس، جنهن ۾ سڪ ۽ اڪير ظاهر ڪيل هجي.“[83]

ڪي لوڪ گيت ڪن خاص مشهور شخصيتن جي ساراهه ۽ يادگيريءَ ۾ اسريا ۽ عام ٿيا، جيئن ته ”الڪي شودي“ جي مرڻ تي سندس زال ساران موري جا ورلاپ ڪيا ۽ ڪن وري ”ميران جمالي“ جي بهادري ۽ غربت پروريءَ بابت مورا چيا.“ [84]

مورو ناهي ٿورو-او ڍولڻ! مورو ويڻي ڏيانءِ!

جبل مٿي سِجُ، نينهن اسان جو نجُ:
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي لاڻي، رمز ته تنهنجي راڻي:
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي ماڙي، پرون ته تنهنجي جاڙي،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي آڇ، ڪينجهر تنهنجي ڪڇ،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي گاهه، تو ۾ اٿم ساهه،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي ڪانهن، آءٌ ته تنهنجي ٻانهن،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي ڪانپ، مون وٽ سورن سانپ،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي لاڻي، مون نه جواني ماڻي،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي دونهين، آءٌ نه ڪنهن جي سونهين،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
جبل مٿي جند، جيئيم، جيجل سنڌ،
او ڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!
مورو ناهي آهي ٿورو، اوڍولڻ مورو ويڻي ڏيانءِ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 75 ، 76)

نياز همايوني مختلف انداز ۾ مورا لکيا آهن ۽ انهن ۾ الڳ فکر سمايل آهي. هڪ ٻيو مورو ڏسو:

مهريءَ وارا ماڻهون، پيارا پيارا ماڻهون!
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ،
مَهريءَ تنهنجو موڳو، انت نه ڇاڏي ٽو ڪو،
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
مهريءَ کي ٽي واڳان، آڻُ ٽي رات کان جاڳان،
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
مهريءَ کي ٽي ماڻا، رات رهي وچ راڻا!
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
مهريءَ کي ٽي جُهل، ترس ته گهوريان گل
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
مهريءَ کي ٽي کيج، مونکي روئڻ ريج،
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
مهريءَ کي ٽي مستي، اِجها منهنجي وستي،
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
مهريءَ تي ٽي ڪٽو، ڇاڻ ته سج پي لٽو،
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
مهريءَ کي ٽي ڳاني، ترس او منهنجا جاني!
مُرڪي مورو ڏيندي سانءِ!
(نئين زندگي مئي 1962ع ص:94)

ماهيا

ماهيا ۾ محبت جو اظهار شاهه لطيف جي شاعريءَ جيان عام طور تي عورت پاران ڪيو ويندو آهي. محبوب کي ڪيترن نانون سان پڪاريندي آهي، سنڌيءَ ۽ بلوچيءَ ۾ ٽپي سان ملندڙ جلندڙ صنفون موجود آهن. سنڌيءَ ۾ ڇلو ۽ ڊولو، پوٺوهاري ڊولي جي گهڻو تڻو ويجهو آهي ۽ پوٺوهاري ڊولا، ماهيا جا ئي ساٿاري آهن.

۽ اهي صنفون نه رڳو بيهڪ پر مضمونن جي لحاظ کان به هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي رکندڙ آهن، سنڌي زبان ۾ ماهيا جي صنف ۾ سڀ کان پهرين خوبصورت ماهيا نياز همايونيءَ لکيا ۽ ان بعد رشيد احمد لاشاري ۽ نورشاهين به طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ سنڌي ماهيا لکيا آهن، پر انهن جي بيهڪ اصل ماهيا کان الڳ الڳ آهي. ان ڪري انهن کي لوڪ گيتن جو هڪ موضوع ته قرار ڏئي سگهجي ٿو پر صنف نه." (85)

اچي ٻيڙي تي چولیان دي چَر ماهيا،
هوئي پارت وي ساڻي پٽڻان تي گهر ماهيا.

تيڏي زلفان تي ٻنوران دا شڪ بالو،
اسان ڪنڀ اڳي ايوين گهور نه تڪ بالو!

چدڙي چانو اناران دي،
تون جو نال هووين ڪيهي لوڙ بهاران دي.

چٽا رنگ رابيلان دا،
مرڪي گهنڊڙا لڳاون ڪيها نينهن نويلان دا؟

پلي بوءِ گلابان دي،
ساڻي لڙڪ وراڻي تيڏي سوالان جوابان دي؟

چلا نينهن نشاني دا،
وچ پڙهدي اي ڪلما تيڏي جوانيءَ دا.

وسيا جهنگ سيال سيان،
اسان تين بن ٿي نه سگهيو سي نهال سيان!

ناڙي ملڪ اناڙيندا،
متان رمز رلاوين پوسئي پنڊُ پهاڙين دا.

تيڏا جوڀن بادامان دا وڻ بالو!
تيڏي ٻول ايوين جڻ ماهيا بالو!

تيڏي ڳلي وچ چاندي دا هس ماهيا،
سونا پيار ميڏا جهينڪون لڳدي نه ڪس ماهيا.

هلي هالاڻي وي بس سڃڻان!
اسان تيڏي وس، تون نه ساڻي وس سڃڻان!
(روح رهاڻ-اپريل، 1956ع 3)

سنڌي ماهيا

("ماهيا" پنجاب جي لوڪ ادب جي هڪ حسين صنف آهي، جنهن کي هن وقت مهمان طور سنڌي ادب ۾ اضافي حيثيت سان پيش ڪجي ٿو. سنڌ جي عوامي شاعرن جي اها دلچسپي قائم رهي ته اهو وقت به پري نه آهي، جڏهن هي دل پسند صنف مقبول عام ٿي، اسان وٽ هڪ ميزبان جي حيثيت سان پنهنجي جاءِ والاري رهندي).

ڪيا تيل قُليل پرين،
هنيا چورن وانگي، دل کي گليل پرين!

ڊگهي رات مناري کان،
لڳي اک نه آلا پڇ قطب ستاري کان!

آڏيو چنڊ ڦٽوٽي جان،
تند تنهنجي وس اسين آهيون ڳوٽي جان!

لي‌ءِ جي لاهه تي ڳيرا هو،
اڇ سيگهه ڪجي ويندا سرءُ جا سو يرا هو!

پائي ڪجل نه گهم بالو؛
چورا چيڙيندءِ ڪري جهم بالو!

تنهنجي زلفن جا واسينگ آلا،
ويا گهر ڦوڪي ٿي شاهينگ آلا!

ڪولي وار نه ڪِل بالي!
ونگي ويندا ظالم ڪنهنجي دل بالي!
(روح رهاڻ جولاءِ 1967ع ص: 27)

چمڪيا چانڊوڪيءَ تي چنار آلا!
سائين سنڌڙيءَ تي ڪري شال سڪار آلا!
منهنجي در تي گلور جي ول ماهيا!
گل گهوري وڻان توتي گهوڙي ته جهل ماهيا!
ڪنڊيون پروان ته سنهڑا چپ بالو!
اسان ترسؤن ڪيئن، تو وٽ سانڊيل سپ بالو!

پکيون ڪٽڪان ته سونا سنگ بالو
تنهنجو آرس ائين ڇڻ جهڙ ۾ انبلڻ ونگ بالو
آيا ڪينجهر تي ڪهي ڪنگ ماهيا
اسان سڪ نه سمهياسي سجا سيج پلنگ ماهيا
اڇي ڳل تي ڪارو تر بالو
اول عشق جو توئي مڇايو شر بالو
سائو سرينهن جو وڻ ماهيا
ڇٽي آهيان گل جان اڇي مونکي ڪڻ ماهيا
تنهنجا چپڙا چوٽ جو چنڊ آلا!
اسان ڏک جا ڏڏيل رکيو وڃج ڪو منڊ الا!
تنهنجي لوڏ ۾ لهرا بينن جا،
اسان مستيءَ ۾ ڳائي ڇڙيا ڇيڙا سينن جا
کولي وار نه کنوڻ جا کل بالو!
ونگي ويندا
ظالم ڪنهن ويڳاڻي جي دل بالو!
ڊگهي رات هجر جي مناري کان
لڳي اک نه آلا پڇ قطب تاري کان
تنهنجي لب تي ليار جون لاليون هو
جڳ مرڪي اسانجون اکيون آليون هو
سريا سور سراڻ جي روهي جان
اهي اسرن ڪيئن لڳو جنگي عشق اڏوهي
جان
ساوا طوطا ديس بنگالي جا
ويا انبڙ اٽکي ته غريب جمالي جا
وسيو خير سان جهنگ سيال سيان،
اسان تو بن ٿي نه سگهيا سي نهال سيان
ڪيا تيل ڦليل سويل پرين
هنيا چورن وانگي ڪچي دل کي گليل پرين
ننگا نيڻ حجاب جي حالت ۾
ائين ٽڙکن پيا ڇڻ ڏوهي قيامت ۾
سونيون واليون ته روپيون نسبيون هو
اسان لڙکن ۾ سوريون سورن تسبيون هو
منهنجا ساهه سيباڻا مڪليءَ ۾
ائين جرکن پيا جئن موتي جرکن تسبيءَ ۾

جاڙيون پروان ته سرمائي اکڙيون هو
تنهنجا عاشق ائين جڙ ڪٽڪ ۾ تترن وگهڙيون هو
سڏا سينڊ جا سنڊڙا ڙي
سسئي سور ڪري ڪندس پنهل ڏي پنڊڙا ڙي.
(ماهنامو نئين زندگي: سيپٽمبر 1964ع، ص: 44)

ماهيا

اسين جوڳيئڙا دم آلهي الا!
هليا ويندا‌سي ڪٽي ڪو غم ، الهي الا!
آيو اسر، لهي ويو چنڊ ماهيا!
تنهنجي اوسيئڙي پيهان ويڻي جنڊ ماهيا!
گهلي هير ته آئي گهِل بالو!
اسان پنڪيءَ ۾ پڙهيا نينهن نفل بالو!
آڏيءَ ويلي اونداها گس ماهيا!
بالو پڇندي وتي تنهنجا تارن کان ڏس ماهيا!
بازار وڪامي ڪڇ بالو!
متان ڪنهن جي نظر لڳئي ماٺهن کان بڇ بالو!
آٿئي ڪڪ جي هيڻان لک ماهيا،
منهنجا نيٽ شرابي آڇي ڇُڪڙي ته چک ماهيا!
منهنجي ڪاڏيءَ تي هلڪو ڇُڳهه ماهيا!
مونکي پوريءَ ڏنگيو، اڇي ڦِيٽو ته وجهه ماهيا!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 79 ۽ 80)

ماهيو پنجابي ٻوليءَ جي پياري صنف آهي، نياز همايوني اهو پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ان صنف کي سنڌي ويس ڏيکايو آهي. هُن سرائيڪي ۽ سنڌي ٻولين ۾ ماهيو لکيو آهي. نياز نج سنڌي ۽ سرائيڪي لفظ استعمال ڪيا آهن، ان ڪري ماهيو پنجابيءَ جو لڳي ئي ڪو نه ٿو. هن صنف ۾ عورت ئي مخاطب ٿئي ٿي ۽ ان جي جواب ۾ ان جو محبوب به سندس ساراهه جا ڏيڪ پري ٿو. هن ۾ پيار جا پيارا ٻول به آهن، ته وڇوڙي جا اڻ ڪٽندڙ آلاپ به آهن.

جمالو

ڈاڪٽر عبدالڪريم سنديلو "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو" ۾ لکي ٿو: "جمالو سنڌ جو مشهور ۽ محبوب گيت آهي، جنهن جي ڳائڻ وقت ناچ ٿيندو آهي، جنهن کي جمالو ناچ چوندا آهن. جمالو ناچ وقت هڪ ڇٽو جمالو گيت ڳائيندو ته ٻيا وري ٻوليڙيا ٿي، سندس فقط پهريون بند دهرائيندا، دهل جي ڏَرن تي تاڙيءَ جو ڦهڪو لاءِ ڏيندا.

"جمالو جو اصل نالو جمال خان هو، جو لاڙ جي طرف جو ويڙل هو، کي شاهينگ سندس مال کڻي ويا. ان ڪري پائر هڪٻئي کي طعنو هڻڻ لڳا. جمالو طعنو برداشت ڪري نه سگهيو ۽ هڪدم پيرو ڪرڻ شروع ڪيائين. پيرو کڻندي ڪوهستان وڃي نڪتو، آخر اها جوءِ ڳولي لڌائين جتان مال موٽي مليس."[86]

نبي بخش بلوچ "لوڪ گيت" ۾ لکي ٿو: "جمالو" ۾ دوست يا ساٿيءَ جي وڇوڙي ۽ سندس ساراهه جو مضمون سمايل آهي. چون ٿا ته "جمالو" نالي هڪڙو شخص هو، جو پنهنجي ساٿين کان وسري ويو ۽ کي سال وڃي هيٺ لاڙ ۾ جتن سان گڏ گذاريائين. ڪجهه عرصي بعد وري موٽي آيو، تڏهن سندس ساٿين، سڪ وارن خوشيون ڪيون، ناچ ڪيائون، پڻ سندس نالي گيت ڳايائون." [87]

<u>هو جمالو</u>

<u>منهنجو جمالو سنڌڙيءَ سان، هو جمالو!</u>

جنهن جي چهري تي چانڊاڻ آلا، هو جمالو،
جنهن ۾ موج پريو مهراڻ الا، هو جمالو.

جنهنجي پرور رکندڙ پت الا، هو جمالو،
جنهنجي مندن ۾ ويندي مت الا، هو جمالو.

جنهنجا اندلٽ جهڙا رنگ الا، هو جمالو،
جنهنجي جر تي جرکن ڪنگ الا، هو جمالو.

جنهن ۾ آڙيون اڏرن پر کڻي، هو جمالو،
جنهن ۾ ڪونجان ڪرڪن ڪر کڻي، هو جمالو.

جنهن ۾ جهانگين جي جهونگار الا، هو جمالو،
جنهن ۾ وندر جي وڻڪار الا، هو جمالو.

جنهن ۾ اوڏ مٽيءَ جا ڪوڏ الا، هو جمالو،
جنهنجي لک لهي ٿي لوڏ الا، هو جمالو.

جنهن جا چارڻ چندن هار الا، هو جمالو،
جنهن تي سائين ڪندو ته سڪار الا، هو جمالو.

جنهن جو مورڙو مهمير الا، هو جمالو،
جنهن جون ڇالهڙيون ڇنڇير الا، هو جمالو.

جنهن ۾ مکڻ ولوڙين مايون الا، هو جمالو،
جن جون جيءَ ۾ جوڙيل جايون الا، هو جمالو.

جن ۾ اکين ۾ ڪجل جي ڏار الا، هو جمالو،
جن جو مرڪڻ ماکيءَ لار الا، هو جمالو.

جنهن کي هوشو بخشيو شان الا، هو جمالو،
جنهن جي مٺيءَ لڏو مان الا، هو جمالو.

جنهن ۾ مڪلي ساهه سيباڻي الا، هو جمالو،
جنهن ۾ مورن جهڙي مياڻي الا، هو جمالو.

جنهنجي درياهن تي دانهن الا، هو جمالو،
جيڪي ڪنڌيءَ سڪائن ڪانهن الا، هو جمالو.

جنهن جا ميهر ويا هن پار الا، هو جمالو،
جنهن جا ڪينجهر ڪڍي پار الا، هو جمالو.

جنهن ۾ لال لطيف جي لات الا، هو جمالو،
جنهن ۾ سچل سچ جي تات الا، هو جمالو.

جنهن جو ٻيجل شيخ اياز الا، هو جمالو،
جنهن جو ٻيلي يار نياز الا، هو جمالو.

منهنجو جمالو سنڌڙيءَ سان هو جمالو.
(نئين زندگي جون 1965ع : ص 56)

هَمرچو

هيءُ لوڪ گيت اصل ۾ ٽرپارڪر خطي ۾ اسريو ۽ پوءِ سڃي سنڌ ۾ عام مشهور ٿيو. هيءُ پورهيتن جو عام گيت آهي، اڪثر ڪُڏ يا لاباري وقت گڏجي ڳائيندا آهن. ٻنيءَ مان ڪُڏڻ ڪيڏ يا لاباري ڪرڻ اڪيلي ماڻهوءَ جو ڪم نه آهي، هميشه گهٽا ماڻهو گڏجي ڪم ڪي جلد ۾ نبيرڻ لاءِ اهو رس پريو گيت گڏجي چوندا آهن. اول هڪ ٻه جڻا يا بعضي ٽي جڻا اڳ ۾ سُر سان گيت جون مصراعون چون ۽ پڻيان باقي ماڻهو جهيلي يا سوري ٽي وراڻي چون، مختلف روايتن موجب اهو نالو "همراهه اچو! "لفظن جي گڏيل صورت آهي، جو جهل سان چوڻ ۾ وري وري چوڻ سبب صورت بدلائي، "همرچو" جي تلفظ سان ڪم آيو. هڪ روايت موجب هن گيت جي ابتدا هن طرح ٿي: آڳاٽي وقت هڪڙي پيري ٽرپارڪر ۾ وسڪاري نه پوڻ سبب ڏڪار پيو، جنهن ڪري ڪيترائي ٽري غريب پنهنجا ڪک چڏي، ٻار ٻچا وٺي ناري ۾ اچي رهيا، جن ۾ "رڙ يارو" ڳوٺ جا مرد زالون عمر ڪوٽ تعلقي جي ديهه سارٽي ۾ اچي رهيا، انهن ۾ "سوڍي" نالي هڪ عورت به هئي، جنهن جو مڙس "چٽو" پوئتي رهجي ويو هو. هن جو مڙس سان ايتريقدر پيار هو، جو ان ڪانسواءِ هڪ پل به آرام نه ايندو هوس. جڏهن گهٽا ڏينهن گذريا ۽ ڪنهن سبب چٽو به پهچي نه سگهيو، تڏهن هوءَ بيقرار رهڻ لڳي، هن چاهيو ٿي ته جلد ئي واپس وطن وڃي پنهنجي مڙس سان ملي، پر مجبور هئي، ڇو ته مائٽن ڪي چڏي پرانهين پنڌ تي اڪيلي وڃي نه ٿي سگهي، ٻيو ته انهيءَ پاسي آن هو ئي ڪونه. جيستائين لابارو ڪري ان گڏ نه ڪيو هئائون، تيستائين سندن موٽڻ محال هو. انهيءَ ڪري سوڍيءَ لاباري تي اهڙو ڪٽي تاڪيد ڪيو، جو زالون ته ٺهيو مردن کي به، "همراهه اچو!"، "همراهه اچو!" چئي سڏ ڪندي ڪم ۾ گهڙيو پوندي هئي، ۽ ڪم هلندي همرائن کي همٿائڻ خاطر مصراعون چوندي رهندي هئي. آهستي آهستي انهن مصراعن مستقل طرح گيت جي صورت اختيار ڪئي، سوڍي اڳواڻ ٻول چوندي هئي، ۽ مرد گڏجي وراڻي چوندا هئا. اهڙيءَ طرح هٿ به هلائيندا رهندا هئا ۽ ڳائيندا به رهندا هئا. همرچو ڳائڻ جي طرز ۽ لهجو اڄ به اهو ئي ساڳيو آهي، جيئن اڳ ۾ ڳائبو هو. "همرچي" جا اصل ٻول محبت ۽ مجاز جي مضمون وارا هئا، پر پوءِ مڪاني طور مختلف مضمونن وارا ٻول انهيءَ ۾ اضافو ٿيندا رهيا، هن وقت ٽرپارڪر ۽ لاڙ جي خطن ۾ "همرچو" جا هزارين ٻول چوڻ ۾ پيا اچن. "همرچو" ٽرپارڪر ۽ لاڙ وارن پاڻ ۾ رائج آهي، تنهنڪري ٽري ۽ سنڌي ٻولين ٻنهيءَ ۾ ڳائجي ٿو."[88]

زيب سنڌي لکي ٿو: ”نياز همايونيءَ جي سادگي نغمگي، گداز ۽ لوڪ گيتن جي پياري رنگ سنڌ جي سجاڳيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. نياز همايونيءَ جي گيتن جو مجموعو ”ڏرتيءَ جا گيت“ 1977ع ۾ شايع ٿيو جنهن مان ”همرچو“ جديد طرز ۾ چيل آهي، ڏاڍو مقبول ترين گيت آهي.“ (89)

نياز همايوني پنهنجي ديس لاءِ همرچو چيو آهي، جيڪي سورهيه ديس تي سر ڏئي سرخرو ٿي ويا آهن، انهن جي ياد ۾ همرچي ۾ انهن کي هيئن ٿو پڪاري:

منهنجا مانجهي سدا سگهارا همرچو!
”دودي“ جهڙا ”هوشو“ پارا همرچو!
همرچو! ڙي همرچو!
جن جي سيني ۾ ٿي ڏڙڪي دريا خان جي دل،
تن جي آڏو مجال جو بيهي ڪنهن به جوان جي دل،
هي منهنجي ساٿيهه جا سورهيه جڳ سوڀارا همرچو!
همرچو! ڙي همرچو!
طوفان جان طاقتور جي، وچ جا پاٽي جن کي،
درياهن جان دهشت جن جي، ڪير ٿو روڪي تن کي؟
هوڏِي هيڏنهن آيو ته ويندس وئرٽ وارا، همرچو!
همرچو! ڙي همرچو!
ظلم خلاف قيامت بڻجي، جنگ تي سينو ساهن ٽا،
منهنجا ڪاڪ جا راڻا جنهن پر وِير ٿي ڪرهو ڪاهن ٽا،
منزل جنهن لئه مومل بڻجي تڪي چارا همرچو!
همرچو! ڙي همرچو!
منهنجا مانجهي سدا سگهارا همرچو!
”دودي“ جهڙا ”هوشو“ پارا همرچو!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص: 88)

تاسرڙو

جيئن زماني ۾ سنڌ تي جڏهن ڪنهن غنيم جي چڙهائيءَ جو خطرو پيدا ٿيندو هو، ته سڃاڻ ماڻهو پنهنجي گهر پاتين کي ڪِنجهيءَ جا ٽانوَ مٽي هيڻان رکي سمهڻ لاءِ چوندا هئا. ائين ڪرڻ سان پري کان ڪاهي ايندڙ غنيم جي گهوڙن جو دهڪو

سندن ڪنن تي پوندو. اها خبر جڏهن گهر جي مالڪن کي ڏني ويندي هئي، ته هو هٿيار پهنوار ڪڍي، غنيم سان منهن ڏيڻ لاءِ نڪري پوندا هئا.
تاريخ جي انهيءَ پسمنظر ۾ هي، تاسرڙو تيار ڪيو ويو آهي.
تاسرڙي لوڪ گيت ۾ نياز همايوني نادر شاهه، احمد شاهه ابدالي، مدد خان پٺاڻ ۽ شاهه شجاع جي سنڌ مٿان ڪاهن ۽ راتاهن جي ڪري جيڪا دهشت ۽ ذلت سنڌي ماڻهن سٿي ۽ سنڌ جنهن نموني اجڙي، ان جو نقشو چٽيو آهي. هن گيت ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو جيڪو درد سمايل آهي، اهو نياز همايوني جهڙي درد مند دل رکندڙ شاعر وٽان ئي اسري سگهي ٿو.

تاسرڙو ٿو وڃي!
تاسرڙو ٿو وڃي!
منهنجو هينئڙو ٿو هڇي!
منهنجي سنڌڙي شل بچي!
منهنجي جندڙي شل بچي!
تاسرڙو ٿو وڃي!

ڪوئل وڻ تي ڪوڪي پيئي،
ڪالهه جي آيا نادر ڪيئي،
اڄ به سُجهن ٿا ڏيهه ۾ سيئي،
ڪنڌ ڪٽن جو پڇي،
تاسرڙو ٿو وڃي!

ارڙهين صديءَ جي اُپري ڇاتي،
سچل سڪ جي ڳاني پاتي،
جنگ اچي ابدالیءَ لاتي،
ڪير پاپي سان پُڇي؟
تاسرڙو ٿو وڃي!

چهرن چرڙي پاڳ ڦٽايو،
مدد پٺاڻ نياڳ ٿي آيو،
ويريءَ اهڙو ويل مچايو،
اندر اجا پيو ڇڇي،
تاسرڙو ٿو وڃي!

بگهڙ ته ڪنهن سان ٻيلهه نه ٻيلي،
شاهه شجاع شڪارپور پيلي،

ڪرڙيءَ ۾ اڃا ائلي ائلي،
جابر تنهنجو جنازو ڪڍي!
تاسرڙو ٽو وڃي!
پار درياهون ڪٽڇي ٻولي،
ڪير ويو منهنجي سنڊڙي رولي،
پنهنجي پرائي جي ماريو اولي،
پينگ ٽي ويئي ڪٻي سڃي!
تاسرڙو ٽو وڃي!
جوڳي ٽو در در ناگ نچائي،
اڃا به ڪهڙا ڏينهن آلائي،
ڏسٽا پون هن ماڳ ۾ هائي!
جند جهوريءَ ۾ ٽي جهڃي!
تاسرڙو ٽو وڃي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: ص، 92،91،90)

اُوڙو

ملڪ ۾ ربيع ۽ خريف جي موسم ڏاري، پڪيءَ پوک کي پڪين ۽ جهنگلي جانورن جي نقصان کان بچائڻ لاءِ ٻنيءَ ۾ صليب وانگي ٻه ڪاٺيون ٺاهي جوڙي مٿان ماٿو رکي، ڪاٺين کي پهراڻ پهرائي، ماڻهوءَ جي روپ ۾ اپو ڪري بيهاريو ويندو آهي، ان کي "اوڙو" ڪوٺجي ٿو.)

اُوڙو منهنجو نانءُ
ڏهرو ڏيل ته ڏاڍو ڏانءُ
اُوڙو منهنجو نانءُ
پوک پڪيءَ تي پهرو ڏيان مان،
پري کان پڌري منهنجي هاٺي،
خالي خولي باد مخولي،
منهنجو وِتُ بس ڪپڙو ڪاٺي،
تڏهن به اجگر آهيان آنءُ-
اُوڙو منهنجو نانءُ
اُوڙو منهنجو نانءُ
مون کان ڏهڪي اُمالڪ اُڏري،
جهنگ جي جهرڪي سنگ تان ترڪي،
ڏورؤن ڏسندي منهنجي ڏاڏر،
مرگهه مرون پڻ پون ٽا چرڪي،
مون تي ڪرڪي ڪٻر ۽ ڪانءُ-

اُوڙو منهنجو نانءُ
اُوڙو منهنجو نانءُ
موسم جو جيئن رنگ بدلجي،
متّجي تنهن پر منهنجو ويس،
ربيع ۾ ڪارو، خريف ۾ اڇو،
جهڙي ڏاڙهي، تهڙو ديس،
ٻيو ڪو پنهنجو نانءُ نه ٿانءُ-
اُوڙو منهنجو نانءُ
اُوڙو منهنجو نانءُ
جهڙو منهنجو روپ ادا ڙي،
ماڻهوءَ جو ٻهروپ تيئن ئي،
جهڙي موسم تهڙو ماڻهو،
پڌرو توءِ الوپ تيئن ئي،
ڦاٽل ڪپڑا، ڦاٽل هانءُ-
اُوڙو منهنجو نانءُ
اُوڙو منهنجو نانءُ
اُوڙو منهنجو نانءُ
ڏٻرو ڏيل نه ڏاڍو ڏانءُ
اُوڙو منهنجو نانءُ

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 93 ۽ 94)

اُوڙو، ڪپڙي جي اهڙي بوتي کي چئبو آهي، جيڪو پري کان ماڻهوءَ جهڙو لڳي. حقيقت ۾ اهو رڳو، پکي پوک لاءِ ڪونه ٻڌبو آهي، پر ٻج مهل به استعمال ٿيندو آهي.

هن گيت ۾ رڳو ان کي پکين ۽ جانورن کان بچائڻ جو ڪم ، نه ڏيکاريو ويو آهي، پر وڏو فڪر سمايل آهي. اُوڙو خالي ڪاڻيءَ ۾ ٽنگيل ڪپڙو آهي، پر هُن جو ڪم ڪيڏو وڏو آهي، اوڙي کي ڏسي پکي ۽ جانور ڪيئن ڏکن ۽ چرکن ٿا ۽ پري پڇن ٿا. اُوڙي کي ماڻهوءَ سان پيٽ ڏني ويئي آهي ته جيئن ماڻهو پنهنجو رنگ بدلائي ٿو تيئن، اوڙو به رنگ بدلائي ٿو، ۽ جيئن اوڙي جو ڪپڙو به هنڌان هنڌان ڦاٽي پوندو آهي، تيئن ماڻهو به ڦاٽل ڪپڙن ۽ ڇڇيل هيان سان نظر اچن ٿا. فڪري طرح ماڻهن جي معاشي ۽ معاشرتي حالت جو عڪس به هن لوڪ گيت مان جهلڪي ٿو.

موئرو

مينهن توڙي ڊڳي جو قر مري پوندو آهي ته ان جي کل لاهي، منجهس بُهه يا پلال جو ڪٽو پري، سبي ٿاهي ڦرجي شڪل ۾ آڻي، ان کي مينهن يا ڊڳي جي اوهه سان لائيندا آهن، ته اُها سولائيءَ سان ڪير لاهيندي آهي. ان کي "موئرو" چئبو آهي.

هلي ملي موئرو.....! موئرو ڙي
موئرو.....!
بلي بلي موئرو.....!
موئرو ٽو پڏي ٽڏي-بنا ڪِلي جي بيٺو
ڪڏي.
هلي ملي موئرو.....! موئرو ڙي موئرو...!
بلي بلي موئرو!
ڪير نه ڏائي موئرو-گاهه نه کائي موئرو،
هلي ملي موئرو.....! موئرو ڙي موئرو!
بلي بلي موئرو!
لڳندي لاهي ڪير بلي-مري جيئاري وير بلي!
هلي ملي موئرو.....! موئرو ڙي موئرو!
بلي بلي موئرو!
ماڻهو جيئري ڪم نه اچي، ڇڇ پرائي احمق
نچي!
هلي ملي موئرو.....! موئرو ڙي
موئرو.....!
بلي بلي موئرو!

(دل ۽ ڏرتي جا گيت: 95)

جُهونگارون

(بلوچي لوڪ رنگ جي طرز تي سنڌيءَ ۾ ڪي ٻول)

اُڏريون جو ڪانجان، وجي پهتيون جبل تي،
جهٽ آءُ جاني، وَهي آئي مهل تي!

سائي ڪنڊي ۾، پکيون سگڑيون سونهري،
توکي ڏسڻ لاءِ دل منهنجي اُبهري،

مينهڑا وسن ٿا، مچي مُکڙيون ٽڙن ٽيون،

ڳالهيون تنهنجون منڻ جتي جيڏيون مڙن ٿيون!

ڳيريون اُڏامي، لهي آيون اڳڻ تي،
تنهنجي اُڪندِ ۾، اکيون آتيون روئڻ تي!

اکيون واٽ ويندي ڪيڏا ڏاڙا هڻن ٿيون،
تنهنجون ڳالهيون ڊولڙ مونکي ڏاڍيون وڻن ٿيون!

نيرين جهلن سان بگا ڏاندن جا جوڙا،
متان چرکين پنهل! ڏسي پوکن ۾ اوڙا!

سونو ته پاڻي، ٻيلي چانديءَ جون نسبيون،
سورن ۾ سوريان ويڻي لڙکن جون تسبيون!

لولي جو لولي، لولي لاڙئون گهرايم،
بَنا! توکي وڻان شل! چولو پٽ تي پرايم!

سوني ڦليءَ تي سايون ڳاڙهيون ٽکان ٿي،
تنهنجي نالي تي آهيان، تڏهن توکان لِکان ٿي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 96:97)

هي لوڪ گيت اصل ۾ بلوچي زبان جو پيارو گيت آهي، جنهن کي نياز همايوني نج سنڌي ويس ڏيکايو آهي. هِن ۾ پيار جو شدت سان اظهار به آهي، پاڻ ارپڻ جو پيغام به آهي، ته وڇوڙي جون وايون به آهن، جنهن ڪري هي گيت انتهائي خوبصورت ٿو لڳي.

ابتيون ريکان اپري ويون (لوڪ نظم)

هن لوڪ نظم ۾ نياز همايونيءَ پنهنجي ماروئڙن جي حالتِ زار جي منظر ڪشي ڪئي آهي. هو چوي ٿو ته دنيا لاءِ ڪيڏا به سهنج ٿيا، انهن جون حالتون بدليون، پر منهنجي ماروئڙن کي اهنج ئي پلئه پيا آهن. انهن جي پاڳ جي لڪير ئي ابتي آهي. هيءُ نظم "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ۾ شامل آهي، هي نظم نياز جي انفرادي پيشڪش آهي.

مندان گذري ويون،
ڪونجان اُڏري ويون،

وندر جون سپ وٽون آلاڙي!
پنهنجي وسن مان نڪري ويون،
ڪونجان اُڏري ويون،
مندان گذري ويون.
ڪونجن ڪهندي رڙ تي، رمندڙ ڪرهن وانگ قطار ڪئي،
وڇڙيل مارن مُڙي نه ٻيهر پوئتي ڪابه نهار ڪئي،
ماڳ رسڻ کان اڳ ئي پنهنجي،
مرم جون واٽان وڪري ويون،
مندان گذري ويون،
ڪونجان اُڏري ويون.
مُندن وَر وَر ويس مٽائي، سوڪهڙن ۾ سهنج ڪيا،
مارن مُنجهه مَٽي نه ڪڍهن پي ڏور آڻاوا اهنج ڪيا،
ٻاڳ ٻڙائي ڪيئنءَ جو نرڙ تي،
اُبتيون ريکان اُپري ويون،
ڪونجان اُڏري ويون،
مندان گذري ويون.
ٻُٽيون مڪڙيون جن پاڙيون، تن ماڻيو سڪ نه سڪاڻن جو،
سور مڙيوئي ساهه جو ويري، ڏارين توءِ ڏياڻن جو،
ڏک ۽ ڏمر جي رات نه مُڪي،
ڪيئي باکان مُڪري ويون،
مندان گذري ويون،
ڪونجان اُڏري ويون.
(مهراڻ 2-1990ع،ص-3)

<u>ورلاپ /بابل منهنجي ملڪ ۾</u>

هيءُ لوڪ نظم ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ ۾ ”بابل منهنجي ملڪ ۾“ جي نالي سان چپيل آهي. هتي ”نئين زندگي“ ۾ ”ورلاپ“ جي نالي سان چپيل آهي. هي سنڌ جي ماروئڙن جي ڏکن جي ڪهاڻي آهي. ڪنهن، ڪنهن جا سور ڏسجن، ڪنهن جا سور ڳڻجن، هر ماڻهو سورن ۾ ورتو پيو آهي. نياز همايوني ڪيڏي نه خوبصورتيءَ سان ان جو نقشو چٽيو آهي!

بابل منهنجي ملڪ ۾ منهنجا ماروئڙا ڪيڪاند الا!
آءٌ ڪيئن سارا سور وساري ڪريان ڪبدي راند الا!
ڪالهه ويس جو ماسيءَ گهر ماسيءَ ويڻي سور پٽيا،
ان ته مهانگو پرين سهانگا پائي مريادا ٽي ماند الا!
مامييءَ ڏي ويس ته مامي پاڪر پائي ڇڇي پئي،
ميري منهن تي ڪٽي وڏائين ڦاٽل رليءَ جو پاند الا!
چاچيءَ وٽ ويس ته چاچي حالن ڪان بيحال هئي،
”چئي“ پٽ گهر جا ڏيا وساڻا چاچهين ٽي ويو باند الا!
ڏاڏيءَ ڏي جو لڙيس ته ڏاڏي چنل چپر ڪي ٽي جاچيو،
پنهنجيءَ ۾ پوري هئي نه ڪيڪر جي پي واند آلا!
نانيءَ سان جو مليس ته ناني ڳوڙها ڳاڙي چوڙ لڳي،
ڀڄڙا ڪهڙيون خبرون چارون چور ڪيي ويا ڏاند الا!
ماسڙ ويو هو هر تي نانو ڪوهه تي مامو ڪاٽيءَ تي،
ڏاڏو پنگ تي ڏاند ورائڻ، هيو نه ڪو هيڪاند آلا!
اتان ڦري جو ڳوٺ ۾ آيس ڳوناڻا هئا جهوريءَ ۾،
سپ جي منهن تي سانجهيءَ پاڇا سپڪي سور پلاند آلا!
منهنجو ملڪ ملير الا پر مارئي وئي ته ملير ويو،
آهو ساهو ڪرڻ لڳا اڄ ڪپرن وانگ ڪهاند آلا!

آءٌ اڇيئي ڇورو ڇنو ٻيو گوندر جي گيهاند آلا!
آءٌ ڪينءَ سارا سور وساري ڪريان ڪٻڊي راند آلا!

(ماهنامو نئين زندگي جولاءِ 1962ع ص 52)

هيءُ لوڪ گيت نياز همايوني ئي لکيو آهي. هن گيت ۾ هڪ عورت جي سورن جو داستان آهي، جيڪا شاديءَ کان پوءِ نه گهرجي نه گهاٽ جي جي مجموعي صورت بنيل آهي. سندس پيءَ جي سوني ماڙي آهي پر ان جا دروازا هن لاءِ بند آهن ۽ هُن سان ٻاڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي ٿو اتي به دنگ ڪونهي، هن جو وَر به هن سان سڏو ورتاءُ نٿو ڪري، ته پوءِ هن مٽان سورن جا پهاڙ ڪري پون ٿا ۽ هوءَ اهو آلاپ ڪري ٿي ته هوندي سوندي به آءٌ مٽي اگهاڙي آهيان!

آلا مان مٽي اگهاڙي

منهنجي بابل جي سوني ماڙي،
ماڙيءَ جي در تي تاڙي،
آلا مان مٽي اگهاڙي!
منهنجي آيل جي وڏندڙ واڙي،
واڙي ته وائُن ساڙي!
آلا مان مٽي اگهاڙي!
منهنجي بابل جي ٻولي ٻاڙي،
ٻاڙيءَ ته اک به نه لاڙي،
آلا مان مٽي اگهاڙي!
منهنجي دادل جي دِهه ۾ آڙي،
آڙيءَ جو گهر تڙ ناڙي!
آلا مان مٽي اگهاڙي!
منهنجي سانول جي پرون ته جاڙي،
جاڙيءَ نه ڪا پت پاڙي،
آلا مان مٽي اگهاڙي!
آلا مان مٽي اگهاڙي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت ص: 64)

ٻاگهيءَ

هي لوڪ گيت ٻاگهيءَ جي علامتي نالي سان هر عورت جو گيت آهي. جيڪو نياز همايونيءَ جي نئين ڪاوش آهي. هن نالي سان ڪنهن به ڪتاب ۾ گيت ڪونهي. هي گيت ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ ۾ شامل آهي.

هن لوڪ گيت ۾ ان نوجوان، سونهن جي پيڪر ۽ ٻهراڙيءَ جي عورت جي حسن جو نقشو چٽيل آهي، جيڪا ٻنين ۾ ڪم به ڪري ٿي ۽ ڪوهه تان پاڻي به پري ٿي. هر عمل ۾ هن جي سونهن ۾ هيڪاري وڌيڪ نکار اچي ٿو ۽ هر نوجوان هُن لاءِ اکيون

وڃائي ٿو ۽ هن کي پنهنجي دڪ هي راڻي سمجهي ٿو، ايستائين جو واهه جي گهيڙ تي وجي ٿي ته پاڻي به ان جا پير چمي ٿو ۽ پيار مان کيڪاري ٿو.

دلو کڻي جو ٻانهن ورائي ٻانهينءَ واري ٻاگهي،
دل وئي، ڇڻ ڪنهن کوهه تي وهنجي ڦٽي وساري، ٻاگهي!
ٻاگهي هو ٻاگهي!
بولو پائيءَ جو نؤ ورني ٻنيءَ تي آئي، ٻاگهي!
اکڙين ڇرڪي تارن وانگي ننڊ ڦٽائي، ٻاگهي!
ٻاگهي هو ٻاگهي!
سينڊ سنواري ساهيڙيءَ جو مرڪي نهاريو، ٻاگهي!
کيرو ٿي ڪنهن کير جو وٽو پٽ تي هاريو، ٻاگهي!
ٻاگهي هو ٻاگهي!
ٽڏڙا ساهه ڀري جو ڪنواريءَ ڪانگ اڏايا، ٻاگهي!
هڏڪيءَ سان ڪنهن ديس تي گاڏي ڏاند ڏکايا، ٻاگهي!
ٻاگهي او ٻاگهي!
مکي مُساک جو هلڻ لڳي ڪا اجرڪ پائي، ٻاگهي!
واڻ متي ڪي ويڻا راوت اکيون وڃائي، ٻاگهي!
ٻاگهي او ٻاگهي!
ميندي‌ءَ لاءِ لوڏ ڪري جو هلي سهاڳڻ، ٻاگهي!
”لهرين لک لباس“ وساريا واءُ ڇڏيا وڻ، ٻاگهي!
ٻاگهي او ٻاگهي!
گهگهري سان جو گهيڙ تي آئي ڪنگڻ واري، ٻاگهي!
پاڻي ان جا پير چميا ڇئي، ”جيءُ پياري“، ٻاگهي!
ٻاگهي او ٻاگهي!

(نئين زندگي مئي 1962ع ص: 44)

جهونگار

”جهونگار“ اُنن جي مشڪل ۽ مشقت واري حياتيءَ تي لکيل لوڪ نظم آهي، ان ۾ اهو ڄاڻايل آهي ته اٺ ٽر، بر، ڏونگر، مطلب ته هر ڏکي جڳهه تي اسان کي پهچائن ٿا پر سندن حياتي ڏاڍي ڏکي گذري ٿي. هيءُ نظم نياز جو ئي لکيل آهي، ٻئي ڪنهن به شاعر ڪونه لکيو آهي. هيءُ نظم ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ ۾ شامل ڪونهي.

اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!

واڱ وسيلي پنڌ هٽن ٿا، باک ڦٽيءَ کان سانجهي،
جيئڻ جي ڪارڻ؛ مشڪل جا مانجهي،
نڪ ۾ ناڪيلي جنڪي ۽ پيٽ ۾ لاٽيون لامان،
بار جبل جا سر تي پاري رستا ڪاٽيون ڪامان،
بر ۾ رات پوين ٽي جاڳي ناهي پاڻي ڪانجهي،
واڱ وسيلي پنڌ هٽن ٿا، باک ڦٽيءَ کان سانجهي،
اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!
ڪاڪ رسائين ڪيئي راڻا تن من واري ٽاري،
ڪيچ پڃائن ڪيئي پنهونڙا پاڻڪي ڳاري ماري،
سڪ جا سونهان ڪين ٽين ٿا ڇڏڪي ڇم ڪان وانجهي،
واڱ وسيلي پنڌ هٽن ٿا، باک ڦٽيءَ کان سانجهي،
اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!
ماڻهن ليکي مست ۽ مهري انڙا مورن جهڙا،
پنهنجي ليکي ڏونگر ڏاريا، نار ۾ ڊورن جهڙا،
عمر الا! ويچارن جي ٽي گذري ڏاڍي لانجهي،
واڱ وسيلي پنڌ هٽن ٿا، باک ڦٽيءَ کان سانجهي،
اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!
ڪوڏ ۽ ڪاوا جهلن ڪجاون تي جرڪن جنڪي،
لوڪ ٽو سمجهي سڪيو ستابو وٽڪارن جان تنڪي،
ٻاهر جا سپ ڏيل ٽي جاني اندر آهن آنجهي،
واڱ وسيلي پنڌ هٽن ٿا، باک ڦٽيءَ کان سانجهي،
اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!
اُنڙا منهنجا منزل جا مانجهي!

نياز همايونيءَ جي لوڪ گيتن جي اپياس مان اسان کي پتو پوي ٿو ته، هو نه صرف سونهن جو جلوو پسائي ٿو، پر محبوب کي سراپا سونهن بنائي ٿو ڇڏي. ان ڪانسواءِ سندس لوڪ شاعريءَ ۾ ڏرتيءَ سان پيار، ڏرتيءَ تي ڏارين جي ڪاهن ۽ راتاهن جو اثرائتو اظهار، تاريخ ۽ تهذيب جي اپٽار، ڏرتيءَ جي جانبازن کي همٿائڻ نج ٻهراڙيءَ جي ٻوليءَ جو سهڻو، تشبيهن ۽ استعارن سان آراسته استعمال، اهي سپ خوبيون سندس لوڪ شاعريءَ کي حسن بخشين ٿيون. هو لوليءَ ۾ به سنڌ ۽ سنڌي نوجوانن جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ انهن نوجوانن کي آسرن ۽ اميدن جو اهڃاڻ ٿو سڏي، ”تاسرڙو ٿو وڃي“ ۾ نادر شاهه کان وٺي شاهه شجاع تائين سنڌ تي ٽيل

ڪاهن جو ذڪر ٿو ڪري. هن جو جمالو به ”سنڌڙيءَ سان آهي“، هو ”موري“ ۾ به ”جيئم جيجل سنڌ“ ٿو چوي. مطلب ته سنڌڙي سندس جندڙي آهي. ان سان محبت جي اظهار لاءِ هن کي شاعريءَ جي ڪابه صنف روڪي نٿي سگهي.

نياز جي لوڪ شاعريءَ ۾ نه رڳو قومي فڪر، پر حسن ۽ جمال، نفاست ۽ لطافت جي دلڪشي، ڪيف ۽ سرمستي، ڏکن، ڏولاون، ڏوجهرن جو پرپور اظهار، فطرت جي منظر نگاري ۽ محبوب جي ناز و ادا جو خوبصورت اظهار آهي، جيڪو ڪيس هم عصر شاعرن ۾ منفرد مقام بخشي ٿو.

9.مزاحيه ۽ اصلاحي شاعري

مزاح ظرافت ۽ ان ۾ سمايل ناصحانه نڪتا، ادب جو حصو آهن. مزاح جي حِس هر ماڻهوءَ جي سرشٽ ۾ شامل هوندي آهي. مزاح جي حِس وارو شخص، عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ تخليقي، وڌيڪ ڏاهو، وڌيڪ داناءُ، وڌيڪ مسئلن کي سمجهندڙ ۽ وڌيڪ سماج تي نظر رکندڙ هوندو آهي. مزاحيه حِس رکندڙ ماڻهو پنهنجا ڏک، درد، تڪليفون سيني ۾ سانڍي، منهن تي مرڪون سجائي، ٻين ڏکويل ماڻهن کي ڪجهه گهڙين لاءِ ڏکن جي دوزخ مان ٻاهر ڪڍي، ڪِل خوشي ۽ ٺهڪن جي جنت ۾ وڃي ويندو آهي.

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ لکي ٿو:

”قومي شاعريءَ جي سلسلي ۾ غلام احمد نظامي مرحوم جو نالو به نمايان نظر اچي ٿو. هن مسلمانن جي سڃاڻپءَ لاءِ ۽ پاڪستاني تحريڪ جي پٺپرائيءَ ۾ ڪيترائي نظم لکيا. اقبال جي نظمن جا ڪيترائي ترجما ڪيائين سندس ڪلام جا ٻه مجموعا ”بياض نظامي“ ۽ ”رياض نظامي“ شايع ٿيل آهن. انهن کانسواءِ ٻين به ڪيترن ئي شاعرن قومي ۽ اصلاحي شعر چيو آهي. انهن مان محمد بخش واصف مرحوم، آغا غلام نبي صوفي، مرحوم جمع خان غريب، حاجي محمود خادم، لطف الله بدوي مرحوم، مولا بخش مسڪين، قادر بخش بشير مرحوم، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، حافظ محمد احسن چنه، هوند راج دڪايل ۽ڪيئلداس فانيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. مسلمان شاعرن آزاديءَ جو جوش ۽ جذبو به پيدا ڪيو، ته مسلمانن ۾ قومي شعور به بيدار ڪيو.“ (90)

محمد عثمان ڏيپلائي مزاحيه ناٽڪن ۽ مزاحيه ڪالمن سان گڏ ڪيترا مزاحيه شعر به لکيا.

قاضي عرس لنواريءَ واري ۽ مولوي حاجي احمد ملاح جا مزاحيه شعر به مشهور آهن. مولانا حاجي احمد ملاح جو نظم ”واهه ماني مير جي“ هڪ شاهڪار نظم آهي.

انهن کان سواءِ قلب علي ’ٽڪلو‘ ۽ نور عباسي مزاح جا ٻه اهم شاعر هئا، جن کي وڏي شهرت ملي. رشيد پٽي، نثار بزمي، سرويچ سجاولي، پاهوڙو مورائي، لطيف بديٽوي، معمور يوسفاڻي، پرواز پٽي ۽ فتح علي ’حليم‘ به مزاحيه شاعري ڪئي آهي.

رند ڪيفي، هڪ اهڙو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جديد دؤر جي سمورن وڏن شاعرن جي نالن ۽ ڪلام جون پيروڊيون شعر به لکيون آهن.

اهڙيءَ طرح طنزيه مزاحيه شاعريءَ ۾ غلام رسول سومري ’سودائي‘ جو به وڏو مقام آهي. سندس مزاحيه شاعريءَ جا ٽي مجموعا ”ٽاڪوڙا“، ”چهنڀڙيون“ ۽ ”تنهنجا ڏاڍ، منهنجي ماڻ“ ڇپيل آهن.

ان کان سواءِ سگهڑن ۽ مسخرن جي مزاحيه منظوم شاعريءَ به اسان جي لوڪ ادب جو وڏو اساسو آهي. محمد فقير، قاضي الهورايو ۽ ٻيا ان لحاظ کان گهڻو مشهور آهن.

<u>نياز هُمايونيءَ جي مزاحيه شاعري:</u>

سنڌ جي جديد شاعرن مان سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي برڪ نمائندي شاعر، نياز همايونيءَ جي طنز مزاح تي ٻڌل ڪلام، پنهنجي دؤر ۾ وڏي مقبوليت ماڻي هئي.

نياز سڌ ۽ ستر وارن ڏهاڪن ۾ روزاني ”عبرت“ ۾ ”نظري خوش گذري“ ڪالم هيڊ ۽ ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ پيغام رسالي ۾ ”يادين جا جزيرا“ جي عنوان سان تنقيدي، اصلاحي ۽ مزاحيه ڪالم لکيا هئا. هن روزاني ”هلال پاڪستان“ ۾ جڏهن سراج ميمڻ ايڊيٽر هو، ڪيتري ئي مزاحيه شاعري ڇپائي هئي.

تاج جويو لکي ٿو: ”نياز همايوني جي مزاحيه شاعريءَ ۾ ڪيترائي نظم شامل آهن، جن ۾ هن سماج تي، ’تعميري تنقيد‘ جا نشتر هلايا آهن. نياز جو ڪمال اهو آهي ته هن سنجيدي شاعريءَ وانگر، مزاحيه شاعريءَ ۾ به تشبيهن ۽ استعارن جو خوبصورت استعمال ڪيو آهي، جنهن کي پڙهي معلوم ٿئي ٿو ته سندس مصورانه نگاهه جو ڪينواس ڪيڏو وسيع آهي ۽ سندس ٻوليءَ تي گرفت ڪيڏي نه مضبوط آهي.“[91]

نياز همايوني بقول: ”شاعر کي قوم جي هر ماڻهوءَ سان محبت رکڻي آهي. هنکي جيئن چگن جون چگايون واکاڻي وڌيڪ چگيون ڳالهيون پيدا ڪرائڻيون آهن، تيئن مندن جون مدايون نندي، انهن کي به سنئين راهه تي آڻڻو آهي. شاعر جتي سچارن جي پنڌرائي ٿو ڪري، اتي هن کي غدارن جي سڌارڻ جي به ڪوشش ڪرڻ کپي، چاڪاڻ ته هو پوري قوم جو شاعر آهي.“ هتي آئون شيڪسپيئر جو مثال ڏيندس، جنهن چيو هو: انگلينڊ! مان تنهنجي غدارن سان به پيار ڪريان ٿو! شاهه عبداللطيف به چيو هو: جيهاڪي تيها، مون مارو مجيا! دراصل قوم سان دوستيءَ ۾ شاعر کي وفادار رهڻ گهرجي.“ [92]

نياز همايونيءَ جي مزاحيه ۽ اصلاحي شاعريءَ مان ڪجهه هيڊ پيش ڪجي ٿو:

هنن جو اهو ڏوهه آهي ته بي ڏوهه بڌجي زماني ۾
جيئندا رهن ٿا،

پلائيءَ جو بدلو برائي ملي ته به ڪلي خوش ٿي
سپڪجهه ڇڏيندا رهن ٿا،
سنڌو ناهه رهبر ۽ رهزن ۾ ڪوئي، هي مڙنيءَ ڪي
مُهت ڏيندا رهن ٿا.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 220)

نياز همايوني هنن ستن ۾ مارن جي اصلاح جي ڳالهه ڪري ٿو گناهه گار اهو آهي، جيڪو چگا ڪم ڪري ٿو پر پلي انهيءَ کي خراب بدلو ملي ته به پلائي ڪريو. پنهنجي وطن سان جيڪي پلائي ڪن ٿا، انهن جي تعريف ٿو ڪري پر جيڪي برائي ڪن، انهن کي سڌي رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

تو ڪيا مات جي معصوم اويڙن ۾ ڪنارن جي بهاني،
تو ڪيا روح جي مجروح، انڌيرن ۾ سهارن جي بهاني،
تن جو آواز اسان، عڪس اسان، جذبو ۽ اظهار اسان
ئي،
پوئواري ٿا ڪريون تن جي، پڪارن ۽ پچارن جي بهاني،
ختم ٿيندو نه خدائي ۾ اسان جو اهو ڪردار زمانا!
اي خبردار زمانا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 257)

نياز هنن ستن ۾ چوي ٿو ڊپلوميسي ڪندڙ ماڻهن کي، ته معصومن سان دغا ٿا ڪريو مددگار ٿي، انهن بيگناهن کي خبر ئي نه آهي ته زماني جا ماڻهو ڪيئن ٿا لٽ مار ڪن پر اسين انهن جو آواز آهيون دنيا ۾ اسان جو ڪردار ختم نه ٿيندو، اسان جو ڪردار ياد رهندو. هن شعر جي هي ڪڙي آهي:

مطلب جا معبود نپايا، ماڻهن پنهنجي اندر ۾،
هر ڪو ويٺو پاڻ کي پوڄي، مسجد توڙي مندر
۾.

(دل ۽ ڏرتي جا گيت: 256)

نياز ماڻهن جي اصلاح ڪندي چوي ٿو، مسجد هجي يا مندر پر هر هنڌ نڱي ڪرڻ لاءِ ماڻهو تيار ويٺا آهن. هيٺين ستن ۾ سچل سائينءَ کي چوي ٿو:

ماڻهن ۾ نه شناس رهي، جو تنهنجي سچائي
ڪن موجود،
تنهنجو نعرو حق موجود ته اڄ جو نعرو ڏن
موجود!

نياز سچوءَ کي چوي ٿو ته تنهنجو نعرو آهي حق ۽ هر هنڌ الله پاڪ موجود آهي، اڄ دنيا ۾ نعرو آهي دولت هجي پلي کهڙو به ڪم ڪري پر دولت حاصل ڪجي.

وري هن شعر جو بند ڏسو:

هڪڙي انسان جا هزارين روپ ٿا ٿيندا رهن،
جنهن جا ڪيئي ڏونگ ٿا پردي پٺيان رچندا رهن،

جنهن جا ڪيئي پول ٿا پردي اڳيان ڪلندا رهن،
هڪڙي انسان جا هزارين روپ ٿا ٽيندا رهن.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 271)

نياز زماني جي ماڻهن جي اصلاح هينئن ٿو ڪري: هڪڙو ئي ماڻهو پنهنجا ڪيترائي رنگ ٿو ڪري، جيڪي لڪي ڇپي غلط ڪم ٿو ڪري نيٺ ته اهي ظاهر ٿيو پون ٿا ۽ ماڻهن اڳيان اهي راز کلي پون ٿا ۽ بدڪاري ظاهر ٿيو پوي.
هي شاعريءَ مٿين شاعريءَ جي ڪڙي آهي:

چوريون ڪرٽيون پون ٽيون، خون ڪرٽا ٿا پون،
عزتون لٽيون پون ٽيون، ڪوڙ هٽٽا ٿا پون،
ناحقيءَ سان حق ٻين جا پاڻ ڪٽٽا ٿا پون،
آنت جي بيهودگيءَ سان، نٽ رکٽا ٿا پون،
جو گذر آيد، انهيءَ کي نيڪ ٿو چوٽو پوي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 272)

نياز همايوني هن شعر ۾ ماڻهن جون ڪهڙيون نه لاکون لاٽيون آهن ۽ هر برائيءَ کي ظاهر ڪيو آهي ۽ ماڻهن جي بري ڪمن تان پردو لاٽو آهي ۽ بري کي وڏي جرئت سان برو چوي ٿو.
هاڻي هي شعر ڏسو:

بادشاهه بڻجي ڪڏهن چهرن جان چيٽا ٿا چڙيون،
يا گداگر ٿي ڪري، ڪڏڻ جان تاڙيون ٿا دڙيون،
مذهبي اڳواڻ ٿي، ڊاڪن جان ڏاڙا ٿا هڻون،
فيلسوفي ڍنگ سان، ماڻهن جا ڪنڌا ٿا ڪٽون.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 272)

نياز همايوني پنهنجي قوم تي طنز ڪندي چوي ٿو ته، اسين حڪران ٿي چهرن پکين وانگي رڳو ٿا غلط ڪم ڪريون، يا گدڙ جانور وانگر بيوقوف ٿي رڳو سڌڙ يا ٿا ٽيون،
يا ته ملان ٿي چورن جيئان ماڻهن کي ٿا ڦُريون يا ڊگهيون تقريرون ڪري عوام سان ڍونگ ڪري، انهن کي برباد ٿا ڪريون. نياز ڪيڏي نه مخلصيءَ سان قوم جي اصلاح ڪئي آهي ۽ برائيءَ کي نندیو آهي.
هي بند ڏسو:

ڪين ٿو گُهرجي اسان کي هئن نِدورن جو جيئڻ!
جڙ ته قيديءَ جي حياتي، جڙ ته چورن جو جيئڻ!
پاڻ کي گهرجي ٿو موجن ساڻ مورن جو جيئڻ!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 268)

نياز ڪيڏي نه ڪاريگريءَ سان ڇيئڙ جي صلاح ڏني آهي ته اسان ڪنهن جا غلام نه ٿي رهون. اسان کي سياڻن وانگر چگائيءَ سان رهڻ گهرجي ۽ برائيءَ کان پاسو ڪجي. مور پکي وانگر سهڻو ٿي جيئڻ ڪپي.

هي بند ڏسو:

ڇهل جي هوندي چئون ٿا، علم وارا آهيون،
فاسق ۽ فاجر ته پي ڇڻ زهد وارا آهيون،
آدميت کان پري، الله وارا آهيون،
مانُ پئسي جو به ناهي، شان وارا آهيون،
گهر ۾ داڻو ڪين گهوڙو زين ٿو رکڻو پوي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:273)

نياز همايوني ماڻهن کي هٿ ۽ وڏائيءَ تي طنز ڪندي چوي ٿو ته، ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي پرواهه نه آهي ۽ نه ڪو علم آهي پر پاڻ کي سپني کان مٿاهون ٿو سڏي. نه خدا تعاليٰ جي خبر آهي پر پاڻ کي ايمان وارو ٿو چوي. پاڻ کي سپني کان وڌيڪ عزت وارو ٿو سمجهي:

زندگي! تون دل نه لاهج، وقت سو پي اچڻو آهه،
جنهن ۾ ڪنهن کي هئن نه ٿي مردار بي مئي آهه،
مرڻو
ڏيل جو ڏيکاءُ جو آهي سندس ڪنڌ پيڇڻو آهه،
ڪيستائين ذهن جو قيدي ٿي ڪنهن کي رهڻو آهه،
زندگي! تنهنجو سبق ٿو موت کان ونڊو پوي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 274)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ زندگيءَ جي دک درد ۽ رنگ ۽ ڍنگ سان گڏ، قوم ۽ وطن جي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ آهي. ان جي ماضي، حال ۽ مستقبل کي اهڙيءَ طرح بلندي کان ونڊي هيڻاهينءَ تائين اجاگر ڪندو رهيو آهي. سندس شاعري اسان جي زندگيءَ لاءِ صحيح عڪاسيءَ جو رتبو رکي ٿي، انهي عڪاسيءَ ۾ انفرادي، اجتماعي، ذهني، ۽ جذباتي زندگيءَ جا سمورا نقش بلڪل پڏرا نظر اچي رهيا آهن.

جيجل ٿي چويس او جاني پٽ! تون مانيءَ لاءِ ٿو مرڻ گهرين،
بک بڇڙو ٽول بلاشڪ پر، ديوانو چو ٿيڻ ٿو گهرين؟
ڪو خير ته گهر! هن ڀيڙيءَ کي، ڪئن ايڏو ڏنجهه ڏيڻ ٿو گهرين!
وچ ٽاندو آڻي ڏينم ڪٽان، ڇڏ ڪِر ڪِر جا به ڪرڻ ٿو گهرين!

جو مانيءَ لاءِ مرڻ ٿو گهري، سو گهٽ ٿو پنهنجو مان ڪري،
دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل، اڳواٽ پيو انسان ڪري!

پوءِ دوزخ جو در ورتائين، جئن دل ۾ يارَ خيال ڪَيو،
اُت ويڻل هو جو داروغو، هِن تنهن جي اڳيان هي سوال ڪيو،
”ڪٽ! خير ڏٽيءَ لڳ ٽانڊي جو، ڏاڍو ٽانڊي ٻائيتال ڪيو.“

هن جاچيو خوب وتائي ڪي، جنهن پنهنجو هيڻو حال ڪيو،
ڪجهه مُرڪي دِل ۾ چوڻ لڳو، لاحول پڙهي سبحان ڪري؛
دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل، اڳواٽ پيو انسان ڪري!

اُتان وَرندي وتايو سوچي ٿو، انسان وڏي ڪا چِپَ آهي،
شيطان ته هوندو رِپَ تي رِپَ، هي ان جي مٿان ٻي رِپَ آهي،
دوزخ جو به ٻارڻ پاڻ بَلي! جڙ چؤ ته ڪِڙ ۽ ڪِپَ آهي،
پوءِ اونهائيءَ ۾ مانو ٿيو، ڪو پاينئين سمنڊ جي سِپَ آهي؛
اڙي واهه ڙي پيچي واهه پلا، تون هاڙهي وڏا حيران ڪري!
دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل، اڳواٽ پيو انسان ڪري!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 42، 43 ۽ 44)

هيءُ نظم ”دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل“ جي عنوان سان آهي. هن نظم ۾ نياز همايونيءَ وتائي فقير ۽ سندس ماءُ جو ٽانڊي ڪٽڻ وارو نقل بيان ڪيو آهي. ڪٽان به ٽانڊو نه ملڻ کان پوءِ وتائي کي دوزخ مان ٽانڊو ڪٽي اڇڻ لاءِ چيو وڃي ٿو، جتي دوزخ جو داروغو چويس ٿو ته دوزخ ۾ ٽانڊو ٽڻي ئي ڪونه، هر ڪو پنهنجو ٽانڊو پاڻ سان گڏ ڪٽي اچي ٿو. ان ڳالهه کان پوءِ اهو درويش اچرج ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ سوچي ٿو ته انسان شيطان کان به زور آهي ۽ پنهنجي اعمالن جي باهه ئي پاڻ سان گڏ ڪٽي دوزخ ۾ وڃي ٿو ۽ ڪِڙ ۽ ڪپ وانگر ان ۾ سڙي ٿو.

تازو هڪڙي شهر ۾ گڏجي پبلڪ هڪ اجلاسُ ڪري،

چيو ته افسوس آهي، حڪومت نه ٿي ڪوئي احساس
ڪري،
اسان کي روليو ڪامورن، وئي رشوت ستيا ناس
ڪري،
آخر ٿي يڪراء سين؛ ٺهراءُ ڇڏيو هڪ پاس ڪري،
جنهن تي تاڙيون وڄيون ائن ڇڻ طبل وڄا تاجاڻن جا،
چورن نعرا هنيا اِئين ڇڻ ٻڪر هئا ٻاٻاڻن جا!

تنهن ڪري هي ٺهراءُ ڪجي ٿو، پيش تمام رعايت
سان،
جو ٿي وڃي منظور بنا ڪنهن غور جي خاص عنايت
سان،
”رشوت جي ٿئي حد مقرر، سالياني جي آهت سان،
هر ڪو حجامن وانگي اُڃاڙي، پنهنجو اجورو مدت سان،
اُنهي نموني ’ڪلان پيران‘ جو خير ٿي ويندو منڻن ۾،
ڪونه ڪندو ڪامورو ڪِر ڪِر عام نه پوندا منڻن ۾!“

ڏسو ته پوءِ ٿا نڪرن پيا ڪئن ڪاغذ ميز جي خانن
مان،
مشين ذريعي ڪُڪڑ جا ٻچڑا، نڪري اچن جئن آنن
مان،
ڪم ڪارين جا ڪم لهندا ائين، صاحب مان ۽ خانن
مان،
مارشل لا ۽ چَرس مليو جيئن، داتا جي تهخانن مان،
رشوت ٿي جي آهت تي ته ڪرپشن جو نه سوال
رهي،
پبلڪ پي بي فڪر ٿئي، ڪامورو پي خوشحال رهي!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل : 51، 52)

هن نظم ۾ رشوت واري نظام تي طنز ڪئي ويئي آهي ۽ ان نظام جا چوڏا لاٿا ويا آهن. ”رشوت جي آهت“ جي عنوان سان هن نظم ۾ چيو ويو آهي، ته ماڻهن رشوت کان تنگ اچي هڪ ميٽنگ ڪئي ۽ ٺهراءُ پاس ڪيو ته، رشوت لاءِ آهت مقرر ڪئي وڃي جيئن: ڪنپارن، لوهارن، وڍن، حجامن سان ۽ ٻيڙيءَ وارن سان آن يا پئسن جي صورت ۾ مقرر ٽيل هوندي آهي. ان سان آفيسر به سولا ۽ ماڻهو به سولا!

ڪم جا فائل يا ڪاغذ ميز جي خانن مان ايئن تيزيءَ سان نڪرندا، جيئن ڪڪڑ جا ٻچا مشين ذريعي ڦٽندا آهن، يا جيئن ايوبي مارشلا دوران لڪل چرس داتا درٻار لاهور مان نڪرندو هو.

ماڻهو آهن ڦڑٻا گهرٽا، جنڊ جي مڪڑيءَ وانگي،
جاڏي ڦير ته تاڏي پورا، ٻار جي لغڑيءَ وانگي،
تڏهين ته آلا سُڪا سَڑن ٽا، لئيءَ جي لڪڑيءَ
وانگي،
هيءَ پي دنيا داري آ!
واهه جي دنيا داري آ!
هرڪو ٽو چئي پاڇل آهين، چا لئي شور مچائين
ٽو؟
’يار نياز‘ ڏيان ته ڪر! ڪِئن دنيا ساڻ ڦٽائين ٽو،
دنيا کي چڏ پنهنجو ڪر، چو ناحق وقت وڃائين
ٽو!
هيءَ پي دنيا داري آ!
واهه جي دنيا داري آ!

هيءُ نظم ”هي پي دنيا داري آهي“ جا ٽي بند آهن، هن نظم ۾ نياز ماڻهن جي ابتن فعلن جو ذڪر ڪري ٽو، ۽ چوي ٽو ته: ”ماڻهو ڪوڙ، مڪر، فريب، ارهه زورائي، ظلم ۽ ٻين شيطاني ڪمن کي دنيا داري جو نالو ٽو ڏي، هن جا اهڙا ڪرتوت آهن جو شيطان کي به شرم اچي ٽو، پر هن کي شرم نٿو اچي، جيڪو انهن کي انهن ڪڏن ڪمن کان روڪي ٽو، ته ان کي چون ٽا ته چريو آهين، اهڙيءَ طرح نياز طنز ۾ اصلاح جي ڇالهه ٽو ڪري.

ڪنهن جو مُنهن آ مسجد ڏي ۽ ڏِيان پرائي ڏن ڏي،
ڪو ٽو پنهنجا عيب لڪائي، پٽ مان ٻئي ڏي ڪن ڏي،
ڪو ٽو ڪوڙ تي سندرو ٻڌي ۽ ڪو ٽو سچ کي ٻن ڏي،
کي ٽا ممڻ مچائن، ڪو ٽو ڪلجگ آڻي ڪن ڏي،
تتيءَ ٽڏيءَ پيا ويل وهائن، هي پي ماڻهو آهن!
هي پي ماڻهو آهن سائين، ڪهڑا ماڻهو آهن!

رِلي ڪلهي تي ماني راڄ تي، پٽڪن پيا در در تي،
ڪيپَ ڪٽي جِڙ آيا سدورا، پَريون ٻڌائي گهر تي،
مفت جي مالَ تي دل بي رحم ۽ ڏاڪ پرائي تر تي،
ڏُونڊِ پڻيان ائين ديوانا جِڙ ڪنگن ڪاهيو چَرَ تي؛

ته به ٽا گامڙ خان سڏائن، هي پي ماڻهو آهن!
هي پي ماڻهو آهن سائين، کهڙا ماڻهو آهن!

کي ٽا ڪن جو لڇون لُٽائن، هي پي ماڻهو آهن،
کي ٽا ڪن جون متيون منجهائن، هي پي ماڻهو آهن،
کي ٽا ڪن جا حق ڦهائن، هي پي ماڻهو آهن،
کي ٽا ظلم سان عدل ڪمائن، هي پي ماڻهو آهن،
پاڻ کي ٽا شيطان بنائن، هي پي ماڻهو آهن!
هي پي ماڻهو آهن سائين، کهڙا ماڻهو آهن!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 69ع 70)

هن نظم "هي پي ماڻهو آهن" ۾ نياز ماڻهن جي ڏونگ جي طنز ۾ ڳالهه ٽو ڪري، هو چوي ٽو ته گهٽا ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي دنيا تي دين ٽا مٽائن، منهن ته مسجد ڏانهن اٿن پر ڏيان سچو پرائي ڏن تي اٿن! رڳو ٺڳيءَ جي ٺاهن تي زور اٿن. وجهه ملندئي ٻين کي ابتيون ڪاتيون وهائڻ ۾ دير نه ڪندا آهن. جيڪي سچ ڳالهائن ٽا ۽ نيڪيءَ جو رستو ٻڌائن ٽا، انهن تي ساري جڳ جي لعنت، ملامت ۽ تهمت وسي ٽي ۽ جيڪي حرفت سان، چالاڪيءَ سان گذارين ٽا، انهن لاءِ ئي ماڻهن جي محبت ۽ رغبت آهي. اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي پنهنجي غلطي هوندي به ٻين تي ڪاوڙبا آهن. ڪجهه ماڻهو اهڙا به آهن جن جي رلي ڪلهي تي ماني راڄ تي هوندي آهي، ۽ مفت جي مال تي پيا لوس لوس ڪندا آهن، ته به پاڻ کي گامڙ خان پيا سڏيندا آهن.

نياز چوي ٽو ته جيڪي ٻين جو لڇون لُٽائن، ماڻهن جون متيون منجهائن، حق ڦهائن ۽ ظلم روا رکي پاڻ کي شيطان بنائن، خبر نٿي پوي ته اهي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن، اهي پاڻ کي ماڻهو سڏائڻ جي لائق به آهن يا نه.

ئي نظم به ڏسو:

هو ٽو فرمائي ته سوشلزم نه ٽي،
مفلسيءَ جي زخم جي مرهم نه ٽي،
پل غريبي ملڪ ۾ وڌندي رهي،
سامراجيت ڏٽو ڏيندي رهي،
پير صاحب پالشيءَ جي شوق ۾،
جڙ ته موٽو مالشيءَ جي شوق ۾،
حق پير صاحب.....!
حق پير صاحب.....!
پير ٽو هاڃا هڻي، هڻندو رهي،
پنهنجا ڪنڌا پل ته هيننئن ڪٽندو رهي،
پيٽ ڪارڻ ٽا مڙئي رولا ٽين،

پاڳ ڈي پيڙو ته ڪم سولا ٿين،
پير صاحب لاٽريءَ جي شوق ۾،
ڇڻ ته ملان تانهريءَ جي شوق ۾،
حق پير صاحب.....!
حق پير صاحب.....!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 75)

هيءَ طنزيه ۽ مزاحيه نظم ”پير صاحب ليڊريءَ جي شوق ۾“ نياز همايوني، مجاز مخولپوريءَ جي نالي سان روزانه هلال پاڪستان ۾ لکيو هئو، جنهن ۾ نقلي پير جي کل لاٿي اٽس. هو مزاحيه انداز ۾ چوي ٿو ته پير صاحب کي ليڊريءَ جو اهڙو شوق آهي، جهڙوڪ باگڙيءَ کي ڏيڏريءَ جو. پير صاحب فون به هٽائي، ڪار به هٽ ڪئي پر هاڻي ٽيليويزن جي ضرورت آهي، اهو به جيڪڏهن مفت ۾ ملي وڃي ته پوءِ پيڙو پار آهي. هاڻي پير صاحب چوي ٿو ته منهنجي پيريءَ مريديءَ مان پورت ڪونه ٿي ٽئي، ان ڪري مونکي سياست ڪرڻي آهي. نياز ان جي ”نوري مشڪري“ سان پيٽ ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته پير صاحب هاڻي ’فشري پالٽي‘ (فشري پارٽي) ٺاهيندو، جيڪا ڏيڊ چانور جو پلاءُ هوندي. هن جو هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد هوندو ۽ لاڙڪاڻي ڏانهن مُنهن ئي ڪونه ڪندو. پير صاحب پالٽيءَ جي شوق ۾ ائين آهي جيئن گهوڙو داڻو ڏسي بالٽيءَ ڏانهن ورندو آهي. هو سوشلزم ڏانهن نٿو وري، پر سامراجيت سان هن جو لاڙو آهي ۽ چاهي ٿو ته پل ملڪ ۾ غربت وڌندي رهي. هن کي عورت جو ايترو شوق آهي، جيترو ٻکري کي مگ ڦريءَ جو شوق آهي. هو پيٽ پيٽ ڪري هاڃا پيو هٽي، پير صاحب کي لاٽريءَ جو ايترو شوق آهي جيترو ملان کي تانهريءَ جو!

<u>فقير ٿو هيئن بيان ڪري!</u>

هن نظم ۾ وڏيرن ۽ اسيمبليءَ ميمبرن جي ڪُڌن ڪمن جو طنزيه انداز ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي . هن نظم جا 21 بند آهن ۽ انهن مان 5 بند هيٺ ڏجن ٿا:

اِرچڪ مِرچڪ، ڏاڍا ڏِرچڪ! سائين ٿو فرمان ڪري،
هيڏانهن پي ڪو ڏيان ڏريو ته فقير ٿو هينئن بيان ڪري،:

مُنّي لکّ ۾ هڪڙو ڪتّو، آهه وڏيري ڪنهن،
ڪُتّا پالڻ کِرت آبائي، خبرون ٿو هئن خان ڪري.

سوئر انڊي راجا جان پيو، پَلجي نِپجي ڪوٽ اندر،
سَيد اُن جي چيٽَ ڪندي، گهر گهاٽ چڏيو سنسان ڪري!

سگريٽن جي پاڪيٽن تي، ميمبر ٿا نيلام ٿين...!
ڪي ٿا وڪامن لکن تي، ڪِن جُهڳا چڏيا ويران ڪري!

ڪنهن جي ڪنهن جي ڳالهه ڪندين ۽ ڪنهن جا ڪنهن جا ڏڪ ڪندين!
ڪيڏارو پڙهه يار 'نياز' ته مشڪل رَب آسان ڪري!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 99، 100)

فلاڻو ٿو ٻڌي!

هن نظم ۾ ليڊرن، اسيمبلي ميمبرن، منسٽرن جا ڪنڌا ڪنيا ويا آهن ۽ جڏهن مارشلا جو ٽائم آيو، ته ليڊرن جي جيڪا حالت ٿي ويئي، ان جو به مزاحيه، طنزيه انداز ۽ رازداريءَ ۾ ذڪر ڪيو اٿس، هن نظم ۾ 20 بند آهن جن مان 5 هتي ڏجن ٿا:

آدميءَ جا حوصلا پَنچر-فلاڻو ٿو ٻُڌي!
تون مَڃائين ٿو آجا ڏمچر- فلاڻو ٿو ٻُڌي!

ليڊري پي 'فاعلن' ۽ ڏيڏري پي 'فاعلن':
آهه ساڳيو پڻ سندن ڪلچر-فلاڻو ٿو ٻُڌي!

مُلڪ جا سڀ مامرا، تنهنجي نبيرڙ ڪان وَيا:
ڏيان هاڻي ديڳڙيءَ ڏي ڏر-فلاڻو ٿو ٻُڌي!

ناس جي چَپٽي هَڏي، ڦاپيءَ، ڪتيجان ڪي چيو:
هورڙيان ڳالهاءِ ڙي چوڪَرِ فلاڻو ٿو ٻُڌي!

زندگي زخمي ڪري وَيو، ڪنهن جو غم پائو 'نياز'!
عيش سان پنهنجي نه پئي ڪنهن پَرَ _فلاڻو ٿو ٻُڌي!
(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: 111، 112)

ماڻرن ڪافي
(سُر ڏيتي ليتي)

تو رشوت جي نه اُڳاڙي،
پويَر ڏِسندين ڏنپ ڏهاڙي!
ڏسي خالي هٿين گهر واري، ڪٽي اُٽندءِ اُبتي ٻُهاري،
شروع ٽيندءِ مارا ماري، ڪُسي ويندءِ ٽِڪڻ ساري،
ايندءِ شڪل ۾ اهڙو ڦيروڙي، جهڙو لئي تي مقام جو ڳيرو،
ايندءِ بنا جهنڊن پڙ مائي، پَڄي چڏيندي نان ڪتائي،

چوندين آئي مصيبت آئي، ڪري توبهه ڪنهندين ڪياڙي....!

هوندءِ ڪِين جو ڪُنو گهر ۾، پوندين صبح و شام چڪر ۾،
ائين ايندءِ مُلڪ نظر ۾، ڇڻ جيئري آهين قبر ۾،
ڏيندءِ اوڙو پاڙو ختما، پيو پڙهندين ڪفر جا ڪلما،
هوندءِ لٽو نه ٻُٽ تي سارو، ڪري يار ڳچيءَ ۾ ڳارو،
وٺي ايندين وکر اُڏارو، ڪائٽا پوندءِ چانور لاڙي.....!

ڳولي ڳولي گس تان ٻيڙيون ٽوٽا، پيو هٽندين مفت جا سوٽا،
ڪندين چانهن تي ائين ڪم ڪوٽا، جئن ٻليون ڏين رانپوٽا،
ڏيندين ڏند ڪيڏي يخيون سپ ڪي، ڇڻ گُلر وڙهي پيا پٽ تي،
هوندين آفيس ۾ ائين ڇورو، ڇڻ گهر ۾ ٻار ندورو،
ٽي پوندءِ چپراسي پي کهرو، ڏيندءِ صاحب روز اماڙي...!

ڪٽ پڳئه جي اينٽي ڪرپشن، اچي ٻڌندءِ سِر تي جنڪشن،
چوندءِ سوٽ سڳورا اٽينشن، ڪندين سٽڻ جي اندر اليڪشن،
لهي ويندءِ ائين لابارو، ڇڻ پيو آڪن تي پارو،
جڏهن ليڪا چوڪا لاهي، توڪي اندر اُماٽيائون ٿاهي،
چوندين سروس چرچو ناهي، لڳي ويندءِ ڪنن تي تاڙي،...!

(دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل: (مزاحيه شاعري) ص:77-78)

هن نظم ”مادرن ڪافي“ ۾ نياز همايوني مخدوم طالب المولیٰ جي ڪافي، ”تو دلڙي يار ڏتاري، پوءِ ڪانه ڪيئي پوئواريءَ“ جي پيرادِيءَ ۾ رشوت تي طنزيه وار ڪيو آهي.

هن پيرادِيءَ ۾ نياز رشوت نه وٺڻ ۽ رشوت وٺڻ ٻنهي حالتن ۾ جيڪا ماٺهوءَ جي درگت ٿئي ٿي، ان جو مزاحيه انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي. گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت جيڪڏهن هٿين خالي هوندين، ته زال ابتي ٻهاري سان ٽڪڻ ڪُٽيندئي ۽ سڄو مٽو ڪُسي ويندئي، ۽ ائين لڳندين جيئن مقام جي لَئي تي ڪٽل ڳيرو هجي. گهر ۾ ڪجهه ئي ڪونه هوندئي ۽ اڌار تي ٽپڙ ونڊا پوندئي، ۽ پوءِ لاڙي چانور تي گذارو ڪرڻو پوندءِ، ٻيڙين جا ٽوٽا گس تان ڳولهي پيو مفت جا سُوٽا هٽندين، هر ڪنهن سان وڙهيو پيو هوندين ۽ آفيس ۾ به تنهنجي عزت ڪونه هوندي. پٽيوالن کان وٺي صاحب تائين سڀئي توکي داٻا ڏيندا.

جڏهن دوست توکي رشوت وٺڻ تي راضي ڪندا، ته تون رڙ ٻاري ڏيندين ۽ رڳو رڳو پئسا پئسا پيو ڪندين. جيڪڏهن ڪو سيٺ آيو ته ان جي آئو پڳٽ پيو ڪندين، ۽ پوءِ ان جي به ڪياڙيءَ ڪوڙي چڏيندين. غريب غربو، پاڻ پنڌ، ڪنهن کي به ڪونه چڏيندين، آچر جو ڏينهن توکي زهر ٿي لڳندو، پر جڏهن اينٽي ڪرپشن وارا پڇندءِ ته سلوار مني ٿي ويندءِ، ۽ ائين لابارو ڪري ويندءِ جيئن اڪن تي پارو پئجي ويو هجي. جڏهن سپ ليکا چوکا ڪري توکي اندر موڪليائون، ته ڪنن تي تاڙي لڳي ويندءِ ۽ چوندين ته سروس ڪرڻ ڪو چرچو ناهي!

هڪ جمالو خان باندر تي

جيڪو پونپٽ پور جو پُوت هئو-هو جمالو!
جنهن جو واڳڻ جهڙو ٻوٽ هئو-هو جمالو!
جنهن کي هڪڙن ڪُٽيو ٽڪڙن سان-هو جمالو!
جنهن کي ٻگڙن ماريو ڊگڙن سان-هو جمالو!
جنهن جاکوڙيو هر ديرو ڙي-هو جمالو!
جيڪو لئي تي مُقام جو ڳيرو ڙي-هو جمالو!
جيڪو دشمن الله بخش جو –هو جمالو!
جيڪو ويري حيدر بخش جو-هو جمالو!
جيڪو سوداگر هو سنڌ جو-هو جمالو!
جيڪو گهنٽا گهر هو سنڌ جو-هو جمالو!
جنهن ٿي سمجهيو پاڻ کي جوڏو ڙي-هو جمالو!
جنهن جي واڇ ٿي ويئي گودو ڙي-هو جمالو!
منهنجو ’خان باندر‘ ختم ٿيو-هو جمالو!
منهنجو ڍرچو نهار ختم ٿيو-هو جمالو!
جهڙي چالي تهڙي پني ڙي-هو جمالو!
جنهن جي عاقبت ٿي ڪِني ڙي-هو جمالو!
جنهن جو ڪنهن نه مَنايو ٿيجهوڙي- هو جمالو!
جنهن جو چور ڪندا چاليهو ڙي-هو جمالو!
جيئي سنڌ سدائين جيئي ڙي-هو جمالو!

منهنجي جيجل جائي جيئي ڙي-هو جمالو!
(هلال پاڪستان ، 12 –ڊسمبر 1970)

نياز همايوني هي مزاحيه شاعري 1970ع واري اليڪشن تي، ”هڪ جمالو خان باندر تي“ جي عنوان سان ايوب کهڙي، ۽ ان جي ساٿين تي هو جمالو گيت، لکيو آهي، کهڙي لاءِ زيب به قطعا لکيا. کهڙي لاءِ چوي ٿو ته هو لَئي تي مقام جو ڳيرو لڳي ٿو، جيڪو دشمن آهي الهه بخش جو جيڪو دشمن آهي، حيدر بخش جو ۽ کهڙي جو نالو رکيو اٽس پوت يعني جن! جنهن ٽي عوام کي آندو تڪليف ۾، جنهن سان ناحق ٽي ويو ويهڙ ۾، جنهن دڙي شهر ۾ به هارايو، ۽ جيڪو قوم لاءِ نقصان ڪار هو، اهو اڄ اليڪشن هارائي ويو هو جمالو! ان لاءِ ڳائي ٿو ڇتو ڪوري سار سان هو! جمالو! هو جمالو! هو جمالو!

ملڪ جو واءُ سواءُ

اوپاهي چيو الهورائي کي ڏي ڪا خبر چار ميان!
توتي ننگ نهال چوي نر ناري جو نروار ميان،
سارو ڏينهن گهمين تو گهٽيون گهوڙي جي رفتار ميان،
ڳجهي نه هوندي ڳالهه ڪا توکان سپ جو تون مهندار ميان،
اچي هي حقو وزم هڻي ٽي تازو توانو نياز ميان،
ويهه منجي تي مهانڊو ٽي ڪر ڳيري جان ڳٽڪار ميان،
ملڪ هلي ٿو کهڙي نموني چا ٽي ڪري سرڪار ميان،
ڪير ٿو کهڙا ڦاڙها ماري ڪنهن کي ڏنئيۓ بيڪار ميان،
الهورائي چيو وڏيرا واهه جو ڏنم وهنوار ميان،
ملڪ هلي تو چهنبن تي جي چهنبون آهن چار ميان.

*

پهرين چهنب قلم جي جيڪا هلي چلي پئي چڪري جان،
ڪٽي رواني ناحق تي ڪٽ حق تي اپري سپري جان،
اڳي لکيو هو نراڙ تي هاٽي ڪياڙي مٽي نست نجهري جان،
ڪڏهن سپاڳو هنج جئان ته ڪڏهن نپاڳو چهري جان،
گهڙي وهاري نٽهڻ اس تي گهڙي اپل ڏي چپري جان،
ڪنهن کي تخت ته ڪنهن کي تختو ڪنهنجي هڙ گم جڪري جان،
ڪنهن وٽ نانگ نيرانا هنکان ڪنهن وٽ موجون مگري جان،

ڪنهن جو ٽئي پڙ پالهو پل ۾ ڪوئي اڏجي حجري جان،
ڪنهن وٽ پنڌڻ ڪنهن وٽ ٽمجهڻ، ڪنهن کي تماشو شڪري جان،
ڪنهن تي آفت ڪنهن تي شامت ڪنهن تي نعمت نمري جان.

*

چوٽين چُهنب ڏڳاٽي جي جا چوڏاري پئي هلي،
اوپاريون ۽ لهواريون ڏئي سوپياري پئي هلي،
چئن جي وچ ۾ چپڙ وانگي موچاري پئي هلي،
جتي ڪٽي هن ملوڪڙيءَ جي چوياري پئي هلي،
ڪٽي ائين ڇڻ پاٽيءَ تي ڪا سانداري پئي هلي،
ڪٽي ائين ڇڻ پاڻ پٽر تي ڏانداري پئي هلي،
ڪٽي ائين ڇڻ ڍڳن جي وچ تي پانجاري پئي هلي،
ڪٽي ائين ڇڻ سانوڻ آئي بيگاري پئي هلي،
ڪٽي ائين ڇڻ سانوڻ سياري پينجاري پئي هلي،
ابتي سبتي اوپاري، لهواري ۽ هاڪاري پئي هلي.

(روز نامه عبرت آچر 17 مارچ 1963ع)

هن نظم جو عنوان ”ملڪ جو واءُ سواءَ آهي، جنهن ۾ اوپايو ۽ الهورايو ۾ دوست حقي جي وزم تي ڪچهري ڪن ٿا، اوپايو، الهورائي کان پڇي ٿو ته ملڪ جو ڪهڙو حال احوال آهي؟ انهيءَ جي جواب ۾ الهورايو چوي ٿو ته ملڪ ڇئن ڇهنبن تي هلي ٿو، جن مان پهرين ڇهنب قلم جي، ٻي هرجي، ٽين ڇهنب مشين جي، ۽ چوٽين ڇهنب ڏڳاٽي جي آهي. اهي سڀ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ ماڻهوءَ جي قسمت جو فيصلو ڪن ٿا، هن ۾ نياز ماڻهن جي زندگيءَ جي اهنجن، سهنجن تي سماجي حالتن جي اثر کي نروار ڪيو آهي، ۽ ٻڌائي ٿو ته ڪيئن انسان انهن حالتن جي چنبي ۾ راندیڪي وانگر استعمال ٿئي ٿو.

نياز همايوني بيباڪ شخص هو، ڪنهن وڏي ڊينگ جي پرواهه نه ڪندو هو، خوددار هو، رکي سکي تي گذارو ڪندو هو. هو سنڌ دشمن وڏيرن ۽ سياستدانن جو ويري هو. خانبهادر ايوب کهڙي ون يونٽ ٺهرائي هئي، ۽ قاضي فضل الله به هن جو ساٿي هو. هن انهن ٻنهيءَ جي ”هڪ جمالو خان باندر (خانبهادر) تي“ ۾ باقاعدهه کل لاٿي آهي۽ پنهنجي اندر کي ٺڏو ڪيو اٿس. ان کانسواءِ مودودي ۽ سندس جماعت تي سڻا وار ڪيا اٿس. هن ڪنهن به سنڌ ۽ سنڌي عوام جي دشمن کي نه بخشيو آهي. هن سماجي براين تي به طنزيه ۽ مزاحيه انداز ۾ تمام گهڻو لکيو آهي. نياز طنز ۽ مزاح سان گڏ اصلاح جي راهه به ڏيکاري آهي، جيڪا ڳالهه سندس اڪثر نظمن ۾ نشانبر آهي. مطلب ته نياز همايوني طنزيه مزاحيه ۽ اصلاحي شاعريءَ جي حوالي سان به هڪ معتبر، منفرد ۽ وڏو شاعر آهي.

غفور ميمڻ لکي ٿو: ”نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو بنياد آهي ئي ”فڪر“ جنهن کان بغير سندس شاعري اڌوري آهي، پر سندس فڪر کي اسان صرف هڪ وقت جي فڪري تحريڪ سان منسوب ڪري، محدود نٿا ڪري سگهون. نياز وٽ انسان، زندگي، پيار اهم شيون آهن، هو انهن کي ئي صداقت ۽ سچ قرار ڏئي ٿو، انهيءَ لاءِ وڙهي ٿو انهيءَ لاءِ لڇي پڇي ٿو، تنهن ڪري نياز سنڌ جي فڪري تسلسل جي هڪ ڪڑي آهي، جيڪا هر دؤر ۾ روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جو روپ ڏاري ظاهر ٿي.“[93]

نياز همايوني سنڌ جي وکريل سونهن، ثقافت، جديديت کي سموهي، سڻن جو روپ ڏنو. انڪري ئي نياز جي شاعريءَ ۾ برسات جي پهرين ڦڙن تي اٿندڙ ڪچي، ڪاچي، اتر ۽ لاڙ جي مٽيءَ جو هڪاءُ آهي! سندس شاعريءَ جي البم ۾ پتر جي ول سان ڍڪيل پيڇرن کان وٺي پواڙي، ڪنول ۽ نيلوفر جي گلن، دريا جي لڙئي پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙين جي اڇن سِڙهن کي چُهندڙ چند جون تصويرون آهن، جن ۾ پورهيت جي پگهر ۽ محبوب جي مرڪ جي مهڪار رل مل آهي. نياز همايوني شاعريءَ جي گج تي وڏي محنت، محبت ۽ ڏانوَ سان اجهل احساس، اُمنگ، موسيقي ۽ اُميد جا شيشا ٽاڪيا آهن، جن ۾ هر پڑهندڙ پنهنجو پاڻ کي پڑهي ۽ پنهنجون سوين تصويرون ڏسي سگهي ٿو. سندس شاعري، سنڌ جي تهذيب، ثقافت جو آئينو ۽ سنڌي لفظن جي ڪاٽ آهي. سندس هر لفظ ۽ خيال، احساس جي تارُن کي ڇهندڙ جهرٽن وانگر شفاف، سولو، سوڌو ۽ فطري نظارن وانگر وٽندڙ آهي. هن جي شاعريءَ جي جَڙ سرزمين سنڌ ۾ آهي. پر ان جي پاڪر ۾ آسمان به اڇي ٿو وڃي.

نياز جي شاعريءَ جي فڪري اٽل گَهڻ رخي ۽ گَهڻ رنگي آهي، سندس شاعريءَ ۾ وجودي فڪر، قومپرستي ۽ وطن پرستي، انسان دوستي، رومانويت، مزاحمت، ترقي پسندي، اصلاحي فڪر ۽ مزاحيه رنگ، به تمام خوبصورت پيرايي ۾ ملي ٿو. مطلب ته هو انتهائي قومپرست هوندي به، هر رنگ ۽ ڍنگ ۾ پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو، ۽ اها ئي نياز همايوني جي انفراديت آهي.

حوالا

1. قاضي، آءِ آءِ، علامه، "علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا" سنڌي لازمي يارهين ۽ بارهين ڪلاس لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد، جولاءِ 2010ع، ص 67۽ 68.
2. ميمڻ، غفور، "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" پيش لفظ- شاهه عبداللطيف پٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي 2002ع، ص-15.
3. آن لائن سنڌي لغتون، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد.
4. Oxford advanced leaners dictionaries
5. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، "ادب جا فڪري محرڪ"، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو پهريون، 1984ع ص- 17 ۽ 18.
6. مبارک علی ڈاکٹر، "کیا نائوں مل غدار تھا،" آگہی پبلیکیشنز، حیدرآباد، ص-8.
7. حوالو نمبر -2، ميمڻ، غفور "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" صفحو، 16، 17.
8. "عاجز"، محمد صالح، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت"، ص-12.
9. حوالو نمبر 2، ص-87.
10. ڪلهوڙو، نظام الدين، "تصوف ۽ شاهه لطيف رحه"، ٽماهي مهراڻ، 2013/02ع، ص، 22 ۽ 23.
11. ساڳيو ص: 23.
12. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، زيب ادبي مرڪز، 1983ع، ص-36.
13. حوالو نمبر 2-ص،80.
14. ساڳيو ص 82.
15. چنا، مهتاب، "روپ نڪو ٻهروپ (نياز همايوني جو انٽرويو)"، ماهوار سوجهرو فيبروري، 1974ع ص، 7 ۽ 8.
16. حوالو نمبر 2، ص: 322.
17. حوالو نمبر 5 ص، 205 ۽ 206.
18. ساڳيو ص، 208 ۽ 209.
19. شاهه، نورالهدیٰ، "جلاوطن"، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ص-16.
20. پليجو، رسول بخش، "انڈا اونڈا ويچ"، انسائڪلوپيڊيا ڪارپوريشن، حيدرآباد، 1967ع، ص-101.
21. سورلي، ايچ ٽي، "پٽ جو شاهه"، ترجمو- عطا محمد پنهرو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1992ع ص: 28.
22. حوالو نمبر 2-ص: 322 ۽ 323.
23. گرامي، غلام محمد، مولانا، "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1992ع، ص-175.

24.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "ادب ۽ فن بابت ترقي پسندن جو نظريو"، ڪينجهر تحقيقي جرنل شمارو 13/ 2010ع ، ص-115.
25.ڪاشميري، ظهير، "ادب ڪے مادی نظريے"، ڪلاسک پبلشرز لاهور، باد روح، 1975ء' ص، 146.
26.انور سديد، ڈ اڪٽر، "اردو ادب کي تحريکين"، انجمن اردو ترقي پاڪستان، بابائے اردور روڈ ڪراچی' بار اول ۱۹۸۳ء' ص۔ ۱۳۷۔
27.سميجو، اسحاق، "جديد سنڌي ادب ۾ ترقي پسند فڪر جي آميزش"، ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو، 17 سال 2017ع، ص-27.
28.سڌايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، "جديد سنڌي شاعري جو ڪردار"، ڪينجهر تحقيقي جرنل شمارو 13 سال 2010ع، ص-16.
29.حوالو نمبر 27، ص: 19 ۽ 20.
30.بلوچ، تاج، ماهوار سوجهرو، فيبروري 2003ع، ايڈيٽوريل پيج،
31.sd. m.vekipedia. org
32.Incyclopedia Britanica (Britanica .com)
33.جوٹيجو، منصور، قادر، "قومي انقلابي شاعري"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ، چاپو ٻيو، 2014ع، ص-4.
34.حوالو نمبر 15 ص، 7.
35.حوالو نمبر 8، ص: 12 ۽ 13.
36.گرامي، غلام محمد، مولانا، "نياز همايوني- مهراڻ شاعر نمبر"، 1-1969،2ع، ص: 498 ۽ 499.
37.آريسر، عبدالواحد، "نئين دور جا نوان چار درويش"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، چاپو پهريون، 2016ع، ص-42.
38.جويو، تاج، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ص: 31.
39.حوالو نمبر 8. ص: 15.
40.جوٹيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ڇاپو پهريون، مئي 1980ع، ص،261.
41.بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات"، ص، 57.
42.Marrium - Webster dictionary (marrium-webster. Com
43.حوالو نمبر 8. (عاجز) ، ص 15، 16.
44.جوٹيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي تاريخ" (حصو ٻيو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2005ع، ص: 578.
45.سميجو، محمد اسحاق، "سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جو تحقيقي اڀياس"، (1936ع ڪان 1970ع پي ايڇ، ڊي ٿيسز، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2014ع، ص: 326.
46.امر جليل، ماهر، سهڻي، امر جليل نمبر، ص: 24.
47.https://en.m.wikepedia. org. wiki.

48.Agha, Iqrar Hussain, “political theatre of Pakistan and poetry of resistance”,PAKISTAN TODAY, November 13, 2022.
49.اعظمی، انجم، ‘‘ادب اور حقیقت’’، کراچی اشاعت گھر، 1979ء، بار اول ص، 76.
50.سيد، جي. ايم، ”چوندِ ادبي مضمون ۽ ولايت جا خط“، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، 1974ع ص: 102.
51.لاشاري، فقير محمد، ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“، سنڌو مئگزين، ادب اڪيڈمي ڪراچي، سيپٽمبر 1986ع، ص: 102.
52.ملڪاڻي، الطاف، ”قومي انقلابي شاعري“- مرتب منصور قادر جوٹيجو، سنڌي ساهت گھر، حيدرآباد چاپو ٻيو، 2014ع، ص-6.
53.آريسر، عبدالواحد، ”ساٹيهه جي ساک جو مهاڳ، دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“ ص: 387، 388 ۽ 389.
54.60.American humanist association (Defination of humanism)
55.حوالو نمبر-53، ص: 388.
56.حوالو نمبر-30(ايڈيٽوريل صفحو، ماهوار سوجهرو)
57.حيدري، شمشير، ”سنڌي شاعريءَ جو اپياس“ (سنڌيءَ ۾ رزمي شاعري)، حيدري انسٽيٽيوٽ آف لٹريچر اينڈ آرٹس، بدين، چاپو پهريون، ڊسمبر، 1988ع، ص-30۽31.
58.ساڳيو ص: 38، 39.
59.آريسر، عبدالواحد، ”دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت“، ص-32.
60.سومرو، ادل، ڊاڪٹر، ”سومرا دور جو هڪ عظيم ڪردار“، ٽماهي مهراڻ-2008/4 ص، 204.
61.حوالو نمبر 53، ص 387.
62.انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا (Encyclopedia sindhiana)
63.جوٹيجو، عبدالجبار، ڊاڪٹر، ”ڪنمال“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2002ع ص-589،488.
64.حوالو نمبر 2، ص: 283، 284.
65.عباسي، تنوير، ”جديد سنڌي شاعري“، مهراڻ 1-2 1960ع ص، 44.
66.چانڊيو، فياض لطيف، ڊاڪٹر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات“، پي، ايڇ، ڊي ٹيسز، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2018ع، ص: 218، 219.
67.جوٹيجو، عبدالجبار، ڊاڪٹر، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، گلشن بپليڪيشن، حيدرآباد/لاڑڪاٹو، 2004ع، ص: 292.
68.جويو، تاج، مهاڳ، شبنم گل، ”نيٹ مهٹي خيال جاڳيا“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1993ع، ص: 15 ۽ 16.
69.بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٹر، ”لوڪ گيت“ (مقدمو)، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2006ع، ص، 09.
70.حوالو نمبر- 67، ص: 228.

71.راشدي، ذوالفقار، "ڪسوٽي"، سڱڻ پبليڪيشن، جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو، سنڌ، اپريل 1986ع ص، 60.
72.جامع سنڌي لغات، جلد ٻيو ص، 402.
73.عباسي، ظفر، "شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، چاپو پهريون 2007ع، ص: 393، 394.
74.حوالو نمبر 82. ص: 251.
75.جامع سنڌي لغات، جلد ٽيون، ص: 1088.
76.گدواڻي، پرسو، ڊاڪٽر، "سنڌي لوڪ گيت: ٻوليءَ جي اوسر"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، چاپو پهريون، 2010ع، ص:124.
77.حوالو نمبر 69، ص: 26.
78.سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، چاپو پهريون، جولاءِ 1986ع ص، 367.
79.حوالو نمبر 73. ص: 67.
80.پيرزادو، مير محمد، "نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2018ع، ص- 311.
81.حوالو نمبر 73. ص: 390.
82.بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات"، (جلد پنجون)، ص- 3055.
83.حوالو نمبر 69، ص: 67.
84.حوالو نمبر 73، ص: 386.
85.ساڳيو، ص. 364.
86.ساڳيو ، ص، 95.
87.سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، چاپو پهريون، جولاءِ-1986ع: ص-397.
88.حوالو نمبر 69، "لوڪ گيت"، ص: 24.
89.ساڳيو ص: 254.
90.زيب، سنڌي، "سنڌي ادب جي سرهاڻ"، زيب ادبي مرڪز چاپو ٻيو، ص، 49، پبليڪيشن، ٽنڈو محمد خان، چاپو ٻيو، مارچ 2022ع، ص: 197.
91.ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، عجائب اسٽورز فريئر روڊ سکر، ص.171، 173.
92.جويو، تاج، دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل (نياز همايونيءَ جي مزاحيه شاعريءَ جو ڇپائيءَ هيٺ مسودو)، ص: 29
93.حوالو نمبر 15، (انٽرويو)، ص: 8،9.
94.حوالو نمبر-2، غفور ميمڻ، ص- 485.

نياز هُمايونيءَ جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو

نياز همايوني پنهنجي وقت جو اهڙو منفرد شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ جون پاڙون هن ڌرتي ۽ ڌرتي وارن جي فڪر سان مضبوطيءَ سان کتل آهن، هن وٽ فڪر ۽ فن جو جيڪو جامع وکر آهي، سو هن پنهنجي همعصر دور جي شاعرن کان ورتو آهي، پر هن جي سڃاڻپ پنهنجي انفراديت جي ڪري آهي. هن پنهنجي دور مان جيڪي به خيال ۽ جذبا حاصل ڪيا، انهن کي پنهنجي منفرد انداز ۾ اظهاريو آهي. اهڙا کوڙ مثال هن جي شاعريءَ مان مطالعي ڪرڻ ساڻ پلئه پئجي سگهن ٿا، جيڪو هن جي مختلف همعصر شاعرن جي تقابلي جائزي مان پرکي سگهجي ٿو.

1. شيخ اياز:

شيخ اياز (2 مارچ 1923ع -28 ڊسمبر 1997ع) ۽ نياز همايوني (12 اپريل 1928ع-3 جنوري 2003ع) ٻئي هڪ ئي دور جا شاعر آهن. ٻئي روشن خيال شاعر آهن. ديس ۽ ان جي مٽي هنن جي خيال جو بنيادي جز آهي، نه صرف ايترو پر ڌرتيءَ جي انسان جي محبت ۽ شناخت، تهذيب ۽ ڪلچر پڻ هنن جي شاعريءَ جو بنيادي نقطو آهن. اسحاق سميجو لکي ٿو:

"شيخ اياز جو شعر توڙي رويو بغاوت جي جذبي ۾ ڳوهيل ۽ ڳنڍيل هو. انهيءَ معاملي ۾ هو سنئون سڌو سچل کان متاثر هو، جنهن جي شعر جو مک محرڪ به بغاوت هئي، ته مذهب ۽ مسلڪ به بغاوت هئي.بغاوت ئي هن جو عشق هئي ۽ بغاوت ئي هن جي شعر جو جوهر هئي. نه فقط ترقي پسندي، قوم پرستي ۽ وطن دوستيءَ جي اثر هيٺ لکيل شاعريءَ ۾ اهو عنصر حاوي آهي، بلڪه رومانوي شاعريءَ ۾ به هن جو تخليقي وجدان غير معمولي حد تائين باغيانه تصورن جي ڇؤگرد گهمندي نظر اچي ٿو."[1]

نياز همايوني همعصر دؤر جي بهترين شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو، هر ٻئي شاعر وانگر هن جي شاعري به سنڌي سماج جي مسئلن جي عڪاسي ڪري ٿي. هن جي شاعريءَ جو سئون سڌو لاڳاپو، جيتري قدر محسوس ٿئي ٿو ته اهو مزاحمتي رنگ ۾ رچيل آهي، مزاحمتي رنگ، جنهن ۾ آزاديءَ جو کليل پرچار ۽ غلامي کان نفرت انگيز خيال ملن ٿا، مثلاً:

اڇو ته اُن سماج کي جلايون دل جي باهه سان،
جلي سگهيو نه آهه جو ستم رسين جي آهه سان،
ٽڪي پياسين هو الا، سهيڙي سور ساهه سان،

هلو ته کا هلان ڪريون، ٿي بي نياز ساڻيو!
او دلنواز دوستو،
اوجانباز ساڻيو!
اچو
ته ڪو بلو ڪريون
بلند
حوصلو ڪريون
جيئون جيئن جهان ۾ ٿي،
سرفراز ساڻيو!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 237)

شيخ اياز سنڌي پوليءَ جو مها قوي آهي، ان جي شاعري ته مزاحمتي رنگ جو پنڌار آهي، جنهن ۾ اهڙن خيالن جا واهڙ وهيل آهن، جيڪي انسان کي هر ظلم کي للڪارڻ جي سگهه ڏين ٿا.

شيخ اياز چوي ٿو:

جنهن تي ٿيو، جنهن وقت ٿيو، جنهن جاءِ تي ٿيو،

سو مون تي ظلم ٿيو آهي،
ڪا ٻانهن وڌي، مون دانهن ڪئي، جو ڪانهن ڪپيو،
سو منهنجي ڪنڌيءَ جو
آهي.
ڪوئي به ڪنو، جيڪو به چرو، جنهن تي به هليو،
سو منهنجي رت
رتو آهي.

(شيخ اياز، وڇون وسڻ آيون : 224)

ساڳئي طرح نياز همايوني به پنهنجي دور جي نسبت سان پنهنجي شاعريءَ ۾ بغاوت جو جوهر سمايو، ترقي پسندي ۽ قوم پرستيءَ جي عنصرن کي خوب اپاريو، بلڪه رومانوي شاعريءَ جي نقطه نگاهه کان به اعليٰ معيار سان پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو. منهنجي خيال جي تائيد ۾ مولانا گرامي نياز همايونيءَ جي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو:

”ابتدا کان وٺي رجعت پسنديءَ ۽ ذهني انتشار کان دور رهيو آهي. آزادي، انسانيت دوستي ۽ وطن پرستي سندس متو ۽ مقصد آهي.“ (2)

نياز پنهنجي شاعريءَ ۾ نيون نفاستون پيدا ڪري، نئون دور تخليق ڪري، نه صرف جديد سنڌيءَ شاعريءَ کي نئون آڪاش عطا ڪيو آهي، پر ان کي نون تجربن، نين هيئتن، نئين ترنم، نئين تفڪر ۽ تخيل جي نت نئين ڪهڪشائن سان متعارف ڪرايو آهي.

هي قيد هي اجل ته به آهي ضمير زنده،
جاري اسان جي رهندي پيڪار ياد رکجان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 149)

نياز حق لاءِ صلح اسان جي ۽ جنگ اسان جي،
متان ڪو سمجهي ته پنهنجو ڪنهن سان وير آهي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت 150)

نياز همايوني ۽ شيخ اياز هڪ لحاظ کان نه رڳو همعصر رهيا آهن، پر فڪري، احساساتي ۽ نظرياتي طرح ڪيترن ئي حوالن سان ٻنهيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ ڪيتريون ئي هم آهنگيون ۽ هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون. محبت، مزاحمت، امن، انصاف، آزادي، رواداري، ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ انسان دوستي سندن شاعريءَ جا مشترڪه موضوع ۽ قدر رهيا آهن.

شيخ اياز پنهنجي لوڪ گيتن ۾ لولي به لکي، جنهن جي مضمون ۾ اڪثر ماءُ جي مامتا ۽ اولياڻن جي عقيدت ۽ احترام جو اظهار ٿيل هوندو هو، ان سان گڏوگڏ وڇوڙي جي ڪيفيت جو اظهار پڻ ٿيل هوندو هو. ليڪن وقت جي سماجي ۽ معاشي تنگدستيءَ سبب انقلابي تبديليون رونما ٿيون، جن جا مثبت اثر اسان جي انقلابي شاعرن جي ذهنن تي پڻ اثر انداز ٿيا، هنن پڻ هن صنف سخن تي طبع آزمائي ڪئي، ۽ وڏيون ڪاميابيون ماڻيون. هن سلسلي ۾ مجيل ڏات ڏٽي شيخ اياز ئي آهي، جنهن جي لوليءَ کي شهرت ملي. اها شهرت خالص قومپرستي ۽ وطنيت جي جذبن سان ٽمٽار ملي ٿي. شيخ اياز جي هيءَ لولي ڏسو:

لوليون
او آبا!
لولِيون!لوليون!
شال دولهه ٽئين، دودو ٽئين!
شال سورهيه ٽئين، سنڌ تي سِر ڏئين!
لوليون
او آبا!
لوليون! لوليون!
پِيڙَ تنهنجي به شل سوزَمِي ٽِي جِئي!
مارئي ٽي مَري، مارِئي ٽي جِئي!
لوليون،
او آبا!
لوليون! لولِيون!

سو اسان مان نه آ، جو جيئي جُٽ ۾،
گهاءُ ڪو تو ڏٺو پيءُ ڪي پَٽ ۾؟

لوليون،
او آبا!
لولِيون! لولِيون!

ديسَ سپ جو پرين، واسَ جنهن جو وٽين،
رتَ جنهن جو رڱين، ٿَڇُ جنهن جي ٽٽين!

لوليون! لوليون!

سنڌ جي سڏ تي شال گهوريو وڃين،
ڪاڪ وهندي رهي تون ڪڪوريو وڃين.

او آبا!
لولِيون! لولِيون!

(شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون 371)

همعصر دور ۾ نياز همايوني پڻ خوبصورت ۽ ڪامياب لولِيون لکيون. جيتوٽيڪ شيخ ايياز جذبن سان پرپور لوليون لکيون پر نياز همايونيءَ پڻ هن صنف ۾ خوب نالو روشن ڪيو. توهان ٻنهي شاعرن جي لولين جي فڪر جي گهرائيءَ تي نظر ڏريندو ته انهن ۾ گهٽي قدر مماثلت ملندي. پنهنجي خيال جي تائيد ۾ نياز همايونيءَ جي هي لولي پيش ڪجي ٿي:

لولي لولي لولي آلو،
سانت سڪ جي ٻولي آلو،
لولي لولي.
جوڳيئڙا ڪينءَ جالين جڳ ۾،
جهير ٿي جن جي جهولي آلو!
لولي، لولي.
جوڀن تنهنجو جهنگ جي گل جان،
واءُ نه لڳئي شل اولي آلو!
لولي، لولي.
چا تي گجين ٿو سڪٽا بادل،
تو وٽ چاٽ نه چولي آلو!
لولي لولي،
مرڪ جنين جي پرهه جي مڪڙي،
آئون ته انهن جي گولي آلو!

لولي لولي.
لوليون اسان جون پيجل جون ٻوليون
سنڌ جي شال ٽي سولي آلو
لولي لولي.
(شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون : 372)

شيخ ايار پنهنجي دوهن ۾ سچل سرمست واري مستيءَ جو تذڪرو ڪندي چوي ٿو، ته منصور ٽي اچي سوريءَ کي سينگار! جيئن:

ڪافر ناهي، مومن ناهي، ’سچو‘ پوءِ به سچ،
سچ چوي ٿو اچ، سوريءَ تي لڙڪي نچ.
(ڳاءِ انقلاب ڳاءِ : 27)

ساڳئي خيال کي نياز همايوني پڻ منصوري مام ۾ ورجائيندي چوي ٿو:

اسان اهي منصور ميان، جي سوريءَ لاءِ سهاڳ بڻيا،
ڪوڙ گهٽا ڪهرام ڪيا ته به سچ جو نيٺ سپاڳ بڻيا.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 111)

شيخ ايار پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي سنڌ جي جوڌن ۽ جان نثارن کي، پنهنجي ديس جي سرواٽيءَ جو حقيقي خواب سمجهي ٿو، هڪ اهڙو خواب، جنهن جي ساڻيان صدين جي سفر تي ڦهليل آهي، جنهن کي هو صدين جو سوال به سمجهي ٿو ته جواب پڻ:

ڳاڙها ڳڙيرو سنڌ جا، تون ئي منهنجو خواب،
تون ئي آنهه جواب، صدين جي سوال جو.
(نئين دور جا نوان چار درويش: 46) (ايار)

هيڏانهن وري سنڌ جو سرموڙ شاعر نياز همايوني پنهنجن نيڙن ۾، پنهنجي ديس جي دودن جي باري ۾ جاڳرتا ۾، ساڳيا شاندار سپنا سانڊي کين درياهه خان جي للڪار سان تشبيهه ڏيندي، سندن جذبن کي پروان چاڙهي ٿو ۽ چوي ٿو ته هاڻي هن ڏرتي جا دريا خان جاڳي پيا آهن ۽ هن سندر سر زمين جي مٽي کڏهن نه کڏهن موٽي پنهنجو مان لهندي:

هن ڏرتيءَ جا دودا جاڳيا، جاڳيو دريا خان وري،
هن ڏرتيءَ جي مٽي لهندي، مرکي پنهنجو مان وري.
(نئين دور جا نوان درويش: 46)

وري چوي ٿو:

اڄ جو نعرو سڀان جي هلچل ميڙو انت مچي ويندو
نيٺ ته سنڌ جي ساري ٿيندي، نيٺ ته جبر جهکي پوندو.
(ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري: 497)

شيخ ايار پنهنجي نظمن ۾ باڪمال شاعر آهي، هونئن ته شيخ ايار شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ منفرد مقام جو مالڪ آهي، سو ته الڳ موضوع آهي، پر سندس هڪ

بي مثال نظم، جنهن جو موضوع آهي ”مان ڏوهي هان“، ان جو هڪڙو بند آهي، جنهن جو تعلق مفلس مزدورن سان، جيڪي ماني ڳڀي لاءِ ملن ۾ تڙپن ٿا، جيڪي تتي ٽڏي لُڪن ۾ لوساڻجي، پنهنجي روزيءَ لاءِ هٿ پير هڻن ٿا، تڏهن اياز جي دل ۾ بي اختيار درد جاڳي ٿو پوي، ٻين لفظن ۾ هو سراپا درد بنجيو پوي، چوي ٿو:

جنهن وقت ڏکن ۾ دونهاٽيل، مزدور ملن مان نڪرن ٿا،
جنهن وقت لُڪن ۾ لوساٽيل، انسان ڳلين مان نڪرن ٿا،
مان پنهنجي تند تپايان ٿو ۽ درد دلين مان نڪرن ٿا.

(سوجهرو مارچ 1970ع: 13)

بلڪل اهڙيءَ طرح جڏهن مفلس جو درد نياز همايوني محسوس ٿو ڪري، تڏهن سندس درد اياز جي درد سان ملي هڪ ٿي ٿو پوي. لُڪن ۾ لوساٽيل مزدور کي ڏسي اياز جي دل درد مند بڻجيو وڃي، ساڳئي طرح نياز جي دل ۾ مدتن کان انسان جي حيوانن جهڙي حالت ڏسي، درد جي ست اپري ٿي ۽ بي اختيار چوي ٿو ته ويچارو انسان محنت ڪندي به هر نعمت کان محروم ۽ نا اميد آهي، جن جي ملڪيت هيرن جواهرن کان به مٿي آهي پر اُهي پيٽ بکيا ويچارا ۽ محڪوم آهن. هنن ٻنهي شاعرن کي مظلوم انسانن سان جيڪا انس، احترام ۽ محبت آهي سا ڪيڏي نه حيرت انگيز پڃاڻيءَ تي پهچي ٿي، نياز چوي ٿو:

مدت کان انسان جتي حيوانن سان موسوم هئا،
پنهنجي محنت هوندي، هر هڪ نعمت کان محروم هئا،
هيرا جن جي ملڪيت هئي، سي بکيا ڏکيا مظلوم هئا،
ڏاريا ملڪ جا مالڪ، ۽ هي ويچارا محڪوم هئا.
هر نعمت کان محروم هئا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 290)

مٿئين پيش ڪيل بحث مان معلوم ٿئي ٿو ته اسان جي هنن معزز ۽ مان وارن شاعرن جو هڪ فڪر، هڪ ئي سوچ ۽ خيال جي پرواز به ساڳي آهي، جنهن سوچ ۽ پرواز ۾ سنڌ جو ۽ سنڌ وارن جو دڪ درد ۽ پيڙا سمايل آهي، اهڙي پيڙا جيڪا آزاديءَ جي راهه لاءِ هڪ وڪ ۽ غلاميءَ کان نفرت جو ڪليو اظهار آهي. اڄ اسين هن فڪر مان مستفيض ٿي حقيقي آزاديءَ جي تلاش ۾ نڪري پيا آهيون. سياڻن سچ چيو آهي ته ڪنهن قوم ۾ انقلاب آٽٿ لاءِ سڀ کان پهرين شاعر ئي هر اول دستو آهن. ان ڪري اسان جي ٻاجهارن شاعرن به اسان کي آزاديءَ جو درس ڏيندي اسان کي تلقين ڪئي آهي، ته اسان پنهنجي ڏرتي ۽ ڏرتي واسين سان محبت ڪريون ۽ انهن جي درد کي سمجهون، اهڙا مثال هنن جي فڪر جي يڪسانيت ۾ جا بجا ملن ٿا.

2.عبدالڪريم گدائي (1901ع-1978ع)

عبدالڪريم گدائي ترقي پسند ۽ روشن خيال فڪر رکندڙ شاعرن جي ست جو هڪ چمڪندڙ ستارو هو. گدائي عالمي تاريخ جي سڀ کان اهم سائنسي انڪشافن واري ويهين صديءَ جي بنهه ابتدا ۾ جنم ورتو ۽ ڏرتيءَ تي انسان جي بلندي ۽ پستيءَ جا عبرتناڪ ڪرتب سندس اکين اڳيان ٿي گذريا.

گدائي پهرين مهاڀاري لڙائي، ٻي مهاڀاري لڙائي، دنيا جي انقلابن ننڍي کنڊ جي ورهاست ۽ ان سڀ جو دنيا، پاڪستان ۽ سنڌ تي اثر، اهي حالتون گدائي جهڙي کليل دماغ رکندڙ شاعر لاءِ به فڪر ۽ فهم جو بنياد بنيون. لاٽ ٻرندي رهي جي مهاڳ ۾ شمشير الحيدري لکي ٿو:

”گدائي انساني غلاميءَ جي خلاف آزاديءَ جا، مذهبي استحصال جي خلاف رواداريءَ جا، ظالم جي خلاف جدوجهد جا، جاگيرداريءَ جي خلاف هاريءَ جا، سرمائيداريءَ جي خلاف مزدور جا، سماجي بي انصافيءَ، جي خلاف برابريءَ جا، سامراج جي خلاف انقلاب جا ۽ طبقاتي نظام جي خلاف انساني هڪجهڙائيءَ جا گيت ڳايا آهن.“[3]

پاڪستان جي قيام کان پوءِ ئي گدائي يا ٻين ترقي پسند شاعرن جي شاعريءَ جو نئون دور شروع ٿئي ٿو. آزاديءَ وارو خواب شرمنده ۽ تعبير رهجي ويو. گدائيءَ جهڙي حساس ماڻهو رياستي ڏاڍاين، ظلم ۽ بيداد خلاف نثر توڙي شاعريءَ ۾ جهاد شروع ڪيو ۽ سندس اها للڪار آخري گهڙي تائين جاري رهي. هن جي شاعري جديد شاعريءَ کي متاثر ڪيو. اياز قادري لکي ٿو ته:

”گدائي جيتوڻيڪ علي محمد قادريءَ جي دور جو شاعر آهي، مگر سندس شاعريءَ جو شعاع ورهاڱي کان پوءِ نڪتو ۽ هن جي جديد شاعري نئين سنڌي شاعريءَ کي گهڻو متاثر ڪيو.“[4]

گدائي سنڌ جي ترقي پسند شاعرن ۾ اهم مقام رکي ٿو، سندس شاعريءَ ۾ سنڌ ڏرتيءَ جي پکڙن ۽ پنوهارن جو پيار سمايل آهي ۽ هر ست ۾ غريبن جي احساسن ۽ امنگن جي ترجماني نظر اچي ٿي.

ڏرتيءَ سان ڪيس گهڻو پيار هو. هن ون يونٽ خلاف به تمام گهڻي جدوجهد ڪئي ۽ جڏهن ون يونٽ ٽٽو، ته هو خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ طرفان گدائيءَ کان ورتل انٽرويوءَ جو حوالو ڏيندي، جنهن ۾ پڇيو ويو ته اوهان لاءِ صدمي ۽ خوشيءَ جو ڏينهن؟ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو: ”صدمي جو ڏينهن، جنهن ڏينهن ون يونٽ ٺاهيو ويو، ۽ خوشيءَ جو ڏينهن، جنهن ڏينهن ون يونٽ ٽوڙيو ويو.“ [5]

گدائي لڳاتار لکندو رهيو، پر شروع ۾ هن کي خاطر خواهه پذيرائي نه ملي، جنهن جو هو مستحق هو. هن کي گهٽ اهميت ڏني ويئي، پر ڪن نوجوان ترقي پسند شاعرن گدائيءَ جي فن ۽ فڪر جو قدر ڪيو، هن جي شاعريءَ کي منظر عام تي آندو. ڊاڪٽر سڌايي مطابق:

”جس آهي ان دور جي نوجوان ترقي پسند عالمن کي، جن سندس شاعريءَ جي فني قدرن کي منظر عام تي آندو، جن ۾ تاج بلوچ، رشيد پٽي، شيخ ايار، قمر شهباز، گرامي، امداد ۽ نياز جا نالا اهم آهن.“ (6)

عبدالڪريم گدائي ۽ نياز همايونيءَ ۾ ڪجهه ڳالهيون مشترڪه آهن، ٻنهي جي شاعري قادر بخش ”بشير“ جي صحبت ۾ پروان چڙهي، ٻنهيءَ جي شاعريءَ ۾ قيام پاڪستان کان پوءِ جوش، ولولو ۽ نئون نکار آيو ۽ ٻئي شاعر ترقي پسند ۽ قومي فڪر رکندڙ شاعر آهن. هاڻي اسان هنن ٻنهي اعليٰ پايي جي شاعرن جي فن ۽ فڪر جي بي مثال خوبين جي ڀيٽ ڪنداسين.

عبدالڪريم گدائي پنهنجي دور جو نامور شاعر هو، هن جي شاعري ترقي پسند شاعري آهي، هن جا خيال هن جو فڪر ترقي پسنديءَ واري رجحان ڏي لاڙو رکن ٿا، اسان جڏهن هن جا دوها پڙهنداسين ته انهن ۾ جديد دور جو آواز بدرجه اتم ملي ٿو. هڪ دوهي ۾ هو پاپ نگر جي انياءَ جو اظهار ڪندي چئي ٿو ته ان سان ڪنهن به هيلي بهاني سرچاءُ نه ٿيندو:

نگري نگري پاپ جو پاڇو، شهر شهر انياءُ؟
اهڙي پاپي جگ سان پنهنجو ڪيئن ٽٽي پرچاءُ؟

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو:

پيار جي ٻولي ڪوبه نه سمجهي، پريت هتي آ پاپ!
ڪل ڪانهي هن جگ ڪي ڪهڙي پاپي ڏنو سراپ!

(لاٽ ٻرندي رهي : 36)

۽ پوءِ هن جگ جي دردمند انسان جي سورن کي بيان ڪندي چوي ٿو، ته هن جگ جا انسان سورن ۾ آهن، تنهنڪري ساري پاپي جگ کي ساڙي ناس ڪري ڇڏجي:

جنهن جگ اندر آهي ’گدائي‘ سورن ۾ انسان،
اهڙي پاپي جگ کي ساڙي ٻاري ڪر شمشان!

(لاٽ ٻرندي رهي: 37)

هو چوي ٿو ته هن پاپي نگريءَ ۾ جيون گهارڻ تمام مشڪل ٿي پيو آهي. هتي هر ڪو ٻئي جو ماس پٽي کائڻ لاءِ تيار آهي، ڪنهن کي ڪنهن تي ڪهل ڪانه ٿي اچي.

پاپي هن نگريءَ جو جيون، اچي پلا ڪيئن راس،
ماڻهو جت هڪٻئي جو کائي پٽي چڪن سان ماس!

(لاٽ ٻرندي رهي: 36)

نياز همايوني پڻ پنهنجي شاعري کيتر ۾ انهن دکي انسانن ۽ سندن دردن کي وڏي اهميت سان پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي، چوي ٿو:

انسانن جي وستيءَ ۾ ڪو انسانن جو ڪال نه آهه!
ليڪن ان کي چا چئجي جو ڪنهن جو ڪنهن تي پال نه آهه!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت :128)

وري چوي ٿو:

ماٺهو پورو ڪو اٽپورو، تڏهن به جيئي جالي ٿو،
ڪو ڏک پالي، ڪو سک پالي، ڪو ٻي پيڙا پالي ٿو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 130)

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو:

هي لُٽ ڦر، هي لاش، جي آهن روز اسان جي پاڻن ۾،
اهڙين پارين ڪير گذاري سگهندو پنهنجن ماڻن ۾.

(مهراڻ 3-1999ع-ص-9)

عبدالڪريم گدائي پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ وڏو روشن خيال انسان ٿو ڏسجي. هن جو فڪر ڪاري انڌاري رات جي خلاف هڪ للڪار آهي، ۽ منزل کي قريب پسڻ لاءِ گهٽو بيقرار نظر اچي ٿو:

اجا رات آهي، نه آيو سويرو،
اجا دور منزل، اجا دور ديرو!
نه ڪنهن منهن تي آئي آ رونق صبح جي،
اجا رات ڪاري ۽ گهرو انڌيرو.

(لاٽ ٻرندي رهي: 68)

نياز همايوني به پنهنجي دور جو خوبصورت شاعر آهي، جيڪو انڌيرن سان اٽڪي پوي ٿو، انڌ ۽ انڌوهڪار کي ڏڪي ڪيڻ لاءِ جتن ٿو ڪري. هِن جي خيالن ۾ ترو تازگي آهي. هن جي خيالن ۾ مقصد کي پائڻ جي امنگ آهي. محسوس ٿئي ٿو ته هي ٻئي نامياريا شاعر هڪڙئي مڪتبهءِ فڪر جا شاعر آهن. نياز چوي ٿو:

جو انڌير ڪِرڻا ڪري اوٽ آيو هيو سو اجا تائين وڌندو رهي ٿو،
اونداهيءَ جو گهمسان آٽي ۽ چانڊاڻ جي چيٽ کي چوٽ ڏيندو رهي ٿو،
هي سپڪجهه جو ٿيندو رهي ٿو، انهيءَ کي تماشائي ٿي هر ڪو ڏسندو رهي ٿو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 220)

عبدالڪريم گدائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪو هڪ اڌ نه پر سوين موضوع پکڙيا پيا آهن، هي نه رڳو دک درد جو شاعر آهي بلڪه اميد، آس، پروسو ۽ دلاسو ڏيارينڌڙ شاعر به آهي، هتي هي سندس ٻه بند اهڙي فڪر تي مبني آهن:

فقط ٿوري همت ۽ محڪم ارادو،
نظامِ تشدد ۾ آٽيندو ڦيرو،
نه گهٻراءِ همدم سحر دور ناهي!

اجهو دور اوپر کان اپريو سويرو.

(لاٽ ٻرندي رهي: 89)

اسان جڏهن نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو اپياس ڪريون ٿا، ته اسان کي نياز همايوني پڻ آس ۽ اميد جي لحاظ کان سهاني صبح جي نينڊ ڏيندي نظر اچي ٿو ۽ ان نينڊ ۾ آزاديءَ جا سپنا ساڀيان ٿيندي نظر اچن ٿا. هن جا خيال گدائيءَ جي خيالن سان ملندڙ جلندڙ ۽ يڪ رنگا نظر اچن ٿا، چوي ٿو:

اجان لُڙڪ جي ڇانوَ ۾ مُرڪ آهي، جڏهن مرڪ اٽلي ته طوفان ايندو،
جي سپڪجهه وڃائي رهن ٿا، ورائي سگهن ٿا، انهن ۾ جي جولان ايندو،
ته ڪن پل ۾ چوپڙ ئي چوپٽ ٿي پوندي، رهائيءَ تي سپڪنهن جو ايمان ايندو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 220)

عبدالڪريم گدائي پنهنجي شعرن جي حوالي سان، مطالعو ڪري ڏسبو ته هڪ وطن دوست ۽ قومپرست خيال جو ماڻهو هو، ۽ اهڙي فڪر جي گهرائي سندس شعر مان ليئا پائي رهي آهي، ۽ پرهه ڦٽيءَ جي باڪ وانگر پڌري آهي، چوي ٿو:

ڪيو نيٽ هي سنڌي جوانن،
ته مزدور جو مرتبو آهي مٿيرو.

(لاٽ ٻرندي رهي 90)

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو:

اجل شل "گدائي" اڳين ڪين ماري،
ڏسان ڪين ديس ۾ ڪو مارو نه ميرو.

(لاٽ ٻرندي رهي : 91)

ان کان علاوه هن پنهنجي شاعريءَ جي فڪر ۾ انسانيت جي درد کي پڻ اوليت ڏني آهي، انسانن جي زندگي هن وٽ اعليٰ ۽ افضل آهي، ان جو هِن ڪهڙن نه خوبصورت ۽ پرپور لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي:

چوي ٿو:

مان غمِ انسان جو قائل، تون غمِ جانان سندو،
منهنجي دل ۾ ڪجهه نه آهي، درد انسان کان سواءِ.

(لاٽ ٻرندي رهي: 92)

ساڳئي خيال کي دهرائيندي، پيارن لفظن ۾ لکي ٿو:

پر غمِ انسانيت، مون لاءِ سرمايهءِ حيات،
ذهن منهنجي ۾ نه آهي فڪر دوران کان سواءِ.

(لاٽ ٻرندي رهي:92)

هتي ٿورو هن شعر کي به ڏسو:

مون ٻڌو آ"شاعري جزواست از پيغمبري"
پر پيغمبر پي نه گذريو درد انسان کان سواءِ.
(لاٽ ٻرندي رهي: 92)

ساڳئي طرح نياز همايوني به پنهنجي فڪر جي بلند پروازيءَ سان، انسان دوستي ۽ قوم پرستيءَ جي اعليٰ فڪر کي سندس شاعريءَ جي ذريعي نروار ڪيو آهي. چوي ٿو:

. ضرورتن جو رهي نه محتاج ڪوبه حقدار زندگيءَ ۾،
سهولتن کان ٽئي نه محروم ڪوبه خوددار زندگيءَ ۾،
زيادتين ۾ هجي نه مختيار ڪوبه خونخوار زندگيءَ ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو:

شريف آهي سرشت انسان جي ۽ انسان عظيم آهي،
وڏاءُ ناهي ان ۾ ڪوئي، نه فيصلو هي سقيم آهي،
مگر هي ماحول ان جي مقسوم جو سدائين قسيم آهي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:480)

هو انسانن جي تقديرن تي جيڪو قهر ٽئي ٿو، ان لاءِ ڪيئن جهجي ٿو، اهو هيٺئين شعر جي بند ۾ ڏسو:

انسانن جي تقديرن تي قهر جي بجلي ڪڙڪي ٿي،
وقت جي ڏائڻ واڳونءَ وانگ حياتيءَ جا هڏ رڙڪي ٿي،
درياهن جو هانءُ ٿو ڦاٽي، ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
موٽ مسافر، مهل ڏٺي! اک تنهنجي ڪارڻ ڦڙڪي ٿي:
دل تنهنجي ڪارڻ ڏڙڪي ٿي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:290)

مٿئين بحث مان اها خبر پوي ٿي ته هي ٻئي شاعر ترقي پسند، انسان دوست ۽ قومپرست هئا. هنن جي فڪر جي هڪجهڙائيءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا ۽ اها به خبر پوي ٿي ته هو هڪ ئي پنڌ جا پانڌيئڙا هئا.

3.ڊاڪٽر تنوير عباسي

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو شمار پڙ قومي ۽ انقلابي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن 1934ع ۾ حسن عباسيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. پيشي جي لحاظ کان هو ڊاڪٽر هو، باوجود ان جي پاڙ سنڌي ٻولي ۽ ادب سان لڳاءُ رکندو هو. وڏي محنت ۽ اورچائيءَ سان پنهنجو ادبي مقام ماڻيائين. شروع ۾ فارسيءَ جي اثر هيٺ شعر جوڙيائين، بعد ۾ ستت ئي ترقي پسند شاعرن جي اثر هيٺ قومي انقلابي شاعريءَ شروع ڪيائين.هن عالمي ادب جي فڪر ۽ فن جو گهري دلچسپيءَ سان نه رڳو مطالعو ڪيو، پڙهيو ۽ پروڙيو پر ان سان گڏ تخليقي تبديلين جو سهارو وٺي، پنهنجي شاعريءَ جي آبياري ڪئي، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪافي هڪجهڙائي موجود آهي. اها هڪجهڙائي فني لحاظ کان به آهي ته فڪري لحاظ کان به. اها هڪجهڙائي صنفن جي اعتبار کان به آهي ته قومپرستي ۽ وطن پرستيءَ جي حوالي سان به آهي. جيئن تنوير عباسي چوي ٿو:

روز هڪڙي نئين جفا آهي،
روز هڪڙو نئون ستم آهي،
سنڌ ۾ نيٺ انقلاب ايندو،
منهنجي هٿ ۾ اجا قلم آهي.

(تنوير چئي 1989ع، ص-44)

نياز همايوني چوي ٿو:

منهنجي ڌرتيءَ جو گنهگار نه بخشيو ويندو،
ڪوبه غاصب، ڪوبه غدار نه بخشيو ويندو،
روپ رهبر جو نه وٺي سگهندو رهزن ڪوئي،
هاڻ بيدار ٿيو آهي پلارن جو وطن.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت : 202)

تنوير عباسي فڪري طرح هڪ مضبوط شاعر آهي. هو جڏهن پنهنجي وطن واسين جي ڏکن ڏولاون کان مجبور ٿي دردن جون داهون ٻڌي ٿو، تڏهن سندس روح بيچين ٿيو وڃي، هو پنهنجي روح جي بيچيني ۽ بيقراري واري ڪيفيت ۾ ڏاڍو ڏکويل بنجي وڃي ٿو، چوي ٿو:

رجهندو رهندو روح ۽ سڙندو رهندو ساهه،
ٻڌندو رهندس اي وطن! جيسين تنهنجي آهه،
منهنجو من ۽ ماهه، ٿيندو تنهنجي مِلڪ نيٺ.

(تنوير 1989: 181)

۽ اڇڻي پنهنجي ديس واسين کي اتحاد جو درس ڏيندي هي ڪيڏا نه خوبصورت لفظ چيا اٿس:

گڏ ٿيون، گڏ ٿيون!
جي مرون ته گڏ مرون،
۽ جيئون ته گڏ جيئون،
ڪجهه ڪريون،
۽ جو ڪريون ته گڏجي ڪريون.

(تنوير 1989: 460)

ساڳئي خيال کي ڪجهه مختلف انداز ۾ قلبند ڪندي نياز همايوني لکي ٿو:

نئون نظام اڏيو، هي جهان بدلايو!
غريب امير جو سود ۽ زيان بدلايو،
فساد زر جو، شقاوت جو شان بدلايو،
دغا، دوزخ جو هر داستان بدلايو،
جو عزم آهه اهو ڪامياب زنده باد،
هي سامراج سندس رعب تاب مرده باد!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 192)

نياز همايوني هر مفلس سان ٽيل زيادتيءَ تي ڳوڙها ڳاڙڻ بجاءِ، انقلاب جون راهون ۽ رستا هموار ڪري ٿو، اهي راهون انقلابي آهن، جن ۾ بغاوت جي بوءِ ۽ دشمن لاءِ ڏڪار جي للڪار موجود آهي:

اٿو اٿو ته بغاوت ڪريون، اي مظلوموا!
وڏو وڏو ته حڪومت ڪريون، اي محڪوموا!
ملو ملو ته محبت ڪريون، اي معصوموا!
ڪلو ڪلو ته مسرت ڪريون، اي مغمومو!
خوديءَ سان زنده رهو، التهاب مرده باد!
لڳايو نعرو، ڇئو انقلاب زنده باد!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 192)

تنوير جي گيتن ۾ سندس ڀرپور مشاهدي جو اظهار ملي ٿو، جنهن ۾ هو زندگي جي بهترين قدرن کي بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هن جا گيت انساني امنگن ۽ دڪ درد جو مظهر آهن:

ڪونه ٻڌائي واٽ اسين اڻ سونهان سونهون،
هوريان ڏاڍيان وڙهندي رڙهندي،
ڪرندي ٽڙندي ۽ ٽاپڙندي،
ڳولي لهبي واٽ، اسين اڻ سونهان سونهون.

اهڙيءَ طرح نياز همايوني پڻ ڪاري رات جي اوسيئڙن کي ٽاري ۽ اوجاڳن ۾ سپنا سجائي، ڪنهن پرهه ڦٽي پرپات جي ساڀيان لاءِ چوي ٿو:

اوسيڙي جي اونداهيءَ ۾، لڙڪ ڏياڻيون ٻاري،
اوجاڳي ۾ سپنا ساري، ويل ڇڏيسون واري،
پرهه ڦٽي پرپات الا، هي ڪاري ڪاري رات!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:51)

وري ٻئي هنڌ پنهنجي خيال کي دهرائيندي چوي ٿو:

ولهه تي جيئن وڻ ڪنڌ جهڪائي، گم سم گهڙيون گذاري،
تنهنجي ڪارڻ اسان به پنهنجي عمر ڇڏي ايئن گهاري،
ٿي نه محبت مات، هي ڪاري ڪاري رات الا!
(دل ۽ ڏرتي جا گيت: 51)

ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي پويٽر خيالن جي پارسائيءَ ۾ سنڌ تان سر فدا ڪرڻ گهري ٿو. وطن تان سرفدا ڪرڻ ايمان سان مشروط آهي. جيڪڏهن وطن سان وفا جي راهه ۾ سر گهورجي وڃي ته اهو جذبو اتم آهي. ان کان مٿي ٻي ڪابه حقيقت ناهي. ڊاڪٽر تنوير چئي ٿو:

آهي انهيءَ ۾ مان جي سنڌ تان سر فدا ڪريان،
ان کان مٿي جي مرتبو مون کي ڪپي ته ڇا ڪريان!؟
(تنوير چئي: 192)

نياز همايوني پڻ پنهنجي خوبصورت خيالن ۾ سنڌ جي عظيم پٽن کي ياد ڪري ٿو، جيڪي انڊلٹي اجرڪون اوڍي پنهنجي ڏرتيءَ جا ڳڻ ڳائن ٿا ۽ پنهنجا سر تريءَ تي رکي، وطن جي تحفظ ۾ سرگهورين ٿا:

سنڌڙي تنهنجا وارث جاڳيا، هاڻ متان دل لاهين تون،
تولئه سرڙو آهه تريءَ تي، اڇلهه سپ ڪجهه آهين تون.
(نئين زندگي مئي-جون 1968ع)

وري ٻئي هنڌ ڏرتيءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

هي سپ تولئه آهه او سنڌڙي، ٿيا ڏاريا جنهن کان دنگ ڏسي،
ايندڙ نسل نه پڻتي پوندو، هي پنهنجي مقدس جنگ ڏسي.
(نئين زندگي مئي-جون 1968ع)

ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي طبيعت جي نفاست سببان، پنهنجي شاعريءَ کي گهٽو پرڪشش ۽ نغمگيءَ واري انداز ۾ رقم ڪيو. هي گهٽي پاڳي ته محبتن جو امين شاعر آهي، پر جڏهن حق ۽ سچ جي ڳالهه بيان ٿو ڪري تڏهن سندس خيال بين الاقوامي معيار جا بنجي پون ٿا. پنهنجي شعر ۾ سقراط جو زهر پيئڻ جي ادا ۽ سچ تي سر ڏيڻ واري حقيقت هڪ طرف، ته ٻئي طرف منصور جي سوريءَ تي چڑهڻ واري ذڪر کي ڏاڍي شانائتي نموني بيان ڪري ٿو:

اوهان جي زهر جي سقراط کي ڇڏيو ماري،
تڏهن به سچ ٿو اجا تائين زندگي ماڻي،

اوهان جي دار و رسن تي مئو ته هئو منصور،
تڏهن به حق تي سگهيو ڪوبه حرف ڪين آڻي.

(تنوير چئي 1989: 123)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ منصور جي عاشقانه عمل جو پتو پوي ٿو،جنهن عشق جي صدا تي سر فدا ڪري، بهار جي باک جيان سچ خاطر سوريءَ سجائي، هو ڪيڏا نه سهڻا ۽ شاندار لفظ لکي ٿو:

سر تان آهو ڪٽي، اظهار اناالحق جو ڪيم،
نيٺ منصور جان، نروار سردار ٿيس!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 180)

تنوير عباسي بنيادي طرح انسان آهي، هن کي درد جانان جي بجاءِ درد انسان سان انسيت آهي. انهيءَ ڪري هن وٽ انسانيت جو درد افضل آهي. هن جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو اتساهه ملي ٿو. امداد حسيني لکي ٿو ته: "تنوير کي اسين انساني عظمتن جو شاعر چئي سگهون ٿا. هن جي اندر ۾ انسان ذات لاءِ چاهه جو اٿاهه ساگر آهي." (7)

آءٌ منڙا، او ماکيءَ جهڙا، ايڏو دور نه گهار،
آءٌ! گهڙي تنوير جي پر ۾ ڪر ڪي ڳالهيون چار!

(تنوير چئي: 210)

يا

توکي مرڪائڻ خاطر مان ڪيئي سانگ رچايان،
تنهنجي منهن تي مرڪ ڏسي دنيا سرهي پانيان.

(تنوير چئي:211)

مٿي پيش ڪيل ستن مان پتو پوي ٿو ته اسان جو شاعر انسان جي عظمت جو قائل آهي ۽ انسان جي منهن تي مرڪ ڏسڻ جو خواهشمند آهي. اهڙا کوڙ سارا مثال سندس شاعريءَ جي ڪليات (تنوير چئي) ۾ موجود آهن، جن مان اسان صرف هي به شعر مثال طور پيش ڪيا آهن.

نياز جي شاعريءَ پڻ پنهنجي دور جي دکي انسان جي منهن تي مرڪون سجائڻ جو سنيهو ڏئي ٿي. اسان سندس پوري شاعريءَ جو مطالعو ڪري ڏسنداسين ته هن جو سمورو فڪر انقلاب جي راهه ڏانهن وڌايل وک نظر اچي ٿو يا وري ڪنهن دکي دل جي درمان جو سپنو ساڀيان ٿيڻ لاءِ منتظر نظر اچي ٿو: نياز چوي ٿو:

چپن ۾ پيا مرڪن نماڻا جڻ خوش آهن،
اکين مان پيو پڙهجي ته دل بي قرار آهي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 154)

وري چوي ٿو:

اسان ڪيئن ڇڏيون سائين اميدن الاهن ڪي،
اسان جي جياپي جو انهن تي مدار آهي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 154)

وڌيڪ لکي ٿو ته:

يار ’نياز‘ اسان جي ياري سپ ڪنهن کان نياري دنيا ۾،
پاڻ ته ڪنهن کي پيارا ناهيون، پر سپ پنهنجا پيارا هو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:155)

مٿئين بحث ۽ تقابلي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو ته همعصر دور ۾ هنن ٻنهي شاعرن جي خيالن، فني ۽ فڪري پهلوئن ۽ شاعرانه موسيقي، هيئت ۽ ٻين سڀني شاعرانه گهرجن سميت، شاعرن جي ڪلام ۾ خيالن جي ڪافي حد تائين هڪجهڙائي آهي. ٻئي قومپرست، وطن دوست ۽ ترقي پسند شاعر آهن. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سندن شاعريءَ قومپرست تحريڪن کي اپارڻ ۾، ماضيءَ کان حال تائين شانائتو ڪردار ادا ڪيو آهي.

4.استاد بخاري

احمد شاهه (استاد بخاري) جنم 16 جنوري 1930ع.

استاد بخاري سنڌ جي ترقي پسند شاعرن ۾ اوچي پد جو شاعر آهي. هو هر واسي ۽ نج عوامي شاعر آهي. پنهنجي خيالن جي ۽ شعر جي سٽن جي پورٽتا ۾ هڪ محبوب ۽ مڪمل شاعر لڳي ٿو. هو درد فراق جو شاعر به آهي ته رومانس ۾ به اعليٰ مرتبي جو شاعر آهي. هن جي احساسن ۾ سنڌ جو پورو سماج سمائجي وجي ٿو.

غلام حسين رنگريز جي لکڻ موجب:

”استاد جي لفظن ۾ اجهل اٽل، ڪڙڪندڙ بجلي، پرشور سمندر، چپندڙ نشتر سان گڏ جذبن جي رواني، بيان جي جرئت ۽ موضوع جي نواڻ آهي.“ (8)

الغرض، استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ پوري سنڌ ۽ ان جا ماڻهو، ان جون موسمون، ان جا ڏورا ڏنڊون، دريا، واهڻ ۽ وستيون سمايل آهن، ماڻهن ۽ ماڻهن جي مظلوميت، سپ ڪجهه اچي وجي ٿو.

جيڪڏهن استاد بخاريءَ کي قومپرستيءَ جي حوالي سان پرکبو ته استاد بخاري جهڙو قوم پرست ورلي ڪو ملندو، جيڪڏهن ڪيس هڪ عاشق جي روپ ۾ پروڙبو ته سندس فن ۽ فڪر مان محبت ليئا پائيندي نظر ايندي، يعني رومانس ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ٻين لفظن ۾ پنهنجي دل جي ڳالهه کي ڪلم ڪلا، بي اختيار ۽ بيباڪيءَ سان بيان ڪريو ڇڏي. جيئن:

مان ڇو به رنو آهيان،
پر يار رنو آهيان!

ڏسون ڪير ٿو پرچائي؟
هن هيڏي محفل ۾!

وري چوي ٿو:

استاد ڪيون آهون،
ء درد پريون داهون،
ڏسون ڪير ٿو ورنائي؟
هن هيڏي محفل ۾!

(اوتون جوتون :55)

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ کي نياز همايونيءَ جي شاعريءَ سان ڪيترن ئي حوالن سان پيٽي سگهجي ٿو. انهن ۾ هڪ حوالو ٻنهي شاعرن جو ترقي پسند ۽ قوم پرست هئڻ آهي. استاد بخاري چوي ٿو:

ٻاٽ ڪٽندي وڃي،
وادِ ٽٽندي وڃي،
جند ڇٽندي وڃي،
انقلاب آڻجي!
نئون ڪو باب آڻجي،
بي حجاب آڻجي،
سوجهرو سوجهرو!

(ڳاءِ پيو جاڳائي پيو:192)

وري چوي ٿو:

جهنگ جهر ۾ روشنيون اپري پون!
برپٽن ۾ زندگيون اسري پون،
ماڻجن جيئري ئي جڳ ۾ جنتون،
سنڌ تنهنجا ڳوٺ جي سڏري پون.

(بخاري جا قطعا: 143)

ساڳئي ئي حوالي سان جيڪڏهن سنڌ جي سرموڙ شاعر نياز همايونيءَ کي ڏسبو ته هي به بي انتها وطن پرست ۽ ترقي پسند شاعر نظر ايندو. هن جي ست ست مان سنڌ جي ماڻهن جي خوشنودي ۽ خوشحاليءَ جو هڪاڻ محسوس ٿيندو:

هير جي هنج ۾ مست سرهاڻ جان،
ويڑ جي وَر ۾ المست چانداڻ جان،
ڪوئي معصوم پينگهي ۾ مرڪي جئين،
ڪوئي محبوب يادن ۾ مشڪي جئين.

سنڌ

جاڳي پئي!

سنڌ جاڳي پئي!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 226)

يا وري چوي ٿو:

هي آه سنڌ ۽ ان جي سانگين جي تقدير، جي اڄ زماني جي آئيءَ ۾ آهن،
گلابن جيان معصوم جن جي طبيعت، اهي تيز ڪنڊن جي گهائيءَ ۾ آهن،
حياتي مان بيزار.خاموش گم سم، نه ڪنهن جي سڙي ۽ نه سائيءَ ۾ آهن.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت:220)

استاد بخاريءَ جي شاعراڻي عظمت اها هئي، جو هو مسلسل لکندو رهيو ۽ ڪٽي به رُکجي نه ٻيٺو، هن زندگي جا ڪئين تجربا، مشاهدا ۽ مطالعا به ڪيا ۽ پوءِ انهن مشاهدن کي پنهنجي فڪري صلاحيتن سان پنهنجي شاعريءَ جو محور بنايو. جيڪڏهن هن جي سموري شاعريءَ کي پڙهي پروڙبو ته استاد پر اعتماد ۽ باوقار شاعر نظر ايندو. مطلب ته هن جي شعر جي نفاست ۾ نااُميدي، نراسائي ۽ احساس محروميءَ جهڙا منفي رويا نظر نه ايندا. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته هو خوبصورت اميدن ۽ آسروند جذبن ۽ همتن جو شاعر آهي ۽ انهن جذبن ۽ همتن کي بيان ڪرڻ جو هن جو انداز به نت نرالو ۽ انوکو آهي. چوي ٿو:

امرت پيتل پريت اسان جي،
موت لڙي ته به جيت اسانجي،
هٿ، هٿ ۾ ڏي، ڳاءِ جمالو!
پيار پيالو، پيءَ پيالو!

ميندیءَ رتڙو رنگ لڳي پيو،
ڌرتي جو انگ انگ مچي پيو،
جاڳي پيو جهر جهنگ جيالو:
پيار پيالو، پيءَ پيالو!

(اوتون جوتون: 44)

متئين شعرن ۾ استاد سنڌ جي سجاڳي (Awareness) کي خوشي ۽ فتح جي گيت ۾ سمائي، جنهن انداز سان پيش ڪيو آهي، سو سندس ئي ڪمال آهي. ٻئي طرف نياز همايوني پڻ اهڙي خيال جي امرت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ هر جاءِ تي پلٽيو آهي.

چوي ٿو:

سنڌ سڏڪن ۾ هئي، هاڻ مشڪي پئي،
پنهنجي جاين مٽي ماءُ مَرڪي پئي،
سوپ جي جوت جذبن مان جَرڪي پئي!
جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي!

جوش جذبي سان هر حال تيار ٿيو!
ظلم جي تير آهي، ته تلوار ٿيو!
ظالمن لاءِ سيهي جي ديوار ٿيو!
جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت :229،228)

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو هڪڙو حوالو يا پهلو رومانس به آهي، استاد انتهائي حسن پرست شاعربه آهي. هن وٽ محبوب ئي سپڪجهه آهي، جنهن کي هر جاءِ تي اظهار جو ذريعو بڻايو اٿس.

سونهن تنهنجي سنگيت جهڙي آ،
گفتگو لوڪ گيت جهڙي آ.
پيڙ تي پيڙ، جاري جيوت ۾،
پوءِ به پياري پريت جهڙي آ.

(نه ڪم نبريو نه غم نبريو: 19)

نياز همايوني به پنهنجي شاعريءَ ۾ داخلي ڪيفيتن کي شاندار نموني سرجيو آهي. جتي محبوب ۽ حسن جي ڳالهه ڪٿجي ٿي، اتي نياز همايوني به پنهنجي پرينءَ جا خد و خال ۽ نقش و نگار بيان ڪرڻ ۾ گهٽ نه آهي. هو نهايت خوبصورتيءَ سان اظهاري ٿو ۽ چوي ٿو:

دل جي توسان لڳي ته اڏجي ويئي،
دل جي تقدير جڙ بدلجي ويئي.

تون جو مرڪئين ته مند ڪئي مستي،
دل جي وستي خوشين سان وسجي
ويئي.

توسان ملندي ايئن ٿيو محسوس،
زندگي خوش نصيب بڻجي ويئي.

شاعر آهي "نياز" ۽ تون غزل،
ڳالهه بڏ! ڳالهه ڪيئن ته ڳنڍجي وئي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 167)

استاد بخاريءَ جا گيت به من جا ميت آهن، جڏهن انهن کي ان انداز سان پڙهجي، ڳائجي ۽ ٻڌجي ٿو، ته دل باغ و بهار ٿيو وڃي. هتي اسان هيٺ استاد بخاري جي گيت جو مثال پيش ڪريون ٿا، جنهنجي پڙهڻ سان ۽ جهونگارڻ سان موسيقيءَ جون لهرون من کي مست بنائن ٿيون، ته گڏوگڏ پرين جي حسن جا پار ۽ پتا به ڏين ٿيون ۽ گيت پڙهڻ سان ڪا حسن جي ازلي ڪشش محسوس ٿئي ٿي:

ڪا اک ناسي نيري گهري،
ڪا اک ڳاڙهي، ڪڪڙي قهري،
ڪا اک ڪاري، زاري زاري.
ڪيئن پڇون اسين سونهن پڇاري!؟

ڪي ڳل ڏاڙهون، ڪي ڳل لالا،
مرڪي آڇن موتئي، مالا،
باغ بدن ۾ بوءِ بهاري،
ڪيئن پڇون اسين سونهن پڇاري!؟

(اوتون جوتون: 61)

نياز همايونيءَ جي گيتن ۾ پڻ رومانس گاهي به گاهي بيان ڪيل آهي. هن جي گيتن جي رومانس جي باري ۾ عبدالواحد آريسر لکي ٿو: "هن جا گيت هجن يا لوڪ گيت، نظم هُجي يا طويل نظم، غزل هجن يا دوها ۽ وايون، سڀنيءَ ۾ جيڪي تشبيهون، استعارا ۽ محاورا وغيره موجود آهن، سي نياز صاحب جي فني ڪمال جي گواهي ڏين ٿا."[9]

نياز پنهنجي هن اڏمن ۽ اڻ تڻ تي مبني گيت ۾ چوي ٿو:

وهي پتر ول جان ڦلاري
پوپٽ وانگي نينهن
آيو!
پوپٽ وانگي نينهن
آيو!

ٽانڊاڻي جان آس الا، ٽمڪي دل جي واهڻ ۾،
اڏمن اڻ تڻ لاتي هوءِ، باهه لڳي ڇڻ باهڻ ۾،
ڪيئن ڪري اڻ ڇاڻ ويچاري.
پوپٽ وانگي نينهن آيو!
پيار جي منڙي هير گهلي، ڪڙيون مرادن جو مڪڙيون،
هيج وسايون وستيون الا، جرڪيون ماڻڪ جيئان اڪڙيون،

وسنو ورونهن ٽي چوڌاري،
پوپٽ وانگي نينهن آيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 53)

يا وري چوي ٿو:

سانوڻ سک جي سيج وڇائي،
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

تنهنجي جواني چاندوڪيءَ جيان،
منهنجي حياتي ويرن وانگ،
ملندي ڪلندي وقت گذاريون،
صبح جي منڊن هيرن وانگ،
هيڪل گهارڻ عمر اجائي،
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 55)

معلوم ٿيو ته هي ٻئي همعصر شاعر، پنهنجي ترقي پسند خيالن توڙي فڪري گهراين ۾ يڪسان پد تي بيٺل آهن.

5.ابراهيم منشي (15 جنوري 1934ع ، 31 جولاءِ 2003ع)

منشي محمد ابراهيم سومري، جوانيءَ ۾ پير رڪنديئي هڪ ٺيڪيدار وٽ منشيگيري ڪئي. هو روڊن تي پٿر وڇائيندڙ مزدورن جي حالت ڏسي ڏڪارو ٿي ويو. ان کان پوءِ پنهنجي دڪيل دل جي حالت ۽ جذبات کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪرڻ لڳو. هن نه صرف مفلس مزدور جي دکن جي دردن کي پنهنجي شاعريءَ ڪيتر ۾ سمايو، پر هن پوري سنڌ جي سماجي غلامانه حالت تي پنهنجو شعر چوڻ شروع ڪيو، هن هر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ کي پنهنجي للڪار سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جاڳرتا جا گيت پيش ڪري، شاعرانه عظمت ماڻي. شعر گوئيءَ جي ڪري ڪيس ڪافي دفعا جيل ياترا ڪرڻي پئي. انهيءَ حد تائينءَ جو هڪ پيري قيد و بند ۾ رهڻ دوران سندس پٽ جو انتقال به ٿي ويو!

هن جي شاعريءَ ۾ گيت، غزل، نظم، بيت، وايون، ٽيڙو، چؤستا، ڪافيون ۽ سندس ابتدائي شاعريءَ ۾ حمد ۽ نعت به شامل آهن.

منشي ابراهيم جتي به ۽ جنهن به استيج تي پنهنجو شعر، پنهنجي ئي طرز ۾ بلند آواز سان چيو، ته رياست جي ايوانن ۾ ٽرٿلو مچي ويندو هو ۽ پوءِ مٿس ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويندا هئا. ان جو مثال ڏيندا هلون ته 1974ع ۾ مٿسD.P.R تحت،

سائين جي. ايم سيد جي سالگرهه ۾ شرڪت جي ڪري، ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو ويو.

منشيءَ جي شاعريءَ جا ڪيترائي حوالا آهن. ان تي لکڻ کان پهرين اسان منشي ابراهيم جي شاعريءَ جي باري ۾ محمد ابراهيم جويي جي راءِ جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرون ٿا، هو لکي ٿو:

"منشيءَ کي مون 'عطائي' سڏيو آهي، 'راڳي' سڏيو آهي، هائو، هو عطائي آهي راڳي آهي. اسان جي قديم معاشري ۾ عطاين ۽ راڳين جي موجود روايت جي عين مطابقت ۽ سلسلي وارو هو عطائي ۽ راڳي: ٻيجل جنهن جي علامت آهي، جيئن حضرت شاهه عبداللطيف اها علامت ڳائي وڃائي اسان کي عطا ڪئي آهي." [10]

ان مان خود بخود معلوم ٿئي ٿو ته هن ٻيجل بنجي سنڌ جي واهڻ واهڻ، وستي وستي وڃي علي الاعلان آزادي جي سين هنئي ۽ چيو ته:

جهنڊا کڻو، نعرا هڻو، وڙهندا هلو، رڙهندا هلو!
هي رات جو پويون پهر جهاڳي چڙهيا آهيو جهڳر،
ڪڍيا هو سج ڪرٽا ڏسو ۽ جُهڙ اندر جهرٽا ڏسو!
ٽاٽن حويلين ٽرٽلو، آهي زمين ۾ زلزلو،
رهزن ۾ جيسين رت ڦڙو، مارڻ مرڻ کان نا مُڙو!
ساڻي سنپاريندا هلو ۽ ڏاڍ ڏاريندا هلو جهنڊا کڻو!!
(گوندر ويندا گذري :80)

منشي هر جاءِ تي ڏاڍ، ڏمر ۽ ظلم جي خلاف پنهنجي نظمن ۾ بغاوت جا جهنڊا بلند ڪيا ۽ اٽل رهيو. چوي ٿو ته:

باغي آهيان، باغي آهيان، گيت بغاوت جا ٿو ڳايان
باغي آهيان، باغي آهيان
مون بم پريان ڪئين بيتن ۾، تن گوريلن جي گيتن ۾،
هر گيت هي منهنجو گولي آ، ۽ گولي منهنجي ٻولي آ،
مون جنگ جبر سان جوٽي آ، هر ڳالهه ٻي مون لئه کوٽي آ،
غدار وطن مان ناهيان، ناهيان،
باغي آهيان، مان باغي آهيان.

اهڙيءَ طرح نياز همايوني به پنهنجي دور جو هڪ اهڙو منفرد شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ منشي ابراهيم جي شاعريءَ وانگر، ساڳئي مقصد جي حاصلات خاطر، (جنهن کي اسان حقيقي آزادي سمجهون ٿا) شعر چيا آهن. هو چوي ٿو:

منهنجي ڌرتيءَ جو گهنگار نه بخشيو ويندو،
ڪوبه غاصب، ڪوبه غدار نه بخشيو ويندو،
روپ رهبر جو وٺي سگهندو، نه رهزن ڪوئي،

هاڻ بيدار ٿيو آهه پلارن جو وطن!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 202)

هڪ ٻئي نظم ۾ پنهنجي ڏرتيءَ سان محبت جو بي پناهه اظهار ڪندي چوي ٿو:

سنڌڙي به تون، منهنجي جندڙي به تون،
منهنجي ڏرتي به داتا به تون!

تنهنجي هستيءَ سان جي به هاجا ٿيا،
منهنجي گيتن ۾ گوندر گڏيندا ويا،
ٻولي به تون، منهنجي لولي به تون،
منهنجون آهون اِلاهون به تون،

ڪيس ۽ ڪوس ٿا تو مٽان جِئن وڃن،
دل ٿي ڏاڳا ٽٽي نيڻ ٿا رت رُئن،
ڏٺڙيل به تون، اجا ڏوهي به تون!
پنهنجي ڌِهه جي ڏياڻي به تون!
سنڌڙي به تون منهنجي جندڙي به تون!

منشي ابراهيم سومري ڪافي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، جنهن ۾ غزل به آهن. منشيءَ جي غزلن ۾ گهڻي پاڪي اميد ۽ آس جو اظهار محسوس ٿئي ٿو. هتي اسان مثال طور هڪڙي غزل جو شعر پيش ڪريون ٿا:

تيز جو طوفان آيو، تنهن ۾ تختا ويا تري،
سڙهه سکاڻن کان پري، دريا اندر داخل ڏٺم.
(اکر اکر اک :97)

نياز همايوني به انهي آس ۽ اميد جو اظهار ڪري ٿو:

تو ته طوفانن جيان ٻيڙيءَ کي ٻوڙڻ جي ڪئي،
پر اسان جي ساک اسان کي سير مان تاري وئي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 165)

منشي ابراهيم پنهنجي نظمن واري پاڪي ۾ جيڪا به ڳالهه ڪري ٿو، تنهن ۾ ڪلي مزاحمت آهي. هن جا خيال، غيرن جي غلاميءَ کان چوٽڪاري جي سلسلي ۾ ڪليل اعلان آهن، پر ان سان گڏوگڏ هي ان حقيقت کان روشناس به ڪري ٿو ته سنڌ جو پوتار طبقو آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي، تنهن کي به هٽائڻ جي ضرورت آهي.اهڙن احساسن طرف متوجه ڪندي چوي ٿو:

اڇ غدارن کي غرق ڪبو ڪريون چو غلامي غيرن جي،
پر پهرين پٽٽي پاڙ اٽئون هن گهر جي چور وڏيرن جي،

جن ڪڙم سڃي سان ڪيس ڪري آهي خاڪ بنائيو پيرن جي،
اڄ پسجي ’منشي‘ ، پهچ پيئي هر پنهور پير اگهاڙي ۾،
مون پڪ سجاتا پنهنجا هئا ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
ٿي واٽ ڏسيائون ويرين کي ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾.

(گوندر ويندا گذري: 53)

نياز به ساڳين خيالن کي پنهنجي انداز سان پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهار ڪندي چيو آهي:

تون به ٻڌ او چنيسر پارا! تنهنجي به هاڻ ڪُٽي آهي،
تنهنجي مڙسي تنهنجي ڪرسي، ڪنهن کان ڪين ڳجهي آهي.

تون جي ڏارين ساڻ ملي ۽ پال پلايا پنهنجن سان،
تن جا ڪيتا لوڙين ويٺو، جُٽ، ڦُٽ طعنن، تنڪن سان.
تون پل ڏاهه ۽ ٺاهه پيو، هي دهشت جا دستور ميان!
ڪنهن کي ڪهي پر ڪنهن کي ڪهندين، مُلڪ مڙيئي منصور ميان!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 215-214)

منشي پنهنجي شاعريءَ ۾ چوي ٿو ته جيڪو سنڌ جي ڳالهه ڪندو سو ته جڙ سوريءَ کي سجائيندو. هو سقراط جي زهر پيئڻ جي راهِ رسم کي ادا ٿيندي، سنڌ جي حالتن سان پيٽي بيان ڪري ٿو. چوي ٿو:

ڪٿي سچ انا الحق چئي جُڳ جيئي ٿو،
ڪٿي سچ زهر جا پيالا پيئي ٿو،
ڪٿي سچ سرنهن جيئن گهاٽي گهمي ٿو،

سڀاءُ اي سموري نئين ڳالهه ناهي،
جڏهن دار جي دل گرم رت گهري ٿي،
پنهنجي اڄ اجهائڻ لئه چالون چُري ٿي،
سڏي ڪنهن کي باغي جيئڻ حق ڦُري ٿي،
وڃائي دنبوري، نئين ڳالهه ناهي،
چڑهڻ سچ جو سوري، نئين ڳالهه ناهي،
ٻنهيءَ جي آ پوري، نئين ڳالهه ناهي.

(گوندر ويندا گذري: 73)

اهڙيءَ طرح نياز همايوني پڻ پنهنجي مفڪرانه انداز ۾ سچ لاءِ سوريءَ سجائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو:

سچ چوڻ تي جيڪي جيئرا، تن کي شڪر ڪرڻ گهرجي،
جي نه ته جيئن منصور ويو، تيئن هنن جو به سر وڃڻ گهرجي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 128)

يا چوي ٿو:

سچ جي ٻيڙي سِير تي آهه ته ڇاهه، تون همت هار نه ڀاءُ!
ڪوڙ جي سوپ نه ٽيٽي آهي، مر پل پر سچ کار نه ڀاءُ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 122)

منشي ابراهيم سومرو پنهنجي نظمن ۾ ديس جي شاندار مستقبل اڏڻ خاطر ۽ غاصبن جون پاڙون پٽي ڪيڻ جي نينڊ کي همڪنار ڪندي چوي ٿو:

منشي مرون ۽ ماريون، سپ ويڑ پنهنجا واريون،
سر سامراجيت جو سٽي، گڏجي چڏيون پاڙون پٽي،
سر تي اوهان سپڪجهه سَنو، هاڻي اٽي واڳون وٺو،
ڪو نئون نظام هت آڻيون، موجون نئين سر ماڻيون،
شمعون جلائيندا هلو! ڪونتل ڪڏائيندا هلو!
جهنڊا ڪٽو نعرا هڻو! وڙهندا هلو!
رڙهندا هلو!

(گوندر ويندا گذري: 80)

وري چوي ٿو:

ڪا هوندي حياتي موت اٽئي، ڪو موت حياتي هوندو آ،
ڪو جهيڙو قوم جي ڪاڻ هجي، ڪو جهيڙو ذاتي هوندو آ،
۽ قومي جهيڙي ڪنڊ سائين، هيڻان ڪاتي هوندو آ،
تان اڄ اوچي ڳاڻ اڏي تي، جي ڪو ناتو نينهن اٽئي!

(گوندر ويندا گذري (78)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ منشي واري ساڳي للڪار آهي. هو ظلم ۽ جبر خلاف ڪو بلو ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ۽ بهتر مستقبل ماڻڻ جي آس ڏيڪاري ٿو ۽ چوي ٿو:

اڇ ته ان سماج کي جلايون دل جي باهه سان،
جلي جو نه سگهيو آهه ستم رسين جي آهه سان،
ٿڪي پياسين هو الا! سهيڙي سور ساهه سان،
هلو ته ڪا هلان ڪريون، ٿي بي نياز ساٿيو!

او دلنواز دوستو! او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون،
بلند حوصلو ڪريون،
جيئون جيئن جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

(دل ۽ ڏرتي جا گيت: 237)

مٿئين سموري تقابلي جائزي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته هي ٻئي شاعر هڪڙي ئي فڪر جا پير و ڪار آهن. اهو فڪر سنڌ جي حقيقي آزادي ۽ خوشحالي آهي، ٻنهي شاعرن جي سوچ ۾ يڪسانيت موجود آهي، اها قومي طبقاتي حوالي سان به آهي، ته سنڌ پرستيءَ جي حوالي سان به آهي.

6.غلام حسين رنگريز (18 1945ع -2 سيپٽمبر 2021ع)

غلام حسين رنگريز هڪ استاد، شاعر، اديب، دانشور، ڪالم نگار ۽ موسيقيءَ جي سُر تارن جي تمام گهڻي ڄاڻ رکندڙ هو.

هو سنڌو قانوندان ۽ سال 89-1988ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل ٿي رهيو آهي. سندس ٻارنهن ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. نثر ۽ شاعريءَ ۾ سنڌو نالو پيدا ڪيائين. قومپرست خيالن جو شاعر هو. شاعري پڑهڻ جي طفيل 1974ع ۾ جيل ياترا ڪيائين. سندن شاعريءَ جو هڪڙو ڪتاب "اکين اڄ اپار" آهي ڪافي شاعري اڻڇپيل حالت ۾ موجود آهي. جيڪا ڇپائي هيٺ آهي. سندس شاعريءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر قادر بخش مگسي لکي ٿو: "سندن شاعريءَ ۾ سندن مزاج جي سادگي، پرپور انداز بيان جو حسن، شعريت ۽ واردات قلب جي رنگيني نمايان نظر اچي ٿي، تنهن ڪري سندن شعر نهايت وٽندڙ ۽ دلين تي گهرو اثر ڇڏيندڙ آهي."[11]

غلام حسين رنگريز انسانيت جي حوالي سان چوي ٿو ته هن جهان ۾ انسان لکين هزارين آهن، پر ”انسان“ کو هک هوندو، جنهن جي من ۾ فطرتي مهکار سمايل هوندي آهي:

مهکار سمائي آهي کنهن کنهن من ۾،
هونئين ته هتي انسان لکين آهن.

(رنگريز هکڙو هو ، هليو ويو: 203)

نياز همايوني پڻ اهڙو ئي انسان دوست ۽ انسان پرست شاعر هو، جنهن جي کافي شعرن ۾ انسان جي پيار جي صدا گونجي ٿي. چوي ٿو:

اچو ته ماڻهو ماڻهو پنهنجي اندر مان نروار کريون،
جنهن مان کي انسان اپائي، سَرڳ سڃو سنسار کريون!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:134)

رنگريز جڏهن پنهنجي آس پاس جي حالتن تي نظر ڏري ٿو، تڏهن سندس اکين جي آڏو اهي نئو خيز نينگريون نظر اچن ٿيون، جيکي انگ اگهاڙيون، لاچار ۽ بيوس اٿي جي لپ لاءِ ٻچا کڇن تي کڻي، سورن ۾ ساڻيون ٿي، سرِ بازار گهمن ٿيون، جن جي کاکلن ۾ نه تيل آهي، نه وري هار سينگار ٽيل اٽن، چوي ٿو:

قدم قدم تي جوان نينگر، ارهه اگهاڙي اٿي جي لپ لا،
سورن ۾ ساڻيون، پنن ۽ کائن، ٻچا کڇن تي اٿي جي لپ لا،
چڱن ۾ تن جي نه تيل آهي، وتن ويڳاڻيون اٿي جي لپ لا،
ڏکهيري هٽڑا هٽن صدائون ٿيون نياڻيون اٿي جي لپ لا!

(اکين اڇ اپار:239)

۽ پوءِ پاڻ جهڙن انسانن کي عطر ۽ عنبير سان واسيل ڏسي ۽ انهن جا محل ماڙيون ڏسي، دل ۾ حسرتن جا لاتعداد کشکول کڻي، کڏهن خالي موٽن ٿيون، تڏهن نظام نابرابريءَ تي سوچيندي سندن دک دائک حالت بنجيو ٿي پوي. رنگريز انهي پوري پس منظر کي پنهنجي هنن سٽن ۾ کيڏي نه شاندار نموني سان چٽيو آهي:

ڏسي عطر ۽ عنبير ٻين جا، دلين ۾ هو ٿيون انهن لاءِ سوچن،
ڏسي هو بنگلا ٻين جا، دِل ۾ جهريل هو پنهنجي جهوپن لئه سوچن،
ڏسي هو ريشم رنگين کپڑا، دلين ۾ ڦاٽل لٽن لئه

سوچن،
ڏسي خزانا خوشيءَ جا هو ٿيون دلين ۾ پنهنجي ڏکن لئه
سوچن!

(اکيون اڇ اپار: 239)

الغرض مٿين ستن ۾ رنگريز کي جيڪي نڏٽکي انسان لاءِ درد آهي، سو پڏري پٽ نظر اچي ٿو.

اهڙيءَ طرح نياز همايونيءَ کي پڻ بي وس ۽ لاچار انسان سان دلي همدردي آهين ۽ انهن جا ڏک ۽ سور پنهنجا سمجهي ٿو، هو چوي ٿو:

هي ناريون نماڻيون پکن ۾ ويهي ٿيون حيا شرم هوڻن رڳو پيٽ خاطر،
هي سيتا جون سکيون، هي مارئيءَ جون پينر، پيون رت ولوڻن رڳو پيٽ خاطر،
تمدن جي دامن تي ٿيون داغ بنجن، مرم کي نهوڻن رڳو پيٽ خاطر.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 357)

مجبوري انسان کي کيڏا اکريل کم کرائي ٿي، ان جو مٿئين نظم جي بند ۾ نياز کهڙو نه لاجواب نقشو چٽيو آهي، هک حساس شاعر وانگر، نياز همايوني به مظلوم عورت جي حقن لاءِ للکار بنجي ٿو پوي ۽ چوي ٿو:

حقير آهي سماج اندر هميشه عورت جي ذات ڇا لئه،
کيو وجي ٿو منافرت سان انهيءَ جي حقن کي مات ڇا لئه،
رهي ٿي عزت عِوض هَوس جي فقط سندس لاءِ تات ڇا لئه.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 485)

غلام حسين رنگريز نه رڳو دکي انسانن لاءِ تڙپندو هو، پر سندس ۾ اڌ ٿيل دل ۾ درد جو دريا پيو اٿلندو هو. انهيءَ درد جي شدت جي باري ۾ ڊاڪٽر قادر بخش مگسي لکي ٿو:"شاعر پنهنجي حياتي جي سفر ۾ کڏهن کڏهن دردن جي دائري ۾ ايڏو ته گهائجي، بي درمان ٿيو وڃي، جو پنهنجي وجود جي انت جو پتو به نٿو پويس. شايد بي درمان ٿيڻ جو ارمان رنگريز صاحب کي به نهوڙي ويو هوندو."[12]

رنگريز چوي ٿو:

رفوگر کونه مليو، چاک دامن جي رفو لئه،
دل دکيءَ جو درد بي درمان ٿيندو، سونه ڇاتم.

يا

گهاءُ گهرو ڏس نه کيئن ڏينهون ڏينهن گهرو ٿيندو وڃي،
ساڻ تنهنجو سوجو سامان ٿيندو سو نه ڇاتم!

(رنگريز هڪڙو هو، هليو ويو: 208)

نياز همايونيءَ سان به ساڳي ڪار آهي. هو به دردن جي ديوارن ۾ قيد ٿيو، هر وقت پيو آهون ۽ داهون ڪري، چوي ٿو:

ڪڏهن ته غم کان هئاسين آجا وندر هئي ويچارن ۾،
هاڻ ته هردم قيدي آيون، دردن جي ديوارن ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 116)

يا

اونداهين ۾ اون او راڻا! تنهنجي زورآور ذات جي لاءِ،
روح رڙي ٿو راتين ۾ ڪنهن پرهه ڦٽي پرپات جي لاءِ!

دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 115)

غلام حسين رنگريز وٽ اُميد ۽ ياس جو اظهار به تمام اثرائتو آهي. هو اوپر کان سج اپرندي ڏسي ٿو ۽ اوندهه جي ڪاري رات کي ٽرندي ڏسي ٿو ۽ ڏرتي ماءُ سان پيار ڪندڙ ڪوپن جوانن کي حرڪت ۾ ايندي ڏسي ڏيو ڏرتي ڇاوا پنهنجي مٽان ڏاڍ خلاف مڙي مٽ ٽيا آهن ۽ هاڻي ڪو به آزار نه رهندو انهن جهونجهارن جي جاڳڻ کان پوءِ . هو چوي ٿو:

اوپر منجهه اپار ڏسان پيو،
اونده جو به اتار ڏسان پيو.

ڏرتيءَ ڇاول ڪُوپن جو اڇ،
ماءُ مِٽيءَ سان پيار ڏسان پيو.

گيت گهٽيا جن منهنجا ڪالهه،
تن جي ڪَنڌ ڪٽار ڏسان پيو.

پيار جي پياري ڏرتيءَ تي،
مِڙندا ڪي ملهار ڏسان پيو.

عمرن جا آزار نه رهندا،
جاڳيا اڇ جُهونجهار ڏسان پيو.

(اکين اڇ اپار:18)

نياز همايوني آسن ۽ اُميدن جو شاعر آهي، هن ڪڏهن ناڪاري يا پستيءَ واري سوچ نه رکي آهي، بلڪه هو اهڙي سوچ کي نندي ٿو ۽ ان کي ڪفر سمجهي ٿو. هن جي سڄي شاعري ان اميد سان لاڳاپيل آهي، ته ڪڏهن نه ڪڏهن تاريخ ڪَرَ موڙي اٽندي ۽ سنڌ جي ساري ٽيندي. هو چوي ٿو:

ڪر موڙي تاريخ اٽي آ، دهرائي ٽي پاڻ وري،
دودي وارو دور ڪٽي اڄ، آئي آهي ساڻ وري.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 214)
يا
اڄ جو نعرو، سپان جي هلچل، ميڙو انت مچي پوندو،
نيٺ ته سنڌ جي ساري ٽيندي، نيٺ ته جبر جهڪي پوندو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:215)
يا
هن ڏرتيءَ جا دودا جاڳيا، جاڳيو دريا خان وري،
هن ڏرتيءَ جي مٽي لهندي، مرڪي پنهنجو مان وري.
(نئين دور جان نوان چار درويش: 45)
يا
صدين کان پوءِ آئي سجاڳي، جاڳي اٽيا شهمير مڙيئي،
مادر تنهنجو مان سلامت، مهل ڪندا مهمير مڙيئي.
سنڌڙي تنهنجا سورهيه جاڳيا، هاڻ متان دل لاهين
تون،
تو لئه سرڙو آهه تريءَ تي، اڇڪلهه سپڪجهه آهين
تون.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 213)
هاڻ نه ڪوئي ڳوڙها ڳاڙي، هاڻ نه ڪو دلگير ٽئي،
هاڻ اهائي همت گهرجي، تبديل جيئن تقدير ٽئي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت : 215)

غلام حسين رنگريز نه رڳو ڏرتيءَ جو ديوانو ۽ اميدن ۽ آسن جو شاعر آهي، پر هو محبتن جو شاعر به آهي. هن جي شاعريءَ جو وڏو حصو محبتون ورهائڻ تي محيط آهي. هن کي جيڪا چارپل حياتي ملي هئي، سا هن سونهن کي سجدا ڪندي ڪپائي. هن وٽ جيڪا محبت جي موڙي هئي، سا هن سڀني ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏي. هو چوي ٿو:

اسان پنڌ پنهنجو پڇائي وجون پيا،
اوهان ساڻ ناتو نپائي وجون پيا.

اسان جي وڃڻ تي ڪجو غم نه ساٿيو،
اسان پاڻ اوهان ۾ سمائي وجون پيا.

محبت ۾ موڙي هئي هڙ ۾ جيڪا،
اوهان ۾ اُها سپ ورهائي وجون پيا.

حياتيءَ جا رنگريز مليا چار پل هئا،
سي سجدن ۾ سونهن جي ڪپائي وڃون پيا.
(رنگريز هڪڙو هو سو هليو ويو: 76)
يا
واءُ چٽيل پن ڪوئي اڏامي اچي،
ياد مون کي ڪجان!
هير تنهنجي چڱن ۾ اچي ۽ نچي
ياد مون کي ڪجان!
(رنگريز هڪڙو هو، سو هليو ويو: 199)
يا
جتي سونهن سرجي ثمر بار ٿيندي،
ته دل ڪيئن نه پنهنجي گنهگار ٿيندي.

جڏهن چنڊ چوڏهينءَ جو ڪينجهر تي ٽڙندو،
ٻکين پيئي مونتي هو ٻلهار ٿيندي.

سوين قول واسي ويا رات ڳليون،
چمن کي به پنهنجي آ مهڪار ٿيندي.
(رنگريز هڪڙو هو، سو هليو ويو:212)

رنگريز جو اهو رومانوي اظهار نجو پجو پنهنجو ئي رنگ آهي، جنهن تحت هو پنهنجين فني ۽ فڪري راهن تي هلڻ سکيو آهي. سندس اسلوب منفرد آهي، ڪنهن کان اڌارو ورتل نه آهي.

ساڳئي طرح نياز همايوني سنڌي شاعريءَ جي پهرين صف جي شاعرن مان هڪ آهي، سندس رومانوي شاعريءَ ۾ درياهه جي رواني ۽ ماکيءَ جو مٺاج آهي. نج سنڌي تشبيهن ۽ استعارن سندس شاعريءَ ۾ رومانوي رنگ کي وڌيڪ خوبصورتي بخشي آهي. جڏهن وَهي ڦلارجي ٿي ته نينهن به پوپٽ وانگي ڦيرا ڏي ٿو. چانڊوڪين ۾ جيئن ويڙهي ٿي ته اڏمان جاڳي پون ٿا، ۽ دل چاهي ٿي ته ڪو ويڙ وانگي اوري اچي ۽ وري دور ٿي وڃي، ته سڪ هيڪاري وڏي ۽ وڌيڪ سرور حاصل ٿئي، ۽ جڏهن پيارجي منڙي هير ڳُهلي ته مرادن جون مکڙيون به ڪلي گل ٿي ويون ۽ چوڌاري پيار جو ماحول پکڙجي ويو. نياز چوي ٿو:

وهي پتر ول جان

ي،

پوپٽ وانگي نينهن آيو،
پوپٽ وانگي نينهن آيو.

چانڊوڪيءَ تي وير جيئن، لهي چڙهي ٽي چُور ٽئي،
دل ٽي چاهي تيئن ڪوئي، اوري اچي ۽ ڏور ٽئي.

سرس ٽئي سڪ هيڪاري،
پوپٽ وانگي نينهن آيو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 53)

يا

سانوڻ سڪ جي سيج وڇائي،
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
مست اکين جا جام پري ڏي!
دل جي خوشيءَ سان پيئندس مان،
زلف جو سايو ڪر مون تي،
اڄ تنهنجي اپل ۾ جيئندس مان.
جوپن تنهنجو جڙي سدائي،
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:55)

نياز لولي‌ءَ ۾ به رومانويت جو رنگ پري ٿو چڏي، چوي ٿو:

مرڪ جنين جي پرهه جي مکڙي،
آئون ته انهن جي گولي، الو!

لولي، لولي الو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت:66)

يا لوڪ گيت "ڊولیا" ۾ ڪهڙيون نه سهڻيون تشبيهون استعمال ڪري، شعر ۾ انڊلڻي رنگ پريا اٿس.

گهمين ته بادل گهور ٽئي توتان، کلين ته بجلي چرڪ پري،
اچين ته سپ جون اکيون ٺرن، جي وجين ته سپ جو هانءُ ڏري،
اسان مجيوسي وهه وهه تنهنجا رعب رکڻ ڙي ڊوليا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 74)

لوڪ گيت "ماهيي" ۾ ڏسو:

چلا نينهن نشاني دا،

وچ پڑهندي اي ڪلما تيڏي
جواني دا!،
چڊڙي چانءُ اناران دي.
تون جو نال هو وين،
ڪيهي لوڙ بهاران دي!.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 82)

هن سڃي تقابلي جائزي مان پتو پوي ٿو ته نياز ۽ رنگريز ۾ فڪري هڪجهڙائي آهي، ۽ فني طرح به ڪافي ڪڙيون ملن ٿيون. هو ٻئي هڪ راهه جا پانڌيئڙا هئا ۽ ان ڪري ئي هنن جي شاعريءَ ۾ ڪافي مماثلت آهي.

مجموعي طور ائين چئي سگهجي ٿو، ته نياز همايوني پنهنجي دور جي اوچي پد جي شاعرن واري قطار ۾ هڪ سگهارو نالو آهي، جيڪو جديد ترقي پسند، انسان دوست ۽ قومي فڪر رکندڙ شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

پنهنجي وقت ۾ جڏهن قومپرستيءَ جي لهر نوجوان شاگردن کي موهي رهي هئي، ۽ سياست برائي زندگي ۽ آزاديءَ جو محور بنجي ويئي هئي، تڏهن نياز همايونيءَ جي شاعريءَ نوجوان شاگردن جي دلين کي گرمائي رهي هئي. هر جاءِ تي، هر فنڪشن ۾ ۽ سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي، ايازِ جي شاعريءَ سان گڏ نياز همايوني جي شاعريءَ کي ڳائڻ وڄائڻ جو چڙ ته بنياد پئجي چڪو هو. نياز همايوني پنهنجي فڪر ۾ سنڌ جو لازوال ۽ مايه ناز شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ڪيترين ئي صنفن تي مشتمل آهي، جنهن جو ذڪر ٿي چڪو آهي ۽ سندس رچنائن جو مختلف شاعرن جي شاعريءَ سان تقابلي جائزو پڙ پيش ڪري چڪا آهيون، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن بيت، دوهو، گيت، غزل، ڪافي، وائيءَ ۽ نظم جي صنفن تي پرپور طبع آزمائي ڪئي، نه رڳو شاعري ڪئي پر سنڌي ٻولي ۽ ادب جي نثري صنفن تي پڙ وڏو ڪم ڪيو. نياز همايوني فارسي ٻوليءَ جو وڏو ماهر هو، تنهن ڪري هن فارسيءَ جي نايابِ ۽ نادر ڪتابن جو ترجمو ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب کي شاهوڪار بنايو، ۽ اهي ترجما سنڌي ادبي بوردِ طرفان شايع پڙ ٿيا. ان کان وڌيڪ هڪ حقيقت اها به آهي، ته هي اعليٰ پايه جو طبيب به هو ۽ طب جي تاريخ جهڙو تحقيقي به ڪتاب لکيائين.

نياز همايوني سچ پچ ته هڪ بهترين شاعر هو، جنهن جون شاعرانه خدمتون سدائين امر رهنديون.

حوالا

1. سميجو، اسحاق، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو/حيدرآباد، 2015ع ص،14.
2. گرامي، غلام محمد، مولانا، مهراڻ شاعر نمبر، 1969ع، ص-500.
3. شمشير الحيدري، "لاڙ ٻرندي رهي، مهاڳ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،
4. چاپو پهريون، 2007ع، ص-25.
5. قادري ، ايار، "سنڌي غزل جي اوسر"، پاڳو ٻيو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص-417.
6. سڌايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، "لاڙ ٻرندي رهي"-ٻه اکر، 2007، ص-10.
7. ساڳيو، ص-20.
8. حسيني، امداد، تنوير چئي-ڪتاب –"سج تريءَ هيڻان" جو مهاڳ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1989ع، ص-315.
9. رنگريز، غلام حسين، "سونهن، سهائي، سوچ"، سچائي اشاعت گهر، دڙو، 2014ع.ص-107.
10. آريسر عبدالواحد، "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت" ص، 26.
11. جويو، محمد ابراهيم، "گوندر ويندا گذري" جو مهاڳ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1992ع، ص-20.
12. مگسي، قادر بخش، ڊاڪٽر، "دک ۽ درد ۾ لچندڙ پر اميد احساسن جو شاعر –رنگريز"
13. مضمون، ڪتاب: "رنگريز هڪڙو هو، سو هليو ويو"، ڪراڙ پبليڪيشن، ٽنڊو محمد خان، 2022ع ص-203.
14. ساڳيو، ص-208.

پڇاڻي ۽ تحقيقي نتيجا

تحقيق جو مقصد ئي آهي علمي ۽ تجزياتي پرک ۽ جستجو. هن جستجوءَ ۾ لاڳاپيل موضوع جي باري ۾ ۽ ان جي مقصدن جي پورائي جي سلسلي ۾ مخصوص مقصدن ۽ حاصل ٿيل نتيجن جي تقاضا ڪئي وڃي ٿي. مون پنهنجي مقالي ۾ پنهنجي معزز رهبر جي رهنمائي هيٺ رهي، جيڪي مقصد متعين ڪيا هئا، سي مقالي جي اختتام تي پهچڻ کان پوءِ جيڪي موزون ۽ مناسب نتيجا اخذ ڪيا آهن، سي باب وار سهيڙي هيٺ پيش ڪجن ٿا.

پهرين باب ۾ موضوع جو تعارف، موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق، موضوع جي ضرورت ۽ اهميت، تحقيق جي طريقي ۽ تحقيق جي دائري کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

باب جي شروع ۾ موضوع، "نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو" جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ نياز همايونيءَ جي شخصيت، پسمنظر، فن، فڪر ۽ هم عصر شاعرن سان تقابلي جائزي جو مختصر تعارف ڏنو ويو آهي. نياز تي اڳ ٿيل تحقيق ۾ سندس ٿي ڪتاب "ساٹيهه جي ساک (1975)"، "ڏرتيءَ جا گيت (1977)" ۽ "دل ۽ ڏرتي جا گيت (2009)" شامل آهن. ان کان سواءِ ڪجهه رسالن ۽ ڪتابن ۾ مضمون شامل آهن، پر ان هوندي به سندس شخصيت ۽ شاعريءَ تي تحقيق جي ضرورت محسوس ڪندي مون ڪافي مواد هٿ ڪيو آهي.

نياز همايوني ويهين صديءَ جي نامور شاعرن مان هڪ آهي، جيڪو پنهنجي منفرد اُسلوب، فن ۽ فڪر جي ڪري مشهور آهي. هُن جي شاعري تقريباً هر اخبار ۽ رسالي ۾ شايع ٿيندي هئي، ان ڪري سندس شاعريءَ جي خوبين کي اجاگر ڪرڻ ۽ سندس حيثيت کي نروار ڪرڻ لاءِ مون هيءُ پورهيو ڪيو آهي.

تحقيق ۾ متي بيان ڪيل بنيادي ذريعن کان سواءِ ڪجهه ٻيا ڪتاب، رسالاڻ اخبارون به ثانوي ذريعن طور ڪم ۾ استعمال ٿيون آهن، جيئن، ڪتابن "نئين دور جا نوان چار درويش" "دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل"، رسالن ۾: مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ، سوجهرو، پيغام، سهٽي، اڳتي قدم، اخبارن ۾ هلال پاڪستان، عبرت وغيره. ان کان سواءِ نياز جي اولاد کان انٽرويو ۽ سندس ڪجهه دوستن کان انٽرويو به ورتو ويو. انهن سڀني ذريعن کان بي انداز مواد مليو، جيڪو مقالي کي وڌيڪ سونهن بخشڻ لاءِ ڪم آيو آهي.

باب ٻيو نياز همايونيءَ جي سوانح حيات تي مشتمل آهي. هن باب ۾ سندس ڄمڻ جي تاريخ، ننڍپڻ، تعليم ۽ تربيت، روزگار، شاديون ۽ اولاد ۽ سندس ويجهن دوستن ۽ سندس وفات جو ذڪر موجود آهي.

نياز همايونيءَ جي نالي جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ سان پتو پيو ته سندس اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر پاڻ اڳتي هلي نياز حسن سڏايائين، ادبي حوالي سان هو نياز همايونيءَ جي نالي سان مشهور آهي.

نياز جي جمڙ جي تاريخ ۾ سال تي تمام گھٽا اختلاف هئا، پر تحقيق جي مستند ذريعن سان معلوم ٿيو ته سندس جنم 12 اپريل 1928ع تي ٿيو.

نياز همايونيءَ جي ننڍپڻ جي باري ۾ ڪا تسلي بخش ۽ زياده معلومات نٿي ملي، پر مون مختلف ڪتابن مان هُن جي ننڍپڻ جون ڪڙيون جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ننڍپڻ ۾ هُن تي شهيد الله بخش سومري جي شخصيت جو ايڏو اثر ٿيو، جو هو آخر تائين ان جي اصولن پري زندگيءَ جي پيروي ڪندو رهيو. نياز همايونيءَ جي تعليم ۽ تربيت مدرسي "احياءُ العلوم" ۾ ٿي، جتي هو 20 سالن جي عمر تائين تعليم پرائيندو رهيو، جتان هُن عربي، فارسي، حڪمت جي تعليم حاصل ڪئي ۽ قرآن شريف جو حافظ ٿيو. هن ڪي سنڌيءَ سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ تي به سٺي دسترس حاصل هئي. سندس تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ مختلف ڪتابن تان مواد پيش ڪيو ويو آهي.

نياز شروع ۾ دواخانو کوليو، ان کان پوءِ صحافت جو ڏنڏو اختيار ڪيائين ۽ ڪراچيءَ مان الشهباز اخبار ڪڍيائين . ان کان پوءِ حيدرآباد جي ويجهو ٽنڈي حيدر ۾ دوا خانو کوليائين. حيدرآباد جي طبيه ڪاليج ۾ استاد به رهيو ۽ آخر ۾ مرڪزي اردو بورڊ لائبرري حيدرآباد جو ڊائريڪٽر ٿيو ۽ اتان 1988ع ۾ رٽائر ٿيو.

نياز ٻه شاديون ڪيون ۽ انهن مان هِن کي ٽن ٻارن جو اولاد ٿيو.

تحقيق مان پتو پوي ٿو ته هِن جي دوستن جو تعداد تمام گھٽو هو، جن سان سندس تمام گھٽو پيار هو. سندس دوستن ۾ محمد صالح "عاجز"، عبدالواحد آريسر، تاج جويو، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، عبدالڪريم گدائي، پروفيسر انور فگار هڪڙو، غلام حسين رنگريز، قاسم هالائي وغيره، جن سان هُن جي وڌيڪ ويجھڙائي هئي.

سندس وفات متعلق مستند معلومات سندس اولاد کان ورتل انٽرويو ۾ ملي، جيڪا 3 جنوري 2003ع جي آهي. ٻين سڀني محققن اها تاريخ درست ڪو نه لکي آهي.

ٽئين باب ۾ نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي پس منظر ۽ مختصر تعارف جو اڀياس ڪيو ويو آهي.

پس منظر ۾ سماجي ۽ سياسي پس منظر، ادبي ۽ فڪري پس منظر ۽ نياز جي شاعريءَ تي متقدمين جا اثر، کي شامل ڪيو ويو آهي. شاعريءَ جي مختصر تعارف ۾ نياز جي شاعريءَ جي مختلف صنفن کي ڏنو ويو آهي.

سماجي ۽ سياسي پس منظر به ادب سان لاڳاپيل آهي. ادب ۽ شاعري رڳو هڪ حسينه جي زلف، ڪاڪل ۽ رخسار جو ذڪر نه آهي، پر ساري سنسار جي انسانيت جي ڏکن ڏولاون، آهُن، اميدن، احساسن ۽ امنگن جو ترجمان پڻ آهي. جيئن ته ادب کي انسان ۽ ان جي سماج لاءِ ڪو ڪارج سونپيل آهي، ۽ سياست جو انساني زندگي ۽ سماج تي گھٽو اثر ۽ عمل دخل آهي، سو انهن جي عڪاسي ڪندي، تجزيو ڪندي، سياست کان پاسو نه ٿو ڪري سگھجي. سياست به انساني زندگي ۽ سماج ۾ ايتري اهميت رکي ٿي، جيتري سماجيات، اقتصاديات ۽ نفسيات وغيره. ان حد تائين ادب کي سياست کان ۽ سياست کي ادب کان ڌار نٿو ڪري سگھجي.

برصغير ۾ ترقي پسند ادب جي شروعات انگريزن جي دور ۾ ٿي، ان جا اثر هر طبقي جي ماڻهن تي پيا. برصغير جي اديب ان اثر کي قبول ڪيو ۽ باقاعدي هڪ تحريڪ جي شروعات ٿي. سنڌ جو اديب به ان جو حصو بنجي ويو.

ادب ۾ ترقي پسند نظريي جي شروعات ته 1936ع ۾ سجاد ظهير ۽ ان جي ساٿين ذريعي ٿي، پر سنڌ ۾ ترقي پسند نظريو 1940ع کان سنڌي ادب جي زينت بنيو. هيءُ ادب تفريح کان وڌيڪ مقصد جو حامي ادب هو، جنهن عام ماڻهن کي سندن بنيادي حقن، جن ۾ معاشي، سماجي ۽ اقتصادي حق شامل هئا، نه صرف انهن کان آگاهي ڏني، بلڪه صدين کان قائم توهم پرستي ۽ انڌن عقيدن ۾ پيڙهيل اٻوجهه، مظلوم ۽ لاچار ماڻهن کي عقليت جي بنياد تي زندگيءَ جي نون قدرن طرف مائل ڪري کين نئين آئيندي لاءِ هلچل جو پڻ پيغام ڏنو.

پاڪستان جي آزادي ته اسان ٽپي ڪُڏي ۽ ڳائي وڄائي ورتي، جنهن لاءِ نياز همايوني به لکيو:

جانبازو جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو!

نياز ڪشمير جي آزاديءَ لاءِ به پنهنجن شعرن ۾ نعرو هنيو، پر پاڪستان جي قيام کان پوءِ ملڪ جي سياست ۽ معيشت تي ٻاهران آيلن قبضو ڪيو، اردو ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو ۽ مقامي ٻولين خلاف کات کهڙا کنيا ويا. صوبن ۽ انهن جي ماڻهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ون يونٽ جو قيام عمل ۾ آندو ويو. گدو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج جون زمينون غير مقامي ماڻهن ۾ ورهايون ويون.

اديبن، شاگردن، هارين ۽ مزدورن گڏجي ان خلاف تحريڪ هلائي، ۽ انتظاميه جي بوکلاهٽ سبب 4 مارچ 1965ع وارو واقعو پيش آيو.

سنڌي ليکڪن انهن سڀني واقعن کي پنهنجي لکڻين ذريعي ظاهر ڪيو. ادب هميشه پنهنجي اردگرد جي حالتن ۽ واقعن جو ترجمان رهيو آهي، پوءِ اهي واقعا ۽ حالتون ڪهڙي به نوعيت جون ڇو نه هجن. چاهي سياسي هجن يا سماجي، معاشي هجن يا مذهبي، اديبن هر ڪنهن موضوع تي لکي، ان خلاف آواز بلند ڪيو، جنهن جو بنياد ترقي پسند نظريي قائم ڪيو هو، جنهن جي ذريعي هنن عام ماڻهن ۾ قومي، ثقافتي ۽ سياسي جذبي کي اپارڻ جي ڪوشش ڪئي. اياز، نياز ۽ ٻيا سڀيئي اديب ۽ شاعر ان تحريڪ ۾ شامل هئا، جيستائين 1 جنوري 1970ع تي ون يونٽ ٽُٽو، تيستائين اها تحريڪ زور شور سان جاري رهي.

ون يونٽ واري تحريڪ قوم پرست تحريڪ ۾ تبديل ٿي چڪي هئي، جنهن کي حڪومت DPR تحت گرفتارين ۽ لالچن سان ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪافي اديب، شاگرد ۽ ٻين طبقن جا ماڻهو گرفتار ٿيا ۽ ڪافي وقت جيلن ۾ رهيا. آخرڪار وقت جي حڪومت ڪافي وڌن اديبن، شاگرد ليڊرن، مزدور ليڊرن ۽ سياسي ليڊرن کي لالچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي ۽ ايئن اها قومپرست تحريڪ ٽڪي ٿي وئي، پر

نياز همايوني ۽ ڪجهه ٻيا اديب ۽ شاعر ڪڏهن به جيڪا نه ٽيا، حالانڪه انهن کي تمام گھڻين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ تي ساري جڳ جي سياسي تحريڪن جو اثر ٽيو، ان سان گڏوگڏ ورهاڱي ۽ ون يونٽ جي تحريڪن جا پڻ گھڻا اثر پيا. هر عظيم شاعر وانگر نياز همايوني پنهنجي ڌرتي، پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ماضيءَ جي شاندار فڪر، سياست، سماجي ۽ تهذيبي روايتن جو بهترين شاعر آهي. نياز جي پنهنجي ڌرتيءَ سان تمام گھڻي محبت هئي، ان سان گڏ حساس دل نياز کي ساري سنسار جو فڪر ۽ درد هو. اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته نياز همايوني هڪ سُچيت، قوم پرست، انسان دوست ۽ محب وطن آدرشي شاعر جي حيثيت ۾ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ، پنهنجي قوم جي امن، آچپي ۽ انسانيت لاءِ پنهنجي شاعريءَ ذريعي وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

سنڌي شاعريءَ جو جديد دور ۽ ان جو فن سنڌي تهذيب ۽ تمدن، ثقافت ۽ قوميت، ادب ۽ روايت جي ڪلاسيڪي هيئت، موضوع، اُسلوب ۽ پيشڪش جي اصول کي، قومي ۽ بين الاقوامي تقاضائن جي روشنيءَ ۾، نئين سر زنده ڪرڻ ۽ اجارڻ جي هڪ مقدس جدوجهد آهي، يا ايئن ڪٽي چئجي ته فڪري ۽ علمي تجربن جي مسلسل جهاد جو ترقي يافته مرحلو آهي.

جديد دنيا جا ادبي لاڙا سنڌي ادب جا به لاڙا آهن، انهن جو اثر سنڌي ادب تي هن صدي ءَ ۾ پوندو رهيو آهي. هنن ادبي لاڙن جو حوالو ڏيئي ايترو چئي سگھجي ٿو ته هي سنڌي ادب جي اڄ جا لاڙا آهن ۽ سپاٽي هي رجحان ۽ لاڙا سنڌي ادب ۾ گھڻا چٽا نظر ايندا. شيخ اياز، نياز همايوني، تنوير عباسي ۽ ٻيا خاص طرح اڄ جي سنڌي ادب جا اهڙا اهم اديب آهن، جن وقت جي رفتار سان لڪيو آهي ۽ فرسودگي توڙي مدي خارج رجحانن ڏي نه ويا آهن، ان ڪري چئي سگھبو ته اڄ جي سنڌي ادب جا رجحان سپاٽ جي ادب جا نقيب آهن.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي شروعات قيام پاڪستان کان ڪجهه وقت اڳ ٿي، ۽ انهيءَ دور ۾ پروان چڙهي، پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ پختگي حاصل ڪيائين.

شاعر جي حيثيت ۾ نياز سنڌي شعر کي نرالي نوعيت ۽ نئون انداز ڏنو، خاص ڪري شاعريءَ ۾ قومي رنگ ۽ انسان دوستيءَ جو پرچار سندس خاص سڃاڻپ رهي آهي. ان سلسلي ۾ هو مشهور شاعر هوندراج دکايل کان متاثر رهيو، جيڪو ورهاڱي کان اڳ مولوي محمد صالح عاجز جي ڪري سندس دوست هو.

نياز همايوني شاعري زور شور سان تڏهن شروع ڪئي، جڏهن هو قومي رنگ ۾ آيو، ان جو مقصد ماڻهن کي قومي جدوجهد ۾ اڳتي اچڻ لاءِ سجاڳ ڪرڻ هو، چو ته انهي زماني ۾ اها هڪ ضرورت ٿي پئي هئي، ته ماڻهن جو رخ قومي تحريڪ ڏانهن ڦيرائجي. ان لاءِ هو شاعريءَ به ڪندو هو ۽ ننڍيون ننڍيون ڪچهريون به ڪندو هو، جنهن مان ايترو ٿيو ته هن جي شاعريءَ جي ڪري، ماڻهن سان لهه وچڑ ۾ اچڻ

جي ڪري، انهن ۾ سياسي شعور جاڳيو ۽ آهستي آهستي ماڻهو سجاڳ ٿيندا ويا ۽ ڳوٺن ۾ لائبرريون کولڻ جو رجحان پيدا ٿيو.

نياز شروعاتي دور ۾ "جميعت الشعراءَ سنڌ" سان وابسته رهيو ۽ انهي جي مشاعرن ۾ پرپور حصو وٺندو هو. اڳتي هلي "سنڌ رائٽرس گلڊ" جي نالي سان ادبي ادارو قائم ڪرايائين. انهيءَ دوران پاڻ "سنڌي ادبي سنگت" سان به سلهاڙيل رهيو. ساڳئي دور ۾ هو محترم جي. ايم. سيد جي ويجهو آيو ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو. نياز جا نظم جيڪي هو مشاعرن ۽ "بزم صوفياءِ سنڌ" جي ڪانفرنسن ۾ سُر سان پڙهندو هو، انهن محفلن جي جان هوندا هئا ۽ ماڻهن جي قومي جذبن کي بيدار ڪرڻ جو سبب بنيا هئا.

آئون ان نتيجي تي پهتي آهيان ته نياز همايوني مدرسي ۾ شيخ سعديءَ جو "گلستان" پڙهندي، مولانا عبدالغفور "مفتون" همايونيءَ جون ڪافيون ٻڌندي، مختلف ادبي تنظيمن جي پروگرامن ۾ شاعري پڙهندي، هڪ پختو شاعر بنجي ويو. هن جي شاعريءَ ۾ قومي ۽ بين الاقوامي رنگ انتهائي جاندار ۽ پرپور انداز سان اظهاريل آهي.

نياز جي شاعريءَ تي متقدمين جو اثر به نمايان آهي، جيڪو بيتن، (جنهن ۾ دوها به شامل آهن). واين، ڪافين، گيتن جي صورت ۾ نمايان نظر اچي ٿو. هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن کان تمام گهڻو متاثر هو. نياز ڪبير ڀگت، بلا شاهه، خواجه غلام فريد ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جو به مطالعو ڪيو هو ۽ اتان به موتي ميڙيائين. نظم ۽ ٻي شاعريءَ ۾ هو هوندراج دڪايل کان به متاثر هو. سندس شاعريءَ ۾ ان جي جهلڪ پسي سگهجي ٿي.

نياز جي صنفن جو مختصر اڀياس ڪجي ٿو ته خبر پوي ٿي ته هُن تقريباً سڀني ڪلاسيڪل صنفن تي قلم کنيو آهي، جن ۾ بيت، وائي، گيت ۽ لوڪ گيت، ڪافي وغيره پر هن جديد صنفن ۾ صرف ٽن صنفن غزل، نظم ۽ چؤ سٽي تي طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن ۾ نوان تجربا ڪري، انهن کي الڳ رنگ ۾ پيش ڪيو اٿس. ٻيون صنفون به سٽيون لکيون اٿس، پر ماهرن جي راءِ مطابق ۽ سندس شاعريءَ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته هو "نظم جو بادشاهه شاعر" آهي.

مطلب ته نياز همايونيءَ جي انهي سڄي پس منظر جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ آئون ان نتيجي تي پهتي آهيان، ته نياز انهن سڀني حالتن مان گذري ڪُندن بنجي ويو. هن قوم جي درد سان گڏ ساري عالم جو درد به پنهنجي سيني ۾ سانڍي رکيو، جنهن ڪري هُن اعليٰ معيار جي شاعري ڪئي، جيڪا پنهنجي الڳ حيثيت رکي ٿي.

چوٿين باب ۾ "نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو فني جائزو" اڀياس هيٺ آندو ويو آهي.

هن باب ۾ فن جي فلسفي، تعريف، قسمن، ٻولي ادبي ۽ غيرادبي ٻوليءَ ۾ فرق، نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي ٻولي، نياز جي شاعريءَ ۾ مفرد، مرڪب ۽ مرتب لفظن جو استعمال، پورڙ ۽ اڻ پورڙ تڪرار، اسم تصغير جو استعمال قافئي ۽ رديف

جو استعمال، فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جدت، چوٽي، پهاڪو، اصطلاح، ورجيس، علامت، اهجاڻ، عڪس، تجنيس حرفي، صنعت تضمين، تشبيهه، استعارو، ڪنايو، صنعت تلميح ۽ صنعت مبالغو، موسيقي يا سر سنگيت مختلف صنفن ۾ هيئت يا گهاڙيٽي جي تبديلي ۽ جماليات شامل آهن.

مجموعي طور آئون ان نتيجي تي پهتي آهيان، ته فني اعتبار کان نياز همايوني هڪ سگهارو شاعر آهي. هُن نه رڳو پنهنجي شاعريءَ جي آبياري سادن، سهٽن ۽ نج سنڌي لفظن سان ڪئي آهي، پر ان ۾ سهٽيون زميني تشبيهون، استعارا ۽ ٻيون ترڪيبون پڻ استعمال ڪيون آهن. سندس شاعريءَ ۾ عڪسي نظارا به آهن، موسيقيت به آهي ته جماليات جي حسين پيشڪش به آهي. هن شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۾ تبديليون آڻي، ان کي منفرد انداز سان پيش ڪيو آهي. ان کان سواءِ هُن لوڪ صنف ۾ نوان گيت سرجي، ان صنف ۾ خوبصورت اضافو ڪيو آهي. مطلب ته سندس هر صنف مان فني انفراديت جهلڪي ٿي.

باب پنجون؛ ”نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو فڪري جائزو“ جي اڀياس تي مشتمل آهي.

اهو سچ آهي ته فڪر کان سواءِ علم ادب هجي يا ٻيو ڪو زندگيءَ جو وهنوار هجي، انسان اڳتي وڌي ڪو نه سگهندو. انسان جو فڪر ئي آهي، جنهن ڪيس ان منزل تي پهچايو آهي جو هو خونخوار جانورن کي قابو ڪري سگهيو آهي ۽ قدرتي آفتن جي خلاف مزاحمت ڪري، انهن جي خلاف بچاءَ جا طريقا ڳولي ڪڍيا آهن ۽ پنهنجي سهنج لاءِ هر سهوليت ايجاد ڪئي آهي. فڪر يا فلسفي کان بغير ڪنهن به طرف وڌڻ مشڪل نه بلڪه ناممڪن آهي.

هن باب ۾ نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي مختلف فڪري ڏارائن جو الڳ الڳ تفصيل سان اڀياس ڪيو ويو آهي، جيئن تصوف ۽ وحدالوجود، ترقي پسندي ۽ روشن خيالي، قوم پرستي ۽ وطن دوستي، مزاحمتي شاعري، انسان دوستي، تاريخي ۽ تهذيبي تناظر ۾ سرجيل شاعري، رومانويت، لوڪ رنگ ۽ مزاحيه ۽ اصلاحي شاعريءَ جو تفصيل سان اڀياس ڪيو ويو آهي.

هن اڀياس مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو بنياد آهي ئي ”فڪر“، جنهن کان سواءِ سندس شاعري اڌوري آهي، پر سندس فڪر کي اسان صرف هڪ وقت جي فڪري تحريڪ سان منسوب ڪري محدود نٿا ڪري سگهون. نياز وٽ انسان، زندگي، پيار اهم شيون آهن، هو انهن کي ئي صداقت ۽ سچ قرار ڏيئي ٿو، تنهن ڪري نياز سنڌ جي فڪري تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪا هر دور ۾ روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جو روپ ڌاري ظاهر ٿئي ٿي.

ڇهين باب ۾ نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو اڀياس هيٺ آندو ويو آهي، جنهن ۾ سندس همعصر ترقي پسند ۽ قومپرست شاعرن شيخ ايار، عبدالڪريم گدائي، تنوير عباسي، استاد بخاري، ابراهيم منشي ۽ غلام حسين رنگريز سان پيٽ ڪئي

ويئي آهي ۽ هنن شاعرن جي مقابلي ۾ نياز همايونيءَ جي حيثيت جو تعين ڪرڻ جي ادنيٰ ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

معلوم ٿئي ٿو ته نياز به هنن معزز شاعرن جي پد جو شاعر آهي، ۽ هنن جي فن ۽ فڪر ۾ ڪافي هڪجهڙايون آهن.

مجموعي طرح نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ پيغام آهي، جاڳڻ جو، هوشمنديءَ جو، محبت جو، انقلاب جو، انسانيت جو ۽ امن جو! بنيادي طرح هي شاعر قوم پرست آهي. سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي قوم لاءِ سجاڳي ۽ پنهنجي حق ونڻ جو پيغام موجود آهي، پر قوم پرستيءَ جو هيءُ دور جنهن ۾ ترقي پسندي، روشن خيالي، انقلاب ۽ اشتراڪيت ڏانهن رغبت رکندڙ لاڙا وڌيڪ نمايان آهن، نياز همايوني به مظلوم قوم جي هڪ فرد جي ناتي جيڪا ڳالهه ڪري ٿو، انهيءَ ۾ ظلم خلاف وڙهڻ ۽ مظلوم کي جاڳائڻ جي ڳالهه آهي.

مونکي اميد آهي ته منهنجو هيءُ تحقيقي مقالو لاڀائتو ثابت ٿيندو، ۽ مستقبل جا محقق ان مان سٿو فائدو حاصل ڪري سگهندا.

ببليوگرافي

سنڌي ڪتاب

1. آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، بمبئي، 1951ع.
2. آريسر، عبدالواحد، (مرتب تاج جويو)، "نئين دؤر جا نوان چار درويش"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2016ع.
3. اڇڻ، بدر، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري"، سنڌ ريڊرس فورم، حيدرآباد، 1999ع.
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي بوليءَ جو اڀياس" ،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع.
5. بخاري، استاد، "اوتون جوتون"، سنڌي ساهت گهر ،حيدرآباد، 1994ع.
6. بخاري، استاد، "بخاري جا قطعا"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2009ع.
7. بخاري، استاد "نه ڪم نبريو، نه غم نبريو" ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2014ع.
8. بخاري، استاد، "ڳائي پيو جاڳائي پيو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1999ع.
9. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات" جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2007ع.
10. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات جلد ٽيون"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2007ع.
11. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات جلد چوٿون،" سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2007ع.
12. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "سنڌي بولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٽيون ايڊيشن، 1990ع.
13. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "سپ رنگ"، ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، جون، 2012ع.
14. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "لوڪ گيت"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2006ع.
15. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "ميين شاهه عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1963ع.
16. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، "تنقيدون"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1979ع.
17. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، "ادب جا فڪري محرڪ"، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد سنڌ، 1984ع.
18. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، "علمِ تحقيق"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1990ع.
19. پٽي، رشيد، "خط ،انٽرويو، تقريرون-1"، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987ع.
20. ٽي، ايس، ايليٽ، "ڊائلاگ"، يو ايس انفارميشن ايجنسي، واشنگٽن، واليوم 4، نمبر 2، 1971ع.
21. ٺهيم، حسن علي، "سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن"، اردو، بازار ڪراچي.
22. پليجو، رسول بخش، "انڊا اونڊا ويچ"، انسائڪلو پيڊيا ڪارپوريشن، حيدرآباد، 1967ع.
23. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"،پي ايڇ . ڊي ٿيسز، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڇاپو پهريون، مئي، 1980ع.

24. جوٹيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1987ع.
25. جوٹيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر، "ڪنمال"، انسٹيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو، 2002ع.
26. جوٹيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، گلشن پبليڪيشن، لاڙڪاٹو، 2004ع.
27. جوٹيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر، "سنڌي ادب جي تاريخ (حصو پهريون)"، سنڌي لئنگويج اٿارٹي، حيدرآباد، 2004ع.
28. جوٹيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر، "سنڌي ادب جي تاريخ (حصو ٻيو)"، سنڌي لئنگويج اٿارٹي، 2005ع.
29. جوٹيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر،"سنڌي زبان جي ماهيت"، سنڌي لئنگويج اٿارٹي، حيدرآباد 2007ع.
30. جوٹيجو، منصور قادر، "قومي انقلابي شاعري"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو ٻيو، 2014ع.
31. جويو، تاج، "سنڌي گيت"، انسٹيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٹي، ڄام شورو، 1979ع.
32. جويو، تاج (مهاڳ شبنم گل)، "نيٹ مهٹي خيال جاڳيا" ،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو،
33. جويو، تاج، "رابيل رت مايا نگر"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2017ع.
34. جويو، محمد ابراهيم، "ادب، ٻولي ۽ تعليم"، سنڌي لئنگويج اٿارٹي، حيدرآباد، 2015ع.
35. جويو، خاڪي، "ترقي پسند ادب جا معيار"، سنگم پبليڪيشن، ڪراچي، 1986ع.
36. چانڊيو، جامي (مرتب) "ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري"، حصو ٻيو، سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي، 2007ع.
37. چانڊيو، بشير احمد (فياض لطيف) "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"،پي ايڇ ڈي ٿيسز، انسٹيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٹي، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، 2018ع.
38. حيدري، شمشير"سنڌي شاعريءَ جو اپياس"، حيدري انسٹيٽيوٽ آف لٹريچر ۽ آرٹس، بدين، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 1988ع.
39. حيدري، شمشير "سنڌ ۾ آزاد نظم جي اوسر"، حيدري انسٹيٽيوٽ آف لٹريچر اينڈ آرٹس، ڪراچي، ڇاپو پهريون، آڪٹومبر، 1987ع.
40. رنگريز، غلام حسين، "سونهن سهائي سوچ"، سچائي اشاعت گهر، دڙو، 2014ع.
41. رنگريز، غلام حسين، "ورق ورق زندگي"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ، 2011ع.
42. رنگريز، غلام حسين،"اکين اڇ اپار"، ڳوٹ سڌار سنگٹ، احمد خان زئور، 2005ع.
43. زيب، سنڌي، "سنڌي ادب جي سرهاڻ"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو.
44. سحر امداد، ڈاڪٽر، "شعور، شاعر، شاعري"، سنڌي ادبي بورڈ، ڄام شورو، 2008ع.
45. سميجو، محمد اسحاق، "سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جو تحقيقي اپياس"، (1936ع کان 1970ع تائين)، پي ايڇ . ڈي ٿيسز، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٹي، ڄام شورو، سنڌ، 2014ع.

46. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب)"ڳاءِ انقلاب ڳاءِ"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو-حيدرآباد، 2015ع.
47. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "تحقيق لغات سنڌي"، ڇاپو چوٿون، 1963ع.
48. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، جولاءِ 1986ع.
49. سنڌي، يوسف، "سنڌي ادب- هڪ سئو سنڌي اديين جي سوانح ۽ ڪم جو جائزو"، سچائي اشاعت گهر، درڙو، جولاءِ 2011ع.
50. سورلي، ايڇ ٽي، "پٽ جو شاهه"(ترجمو: عطا محمد پنهرو)، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1992ع.
51. سيد، جي ايم، "چوند ادبي مضمون ۽ ولايت جا خط"، نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، 1974ع.
52. شاهه، نورالهدىٰ، "جلاوطن"،نيوفيلڊس، پبليڪيشن، حيدرآباد.
53. شڪارپوري، منشي، عطا محمد، (مترجم نياز هُمايوني)، "تاريخ تازه نواءِ معارک (تازن معرڪن جي تاريخ)"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2005ع.
54. شيخ ايار، "وڇون وسڻ آيون"، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع.
55. شيخ، واحد بخش، "سنڌي پوليءَ جو صرف ۽ نحو"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع.
56. عباسي، تنوير، "تنوير چئي" ، (تنوير جي شاعري از نياز همايوني)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڊسمبر 1979ع.
57. عباسي تنوير، "شاهه لطيف جي شاعري"،نيوفيلڊس پبليڪيشن، ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد، 1989ع.
58. عباسي، ظفر، "سنڌ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007ع.
59. قادري، ايار، "سنڌي غزل جي اوسر- پاڳو ٻيو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو 1983ع.
60. قاضي، علامه آءِ آءِ، "صوفي لا ڪوفي"، مترجم: عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1995ع.
61. قاسماڻي، عزيز، "شيخ ايار جي غزل جو فن"، ڪنول پبليڪيشن، قمبر، ڇاپو پهريون، جنوري 2020ع.
62. گدائي، عبدالڪريم، "لاڙ ٻرندي رهي"،(شاعريءَ جو ڪليات)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع.
63. جروار، نظير احمد، "نذير"، "ميزان"، علي رضا ڪمپيوٽرائزڊ آفسٽ پريس، مهراڻ چوڪ، ڪرما باغ، لاڙڪاڻو، 1996ع.
64. گدواڻي، پرسو، ڊاڪٽر، "سنڌي لوڪ گيت: پوليءَ جي اوسر"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 2010ع.
65. گرامي، غلام محمد، مولانا، "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1992ع.

66. لاسيئس، ايبرڪرومبي، پروفيسر، مترجم - مرزا مراد علي، "ادبي تنقيد جا اصول"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، جون 1981ع.
67. لغاري، اڪبر، "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2018ع.
68. مرزا، قليچ بيگ، "سنڌي ويا ڪرڻ- چار پاڳا"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1992ع.
69. منشي، محمد ابراهيم، "گوندر ويندا گذري"، (مهاڳ محمد ابراهيم جويو)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1992ع.
70. منشي، محمد ابراهيم، "اڪر اڪر ڪي اڪ"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ع.
71. مگسي، قادر بخش، ڊاڪٽر (مرتب)، "رنگريز هڪڙو هو سو هليو ويو"، مضمون: دڪ درد ۾ لچندڙ پر اميد احساسن جو شاعر- رنگريز، ڪراڙ پبليڪيشن، ٽنڊو محمد خان، 2022ع.
72. مگسي، قادر بخش، ڊاڪٽر، "خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعري"، (پي ايڇ . ڊي ٿيسز) ڪراڙ پبليڪيشن، ٽنڊو محمد خان، ڇاپو ٻيو مارچ، 2022ع.
73. ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، "بيت: سٽاءُ ۽ اوسر"، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2002ع.
74. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع.
75. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو (سنڌي ادب جي مختصر تاريخ)"، عجائب اسٽورز، فريئر روڊ، سکر، ڇاپو ٽيون، 1976ع.
76. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، عجائب اسٽورز فريئر روڊ سکر، ڇاپو چوٿون، 1976ع.
77. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع.
78. ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر، "سنڌ جي ادبي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، چوٿون ايڊيشن، 2000ع.
79. هڪڙو، انور، فگار، ڊاڪٽر، 'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2009ع
80. همايوني نياز، (مرتب: مدد علي سنڌي)، "گلبانگ لطيف"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2020ع.
81. همايوني، نياز "دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل"(مرتب –تاج جويو)، نياز همايونيءَ جي طنزيه ۽ مزاحيه شاعريءَ جو چڀائيءَ هيٺ مسودو.
82. همايوني، نياز ، "ديوان مفتون"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو ٽيون، 2020ع.
83. همايوني، نياز "ساڻيهه جي ساک" (مهاڳ: عبدالواحد آريسر)، 1975ع.
84. همايوني، نياز "ڏرتيءَ جا گيت"، (مهاڳ: محمد صالح "عاجز")،1977ع.
85. همايوني، نياز، (مرتب تاج جويو) "دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت "،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2009ع.

سنڌي رسالا، مئگزين ۽ اخبارون

رسالا

1.ٽماهي مهراڻ، 4-3 سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1965ع.
2.مهراڻ، 1 1962ع.
3.مهراڻ، 2-1 1961ع.
4. مهراڻ 4-3 ، 1963ع.
5.مهراڻ 2-1 1960ع.
6.مهراڻ ٽماهي، 1969ع.
7.مهراڻ شاعر نمبر، 1969ع.
8.مهراڻ، 4-3 ، 1965ع.
9.مهراڻ، 3، 1999ع.
10.مهراڻ 4، ٽماهي، 2008ع.
11.مهراڻ 2-1، 2011ع.
12.مهراڻ 4، 1996ع.
13.مهراڻ ٽماهي 1991ع.
14.مهراڻ ٽماهي 3، 1987ع.
15.مهراڻ 4-3 1969ع.
16 مهراڻ 1991ع.
17.مهراڻ 3، 1963ع.
18.مهراڻ 1، 1981ع.
19.مهراڻ بهار، 1955ع.
20.مهراڻ 2، 2013ع.
21.مهراڻ 2-1 1988ع.
22. مهراڻ 4-3 1960ع.
23.مهراڻ 2-1 2004ع.
24. مهراڻ 2-1 1961ع.
25.مهراڻ 1، 1959ع.
26.مهراڻ 2، 1959ع.
27.مهراڻ 2، 1999ع.
28.مهراڻ 3، 1988ع.
29.مهراڻ 4، 1959ع.
30.مهراڻ 4، 1987ع.
31.نئين زندگي 1973ع.
32.نئين زندگي جون 1968ع.
33.نئين زندگي جولاءِ، 1965ع.
34. نئين زندگي 1963ع.
35. نئين زندگي 1962ع.
36.نئين زندگي سيپٽمبر 1964ع.
37.نئين زندگي جون 1965ع.

38.نئين زندگي جولاءِ 1962ع.
39.نئين زندگي مارچ 1956ع.
40.نئين زندگي جولاءِ 1964ع.
41. نئين زندگي 1968ع.
42.نئين زندگي اپريل 1963ع.
43.اڳتي قدم جولاءِ ۽ آگسٽ 1972ع.
44.روح رهاڻ اپريل 1966ع.
45.روح رهاڻ اپريل 1965ع.
46.روح رهاڻ آگسٽ 1965ع.
47.روح رهاڻ آڪٽوبر 1963ع.
48.روح رهاڻ جولاءِ 1967ع.
49.روح رهاڻ سيپٽمبر 1965ع.
50. ماهوار سهڻي، ڪتاب نمبر 15 1970ع.
51.سوجهرو ڪراچي، فيبروري 1974ع.
52.سوجهرو فيبروري 2003ع،
53.سوجهروسيپٽمبر 2003ع.
54.سوجهرو مارچ 1970ع.
55. ڪينجهر 13 سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي 2010ع.
56. ڪينجهر 17 2014ع.
57. ڪينجهر 21 2018ع.
58. ڪينجهر 10 2004ع.
59. ڪينجهر 13 2010ع.
60. برسات ڪراچي جنوري 1974ع.
61.برسات فيبروري 2003ع.
62.ڪسوٽي لاڙڪاڻو 1986ع.
63.اديب سنڌ اپريل 1949ع.
64.اديب سنڌ، مئي، جون جولاءِ 1949ع.
65.قليچ جنرل 2 سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو 2016ع.
66.سنڌو 9 ڪراچي 1986ع.
67.انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا
68.عبرت مئگزين 15 مارچ 1999ع.
69.روزانه عبرت اخبار جمع 8 مارچ 1963ع.
70.روزانه عبرت اخبار حيدرآباد 17 مارچ 1963ع.
71.روزانه هلال پاڪستان ڪراچي 30 جون 1963ع.
72.روزانه نئين سنڌ مئي 13، 1953ع.

اردو کتب

1. انور سدید' ڈ اکٹر ''اردو ادب کی تحریکیں'' انجمن اردو ترقی پاکستان کراچی بار اول۱۹۸۳ء۔
2. اعظمی، انجم، ''ادب اور حقیقت''، کراچی اشاعت گھر' بار اول' ۱۹۷۹ء۔
3. رفیق' سعید احمد''تاریخِ جمالیات'' زمرد پبلیکیشن' کوئٹا' اشاعت دوم' ۲۰۰۰ء۔
4. رضوی' سجاد باقر' ڈ اکٹر' ''مغرب کے تنقیدی اصول'' مقتدرہ قومی زبان' اسلام آباد' باردوم' ۱۹۹۴ء۔
5. رضوی' سید علی' ''جمالیات ایک مطالعہ''، مکتبہ نیا ادب کراچی' ۱۹۸۷ء۔
6. سحرامداد, ڈ اکٹر, 'انٹرنیشنل کانفرنس سندھ ماضی حال مستقبل'شاہ عبداللطیف بھٹائی چیئر, جامعہ کراچی۔انسٹیٹیوٹ آف سندھیالوجی, جامعہ سندھ2006ء ص-54،55
7. سعید' لخت (مرتب) ''فیروز سنز اردوانسائکلوپیڈ یا''، تیسرا ایڈ یشن' ۱۹۸۴ء۔
8. سید' عبداللہ' ڈ اکٹر' ''اشارات تنقید''مقتدرہ قومی زبان' اسلام آباد' بار دوم' فروری ۱۹۹۳ء۔
9. سید عابد علی' ''عابد'' ''اسلوب''مجلس ترقی ادب' لاہور' ۱۹۷۱ء۔
10. سید مظہر جمیل' ''جدید سندھی ادب: میلانات' رجحانات' امکانات'' اکادمی بازیافت' کراچی' مارچ ۲۰۰۷ء۔
11. کاشمیری' ظہیر' ''ادب کے مادی نظریے''کلاسک پبلیشرز' لاہور' بار دوم' ۱۹۷۵ء۔
12. فیروز الدین' مولوی (مرتب)' ''فیروزاللغات۔اردو جامع'' فیروز سنز لاہور۔
13. میرٹھی' افسر حامداللہ' ''تنقیدی اصول اور نظریے'' انجمن ترقی اردو کراچی۔
14. ناصر، نصیر احمد، ڈ اکٹر''جمالیات قرآن کی روشنی میں'' نیشنل بک فائونڈ یشن' اسلام آباد' ۱۹۷۶ء۔

English books

1. Allana, Ghulam Ali, Dr, "Evolution of Sindhi Language", Sindhi Language Authority, Hyderabad,

Sindh, 2020.
2. Allen, R.E, "Concise oxford dictionary", 8th edition, clarenden press, oxford 1990.
3. A.S Horn, "oxford Advanced learners dictionary", oxford university press, 7th edition 2005.
4. Archibald, Maclash, "poetry and experience", Middle sax, 1965.
5. C.day lewis, "The poetic image", jonathan 16,Bedford square,London 8th edition 1955.
6. Elliot, T.S, "on poetry and poets", farrar, straus and Giraux publishers, London, 2009.
7. Ezara Pound "litrary Essays", BloomsburryAcademic publishers, London, 1978.
8. Herold H.Titus, "living issues in philosophy" 4th edition,American book company, newyork , 1964.
9. I.A, Richards, Principles of literary Criticism", London,1961.
10. J.Issac, "back ground of modern poetry", London, 1956.
11. Julius Super wile, "Mid century French Poets" Newyork, 1955.
12. Qazi.I.I, Allama, Shah Abdul latif: an introduction to his Art", Sindhi adabi board, Hyderabad, 1973.
13. Sanders, "Discovery of Poetry" Illinois, 1967.
14. The Encyclopedia Britanica,vol:11, September, 2015.
15. The oxford English dictionary vol: I clarendon press, 1933.
16. wallac and Warren, "theory of literature", nova science publishers, London, 1948.

English magzenes, news papers and online sites

1.Imagist Magzene -1972.
2.Pakistan Today(news paper) November 13, 2022.
3.sd.m.vikipedia
4.american humanist. Org.def.

لائبريريون، جن مان مدد ورتي وئي

1. پروفيسر محرم خان لائبريري، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي.
2.سينٽرل لائبريري، سنڌ يونيورسٽي،
3.انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لائبريري.
4.شمس العلماءَ دائود پوٽو لائبريري، حيدرآباد.
5.نذرٽ ڪاليج لائبريري.
6.شاهه عبداللطيف پٽائي لائبريري، علي بابا بوائز ڪاليج، ڪوٽڙي.
7.گرلس ڪاليج لائبريري ڪوٽڙي.
8.ميونسپل لائبريري ڪوٽڙي.
9.خليفو نبي بخش لائبريري ٽنڊو محمد خان.
10.ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌيءَ جي ذاتي لائبريري، شاهه ڪريم.
11.محمد خان غني لائبريري، ٽنڊو محمد خان.
12.ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو جي ذاتي لائبريري.
13.ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ذاتي لائبريري، ڪراچي.

up his people through poetry. His poetry was also influenced by "One Unit" and the resulting national movement and the international freedom movements, due to which his poetry was rich in art and thought.

After a close study of Niaz Humayooni's poetry, it is found that his poetry is not only about Nationalism, Patriotism, Resistance, Progressiveness, Enlightenment, Aesthetics, Romanticism and deep secrets and mysteries of Sufism but the axis and centre of all these topics is only Sindh. He starts from Sindh and ends with Sindh. Niaz gave Sindhi poetry new technical and intellectual paths and gave new refinement to his style. On the one hand, Niaz integrates local and international art and thought in his works, on the other hand, he maintains the classical tradition in his poetry, new poetic aesthetics, new concepts, ideas, metaphores and similes, It has made it more effective and attractive by showing the reflection and feeling of nature and society, such qualities differentiate him and give him a unique identity, but these qualities prove him to be a great creator.

In this thesis, along with a brief account of the life of Niaz Humayooni, the literary and political background of his poetry, a brief introduction to the different genres of the poetry written by him and his artistic and intellectual qualities and comparative review has been done to determine the greatness and status of his poetry.

Niaz Humayooni has experimented with almost every genre of Sindhi poetry including bait, vai, kafi, song, folk song, ghazal and poem. His folk songs are written in new style, new thought and new diction. Niaz added to Sindhi poetry Punjabi genre "Mahya" and gave it Sindhi style. Some folk songs are his own invention like, "Ooro" "Moiro", "Tasriro", "Jhugnar", "Ubtion rekhan ubhri Viyoon" and "Alla Man Mathe Ughari".

Overall, Niaz Humayooni is a great name of modern nationalist poetry, he acted as resistance shield against oppression and awakened the minds of unthought-of and abandoned people through his timeless poetry.

How successful I have been in this task, only the reader can tell, but I have tried my best to deal with this subject.

Executive Summary

A thematic and Artistic study of the poetry of

Niaz Humayooni

Niaz Humayooni (1928-2003) was one of the eminent poets who left an indelible imprint of his timeless poetic thought. Niaz Humayooni's real name was Mushtaqe Ahmed, but he later gave himself the name Niaz Hassan. "Niaz" is his pen name and Humayooni is associated with his village "Humayoon" in district Shikarpur.

He Studied in Madrasah "AhyaulUloom" of Maulana Abdul Ghafoor "Maftoon" Humayooni until the age of 20 years. He got good knowledge of Arabic, Persian and Sindhi and memorized the Holy Quran. He also studied Greece medicine and became an accomplished physician in that.

Niaz began poetry after reading Sheikh Saadi's book "Gulistan".

Niaz Humayooni resided in Humayoon, Shikarpur, Karachi and finally in hyderabad. In Hyderabad he joined "Bazme Khalil", "Sindhi Adabi Sangat", "Pakistan Writer's Guild" etc, where he continued to show his poetic essence. He was also in many political movements, where he showed concern over the burning issues, but in the end he participated in the national movement of Sindh and Stayed with it till the end.

Niaz started his profession as Hakeem and opened clinic in Tando Hyder. After 6 years he joined Tibia College in Hyderabad as lecturer. At last he served as Director of Central Urdu Board Library Hyderabad from where he retired on 11th April 1988.

This great man who had a resistance character of Sindh died in Hyderabad on Friday, January 3rd 2003 at 8 pm in the night of saturday.

The Official beginning of Niaz's poetry was during the war of independence, i-e freedom from British Slavery, but after the establishment of Pakistan, when he saw that Sindh and Sindhees were suffering more than before, than his waking mind refused to accept such condition and engaged to wake

UNIVERSITY OF SINDH

PH.D THESIS

A THEMATIC AND ARTISTIC STUDY OF THE POETRY OF NIAZ HUMAYOONI

NASREEN THEBO

SUPERVISOR

DR. SHAZIA PITAFI

DEPARTMENT OF SINDHI

UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO, SINDH, PAKISTAN

2024